


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# شاھہ جو رسالو

## (الف - ب وار)

ترتيب

ڊاڪٽر محمد عالم سومرو

روشني پبليڪيشن
ڪنڊيارو
2013ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ارپنا

سنڌو ماتريءَ جي سينڌ، سنڌو نديءَ جي نانءِ، جنهن ڪي وادي سنڌ جا ماڻهو آدجڳاد کان سُپت سنڌو دريا بادشاهہ، مهراڻ ۽ سنڌو درياءَ جي نالي سان ياد ڪن ٿا، ڇو تہ سندن جياپي جو وهنوار ئي ان جي وهڪري سان آهي.

# فهرست


| | | | |
|---|---|---|---|
| پيش لفظ | | | ٩ |
| سرن جو وچور | | | ١١ |
| سنڌي الف – ب جي پٽي | | | ١٢ |
| چارٽ بابت چاڻ | | | ١٣ |
| چارٽ نمبر ١/١ | | | ١٤ |
| چارٽ نمبر ١/٢ | | | ١٥ |
| چارٽ نمبر ١/٣ | | | ١٦ |
| چارٽ نمبر ١/٤ | | | ١٧ |
| چارٽ نمبر ١/٥ | | | ١٨ |
| چارٽ نمبر ١/٦ | | | ١٩ |
| چارٽ نمبر ١/٧ | | | ٢٠ |
| | الف: | بيت | ٢١ |
| | | وايون | ٥١ |
| | ب: | بيت | ٥٥ |
| | ٻ: | بيت | ٥٧ |
| | | وايون | ٦٠ |
| | ڀ: | بيت | ٦١ |
| | | وايون | ٦٤ |
| | ت: | بيت | ٦٥ |
| | | وايون | ٧٤ |
| | ٿ: | بيت | ٧٧ |
| | | وايون | ٧٨ |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | | |
|---|---|---|
| ٿ: | بيت | ۷۹ |
| ث: | بيت | ۷۹ |
| پ: | بيت | ۸۰ |
| | وايون | ۹۴ |
| ج: | بيت | ۹۶ |
| | وايون | ۱۱۸ |
| ڄ: | بيت | ۱۲۲ |
| جهہ: | بيت | ۱۲۳ |
| چ: | بيت | ۱۲۵ |
| ڇ: | بيت | ۱۳۱ |
| | وايون | ۱۳۳ |
| ح: | بيت | ۱۳۴ |
| خ: | بيت | ۱۳۶ |
| | وايون | ۱۳۶ |
| د: | بيت | ۱۳۷ |
| | وايون | ۱۴۰ |
| ڌ: | بيت | ۱۴۱ |
| ڏ: | بيت | ۱۴۲ |
| | وايون | ۱۵۱ |
| ڊ: | بيت | ۱۵۲ |
| | وايون | ۱۵۳ |
| ر: | بيت | ۱۵۴ |
| | وايون | ۱۶۰ |
| ز: | بيت | ۱۶۱ |
| | وايون | ۱۶۱ |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | | |
|---|---|---|
| س: | بيت | ۱۶۲ |
| | وايون | ۱۸۹ |
| ش: | بيت | ۱۹۲ |
| | وايون | ۱۹۲ |
| ص: | بيت | ۱۹۳ |
| ط: | بيت | ۱۹۵ |
| ظ: | بيت | ۱۹۵ |
| ع: | بيت | ۱۹۶ |
| | وايون | ۱۹۸ |
| غ: | بيت | ۱۹۹ |
| | وايون | ۱۹۹ |
| ف: | بيت | ۲۰۰ |
| ڦ: | بيت | ۲۰۰ |
| ق: | بيت | ۲۰۱ |
| ڪ: | بيت | ۲۰۳ |
| | وايون | ۲۳۰ |
| ک: | بيت | ۲۳۳ |
| | وايون | ۲۳۷ |
| ڳ: | بيت | ۲۳۸ |
| | وايون | ۲۳۹ |
| گ: | بيت | ۲۴۰ |
| | وايون | ۲۴۱ |
| گهہ: | بيت | ۲۴۲ |
| | وايون | ۲۴۴ |
| ل: | بيت | ۲۴۵ |
| | وايون | ۲۵۱ |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | | |
|---|---|---|
| م: | بيت | ٢٥٢ |
| | وايون | ٢٧٣ |
| ن: | بيت | ٢٧٨ |
| | وايون | ٢٨٦ |
| و: | بيت | ٢٨٧ |
| | وايون | ٣٠٤ |
| هہ: | بيت | ٣٠٨ |
| | وايون | ٣١٩ |
| ي: | بيت | ٣٢٢ |
| | وايون | ٣٢٢ |
| معنيٰ جي پٽي | | ٣٢٣ |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پيش لفظ

سنڌ جي سدابهار سرتاج شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو ڪلام زمان ۽ مڪان کان مٿي هر دور ۾ ۽ هر هنڌ اسان جي رهنمائي پئي ڪئي آهي ۽ ڪندو رهي ٿو. لطيف سائينءَ جي ڪلام تي ڪيترن ئي اديبن، عالمن ۽ محققن تشريح ۽ تحقيق جا بهترين شاهڪار پيش ڪيا آهن ۽ اسان جي عالمن الڳ الڳ وقتن تي مختلف نسخن ۾ سندس ڪلام پيش ڪيو آهي. پر هي (شاهه جو رسالو) انهن سڀني کان هڪ الڳ ۽ انفرادي ڪوشش آهي. هن "شاهه جو رسالو" ۾ لطيف سائينءَ جي ڪلام کي الف - ب وار ترتيب سان پيش ڪيو ويو آهي، تنهن پيشڪش مان نه رڳو عام پڙهندڙ، پر عالم/ محقق پڻ فائدو وٺي سگهندا. جنهن ۾ ڪوبه بيت ۽ ان جو حوالو (سُر يا داستان وغيره) آسانيءَ سان معلوم ڪري سگهجي ٿو، بشرطيڪ "بيت" جي پهرين سٽ يا پهريون لفظ ياد هجي. هر بيت جي هيٺان ڏنگين ۾ سُر جو نالو، داستان نمبر ۽ بيت نمبر ڏنل آهن. مثال طور:

نهائينءَ کان نينهن، سِکُ منهنجا سُپرين!
سڙي سارو ڏينهن، ٻَهَرِ ٻاڦ نه نڪري.
(رپ، ٦-١٥)

مٿيون بيت، مانواري ڪلياڻ آڏواڻيءَ صاحب جن جي مرتب ڪيل، شاهه جي رسالي ۾، سُر رپ جي داستان ڇهين جو بيت ١٥ آهي. ان طرح هن رسالي کي مرتب ڪرڻ وقت مانواري ڪلياڻ آڏواڻيءَ صاحب جن وارو مرتب ڪيل شاهه جو رسالو اڳيان رکيو ويو آهي ۽ بيتن، واين ۽ معنيٰ جي پٽي (ڏکين لفظن جي معنيٰ) جي ترتيب ڊڪشنريءَ جي طرز تي لغوي ترتيب سان رکي وئي آهي. سنڌي ٻوليءَ جي ٥٢ اکرن مان هر اکر جا پهريائين بيت، پوءِ وايون ڏنل آهن ۽ آخر ۾ ڏکين لفظن جي معنيٰ ڏنل آهي. ان ڪانسواءِ چارٽ ۾ هر اکر جي بيتن ۽ وائين جو تعداد به ڏيکاريو ويو آهي. مثال طور: آڏواڻيءَ جي رسالي ۾ سُر ڪلياڻ جي پهرئين داستان ۾ "الف" جا ٤ بيت، "پ" جا ٣، "س" جا ٣، "ع" جو ١ ۽ "و" جا ١٠ بيت، يعني ڪُل ٢٢ بيت آهن، جڏهن ته وائين جي ترتيب به ان ئي طرح الف ب وار هر اکر جي بيتن بعد ڏنل آهي. اهڙيءَ طرح چارٽ، ڪي مٿان کان هيٺ ڏسبو ته سُر ڪلياڻ جي داستان پهرئين ۾ الف جا ٤، ٻئي ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

الف جا ۵. ٽئين ۾ الف جا ۲. ڪُل الف جا ۱۱ بيت آهن.

لطيف سائينءَ جي الف ب وار ترتيب سان هن رسالي جو سڄو ڪٽن ڪم هوند ڪري نہ سگهجي ها، جيڪڏهن انور سومرو ۽ حبيب قادر قريشيءَ جهڙا اورچ جوان، ڪمر ڪشي ڏينهن رات هڪ ڪري سڄي مواد کي ڪمپيوٽر تي تيار نہ ڪن ها. ان سلسلي ۾ دوست گل محمد تنيو، مهراڻ ملاح ۽ ان جهڙن بيان توانائين سان پرپور، جذبيدار جوانن پروف پڙهي غلطين ڪڍڻ جي وڏي ڪوشش ڪئي ۽ محترم سائين محمد ابراهيم جويو صاحب جن هر وک تي همٿائيندا ۽ رهنمائي ڪندا رهيا. هن سموريءَ محنت جو مهندار ادارو روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو آهي، جنهن اداري وڏيءَ جانفشانيءَ سان، هر مرحلي تي خاص دلچسپيءَ ۽ نظرداريءَ هيٺ رسالو شايع ڪري عوام آڏو آندو.

هن پهرئين ڇاپي ۾ ضرور غلطيون رهجي ويون هونديون، جنهن لاءِ پڙهندڙ سڄڻن کي گذارش آهي تہ نشاندهي ڪن تہ جيئن ٻئي ڇاپي ۾ درستگيون ڪري سگهجن.

تان ڪا ولئي وارِ، دلاسي جي داسَڙا،
تُون مُنهنجو وَلَهو، آئون تو ۾ طَمَعدار،
ڍَڪي، ڍولَ! گُذارِ، لَڄَ مُنهنجي لوڪ ۾.
(ليلا چنيسر، ۳-۹)

۱۶-۰۵-۹۴

محمد عالم سومرو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# شاهہ جو رسالو*

## سُرن جو وچور

| | |
|---|---|
| ١. سُر ڪلياڻ | ١٦. سُر گھاتو |
| ٢. سُر يمن ڪلياڻ | ١٧. سُر سورٺ |
| ٣. سُر کنڀات | ١٨. سُر ڪيڏارو |
| ٤. سُر سريراڳ | ١٩. سُر سارنگ |
| ٥. سُر سامونڊي | ٢٠. سُر آسا |
| ٦. سُر سهڻي | ٢١. سُر رپ |
| ٧. سُر سسئي آبري | ٢٢. سُر ڪاهوڙي |
| ٨. سُر معذوري | ٢٣. سُر بروو سنڌي |
| ٩. سُر ديسي | ٢٤. سُر رامڪلي |
| ١٠. سُر ڪوهياري | ٢٥. سُر ڪاپائتي |
| ١١. سُر حُسيني | ٢٦. سُر پُورب |
| ١٢. سُر ليلا چنيسر | ٢٧. سُر ڪارايل |
| ١٣. سُر مُومل راڻو | ٢٨. سُر پرڀاتي |
| ١٤. سُر مارئي | ٢٩. سُر ڏهر |
| ١٥. سُر کاموڏ | ٣٠. سُر بلاول |

* الف ـــ ب وار ترتيب لاءِ مواد مانواري ڪلياڻ آڏاڻيءَ جن جي ترتيب ڏنل ”شاهہ جو رسالو“ (مڪمل) تان ورتو ويو آهي.

سنڌي
الف ـ ب
جي پٽي

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| ا | ب | ٻ | ڀ | ت | ٿ |
| ٽ | *ٺ | ث | پ | ج | ڄ |
| جھ | *ڃ | چ | ڇ | ح | خ |
| د | ڌ | ڏ | *ڊ | ڍ | *ذ |
| ر | *ڙ | ز | س | ش | ص |
| *ض | ط | ظ | ع | غ | ف |
| ڦ | ق | ڪ | ک | گ | ڳ |
| گھ | *ڱ | ل | م | ن | *ڻ |
| | و | ھ | *ء | ي | |

* نشان لڳل حرف سان ”شاھہ جو رسالو“ ۾ ڪوبہ بيت موجود نہ آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# چارٽ بابت چاڻ

1- چارٽ ۱/۱ کان چارٽ ۱/۷ تائين چارٽ ساڳيو آهي.

2- چارٽ جو پهريون ڪالم مٿان کان هيٺ سُر نمبر کي ظاهر ڪري ٿو. يعني هيءُ ڪالم ڪلياڻ آڏواڻيءَ جي مرتب ڪيل ”شاهه جو رسالو“ جي سُرن جي ترتيب ۽ تعداد کي ظاهر ڪري ٿو.

3- چارٽ ۾ سُر وار ڪالم بعد لڳاتار هڪ جيترن ڪالمن مان، ڪالم پهريون مٿان کان هيٺ سُرَ ۾ موجود داستانن کي ظاهر ڪري ٿو. جڏهن تہ داستان واري ڪالم جو ا.م وارو خانو ابيات متفرقہ کي ظاهر ڪري ٿو.

4- چارٽ ۱/۱ کان چارٽ ۱/۷ ۾ داستان واري ڪالم بعد سڄي کان کٻي، سنڌي الفابيٽ جي ٻاونجاهہ اکرن موجب ”شاهہ جو رسالو“ جي الف ـ ب وار ترتيب کي پٽيءَ جي پهرين اکر (الف کان ي تائين) شروع ٿيندڙ بيتن ۽ واين جي سُر وار ۽ داستان وار تعداد کي ظاهر ڪن ٿا.

5- چارٽ ۾ ي بعد وارو ڪالم، مٿان کان هيٺ هر سُر ۽ سُر جي هر داستان ۾ موجود ڪُل بيتن ۽ واين جي تعداد کي ظاهر ڪري ٿو.

6- چارٽ ۱/۷ جي آخري ڪالم جي سڄي کان کٻي ڏانهن هر خانو الف کان ي تائين هر اکر سان شروع ٿيندڙ بيتن ۽ واين جي رسالي ۾ موجود ڪُل تعداد کي ظاهر ڪري ٿو. جڏهن تہ ڪالم جو داستان وارو خانو ”شاهہ جو رسالو“ ۾ موجود بيتَن ۽ واين جو ڪُل تعداد ظاهر ڪري ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# الف

(۱)

اَبڙو اَڳاهِن ۾، يَرَجَهلو يارِي،
سمي سُوالِيُن کي، ويلهَ وسارِي،
مَنهَن مُنِي جَکرو، طاماعُن تارِي،
پُڇِي سي پارِي، جي عاجزَ اَجورَن ۾.
(بلاول ۱-۱۶)

(۲)

اَبڙو اَڳاهَن ۾، سَيَرُ جِنَن ييلي،
سي پَٽَ کَنهن نه پُورِيا، جي تو پَڙَ پيلي،
سَجَڻُ سانوڻَ مِينهَنءَ جِئَن، رُجون تو ريلي،
اَچِن جي ويلي، تِـن بورَ بَخشي پيٽَ ڏٽي.
(بلاول ۱-۱۷)

(۳)

اَبڙو وَڏوَڙو، سُوَڙو، سَمو، سُونهَن سَيِن،
تَنهن دَرِ سَبِ اَچِن، کَنڌُ نه کَدي کَڄَ ڏٽِي.
(بلاول ۱-۱۸)

(۴)

اُبون کَکَرَ کَڏَڙيُون، اُتَرَ ڏي آهين،
کَري آگَمَ آئيُون، مُنڌَ نه مَتائين،
مَتان لوکَ لَطِيفُ چَئي، گُونڌَرَ گَنوائِين،
پَلَرَ پيارِين، اُجِيَن آبُ اَگُوندرو.
(سارنگ ۱-۵)

(۵)

اُيرُ چنڊَا! پَسُ پرين، تو اوڏا، مون ڏُور،
سجَڻَ سُتا ولهَ ۾، چوتا پري کَپُور،
پيرين آئون نه پُڄِي، پاپَلُ ڏئي نه پُور،
جنهن تي چڙهي اَسورِ، سَنجهي سجڻَ سيتيان.
(کنيات ۲-۷)

(۶)

اُپِرَنڊي سِجَ سان، پِرِين جي نه پَسَنديُون،
کَـڍِي کي کانگان، نِوالا نينَ ڏِيان.
(آسا ۲-۲)

(۷)

اُپِرَنڊي ئي سِجُ پرِين جي نه پَسَنديُون،
کَدِي پيئِي ڏِجُ، اَکَڙِيُون کانگَنِ کي.
(آسا ۲-۱)

(۸)

اُپِريو تارو، اُتِي وَرَ وهاڳُ ڏي،
سَپَڙُ رِيسارو، چِٽُ پَرکي چارَٽين.
(پرڀاتي ۱-۲۷)

(۹)

اُپِريامِ اَنگُورَ، سُتي سُپيرِيُن جا،
کايو کايو سُورَ، لُڇيو لوچيو اُتيان.
(رپ ۱-۸)

(۱۰)

اُيو تَڙ ميهارُ، مَلاحَنِ سَڌُ کري،
آئُون پڻ وِجهان هَـتڙا، ائين پڻ وِجهو چارُ،
گهوريُون کارُونيارُ، مانَ مِلَنئُون سُپرِين.
(سهڻي ۷-۴)

(۱۱)

اُيي اُيارِيامِ، نَکَٿَ سَبِ نَئِي وِيا،
هکُ مَيو، پيو ميندِڙو، راتِ سَڃِي سارِيامِ،
گُوڙها گَلِ گاڙِيامِ، سُورِجَ شاخُون کَدِيُون.
(مومل راڻو ۴-۲)

(١٢)

اُڀي اوسڙان اُسَ ۾، جهليو ڪُنَّ ڪِنارَ،
گهاتُو گهَر نہ آئيا، وَڏي لَڳِيَن وارَ،
هُيَس جنين هارَ، سي موڙي چَڙهيا مَڪَڙا.

(گهاتو، ١ ـ ١٨)

(١٣)

اُڀيُون تَڙَ پُوڄِين، وَهُون وَڻجارن جون،
آڻيو آڪا ڏيــن، ڪَتُوري، سمُونڊ کي.

(سامونڊي، ٢ ـ ١٨)

(١٤)

اَتِ اُڪَنڊي آهيان، عُمَرَا! آئون اَڪاجَ،
سُومِرا! سَڪاجَ! جهلِ مَ بَندِ جهڄنڊيُون.

(مارئي، ابيات متفرقہ ـ ٦)

(١٥)

اُتان اوٺي آيو، خَبَرَ اِيَ ڪَري،
وساريج مَ وَرَ کي، پَئُج مَ مُنڌا! مَري،
ويندينءَ اُتِ وَري، ڪو ڏينهُن آهيين ڪوٽَ ۾.

(مارئي، ١٠ ـ ٤)

(١٦)

اُتَران تِي آئِيُون، ڪَري هَڪَلَ هُوءِ،
پَري تَلَ تَرائِيون، جوڙي هَلِيُون جُوءِ،
پَسو جا پَٽَن ۾، ڪَتوريءَ خوشبُوءِ،
اَچي رُوبرُوءِ، اُنيُون روضي تان رَسُولَ جي.

(سارنگ، ١ ـ ١٥)

(١٧)

اُتَــرُ اُڀِتُون ڏي، نہ مُون سَوڙِ، نہ گبَرو،
سِيَ سارِينديُون سي، جنين نِڌَرَ نجهرا.

(رپ، ٢ ـ ١١)

(١٨)

اُتَــرَ ڏِني اوتَ، نہ مُون سَوڙِ، نہ گَبَرو،
چارَئِي چُنِيءَ پوتَ، مُون ريڙهِيندي راتِ گَئي.

(رپ، ٢ ـ ١٢)

(١٩)

اُتَرَ ڏي آلاپُ، ڪالَهُون ڪَرَ ڪُونجُ ڪَري،
پِرين پَسِي مَنجهہ خوابَ، وِهاڻيءَ وايُون ڪَري.

(ڏهر، ٤ ـ ١١)

(٢٠)

اُتِ ڪِرتِ وارا ڪيترا، ڪِرتِ ڪَبو ڪوهُ؟
جيڪي بَندو ڪَرُ ڪَري، سو مڙوئي ڏوهُ،
تُون پارِسُ، آئُون لوهُ، جي سَڃِين، تہ سونُ ٿيان.

(پرڀاتي، ١ ـ ٨)

(٢١)

آتَڻُ اورانگهي وِيا، اَڱڻُ مُون اَفسوسُ،
ديوانيءَ سين دوسُ، ساٿي آهي سُڄَ ۾.

(حسيني، ٨ ـ ٢)

(٢٢)

آتَڻُ اورانگهي وِيا، آئُون تِي مَران، ماءِ،
پٿُون ٿِينديَس پيرَ تي، ’هَيءِ! هَيءِ!‘ ڪَري ’هاءِ‘!
جِتَڻُ مُون نہ جُڳاءِ، پِرِيَن تان پاسو ڪِيو.

(حسيني، ٨ ـ ١)

(٢٣)

آتَڻُ اورانگهي وِيا، پاري چَڏي پوءِ،
آريچا اُنَ تي، هيِءَ تان جَڏي جوءِ،
ڪي هَلي، ڪي هَٿُ ڪَٽي: ڪي رِڙهي، ڪي روءِ،
ڪو پُنهونءَ کي چوءِ، تہ مُنيءَ ماتَمُ آئيو.

(حسيني، ٨ ـ ٥)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٢٤)

آتَڻُ اورانگهي وِيا، پُنيءَ توڏِن تاڻِ،
ويهُ مَ، مُندا! پَنيورَ ۾، هُنِ پُڄَندِينءَ هاڻِ،
رائي مَنجِهه رِهاڻِ، هَلُ تہ تئيئي هوتَ سين.
*(حسيني، ٨ ـ ٣)*

(٢٥)

آتَڻُ اورانگهي وِيا، ڪَري ڪَميٽي ڪِيئَن؟
هاڻِ گُهرجي هِيئن، تہ ڏجي باهِ پَنيورَ کي.
*(حسيني، ٨ ـ ٤)*

(٢٦)

آتَڻِ چَوَنِمِ ڪَتُ، تاٽِيان، تَندُ نہ نڪري؛
پاٽا روئي رَتُ، چَرِخو مُون چِڪَ ڪَيو.
*(حسيني، ٢ ـ ١١)*

(٢٧)

آتَڻَ ۾ پِريانُ، هو سَپِني جيڏئين،
مون سَياڳِيءَ ساڻُ، ڪيرَ چُلندي چِپَرِين؟
*(سسئي آبري، ٤ ـ ٤)*

(٢٨)

اُتِياري اُٺي وِيا، مَنجهان مون آزارَ،
حبيبَ ئي هَٽي ويا، پِيڙا جي پَچارَ،
طَبيبن تَنوارَ، هَڏِ نہ وِٽي هاڻِ مون.
*(ڪلياڻ، ٣ ـ ١)*

(٢٩)

اُٺي اَڙائِينس، چِڙيو تہ چيڪَ ٿِيو،
ڪارايان، ڪِڙيو وِجي، پَلاٽِي پائِينس،
ڏانوڻِ تنهن ڏائِينسِ، جٺن چَري ۾ چِنگهي پُٺو.
*(ڪنيات، ٢ -٣٦)*

(٣٠)

اُٺِيو اَبوجهاءُ! سَپَڙ جو سَڌُ ٿِيو،
جٺَن لَئِين ڪِيرَتَ ڪَٽُ نہ سِڪِيا، تِئَن پاٽا رِيڏو راءُ،
مَگُو مُون مُلاءُ، آئُون اَوهانجو آهِيان.
*(پرياتي، ١ ـ ٩)*

(٣١)

اُٺِيو ۽ اُٺِياڪُ، ڪالهوڪو ڪاڏي گَيو؟
وِيو جاڳائي، جيڏِيُون! بِرهُ، هِيُ بيباڪُ،
چُر ڦُر ڪاري چاڪُ، سُورُ سُمهاري ڪِينَ ڪِي!
*(سسئي آبري، ابيات متفرقہ ـ ١)*

(٣٢)

آٺي ٿي اَڳارَ، ڪامي ڪِردارن سين!
پَسِين سي پِتارَ، پُر پِيتوءِ جن سين.
*(يمن ڪلياڻ، ٤ ـ ٢٢)*

(٣٣)

اُٺَ مَ اوري آڻِ، ڏاگهَنِ ڏڌي آهيان!
هَٽِي هَٿ هَيَنِ ڪي، پَري نيئي پَلاڻِ،
هوتُ مُنهنجو هاڻِ، پُنهون نِيائُون پاڻَ سين.
*(ديسي، ١ ـ ١٤)*

(٣٤)

اُٺَنِ مِينهَن گهٽا، ٿِيَن موڪَ مَلِيرَ ۾؟
اَڪِيُون آبَ پَرِيو، اُنهِين ڪوڻِ ڪَٽان،
مارُن شالَ مِڙان، ڪونِيُون چَڏي ڪَڏهِين!
*(مارئي، ١١ ـ ٦)*

(٣٥)

اُٺُ نہ وِجي وَڳَ سين، چَري نہ چانگو،
لَڳِيسِ نائُڪَ نِينهَن جِي، نِهوڙِيو نانگو،
چِڏي سِرَ سانگو، رِڙهي رَندِ پِرِينِ جي.
*(ڪنيات، ٢ ـ ٢٤)*

(٣٦)

اُنَ نہ وجي وَڳَ سين، چَري نہ لاٿو،
مَيي كي مَجازَ جو، توھي ۾ تاٿو،
پَتاري پاٿو، مرندي سِينئن نہ مَتيو.

(كنبات، ٢ - ٢٣)

(٣٧)

اُنو اوھيڙا كَري، عاشِقَ مَتي اَڄُ،
ڏورِ، ڏكارِيا! پَڄُ، مِينهَن مُنهُن ڏيكارِيو.

(سارنگ، ١ - ٢٤)

(٣٨)

اُنَ ويري، اوتارَ ويري، ويري تَيَڙم ڏيرَ،
چوٿون ويري واءُ ٿيو، جنهن لَٿيا پُنهونءَ پيرَ،
پَنجون ويري سِجُ ٿيو، جنهن اُلهي كِي اَويرَ،
ڇَهون ويري ڇَپَرُ ٿيو، جنهن سَنوان كَيا نہ سيرَ،
سَتون ويري چَنڊُ ٿيو، كِڙيو نہ وَڏيءَ ويرَ،
واهيري جي ويرَ، چُلوُن كَريان ڇَپَرين!

(ديسي، ١ - ٢٧)

(٣٩)

اَنئي پَهَرَ اوڙاهَ تي، منجهہ گرهہ گهاري،
وَسُ نہ ويچاري، تہ كا ماڳِ ڍُكندي مَكُڙي.

(سريراڳ، ٢ - ١٤)

(٤٠)

اُني تي وَراڻِ، كِينءَ واڏايون آئيُون،
لَتِي لوئيڙياريين، مِڙني كي مُنهَن كاڻ،
صُلحُ واريو سُومري، چَئي پَنوهارَن پاڻ،
هَميرَنئُون هاڻِ، مُهَٽُ لَهنَدينءَ مارُئي!

(مارئي، ١٠ - ١١)

(٤١)

اُني جِتَن مورَن، اويـرَ وَلَهارَن ۾،
سا پَرِ گُونَدرَ كَنِ، جُه ڦوڙائو سَجَڻين.

(رپ، ١ - ٤)

(٤٢)

آنين ڏينهن اُپي ويا، جوڳي جاءِ بَجاءِ،
سا پَرِ سامِي، سِكِيا، جا پَرِ جوڳَ جُڳاءِ،
ويروتارَ وُجُودَ ۾، اُن كي رامُ رَهيو ئي آهِ،
كَنهن جَنهن كَمائِيءَ لاءِ، لِكا پِيَنِ لوكَ ۾.

(رامكلي، ٢ - ٨)

(٤٣)

اُجاڙان پَنيورُ، سَرَتيوُن! سَكَرُ پانئيان،
آرِياڻي اَتورُ، ڏِٺُمِ جِتِ اَكِينِ سان.

(حسيني، ٣ - ٧)

(٤٤)

اَجلان اَڳي، سَسُئِي! مُنڌَا! جِرِيائي مَرُ،
تُولِيان تنهن مَرِ تَرُ، جنهن رُوحُ وِڃايو راهَ ۾.

(معذوري، ٤ - ٦)

(٤٥)

اِجلَسَ كَري اُتِيا، تَنواريو توڏَنِ،
نَوَمَ نوازينءَ: اُن جي، مَرحَبا موڏَنِ،
رِڙِهِي رَسُ روڏَنِ، اَلْيَوْمَ سِيرُواْ، سَسُئِي!

(كوھياري، ١ - ٤)

(٤٦)

اَڄُ اَڏِنگا وِيڻَ، مُون كي مُكا جيڏِيين:
”ھاري! هَميرَنِ جا، جيكُسِ كاڏَءِ كِيڻَ،
سانپِيڙا ۽ سِيڻَ، كِ تو وِيا وِسري؟“

(مارئي، ابيات متفرقہ - ٧)

(۴۷)

اَڄُ آڳَڙيا آئيا، سائُوَ ڪي سُڄاڻَ،
لاهيندا مُورياڻَ، رُڪُ ڪَرِيندا پڌرو.

(يمن ڪلياڻ، ۳ ـ ۲۵)

(۴۸)

اَڄُ آڳَڙيا آئيا، سوُڏا سِراٽي،
پياري پاٽِي، تيغوُن ڪندا تِڪيون.

(يمن ڪلياڻ، ۳ ـ ۲۴)

(۴۹)

اَڄُ اَڳُڻُ ڪيٽان، آسَرَ لَڳِي سورِيان،
ڏُونگرِ ڏِينهَن لَڳانِ، مانَ وَرِڪَنِ سُپرِين،

(ڏهر، ۲ ـ ۱٦)

(۵۰)

اَڄُ پڻ اُتَرَ پارَ ڏي، تاڙي ڪِي تَنوارَ،
هارِيُنِ هَرَ سَنباهِيا، سَرَها ٿِيا سَنگهارَ،
اَڄُ پڻ مُنهنجي يارَ، وَسَڻَ جا ويسَ ڪَيا.

(سارنگ، ۱ ـ ۷)

(۵۱)

اَڄُ پڻ اُتَــرَ پارَ ڏي، ڪارا ڪَڪَر ڪيسَ،
وِڄُون وَسَڻَ آئِيُون، ڪَري لَعلُ لِبيسَ،
پِرِين جي پَرِديسَ، مُون ڪي مينهَن ميڙِيا.

(سارنگ، ۱ ـ ۱۰)

(۵۲)

اَڄُ پڻ اُتَرَ پارَ ڏي، ڪَڪَرَ ٿو ڪري،
روضي پاڪَ رَسُولَ جي، پَلِٽِيو پَٽَ پَري،
وِڄُنِ سانُ وَري، تہ سَنگهارَنِ سُکُ ٿِئي.

(سارنگ، ۱ ـ ۱۳)

(۵۳)

اَڄُ پڻ اُتَرَ پارَ ڏي، ڪَڪَرَ ٿو ڪَري،
وَسايو واٽَڙيُنِ تي، ٿو خالِقُ کَنڌَ پَري،
پاسارِيان پَري، سانگِ مَ وَڃَنِ سُپرِين.

(سارنگ، ۱ ـ ٦)

(۵۴)

اَڄُ پڻ اُتَرَ پارَ ڏي، ڪَڪَرَ ٿو ڪَري،
وَسِيو سي پَري، جي ڏُرَ ڏِينهَنِ ڪانئِيا.

(سارنگ، ۱ ـ ۱۴)

(۵۵)

اَڄُ پڻ اُتَرَ پارَ ڏي، ڪَڪَرَ ڪَيائِين،
مُندائتَنِ مِينهَنِ جي، رُتِ نہ روڪِيائِين،
پَلَرَ پَلِيٽِيائِين، گهٽا سانگِيُنِ سُکَ ٿِيا.

(سارنگ، ۱ ـ ۱۱)

(۵٦)

اَڄُ پڻ اُتَــرَ پارَ ڏي، ڪَڪَرَ ڪي چوٽي،
مُندائِتي مِينهَن جي، ڪِنوَڻ نہ کوٽي،
آءُ، لالَنَ! ھوٽي، گهورِيا رُسَڻَ ڏِينهَڙا.

(سارنگ، ۱ ـ ۹)

(۵۷)

اَڄُ پڻ اُتَرَ پارَ ڏي، ڪَڪَرِيُون ڪارِيُون،
وَسي ٿو وَڏُ ڦُڙو، ٿَهَڪَنِ ٿِيُون ٽارِيُون،
لَٿِيَنِ لُکَّ لَطِيفُ چئي، ڏِيُون تاسارِيُون،
پِڄَندِيُون پَٽارِيُون، وَري وَٿاڻَ آئِيُون.

(سارنگ، ۱ ـ ۸)

(۵۸)

اَڄُ پڻ اُجَهڻَ ڪي مَرِين، نَڪِي ڪَٿُءِ ڪالَ،
پوري! توسين پالَ، ڪانڌُ ڪَرِيندو ڪيتِرا؟

(ڪاپائتي، ۱ ـ ۸)

(٥٩)

اَڄُ پڻ اُڄهَڻَ کي مَرِين، نَکي ڪَٿُءِ ڪالَ،
مونا اُنـجِي اُڪـڙيا، اَرِڻَ ڍِرڪي مالَ،
هَيءِ! تنين جي حالَ، جن ڪاپي مَنجهان ڪِينَ ڪيو.
(ڪاپائتي، ١ ـ ٩)

(٦٠)

اَڄ پڻ اَچائي، چوڏهينءَ ماهَ چَنڊَ جي،
مون گهرِ مون پرين جي، اَچڻ جي والئي،
مون گهرِ واڌائي، پيئي ڪامَ ڪَرڻ ۾.
(ڪنيات، ١ ـ ٩)

(٦١)

اَڄُ پڻ اَڪڙين، سَڄڻَ پَنهنجا سارِيا،
ڳِلِن تان ڳوڙهَن جون، بُوندُون بَس نه ڪَن،
سَنڌي سِڪَ پِرين، لوڪَ ڏٺيئي نه لَهي.
(ٻروو سنڌي، ١ ـ ١١)

(٦٢)

اَڄ پڻ اُمارو، چوڏهينءَ ماهَ چَنڊَ جو،
مون گهرِ مون پرين جي، اَچڻ جو وارو،
سَڄڻُ سويارو، پيچَ پِنيءَ گهرِ آئيو.
(ڪنيات، ١ ـ ١٠)

(٦٣)

اَڄُ پڻ اُميدُون، آڳَمَ سَنديُون اُڀَ ۾،
ساوَڻُ پَسِي، سَرتيُون! سَڄڻُ سارِيو مُون،
آئُون آسائِتي آهيان، مانَ پِڇائي پُون،
گهرِ تـه گهُرجين تُون، مَندَ مِڙيئي مينهَن جي.
(سارنگ، ١ ـ ١٢)

(٦٤)

اَڄُ پڻُ اَنگيَمِ اَنگَ، هـٿان حبيبَن جي،
جا پَرِ سُونٽيءَ سَنگَ، سا پَرِ سورَن سان ٿئي.
(ٻروو سنڌي، ٢ ـ ١١)

(٦٥)

اَڄُ پڻُ ڄُڙيَمِ جوڙَ، دوستُ پيهي دَرِ آئيو،
سُکَن اَچِي ڏُکَن کي، مُحڪَمُ ڏِني موڙَ،
جا پَرِ ڪَـتيءَ ڪوڙَ، سا پَرِ سُورَن سان ٿئي.
(ٻروو سنڌي، ٢ ـ ١٢)

(٦٦)

اَڄُ پڻ چڪِيَمِ چاڪَ، وَنهيَن ويڙيچَن جا،
سُورَن اَچِي، سُومرا! اَندَرِ ڪي اوطاق،
مارُوءَ جي فِراقَ، هَڏُ مُنهنجا ڪَپِيا.
(مارئي، ابيات متفرقه ـ ٥٥)

(٦٧)

اَڄُ پڻ وايُون ڪَنِ، وَٽِجارا وَڄڻَ جون،
اَنئي پَهَرَ اَٽِنِ، سعيو ڪنهن سَفَرَ جو.
(سامونڊي، ٢ ـ ١)

(٦٨)

اَڄُ پڻ وايُون ڪَنِ، وَٽِجارا وَڄڻَ جون،
هَلَڻَ هارا سُپرين، رُئان تان نـه رَهَن،
آئُون جهليندي ڪيترو؟ آيَل! سامُونڊين،
پَڳَهَ چوڙي جَنِ، وِڌا ٻيڙا ٻارِ ۾.
(سامونڊي، ٢ ـ ٣)

(٦٩)

اَڄُ پڻ وايُون ڪَنِ، وَٽِجارا وَڄڻَ جون،
مُون اُپيئي هَليا، بَندَرِ جَنِ تَـڙَن،
سَرتيُون! سُورُ سَندنِ، مُون مارِيندو جِندڙي.
(سامونڊي، ٢ ـ ٢)

(٧٠)

اَڄُ پڻ وَسائي اوٺيُن، مَٿي مارَڳَ ماڪَ،
پُنهون نِياڻُون پاڻَ سين، تاڙِيُون پَچي طاقَ،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”هَيۡهَاتَ هَيۡهَاتَ لِمَاتُوۡعَدُوۡنَ“، سُجي تي اوطاق،
چُڪيءَ چوري چاڪَ، هاڻهي هوتَ هَلي وِيا.
(ديسي، ٢ ـ ١)

(٧١)

اَڄُ پڻ وينو روءِ، ڏُکي ڏونگَر پانَ ۾،
ڪوهِياري جو ڪوءِ، اَچي سُورُ اُڏَمِيو.
(ڪوهياري، ٢ ـ ١٦)

(٧٢)

اَڄُ پُڻ ڪَنجهو ڪَنجهہَ، واڍوڙڪِيءَ مَنهينءَ،
جُ پڻ پِيَنِ سَنجَهہ، تہ هُو پِنيُون هُو پَٽِيُون.
(يمن ڪلياڻ، ١ ـ ١٤)

(٧٣)

اَڄُ پڻ ڪهڙي دانهَن، واڍوڙڪِيءَ مَنهينءَ؟
ويجَ ورائي بانهَن، چوري چاڪَ نِهارِيا.
(يمن ڪلياڻ، ١ ـ ١٥)

(٧٤)

اَڄُ رَسيِلا رَنگَ، بادَل ڪَڍِيا بُرجَنِ سين،
سازَ سارَنگِيُون سُرَندا، وَڄائي بَرُ چَنگَ،
صُراحِيُون سارَنگَ، پَلِٽيُون راتِ پَڊامَ تي.
(سارنگ، ٢ ـ ٥)

(٧٥)

اَڄُ مَعذُورِ هُئان، آلا! چَڱي مَ ٿِيان!
رِڙهان ۽ رُئان، پُنيءَ سَڱرِ ساٿَ جي!
(حسيني، ١٢ ـ ٨)

(٧٦)

اَڄ مليندِيَسِ، ماءِ! ڏاڍا ڪَندِيَسِ ڪَپڙا،
ڄِيڄان! جوڳِياڻِي ٿِيان، مون کي جَهلَ مَ پاءِ،
هوتَ ٻَروچي لاءِ، ڪَنين ڪُنڙَ پائِيان.
(سسئي آبري، ٤ ـ ١٠)

(٧٧)

اَڄ نہ اَڳينءَ ڍارَ، ڪَرَهو جيئَن ڪالهہ هو،
اَڱڻِ آيو نہ ڪري، پاهوڙي پَچارَ،
جيڪُسِ منجهہ قطارَ، ڪا وَلِ چِنائين وِهَ جي.
(ڪنيات، ٢ ـ ٢٧)

(٧٨)

اَڄُ نہ اوطاقُنِ ۾، تازا پَٿرَ ڪَکَ،
آديسي اُٿي وِيا، پيئي اُڏامي رَکَ،
سامي ڪَٽي سَنکَ، وَڄائي واٽَ ٿِيا.
(رامڪلي، ٨ ـ ١١)

(٧٩)

اَڄُ نہ اوطاقُنِ ۾، جاڳَرُ جوڳِيڙَنِ جو،
ساري سَناسِيُنِ کي، رُئَندين تانَ رو،
پَسُ! پارِيان تو، لاهُوتي لَڏي وِيا.
(رامڪلي، ٨ ـ ٧)

(٨٠)

اَڄُ نہ اوطاقُنِ ۾، دُونهِين، ڏُنڊُ، نہ لاٽَ،
ويا ويراڳِي نِڪِري، چِٽَ چَڪائي چاٽَ،
اَئُون مارِيَسِ تَنهِين ماٽَ، جِيجان! جوڳِيَڙَنِ جي.
(رامڪلي، ٨ ـ ١٣)

(٨١)

اَڄُ نہ اوطاقُنِ ۾، سَندِي جوڳِيُنِ جوڙ،
ساري سَناسِيُنِ کي، ڪامِي ٿِيَسِ ڪوڙ،
مَنَ جنين سين موڙ، سي لاهُوتِي لَڏي وِيا.
(رامڪلي، ٨ ـ ٩)

(٨٢)

اَڄُ نہ اوطاقُنِ ۾، سَندي جوڳِيُنِ ذاتِ،
ساري سَناسِيُنِ کي، رُنمِ ساري راتِ،
مُون تَنَ جِنين جي تاتِ، سي لاهُوتي لَڏي وِيا.
(رامڪلي، ٨ ـ ١٠)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٨٣)

اَڄُ نہ اوطاقُنِ ۾، طالِبَ تنوارِين،
آديسِي اُٿِي ويا، مَڙهِيُون مُون مارِين،
جي جِيَّ کي جِيارِين، سي لاهُوتِي لَڏِي ويا.

*(رامڪلي، ٨ ـ ٨)*

(٨٤)

اَڄُ نہ اوطاقُنِ ۾، ڪَرڳَل ڪِينَ رُوئَنِ،
نہ اُهي آديسِي اُسِڪا، جن سين مڙهِيُون سُونهَنِ،
مَڙهُ پُوريائُون ماٿِ تي، واڄَٽ ڪِينَ وَڄَنِ،
ويا نانگا سي نِڪِري، پَهَرَ نہ پُورِبِيَنِ،
سارِيو سَناسِيُنِ کي، اولاڪا اَچَنِ،
لاڄَئُون لاهُوتِيَنِ، جوڙِي ڏِنيُون جِيَّ کي.

*(رامڪلي، ٨ ـ ١٢)*

(٨٥)

اَڄُ نہ پَسان سي، آتَڻَ ڪَتِيُمِ جن سين،
هاڻي تِنين کي، ڪَنڌِيءَ ڪاڪِ نِهارِيان.

*(مومل راڻو، ٦ ـ ١٥)*

(٨٦)

اَڄُ نہ ڳالهايون، هُون ڏِيهاڻي نِجهري،
پَسو! پَهُ پِيُونِ: آتَڻُ سُجو اُن ري!

*(مومل راڻو، ٦ ـ ١٤)*

(٨٧)

اَڄُ نہ مُون قَرارُ، ڏُٺِم سَنجهو ساٿ ۾،
نَهي وينا بارُ، مَتي ساٿيہَ سُپرين.

*(حسيني، ١٠ ـ ١١)*

(٨٨)

اَڄا تَنُوران، ڪالهہ ڪِڍياسون سڄَٽين،
پڻ تاپائون تڪڙو، وحدت جي وَڏان،
محبتين مٿان، مچ مُورائين نہ لهي!

*(يمن ڪلياڻ، ٣ ـ ١٦)*

(٨٩)

اَڄا تو منجهان، ڪَڪَ ڇُٽِي رَٽُ نِڪري!
منهن ۾ محبوبن جا، ڪئن جهليندي گهاءَ؟
سو تون ڪُڄاڙيا، سِڪَڻَ جون سَڏُون ڪرين.

*(يمن ڪلياڻ، ٧ ـ ٥)*

(٩٠)

اَڄا تُون اَواڻَ، واڻان پاسي ويسري،
سُونهين تِي سُواڻَ، تہ مَنجهان دِلِ ڏِکُ لَهين.

*(ڪوهياري، ٦ ـ ٩)*

(٩١)

اَڄا راتِ رَتومِ، ڪوڏِ ڪوهياري ڪَنجرو،
پِينَرُ! پِڃايومِ، سُپاٽي سُورَنِ سين.

*(حسيني، ١٠ ـ ٢٦)*

(٩٢)

اَڄا سي آهِينِ، جي سَزاوارَ سِڱُنِ جا،
وينا وَڃائِينِ، جي، سَناسِي، سُٽئِين.

*(رامڪلي، ٩ ـ ١٦)*

(٩٣)

اَڄا ڪوري ماڳَ، مٿ، ڪُتڪا، ڪَٿَ گهٽا،
لاهي ويہ مَ لاڳَ، موڪي! مَتارن جا.

*(يمن ڪلياڻ، ٤ - ١٧)*

(٩٤)

اَڄِي پِيا آٽَ ۾، واٽَ وڃائي جَنِ،
اُوءِ بَصِيرَ بَرَنِ ۾، اَندا ٿِيو اُيَنِ،
ڪَنَنِ آڏِيُون تاڙِيُون، گُنگِنِ جڳَنِ گهُمَنِ،
فِراقِيءَ فرمان جو، آهي بَرُ بوڙنِ،
لَنگها ٿِيا لاهوتَ کي، سُتا پِيا سِڪَنِ،
ڪَپِتِ ڪاهوڙِيَنِ، آہ اَٿِئي پِئي نہ لَهي.

*(ڪاهوڙي، ٣ ـ ١)*

www.sindhsalamat.com　books.sindhsalamat.com

(۹۵)

اَچي سو ڏٺوءِ، جو ڪَپَرُ سوءِ ڪَنَنِ سين،
سُتي لوڪ، لَطِيفُ چئي، يادِ نہ ذرو ڪيوءِ،
غافِلَ تِي غُرابَ ڪي، اوڙاهَ تي آندوءِ،
سو چِتَرُ چوهي ڪان رَکِين! جو پيو پراٿو پوءِ،
جهازُ ضعيفَنِ جو، پاڻِيءَ ۾ پَرتوءِ!
سَيِدَا! ساٿُ سندوءِ، پُربَندَرِ پهچائيين!
*(سريراڳ، ٣ ـ ١١)*

(۹۶)

اَچي عِزرائِيلَ، سُتي جاڳائِي سَسُئِي،
تِي دوزائي دَلِيلَ، تہ پُنهونءَ ماڙهو موڪليو.
*(سسئي آبري، ٨ ـ ٨)*

(۹۷)

اَچين جي هيڪارَ، مُون سارِيندي، سُپرين!
پيرين ڏَريان پنبڙيُون، هَنڌَ وچايان وارَ،
ساڄَنَ! سَيُ ڄمارَ، هُوندَ گولي تَي گُذارِيان.
*(بروو سنڌي، ١ ـ ٦)*

(۹۸)

اَچِيو اَچِيو پُونِ، واڪا ڪَيو وَٽَنِ ۾،
سَنيها سيٽَنِ جا، چوٽيءَ چڙهيو چُوَنِ،
ڪانگَ نہ ڪُوڙا هُونِ، پِريان سَندي پارَ جا.
*(پورب، ١ ـ ١٧)*

(۹۹)

اَچِيو اَچِيو چوَنِ: "وهُ، ويا تان گهوريا"،
سَرتِيُنِ سانگُ سُڪَنِ سين، مُون جٺَنَ رَتُ نہ رُونِ،
اِو مَرُ وينِيُون هُونِ، مُون ساڳاٿو سُورَ تِيا.
*(ڪوهياري، ٥ ـ ٩)*

(۱۰۰)

اَچِيو مَرُ اَچَنِ پاروچا پَنهورَ ۾،
پُنَهيءَ لَڳي جَنِ، ڪَمِيٽي ماڙهُو ٿئي.
*(حسيني، ٩ ـ ٤)*

(۱۰۱)

آچاڙا عَمِيقَ جا، گَڏيا غَوّاصَنِ،
جَهرِيُون جهاڳي آئِيا، ڪارُونِيارَ ڪُنَنِ،
سمنڊ سوجهي جَنِ، آٽي اَمُلَ اوليا.
*(سريراڳ، ٢ ـ ١٠)*

(۱۰۲)

اَچو پاٽِي لُڙ ٿِيو، ڪالُورِيو ڪَنگَنِ،
ايندي لَڄَ مَرَن تَنهِن سَرَ مَٿي هَنجَڙا!
*(ڪارايل، ١ ـ ٧)*

(۱۰۳)

اَچو پئو اَچاهُ! تہ اَچائيءَ اُبهو،
وهَنُ وَڙُ نہ آن جو، پاڻِيءَ لُڙ لَلاهُ،
سُسَرِ ڏِجي ساهُ، ڪُسَرِ ڪَنگَنِ قَبرُون.
*(ڪارايل، ١ ـ ١٤)*

(۱۰۴)

اَدا! ڙي! پانڌي! توکي ڪَڙهان ڪ پاڻ ڪي؟
سُودي خَبَرَ سَڄَڻين، تو ڪا تَڙ آندي؟
تُون پاتارِيان پانڌي، اَسان پَنڌُ پرين ڏي.
*(سهڻي، ٣ ـ ٢٢)*

(۱۰۵)

آدمِيُن اِخلاصُ، مَٿائي مانُو ڪَيو،
هاڻَ ڪائي سَيڪو، سندو ماڙهوءَ ماسُ،
دَلَبَرَ! هِنَ دُنيا ۾، وَڃي رَهندو واسُ،
پئي سَيُ لوڪَ لِباسُ، ڪو هِڪَدِلِ هُوندو هيڪڙو.
*(بروو سنڌي، ٣ ـ ٤)*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٠٦)

آديسي آديسُ، هِتان ڪَري هليا،
ڪاپَڙِيُن قَلبَ ۾، ڪَيو ڏوراڻو ڏيسُ،
ويراڳِي نئون ويسُ، راوَلَ ڍَڪي رَميا.

(رامڪلي، ٧ ـ ١٢)

(١٠٧)

آديسِيُن اَدَبُ، آهي اَڪَّرِيُن ۾،
تن جو حَسَبُ نَسَبُ ناهِ ڪي، نه اَما نه اَبُ،
سامِيُن کي سِپين پَرين، رُوحَ ۾ رَهيو رَبُ،
رِءَ لانگوٽِيءَ لَبُ، پاڇي ڪَنِ نه پاڻَ سين.

(رامڪلي، ٧ ـ ١٣)

(١٠٨)

اَديُون! آتَڻَ واريُون! نِرجا نَڪَ ٿِيا،
وَڍِيا، تان نه وِيا؛ پاٽا موريا مُنهَن ۾.

(مومل راڻو، ٨ ـ ٢٣)

(١٠٩)

اَديُون! اَڳهي آهيان، پِرِيُن پُڇاڻا،
سي ڪوهيارا ڪِينَ وِيا، ساڄَن سِياڻا؟
جي سَسُئِيءَ سيباڻا، سي وِجي ڪيچ قَرارِيا.

(ڪوهياري، ٥ ـ ٤)

(١١٠)

اَديُون! آئُون اَجاڻ، مُون سَڱُ سُڃاڻِي نه ڪيو،
هُوندَ نه سَنِيَمِ هيتري، ڪوهياري جي ڪاڻ،
رَتيءَ جي رِهاڻ، جِيُ آڙايم جَتَ سين.

(سسئي آبري، ٥ ـ ١٩)

(١١١)

اَديُون! آئُون نه تِيئَن، جِيئَن پريتَمُ پِرِيُن سين،
بَڍِي سُتِيَس نه سوگهو، ڇِلَوَرُ ڇاتِيءَ سِيئَن،
ڪيچي ڪاهي ڪَرَها، مُونهان وَڃَنِ ڪيئَن؟
ڏوهُ مُنهنجي ڏينهَن، پُنهونءَ کي ڪا مَ ڇَئِي.

(ديسي، ٧ ـ ١٥)

(١١٢)

اَديُون! سڀ اَندامَ، ڇَڙَن منهنجا چوريا،
لاڙن جا لَنوُ لائِي، سا ڪَيئَن آڇيان عامَ؟
لَڳِيس جنهن جي لامَ، سو دلاسا دوست مُنجي.

(سهڻي، ٤ ـ ١)

(١١٣)

اَديُون! ڪا ايندي؟ ڇِپَرِ مُون سَڱُ ٿيو،
لائيندِيَس لِڱَن کي، مَليران ميندي،
ونڌِرِ آئُون ويندي، آري جامُ اَجهو ڪَري.

(حسيني، ١٢ ـ ٣٤)

(١١٤)

اَديون! وَرُ اُڳهاڙ، وهانءِ جنهن وساريو،
جيڏِيون! ڇڏي جاڙ، سَڀِ ننگيُون ٿِي نِڪرو.

(معذوري، ٢ ـ ٢)

(١١٥)

آڏِرِ، نڏِرِ، اَيِرِي، اَسُونهِين آهيان،
لُڙَڪَ لَعَلَ، لَطِيفُ چئي، وَرَ لَءِ وَهايان،
هيجان هَنجُون حَبَ ۾، هوتَنَ لَءِ هاريان،
جانبُ ضَعِيفِيءَ سين، پُنهون پَهايان،
پيهان، پَچايان، جي مان نيو پاڻَ سين.

(سسئي آبري، ٨ ـ ١)

(١١٦)

آڏِرِ، نڏِرِ، اَيِرِي، اَسُونهِين آئُون،
چِيتا، چورَ چُنجُن ۾، بَرَ ۾ بَلائُون،
موٺُ پُنهون! پانهُون؛ مَتان، مُحِبَّ! مَري رَهان.

(سسئي آبري، ٨ ـ ٣)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۱۱۷)

اَڏرِ، نڌرِ، اَپرِي، اوگِي، اَوائي،
ڪِينَ ٺُهاري ٺَڪرين، ساٿُسِ سَڳائي،
لاڳاپِنِ، لَطِيفُ چئي، مُنڌَ رائي رَهائي،
جَلَڻُ، جَڏائي، آري! لاهِ اَصِيلِ تان.
*(سسئي آبري، ۸ ـ ۴)*

(۱۱۸)

اَڏرِ، نڌرِ، اَپرِي، آهِيان اَسُونهين،
پَرڏيهي پرين ڪيا، مَرَڻَ لَءِ مُونهين،
سَسُئِيءَ ڪي، سَيّدُ چئي، تَنگُنِ ۾ تُونهين،
هارِي! ڪِئَن هُونهين، رِءَ سَمَرَ سَڌُون ڪَرِين؟
*(سسئي آبري، ۸ ـ ۲)*

(۱۱۹)

اَڏرِ، نڌرِ، اَپرِي، سَڌرِ ٿِيُ سَچِي،
سُپَڪِ ٿِيُ، سَيّدُ چئي، پَهڻَنِ مَنجهِ پَچِي،
مَعذُورِ ٿي مارو ڪيو، اولاڪَنِ اَچِي،
مَنَجهان راهَ رَچِي، ٿِيَڙِي لالُ، لَطِيفُ چئي.
*(سسئي آبري، ۸ ـ ٦)*

(۱۲۰)

اَڏرِ، نِڌرِ، اَپرِي، گَمَنِ گَماتي،
سا ڪِئَن وِهي وِيسرِي؟ جا گهائي، گُهوماتي،
پيئي پيشِ پُنهونءَ جي، اُسُنِ ۾ آتي،
جا لُڪنِ لُوساتي، سا سيجَ چڙهندي سَسُئي.
*(سسئي آبري، ۸ ـ ۵)*

(۱۲۱)

اَڏرِ، نِڌرِ، اَپرِي، ويچاري نہ وَري،
لالَنِ ڏي، لَطِيفُ چئي، پُرِي پيرُ پَرِي،
ڪَميٽي ڪَري، ڪارُون ڪيچَ ڏَٽِيُنِ ڪي.
*(سسئي آبري، ۸ ـ ۷)*

(۱۲۲)

اَڏَ لَگِيُون آهِينِ، آيَلِ! آديسِيُنِ جُون،
ويهي وِهائِينِ، ڪا قَضائي راتِڙِي.
*(رامڪلي، ۹ ـ ۱۵)*

(۱۲۳)

آڏِيءَ اُٺَنِ تي، جيلان پاٽِي پاتارَ ۾،
وارو ويسرِيُنِ ڪي، ڏِينهان ڪونہ ڏِئي،
مُون ڪَميٽِيءَ ڪي، مَٿان ڪُوهَ ڪَٽِي وِيا!
*(مارئي، ۸ ـ ۱۰)*

(۱۲۴)

آڏيءَ اُڏاٺا، سَرتيُون! سُکَ ميهارَ جا،
لَنگهي سِيرَ سَنوان ٿيا، ساهَڙَ سيباٺا،
پِنيءَ تي پاٺا، پَسان مانَ پرِيُنِ جا.
*(سهڻي، ۵ ـ ٦)*

(۱۲۵)

آڏيءَ اُڏاٺو، هِنئڙو مون هَٿَن مان،
وَهِ پَئي، واهُڙَ تَرِي، ساهَڙَ سيباٺو،
پيچ پِنيءَ پاٺو، پِيَ جو پَسي آئِيو.
*(سهڻي، ۵ ـ ۷)*

(۱۲٦)

آڏيءَ اُوءِ اُٺي وِيا، ڪَرُ رَڪِيائُون ڪيچَ،
باروچاٽي پيچَ، مُنهنجو مَنُ مُنجهائِيو!
*(ديسي، ۴ ـ ۱۱)*

(۱۲۷)

آڏِتراپِا، آهُڙا، ڏاڪا ڏُونگَرَ ڪي،
هُو جي وَرَ وِندُرَ جا، مارِيندا مُون ڪي،
هاڙهو هِيٺيءَ ڪي، لَنگهائِج، لَطِيفُ چئي.
*(ديسي، ٦ ـ ۳)*

(۱۲۸)

آڏَتراچا، آھُتڙا، ڏُونگَرَ کي ڏاکا،
کَيَمِ آہ عَجيبَ کي، سِکَ مَنجهان سا کا،
پيئي ھٿيڪي ھوتَ کي، ڪُوڪَ وَجِي ڪَنِ ڪا،
مُنھنجو وَسُ واکا، پُڏَنُ ڪَمُ پِروچَ جو.

(ديسي، ٦ ـ ١)

(۱۲۹)

آڏَتراچا، آھُتڙا، ڏُونگَرَ کي ڏاکا،
وَنِي وَرُ واٽَ ٿيا، بَرِ چَڙھِي باکا،
ٿَنيا پيرَ فَقيرِ جا، چَڙھندي چَڙھاڪا،
ھُيَنِ جِيءَ اَندَرِ جا ڪا، وِيا پُڄائي پانھنجِي.

(ديسي، ٦ ـ ٢)

(۱۳۰)

آڏَتراچا، آھُتڙا، وِندُرَ وَراڪا، واڪَ؛
اُڃايَسِ اُٺَنِ جي، ڦوڙائي فِراقَ،
پُنھون پَرمَلَ پاڪَ! واحِدَ لَڳِ، وَريج ٿُون.

(ديسي، ٦ ـ ٥)

(۱۳۱)

آڏَتراچا، آھُتڙا، وِندُرَ وَراڪا، وَرَ؛
حُبَّ جَنھين کي ھوتَ جو، سا ڏورِيندي ڏُونگَرَ،
پَھُچائِين پَروَرَ! لُطِفُ ساڻُ، لَطِيفُ چئي.

(ديسي، ٦ ـ ٤)

(۱۳۲)

آڏَتراچا، آھُتڙا، وِنگا وَرَ واٽَنِ،
جيرا، جِگَرَ، بُڪيُونَ، آرءَ لَءِ آٽَنِ،
ڪَشي ڪَنواٽَنِ، سَنيُوڙا سَيَّدُ چئي.

(ديسي، ٦ ـ ٦)

(۱۳۳)

اُڏَرُ لَڳِ اَللهَ، ويلو ڪَرِ مَ وِچَ ۾،
اَٺُون جو ڏِيَنئي سَنيھو، سانڍِ بَرابَرِ ساہَ،
سَندي ڳُجھاندَرَ ڳاہَ، ڪَھج مَ قَريبَنِ ري.

(پورب، ١ ـ ٢)

(۱۳۴)

آڏو جو اِثباتِ کي، سو شِرڪُ لاھي شَڪُ،
ھُئي جنھن ۾ حَقُّ، تنھن نَفِيءَ جِھو ناہِ ڪو.

(آسا، ٤ ـ ١٢)

(۱۳۵)

آڏو چڪَنُ چاڙُ، منھنجي موجَ نہ سَھي مَڪُڙي،
ميڙي مَنايُنِ جو، بيحدِ چاڙھيمُ بارُ،
چونَ چارو ناہِ ڪو، بَديُونَ بي شُمارُ؛
ڪَپَرُ ڪارُونيارُ، اُڪارِئين اِحسانَ سين.

(سريراڳ، ٢ ـ ١٢)

(۱۳۶)

آڏي آڏي اوڏَ، ڇَڏي ويا پيٽيُونَ،
ٽِڪاٽا ءِ ٽولَ، پيا آھن پَٽَ ۾.

(ڏھر، ٤ ـ ٥٠)

(۱۳۷)

آڏيندي اوڏِنِ، لَڏَنَ جي ڪانَ ڪَئي،
لاکو مَٿانَ تَنِ، اوچتو ئي آئيو.

(ڏھر، ٤ ـ ٤٩)

(۱۳۸)

آڏيو جو اوڏِنِ، سو ڏِنگَرُ ڏِلو مَ ٿِئي،
جَنھن پِرِ ويھي ڪَنِ، ليکو لاکي جامَ سين.

(ڏھر، ٤ ـ ٤٦)

(۱۳۹)

اَرتو اَکيِن مان وَهي، مَٿي ڳِلَن ڳاڙ،
ڪوري ڪَنَن وچ ۾، ڦَچ ڏِناڻون ڦاڙ،
هٽي توبہَ تاڙ، نانگا نِسورا ٿِيا.

(رامڪلي، ۷ ـ ۱۸)

(۱۴۰)

آرَمَ هَڏَ مَ اوڍيان، پَٽولا، پَٽ چيرَ؛
پانڌوٽا پَن ڏِيان، اَرغَچ ۽ عَبيرَ؛
ماروءَ سين شَلَ ماٽيان، ڪَٽيُون جهڙيُون ڪيرَا!
اَندرِ اُڃَ اُڪيرَ، مُون ڪي پرينءَ پَنوهارَ جي.

(مارئي، ۳ ـ ۲)

(۱۴۱)

آروڙجي اُٽيو، ديمين وڏائين دانهَن،
پابوهيو پيرَ ڪَٽي، سَمو سَرٽيُن ڏانهَن،
مَٿئان مَٿي پانهَن، اُيو آڃي سُلطانَ کي.

(بلاول، ۱ ـ ۱۱)

(۱۴۲)

آروڙجي اُٽيو، ديمين وڏائين دُکَ،
لاٿائين لَطيفُ چَئي، عالَمَ تان اَهُکَ،
تن سَرٽيُن ٿِيا سُکَ، جي سوجهي آئيُون اَبڙي.

(بلاول، ۱ ـ ۱۰)

(۱۴۳)

آريءَ اُٺَن جيئَن، لُٺَن تان اونيُن نہ ڪيو،
ڪيچِ پُهچبو ڪيئَن؟ اَهڙِن اَپاجهَن سين.

(حسيني، ۱۱ ـ ۲)

(۱۴۴)

اَسان اُڌارا، آڻي آونگَ چاڙهيا،
مُنهَن ڏيئي مُون آئيا، سَمُهان سِيارا،
اُپِرَن سيڪارا، پَسيو وَرَ پيِن جا.

(ساموندي، ۳ ـ ۳)

(۱۴۵)

اَسُکُ جِن اَويرَ، سي سانجهيءَ رَهَن سُمهي،
لاهُوتي، لَطيفُ چئي، آڏيءَ ڏِيَن اُليرَ،
سُتو لوکُ پَسي پيا، سامِي مَٿي سيرَ،
ڪيڏانهن ڪَندا پيرَ؟ مِڙوئي مَتو ٿِيو.

(رامڪلي، ۷ ـ ۲)

(۱۴۶)

اُسَ مَ لَڳي اوٺئين، ليڙان لُکَ مَ لَڳَ!
اَللهَ! آريچَن کي، ڪوسو واءُ مَ وَڳَ!
جَتَ جهجها ۾ جَڳَ، منهنجي پِرتِ پُنهونءَ سين.

(ديسي، ۱ ـ ۲۵)

(۱۴۷)

آسَنَ جي اَريجَ ۾، اُوءِ ڪَچَرَ وَهَ ڪَري،
تن جا مُنهَن مَلڪِن جهڙا، تِڪو تان نہ ٽَري،
جي اُنهين ساڻُ اَڙي، تہ ڪانهي جاءِ جريءَ جي.

(ڪارايل، ۲ ـ ۵)

(۱۴۸)

آسَنَ جن اَريجَ ۾، تن جي وِهُ جو وَرَنُ بيو،
تن جو ڪَندوئِي ڪَمُ ڪَري، جي مَٿِس پيرُ پيو،
پُرِيَنئان آهي پَڌرو، تن نانگَن جو نِهو،
ڪِلي ويلَ ڪِهو، جو سامُهون ٿِئي سَپَن کي؟

(ڪارايل، ۲ ـ ۶)

(۱۴۹)

آسَنَ وَتِ آهُون ڪَريان، وَسِ نہ مُنهنجي واٺَ،
لَڳِم لاهُوتِيُن جو، ڪِينَرَ مَنجهان ڪاٺَ،
هَلَڻَ کي هيهاتُ! آئون نہ جِندي اُنَ ري.

(رامڪلي، ۱ ـ ۲۲)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٥٠)

اَسُوَر سَندو آسرو، وَڳَندَ کي وَڏو،
جُسي ۾ جَڏو، پَـرَ کِيَنَّ تي کُڙا کَـٽي.

(بلاول، ٤ ـ ٤)

(١٥١)

اَسُوَر سَندي آسِري، وينو آهِ وَڳَندُ،
هَڏِ نـہ چَڏِيندو هَنڌُ، آيَسِ بوءِ بَهارَ جي.

(بلاول، ٤ ـ ٣)

(١٥٢)

اَسِين پانَّ پَرِٿَ، پورهِيَتَ پُنهونءَ جامَ جا،
هوٿُ کَـتُورِيءَ هيرِئُون، مُون ۾ صابُنَّ ڇَٽَ،
آتَنَّ مَنجهہِ اُگَهٽَ، ڪانڌُ ڪنهين جي مَ ڪَري!

(ديسي، ٤ ـ ١٥)

(١٥٣)

اَسِين سِڪُون جن کي، اَسِين پِڻ سِيئِي،
"لَمۡ يَلِدۡ وَلَمۡ يُوۡلَدۡ"، وِنءُ اوڏانهين پيهي،
تِهان مَنجهيئِي، پارِکَا! پَرکِج حَقَ کي.

(آسا، ٤ ـ ٩)

(١٥٤)

اَسِين سِڪُون جن کي، سي تان اَسِين پانَّ،
هاٿي وَڄُ، گُمانَ! صَحِي سُڃاتا سُپِرين.

(آسا، ٤ ـ ٨)

(١٥٥)

اَصۡغَرَ ڏي آهِين گَهٽا، تُون اَڪۡبَرَ ڏي آءُ،
مَتان لوڙُو لاهِئين، مَجُوسيءَ مَتاءُ،
حَيدَرَ جي هَٽاءُ، وِڙَهُ تہ ويري مارئين.

(بلاول، ٣ ـ ٤)

(١٥٦)

اصل عاشق پنهنجي، سِسي نـہ ساندِين،
لاهيو سِرُ، لطيف چئي، ساهُ سَلهاڙيو ڏِين،
ڪُلهنِئون ڪورِين، پُڇَنِ پوءِ پريتَڙو.

(ڪلياڻ، ٢ ـ ٢٩)

(١٥٧)

اصل عاشقن جو، سِرُ نـہ ساندِڻُ ڪَمُ،
سَوَ سِسَنئان اَڳرو، سَندو دوسان دَمُ،
هِيُ هڏو ۾ چَمُ، پِڪَ پريان جِيَ نـہ پڙي.

(ڪلياڻ، ٢ ـ ٣٠)

(١٥٨)

آڪو تـہ آڪو، ڪَڇو آيُمِ ڪَمِ،
جِيَ جِنين جا جَمِ، پَڪا سي پُڇندِيُون.

(سهڻي، ٨ ـ ١٣)

(١٥٩)

آڪ اُلِٽي ڏارِ، وَنءُ اُلِٽو عامَ سين،
جي لَهوارو لوڪُ وَهي، تُون اُوچو وَهُ اوڀارِ،
مَنجهان نوُچَ نِهارِ، پُرُ پُنِيرو پِرينءَ ڏي.

(آسا، ٢ ـ ٢١)

(١٦٠)

اَڪُرَ پَڙهُ اَلِفَ جو، وَرَق سڀ وسارِ،
اَندرُ تون اُجارِ، پنا پڙهندين ڪيترا.

(يمن ڪلياڻ، ٥ ـ ٢٩)

(١٦١)

اَڪرَ پڙهي آياپيا! قاضي ٿئين ڪِياءِ؟
پيرئين ۾ پانئِين، ايڏان اِئن نـہ آءُ!
اِنَ سُرڪِيءَ سندو ساءُ، پُڇج عَزازيلَ کي.

(يمن ڪلياڻ، ٥ ـ ٢٣)

(۱٦۲)

اَکر چُنّي هيڪڙي، ٻهُون جي نہ ٻُجهن،
ڪوهُ ڪبو ڪي تنّ، سڄي سُٽائي ڳالهڙي.
*(يمن ڪلياڻ. ۵ ــ ۲٦)*

(۱٦۳)

اَکڙيُن آرو، مُونهان پُڇي نہ ڪيو،
اُتي وَڃي اَڙيُون، جَتي چوَنّ نہ چارو،
هِنئڙو ويچارو، واتُون ڄهليو وڄهلي.
*(آسا. ۲ ــ ۲۰)*

(۱٦۴)

اَکڙيُون اَکڙيُن تي، ڏمَر ڏوس ڪَرين،
جيلانہَ سِڪَڻُ سِکيُون، تيلانہَ دَعويٰ مَنجهه دَڙين،
کِلَن ۽ کِرين، رُسَن پَرچَن پاڻَ ۾.
*(آسا. ۲ ــ ۱۵)*

(۱٦۵)

اَکڙيُون اوڙاهَ ۾، اُبو تَکي تار،
پِٺُون جي پاتارِ، هَنجُ تنين جو هيرَئُون.
*(ڪارايل. ۱ ــ ۳)*

(۱٦٦)

اَکڙيُون پرينَ ري، جي ڪي ٻيو پَسَن،
نہ ڪَڏي ڪي ڪانگَنِ، نِوالا نيڻَ ڏِيان.
*(آسا. ۲ ــ ۴)*

(۱٦۷)

اَکڙيُون مَلِيرَ ڏي، جِنين راتو ڏينهَن،
هاڻي ڪَندين ڪِيئَن، عُمَرَ! آسائُن سين؟
*(مارئي. ابيات متفرقہ ــ ۱۴)*

(۱٦۸)

اي مَجازي، ماءِ! جي تو سَچَڻَ ڀانئيا،
ڪَچو ڪوهُ ٿياءِ، هاري! حَقيقي پرين؟
*(آسا. ۳ ــ ۳)*

(۱٦۹)

آکُون، ڏاکُون، سِرڪندَ شاخُون، جِتِ چوڪا چَندَنَ، ڪَؤنُرَ،
مَيي سيئي ماٽِيا، جِتِ نہ پِرَن پَونُرَ،
ڪُنُوارِيُون ۽ ڪَؤنُرَ، ڪاهِ تہ پَسُون ڪاڪِ جا.
*(مومل راڻو. ۲ ــ ۱۲)*

(۱۷۰)

اَکيُن پَنهنجي مَت، پاڻَ سين پاٿهين ڪَئي،
اُتي وَڃي لَڳيُون، جِتي جانِ ڪَپَت،
نہ ڪا ڳالِهہ نہ ڳَتِ، جِيَّ ڏِني رِءَ نہ جُڙي.
*(آسا. ۲ ــ ۱۹)*

(۱۷۱)

اَکيُن سوئي اوڙَکيو، جو ڪَنين سومر ڪَرَنُ،
ماءُ! مُنهجو مَنُ، چامَ پَسَنديئي پَتيو.
*(بلاول. ۳ ــ ۱۵)*

(۱۷۲)

اَکيُن کي آهين، عَجَبَ جيهُون عادَتُون،
سُورَ پَرائي ساڻَ جا، وَڃيو وهائين،
اُتي لَنؤ لائين، جِتِ حاجَتَ ناهِ هَتيارَ جي.
*(آسا. ۲ ــ ۱٦)*

(۱۷۳)

اَکيُن کي آهين، وَڏا وَجهہ وِڙهَڻَ جا،
مَندي ٻينِيُون مامِرو، جهيڙو نہ لاهين،
جڱن سي ڪَکَرَ اُپَ ۾، تَڱن آگَميُون آهين،
جُهڙُ ڦُڙُ نہ لاهين، وَسَن سانوڻَ ميِنهَن جِئَن.
*(آسا. ۲ ــ ۱۷)*

(۱۷۴)

اَکيُن کي آئُون، جان کي جهلُون پائيان،
لوڪُ لَتاڙي نندَ ۾، ساڄَنُ سونائُون،
مُون کي مارِيائُون، پاڻَ پَرِچي آئِيُون.
*(آسا. ۲ ــ ۱۸)*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۱۷۵)

اَڪينِ ڪِينَ ڪَيو، رَتُ نہ رُناڻُون!
اُپِي ڏِناڻُون، ڦوڙڙائِيا سُپرين!

(حسيني، ۹ – ۹)

(۱۷٦)

اَکِيُن ۾ تي وِيهُ، تہ آئُون واري ڍِڪيان،
توکي ڏِسي نہ ڏِيهُ، آئُون نہ پَسان ڪِي پِيو.

(آسا، ۳ – ۱۴)

(۱۷۷)

اَکيُون آرِيءَ جامَ جون، اَنڌِيءَ سين آهِينِ،
هوُ جي وَڻَ ونڌُرَ جا، سي مُون سُونهائِينِ،
ڏِسيو ڏِيکارِينِ، پيشاني پُنهونءَ جِي.

(سسئي آبري، ۱۱ – ۹)

(۱۷۸)

اَکيُون آرِيءَ جامَ جون، آهِينِ اَنڌيءَ ساڻُ،
پَسي ڪنديُون پاڻُ، پيشاني پُنهونءَ جِي.

(سسئي آبري، ۱۱ – ۱۰)

(۱۷۹)

اَکيُون آلو ماهُ، سَدا سناسِينِ جُون،
واري نسَ نِنڊاهُ، جاڳِي جَهلِيا جوڳِئين.

(رامڪلي، ۹ – ۱۴)

(۱۸۰)

اَکيون اوڏانهين ڪٽي، جيڏانهن قاتل ڪُلِ،
متو ڪن نہ مُلِ، پِڪَ برابر پانهنجو.

(يمن ڪلياڻ، ۴ – ۵)

(۱۸۱)

اَکِيُون سيئِي ڏارِ، جنِ سان پَسِين پِرينءَ کي،
بِئِي ڏانهن ڪِيمَ نِهارِ، گهٽو ريسارا سُپرين.

(آسا، ۲ – ۲۳)

(۱۸۲)

اَکِيُون عَليٰ الصَّباح، دوستُ ديکَڻَ آئِيُون،
اُپِينديُون اَرداسَ ۾، ٻِي نہ ڪَنديُون ڪاءِ،
رَچَنديُون رِءَ پاهَ، پَرچَنديُون پِرينءَ سين.

(آسا، ۲ – ۷)

(۱۸۳)

اَکِيُون ڪَڍُ مَ، ڳجهڙي! تارا تُون مَ ڪاءُ،
پِيو نہ پَسِين پَٽَ ۾، ريگڙيارو راءُ،
جيري جنهن جُوانَ جي، لَڳا نَوَ سَؤ نَوَ گهاءَ،
راتِ جنهن جي ماءُ، روئي، پَرَنيو سَرَبَّ ڪي.

(ڪيڏارو، ٦ – ۷)

(۱۸۴)

اَکيُون لَٿَ اوراتِيُون، ڪنهن پَرِ ڪَڙيان پِيرُ؟
لَٿَ لاهِيندو ڪيرُ؟ مُون جيهيءَ مَعذُورِ کي.

(سسئي آبري، ۱۱ – ۸)

(۱۸۵)

اَکيُون مُنهن ميهارَ ڏي، رَکيُون جن جوڙي،
رِءَ سَنڌَ، سَيَڌُ چئي، تارِ گهڙَن توڙي،
تِنين کي ٻوڙي، سائِرُ سَگهي ڪِينَ ڪِي.

(سهڻي، ۵ – ۵)

(۱۸٦)

اَڳِي اُتَ رَڙَن، مُون پِيري ماڻ ٿئي،
پَلاٽيندي، پاڻَ ۾، ڪُڇيو ڪينَ ڪُنَنِ،
ڪا جا مامَ مُنَنِ، هِنِ پڻ هُئِي هُنِ سين.

(ديسي، ۱ – ۱۰)

(۱۸۷)

اڳِيان اَڏِنِ وَٽِ، پوِينَ سِرَ سنباهيا،
ڪاٽِ تہ پوين قبولَ ۾، مَچُڻ پائين گهٽِ،

متّا مُهايَنِ جا، پيا نہ ڏِسين پَٽِ؟
ڪَلالڪي هَٽِ، ڪُسَڻَ جو ڪوپُ وَهي.
(ڪلياڻ، ۲ ـ ۱۷)

(۱۸۸)

آڳي اِيئَن هُياسِ، جِيئَن پُنهونءَ ڏوتَمِ ڪَپڙا،
هاڻي اِيئَن ٿِياسِ، جِيئَن جَتَ نہ نِيَنِمِ پاڻَ سين.
(حسيني، ۱۲ ـ ۳۷)

(۱۸۹)

آڳي پوءِ مَران، مَرُ مَران مارڳَ ۾!
مَٿي پوءِ پِريان، خُونُ مُنهنجو، جيڏِيُون!
(حسيني، ۹ ـ ۲۰)

(۱۹۰)

آگَمَ اِيَ نہ اَنگَ، جَهڙو پَسَڻُ پرينءَ جو،
سيڻَنِ رِءَ سَيّدُ چئي، رُوحَ نہ رَچَنِ رَنگَ،
سَهَسين ٿِيا سارَنگَ، جانِي آيو جُوءِ ۾.
(سارنگ، ۱ ـ ۳)

(۱۹۱)

آگَمِجي آئِيون، اُتَران ڪَري اُورِ،
جي پِرين هُئَڙا ڏُورِ، سي مُون ڪي مينهَن ميڙِيا.
(سارنگ، ۴ ـ ۱۹)

(۱۹۲)

آگَمَ ڪَيا اَللهَ، لَڳَہَ پَسُ! لَطِيفُ چئي،
پَلَرَ جي پالُوٽَ سين، پَٽَنِ جَهلِيا پاهَ،
واحِدَ وَڏائِي ڪَيا، مَٿي گَسَن گاهَ،
سانِگِيُنِ وَرِيا ساهَ، اُتُنِ آبُ اَگُونَدِرو.
(سارنگ، ۱ ـ ۲)

(۱۹۳)

آگَمَ ڪَيو اَچَنِ، سَجَڻَ سانوَڻَ مينهَن جِئَن،
پاسي تِنِ وَسَنِ، جي سَڀُ ڄماندَرُ سِڪِيا.
(سارنگ، ۳ ـ ۹)

(۱۹۴)

آگَمِيو آهي، لَڳَہَ پَسُ! لَطِيفُ چئي،
وُٺو مينهُن وَڏُ ڦُڙو، ڪَڍو ڏَنَ ڪاهي،
چَنَ چَڏي پَٽِ پَئو، سَمَرُ سَنباهي،
وِهو مَ لاهي، آسِرو اَللهَ مان.
(سارنگ، ۱ ـ ۱)

(۱۹۵)

آگي ڪيا اَڳِهين، نسورو ئي نُورُ؛
لَاخَوۡفٌ عَلَيۡهِمۡ وَلَا هُمۡ يَحۡزَنُوۡنَ. سچن ڪونهي سُورُ؛
موليٰ ڪيو مَعمُورُ، اَنگُ اَزَل ۾ اُنِ جو.
(ڪلياڻ، ۱ ـ ٦)

(۱۹٦)

آگهائي سَگها ٿِيا، جي وينا وٺ ويڄنّ،
تَرَسي طبيبنّ، چيٽي هوند چڱا ڪيا.
(يمن ڪلياڻ، ۲ ـ ۵)

(۱۹۷)

اَگَهَن مِڙِي اَڄُ، ڪيو سَڏُ صِحَتَ ڪي،
ڏُورُ، ڏُکندا! پَچُ، مِهريءَ مُنهن ڏيکاريو.
(يمن ڪلياڻ، ۲ ـ ۱۹)

(۱۹۸)

اَگهي اَگهائي، رنجُ پِريان ڪي رسيو،
چَڪِيمِ چڱائي، سورانگهي سُوريءَ تان.
(ڪلياڻ، ۲ ـ ۱)

(۱۹۹)

اَگهيو ڪائو ڪَڄُ، ماڻِڪَنِ موٽَ ٿِي!
پَاَءِ بايو سَڄُ، آچِيندي لَڄَ مَران!
(سريراڳ، ۴ ـ ۱۱)

(٢٠٠)

اَگڻَ مَتي اوپرا، جڏهن ڏاگها ڏٺَءِ ڏينهَن،
وَني سَڙَڪَ، سَسُئِي! ويهُ وهاٽيءَ سيڻَن،
چوٽيءَ سين چانگَن ڪي، جَتڙَ زَنجيرُن جيئَن،
تہ هوتُ تُنهنجو هيئَن، هوندِ پُنهون نيائُون نہ پاڻَ سين.

(ديسي، ١ ـ ٥)

(٢٠١)

اَگڻَ آهين اَڄُ، صُبُحَ ويندَءِ صابري،
ڪَج ڪو ڪاپَڙيُن مان، رُوحَ رُچَندو رَڄُ،
پيرَ تِنين جا پُڄُ، مَتان سِڪين سَناسِيُن ڪي.

(رامڪلي، ٨ ـ ٢)

(٢٠٢)

اَگڻَ آءُ اُڪَنديين، پَرچِي، پيارا!
پَلَڪَ پَراهُون نہ سَهَنءِ، جِيءَ جا جِيارا!
نيڻهان نيزارا، سَچ، تہ مانَ سُوُرُ لهي.

(مومل راڻو، ٦ ـ ٤)

(٢٠٣)

اَگڻَ آئِيا جان، تہ سَرتِيُون! مون سُکَ ٿِيا،
اَمُلَ پِرِينءَ مَٿان، ٻَـرَڪيو ٻين ڏِيان.

(سامونڊي، ٢ ـ ١٠)

(٢٠٤)

اَگڻَ تازي، ٻَهَر ڪُنديُون، ٻَکا ٻَٿ سُنهَن،
سُرَهِي سيجَ، پاسي پرين، مَرُ پِيا مينهَن وَسَن،
اَسان ۾ پِرِيَن، ڳالَ هُوَن بَرابَر ڏِينهَڙا.

(سارنگ، ١ ـ ٢٥)

(٢٠٥)

اَگڻَ مَتي اوپرا، جڏهن ڏاگها ڏينهَن ڏٺاءِ،
ڪُنجُون جي قُفلَن جون، تان ڪَنهن لَل لِڪاءِ،
تہ سُياڻي سَنڊِياءِ، ٿِئي سارُوٽِي، سَسُئِي!

(ديسي، ١ ـ ٦)

(٢٠٦)

اَگڻَ مَتي اوپرا، جڏهن ڏٺَءِ اُٺَ،
ڏاڻيءِ نہ ڏاگهَن ڪي، اوڳي! ساڻُ اَڳٺَ؟
تہ هوندَ نہ تُنهنجي هَٿَ، سُورَ پِريا، سَسُئِي!

(ديسي، ١ ـ ٧)

(٢٠٧)

اَگڻَ مَتي اوپرا، جڏهن ڏٺَءِ توڏا،
وَنگيءَ نہ وارَن سين، تن گورَن جا گوڏا؟
تہ لَڪَن جا لوڏا، هوندَ نہ سَٺَءِ سَسُئِي!

(ديسي، ١ ـ ٨)

(٢٠٨)

اَلا! اَچَن اُوءِ، جن آئي مَن سَرهو، ٿئي،
ڀَسان مانَ ٻَر ڪَنهين، جَتَن سَندي جُوءِ،
لَنگهي لَڪَ، لَطيفُ چئي، سُٽِيان هوتَن هُوءِ،
گولِي ٿِيان گُلَبُوءِ، جي سُجاڻي ساڻَ ڏِٺي.

(ديسي، ٣ ـ ٥)

(٢٠٩)

اَلا! اوني آٿِين، جي نِياپا نِين!
آڻُون اُنين جي آهيان، توڻي مُون نہ مَڃِين،
مَسُ مُنهنجي هَٿَ ۾، ڪاغَذُ ڪي آٿِين!
لُڙَڪَ نہ لِکَڻُ ڏِين، ڪِريو پَوَن قَلَمَ تي.

(مارئي، ٢ ـ ٤)

(٢١٠)

اَلا! اِئَن مَ هوءِ، جِئَن آنُ مَران بَندَ ۾!
جُسو زَنجيرَن ۾، راتو ڏِينهان رُوءِ،
پَهرِين وَجان لوءِ، پوءِ مَرُ پُڄَنِم ڏِينهَڙا!

(مارئي، ٦ ـ ١٠)

(۲۱۱)

آلا! جُنگَ جيَنِ، جنين اَجهي گهاريان،
شالَ مَ سُکي ويئري، جِئان پيِّ پيَنِ،
مَرکَڻَ! اَکَڙيَنِ، تو ڏِٺي مُون سُکُ تَئي.
*(بلاول، ۳ ـ ۱۱)*

(۲۱۲)

آلا! ڏاهي مَ ٿيان! ڏاهيُون ڏُکَ ڏِسَنِ،
مُون سين مُون پرينِ، پوراٿيءَ ۾ پالَ کيا.
*(ليلا چنيسر، ۲ ـ ٦)*

(۲۱۳)

آلا! کَرَ جِئَنِ، مَدي جِنين جي مَنَ ۾،
آسان ۽ پريَنِ جُون، اُميدُون پَسَنِ،
تِهان پوءِ مَرَنِ، سَڙي اِنهيءَ سُورَ ۾.
*(آسا، ۳ ـ ۲۰)*

(۲۱۴)

اَللهُ جِئَن نالوءِ، تِئَن مُون وَڏو آسرو،
خالِقَ! تُنهنجِيءَ کاندِ جو، پَرو پاندُ نه کوءِ،
نالو، رَبَّ! سَندوءِ، رَهيو آهِ روُحَ ۾.
*(ڏهر، ۲ ـ ۱۸)*

(۲۱۵)

اَللهُ جي آسَ ڪَري، هَليو هِٿائين،
چارڻَ بَڌا چنگَ کي، جُهوڙا ۽ جهائين،
ڏولِي راءِ ڏِياچَ جي، ڏُوران ڏِٺائين:
وينَتِي واحِدَ دَرِ، تنهن وير ڪيائين:
"سَباجها سائِين! راءِ رِيجهائين راڳَ سين".
*(سورٺ، ۱ ـ ۱)*

(۲۱٦)

اَللهُ ڪارَڻِ، اوٺيا! ڪَرَها مَ ڪاهيو،
جانِبَ! جَڏي جيءَ جو، آڳانِدو آهيو،
لاڳاپو لاهيو، مَتان مُنهنجو، سُپرين!
*(ديسي، ۳ ـ ۱)*

(۲۱۷)

اَللهُ ڪارَڻِ، اوٺيا! ليڙا نِيو مَ لَرَ،
نِيو نِماڻي پانَ سين، پانهيءَ جهلي پَرَ،
مُون کي ماري مَنجِهه ٿِي، سَندي هوتَنِ هُرَ،
ڪَچو لايان ڪُرَ، ڪيچان اوري جي وَران.
*(ديسي، ۳ ـ ۲)*

(۲۱۸)

اَلتِيَمِ جا هِنئان، سا نه سَلتِيَمِ ساهَ کي،
سُپيريان جي ڳالهڙي، لِڪايَمِ لوڪان،
ويئي مُون وَسان، پَڌَرِ پيئي پرينءَ ري.
*(آسا، ۴ ـ ۲٦)*

(۲۱۹)

اَلَسْتُ ارواحَنِ کي، جَڏهِن اَمُرُ ڪيو اَحَدَ،
هو مَنَ ڪاڍو ميهارَ ڏي، سُهڻيءَ سِڪَڻَ سَڌَ،
دِلو ڏوَرَ دَرياهَ جي، ڪيو اِرادي آڌَ،
جيڪي آيسِ ڏانهن عهدَ، سو پاري مُنڌَ پاتارَ ۾.
*(سهڻي، ٦ ـ ٦)*

(۲۲۰)

'اَلَسْتُ' ارواحَنِ کي، جَڏهِن جاڳايو جَلِيلَ،
سَنئين راهَ، سَيّدُ چئي، سوناٿون سَبيلَ،
وَحدَتَ جي واديءَ ۾، ڪوڙين ڪي قَليلَ،
دَرياهَ جي دَلِيلَ، لَکين لَهوارا ڪيا.
*(سهڻي، ٦ ـ ۱۰)*

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

(۲۲۱)

اَلَسُتُ ارواحَنِ کي، جَڏهِن چيائُون،
مِيثاقان ميهارَ سين، لَڏيُون مُون لائُون،
سو موتي ڪِيئَن پانهُون؟ جو مَحفُوظان معافُ ٿِيو.

(سهڻي، ٦ ــ ۴)

(۲۲۲)

اَلَسُتُ ارواحَنِ کي، جَڏهِن چيائِين جِيئَن،
قَالُوا بَلىٰ قَلبَ ۾، ٿِيو تَفاؤُلُ تِيئَن،
مُحَبَّتي ميهارَ جي، آئُون نِهوڙِي نِينهَن،
سَرتيُون! ساهَڙَ سِيئَن، هلڻ مُون حَقَّ ٿِيو.

(سهڻي، ٦ ــ ۵)

(۲۲۳)

اَلَسُتُ ارواحَنِ کي، جَڏهِن چيائِين،
هو مَنَ ڪاڍِو ميهارَ ڏي، سُهڻيءَ سدائين،
جيڪي آيُسِ اوڏانهِين، سو پاري مُنڌ پاتارَ ۾.

(سهڻي، ٦ ــ ۹)

(۲۲۴)

اَلَسُتُ ارواحَنِ کي، جَڏهِن فائِقَ فرمايو،
هو مَنَ ڪاڍِو ميهارَ ڏي، سُهڻيءَ کي ساعِيو،
دِلو دؤرَ دَرياهَ جو، اوڏانهِين آيو،
جيڪي هاديءَ هَلايو، سو پاري مُنَڌّ پاتارَ ۾.

(سهڻي، ٦ ــ ۸)

(۲۲۵)

اَلَسُتُ ارواحَنِ کي، جَڏهِن فرمايو فَتاحَ،
هو مَنَ ڪاڍِو ميهارَ ڏي، سُهڻيءَ سِڪَڻَ ساهَ،
دِلو دَؤرَ دَرِياهَ جي، ڪيو اِرادي اَڏاهَ،
جيڪي آيُسِ ڏانهن اَللهَ، سو پاري مُنڌّ پاتارَ ۾.

(سهڻي، ٦ ــ ۷)

(۲۲٦)

'اَلَسُتُ بِرَبِّڪُمَ'، جَڏهِن ڪَنَّ پيوم،
'قَالُوا بَلىٰ' قَلبَ سين، تَڏهِن تِتِ چِيوم،
تَنهِين ويرَ ڪَيومِ، وَچَنُ ويڙِيچَنِ سين.

(مارئي، ١ ــ ١)

(۲۲۷)

اُلوڙَنُ نہ ڏِئي، وَرُ وِڏائين وَنجَهہ کي،
رَهُ اَجوڪِي راتڙِي، لالَنَ! مُون لائي،
وَڃُ مَ قوڙائي، ايڏي سَفَرِ، سُپرِين!

(ساموندي، ١ ــ ٢١)

(۲۲۸)

آلوڙو اَکِين، آيَمِ نِندَ اَياڳَ کي!
هاٿي هِنَ پَنِيورَ ۾، گهارِيان ڪارَڻِ ڪِن؟
اَدِيُون! اونِيَڙَنِ، هِنئين سان هاجو ڪَيو!

(ڪوهياري، ١ ــ ٧)

(۲۲۹)

اُلِهي سِجَ اَويرَ کي، ڏِٺائِين ڏُونگرُ،
سَسُئِيءَ کي، سَيّدُ چئي، سُورَنِ جو سَمَرُ،
ڪُنَلِ رَکِيو ڪَرُ، ويچارِيءَ وَٽِڪارَ تي.

(حسيني، ١ ــ ۴)

(۲۳٠)

اُلَهي، سِجَ! اَويرَ، مَ ڪَر مَعذُورِيُنِ تي،
پَسي مَران پِيرَ، ڏُونگَرَ پاروچَنِ جا.

(حسيني، ١ ــ ۵)

(۲۳١)

اَمَڙِ! وَڃي آڻِ، چَرخو آتَڻَ وِچَ مان،
ڪَتِيُمِ جنهِين ڪاڻِ، سو ڪوهِيارو ڪيچ وِيو.

(حسيني، ۲ ــ ۷)

www.sindhsalamat.com　books.sindhsalamat.com

(۲۳۲)

اَمُلَ آچ مَ اُنِ کي، جي نہ پَرُوڙِين مَٽِ،
جِتِ ڳَڏجيئِي جوهَري، ماڻِڪُ تـَـتـهِين مَٽِ،
جنِين سونَ سين سَٽِ، تن هٿِي رِيَّ رَدِ ڪيو.

(سريراڳ، ۴ ـ ۷)

(۲۳۳)

اَمُلَ، اَساري پَئي، پوري! پَڳُءِ جِت،
ڪُهُ نہ رُنُءِ تـِتِ، ٻئي اَڏ هَٽَ ڪري؟

(سريراڳ، ۴ ـ ۱۵)

(۲۳۴)

اَمُلَ، اَساري پَئي، پوري! پَڳُءِ جيئَن،
وانءِ صَرافَنِ سِيئَن، ٻئي اَڏ هَٽَ ڪري.

(سريراڳ، ۴ ـ ۱۶)

(۲۳۵)

اِنَ پَرِ نہ ايمانُ، جِئَن ڪَلِمِي گو ڪوناٿيين،
دَغا تُنهنجِي دِلَ ۾، شِرْڪُ ءِ شيطانُ،
مُنهَن ۾ مُسلمانُ، اَندَرِ آذَرُ آهيئَن.

(آسا، ۴ ـ ۱۴)

(۲۳۶)

آن جي ڏِنَاهون، اَللّٰهَ ڪارَڻَ ڳالهِ ڪَريو،
نيَنَّ مُنهنجا رونِ، راتو ڏِينهان اُنِ ڪي.

(حسيني، ۱۰ ـ ۲۵)

(۲۳۷)

آن جي ڏِنِي، جيڏِيُون! پُنهونءَ جي پاپوهَ،
سَنجهي ءِ صُبُوحَ، سُورَنِ تي سَجَڪِيُون.

(حسيني، ۱۲ ـ ۵)

(۲۳۸)

اَندَرِ اَندَرِيُون، جِئَن سي وانجهيءَ لَٽِ ۾،
مُون تَنَ تيترِيُون، تہ "ڪِئَن مِلبو سَجَڻين؟"

(رپ، ۲ ـ ۸)

(۲۳۹)

اَندَرِ جُهڙُ جهورِ وَهي، ٻَهَرِ بَرسي بُوندَ اَپارَ،
وَٽِ جِنين جي يارَ، سي اوڪاٽين نہ اَڪِيُون.

(سارنگ، ۴ ـ ۱۸)

(۲۴۰)

اَندَرِ جُهڙُ جهوُرِ وهي، ٻَهَرِ ڪَڪَرُ نہ ڪوءِ،
وَسائِيندِي وِڄُڙِي، حُبَّ جنِين کي هوءِ،
لاٽَنُ جنين لوءِ، تن اوڪاٽِينِ نہ اَڪِيُون.

(سارنگ، ۴ ـ ۱۷)

(۲۴۱)

اَندرِ رِلا رِلِيُون، ٻَهَرِ پَٽولا،
اِنَ پَرِ ڪاپَڙِي، ڳَڏهَ جا ڳولا.

(رامڪلي، ۹ ـ ۴۳)

(۲۴۲)

اَندَرِ رَهي نہ ڳهٽَ، سُپيريان جي ڳالَهڙِي،
جاڳَرَ سَهي نہ سَٽَ، جَهُ مَهراڻَ موج ڪي.

(آسا، ۴ ـ ۲۹)

(۲۴۳)

آنديُون ڪانگَ قَريبَ جوُن، اَڄُ واڏايُون واهَ،
مَنَ مُرادوُن پُنِيُون، ٿِيُون سَرهائِيُون ساهَ،
آندا پِرِين اَللّٰهَ، سَڌُ مُنهنجا ساٻِ پِيا.

(پورب، ۱ ـ ۲۰)

(۲۴۴)

اَنڌا اُونڌا وِيڄ! ڪَلَ ڪُجاڙيا ڪانئِيَنَ؟
اسان ڏُکي ڏيلَ ۾، تون پيارئين پيڄ!
سُورِي جنين سيڄَ، مرڻ تن مُشاهدو.

(ڪلياڻ، ۲ ـ ۴)

(۲۴۵)
اَنڌيءَ وَڃُون، ڪَنڌيءَ وَڃُون، تَنگيان لَهي نہ تِڪَ،
صُورَتَ جا ساهَڙَ جي، ڏيلَ پنهنجي ڏِڪَ،
واهُڙَ تنين وِڪَ، جن سانپياران سُپرين.
(سهڻي، ۱ ـ ۲)

(۲۴۶)
'اَنَ عَبۡدُ'، مَعبُودُ تُون، اِتِ نہ ڪو شِرۡڪُ نہ شَڪُ،
پَڃارُون پِرِيَنِ جُون، مُحبَتِيَنِ مَرَڪُ،
سو سَپِيوئي حَقَّ، جنهن ۾ پَسَڻُ پِرِينءَ ڪي.
(آسا، ۱ ـ ۱۰)

(۲۴۷)
آن ڪي ساٿي ڏٺَ؟ جي مُون ويڙهه وِڃائيا،
رُئان رَتُ مَڃُتَ، هاٿي تن پِرِيَنِ ڪي.
(حسيني، ۴ ـ ۹)

(۲۴۸)
اَنگَ پَسي رَنگَ، ڪيو ڪو جو دَوُرُ دِلي،
بَرا! بَرا! پيلي نہ تيو، ڪَڇو مَنجهه ڪلي،
تَران تي تارِ گهٽو، تُنهنجي، بَحرَا! بلي،
سو ميهارُ مِلي، آهيان جنهنجي آسَري.
(سهڻي، ۸ ـ ۹)

(۲۴۹)
اَڻ چوندنِ مَ چؤ، چوندن چيو وسارِ،
اَنئي پهرَ اَدب سين، پَرِ اِهائي پارِ،
پايو مُنهن مُونن ۾، غُربت ساڻ گُذارِ،
مُفتي منجهہ وِهارِ، تہ قاضيءَ ڪانيارو نہ ٿئين.
(يمن ڪلياڻ، ۸ ـ ۲۱)

(۲۵۰)
اَڻَ ڏُڪوئيُون ڏُڪَنِ جي، ڪوهُ ٿيُون پَٽر پَوَنِ؟
ناهِ اوراتو اُن ڪي، ٿيُون لوڪَ رِياڻُون رُونِ،
پَنَڻَ پيڙيُون هُونِ، پارَ تِنين جا پَڌِرا.
(ڪوهياري، ۵ ـ ۱۱)

(۲۵۱)
اَڻَ ڪي عَيان نہ ٿئي، ڪي پروڙي ڪونَ،
سا سُونهين ٿئي سونَ، اَمرُ عطا جنهن جو.
(يمن ڪلياڻ، ۸ ـ ۷)

(۲۵۲)
اَڻ ڪي عَيان نہ ٿئي، ڪي پروڙي ڪونَ،
سچي جيهي سونَ، منهن نہ پيئي ماڙهوئين.
(يمن ڪلياڻ، ۸ ـ ۶)

(۲۵۳)
آئي اُتر واءَ، موڪيءَ مٿ اُپٽيا،
متارا تنهن ساءَ، اَچن سِرَ سَنباهيو.
(يمن ڪلياڻ، ۴ ـ ۱۰)

(۲۵۴)
آئي بَڏمِ وَڻَ جاءِ، مانَ مُڪَڙيُون چَري،
ڪُڏاتُورو ڪَرَهو، لِڪيو لاٽي ڪاءِ،
اِنَ مَئي سندي،ماءِ! مُون کي ڳالهڙين ڳوڙها ڪيو.
(ڪنيات، ۲ ـ ۱۸)

(۲۵۵)
آٽِين ڪي چاڙهين، ڏُٿ ڏيهاٽي سُومرا!
سَٽا ڪيو، سَيَدُ چئي، ساٿُون سُڪائين،
مَنجهان لَنبَ. لَطِيفُ چئي، چاڙُر ڪيو چاڙهين،
پُلاءُ نہ پاڙين، عُمَرا! آراڙيءَ سين.
(مارئي، ۷ ـ ۴)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۲۵٦)

اَوَتَڙ ڪنهن نہ اوليا، سُتَتَڙ ويا سالِمَ،
هيڪائي هيڪُ ٿيا، اَحَدَ سين عالِمَ،
بي بها بالِمَ، آڳي ڪيا اَڳهين.

(ڪلياڻ، ۱ ـ ۵)

(۲۵۷)

اونِين ڪارڻ اَڄُ، نيڻَ نهارا مُون ڪَيا،
پُنهُون جامَ! پهچُ، تہ لاهِيُون اَڄ اَکِيُن جي.

(ڏهر، ۲ ـ ۱۱)

(۲۵۸)

اوني! ڳُوڻي آڻئين، ڪو هُتي جو هت هيرَ!
تہ ڪِنا جي ڪوٽَن جا، ٿِيَن سُرها سيرَ،
آءُ تہ اَکِيين اُگهان، جي پاٿُر ڏنءِ پيرَ،
اَللهَ لَڳِ، لَطِيفُ چئي، لاءِ مَ تُون اَويرَ،
ڪوٺِيين گهاري ڪيرَ؟ مَحَلِين مُنجهي مُون هنئون!

(مارئي، ۲ ـ ۳)

(۲۵۹)

اونِين اُمارو، مُون جهليندي نہ رَهيا،
ساٿِين سَوارو، ڪَيو ڪيچُ اَکين ۾.

(حسيني، ۴ ـ ۵)

(۲٦۰)

اوجاڳو، اَجاڻ! ڪَيُءِ نہ ڪَميٽِيُن جٽَن،
اَساري! اَهڙيءَ پَر، پيءِ ڪيچِيُن سين ڪاڻ،
بانهي چايو باڻِ، ٿي سَچِيُون راتِيُون سُمهين!

(ڪوهياري، ۱ ـ ۱۳)

(۲٦۱)

اَوَجهڙ اَسُونهَن، ڏيهُ گهٽو ٿِي ڏوريو،
سَگِرِ رِءَ سُونهَن، پهتي ڪانہ پَنڌُ ڪَري.

(سسئي آبري، ۹ ـ ۲)

(۲٦۲)

اَوجَهڙ وَتان آنءُ، پيُون سَڀِ سَگِرِ ساٿَ جي،
جا نِيينهَن ڳِنهَندي نانءُ، سا مُون جٽَن پَوندي مامِري.

(حسيني، ۱۲ ـ ۱۸)

(۲٦۳)

اوچَٽُ گهُرجي آڄڪو، جُهوپو سَهي نہ سِيُ،
سُٽائَج سُوڙ ڪي، حالُ مُنهنجو هِيُ،
اَگَٽُ آيو ٿِيُ، تہ ڍولِيا! ڪَنهن ڍِنگ ٿِيان.

(سارنگ، ۳ ـ ۱۰)

(۲٦۴)

اوڏا جان هُئا، تان نٽُ نياپا آئيا،
مارُوئڙا مَلِيرَ ڏي، واري وَڳ ويا،
ٿِنين ڏنہ ڪيا، ڏيئي ڏوراپا، چائِيان؟

(مارئي، ابيات متفرقہ ـ ۳۳)

(۲٦۵)

اُو ڏمريو ڏُسُ، جِيلو هَنهَئِين هارَ جو،
سُٽو، سَڀِ سَرَتِيُون! وَرُ نہ ڪَنهين وَسِ،
دَعويٰ پهرِئين دَسِ، پَڇيو تو پورا ڪَري.

(ليلا چنيسر، ۱ ـ ۱۴)

(۲٦٦)

اورارِ نہ پَرارِ، ويچاري وَهَ وِچ ۾!
سُڪيءَ ڏِنيءَ سُپرين، پيو مڙوئي تارِ،
تون گهڻُ، ڪِيمَ نِهارِ، ٻُڏندَن سين ٻاجهُون ڪري.

(سهڻي، ٦ ـ ١٦)

(۲٦۷)

اورِ ڏُکَندو اُو ٿئي، هادِي جنهن حَبِيبُ،
تَرُ تفاوتُ نہ ڪري، تنهن ڪي ڪو طَبِيبُ،
رَهنُما رَقِيبُ، ساٿرِ صِحتَ سُپرِين.

(ڪلياڻ، ۳ ـ ۴)

(۲۶۸)

اوريائين آٿين، ميڙيو مُعلِمَ خبرون،
سا تان سُڌِ نہ ڏين، جتي وَهُ وِيڙ ڪري.
(سريراڳ، ۳ ـ ۵)

(۲۶۹)

اوري هُئا تہ آئيا، جيڪُس ويا پَري،
ساٿي سَڏُ ڪَري، ماڳَ نِهاري موٽيا.
(گهاتو، ۱ ـ ۱۳)

(۲۷۰)

اوڙاه ويا نہ وَريا، آئُون تَنهن ماري وِينُ!
ڪري سامُونڊي سينَ، جُسي جارُ پرائيو!
(سامونڊي، ۱ ـ ۱۳)

(۲۷۱)

اوقابِي! آکين سين، تِيرَ چلايو تو،
پيو مَرُ ماري سو، جنهنجو پهريون پورو نہ ٿئي.
(يمن ڪلياڻ، ۲ ـ ۲)

(۲۷۲)

اوقابِي! آکين ۾، توکي باري بانَ،
اُيو آڳرايُون ڪرين، ماڳَ هٿيو مَستانَ،
جانبَ! تون زيانَ، آکين سين ايڏا ڪرين!
(يمن ڪلياڻ، ۲ ـ ۳)

(۲۷۳)

اوقابِي! آکين ۾، توکي تکا تِيرَ،
ساجن! انهيءَ سِيگَ سين، ڦَٽيءَ گهڻا فقيرَ،
پيو مَ مارج مِيرَ! تنهنجو پهريون ٿي پورو ٿيو.
(يمن ڪلياڻ، ۲ ـ ۴)

(۲۷۴)

اوقابِي! آکين ۾، تِيرَ تکا توکي،
ساجن! اِنهيءَ سُور جي، ڪَلَ نہ آهِ ڪنهن کي،
مارين ٿو مون کي! چاڙهي لوهَ لطيف چئي.
(يمن ڪلياڻ، ۲ ـ ۵)

(۲۷۵)

اوڳارين نہ آنرا، ٻَڌا ڇَرَنِ نہ ٻُورُ،
ليڙَنِ کي، لَطِيفُ چئي، هَلَڻَ جو مَذڪُورُ،
مَيَنِ کي مامُورُ، آهي اُٿَنِ آڳئين پَنڌَ جي.
(ديسي، ۲ ـ ۱۱)

(۲۷۶)

اَوَڳُڻَ رُسي سَپِڪو، ڳُٿين پرين رُنامِ،
ٻهُون پاروتَنِ ۾، ڪوڙين ڪُوڙَ ڪيامِ،
تيلانهِين سَرِيامِ، سُڪَنِئُون سُورَ گهڻا.
(آسا، ۴ ـ ۲۵)

(۲۷۷)

اَوَڳُڻَ رُسي سَپِڪو، ڳُٿين پرين رُنامِ،
ليکيمَ جي لِسانَ سين، سي ڪَرَ ڪِينَ ڪيامِ،
پاڻُ وِڃائي پانهنجا، تورا ٿُڪَ هَنيامِ،
بَندَگي شرمندَگِي، اها ميڙَ مُڪيامِ،
پرين تَبِ پَرچِيامِ، 'آئُون' جَبِ اُٿِ گئي.
(آسا، ۴ ـ ۲۴)

(۲۷۸)

اَوَڳُڻَ ڪَري اَپارَ، تو دَرِ آيَس، داسَڙا!
جئن تو رُسَڻَ سَنديُون روحَ ۾، تَئَن مون پيٽي ناهِ، پَتارا!
سائينءَ لَڳِ، سَتارَ! ميٽ مَدايُون مُنهنجيُون.
(ليلا چنيسر، ۳ ـ ۲)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۲۷۹)

اَوّل آخر آهِ، هَلَڻُ منهنجو هوتَ ڏي،
پورِهيو سَندو پورِهيَتين، والي! ڪِيَم وجاءِ،
سو مُون ٿورو لاءِ، جڻن جِٿري مِلان جَتَ کي.

(سسئي آبري، ۱ ـ ۱)

(۲۸۰)

اولاڪَنِ اَچي، مَعذُورِ تي مارو ڪيو،
مَتان، وَرَا! وسارِئين، مَنجهان ڪُرَ ڪَچي!
لاهي لاڳاپا لَنگهہِ تون، سيڻَنِ ڏانهن، سَچي!
مَنجهان راهَ رَچي، ٽِيندينءَ لَعَلَ لَطِيفُ چئي.

(سسئي آبري، ابيات متفرقه ـ ۱۰)

(۱۸۱)

اولا ڪٽي اُوءِ، پَڳَہَ چوڙي پَنڌِ ٿيا،
آيَل! سامُوندين جي، آهي اَڙانگي جُوءِ،
ڪَڏهن ڏِسيندِيس رُوءِ، وري هِنِ آکينِ سين؟

(سامونڊي، ۲ ـ ۷)

(۲۸۲)

اَول اَللہ عَلِيمُ، اعليٰ، عالَمَ جو ڌڻِي؛
قادِرُ پنهنجي قُدرتَ سين، قائم آهِ قَدِيمُ،
والِي، واحِدُ، وَحدَہٗ، رازقُ، رَبُّ رَحِيمُ،
سو ساراهہ سچو ڌڻي، چَئي حَمدُ حَڪِيمُ،
ڪري پاڻ ڪَرِيمُ، جوڙُون جوڙ جهان جي.

(ڪلياڻ، ۱ ـ ۱)

(۲۸۳)

اولاٽيانِ اَرٽَ، ڪيڏانهن ڪَتَڻَ واريُون؟
پِهِيُون مَٽي پَٽَ، لِڙجَنِ لاڪيڙن جُون.

(ڪاپائتي، ۱ ـ ۲۵)

(۲۸۴)

اُونچو اُتاهون گهِٽو، جِتَّہَ ڪي جَبَلُ،
مَرَڻُ! مُون سين هَلُ، تہ پُنِيءَ تو پَنڌُ ڪَرِيان.

(معذوري، ۴ ـ ۹)

(۲۸۵)

اونداهيءَ اَڌَ رات ۾، پرينءَ پَسايو پاڻُ،
چَنڊُ ڪَتِيُنِ ساڻُ، پيهي ويو پَڙلاءَ ۾.

(ڪنيات، ۱ ـ ۲۰)

(۲۸۶)

اُونهي ۾ اوڙاهُ جو، هَنجُ تَتَهين هوءِ،
اِيُ ڪانيَرو ڪوءِ، جو چاڇَرِ ۾ چيرُون ڪَري؟

(ڪارايل، ۱ ـ ۵)

(۲۸۷)

اُونهي ۾ اوهِري، جِڏهن جي ويا،
سانداري سَمُونڊ جي، نِهوڙي نِيا!
وِڃي تِتِ پِيا، جِتِ نِهايَتَ ناهِ ڪا.

(سامونڊي، ۱ ـ ۱۱)

(۲۸۸)

اُونهي ۾ اوهِري، جِڏهن ويا جي،
موتِي ماڳَ نہ آئِيا، ماءِ! سامُونڊِي سي،
ڪارو تِنيَنَ کي، جيڪُسِ وَہُ وِري ويو!

(سامونڊي، ۱ ـ ۱۲)

(۲۸۹)

اُونهي ۾ اوهَري، کَهي ڪَچي ساڻُ،
سُپَڪَ جو، سَيَّدُ چَئي، پُڇي نہ پَرياڻُ،
عشقَ واريُون، عَبدُاللّطِيفُ چَئي، سَڌَ نہ ڪَنَنِ سَاڻُ
جِنين پاسي پاڻُ، سي اَوتَڙَ اُڪَتيُون.

(سهڻي، ۸ ـ ۸)

(۲۹۰)

اُهريا جِئائِين، ڍُڪَنِ تن تڙاڻِيين!
سامُونڊِينِ، سائين! واءُ سَڻائو وارِئين!

(سامونڊي، ا ـ ۱۵)

(۲۹۱)

اَهڙيُون اوريان ڇَڏي، ويا لاهُوتي لَڪَ،
پايو پٽِين وينيُون، ڪاڪَ ڏجاڻيُون ڪَڪَ،
پيئي اِيَ پَرَڪَ: تہ سوڍِيُون سِجهائي ويا.

(مومل راڻو، ۳ ـ ۱۴)

(۲۹۲)

اَهُکِي راهَ اللہ جي، اَهُکِي، اَهُکِيءَ پَتِ،
هُوءِ جي ڏِيهائِي ڏِيہَ جا. تن پڻ مُوڙهي مَتِ،
آڃاڙانِ اُبَتِ، کَهڙِج گهاٽِي نِينهَن سين.

(سريراڳ، ٦ ـ ۹)

(۲۹۳)

آهِم اُني مِينهَنڙيِ، سَمُنَّ، سَرَتِيُنِ ساڻ،
کَنهن پَرِ لاهِيان ڪاڻ، وَجي وِيڙِيچَن سين!

(مارئي، ٦ ـ ۲۱)

(۲۹۴)

آهِئين هُت اُمانَ، بَڌُ تُرهو تارِ جو،
لَهريُون، لَڙَ، لَطِيفُ چئي: جَهليا جُنگَ جُوانَ،
اُونهي تَڙِ آگَهَتِيا، آڏي پائي آنَ،
جي پِيا مُنهن مَهراڻَ، تن باندِيُن بِيٺُ نہ اُجهي.

(سهڻي، ۸ ـ ۵)

(۲۹۵)

آهي آرَ آڪِينِ ۾، ناکُئا! ڪَج نگاهَ،
وڏا بِيڙا بوڙِيا، سائِرَ ڏيئي ساهَ،
مُلاحظو، مَلاحَ! ڪَج کو اِنهيءَ ڪُنَ جو.

(سريراڳ، ۵ ـ ۵)

(۲۹٦)

آهي گَهڻو اَگَهِن جو، تَرسُ طَبِيبَنِ،
ڪيو وَسُ ويجِنِ، تان ڪِريءَ ريَ ڪِينَ ٿِئي.

(يمن ڪلياڻ، ۲ ـ ۴)

(۲۹۷)

آءُ اُڏامِي، ڪانگڙا! پارانيان پچارِ،
ويهي هِتِ وِصالَ جو، تان ڪو تُرِ تَنوارِ،
جي ڏِسَنَّ ۾ ڏيسارِ، سي اُڏامِي آڻِ پِرِين.

(پورب، ا ـ ۳)

(۲۹۸)

آءُ اُڏامِي، هَنجَڙا! سَرَ ۾ سارِينَئِي،
مَتان مارِينَئِي، پاڙهيري پَهُ ڪَري.

(ڪارايل، ا ـ ۱۷)

(۲۹۹)

آءُ اوراهُون، سُپرِين! پَري وَجُ م پِيَ!
موٺُ، مَرندِيَسِ ڇِپَرِين، تُون جِيارو جِيَ،
هوتَ! مَ ڇَڏِج هِيَ، پُنهون! پيادي پَندَّ ۾.

(سسئي آبري، ۱۰ ـ ۳)

(۳۰۰)

آءُ اوراهُون، سُپِرِين! ڏُکِيءَ ڏاگَهہ مَ ڏيج،
پيهي گَهرِ پُڇِيج، تہ هوتَ! هَلاڪَتَ نہ ٿِئي.

(سسئي آبري، ۱۰ ـ ۵)

(۳۰۱)

آءُ اوراهُون، سُپرِين! ڏُکِيءَ ڏيج مَ ڏاگَهہ،
وَتِ ڇَڏِي مُون واگَهہ، آري وئين عِشق جو.

(سسئي آبري، ۱۰ ـ ۴)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۳۰۲)

آءُ اوراهُون سُپرِين! وَجُ مَ آگاهُون،
ٿَکي کَٽي ٿَرَن ۾، پاڪاريو پانهُون،
دَردَ جُون دانهُون، مُون مارِينديُون، موٽُ تُون.

(سسئي آبري، ١٠ ـ ١)

(۳۰۳)

آءُ اوراهُون، سُپرِين! وَجُ مَ پيءَ! پَري،
مُون ڏِٺي، مُون وِسهو، ورچي تان نہ وَري،
ڏاران مُنهَن مَري، ڏُکيءَ جي ڏيکارِئين!

(سسئي آبري، ١٠ ـ ٢)

(۳۰۴)

آءُ، راڻا راحَتَ! ڏاجَ ڏَرتِيءَ جا ڏَٽي!
سڪَنِ تِيُون سُهاڳَڻِيُون، سودِا! تُنهنجي سَٽَ،
مُون تان لاهِ مَ هَٿَ، ڪامِلَ ڏَٽي ڪاڪِ جا!

(مومل راڻو، ۴ ـ ١٢)

(۳۰۵)

آءُ ڪانگا! وَڻُ ويہُ، سُڏِيُون ڏي ساڻيہَ جُون،
چڱا پَلا سُپرِين، ڪِ سُکَ وَسي ساڻيہُ،
پِرِيَنِ لَءِ پَرَڏيہُ، مُون تان گهٽو نِهاريو.

(پورب، ١ ـ ٩)

(۳۰۶)

”آءُ مَٺاهُون مَڱَڻا! چَڙهي ۾ چَوڏولَ،
توکي گهوٽَ گُهرائيو، راڄا مَنجهہ رَتولَ،
بيجل توسين بولَ، وِهاڻيءَ وَڏَڻَ جي“.

(سورٺ، ٣ ـ ٢)

(۳۰۷)

آءُ، لانگوٽيا لالَ! ڪَنهن پَر ڏِٺيءِ گُجَرِيون؟
آبُ اَرتو اڪِيين، لُڙڪَ وَهائين لالَ،
ڏِٺَءِ جي جَمالَ، سامِي! ڪُهُ نہ سَلائيين؟

(مومل راڻو، ٢ ـ ١)

(۳۰۸)

آئُون اُڪنڊِيائي مران! پرين پلا، پَرَ ڏُور،
پاپَلَ ڏئي نہ پُور، پنڌ نہ جوڳي پيڙي.

(ڪنيات، ٢ ـ ٨)

(۳۰۹)

’آئُون‘ اوراهين جهل تون، ڇڏيمِ پاڻَ پچارَ،
شِرڪَ ساڻُ سَتّارَ! گهڻا گهارِيمِ ڏينهَڙا.

(آسا، ١ ـ ٥)

(۳۱۰)

آئُون بَندياڻي بَندَ ۾، ڪِ ڪي پيَس بَند؟
مُنهين لَڳو مهٽو، ڪِ مُنهين ڪَڙو ڪَنڌَ؟
مَرَان جي هِنَ هَنڌِ، تہ نِجاڻءِ مَيَٽُ مَلِيرَ ڏي.

(مارئي، ٦ ـ ١١)

(۳۱۱)

آئُون تان اَهڙياءِ، جا پانهيءَ ڪي پائي چوان،
مُون ڪَميڻِيءَ لاءِ، پُنهون ٿي پرٽَ ٿيو.

(ديسي، ۴ ـ ١٦)

(۳۱۲)

آئُون جن آساري، مَٿي تَڙَ گُذارِيان،
مونکي وِساري، شال مَ وجن اوهري!

(سامونڊي، ١ ـ ٣٥)

(۳۱۳)

آئُون جي ڏينءِ سَنيها، سي تون چندا! پليءِ پنڌُ،
چئج حالُ حبيبَ کي، نيئي نوڙائي ڪَنڌُ،
تو تيڏانهين پنڌُ، جيڏانهن عالَمِ آسرو.

(ڪنيات، ٢ ـ ٦)

(۳۱۴)

آئون جي هُيَسِ هَڏُ، اَديُون! آريچَن جو،
ساٿَ لَڏيندي سَڏُ، هُونَدَ ڪوهيارا ڪَرِين مُون.

(حسيني، ۴ ـ ٣)

(۳۱۵)

آئُون ڏورِيَنءِ، شالَ مَ لَهنءِ! تَنَ مَ مِلين تُون!
لنءِ لنءِ مَنجهان مُون، لوچَ تنهنجي نہ لَهي!
(حسيني، ۷ ـ ۲)

(۳۱۶)

آئون ڏورِيَنءِ، شالَ مَ لَهنءِ! پرين! هُئين پَري!
هَڏِ نہ ساهَ سَري، تَنَ تَسَلِّي نہ ٿِئي.
(حسيني، ۷ ـ ۵)

(۳۱۷)

آئُون ڏورِيَنءِ، شال مَ لَهنءِ! ساجَنَ! مَجُ سُوالُ،
سِڪَ تنهنجيءَ، سُپرين! ٿِئي جانِ زَوالُ،
وِهاٽيءَ وِصالُ، اُتيا، آرامي ڪَري.
(حسيني، ۷ ـ ۷)

(۳۱۸)

’آئُون‘ سين اُنَ پارِ، ڪَڏهِن تان ڪونَ پيو،
’اِنَّ اَللهَ وِتــرٌ يِحُبُ اَلوِتـرَ‘، نيئِي پيائي پارِ،
هيڪِڙائِيءَ وَٽِ هارِ، هَنجُون جي هُنُنَ جُون.
(آسا، ۱ ـ ۲)

(۳۱۹)

آئُون طَعني سُوڌي تُنهجي، تُون طَعنوئي مُون،
سو ڪِي سَريوسُون، جو سَرَتِيُون! ڪَنهن نہ سَريو.
(مومل راڻو، ۳ ـ ۲۰)

(۳۲۰)

آئُون ڪـ نہ چاٽان اِيئَن؟ تہ جَرَ گهڙي جو ڪو ٿئي،
قَضا جا ڪَرِيمَ جي، تنهن ڪان ڪَنڌُ ڪيڏيو ڪيئَن؟
هِڪُ لِکِئي، ٻِئي نيهَن، آٽي اولِيَسِ اول ۾.
(سهڻي، ۹ ـ ۸)

(۳۲۱)

آئُون ڪِئَن ڇَڏِيان، سومِرا! تِـنِ پَنوهارَنِ پَچارَ؟
جَـڙَ جنين جي جانِ ۾، لَڳِي رِءَ لُهارَ،
ميخُون مُحَبَّتَ سَندِيُون، هِنئَڙي مَنجهہ هَزارَ،
پَکا ۽ پَنوهارَ، ڏِني مُون ڏِينهَن ٿِيا!
(مارئي، ۴ ـ ۱۸)

(۳۲۲)

آئُون ڪِئَن سَوَڙِيين سُمهان؟ مُون وَرُ گهاري سُڄَّ!
وَرُ اَباڻَنِ سين اُڄَّ، ڪوءِ شَرِبَتُ تُنهجو، سُومِرا!
(مارئي، ۳ ـ ۱۴)

(۳۲۳)

آئُون ڪِئَن سَوَڙِيين سُمهان؟ مُون وَرُ گهاري وِلَّ!
ڪَـتِيريءَ تان ڪِلَّ، عُمَرَا! ڪَـج مَ اَهڙِي!
(مارئي، ۳ ـ ۱۳)

(۳۲۴)

آئُون نہ گَڏِي پريـنءَ ڪِي، آيو عِزرائيلُ،
جوراڻي سين، جيڏِيُون! نَـڪـو قالُ نہ قيلُ،
آيو مَوت دَلِيلُ، مارِيندو مُرادَ ڪان!
(معذوري، ۷ ـ ۸)

(۳۲۵)

آئُون نہ گَڏِي پرينءَ ڪِي، تون تـو لَهين سِجَ!
آئُون جي ڏِيئِين سَنِها، نيئي پِريان کي ڏِج،
وِجي ڪـيچ چَئِج، تہ ”وِيچاري واٽَ مُئِي!“
(معذوري، ۷ ـ ۳)

(۳۲۶)

آئُون نہ گَڏِي پريـنءَ ڪِي، تورا ڏِينهَن ٿِيا،
راتين روزَ وِيا، عَبَـٿُ آريءَ جامَ ري!
(معذوري، ۷ ـ ۱)

(۳۲۷)

آئُون نہ گڏي پرينءَ کي، پويون ٽيو پساهُ،
سڪان ٽي سَڪرات ۾، رويو پڇان راهُ،
شالَ مَ وَڃيم ساهُ، ڏاران پسڻ پرينءَ جي.

*(معذوري، ۷ ـ ۴)*

(۳۲۸)

آئُون نہ گڏي پرينءَ کي، جوڀَنُ ويو جاڙ،
آڏا آريچن ڪي، چاڙهيڪا ۽ چاڙ،
مون مُنيءَ ڪان نہ ٿيي، وَڏِپڻ مَنجهہ ولاڙ،
عُمرِ سڀِ اَوازَ، وِييمَ! تي واڪا ڪريان!

*(معذوري، ۷ ـ ٦)*

(۳۲۹)

آئُون نہ گڏي پرينءَ کي، سَهسين سِجَ ويا،
هَلَڻَ وير هئانَ، ديکي شالَ دمَ ڏيان!

*(معذوري، ۷ ـ ۲)*

(۳۳۰)

آئُون نہ گڏي پرينءَ کي، عُمرِ تان ويئي،
وِلهيءَ ڏينهن وِڃائيا، سَرتيُون! سڀيئي،
پيريءَ ۾ پيئي، اَکيُون آريءَ ڏي ڪَٽي!

*(معذوري، ۷ ـ ۵)*

(۳۳۱)

آئُون نہ گڏي پرينءَ کي، ڪاري ٽي قيامَ،
هَٿن هاجَ قِتي ڪئي، نيٺن نند حَرامَ،
ڪُنيس تنهن ڪِمامَ، هوتَ هَلندي جو ڪيو.

*(معذوري، ۷ ـ ۱۰)*

(۳۳۲)

آئُون نہ گڏي پرينءَ کي، مَٿان آيو موتُ،
واجهائيندي وَرهَ ٿيا، هَڏ نہ گڏيم هوتُ،
جيڪُس ٽيندِيَس فوتُ، فَنا هِن فِراقَ ۾!

*(معذوري، ۷ ـ ۹)*

(۳۳۳)

آئُون نہ گڏي پرينءَ کي، هِيُ پڻ ڏينهن ويو،
نِهوڙي ناپُن سين، مُون کي نينهن نِيو،
مُنيءَ موتُ ٿيو، "پِيُ، پِيُ" ڪندي پنڌ ۾!

*(معذوري، ۷ ـ ۷)*

(۳۳۴)

آئي اُتَر مُندَ، هنئين اُڪو نہ لهي،
وَٽين لاڄُو بندَ، پيهر مَکين پيڙيُون.

*(سامونڊي، ۲ ـ ۱۱)*

(۳۳۵)

اَئين جا لُڏو لوڏ، اِيَ پرِ گهاتوئڙن جي،
ڪُنَ ڪلاچيءَ ڪوڏ، سُکِ نہ سُتا ڪَڏهين.

*(گهاتو، ۱ ـ ۱۴)*

(۳۳۶)

اِئين رَهيَس راهَ ۾، اُهينئين هَٿَ هَٽي،
وِيا خيالَ ڪَٽي، ماءِ! مُنهنجو چِندُڙو.

*(ڪوهياري، ۲ ـ ۲۰)*

(۳۳۷)

آئيُون اَڳينءَ هيرَ: اَصُلَ سَندي آسري،
پڙ ۾ پَسان نہ پيرَ، سيٽن ساجهُرُ لَڏيو.

*(ڏهر، ۴ ـ ۱۴)*

(۳۳۸)

آيا، اُجارين: تنڪ، تراريُون تڙا،
سانگيُون سائُن هَٿ ۾، ڪُلهَنئُون نہ لاهين،
اُيائي آهين، مُهائي مَرڻَ تي.

*(ڪيڏارو، ۳ ـ ۳)*

(۳۳۹)

آيا، آسَ ٿيامِ، ٻاروچا ڀَنڀورَ ۾،
ڀَسِي ڀَھَرَ ڀُنھونءَ جِي، نَنھَن سِيئَن نِينَ نَرِيامِ،
گُونڌَرَ وِسرِيامِ، سُکَنِ شاخُون مُکِيُون.

(حسيني، ٦ ـ ١)

(۳۴۰)

آيا اُلُوھِيَتَ ۾، لاھُوتَ لَنگھِيو جِنِ،
مَنجھان تَنِ جُسَنِ، حَرَفُ نہ سُڄي ھيڪِڙو.

(راملڪي، ۵ ـ ۷)

(۳۴۱)

ايڪ پيالو! ٻہ ڄڻا! عشق نہ ايئَن ڪري!
آتي سي ايڪ ٿيا، جي گَتا نينھن ڳري،
دوئي ڏار ڌري، ڄُر خُلَّت خنجر آئيو.

(يمن ڪلياڻ، ۴ ـ ۲)

(۳۴۲)

ايڪ پيالو! ٻہ ڄڻا! عشق نہ ڪري آڏَ!
اِيَ تان، ساعرا! سَڏَ، ڪَيَءِ جا قَوال سين.

(يمن ڪلياڻ، ۴ ـ ۳)

(۳۴۳)

ايڪ پيالو! ٻہ ڄڻا! عشق نہ ڪري اِيئَن!
ليکيا جي لکَڻَ ۾، سي قرب رسندا ڪِيئَن؟
ھُئَنَ ڪيا ھِيئَن، وانجيا، پَسُ! وِصال ڪان.

(يمن ڪلياڻ، ۴ ـ ۱)

(۳۴۴)

ايڪ قَصَرُ، دَرَ لَکَ، ڪوڙين ڪَنِّس ڳُڙکيون،
جيڏانھن ڪريان پَرَکَ، تيڏانھن صاحبُ سامُھون.

(ڪلياڻ، ١ ـ ٢٠)

(۳۴۵)

اِيُ ڪَرُ ڪَمِيٽِيُن، جِئَن سُمَھَن پيرَ ڊِگھا ڪَري،
لوچِين چو نہ، لَطِيفُ چئي، ھارِي! لَءِ ھو تَنِ؟
نَنڊان نِياڳِين ڪِي، اوِيالا اَڇَنِ،
سي ڀُنھون ڪوہُ ڀُڄَنِ؟ جي سَنجھي رَھَنِ سُمھي.

(ڪوھياري، ١ ـ ١٠)

(۳۴٦)

اِيَ گَتِ غوّاصَنِ، جِئَن سَمنڊُ سوجھيائُون،
پِيھي منجھ پاتارَ جي، ماڻِڪ ميڙِيائُون،
آتي ڏنائُون، ھيرو لال ھَٿَن سين.

(سريراڳ، ٢ ـ ٩)

(۳۴۷)

آيَل! اُن نہ وَسَھان، ھَنجُون جي ھارينِ،
آٽيو آبُ اَکِيَنِ ۾، ڏيہ ڪي ڏيکارِينِ،
سَڄَڻُ جي سارِينِ، سي نَڪِي رُوئَن نہ چون ڪِي.

(يمن ڪلياڻ، ١ ـ ٢٠)

(۳۴۸)

آيَل! اوطاقُون، ڪَري ڪيچي ھَلِيا،
سُکِيُون نہ سيڻَن جي، ماڳَنِ تان ماڪُون،
نِسورِيُون ناڪُون، سَڄي ھَلِيا سُورَ جُون.

(ديسي، ٧ ـ ١١)

(۳۴۹)

آيَل! ڍولئي سانُ، آڇي تہ جھيڙِيان،
لايَءِ ڏِينھن گھڻا، مون سين ڪَيَءِ ٿوڙڙا.

(سامونڊي، ١ ـ ٣٠)

(۳۵۰)

اِيُ نہ ياڻَن پيرُ، جِئَن ڪينَرُ ڪيرِيءَ ٿَنگِيو،
سُونھاري صُبُوحَ سين، وِجھي ويٺين وِيرُ،
توکي چَوندو ڪيرُ، ڪِيرَتَ ڏاران مَگَٽو؟

(پرڀاتي، ١ ـ ١)

(۳۵۱)

ايندي لَتِي اُڃَ، پيرَ پَريندي ثُريا،
مَنجهہِ ويئَريءَ سُڃَ، کَرَ لَڌي رڻُ اُڪارِيين.
(بلاول، ۳ ـ ۱۲)

(۳۵۲)

ايَ نہ مارُن ريتِ، جئَن سيڻَ مَتائِن سونَ تي،
اَچي اَمَرَ ڪوٽَ ۾، ڪَنديَس ڪانَ ڪُريتِ،
پَکَنِ جي پِريتِ، مارُيءَ سين نہ مَٽيان.
(مارئي، ۳ ـ ۱۱)

(۳۵۳)

آيو ڪير ڏيهان، جنهن ڪَرَ پڇان خَبرون؟
وِڃُون اِنَ وَٽان، راتِ مارُوءَ تي وُٺيُون.
(مارئي، ۱۰ ـ ۳)

(۳۵۴)

آيُون ڍورَ ڍِري، اَصُلَ سَندي آسري،
ڪَنيِرَ پوُنءِ ڪَري، پاٽا پيرَ ڏُکويا پَکَٽين.
(ڏهر، ۴ ـ ۱۳)

## وائي - ۱

آتَڻَ ۾ ويهي، سَڀِ دُعا ڪَريجاهُ، جيڏيُون!
ڪانهي بَسِ بَهيرَ ۾، هَلُ چَلُ پَٺِيَ پيئي،
راهَ مسافِرُ سَپُڪو، ڪون ڏِنو سُون هِتِ ڏيهي،
سارِيندا صَلوٰاتَ ڪي، مَنجهہ قَبَرَ سَڀِ پيهي،
ڪوتائُو ڪَرِيمَ جو، ڳالهہ پُڇَندُمِ ڪيهي؟
نَوازيندو نُورَ سين، ناقِصَ کي اُتِ نيئي،
اَللهُ هيڪُ، مُحَمَّدُ برحَقُ، شالَ چوان مان حَرفَ اِهيئي.
(سسئي آبري، ابيات متفرقہ ـ وائي ۷)

## وائي - ۲

اَڄُ ميرَ مومِنَن جا، مَدِينو ڇَڏي هَليا،
مَدِينو ڇَڏي هَليا، سي مَدِينئُون لَڏي هَليا،
هَيءِ! هَيءِ! مَدِينو ڇَڏي هَليا!
سِڄُ، چَنڊُ، مُصطَفيٰ ڏي، يڪدل ڳَڏي هَليا!
هَيءِ! هَيءِ! اَنڌارُ ٿِيو، اُنِ ري: تارا لَڏي هَليا!
(ڪيڏارو، ۱ ـ وائي)

## وائي - ۳

اَڄُ نہ آيو اِمامُ، واويلا! مومِنا! ماتامُ! واويلا!
اَنَ نہ پاتي اُن کي، نَڪو وُٺَڙُن مينهُن،
هُئا سَتائيءَ جَنگ ۾، نَو راتيُون ڏهَ ڏينهَن،
دُلدُل گهوڙو شاهَہ جو، مَٿِس لالَ پَلاڻي،
شيرَ شهزادي لَڏِيو، سَيّدِ سيجَ نہ ماڻي.
(ڪيڏارو، ۵ ـ وائي)

## وائي - ۴

اَچي سارَ لَهيج، ساڄَنَ سُورَ تُماري آئُون ماري!
سُورَ تُماري جي مَران، تان مُون ڏوهُ مَ ڏيج،
دِبَن پَري هَٽَڙا، دارُون، دوست! ڪَريج.
(يمن ڪلياڻ، ۲ ـ وائي)

## وائي- ۵

اَچي لالَنَ! لَٿ ميان! مُئيءَ جو لوڙهُ لَکَن ۾.
هو ڪانُ ڪَٿُوريءَ هيرَئُون، مون ۾ صابُڻَ ڇَٽ،
آرِياڻي! اَچي ڪَري، ڪا گهڙي مون وَٽ جَٽ،
ڪَٿُوري ڪَشبُوءِ سين، هارِيائُون هَٽَ هَٽَ،
دَردُ مُنهنجي دل جو، تون، ڪامِلَ! اَچي ڪَٽ،
اَديُون! عَبدُالَّطِيفُ چَئي، سِرَ تائين آهي سَٽ.
*(معذوري، ٦ — وائي)*

## وائي- ٦

اَدا! ڙي! ڏوٿي! آئُون پُڇان تو تي:
ڪيچ رَسنديِس ڪَئَن؟ ڏَس مون ڏي.
نہ سَمي، نہ سُومري؛ نہ آئُون جَت، اوٺي؛
آئُون اُنين مان آهيان، جي ٻانِهَنَ پَڙهن پوٿي،
پَرتِ ٿِينديِس، پرين پُڇنديِس، پَچاڙِينديِس پوتي،
سَنجهي وِئَڙو سُپرين، ساڄَنُ پُڇان سوٿي،
ساجُهر ساٿَ پَلاڻيو، تو پَلاڻيو پوءِ تي،
هَتان تي هوتُ ويو، جَتُ پُڇين جو تي،
هَلِڄ هوتَ پُنهونءَ ڏي، مَنجهان نينهَن نِڪو تي،
آتَڻُ وِجهي آڳِ ۾، مَنجهان جوئِن جوءِ تي،
سَنجهي ساٿَ سَڏاريو، پُنهون پُڇان پوءِ تي،
رويو رُئان رُڃَن ۾، هَيءِ! آئُون هِتِ ڪہ تي؟
*(سسئي آبري، ابيات متفرقہ — وائي ۴)*

## وائي- ۷

آسرو آهي، موتي ايندا، مون نہ ڇڏيندا، پاڻُ پَسَندا.
ايندا اَديسي وَري، ڏونهيُون ڏکائي،
پَٿر وارَ پَرَ لَءِ، ويهُ تون وِڇائي،
ڏُکَ لاهيندا ڏيلَ جا، ڳُجهو ڳالهائي،
مون کي نيندا پاڻَ سين، هي سَڱَ ساڳاهي،
اَديُون! عَبدُاللّطيفُ چَئي، اُو اَهڙو ئي آهي.
*(رامڪلي، ۳ — وائي ۲)*

## وائي- ۸

آسرو آهي، مون کي هوتَ حَبيبَ جو.
جان جان اوڏا ڪَرَها، پَهُچان تان ڪاهي،
موٽُ، مُنهنجا سُپرين! واڳُون وَرائي،
شَفاعَتَ جا شَفِيعَ جي، تَنهن ۾ ڦيرُ هَڏهِين ناهي،
ميرُ مُحَمَّدُ ڪارَڻي، آڙِيا ڇُٽائي،
اهي ڪَمَ ڪَرِيمَ جا، جِئَن لَنگها لَنگهائي،
لُطفَ ساڻُ، لَطِيفُ چَئي، مُوڙها مِلائي.
*(بلاول، ۲ — وائي)*

## وائي- ۹

اي مِيان سَڄَڻَ! ڪِئَن رَهندا نيڻَ مُنهنجا؟
تو ري تو ري.
جن جو آڌارُ تُون، آئُون تِيَس لائِقُ پُون،
ڪِئَن رَهندا تو ري.
جِيائين اُلهي اُپِري، توٽي تِهان ئي پَري،
توءِ وِجهي تِنِ ڏي، اَڪِڙيُون پيرَ ڪَري.
*(آسا، ۲ — وائي ۲)*

## وائي- ۱۰

اَکيُون پيرَ ڪَري، وِڃجي، ووا! وِڃجي.
سُپيريان جي ڳالهڙي، ڪنهن سان ڪِينَ ڪَجي،
لِڪائَي لوڪَ کان، ڳُجهڙي ڳُوڻِ نِجي،
مُحَبَّتيءَ ميهارَ جو، سُورُ نہ ڪنهن سَلجي.
*(سهڻي، ۵ — وائي)*

## وائي- ۱۱

اَکيُون ميگهہ مَلارَ، صُورَتَ تُنهنجي سَڀُ جَڳُ موهيو،
سَجدو فيلَ فِي الحالَ ڪيو، پَسي مُطلَبَ نُورُ نِرازُ،
جاپَڻَ وَقت جامَ جي، ڪَريا ڪوٺَ ڪُفّارَ،
آڳي سَڀِ اَيَنِ جو، توکي ڪارِيو سيرَ سَتّارَ،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وَلَسَوْفَ يُعْطِيْكَ رَبُّكَ فَتَرضيٰ'، توسين قادِرَ ڪيا قرار،
قادُر پاڻَ قَسَمَ ڪيا، خاڪِ قَدَمَن جا ڪلتار،
اُڪنڊيا جي اَپَرَ ڪي، سي سَرَها ٿيا سنگهارَ،
موڪَلَ ٿي مينهَن ڪي، دوسَ هَتان دِلدارَ،
آهِن ڪَرَ مَ ڪَرِيمَ جا، اَحمَدَ ساڻ اَپارَ.
(سارنگ، ۳ ــ وائي)

## وائي- ۱۲

اَڱڻ آيام پيهي، يا اَلا! مون سارينديِ سُپرين،
مُشڪ عطر مون پرين، سِڪيس چِمُر سيپيئي،
تَنُ جنين جو طالبُو، روحَ تنين سي ريهي،
ساجَنَ سندي سونهن جي، آئُون ڳالهه ڪريان ڪيهي،
ٿيو لطفُ، لطيف چئي، دوسُ آيو دَرِ پيهي.
(ڪنيات، ۱ ــ وائي ۲)

## وائي- ۱۳

اَللهَ سائِين! سائِين! پُنّان پرينَتُّون مَ پانهين،
مُون تان آسرو آهي اوڏانهين.
جِتي ديرو دوستَ جو، سا ڪِئَن جُوءِ اَڳاهِين؟
پَنِيئُون پِري آئِيُون، آيَل! مُون اُتانهين،
قَلَمُ جن جي هَٿَ ۾، سي سيڻَ سَپاجها سائِين،
بَنديءَ جي بابَ ۾، شالَ مَ لِکَن لائِين.
(آسا، ۳ ــ وائي ۳)

## وائي- ۱۴

اَلوِداعُ، ووا! اَلوِداعُ، جاني ڪَيوءِ جُدا،
هَيءِ! هَيءِ! سورَٿ تي ساري.
هَڻُ تُون تَندُ طَرِيقَ جي، ووا! واجَٽَ سَڀِ واري،
سورَٿ سَرتيُن وچَ ۾، ووا! اُپِي اوساري،
”ڏيندوسانءِ“، ڏِياچِ چئي: ”هِيُ سِرُ سينگاري“،
هِيُ جو آيو مَگَٽو، سو مَتارا ماري،
دوسَ دوسَتَان دُورِ ڪَيو، تو ڏِيا ڏيکاري،
ڪَنڌُ مُنهنجو ڪاٽِيو، نِينهَن سَندي نَعري.
(سورٺ، ۴ ــ وائي)

## وائي- ۱۵

اَهُڪِيءَ آڳَهُ آهي، ووا!
مون ڪي تان نہ ڇڏيندو تِکَ ۾.
پُڇِي پوءِ پيَن ڪي، لَڪَن ۾ لَڏَ لاهي،
آري اُڳهاڙَنِ ڪي، پُنهون چامُر پَراهي.
(سسئي آبري، ۵ ــ وائي)

## وائي- ۱۶

آهِيان جن سَندي، ڙِي! آڙي! مِيان!
مُون ڪي تان سي نہ ڇڏِيندا هوتا.
ڀهائيندِيَس پُنهونءَ ڪي، آئُون ڳچيءَ پائي ڳندي،
ويني آهيان واٽَ تي، آهِيان آسَرَ وَندي،
پرينءَ پُڄاڻا هِتِهين، آئُون رَتي تان نہ رَهَندي،
ڪَرَمَ ساڻُ ڪَرِيمَ جي، آئُون پرينءَ مِلندي.
(ڪوهياري، ۲ ــ وائي)

## وائي- ۱۷

آهِينم ڳالهڙِيُون، ماءِ! مرادُون پرينءَ سين.
جي مون پيِيُون پرينءَ ري، ڪوءِ! سي راتَڙِيُون،
جي مون اوريُون پرينءَ سين، وَرُسي راتَڙِيُون،
پَسَڻَ ڪارڻ پرينءَ جي، پاتيم جهاتَڙِيُون،
آڏيءَ، عبدُاللطَيفُ چئي، ڪُهَن ڪاتَڙِيُون.
(ڪنيات، ۲ ــ وائي ۱)

## وائي- ۱۸

آءِ، پرين! گهرِ پيهي، مِيان چنيسَرَ،
هارُ هَتان مُون ڇڏيو.
پُڇَن ليلا، هُو ڪَنِ حيلا، ڀَهران اَچيو ڀيئي،
دوسُ نياڻُون داسَڙو، ويساهي وَرُ ويهي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اَوَگُڻَ، عَيبَ، مَنائِيُون، ڍولا! ڍَڪ سَيِيئي،
تو دَرِ اَچي، داسَڙا! آرِ ڪَريندِيَس ڪيهي؟
آيَسِ، عَبدُاللّطِيفُ چَئِي، دوسَ! تو دَرِ پيهي.
*(ليلا چنيسر، ۱ ــ وائي)*

## وائي- ۱۹

آءُ، راتا! رَهُ رات، تُنهنجي چانگَلَ ڪي چَندَنُ چارِيان.
راتيان ڏِينهان رُوحَ ۾، تَنَ تُونهين جي تاتِ،
ويني نِتُ نِهارِيان، اَچين جي پِرِياتِ،
مُون ڪي آهي، ميندِرا! وائي تُنهنجي واتِ،
اَدِيُون! عَبدُاللّطِيفُ چَئِي، ڏاتَرُ ڏِيندَمِ ڏاتِ.
*(مومل راڻو، ۸ ــ وائي)*

## وائي- ۲۰

آئُون جهائي ذات، پاڻُ سُجاڻجِ سُپرِين!
اوئِيُون آديسِيُنِ جُون، پَرِيان ساري رات،
جي ٻانهي ڪوٺِين ٻاجهہ سين، تہ ڪَرَ لَڏيَمِ ڏاتِ،
تان ڪي ڏُونگَرَ ڏورِيان، جان نہ وهامي رات،
ڪَنديَسِ عَرضَ اَللّہ کي، وهاڻيءَ پِرِياتِ،
اَدِيُون! عَبدُاللّطِيفُ چَئِي، مُنهنجي مُحِبَنِ سان مِصلاتِ.
*(ڪاهوڙي، ۲ ــ وائي)*

## وائي- ۲۱

لَٿين اَچي پَسو، جيڏيون! هي جو وَهُ منهنجي جِندڙي.
پائي وِيَڙا پيرَ ۾، مَنجهان ڪِرِسَ ڪَسو،
ڏِيئي وِيَڙا ڏاهِ کي، سُورَنِ جو سَرَسو،
آئُون ڏُوريندي اُنِ کي، ڏِيئي تَنَ تَسو،
ساءُ نہ آيان سُورَ جو، هاڻي تِيُون هَسو،
مَتان وِهو، ويسرِيُون! رِڙهو تي رَسو،
مُنڌائتي مِينهَن جِتَن، ويرو تارَ وَسو.
*(سامونڊي، ۳ ــ وائي ۱)*

## وائي- ۲۲

آئِي مُندَ مَلارَ، آئُون کُهنبا ڪَنديَسِ ڪَپڙا،
وَسَنَ جا ويسَ ڪَيا، اَڄُ مُنهنجي يارَ،
لارَ لائيندي وَڃِڙا، پِنڙِسِ پَنِيا وارَ،
پَکي آءُ پِرِين تُون، لَهُ مُنهنجي سَيّدَ سارَ.
*(سارنگ، ۴ ــ وائي)*

## وائي- ۲۳

آئِين مونکي زورِ مَ جهليو، جيڏِيُون!
ووا! آئُون هَلندي هوتَ ڏي،
اُونهي ويڙا اوهري، ترازُون تاري،
مَري رَهنديَس ماڳهين، سامُونڊي ساري،
سُورُ تُنهنجو سُپِرِين، مُون مَعذُورِ کي ماري،
هاڻِ نہ جِيان، جيڏِيُون! آئُون جا ڪُنيسِ ڪوهِياري.
*(سامونڊي، ۲ ــ وائي ۱)*

## وائي- ۲۴

آيل! اَمڙ! تي جِيان، لا! جي سارِينمِ سُپرِين،
ساهَڙَ مَتان صَدقو، ڏهين ڏَمَ ڏِيان،
مَتان ماڻَڪ هيڪڙي، اَمُلَ اَٿَ ڏِيان،
آچين، عَبدُاللّطيفُ چَئِي، تہ جانِبَ! نِتُ جِيان.
*(سهڻي، ۷ ــ وائي)*

## وائي- ۲۵

آيَل! ڪَريان ڪيئَن؟ منهنجو نينهُن اَپَليو نہ رهي،
ويو وَڻجارو اوهري، مونکي چاڙهي چِيئَن،
سامُونڊين جي سَڳَ کي، رُئان راتو ڏِينهن،
اُڏوهيءِ جِئَن ڏُڪَڙا، چَڙهيا چوٽيءَ سِيئَن،
گُوندَرَ مَتان جِندڙي، وَريا وَلِيُن جِيئَن،
مادِرِ! پائي مُنديُون، وِجان هاديءَ سِيئَن.
*(سامونڊي، ۱ ــ وائي ۳)*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ب

(١)

بِاَللهُ آهِيان بَند ۾، ڏُکان ٿي ڏَبَرُ،
وينِّ وراٽي ناهِ ڪا، سُومِرو سَبَرُ،
مِيان! مِهربانُ ڪَرِيين، اِلاهي! عُمَرُ،
ويڙِ پَسان سو وَرُ، جيڏانهن عالَمَ آسرو!

(مارئي، ٦ _ ٩)

(٢)

بابُو بِيڪارِي ٿِيا، اَڄُ نہ آسَڻَ وَٽِ،
خودِي ڪانئِي هَلِيا، پيرُ نہ لائي پَٽِ،
”هَيءِ! هَيءِ!“ جنين هَٽِ، آئُون نہ جِتَندي اُن رِي.

(راملڪي، ١ _ ٢٥)

(٣)

بابُو بِيڪاري ٿِيا، آسَڻَ وَٽِ نہ اَڄُ،
نِسورو ئي نِينهَن جو، سامي ڪَنِ سَهَجُ،
هِنئَڙا! تِنيِن سين هَجُ، آئُون نہ جِتَندي اُنِ ري.

(راملڪي، ١ _ ٢٧)

(٤)

بابُو بِيڪاري ٿِيا، پَچِي چِڏِيائُون پاڻُ،
نِسوروئِي نِينهَن جو، نانگَنِ وَٽِ نِڌاڻُ،
سِرِڪَندُ جِنين ساڻُ، آئُون نہ جِتَندِي اُنِ ري.

(راملڪي، ١ _ ٢٦)

(٥)

بَـرُ مِڙوئِي بُوءِ، چِپَرَ چاتُون مُڪِيُون،
بَہِ بَہِ ٿي پَنِيورَ ۾، هَنڌَ مِڙيئِي هوُءِ،
راٽِيُنِ وَرِي روُءِ، گوُندَرَ لَٿا گولِئين.

(ديسي، ٧ _ ٨)

(٦)

بَـرَ وَٽا، ٿَـرَ وَٽا، وَٽو جيسَرُ ميرَ،
آگَمَ ڪَرِي آئِيون، پائُرِ پَرِي پيرَ،
لاٿائُون، لَطِيفُ چئي، وانڍِيُنِ ويرَ،
سَرَها ڪَيائُون سيرَ، سَرَهيُون سَنگهارِيُون ٿِيُون.

(سارنگ، ١ _ ٢٧)

(٧)

بَرَ وَٽا، ٿَـرَ وَٽا، وَٽِي ڪَڇَ ڪِنارَ،
پوياڙِيءَ پَـٽَنِ تي، ڏِسُ! نايائُون نارَ،
سَباجهي سَتارَ، لاٿا ڏُرَتَ ڏيہَ تان.

(سارنگ، ١ _ ٢٨)

(٨)

بَرَ وَٽا، ٿَـرَ وَٽا، وَٽِيُون تَرايُون،
پِرہَ جو پَـٽَنِ تي، ڪَن ولوڙا وايُون،
مَڪَنَ پَرِينِ هَنڙا، سَنگهارِيُون سايُون،
ساري ڏهَنِ سامُهِيُون، ٻولايُون رانيُون،
بانِهيُون ۽ ٻايُون، پَڪي سُنهَنِ پانهنجي.

(سارنگ، ١ _ ٢٦)

(٩)

بَرُ وَڏو، بارُ گَهٽو، ويجهو نہ وَٽِڪارَ،
ليڙَن جو، لَطِيفُ چئي، ڪَنيو مُنڌَ مَدارُ،
وَٽَندُن تہ وَرِ ڪَندا، ناتَ اَڳِيَنِ جي اِختيارُ،
ڪاڏِيَ ٿِيو ڪوهِيارُ! ڪاڏِيَ ٿي هَـٽڙا ڪَٽي!

(ديسي، ٢ _ ٥)

(١٠)

بُرو هو پَنِيورُ، جو آرِياڻِيءَ اُجارِيو،
لاٿـو سَڀَ لوڪَ تان، هاڙهي ڏَٽِيءَ هورُ،
چورِيُون چُـرَڻُ سِڪيُون، پُنهون ڪَيائُون پورُ،
آيو سو اَتورُ، جنهن ڏُڪِيُون ڏِکَ وهارِيُون.

(حسيني، ٣ _ ١١)

www.sindhsalamat.com　　books.sindhsalamat.com

(١١)

برهَ مَٽايُسِ ٻَرُ، ناتَ سُکي ڪيرَ سَڌُون ڪَري؟
ڳَهَنُو ڏوريائين ڏُکَ سين، ڏيرَن لَءِ ڏُونگرُ،
وَري آيُسِ وَرُ، سَفَرَ مُئيءَ جا ساب پيا.

(ديسي، ٣ ـ ٢٠)

(١٢)

ٻَغَلَ مَنجهه ٻَندُوقَ، ماريءَ ميرا ڪَپڙا،
ماريو ميرَ مَلُوڪَ، لَتاڙيو لَڪ چڙهي.

(ڏهر، ٤ ـ ١٨)

(١٣)

ٻُکَ اُنين جي ٻَکيا، ڏُوڙ اُنين جو ڏوپُ،
ڪَيائُون سوئِي رُوپُ، جِتان لوڪَ لَڄَ ٿئي.

(رامڪلي، ٩ ـ ٣٦)

(١٤)

ٻُکَ وڏائُون ٻُگرِيين، جوڳِي ڪَندا جُڄَ،
طَلَبَ نہ رَکَنِ طَعامَ جي، اوتيو پِيَنِ اُڄَ،
لاهُوتِيُنِ لَطِيفُ چئي، مَنُ ماري ڪَيو مُڄَ،
سامي جهاڳِي سُڄَ، وسَنئُن ڪي ويجها ٿِيا.

(رامڪلي، ٩ ـ ١)

(١٥)

ٻُنُ جنهن جي ذاتَ جو، اُتي آهِ اَللهُ،
تُہ نہ پَچي ماهُ، ڳُنديءَ نِينهُن نہ سَڃجي،

(آسا، ٤ ـ ٣٤)

(١٦)

ٻَندَرِ جان ٻِئِي، تہ سُکاڻِيا! مَ سُمهو،
ڪَپَرَ تو ڪُنَ ڪري، جڻ ماٽي منجهه مهي،
ايڏو سُورُ سَهي، ننڊ نہ ڪجي، ناکُئا!

(سريراڳ، ٣ ـ ٢٠)

(١٧)

ٻَندَرَ ديسان ديسِ، مُلهه نہ ملي وارئين،
فقيرائي ويسِ، اَمُلَ ڏِيَنِ اَتوريا.

(سامونڊي، ٢ ـ ١٦)

(١٨)

ٻَندي ٻِيا قَرارِ، آسين لوچُون لوهَ ۾،
مَٿي ٿَنَ تَرارِ، سَدا سانپيڙَن جي.

(مارئي، ٤ ـ ١٢)

(١٩)

ٻَهادُرَ ڳَڏيا ٻَهادُرين، ڪَڙڪَ ڪَلُولِ ڪَنِ،
وڄهن ڏَڙَ ڏَڙَن تي، هاڪارِينِ، هَٿَنِ،
ڪِرَن، ڪَنڌ نَچَنِ، رِڻُ ڳَجيو، راڙو ٿيو.

(ڪيڏارو، ٣ ـ ٥)

(٢٠)

ٻِيرَ ڪَنيائُون ٻَرَ ۾، ٻِيارِين ٻَهُون،
سِنجَن سانِيڪَنِ تي، وَڏيءَ وِيرَ وَهُون،
پايو جَرُ جَندَن ۾، ڪوڏان ڪَنِ ڪَهُون،
ڏِينهان ڏِينهن نَئُون، مُون ڪي وِرهُ وِيڙيچَنِ جو.

(مارئي، ٨ ـ ٩)

(٢١)

ٻيڪاريءَ ڪي ٻَرَ ۾، ويو ڪَيفُ چڙهي،
ڳالهيُون ڪَندي ڪاڳَ جُون، ڳوڙها پيس ڳَڙي،
ڪاَ جا اَنگُ اَڙي، جِتَن چُٽا ڦَٽَ چِڙي پيا.

(مومل راڻو، ١ ـ ٦)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ب

(١)

باجهاٽو ٻيلي ڏٽي، ٻُجهان ٻاجهه ٿِئي،
سِپَڙَ سا سُئي، جيڪا چارڻ چِتَ ۾.

(پرڀاتي، ١ ـ ١٣)

(٢)

باندو ٻيلي نہ ٿِيو، وَرُو اَڄُ وِيو،
پيٽڙُ پَنڌِ پِيو، سُونهاري سَيَّدَ ڏي.

(بلاول، ٤ ـ ١٣)

(٣)

باروچو ٻيءَ پَتِ، جيڪُسِ ڏٺو جيڏِين،
مُون جِنَ مُوڙهِيَنِ مَتِ، پَسَندي پُنهونءَ کي.

(حسيني، ١٢ ـ ٣)

(٤)

باروچو ٻيءَ رُوءِ، جيڪُسِ ڏٺو جيڏِيين،
سَنجهي ۽ صُبُوحِ، هُوندَ نہ ويَڙُن وِسري.

(حسيني، ١٢ ـ ٤)

(٥)

باروچا ٻيا گهڻا، مُنهنجو اَجهو آرِياڻي،
چُوندي رَکِيُم چِتَ ۾، ساڄَنُ سُڄاڻي،
جا وِندُرِ وِڪاڻي، تَنهنجو موڻ کو مَسَ ٿِئي.

(حسيني، ١٢ ـ ٢٧)

(٦)

باروچا ٻيا گهڻا، مُنهنجو پُنهون سِرُ سَيِنِ،
چانگي تي چڙهي ڪَري، ڪَندو وَرِ ولَهِنِ،
مَٿي مَعذُورِنِ، هوتُ ڏَرِيندو هَٿڙا.

(حسيني، ١٢ ـ ٣٦)

(٧)

باريو اُجهائِينِ، پرين اُجهايو بارِينِ!
مون کي ٿَا مارِينِ، لُڱا لهارن جا.

(يمن ڪلياڻ، ٣ ـ ٢٣)

(٨)

باندِي! جي ٻيلي ٿِئين، تہ حالُ گُرهِيان هِيُ،
سَگهو ساعَتَ نہ جِندُڙو، جَرَ ري مُنهنجو جِيُ،
سانوڻَ سِيارو پائِيان، وَهِ پريان جي وِيُ،
پارِ جِنين جو پِيَّ، وِڃڻ واجبُ تن تي.

(سهڻي، ٣ ـ ١٨)

(٩)

بانهپَ جو ٻيڙين ۾، وَکَرُ وڌائُون،
موتي مَعرفتَ جا، سَچا سودياڻُون،
'اَلتَّائِبُ مِنَ الذَّنبِ'، اِيءَ کَٽَ ڪَٽياڻُون،
اُنين جِيَ آئُون، بَرڪتَ بارُ لنگهيان!

(سريراڳ، ٢ ـ ٧)

(١٠)

بُڊُ نہ ٻِيائي لَهي، 'آئُون' اُتَ نہ آهِ،
ڪُچَڻَ ڪَندي لاهِ، ڪَنُ ٿِيُ، ڪيچِيُن ڪُچيو.

(سسئي آبري، ١١ ـ ٣)

(١١)

بَڏو ڪَنهن بَنڏاڻ، هِنئَڙو هوتاڻيءَ سين،
ڪا جا پِيَسِ ڪاڻِ، نبيريانِس، نہ نبري!

(حسيني، ١٢ ـ ٢٠)

(١٢)

بُڏندي بوڙَن ڪي، ڪي هاتڪَ هَٿَ وِجهَنِ،
پَسو لَڄَ، لَطِيفُ چئي، ڪيڏِي ڪي ڪَڪَنِ،
توٽي ڪَنڌِيءَ ڪَنِ، ناتَ ساٽِنِ وِڃن سِيرَ ۾.

(سهڻي، ٨ ـ ١)

(۱۳)

بَرِيائِي تہ پارِ، ڦُوڪِ تہ لَڳي اَنبرين،
هِتِي جي هُٺَن جوُن، وَٿون سَڀِ وِسارِ،
سَمُوِري سَرِڪارِ، نِيئِي رَڪِج ناهِ ۾.
(سسئي آبري، ۷ ـ ۱۷)

(۱۴)

ٻُري نہ ٻَڪَرَ دانهَن، ٻُوڻَ ٻُٽِڪو نہ سُٽان،
مِيان! ماروئَڙن جا، اُوٺا ڏسان آنهَن،
جِن سانِيڪا سِنجِيا، سي، ڏٽي! ڪَيڙءِ ڪانهَن؟
ڀَڪا ڪَٽي ڀَرانهَن، جيڪُسِ لَڏِيو لوئِڙِيا رِيبين.
(مارئي، ۸ ـ ۱۴)

(۱۵)

ٻَـڙي! تہ ٻيلِي گهَٽا، ساٿِي پُڇِي سُکُ،
رَفاقَتَ رُڃِن ۾، ڏُونگَـرَ ڪاري ڏُکُ،
آرِيءَ جو اَهُکُ، مُون رَهَنُما راهَ ٿِيو.
(ڪوهياري، ۲ ـ ۲۲)

(۱٦)

ٻَگِهن سين ٻانُ هَٽِي، اُڏاٽو آڪاسِ،
جِتي پِرِين سَندياسِ، سو سَرُ مَٽي هَنجَڙو.
(ڪارايل، ۱ ـ ۲)

(۱۷)

ٻَلَرِ لَڳو ٻانُ، پَسو! جوءِ جَرا ٿِئي،
سا مُنڌُ مَري نہ جِئي، پيئِي پَچاڙِي پانُ،
سَسُئِي سُورَنِ سانُ، سَنيوڙِي، سَيَدُ چئي.
(سسئي آبري، ۷ ـ ۱۹)

(۱۸)

ٻَنِ! ٻِيائِي، سُپِرِين! پاٽان مُون کي پَلِ،
’آئُون‘ اوريان جَهلِ، توکي رَسي ’تو‘ ڏٽِي.
(آسا، ۱ ـ ۳)

(۱۹)

ٻوڙِئين، چاڙِهئين، تون ڏٽي! ٻئي جو دعويٰ رَسي نہ دَمُ،
هِنَ منهنجي حالَ جو، ميهَرَ تي مُعلَمُ،
رَکُ ٻيلي جو ٻَـرَمُ، جو اَچِي ٻيو اَجهورَ ۾.
(سهڻي، ۷ ـ ۲)

(۲۰)

ٻولي ٻُجهارَتَ، جوڳِيان سَنديءَ ذاتِ جي،
ڏورَڻُ گهٽو ڏاکَڙو، هَلَڻَ ۾ حَيرَتَ،
عَجَبُ عِبادَتَ، ٻَہُ ٻَـرُوڙَڻُ اُنِ جو.
(رامڪلي، ۹ ـ ۴۷)

(۲۱)

ٻولِيُون ٻيلي جِيُون ڪَري، پاسي ٻَرِ پِيو،
چارَڻُ چاڙهي چؤڏولَ ۾، تِهان پوءِ نِيو،
رُچِي راتِ ڪَيو، سَرفِرازُ، سَيَدُ چَئي.
(پرڀاتي، ۱ ـ ۱۲)

(۲۲)

ٻولِيُون ٻيلي جِيُون ڪَري، پاسي ٻَرِ پِيو،
سُٽائي سُتَنِ کي، وِهاٽيءَ وِيو،
چاٽي ڪِينَ ٻِيو، سُرُ سِکِيوئي هيڪِڙو.
(پرڀاتي، ۱ ـ ۱۱)

(۲۳)

ٻَهَرِ رِلا رِلِيُون، اَندَرِ پَـٽولا،
اِنِ ٻَرِ ڪاپَـڙِي، خدا جا گولا.
(رامڪلي، ۹ ـ ۴۴)

(۲۴)

ٻَئِي وينا رُونِ، ڏُکِي ڏُونگَـرَ پانَ ۾،
ڪنهنکي ڪِينَ چَونِ، مَنجِهنِ جو پِرِيتَٽو.
(ڪوهياري، ۲ ـ ۱۵)

(۲۵)

”پيا دَرَ ڏيئِي پَنَ کي، آيُسِ تُنهنجي دَرِ،
سُونهارا سورَٺِ وَرَا! ڪا مُنهنجِي ڪَرِ،
پَلا! پيري پَرِ، پالهو پانڌُ پينارَ جو.“

*(سورٺ، ۱ ـ ۱۳)*

(۲۶)

پيڙِياتا! پيئِي، تو نہ ڦُنڊَيُون ڳالهڙيون،
سَچِيُون راتِيُون سُمهِين، پَرُ سُڪانَ ڏيئِي،
صُباحَ سِپيئِي، پارِ پُڇندءِ خبرُون.

*(سريراڳ، ۳ ـ ۱۶)*

(۲۷)

پيڙي تنهنجي پاڄهہ، وَڪَرُ تنهن وصالَ جو،
کُوها، اولا، تو ڪيا، سڀ سُونهارا ساڄَ،
اُتِ ڪا مُعلمَنِ حاڄَ، جِتِ پُورِنَ وارو پاڻهين.

*(سريراڳ، ۳ ـ ۶)*

(۲۸)

پيڙي پُراڻِي، وَکَرُ پاءِ مَ وِترو،
تَري ۾ تَنَ پيا، پاسَنِئُون پاٽِي،
هيءَ هَڏِ وهاڻِي، ڪَڙهُہ ڪالهوٽي ڏينهن کي.

*(سريراڳ، ۳ ـ ۷)*

(۲۹)

پيڙِيءَ جي پُٺَنِ، نينهُن نہ ڪجي تن سين،
اُپيُون ڏٺيَ ڏِسَنِ، جُہ سِڙهُہ ڏيئِي سيرَ تيا.

*(ساموندي، ۱ ـ ۲۳)*

(۳۰)

”پيلي پئي پارَ، جان مُون نينَهُن هَٽي نِهاريا،
چوري رَکِيمِ چِتَ ۾، ڏِسيُن جا ڏاتارَ،
هِيُ سِرُ توهان ڏارَ، پيجي ڪَنهن نہ پوليو“.

*(سورٺ، ۳ ـ ۷)*

(۳۱)

پيلي پارِ پُري، مون کي چَڙَنِ چوريو،
مُحَبَتِي ميهارَ جي، سُتي شاخَ چُري،
مَٿي جهوڪَ جُهري، پونديَسِ پاريچَن جي.

*(سهڻي، ۴ ـ ۷)*

(۳۲)

پيلي ناهِ پَنيورَ ۾، تنهن سَسُئيءَ جو سَهي،
ڏمَرُ ڏيرَن مَنَ ۾، ڪَندا لِئن ڪَهي،
لَنگهائي، لَطِيفُ چئي، ڪَٽِجِ، جامَ کُهي،
هِيَ مَعذُورِ هَڏِ مُئي؛ تون، ڪامِلَ! وَڃُ مَ ڪيڏهِين.

*(سسئي آبري، ابيات متفرقہ ـ ۹)*

(۳۳)

پيَن مڙئي ڏنيُون، ڏئي نہ ڏُونگرَ راهُ،
اَنَ ڏنيِن آڏو ڦري، ڏنيُون ڏئي ڪٿاءِ؟
لوڙيُون لَکَ مَٿاءِ، اُنَ مَٿيري موٽائِيُون.

*(ابلاول، ۱ ـ ۱۵)*

(۳۴)

پيُون ڏيئِي پَنِ، هَلِج پاسي هيڪَ،
وَرُ نہ سَهي وِيڪَ، تُون، تيڏِي! ٿئايُون ڪَرين.

*(کوهياري، ۶ ـ ۸)*

(۳۵)

پيُون سڀ سَگِيٽِيُون، سَرتِيُون! مُون چُڪَ سين چاهُ،
اَندرِ آهيمِ ڳالهڙي، ڪوهياري جي ڪاءُ،
لَگِمِ ذرو واءُ، سَچو سَڳُ نہ سارِيان.

*(حسيني، ۱۲ ـ ۱۰)*

## وائي- ١

پاروچان پاڄهہ گهٽي، آن تِي ڇُلان ڇپرين؛
آئُون پنهنجي پرينءَ سين، ويندِيَس واڳ وٽي.
مَرُ تان پَويمِ مُنهَن ۾، سَندي پيَّ پٽي،
ڪونهي هِنَ پنيور ۾، ڏاران دوسَ ڏٽي،
هَٿان هَڏِ نہ ڇڏيان، آريءَ جي بہ اٽي،
آهي هوتَنِ هَٿَ ۾، سَندي جيَّ جٽي،
ڪِينَ وِرَميا ڪِٿهين، جُليا جَتَّ هَٽي،
مون ڪي ڪونيو پانَ ڏي، هادي! هَٿُ ڪٽي،
پُنهونءَ ڏاران پَبَ ۾، پيلي ناهِ پٽي،
تو رِءَ تيلُ نہ پائيان، نَڪا سِينڌِ ڦٽي،
اَديُون! عَبدُاللّطِيفُ چئي، لَڳيَمِ تَنَ تٽي.

*(سسئي آبري، ٦ ـ وائي)*

## وائي- ٢

پاروچي ساڻُ، پَڙي! اي جيڏيُون!
هيڪَرَ ٿيا هيڪاندي.

ڇَڙهي نہ سَگهان چوٽئين، يارَ بنا، دِل ماندي!
پَهچائج پُنهونءَ ڪي، هِيَ پيادَڙي، پانڌي!
پيئَرُ! هن پَنيور ۾، آئُون اِرادي آندي،
پورِهيَتَ پُنهونءَ چامَ جي، باندِيُن جي باندي،
ڪَرَمَ ساڻُ ڪَريمَ جي، ڪيچي ٿيندَمِ ڪانڌي.

*(ڪوهياري، ٤ ـ وائي)*

## وائي- ٣

پِئي دَرِ وانءُ مَرِ ڪيڏانهين،
آلا! جو تُون جامَ مَڱيندين، مَڱتا!

ڦير مَرِ هنئون، ڪَنڌُ، ڪِيازَي، ٿيندءِ هاجَ هِئاين،
ماڻڪَ موتي، مالَ خَزينا، ڏيندءُ پيلي سائين،
وِرچي تُون وهاڳَ ڪان، مَتان ڏئين پانهين،
دَرِ داتا مَڱُ، مَڱتا، اَنڌا! هوئِج اوڏانهين،
مُذڪِرَا! مَتان ڇَڏئين، هَتان هيڪِڙائي،
پيُون ڏيئي پِيَنِ ڪي، ڪَنُ سَمو سَوائي،
"اِنَّ اللهَ وِتْرٌيُحِبُّ الوِتْرَ"، وَحدَتَ واڳَ وِڌائين،
پَنهنجي طَرَفَ پاڻهين، سائِلَ سَڏيائين،
جتي جُوانَنِ ڪي، ڪوٺي ڪُنائين،
اُتي عاشِقَنَ ڪي، اُلفَتَ اُهِجُ ڏنائين،
ڪيرَتَ ڪَرِ قُربَ سين، خُلَتَ ڪاجُ ڏنائين،
"اَلاِنْسَانُ سِرِّي وَاَنَا سِرُّہٗ"، اِنَ پَرِ اُتائين،
گُجهہ گُجهاندَرَ ڳالهيُون، رازُ نہ رَکيائين،
پَسو! پينارَن جي، پَٽَ ۾ پانَ وِڌائين،
اَديُون! عَبدُاللّطِيفُ چَئي، مُون سين مِهرَ ڪَيائين.

*(پرڀاتي، ١ ـ وائي ١)*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پ

(١)

پانيم جي سرواڻ، ڇُلائيندم ڇپرين،
كانيم هُوند پلاڻ، اُتَ گڏايم اُن جا.
(ديسي، ٣ ـ ١٧)

(٢)

پانيم نہ پيلو، مونكي ڏاڍ ڏُتاريو،
آكي متي اُسري، رُوحَ ڏنو ريلو،
تيلاهين ويلو، پيم واهڙَ وِچ ۾.
(سهڻي، ٨ ـ ١٠)

(٣)

پائي حالَ هلي ويا، كنهن كي سُورَ سلان؟
كٿيو لڄ، لطيفُ چئي، لكن منجهہ لُڇان،
پاندي كيرُ پڇان؟ وِهان تان نہ وَس پيو.
(معذوري، ٣ ـ ٥)

(٤)

پاياٽي تِي پور، پُنيءَ كيچين كَكرا،
رائو مڙيوئي رَتَ سين، كارڻ كانڌ كَكور،
لانچي لَكَ، لطيفُ چئي، اُتي ڏُونگر ڏور،
جتَ وَجي تو زور، اُپڙ تان اوڏي ٿئين.
(سسئي آبري، ٨ ـ ١٠)

(٥)

"پچي آئين پچٽا، لڄايئي مُون، سيڻ!
وينيُون وِجهن ويڻ، مُنهن مٿاهان جن جا."
(كيڏارو، ٣ ـ ١٣)

(٦)

"پچي آئين پچٽا، لڄايئي مُون، يار!
وينيُون كن كوار، مُنهن مٿاهان جن جا."
(كيڏارو، ٣ ـ ١٢)

(٧)

پُڇيان پُلي پير، وڌو راءَ رِكاب ۾،
كَڇ رَهندو كيرُ، لاكو لوڙائُن سين؟
(ڏهر، ٤ ـ ٣٥)

(٨)

پچي جان پنيور كان، ڏُونگرُ ڏوريو مُون،
كاهي رسيس كيچ كي، جتي پاڻَ پُنهون،
سَيت آهين تُون، قضا كندين كن سين؟
(سسئي آبري، ٥ ـ ١)

(٩)

پِرُ، پليرا سُپرين! پلا ۾ بيراهَ،
تورءِ تاري ناهِ كا، والي! توريءَ واهَ،
ساهڙَ جي صلاحَ، تن كي كڍي تار مان.
(سهڻي، ٨ ـ ٢٣)

(١٠)

پرمُ پاروڙيءَ رهي، جنهن ۾ اَچي اُنَّ!
تہ پڻ وينِي ونڊيان، توڙي پونس تُنَّ،
غافل رَكُ غريب كي، عمرَ! منجهہ اَمُنَّ،
سرتين ساڻُ، سَمُنَّ، آهر اُني مينهڙي.
(مارئي، ٦ ـ ٢٠)

(١١)

پريائين كُن كراڙ جا، وُٺو وارياسو،
كُٽيتيءَ كنوڻ كيو، چِڳو چؤماسو،
ماكاٽيءَ تان موٽيو، ڏيئي پَبَ پاسو،
خالقَ كيو خاصو، چيهو چُكيءَ كنديين.
(سارنگ، ٢ ـ ٣)

(١٢)

پري پٽ تي آئيو، سارنگُ سُهج منجهان،
كڙيُون كنڻ هار جٿن، وڄُون اُتر واءِ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُرَها سَبزا ٿيا، دامَنَ دِبَ ڪَيا،
ڀهري ڀَٽَنِئان، ڀَريائين ڪُنَ ڪراڙَ جا.
*(سارنگ، ٢ – ٢)*

(١٣)

ڀَڪليا ڀُوٽَنِ، ڏَڙَ ڪي گَڏِيو ڏوڙَ ۾،
ڳالِهيُون، ڳَهلي لوڪَ سين، ڀَڌَرِ ڀَئي نه ڪَنِ،
ڪا مُلِ آهي تَنِ، مُون پِريان جي ڳالَهڙي.
*(ڪاهوڙي، ١ – ١٠)*

(١٤)

'ڀَڳو' آئُون نه چوان؛ 'ماريو'، ته وسَهان؛
ڪانڌَ مُنهَن ۾ ڏَکَڙا، سيڪيندي سُونهان،
ته پِڻ لَڄَ مَران، جي هُوَنِسِ پُٺِ ۾.
*(ڪيڏارو، ٣ – ١٢)*

(١٥)

ڀَڳوئي ڀيرِ، جانسين رَتو راسِ ٿئي،
بُريءِ بيڪاريءَ سين، هاري! پاڻُ مَ هيرِ،
ڪَتُ ڪَتيندِيُون ڪيرِ، نئين سين نه جاڻجي!
*(ڪاپائتي، ١ – ١٣)*

(١٦)

ڀَلائي آهينِ، پِرينِ ڀَلائيءَ پانهنجي،
سَباجها سِرِ چڙهيو، ڏوراپو نه ڏِينِ،
مان ڏي مَديون ٿِينِ، سَجَڻَ سَجاڻِنِ ۾.
*(ڪنيات، ١ – ١)*

(١٧)

ڀَلي ڪَري ٿيومِ، هيُ سَڱُ پاروچَنِ سين،
وَڃي ڪيچُ ڏِنومِ، ڀُنيءَ لَڳي جن جي.
*(حسيني، ١٢ – ٣٤)*

(١٨)

ڀَلي ڪَيءِ، ڀَلا پِرين! مُون نه ڄاتو اِيئَن،
هنئُون هيرائي، هَٿِ ڪري، توکي ڏِيان ڪِيئَن؟
سا سِڪَ سَلان ڪِيئَن، جنهن اَندَرِ آهيرا ڪَيا؟
*(بروو سنڌي، ١ – ٩)*

(١٩)

ڀَلي ڪَيءِ، ڀَلا پِرين! هِيئَن نه مُناسِبُ هوءِ،
لائي چِٽُ، چَرِيو ڪَري، پاڻُ ڪَدِي وِئين پوءِ،
توٽي حُبَّ نه هوءِ، تَپِ، هوتَ! نه ڪَجَنِ هيڏِيُون.
*(بروو سنڌي، ١ – ١٠)*

(٢٠)

ڀُليو سَڀُ ڀَنڀورُ، جو ڀُنيءَ هوتَ نه هَليو،
شَهرَ سُڃاتو ڪِينَ ڪِي، آرِياڻي اَتورُ،
ماڻيو تِنين مورُ، ديکيو جنين دِلِ سين.
*(حسيني، ٣ – ٩)*

(٢١)

ڀَنڀوران اُجاڙَ، سَرَتِيُون! سَکَرُ پائِيان،
مُون سين تنهن ڀَهاڙَ، ڏُکان هَڏِ نه ڏوريو.
*(حسيني، ٣ – ٦)*

(٢٢)

ڀَنڀوران ڀَهَرَ ٿي، اَمَڙ! مُون اُماڻ،
مَچُڻِ ڪا رِهاڻِ، مُون تي موٽي مَسَ ٿئي.
*(حسيني، ١٢ – ٤٣)*

(٢٣)

ڀَنڀوران ڀَهَرَ ٿي، مُون جي ڪَيا سَڏَ!
پاروچاڻيءَ لَڏَ، لَڪَ سَويلا لَنگهيا.
*(حسيني، ١٢ – ٤٤)*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٢٤)

ڀَنڀورَ جَنِ سُکَنِ، مُون کي ساڻان ڪاريو،
هاٿي ساڻُ ڏُکَنِ، تان ڪِي ڏُونگر ڏوريان.
(حسيني، ٣ _ ٢)

(٢٥)

ڀَنڀو جو ڀَنڀورَ ۾، ڪاڪُلَ ڏُٺمِ ڪالَ،
هيءَ تِنين جي حالَ، زُلِفَ جي زافُ ڪِيُون!
(سسئي آبري، ٦ _ ٣)

(٢٦)

ڀنيءَ ڀَڙڪَ ڪِنِ، ٻاهِيُون ٻيراڳِيُنِ جُون،
هَلو تہ سيڪِيُون هَنڙا، مَتي تَـنِ مَچَنِ،
مُلان سناسِيَنِ، مُون جَڙ لَڳي جانِ ۾.
(رامڪلي، ٩ _ ٣٤)

(٢٧)

ڀنيءَ تا ڀَرِينِ، ساڻِيُنِ سَندَ هَـتَنِ ۾،
لِيڙَن جو لَطِيفُ چئي، مُون کي مَنجُهہ نہ ڏِينِ،
هوٿَ ڀُنهون تا نِينِ، اَسُونهِينءَ جو آجِڪو!
(ديسي، ٢ _ ٨)

(٢٨)

ڀنيءَ جي ڀُوڻَنِ، ڀيجَ ڀُڻڪو نہ سُڻان،
سِنجَڻَ وارِيُون سُتِيُون، وَڃي ويڙهہ وَرَنِ،
پِيا سيڻَ سَڙَنِ، تَـرَهي ڀِنِينِ ڪَنڌِيين.
(مارئي، ٨ _ ١٢)

(٢٩)

ڀُورُ نہ چَري ڀُورُ، چِڏيو ٿُورُ، تَـکُون ڪري،
مُونين هٽي موتيو، ڪَرَهو رات ڪَپُورُ،
مَيو تيو مَعمُورُ، چَنڊَنُ چڪي آئيو.
(ڪنڀات، ٢ _ ٢٦)

(٣٠)

ڀَرِيُون ڀَر دَرِياهَ، ڀَسُ! جي پارَ پَونديُون،
ٻَڌُ تَـوَڪُلَ تُـرَهو، آهَرَ ساڻُ اَللهَ،
جن جي ساهَڙَ ساڻُ صَلاح، سي ڪِينَ ٻُڏنديُون ڪڏهين.
(سهڻي، ٧ _ ٩)

(٣١)

ڀُورِيين پاندَ ڀَمَنِ، جَهڳَ جهاڳي آئِيُون،
ڪاڇو مينهَنڙِيَنِ، مُنداڻِتو ئي ماڻيو.
(ڏهر، ۴ _ ٣٢)

(٣٢)

ڀيرو ڀَچُ مَ، ڪاپَڙِي! لاهي وهُ مَ لاڳَ،
تان مُون هِنئڙو ماڳَ، جان تُون، جوڳِي! جُوءِ ۾.
(مومل راڻو، ٧ _ ۴)

(٣٣)

ڀيرئين ۽ ڀانئيين، اِڻَنِ وِڏُوڻو ڪانڌُ،
ويني اوڙِ اَرَڻَ سين، ڳَچيءَ پايو پاندُ،
تہ ڻُنهنجو ئِي وِٽواندُ، ڪِتو وِتو نہ ٿئي.
(ڪاپائتي، ١ _ ١٤)

(٣٤)

ڀيرئين ۽ ڀانئيين، ڀانئِڻُ ڀَڃي ڇَڏِ،
ڪِتو وتو پورهيو، هوڏُ وڄهنديئي هَڏِ،
هِتي ڏِيدو مَنجَ ڏَڏِ! جِتي ڏَڪَنِ ڏهسئي وارِيُون.
(ڪاپائتي، ١ _ ٢٤)

(٣٥)

ڀيرِيُون ڀيري ڀَچُ، هي جي مَنجهان پورِيُون،
ٻِئي دَرِ ڪَنهِين مَ وَڃُ، رِءَ هاشميءَ هيڪِڙِي.
(بلاول، ١ _ ٥)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٣٦)

ڀيڙي ڀَنڊُ ڀيھارَ، سُورائِتي! سَندِرو،
ڏونگـرَ تـوھان ڏارَ، ڪانَ ڏورِيندي ڏُکَ سين.

*(حسيني، ٦ ـ ٢٣)*

(٣٧)

ڀيڙي ڀيڙي ڀَنڊُ، سُورائِتي! سَندِرو،
ڪيچَ اَڳاھُون پَنڌُ، مَتان لَڪَنِ سين لَڳي مَرين!

*(حسيني، ٦ ـ ٢٢)*

(٣٨)

ڀيليان جتِ ڀَڳِيُون، آئيُون اُتِ وَري،
ڪانھي ٻي ڳَري، ميڻھُن ڪي ميھارَ ري.

*(سهڻي، ٤ ـ ١٥)*

(٣٩)

ڀيلي ڀُلائي، ڀَسي ڇتَ ڇَري تِئي،
"ڀَرا! ڀَرا! ٻُڏي سُھڻي!" ويرُنِ ۾ وائي،
ڪَچي ڪيرائِي، لال لَھرنِ وِچَ ۾.

*(سهڻي، ٨ ـ ١٨)*

(٤٠)

ڀينَـرُ! آئُون ڀوري، مُون سَگُ سُڃاڻي نہ ڪيو،
ڏيندا مُون ڏيرَ ويا، جھجَڻُ ۽ جھوري،
لَڳي جن لوري، ڏونگـرَ سي ڏورينديُون.

*(سسئي آبري، ٥ ـ ١٨)*

(٤١)

ڀينَـرُ! ڀَنيوران، ڀَڄو تان اُبَـھو،
اَڳِي اِنَ ماڳان، سَرَتِيُنِ سُورَ پرائِيا.

*(حسيني، ٣ ـ ٣)*

(٤٢)

ڀينَـرُ! هِنَ ڀَنيورَ ۾، دوزَخُ جو دُونھون،
سَوارو سُونھون، ڀُڃِي ڀُورِج سَسُئِي!

*(حسيني، ٣ ـ ٤)*

(٤٣)

ڀينَـرُ! هِنَ ڀَنيورَ ۾، گھايَلِ تِي گھارِيان،
سَڄَڻَ جي سانگ ويا، سيئي تِي سارِيان،
سي ڪِيئَن وِسارِيان؟ جي وَتان مُون واڳَ تِيا.

*(حسيني، ٣ ـ ٦)*

## وائي - ١

ڀَلو، جيڏِيُون! آئُون جا بَلوچي جي آھِيان،
ڪَنيزَڪَ ڪيچِيُنِ جي، ناتَر نانءُ سَڏائِيان،
ڀيزارَ ڀُنھونءَ جامَ جي، اَکِيَنِ سين اُٺائِيان،
ڀَلو، جيڏِيُون! آئُون چَشمَنِ سين چائِيان.

*(ڪارايل، ١ ـ وائي)*

# پ

(۱)

پابوڙو پيش ڪيو، ٽئون نُوريءَ نيئي،
حاضرُ هيُون هَڪيُون، سَميُون سَيئي،
نَوازي نيئي، گاڏيءَ چاڙهي گندري.
(ڪاموڏ، ۱ ـ ۱۹)

(۲)

پابوهيو پُڃَنِ، ڪِتي هَٿُ حَبيبَ جو؟
نيزي هينان نيهنَ جي، پاسي پانُ نہ ڪَنِ،
عاشقَ اَجَلَ سامُهان، اُوچي ڳاٽ اَچَنِ،
ڪُسَنُ قُربُ جَنِ، مَرَنُ تَنِ مُشاهدو.
(ڪلياڻ، ۳ ـ ۱۶)

(۳)

پابوهي هيڪارَ، مون ڪان پُڇيو سَڄَڻين،
'اَلَستُ بِرَبِڪُمۡ'، چيائون جنهن وارَ،
سَندي سورَ ڪِنارَ، تَنَ تَڏاهڪُون نہ لهي.
(ڪلياڻ، ۳ ـ ۱۵)

(۴)

پاچاتيان پَئي، تيو آڳاتيان آڳرو،
چُڪسِ سَپِ چَئي، تَڏهن مؤلا مينهَن وَسائيا.
(سارنگ، ۳ ـ ۸)

(۵)

پاچاهي نہ پاڙيان، سَرتيُون! سُئيءَ سانُ،
ڍڪي اُگهاڙن کي، ڪِينَ ڍڪائين پانُ!
پيهَرَ چاپي جانُ، اِبَـرَ جي اوصافَ ڪي!◆
(مارئي، ۷ ـ ۱۴)

(۶)

پارانيان پَچارِ، مَتي لامَ لَطيفُ چئي،
ڦيرِ مَ فَضيلَتَ تون، جا ڪُرَ اَوان جي ڪارِ،
جي ڏِني ۾ ڏينارِ، سي اُڏامي آئَ پرين.
(پورب، ۱ ـ ۴)

(۷)

پارانِ پُڇي آءُ، خَبَرَ ڪاهوڙِيُن جي،
نہ ڏُوتيُنِ ڏُونگراءُ، ڪَنهن پَرِ ڏوريو ڏُٺَ ڪي.
(ڪاهوڙي، ۱ ـ ۵)

(۸)

پاڙي ناهِ پَرُوڙ، تہ ڪا راتِ رَنجائي گُذري،
پانيَڙ بَروچَنِ جي، گهائي وِڌي گهورَ،
هِڪَ سَسُئي پيا سُورَ، وِيا پِتيِندا پانَ ۾.
(حسيني، ۱۰ ـ ۹)

(۹)

پاڙي ويجَ هُئامِ، تان مون مُورَ نہ پُڇيا،
تيلاهين پيامِ، موريسَرَ آڪيُنِ ۾.
(يمن ڪلياڻ، ۲ ـ ۶)

(۱۰)

پاڙيچيءَ روئي، چاڪَ مُنهنجا چوريا،
پَگهرُ وِجهنديَس پرينءَ جو، ڏَکَنِ ۾ ڏوئي،
ساڄَنَ! سِپوئي، ساهُ اَوهان تان صَدقو.
(حسيني، ۱۰ ـ ۱۰)

(۱۱)

پاسا پولِڙيُنِ ۾، پانهوُن سِرِ ڀيئي،
اَڪيُون، نَڪَ، اَريجَ ريَ، تِمايَمِ تيئي،
ڏُورِ تيا ڏيهي، پِرين پاڻَـرَ وَٽِ ۾!
(مارئي، ۹ ـ ۱۲)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٢)

پاسنگ جنهن پيشِ ڪيو، تنهن ڏنو ڪين ڏياچَ،
مَتو نيئي ماچَ، وَڃي ڏورِ، ڏکُ تيو.

(سورٺ، ٤ ـ ١٣)

(١٣)

پاڪَ جنين جا پيرَ، ڪَتان هيٺِ نہ ڪوڙيا،
تَنگَ تَرارِن تِڇيا، ڇِٽيو پوَن ڇُڳيرَ،
ڏُونڊَ تِنين جا ڏيرَ، ڳِجهڙيُن ڳَرَ لائيا.

(ڪيڏارو، ٦ ـ ٢٠)

(١٤)

پانڌي! ڇَڄ پِرينءَ ڪي، جورِ هَٽي جانا:
”پيڪَڙا پيرَن ۾، ڪَرايُن ڪانا،
آن رِءَ امانا، گهنگهرِ گهاريان ڏينهَڙا.“

(مارئي، ابيات متفرقہ ـ ٢٨)

(١٥)

پانڌي پِرينءَ پَنوَهارَ جا! جان تو وَڃين وَسَّ،
ساري ڏيج سَرَتين، سَلامَن سَهَسَّ:
”آئون اَوهان جي آهيان، گولي مَتي گَسَّ،
ويني ڪَريان وَسَّ، ايڏي جي اَچَڻَ جا.“

(مارئي، ابيات متفرقہ ـ ٢٧)

(١٦)

پانڌي پرينءَ پَنوَهارَ جا! نياپا ني ڪي،
ساري ڏيج سَرَتيين، يادِ پُنئي جيڪي،
وَليُون، وَڻَ ڦُلاريا، ڪِرڙَ پَڪا ڪي ڪي،
سِگَرَ ڪِين سَرَتيُون، سُئين جِئن سيڪي،
زيرِيُون پيچي جي ڪي، مِلان مارُوئَڙن ڪي!

(مارئي، ابيات متفرقہ ـ ٢٩)

(١٧)

پانڌي! پِرينءَ پَنوَهارَسين، روئي ڪَچ رِهاڻَ:
”جِئَن تَر وِڃُون اُنيُون، تيئَن آن سُورَن ساڻَ،
ڪَجاهُ ڪا وَراڻَ، ڏُکَن ڏيلُ ڏهيُون ڪَيو.“

(مارئي، ابيات متفرقہ ـ ٢٦)

(١٨)

پانڌي! پِرينءَ پَنوَهارَ ڪي، چَيُمِ تـئَن چئيج:
”سَندا سَنگَتِ ڏينهَڙا، وَرَا! مَ وساريج،
ڪوٺيُن ڪُني آهيان، سِگهي سارَ لَهيج،
مُڻِ مانڌاٽي مُجيج، تہ نيرَنِ ۾ نئون ڪَريان.“

(مارئي، ابيات متفرقہ ـ ٢٥)

(١٩)

پانڌَپَ سين نہ پاڙيان، سَوين ٻيا سَردارَ،
آهي مِثل مِينهَن جي، سَخي! تُنهنجي سارَ،
حاتِمَ هَرَدَهَ هَزارَ، جُهڙَ تُنهنجي جَهپيا.

(بلاول، ٣ ـ ٥)

(٢٠)

پانهين، پَسي پَبُ: مَتان ڪا مُنڌَ! ڏئين،
اَڱيان ڪَؤ مَ ڪَبُ، اِيُ قالِي آڏو ڪيچَ ڪي.

(ڪوهياري، ٦ ـ ١٠)

(٢١)

’پاڻُ‘ پَردو پاڻَ ڪي، سُٽي ڪَرِ سَنڀالَ،
وِڇان جو وِصالَ، سو تان هُٽَڻُ هِنَ جو.

(آسا، ٤ ـ ٣١)

(٢٢)

’پاڻُ‘ پَردو پاڻَ ڪي، طالِبَ! سُٽج تون،
نَڪا هان نہ هُون، پَردا سَڀِ پاسي ٿِيا.

(آسا، ٤ ـ ٣٢)

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

(٢٣)

پاڻُ مَ ڪَـڇ پاڻَ سين، رِءَ وَسيلي وانءُ،
مَٿان سائرَ، سُهڻي! پرتِ ونجي پانءُ،
نيڻهَن ڳنهندي نانءُ، وَنءُ پريان جي پارَ ڏي.
(سهڻي، ا ــ ٢٧)

(٢٤)

پاڻُ مَ ڪَڇ پاڻَ سين، رِءَ وَسيلي وَڃُ،
پيلو پيري پڃُ، اُڪَنڊَ ڪَنُ عَميق ۾.
(سهڻي، ا ــ ٢٩)

(٢٥)

پاڻُ مَ ڪَـڇ پاڻَ سين، رِءَ وَسيلي وَڏُ،
لائَنُ تِنين لَڌُ، عِشقُ جِنين جي اَڱ ۾.
(سهڻي، ا ــ ٢٨)

(٢٦)

پاڻُ مَ ڪَـڇ پاڻَ سين، وَسيلا وِڃاءِ،
عِشقَ ساڻُ اُنآءِ، پيرُ پِريان جي پارَ ڏي.
(سهڻي، ا ــ ٢٥)

(٢٧)

پاڻُ مَ ڪَـڇ پاڻَ سين، وَسيلا وِسارِ،
لُڙُ لَنگهائي، سُهڻي! پرت وجهنديءِ پارِ،
سي تُرتُ لَنگهينديُون تارِ، اُڪَنڊَ آڳَهُ جن سين.
(سهڻي، ا ــ ٢٦)

(٢٨)

پاٽِهين پَچي پيئِيُون، رِءَ واهِيَتَ، رِءَ واڙِ،
جُوءِ ڪُسادي جيڏِيين، مَلِيرَ موڪَ مُهاڙِ،
اُتِ اَباڻا جنهن جا، سا ماڙيءَ مُورِ مَ چاڙِهہ،
جي اُڪَنڊِيُون آراڙِ، لوهَ تِنين کي لاهِيين!
(مارئي، ٧ ــ ١٠)

(٢٩)

پاڻهين پسي پاڻَ کي، پاڻهين محبوبُ،
پاڻهين خلقي خوبُ، پاڻهين طالبُ تن جو.
(ڪلياڻ، ا ــ ١٧)

(٣٠)

پاڻَهين جَلَّ جَلاَلُـهُ، پاڻهين جانِ جمالُ؛
پاڻهين صورت پرينءَ جي، پاڻهين حُسن ڪَمالُ،
پاڻهين پير مُريدُ ٿئي، پاڻهين پاڻَ خيالُ؛
سَڀ سِيوئي حالُ، منجهان ئي معلوم ٿئي.
(ڪلياڻ، ا ــ ١٦)

(٣١)

پاڻيءَ مَٿي جهُوپڙا، مُورَکَ اُڃَ مَرَنِ،
ساهان اوڏو سُپرين، لوچي تان نـہ لَهنِ،
دَمُ نـہ سُڃاڻَنِ، دانهُون ڪَنِ مُنَنِ جِئَن.
(سسئي آبري، ا ــ ٩)

(٣٢)

پاڻَهين وينا پاڻَ سين، پَرِ ۾ پَرِياٽِينِ،
سامِي سَفرِ هَليا، آسَڻَ اُجهائِينِ،
رُخِصَتَ رُئارِينِ، آئُون نـہ جِئَندي اُنِ ري.
(رامڪلي، ا ــ ٣٨)

(٣٣)

پاڻَهين وينا پاڻَ سين، پَرِ ۾ پَرِياٽِينِ،
هُو جي هَلَڻَ سَنديُون، ڳالِهيُون ڳالهائِينِ،
وَڃَڻُ وِڃائِينِ، آئُون نـہ جِئَندي اُنِ ري.
(رامڪلي، ا ــ ٣٩)

(٣٤)

پاڻَهين وينا پاڻَ سين، پَرِ ۾ ڪَنِ پَرِياڻَ،
اَهڙاَ جن اُهڃاڻَ، آئُون نـہ جِئَندي اُنِ ري.
(رامڪلي، ا ــ ٣٧)

(۳۵)

پاوَنگُ اُپو پڙ ۾، هَٽي هَزاري هولَ،
جَوَهَر ۽ جَڙاءَ سين، ڪامِل سِرَ ڪَنگولَ،
رَتو رَتَ رَتولَ، مولهيو ميرَ حُسينَ جو.

(ڪيڏارو، ۵ ــ ۸)

(۳٦)

پائي پاندِ ڪَپاهُ، جان مُون آتَڻَ نِهاريا،
ڪَٽي ڪانہ پَساهُ، سَرتيُون وَجي سُتيُون.

(ڪاپائتي، ۱ ــ ۳۱)

(۳۷)

پائي پَٽَ ڪَتا، مُون تان مُور نہ مَگيو،
تازي طَبيلَن ۾، گهوڙا گهر گهٽا،
هاٿيءَ ڪارَڻ هيڪڙي، آنَ ڪا تَندُ هَٽان؟
جا مَٽي تو مَٽيا، تَنهن سِرَ جو آهيان سيڪڙو.

(سورٺ، ۲ ــ ۹)

(۳۸)

پائي ڏورِ اَرٽَ ۾، ڪَتين نہ ڪُوڙي،
وهاڻءِ واڏاٽي، پُٽين سَنيُوڙي،
مَٽي جَنهن مُوڙي، سا ڪِئَن وهي ويسري؟

(ڪاپائتي، ۱ ــ ۷)

(۳۹)

پائي ڪانُ ڪَمانَ ۾، مِيان! مار مَ مون،
مون ۾ آهين تون، متان تنهنجو ئي توکي لڳي.

(يمن ڪلياڻ، ٦ ــ ۱۰)

(۴۰)

پايو مُنهن مُونَن ۾، وينا سي وهُسَن،
جوڳي جاتا ڪَن، آيا اُلُوهيَتَ ۾.

(رامڪلي، ۵ ــ ٦)

(۴۱)

پَتنگن پَہُ ڪيو، مَڙيا مَٿي مَچَ،
پَسي لَهَسَ نہ لِڇيا، سَڙيا مَٿي سَچَ،
سندا ڪِچين ڪَچَ، ويچارن وڃائيا.

(يمن ڪلياڻ، ۳ ــ ۱۳)

(۴۲)

پَتنگُ چائين پاڻَ کي، تہ اَچي آڳ اُجهاءِ!
پَچَڻَ گهٽا پَچائيا، تون پَچَڻَ کي پَچاءِ!
واقُف ٿي وِساءِ، آڳِ نہ ڏِجي عامَ کي.

(يمن ڪلياڻ، ۳ ــ ۱۰)

(۴۳)

پَتنگُ چائين پاڻَ کي، تہ جيري پَوُ جاٽي!
تان تان تاٽج تَـوَ ڏي، جان آڳِ نہ اُجهاٽي!
وِسَہُ وِهاٽي! آڳِ نہ ڏِجي عامَ کي!

(يمن ڪلياڻ، ۳ ــ ۱۱)

(۴۴)

پَتنگُ چائين پاڻَ کي پَسي مَچُ مَ موٽُ!
سَهائيءَ سُپيرين جي، گهڙُ تہ ٿئين گهوٽُ!
اَچا تون اَروٽُ! ڪُوري خبرَ نہ لهين!

(يمن ڪلياڻ، ۳ ــ ۱۲)

(۴۵)

پَتَڻَ پوءِ پَچارَ، آن کي سَڙہ ويندا گڏيا؟
اُڪَنڊَ مُون اَپارَ، شالَ منهنجا موٽيا!

(سامونڊي، ۲ ــ ۱۷)

(۴٦)

پَٽَ چِڏِيائُون پَٽَ ۾، ڏَنڊَ چِڏِيائُون ڏِسُ!
آلائشان اَڳي ٿيا، موتِي ٿِيَن نہ مِسُ،
هِيُ چِڏِيائُون حِسُ، وَڃي ڪالهہَ ڪُلَ ٿيا.

(رامڪلي، ۹ ــ ۳٦)

(٤٧)

پَٽَ نہ پَرَهيان، سُومرا! جانڪيتان جِئان،
آئُون ڪِئَن لوئي لاهِيان، ڪارَڻ پِنِ ڏِينهان؟
جانسين تي جِئان، ڪانڌُ نہ ڪَنديَس ڪو ٻيو.

(مارئي، ٣ ـ ٧)

(٤٨)

پَٽولا پَنوهارِيُون، مُورِ نہ مَٽي ڪَنِ،
جُہُ لاڪَ رَتائُون لوئِيُون، تہ سالُنئان سُونَهَنِ،
اُنَ ايلاچِنئُون اَگِري، بَخمَلَ بافتَنِ،
سَڪَرَ پائِنيان، سُومرا! ڪَتِي ڪان ڪُهنبَنِ،
جا ڏِنيمِ ڏاڏاٽَنِ، سا لاهِيندي لَجَ مَران.

(مارئي، ٣ ـ ١)

(٤٩)

پَٽيءَ نہ پيرو، اوڏِيءَ ڄَڪَ نہ ڄَميا،
پويون هِيءُ پيرو، نِينهَن نِباهي هَليا.

(حسيني، ١ ـ ١١)

(٥٠)

پَچائي پَهاڻُ، جن رساٽيو رُڪَ کي،
تنين سندو جاڻُ، آهي آڳَڙين کي.

(يمن ڪلياڻ، ٣ ـ ١٧)

(٥١)

پُڄُ پَتنگَنِ کي، سَنديُون ڪامَڻَ خَبرُون،
آٽِيو وجهَنِ آڳِ ۾، جيءُ پَنهنجو جي،
جيري جنين جي، لڳا نيزا نينهَن جا!

(يمن ڪلياڻ، ٣ ـ ٩)

(٥٢)

پُڄَنِ جي ميهارَ کي، پُڄي سي ميهارُ،
تَرهَو تِنين بارُ، عشقُ جِنين کي آڪرو.

(سهڻي، ١ ـ ٣١)

(٥٣)

پُڄَنِ سي پَسَنِ، جڏهن تڏهن پرينءَ کي،
ڏوريندِيُون ڏِسَنِ، اَگَڻَ عَجِيبَنِ جا.

(حسيني، ٧ ـ ١)

(٥٤)

پُڄَڻَ پَرڏيهُين جو، آسَڻَ وَٽِ آهي،
لَڳَڻُ جي لاهي، هُنئِين تان حَقُ لَهي.

(رامڪلي، ٩ ـ ٥٠)

(٥٥)

پُڇي پاڙي وارِيُون، ڪوهُ ڪَريندو ڏُمُ؟
ڪاريءَ رات ڪُنَنِ ۾، آهي ڪاٽيارِنِ ڪَمُ،
هِيُ هَڏو ۽ چَمُ، گهورِيو مُحِبِ ميهارَ تان.

(سهڻي، ابيات متفرقه ـ ٧)

(٥٦)

پُڇيو پينگهن پاندَ، وِيني روءِ وَچِنِ سين،
ڪُہُ ڪَرِينديس ڪانڌَ؟ گهرُ ٻَگُو تان گهورِيو.

(سهڻي، ٤ ـ ١٣)

(٥٧)

پُڇيوئِي تان پُورِ، ناتَ پُڄَڻُ هوءِ مَ پرينءَ کي،
ڏورَڻَ وارِيُون ڏُورِ، هَڏِ نہ آهِينِ هوتَ کي.

(حسيني، ٧ ـ ٣)

(٥٨)

پُڇيوئي جان دوستُ، تان پاسي ڪر پَرهيزَ کي،
جنِين ڏِنو هوتُ، تن دِينَ سَپيئِي دُورِ ڪَيا.

(حسيني، ٨ ـ ١٧)

(٥٩)

پُران، مانَ پُڄان: بَندَرَ مُون ڏُورِ تيا،
تہ مُون هَڙَ نہ هَنجَ ڪِي، جو آئُون چَڙِي چڙهان،

اِيهين ڪَچ، پاتڻِي! جنهن پَر پرينءَ مڙان،
ڪارُون تي ڪَريان، تو دَرِ اُپِي، ناڪُتا!
(سامونڊي، ٣ ـ ١)

(٦٠)
پَرتَوو پُنهونءَ جو، جُهڙ جڻَن جهالا ڏئي،
آڻُون تنهن آريءَ کي، وَنيو راهَ رُئان گهڻو.
(ڪوهياري، ٤ ـ ١١)

(٦١)
پَرتَوو پُنهونءَ جو، رُڳيائي راحتَ،
پائنِيان ڏينهُن پوارَئون، ساڄَنَ لاءِ صِحتَ،
مِنِي مَصيبتَ، آهي آريءَ جامَ جي.
(ڪوهياري، ٤ ـ ١٢)

(٦٢)
پَرتَوو پُنهونءَ جو، سَهائي سياهُ:
مُنهُن ڏيئِي مون آئيو، رَنگا رَنگِي راهُ،
پِهرين ڏيندا پاهُ، پوءِ رَڱيندا رَڱ ۾.
(ڪوهياري، ٤ ـ ١٠)

(٦٣)
پَرتَوو پُنهونءَ جو، ڪي چانئِين، ڪي اُس،
قَريباڻي ڪُس، آهي ڪَرَ بَڪَرڙي!
(ڪوهياري، ٤ ـ ٩)

(٦٤)
پَرتَن جي پاڙي، جاڙ گُذاريم، جيڏيُون!
جنين مُون کي ماريو، سُورَن سين ساڙي،
اِرادي آڻي، سانگِيُن سين سَڱُ ڪَيو.
(ديسي، ٤ ـ ١٤)

(٦٥)
”پَرديسان پَنڌُ ڪَري، آيُس آڳاهِينءَ ماءِ،
جي وِهاڻيءَ ويرَ مَ ٿِئي، تہ مُون هيرَ ئي هَلاءِ،
سُونهارا سورَٺ وَرا! ڳالهہ هِنئِين سين لاءِ،
سو مِڱڻهارُ مَلهاءِ، جو وِچان ويرِيُن آئيو.“
(سورٺ، ١ ـ ٥)

(٦٦)
”پَرديسان پَنڌُ ڪَري، سُٽِي آيُس شانُ،
مَڱان ڪَهڙِيءَ مَتِ سين؟ نَسورو نادانُ!
سو ڪوڏِيارِئين ڏانُ، جو طَمعَ کي تَرڪُ ڪَري.“
(سورٺ، ١ ـ ٦)

(٦٧)
”پَرديسان پَنڌُ ڪَري، هَلِي آيو هِتَ،
جاچِڪُ اُيو جِتِ، سِرَ جُون صَدائُون هَٿِي.
(سورٺ، ١ ـ ٢)

(٦٨)
”پَرديسان پَنڌُ ڪَري، هَلِي آيو هُون،
اُونچو تُون عَرشَ تي، آنَ پورو مَٿي پُون،
ڪِيئَن تُسَندين تُون؟ هِيُ سِرَ سُوالِي مَڱٿو“.
(سورٺ، ١ ـ ٤)

(٦٩)
”پَرديسان پَنڌُ ڪَري، هَلِي آيو هِيُّ،
مالُ نہ مَڱِي مَڱٿو، جاچِڪُ گهري جِيُّ،
”وِڍِ، وَهلو ٿِيُّ، ساعتَ صَبرُ نہ سَهان.“
(سورٺ، ١ ـ ٣)

(٧٠)
پَرڏيہَ پُورِيائُون، سامُونڊين سِڙهَ سَنباهيا،
مان تَنُ مارِيائُون، پاٽان وجهي ڳُوندرين!
(سامونڊي، ٣ ـ ١٦)

(٧١)
پَرَگهران پاسو ڪري، پُڇُ پريان ڪَرَ پانُ،
سو تان توهين سانُ، جنهن لَءِ جَفائُون ڪَرين.
(سسئي آبري، ٣ ـ ٦)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٧٢)

پَر ۾ پُڇياڻُون، عشق جي اَسبابَ کي،
دارُون هِنَ دَردَ جو، ڏاڍو ڏسيائُون،
'آخِرُ وَالعَصرِ' جو، اِئين اُتاڻُون،
تهان پوءِ آڻُون، سِڪان تي سَلامَ کي.

*(ڪلياڻ، ٣ ـ ٨)*

(٧٣)

پَر ۾ پَڇي پرينءَ کي، مَري نہ ڇاتوءِ،
'مُوتُوا'، مُنڌ! نہ سوءِ، ڪَنڌ ڪُجاڙيان ڪاتِين؟

*(معذوري، ٤ ـ ١٢)*

(٧٤)

پَرَوَس تِيُمِ پراڻُ، پرين وَس نہ پانهنجي،
لَڳو ڪئَن، لَطِيفُ چَئي، ڇِپَرُ ڇاتيءَ ساڻُ!
پرين ڏيکاري پاڻُ، خوش ڪَري ويا خوابَ ۾.

*(ٻروو سنڌي، ١ ـ ٤)*

(٧٥)

پرهَ پَکي آئيو، صُبُحَ سَوارو،
روضي پاسِ رَسُولَ جي، هَنيائِين هاڪارو:
"مانجهِيُنِ ڪَيو مارو، چڙهُ، ميرَ مُحَمَّدَ عَرَبِي!"

*(ڪيڏارو، ٤ ـ ٩)*

(٧٦)

پرهَ پَکي آئيو، ڪَربَلا مان ڪالَ:
آهِ آلُودو رَتَ ۾، حيرتَ ڳَڏيو حالَ،
گھوٽَ وِڌاهيا ڪالَ، پيلي ميرَ حُسينَ جا.

*(ڪيڏارو، ٤ ـ ١٠)*

(٧٧)

پرهَ پَکي آئيو، ڪَربَلا مان ڪَهي،
رَوضي پاسِ رَسُولَ جي، تَنهن هَلي هاڪَ هَنئي،
"ڏِنيمِ رُڪَ رَئي، چڙهُ، ميرَ مُحَمَّدَ عَربِي!"

*(ڪيڏارو، ٤ ـ ٨)*

(٧٨)

پرهَ ڦُٽي، راتِ گَئي، جهيڻا ٿيا نَکَٽَ،
هارِي! وِيءِ وَٽَ، گھڻا هَٽندينءَ هَٽڙا.

*(ڏهر، ٣ ـ ١٥)*

(٧٩)

پريان سَندي پارَ جو، ڪانگَلُ نہ ڪُوڙو،
اَڇي وَڃي وِچَ ۾، مَٿي دَرَ ڏُوڙو،
جو اَندرِ اوسيڙو، سو لاٿائين لَطِيفُ چئي.

*(پورب، ١ ـ ١٨)*

(٨٠)

پريان سَندي پارَ جي، مڙيئي مِٺائي،
ڪانهي ڪَڙائي، ڇڪين جي ڇيٽ ڪري.

*(ڪلياڻ، ٣ ـ ١١)*

(٨١)

پَريِنَ پالياسِ، بانيَڻِ بيٺي آهيان،
حُسنَ هوتَ پُنهونءَ جي، ماري موتِ وڌياسِ،
جانکي تان جِئنديِاسِ، پِيَسِ وَرِ وِصالَ جي.

*(ديسي، ٤ ـ ١٣)*

(٨٢)

پَري پَڙاڏا ڪَري، اوري نہ آهي،
ڪَمتَرِ ڪا ڪاهي، پَڇي هِنَ پَٽيءَ کي.

*(معذوري، ٧ ـ ١٧)*

(٨٣)

پرين جي پَرديسَ ۾، تن جي ڪانگا! ڪَجِ خَبَرَ،
تہ سَڀِ مَڙهايان سونَ سين، پَکِي! تُنهنجا پَرَ،
گھمِي مَٿان گھرَ، ڏِجِ پارانيا پرينءَ کي.

*(پورب، ١ ـ ٨)*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٨٤)

پَرِينديئي پاڻُ ويو، زُلفَ ڪَيَسِ زافُ،
سَندو ڪاڪُلَ ڪافُ، ماري مَعذُورن کي.

*(سسئي آبري، ٦ ـ ٤)*

(٨٥)

پَرِينديئي پيرِ ٿيا، ڇَڏي گنجو گامُ،
گُروءَ سَندي گَسَ ۾، جِن ڪيا تَنَ تَمامُ،
ويهِي ڪَيو نہ وِچَ ۾، تـِن آديسِيُن آرامُ،
رَهَ ۾ گَڏِيُن رامُ، پَنڌان ڦُٽا ڪاپڙِي.

*(رامڪلي، ٩ ـ ١٣)*

(٨٦)

پرِين نہ اَڪَرِيُن ۾، هنئون نہ حاضُرُ جَن،
سي هُنَئِهين جاڙَ جِئَن، ٿُلها ٿاٿا سَڪِتا.

*(آسا، ٣ ـ ١١)*

(٨٧)

پِڙاڏو سو سَڏُ، وَرُ وائِيءَ جو جي لَهين،
هُئا اَڳِهين گَڏ، پُڌَڻ ۾ بہ ٿيا.

*(ڪلياڻ، ١ ـ ١٩)*

(٨٨)

پِڙَ ۾ اُيو پاڻِ، ساٿِيَـڙَن سَڏُ ڪَري،
پَلِي جي لاڏاڻِ، سَپِ لَنگهيندا لَڪِيُون.

*(بلاول، ١ ـ ١٩)*

(٨٩)

پَڙهيو ٿا پڙهنِ، ڪَڙهِنِ ڪِينَ قُلُوبَ ۾،
پاٺان ڏوهَ چڙهنِ، جِئَن وَرَقَ وِرائِين وِترا.

*(يمن ڪلياڻ، ٥ ـ ٢٧)*

(٩٠)

پڙهيو پڙهيجاڻءِ، سبق اِنهيءَ سُورَ جو،
ميمُ رکجاڻءِ من ۾، اَلف تنهن اَڳياڻءِ،
ڇِتان چوريجاڻءِ، اِها لات لطيف چئي.

*(يمن ڪلياڻ، ٥ ـ ٢٨)*

(٩١)

پَسُ توشڪُون، تَڪيا، سيئِي وهاڻا،
پَسيو هَنڌَ، پَچي هِنئون، جي حَبِيبَنِ هاڻا،
هِڪُ ڏُنگا ڏاڏاڻا، پِيو موتِيو تان نہ ميندِرو.

*(مومل راڻو، ٦ ـ ٦)*

(٩٢)

پَسُ! پَسَڻان پَري ٿيا، اوري سَندُن آرُ،
دَرِياهَ ري سَهاڙُ، ڏسڻ گهڻو ڏُهلو.

*(سهڻي، ٥ ـ ١٠)*

(٩٣)

پَسَنديئي پُرِ ٿيا، جَڪرو ئي جاجِڪ،
ٿِئان ڏِنِي مَڱڻِي، طَهُورا جي تِڪَ،
سَمِي پَڳِيَنِ سِڪَ، واصِلُ ٿيا وِصالَ ۾.

*(بلاول، ٣ ـ ١٦)*

(٩٤)

پَسو! پَرائَن، سُورَن آڏي سَسُئي،
پَرايا پَنهِنجَن، وِجهن ويچاريءَ تي.

*(سسئي آبري، ابيات متفرقہ ـ ٦)*

(٩٥)

پَسِي پاڻُ پُرِ ٿيو، سَندو جادمَ جُودُ،
مَگَ وهاڻِيءَ، مَگَڻا! مَتو هيرَ مَوجُودُ،
بَلڪِ آهي بُودُ، ناڪَسِيءَ نابُودَ ۾.

*(سورٺ، ٣ ـ ١٨)*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٩٦)

پَسي جهاجهه جَمالَ جي، جنين پيتي پڪَ،
اَپَر اَڳانجهو ٿيو، سُوُرُ اُنين کي سِڪَ،
هَڏِ نہ پڳين هِڪَ، سَدا سائِرَ سيرَ ۾.

*(سسئي آبري، ١ ـ ٤)*

(٩٧)

پَسي ڏُونگَر، ڏاهه! جمَ هَلَڻَ ۾ هيٺي وَهين،
لانچي لَڪَ، لَطيفُ چئي، پُنيءَ کيچِيُن ڪاهه،
پُڇِي پورِج، سَسُئِي! بَلوچاڻِي باهه،
اِنَ وَرَّاٽِي وَرَ جِي، آسَرَ هَڏَ مَ لاهه،
جو اَڪِنئُون اوڏو آهِ، سو پرين پَرانهون مَ چِئو.

*(سسئي آبري، ٢ ـ ١)*

(٩٨)

پَسي سي سَرهي ٿِئي، جي مَيَنِ لَنگهيا مَسَ،
تَڻ تنهن کي ناهِ ڪو، لَڪَ مٿرئي لَسَ،
حُبَ جنهن کي هوتَ جي، وِندُرُ تنهن کي وَسَ،
سَنديءَ چانگَنِ چَسَ، پيرَ ٿَرَندَءِ پَٻَ ۾.

*(ديسي، ٥ ـ ٦)*

(٩٩)

پَسيو آسَڻَ اُن جا، اچي نہ آرامُ،
ڪِينَرَ ڪُني آهيان، تنين جي تمامُ،
مون کي ٿِيو ماتامُ، آئون نہ جئندي اُنِ ري.

*(رامڪلي، ١ ـ ١٩)*

(١٠٠)

پَسيو آسَڻَ اُن جا، اُڌوها اَچَنِ،
ڪِينَرَ ڪاپَڙِيَن جا، صُبحَ تان نہ سُجَنِ،
جي رائي مَنجِهه رَهَن، آئون نہ جئندي اُنِ ري.

*(رامڪلي، ١ ـ ٢٠)*

(١٠١)

پَسيو آسَڻَ اُن جا، اوچنگارُون اَچَنِ،
پاٽا وڏيس پَٽَ تي، لاهي لاهُوتيَنِ،
جي رائي مَنجِهه رَهنِ، آئُون نہ جئندي اُنِ ري.

*(رامڪلي، ١ ـ ٢١)*

(١٠٢)

پَسيو آسَڻَ اُن جا، بانهُن وِجهان واتُ،
هُو جي ڪَهيا ڏُنهن ڦَلاٽُ، آئُون نہ جئندي اُنِ ري.

*(رامڪلي، ١ ـ ٢٣)*

(١٠٣)

پَکا پَنوَهارَن ڏي، ميوا، مَچَرَ، مَڪَ،
عُمَرَ! اَتِ اُڪَنڊيو، حالُ هَماري حَقَ،
لوئيءَ ۾ لَڪَ، سَمُنَ سُپيرِيُنِ سين.

*(مارئي، ابيات متفرقه ـ ٢٤)*

(١٠٤)

پَکا رَڃَ ڪُنيارَ جا، پَکي نِهائين،
مونکي تِيائين، پيلو پاڳي آئيو.

*(سهڻي، ٨ ـ ١٤)*

(١٠٥)

پَکو ڪَٽَج پانَ سين، چِڱو چِٽائي،
ڪَچو ڏيج، ڪُلالَ کي، مُنهن تي موٽائي،
سو سُڻُ هَنئين سين، سُهڻي! جيڪي فائق فرمائي،
موجُون مُنجهائي، مارِينئي مهرانَ جون.

*(سهڻي، ٨ ـ ١٩)*

(١٠٦)

پَکا پَکاريو، جامُ تماچي آئيو،
گُونڊَرَ لاهيو، گَندريُون! آتَڻَ اُجاريو،
ڪِنجهُرُ قَراريو، سَمي سامَ بَخشِي.

*(ڪاموڏ، ٢ ـ ١٢)*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٠٧)

پَکَنِ پوءِ پَچارَ: ”اڄُ تَماچي آئيو“،
مَرکَنِ مَلاحَنِ جا، مَتي باندِيُن بارَ،
وَڏي جامَ ڄمارَ! جنهن مِياٽِيُون موکِيُون.

(ڪاموڏ، ٢ ـ ١١)

(١٠٨)

پَکي پيهي نِکِيا، مَنجهان لَتِڙَن لَکَ،
ڪنِين ماٽکَ ميڙِيا، کنِين رَتا پَکَ،
پُنيءَ لائي لَکَ، گَڏِيو هَنجُ حَبيبَ کي.

(ڪارايل، ١ ـ ١١)

(١٠٩)

پَکي جَنهن پُڄائِيا، تَنهن ۾ ساهُ نہ ماهُ،
مَنجهہ ڪَرَنگهرُ ڪاٺَ جو: مَتي پَکَنِ گاهُ،
ويچارَنِ ويساهُ، مَتي پَکَنِ آئيو.

(ڪارايل، ١ ـ ٢٠)

(١١٠)

پَکِّهَ پاسي پَڇُ، آيَلِ! سامُونڊين جي،
مَنَ ۾ ٻاري مَڇُ، جِمَ وَڃنِئي اوهري.

(سامونڊي، ١ ـ ٢)

(١١١)

پَکِّهَ پاسي گهارِ، آيَلِ! سامُونڊين جي،
وِجهي جِيُ جنجارِ، جِمَ وَڃنِئي اوهري.

(سامونڊي، ١ ـ ١)

(١١٢)

پَکِّهَ پاسي ويهُ، آيَلِ! سامُونڊين جي،
تون ويسري وَکَ کَٽين، هو پُوريندا پَرڏيهُ،
سمنڊُ جن ساٿيهُ، ڪوهُ نہ ويئينءَ تن سين؟

(سامونڊي، ١ ـ ٣)

(١١٣)

پَلاٽيان، پيو! اولاٽيو نہ اُٿِيي!
جيڏانهن وَکُ ويو، اُيو ترسي اوڏهين.

(ڪنڀات، ٢ ـ ١٢)

(١١٤)

پَلِ پَلِ تي پَلي، ڏَمَرَ ڏهاٽي ڪيترو،
پَسي دُورُ دَرياهُ جو، وچان ڪِينَ وَلي،
ڪاريءَ راتِ قَريبَ ڏي، منجهان حُبَّ هَلي،
نہ ڪنهن جهولَ جَهلي، هُئي سَمَنَ پُوري سُهٽي.

(سهڻي، ٣ ـ ١٢)

(١١٥)

پَلَ پَلَ ۾ پَليانس، پَلُ نہ رَهي پِرينءَ ري،
جِنَّ جهوريءَ ڪان جهَليانس، جهجِيو تِنَّ جهوريءَ پوي.

(رپ، ١ ـ ١٥)

(١١٦)

پَلُرُ پيَنُ، اوچَنُ اُنَّ، جن جا پيرَ مَتي پَٽَ پاڪَ،
وهَنُ وَراڪَنِ ۾، اُن جي اَجوڪي اوطاقَ،
پاڻُ نہ پَسَنِ پاڻَ کي، ويچارا ٻي باڪَ،
عُمَرَا! اُوءِ نہ عاقَ، ڏکيا جِمَّ ڏُکوئِيين!

(مارئي، ٣ ـ ١٦)

(١١٧)

پَليءِ پايو پُوٽِيُون، دَرِ دَرِ پيرا ڏئي،
ڪا مُون ڪَتائي، آئون ڪاپائتي آهيان.

(ڪاپائتي، ١ ـ ٢٢)

(١١٨)

پَليان، پَليو نہ رهي، نرتُون نينهُن نبارُ،
گهڙان، گهوريو جِندُڙو! اُتَلِ مُون اَپارُ،
جِنينِ مَنِ ميهارُ، هَلَنُ تنين حق ٿيو.

(سهڻي، ٥ ـ ٩)

(۱۱۹)

پَنڌُ نہ پَنڌَن جيترو، ڪِيئَن سُجَندي ڪِيَہ؟
جيڪَر ڪَريان رِيَہ، پر چوندا مُنڌَ چري ٿي.
(معذوري، ۵ – ۱۲)

(۱۲۰)

پِنَن ڪِينَ پَٽُ ڪَٽي، سو جي سُڃاڻَن،
تہ بَرَ ۾ بيڪَ لَهِن، پَهرَ نہ پِنَن ڪاپَڙي.
(رامڪلي، ۷ – ۵)

(۱۲۱)

پِنَن ڪِينَ پَٽُ ڪَٽي، گُهرن ڪِينَ گهران،
مَهيسي مَخلُوق جي، اُپِيَن دُورِ دَران،
پُڇِن ڪوهُ شرعان، جُہ اَندرِ عَدالَتَ اَن جي؟
(رامڪلي، ۷ – ۴)

(۱۲۲)

پَنوهارَن پاٻوهيو، ڪي واهُنڌَن وَسَّ،
عُمَرَا! اُنهيءَ ڏِيہَ جا، ڏوٿِيُن ڏِنَمِ ڏَسَّ،
وَلِيُون، وَنَّ ڦَلارِيا، لُلُرُ نِگِيو لَسَّ،
آٿِيو وِڄهن آهرين، سَندا ٿُوهَن ٿَسَّ،
ميوا، مَڃَرَ، ماڪِيُون، سَڀَ ڪا چِکَن چَسَّ،
مارُئِيءَ وِهي مَسَّ، مَلِير ويندي مارُئي.
(مارئي، ۷ – ۳)

(۱۲۳)

پَنوهارَن پاٻوهيو، ڪي وَسَ واهُنڌَنَّ،
لَٿو سِيُّ، لَطيفُ چئي، ٻَڌو ڦَنُّ ڦَرَنَّ،
اوءِ ٿا ڪورِن ڪُنٽَري، سَرَتيُون! مَٿان سَسَنَّ،
عُمَرَا! اُنَّ اَڳَندَري، پاسي ڪانڌَ ڪَتَنَّ،
پاٿَر ڏِنيُون پُنيُون، نَنڍَن نوراپَنَّ،
ڪاٿَرَ ڪَٿِيُون خاصِيُون، اوچِيُون اُتَ اُڃَنَّ،
ڪَڏِيو پيٺُ ڪَهَنَ: "مَلِير گُهرجي مارُئي"!
(مارئي، ۷ – ۴)

(۱۲۴)

پَنوهارَن پاٻوهيو، وَرِيا واهُندا،
سارِيَمِ سيئُ، سَيَدُ چئي، ڳاڏِيلِيُون ڳُندا،
پِٺُن پَرِ هُندا، پُنگا پَٽُ پَتارَ جا.
(مارئي، ۷ – ۱)

(۱۲۵)

پُنهون ٿِيَس پاڻُهين، ويو سَسُئِيءَ جو سِينگارُ،
'مَنْ عَرَفَ نَفْسَہُ فَقَدْ عَرَفَ رَبَّہُ'، اِهوئي آچارُ،
جو وِندُرَ ۾ واپارُ، سو سودو سَرِيُس هِتَهِين.
(سسئي آبري، ۵ – ۵)

(۱۲۶)

پُنهون ٿِيَس پاڻُهين، ويو سَسُئِيءَ جو شَرَمُ،
هيڪِلِيُون هَلَن جي، پَڄي تن پَرَمُ،
جو وِندُرَ ۾ وَرَمُ، سو سودو سَرِيُس هِتَهِين.
(سسئي آبري، ۵ – ۴)

(۱۲۷)

پُنهون ٿِيَسِ پاڻُهين، ويئي سَسُئِيءَ جي سُونهَن،
خَلَقَ آدَمَ عَلىٰ صُورَتہ، اُٺن وَٺَن مَنجهہ وِرُونہَ،
چَريءَ مَنجهان چُونہَ، ڪَٽي هوتَ هَنج ڪيو.
(سسئي آبري، ۵ – ٦)

(۱۲۸)

پُنهونءَ پِيرِڙِيُون، گَهرِ گُهمَندي جي ڏِنيُون،
سي مُون سِيرِڙِيُون، نِتُ نِهارَنُ پيئِيُون.
(حسيني، ۹ – ۱۵)

(۱۲۹)

پُنهونءَ ڇَڏِيو پوءِ، جانِبُ جَبَلُ ڳولئين،
تيلانهين تَنگُون ڪَرئين، جيلانهين تون جوءِ،
ساڄَنُ سُڄَ نهارئين، ڏُکي! ڏوهہ ڪيوءِ،
هاڙهي هوتُ نہ هوءِ، وري پَڄُ وينئِن ڪي.
(سسئي آبري، ۳ – ۱)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٣٠)

پُنھونءَ سين پريت جو، ڪو جو پيچُ پيومِ،
پَنيي ھَنَ پَنيورَ ۾، وھَڻُ وهُ ٿيومِ،
مَتيون موٽَنَ سَنديون، ڪاڪيون! ڪيمَ ڏيومِ،
سَرتيون! ساهُ سَندومِ، ٿيو حَوالي هوتَ جي.

(ديسي، ٧ ـ ١)

(١٣١)

پڻ تا پَلاٽيِن، اوٺي اَڄُ اُباڪَرا،
پَھَ پاريسيون پانڻ ۾، ڏيرَ ڏِھاٽي ڏِينِ،
هوتُ پُنھون تا نيِنِ، پاروچي بولِي ڪَيو!

(ديسي، ٢ ـ ٩)

(١٣٢)

پڻ تا پَلاٽيِن، اوٺي گھٽو اُباھَرا،
ھُوءِ جي ھَلَڻَ سَنديون، ڳاھُون ڳالھائين،
مُون ڪي تا مارِين، سَڄَڻَ سانباھي ڪَيو!

(ديسي، ٢ ـ ١٠)

(١٣٣)

پڻ وھاٽيَس رات، ھَلي ھاڙھي سامُھين،
پُنھونءَ جا پِريات، اُيي پُڄي پَھيڙا.

(حسيني، ١٠ ـ ١٩)

(١٣٤)

پُوچا ڪارِ مَ پانڻَ، پَلِ پُوچا ڪان پانڻُ،
جاٽي جَڏِ جانُ، پُرجُ پُورَبَ پَنڌَ ڏي.

(راملڪي، ٧ ـ ٢٢)

(١٣٥)

پوچا ڪارِمَ پانڻَ ڪي، جوڳِي! رَکِج جوڳُ،
خَلَقَ خادِمُ جِنَ ڪَرِين، اِيُ راوَلَ! وَڏو روڳُ،
پَڳَنِ ڪونھي پوڳُ، نانگا وَڃَن نِڳيا.

(راملڪي، ٧ ـ ٢٣)

(١٣٦)

پُوچا ڪارِمَ پانڻَ ڪي، ڪوءِ، راوَلَ! پَنِ رُجاتُ،
لِباسان، لَطِيفُ چئي، پَلِ ويراڳِي! واتُ،
مَنُ ماري ڪَرِ ماتُ، تہ تيرَٿَ پَسِين تَڪِيو.

(راملڪي، ٧ ـ ٢١)

(١٣٧)

پُوچا ڏِنَمِ پيرَ، ڏِڪَنَ مَٿي ڏولَ جا،
مُون پائيو تنھن ويرَ، ڪوجھي ڪَندو پَريئڙي.

(ليلا چنيسر، ١ ـ ١٥)

(١٣٨)

پُورَبَ پُورَبَ تَپ ڪَرُون، جَبِ ھِنئَڙي آوَن پُورَ،
سِڪَندي کي سَڄَڻَين، نِڪِئُن لايُون نُورَ،
مارِيَسِ تَنھين سُورَ، جِنَّ ساجَنُ سُجھي، نہ مِلي.

(پورب، ٢ ـ ١١)

(١٣٩)

پُورَبَ ۾ پيھي، تان مُون گھٽو نِھارِيا،
سُڌ نہ مُڪي سَڄَڻَين، جيھي نہ تيھي،
ھُئا پَرَڏيھي، وَڃائي واٽَ ٿِيا.

(پورب، ٢ ـ ٩)

(١٤٠)

پُورَبَ ئي مارِياس، ڪَنھن دَرِ ڏِيان دانھَڙِي؟
مَتيون ڏِيندي لوڪَ کي، جَري پانڻَ ٿِياسِ،
جِنين نہ جيھياسِ، مان لَنؤ لَگو تَنِ سين.

(پورب، ٢ ـ ١٠)

(١٤١)

پُورَبِيا پُوري ويا، آسَنَ اَڄُ صُبُوحِ،
خَستُوري خُوشبُوءِ، آھي آديسِيُن ۾.

(پورب، ٢ ـ ٧)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٤٢)

پُورَبِيا پُوري ويا، آسَنَ آڏيءَ رات،
سُيَمِ نہ سَناسِيُنِ جُون، پَچارُون پرِيات،
ڪا جا جوڳِيءَ ذاتِ، مِٽ نہ مَعذُورِنِ جا.

(پورب، ٢ ـ ٦)

(١٤٣)

پُوري پِئي رَهُ، اُپِٽي اُجهہ مَ ڪاپَڙِي!
اَلا جي عِشقَ جا، سي تُون سَهيو سَهُ،
پُڄُ پانَ ڪي پَهُ، هِنگِلاج هَلَڻَ جو.

(رامڪلي، ٩ ـ ٢٠)

(١٤٤)

پَهري ڪَيا پَٽَنِ ۾، وِڃِڙِيُنِ واڏاٽا،
سُورَ اُنِين جا، سُومِرا! مُون ڪَي اَندَرِ اُڏاٽا،
اُنِي وِيڙا اُڪري، عُمَرَ! اَباٽا،
ٻَڪَرَ ٻاٻاٽا، پَسان شالَ پَرِ ڪَنهين!

(مارئي، ابيات متفرقہ ـ ٢١)

(١٤٥)

پهرين تُون پاريج، پارَڻَ پوءِ پُنهونءَ تي،
ٻولُ مَ وِساريج، هُوَ جو ڪَيُءِ هوتَ سين.

(سسئي آبري، ٤ ـ ١٤)

(١٤٦)

پَهرِينءَ راتِ پَسي، مُون مارُئيءَ مَنُ ڦِڪو ڪِيو،
موهَڙِ مارُوئَڙَنِ ڪي، واحِدَا! ڏِيج وَسي!
آهَرَ جنهن سسي، سو مِلَندو شالَ مَلِيرَ ۾!

(مارئي، ١٠ ـ ١٧)

(١٤٧)

پهرين ڪاتي پاءِ، پِڇج پوءِ پريتڙو،
ڏُکُ پريان جو ڏيلَ ۾، واڄَڻَ جِئَن وَڄاءِ،
سيخن ماهُ پَچاءِ، جي نالو گِيڙءِ نينهَن جو.

(ڪلياڻ، ٢ ـ ١٠)

(١٤٨)

پَهرِين ڪاري نانگَ جي، ڪو چِرڪِيلُ چِيڙَ ڪَري،
جي هَٽي ڏَنگَ ڏَسائيو، تہ ويجهو تان نہ وَري،
جيڪي ٽَپِ مَري، جيڪي سِڪي صِحَتَ کي.

(ڪارايل، ٢ ـ ٨)

(١٤٩)

پَهي سُڪَ! پيرَن ڪيہَ! ڪو نينهَن نِياپو مارُئين؟
اَتِ اُڪَندِي آهِيان، تَنهن آتَڻَ، تَنهن ڏيہَ:
سَندِي جا سارِيَہَ، ڪَہَ ڪَٽُوري پائِيان.

(مارئي، ١١ ـ ٢)

(١٥٠)

پَهي ڪامَ پَڃاءِ، اَمَڙِ! مُنهنجي آسِري،
ڏِيئِي ڪِي ڪِتاءِ، مُون ڪي نِينهَن نِهوڙِيو.

(حسيني، ٢ ـ ٩)

(١٥١)

پَهي ڪامَ پَڃاءِ، اَمَڙِ! مُنهنجي آسِري،
ڏِيئِي لَٽَ چَرخي کي، پُوٽِيُون پاٽِيءَ پاءِ،
ڪَتِيُمِ جِنهين لاءِ، سو ڪوهِيارو ڪِيچ وِيو.

(حسيني، ٢ ـ ٨)

(١٥٢)

پَئي تي پِيمالُ، سا مُنڌَ مَري نہ جِئي،
ٻُري هَنَ پَنيورَ سين، هَڏِ نہ گَرهي حالُ،
لالَنَ جو لَطِيفُ چئي، وساري نہ وِصالُ،
پِري ڪَجاڻءِ پالُ، هِيَ ڏاهِ ڏورِيندي ڪيترو؟

(سسئي آبري، ٨ ـ ١١)

(١٥٣)

پِيا ڪَنهن پَريانَ ۾، ڇِهين ڏِينهن ڇِٽِي،
اَندَرِ آديسِينِ کي، ڏُريان ٿِي ڏِٽِي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بَري پاجهارا ڪَيا، ڪانئي خاڪَ ڪَٽي،
پِنيو پَنج ڪَٽي، لِڪا پُٽَن لوڪَ ۾.
(راملڪي، ٢ ـ ٦)

(١٥٤)
پِيَّ پَسايو پانهنجو، نِظارو ناگاهَ،
لَٿو ڪَٽُ قُلوبَ تان، تي وروهَڻَ واهَ،
اُميدُون اَرواحَ، پِيَّ پَسندي پُنِيُون.
(سارنگ، ١ ـ ١٧)

(١٥٥)
پِيرَ پَٽانئي ڪُنَڙا، ڏُونگرَ مَٿي ڏي،
پانڻُ نہ پَسي ڦَٽيو، ڪَڙهي ڪيچِيُن ڪي،
هاڙهو هوتَ پري، ڪوهُ جاٽان، ڪَٺَن لَنگهيا؟
(سسئي آبري، ٦ ـ ١١)

(١٥٦)
پِيرَ پَٽانئي ڪُنَڙا، ڏُونگرَ مَٿي ڏي،
ڦَٽيا ڦَٽَن فَقيرِ جا، سيرُون تِيَڙا سي،
جهڙي تهڙي حالَ سين، پُري پُنهونءَ ڏي،
وَڃي، مانَ وَري، پانهيءَ پَنڌَڻُ جنهن سين.
(سسئي آبري، ٦ ـ ١٠)

(١٥٧)
پِيرُ پَرُوڙي پاءِ، گَنجي ۾ گُنَ گهڻا،
ڪاهوڙي ڪَرا وِيا، نَڪا اوڏي ماءِ،
جِنين ڏِٺي جاءِ، تِنين موٽَڻُ ميهڻو.
(ڪاهوڙي، ٢ ـ ٩)

(١٥٨)
پيرين پِيَمِ پُرڪَٽا، رَهَ ۾ گهٽو رُنومِ،
پاراتو پِرينِ ڪي، تيپي تان نہ ڏنومِ،
ڇڪي، تي چَيومِ، ’سُواهَرُو‘ سَڄَڻين.
(سسئي آبري، ٤ ـ ١٩)

(١٥٩)
پيشانيءَ ۾ پرينءَ جي، پَلائيءَ جا پيرَ،
اَگَڻ اَڪَنديِن جي، ڏِي پابوهي پيرَ،
قَمَرُ پاڙي ڪيرَ، شَمسُ سُپيرينِ سين؟
(ڪنيات، ١ ـ ٢)

(١٦٠)
پِيُ مَ طَهُورا، وانءُ اورانگهي اوريان،
وِچان جي وصالَ ڪي، سي سَڀِ اُجُورا،
حاصُلُ حُضُورا، سَمي جي سَڀِ تئي.
(بلاول، ١ ـ ٣)

(١٦١)
پيو جن پَرو، گَنجي ڏُونگَرَ گامَ جو،
ڇِڏي ڪيٺُ ڪَرو، لوچي لاهُوتي ٿِيا.
(ڪاهوڙي، ٢ ـ ١)

(١٦٢)
پِيو جو پاتارِ، سو ڪِئن پُسَڻ ڪان پالهو رَهي؟
سالِڪَ! مُون سيڪارِ، ڪو پَهُ اِنهين پاندَ جو.
(آسا، ٤ ـ ٣٩)

(١٦٣)
پيو ليٽين لُٽَ، سَڄيُون راتيُون سُمهين،
اُٿِي آڏِيءَ نہ ڪَرئين، سَپَڙ ساڻُ سَهٽَ،
رُونجهي راتَ اُپَٽِيا، پيتِنيَئُون پاٽيَٽَ،
ميڙي تِنان مَٽَ، چُوندي پَريا چارَٽين.
(پربهاتي، ١ ـ ١٧)

(١٦٤)
پيهي پَنُ پاتارَ ۾، جت ڳُڙهَ گنگا جَرُ راءِ،
ڇَڏي حِيلا هنَ هَنڌَ جا، تي جَڪري پاسي جاءِ،
اوڏو تَيُ اَللهَ ڪي، ڪاڄُ تَنهين جو ڪاءِ،
سُڪَنِ اِينڌءِ ساءُ، ويلهِ ويندءِ وسري.
(بلاول، ٢ ـ ١٥)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٦٥)

پيهي جان پاڻَ ۾، ڪَيَمِ رُوحَ رِهاڻ،
تہ نَڪو ڏُونگَرُ ڏيہَ ۾، نَڪا ڪيچِيُن ڪاڻَ،
پُنهون ٿِيَسِ پاڻِ: سَسُئِي، تان سُور هُئا.
(سسئي آبري، ٥ ـ ٢)

(١٦٦)

پيئي جا پِرِيات، سا ماڪَ مَ پِسو ماڙُها!
روئِي چِڙِيُ راتِ، ڏِسي ڏُڪوِيَنِ ڪي.
(ڏهر، ٣ ـ ١٦)

(١٦٧)

پيئِي جن پَرَڪَ، گَنجي ڏُونگَرَ گامَ جي،
واري سَبُ وَرقَ، لَوچي لاهُوتِي ٿِيا.
(ڪاهوڙي، ٢ ـ ٢)

(١٦٨)

پيئِي جن پَرُوڙَ، گَنجي ڏُونگَرَ گامَ جي،
چَڏِي سَبِ ضَرُورَ، لوچي لاهُوتي ٿِيا.
(ڪاهوڙي، ٢ ـ ٥)

(١٦٩)

پيئِي جن پَٽِي، گَنجي ڏُونگَرَ گامَ جي،
چَڏِي نِندَ گَهَٽِي، لوچي لاهُوتي ٿِيا.
(ڪاهوڙي، ٢ ـ ٣)

(١٧٠)

پيئي جِنين باسَ، گَنجي ڏُونگَرَ گامَ جي،
چَڏِي سَبِ لِباسَ، لوچي لاهُوتي ٿِيا.
(ڪاهوڙي، ٢ ـ ٦)

(١٧١)

پيئي جِنين بُوءِ، گَنجي ڏُونگَرَ گامَ جي،
ڏوري سا جُوءِ، لوچي لاهُوتي ٿِيا.
(ڪاهوڙي، ٢ ـ ٤)

## وائي- ١

پاڙيچِيُون! ڪا پَچارَ؟
مُنهنجا ڏيرَ ڏمَر ڪنهن ويا.
وينِي گوڙها ڳاڙِيان، تن جامَنَ لاءِ جَمارَ،
ڪَر ڪا ڪانگَ! اَچَڻَ جي، تن جي ڪا تَنوارَ،
مُئِي ماري هليا، ڪيچي ڪاهي قَطارَ،
سيڻَن لاءِ، سَيَدُ چَئِي، جهجِيَسِ سَبَ جمارَ.
(حسني، ٥ ـ وائي٢)

## وائي- ٢

پانڌِي پرِيُنِ جو، اي! مانَ ڪو پَسان!
پينَرُ! پَنِيءَ اُسَهو، ڏونگَرَ ڏورَڻُ اَسان،
مُنداِئتي مِينهَن جَئَن، ويلو ويلَ ٿي وَسان.
(سسئي آبري، ابيات متفرقہ - وائي٦)

## وائي- ٣

پَرچَنِ شالَ پَنوَهارَ، ڍولا! مارُو مُون سان، لا!
مُون مُورائِين مَدِيُون، آهِن سيڻَ سَتارَ،
عَيبَنِ پَري آهِيان، سَتُرُ ڪَج، سَتارَ!
اُنا مِينهَن مَلِيرَ ۾، تَڙ تَڙ پوءِ تَنوارَ،
پائي آيَسِ پاندَ ۾، اَوَگُڻَ، عَيبَ اَپارَ.
(مارئي، ٨ ـ وائي)

## وائي- ٤

پِرِين جي پَنڌان، مونکي جي جَهلِيندِيُون،
سي نہ پُڄندِيُون.
پَلِي ڪَري آئِيو، ناٿارو ڏيهان،
پَڳِي ڪُٺ سَجِي ٿِي، لَٿي جاڪِ ڳِران،
سَرتِينِ سُورَ پِرائيا، هاٺي هِنَ هَنڌان،
تان ڪي واسُ وهائِيان، ٻاروچِي مُلان،
تان ڪي ڏُونگَرُ ڏورِيان، جان ڪُڙِهِ اَندرِ ساهُ،
مَتِيُون موٽَڻَ سَنديُون، تون هَڏِ آڇ مَ، ماءُ!
(ساموندي، ١ ـ وائي١)

## وائي- ٥

پرينئُون پوءِ، مُون تي نہ وهامي راتِ رَمَنڌيئي،
ڦوڙائو فَقِيرَ کي، قادِرَا! ڪوهُ ڏنوءِ؟
ڇڙهيا ڏاڍين ڏونگرين، سيڻَن سانگُ نہ ڪوءِ،
اَچِي اوراهُون تَئِي، سَيَّدَا! ساٿُ سَندوءِ،
وينِي واٿَ نهارِيان، مَنَ پرِيَن پاڄهہ پوءِ،
اَدِيُون! عَبدُاللَّطِيفُ چَئِي، مُحِبَّ سِگهو مِلَندوءِ.
*(آسا ١، ــ وائي)*

## وائي- ٦

پَلَڪَ نہ رَهي دِلِ توري، وَرُ، مِيان خانَ بَلوچا!
اُٺَ چارِيندِيَسِ اُن جا، مَٿان ٽَڪَرَ توڙي،
ڏِينديَسِ ماهُ مِرُن کي، مَٿان ڪُلَهَن ڪوري،
ڪانگَ ڪِيَنمِ ڪيچَ جا، ماسُ چنجُن سان چوري،
ڏُکَ لاهِينديَسِ ڏيلَ جا، سانُ عَجِيبَن اوري،
آرِياڻي، عَبدُاللَّطِيفُ چَئِي، سارَ لَهَندمِ سوري.
*(سسئي آبري، ١٠ ــ وائي)*

## وائي- ٧

پُنهون پَريشانُ، ٻَرا! ٻَرا! نڪو خانُ نہ مانُ،
هيءِ! هيءِ! حالُ مُنهنجو.
مُون کي ٻُڪَ بوتَن جي، ناقي ڀانِئيان نانُ،
شَهرُ صَحرا ڀانئِيان، مُون ليکي مَيدانُ،
رُئان تي رُڃُن ۾، آريءَ لَءِ عُريانُ،
پِٽيان مُنهُن پَسَنَ لَءِ، هِتي تِي حَيرانُ،
آهي آريءَ ڄامَ جو، مُون کي ڪارِي ڪانُ،
ديوانِيءَ کي دل ۾، سُورَن جو سامانُ،
وِڄهج پِڪَ پِينارِ تي، پريَمِ! ڪاٽي پانُ،
ڪَڏهِن تيندو ڪيچ ۾، مُنِيءَ جو مَڪانُ؟
آهِئين، عَبدُاللَّطِيفَ کي، اڳِيان تُون اڳوانُ.
*(حسيني، ٥ ــ وائي)*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ت

(۱)

تاجي توريائُون، تہ عيبَ نِڪتا آڳيان،
ڪوني ڪاپائتين ڪي، پَرِ ۾ پُڇيائُون،
آڱَرَ آئُون، مون ڪان پِڙا پَڳا نہ ٿيا.
(ڪاپائتي، ۱ ـ ۳۳)

(۲)

تارا، ترَ، تروڪِٽيُون، متئن ڦُلَڙيُون،
ڪوءِ! سي راتڙِيون، جي مون پرينءَ پڄاڻان پيئيون.
(ڪنيات، ۱ ـ ۲٦)

(۳)

تارا تيلِيءَ روءِ، لُڏا لالَنَ! اُپرين:
جهڙي تو صُبوح، تهڙي صافي سَجڻين.
(ڪنيات، ۱ ـ ۲۱)

(۴)

تارَن ۾ ڪَرِ تَڪيو، وَنيِن ۾ ٿي ويهُ،
اَڪِيُن ۾ ٿي پيهُ، تہ آئُون آچارُو ٿيان.
(آسا، ۳ ـ ۱۵)

(۵)

تارُو تَريو وجِن، ننڍا وڏا واهُڙا،
هَيءَ! بِرَا! اَتارُن، جِئن ڳرا مَتِّن مولهيا.
(سريراڳ، ٦ ـ ۲)

(٦)

تاري وانءُ تَرازَ ڪي، منجهان موجَ، مَلاحَ!
دانهُون ڪَنِ درياهَ جون، اُونهي جا آگاهَ،
سُونهَن جي صلاحَ، وَٽُ تہ ويرِ لنگهي وَڃين.
(سريراڳ، ۵ ـ ۷)

(۷)

تان جي ٿِيَن سامُهان، پُنيرا سُونَهن،
سَنئُون وَرائي سُپرين، مُنهُن جي مانڌي ڪَنِ،
رَڳُون سَپِ رَڇِنِ، تَنَ ۾ تازائي ٿئي.
(آسا، ۲ ـ ۲۲)

(۸)

تان ڪا ڪَجاهُ وَرِ، ڪَمينيءَ تي، ڪيچيا!
آئُون اَوهان جي آهيان، بَندي بي سَمَرِ،
اَچي، ڪوهيارا! ڪَرِ، دِلاسو دِلگِير ڪي.
(حسيني، ۱۰ ـ ۳)

(۹)

تان ڪا وائي وارِ، دِلاسي جي داسَڙا!
تُون مُنهنجو وَلهو، آئُون تو ۾ طَمَعدارِ،
ڏِکي، ڏِولَ! ڳُذارِ، لَڄَ مُنهنجي لوڪَ ۾.
(ليلا چنيسر، ۳ ـ ۹)

(۱۰)

تان ڪا وَرِ ڪَجاهُ، ڪَميٽيءَ تي، ڪيچيا!
آئُون اَوهان جي آهيان، ٻانهي، ٻاروچاهُ!
دِلاسي، دوساهُ! مَتان مُون ڪي ڇڏِيو.
(حسيني، ۱۰ ـ ۱۴)

(۱۱)

تان ڪي سائُنِ اورِ، جان آهين اوطاقُن ۾،
ڏه ڏه پيرا ڏينهَن ۾، پانُ مَتانئُن گهورِ،
وِيا جي هِنگِلورِ، تہ ڪَرَمِ مِلَندءِ ڪاپڙي.
(رامڪلي، ۸ ـ ۳)

(۱۲)

تان ڪي لَئِج ڪانگَ! ڪڏهن ايندا مان ڳَري؟
سيٽَن ڪارِڻ سانگَ، مون تان گهٽيئي ڪيا.
(ساموندي، ۱ ـ ۲٦)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٣)

تان ڪي وَتــِن آءُ، جان آهين اوطاقُن ۾،
ويو تــِن نـہ وسري، لاهُوتيڪو لاءُ،
فَنا ۾ فِراقَ جو، سامِيُن چکيو ساءُ،
وَتان تو ويندا، ڪاپـڙي ڪابُولَ ڏي.

*(رامڪلي، ٨ ـ ٦)*

(١٤)

تان ڪي وَتــِن وَڄُ، جان آهِين اوطاقُن ۾،
سامي سَفر هَليا، رائو چتائي رُڄُ،
اَهڙو جن اُهَڄُ، سي ڪَرمِ مِلَندءِ ڪاپڙي.

*(رامڪلي، ٨ ـ ٥)*

(١٥)

تان ڪي وَتــِن ويهُ، جان آهِينِ اوطاقُن ۾،
سامِي سَفر هَليا، ڏُورِ چتائي ڏيهُ،
ڇَڏي سُکَ سانڍِيهُ، مَٿي گَنگا گجيا.

*(رامڪلي، ٨ ـ ٤)*

(١٦)

تانگهي ۾ تانڀي، پَڌ پَنهنجو تُرهَو،
اُونهي ۾ آتي، ڪونہَ ڏيندءِ ڪو پيو!

*(سريراڳ، ٤ ـ ١)*

(١٧)

تانُ نـہ آهي تَندُ جو، رُون رُون ڪَري رازُ،
هٿندڙ سَندا هَٿڙا، سيڪو ڇُئي سازُ،
سَتَ ڏيئي شهبازُ، تِيُ تـہ توکُ پرائيين.

*(سورٺ، ٤ ـ ٤)*

(١٨)

تان ونئن ويهي آءُ، اَگَنُ ڪاهوڙِين جي،
جوش ڏنائُون جيءَ کي، لِڪائي لوڪاءُ،
ڏوتِيِن ڪَنهن ڏڪاءُ، سُمهي سُکُ نـہ ماڻيو.

*(ڪاهوڙي، ١ ـ ١١)*

(١٩)

تَنيِءَ ڏَڏيءَ ڪاهِہ، ڪانهي ويلَ وهَڻ جي،
مَتان ٿِئي اُونداهِہ، پيرُ نـہ لهين پرينءَ جو.

*(حسيني، ٢ ـ ١٨)*

(٢٠)

تَپي ڪَندين ڪوهُ؟ ڏُونگرَا! ڏُکوِيُن ڪي،
تُون جي پَهڻَ پَٻَ جا، تہ لڳَ مُنهنجا لوهُ،
ڪَنهنجو ڪونهي ڏوهُ، اَمُرَ مُون سين اِئن ڪَيو.

*(ڪوهياري، ٢ ـ ١٨)*

(٢١)

تَحقيقَ جي پَري ٿُون، مَٿي رِءَ ڪَٽيج،
هَڪَلَ حَقِيقَتَ جي، پوڙِو ٿي پُڏيج،
اَندُو ٿي پَسيج، مُشاهدو مُحبُوبَ جو.

*(ڪاهوڙي، ٣ ـ ١٦)*

(٢٢)

تَران تان مَران، وَران تان وَهَ وتَرو،
هنئڙي ۾ هوتَن جا، اَچَن گُهورَ گهٽا،
پَسيو پاڙي وارِيُون، ڏِسيو ڏوهَ ڏِران،
وچان ڪٿَن وَران؟ ڪَنڌيءَ منهنجو ڪارَٽي.

*(سهڻي، ٩ ـ ١٢)*

(٢٣)

تَران لَءِ طَعني، مَٿي وَهَ واڪا ڪيو،
آئي وِڏيَسِ آرَ ۾، دَرياهَ ديواني،
قَلَمَ جي ڪاني، آئي اِوليَسِ اولَ ۾.

*(سهڻي، ٩ ـ ١١)*

(٢٤)

تَرسُ طبيبن جو، جَڏن ڪيو نـہ جاتَ،
جو ويجن جي واتِ، دارُوَنَٽان تنهن دُور ٿِيا.

*(يمن ڪلياڻ، ٢ ـ ١٧)*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٣٧)

تَعظيمان تَرڪُ ٿِيو، واڪاڻان وِيو،
جِتي سَڌُ صاحِبَ جو، اُتِ آهي ڪونہ پِيو،
پاڻيءَ تَنهين پِيو، جَنهين ناهِ نِهايَتَ نِينهَن جي.

(آسا، ٤ ـ ٤٢)

(٣٨)

تہ ڪَر ڪِينءَ سُئي؟ جي سِيرَ نہ گهڙي سُهڻي،
هتِ حياتيءَ ڏِينهَڙا، هَـڏهن تان نہ هُئي،
ڇُڪي تنهن ڇَري ڪئي، جو ڏنس اُن ڏهي،
سُهڻيءَ ڪي، سَيّدُ چئي، وڏو قُربَ ڪُهي،
هُنـئَهين هونَدَ مُئي، پَرَ بُڏيءَ جا بيٺا ٿِيا.

(سهڻي، ٥ ـ ١٥)

(٣٩)

تَڪِيا تاڪِياڻون، وِيا رَمندا رامَ ڏي،
ڪِجان، خَبَرَ نہ لَهان، تِـنِ آديسِيُن آئُون!
ڪَنهِن ڪُوڻِ ڪَنياڻون؟ ڪاڏي وِيا ڪاپَـڙي.

(رامڪلي، ٣ ـ ١٢)

(٤٠)

تَڪِيا پَسُون تِـنِ جا، هَلي مَنجهان حالَ،
ڪوڙين ڪَنوتِيَن جا، پِيـنَـرُ! پانيان پالَ،
سامِيُن جي سَنيالَ، مُنهنجو چِتُ چِڱو ڪَيو.

(رامڪلي، ٣ ـ ١١)

(٤١)

تن اَکِيُن اُتان سُکَ، ڪِلَندي ڪَٽَن جي،
پرِيُن پاپوهَڻَ سان، ڏُورِ ڪيا سِپ ڏُکَ،
مَاڙهُن لِيکي بُکَ، سامِي سُورَ سَنا ڪيا.

(پورب، ٢ ـ ٢)

(٤٢)

تِـنِ باغَنُئون بَسِ، جي ڪَنڊِيءَ ڪاڪ ڪَڪوريا،
سوڊِي رِءِ، سَرَتِيُون! ڪاڪِ نہ اَچي ڪَسِ،
راڻي پائي رَسِ، تَنُ پيڙيءَ جِئَن تاڻيو.

(مومل راڻو، ٧ ـ ١٧)

(٤٣)

تُنبائي تاڪِيدَ سِين، جن پچايو پاءُ،
لَسي تَندُ، لَطِيفُ چئي، هَلي تن هَـٿاءُ،
مَلمَلِ مَنجهان، ماءُ! جي سِڪيُون، تن سونُ ڪيو.

(ڪاپائتي، ١ ـ ٢٠)

(٤٤)

تَنُ تَسبيحَ، مَنُ مَڻيو، دِلِ دَنبُورو جَن،
تَندوُن جي طَلَبَ جوُن، وَحدَتَ سِر وَجَن،
"وَحْدَهٗ لَا شَرِيْكَ لَـهٗ"، اَهو راڳُ رَڳُن،
سي سُتائي سُونهن، نِنڊَ عِبادَتَ اُن جي.

(آسا، ٤ ـ ٤٧)

(٤٥)

تُنَ تُـنِيندو آءُ، مَکِ ڏيهاٽي مَـڪُڙي،
سانباهي سمنڊَ جي، مَنان مُورِ مَ لاهِ،
اَڄُ ڪِ سَنجِهه صُباحِ، اُهِرندي اَتانگَ تَـڙين.

(سريراڳ، ٣ ـ ١٠)

(٤٦)

تن پيئِي جانارَن يادِ، جي پاريَلَ پُنهونءَ جامَ جا،
سَندِي لالَنَ لاڏِ، مُـٺان پوءِ مُنڌَ ٿِئي.

(معذوري، ١ ـ ٣)

(٤٧)

تَنَ جَنِين جي تانگَ، سي سَجَڻَ سَفَر هليا،
لَئُج لاتِ، لطِيفُ چئي: ڪَڏهن ايندم؟ ڪانگَ!
ڪَنهن سَـٽائي سانگَ، پِرِين پَرڏيهي ڪيا.

(سامونڊي، ١ ـ ٢٥)

(٤٨)

تَندُ تماريءَ تانُ، ڪَهيو سو قبُولُ پيو،
سرُ نہ آهي سَٽَ ۾، پَرَ پيو ڪي مَڱُ دانُ،
خاڪِ، مِٽِي ڪانانُ، ڪاتِيا پوءِ ڪُجهہُ نَهين.
*(سورٺ، ٤ ــ ٥)*

(٤٩)

تـنِ ساڏوهيَنِ سَڏُ مَران، ڏنگا جنين ڏارَ،
پُـٽي سانُ پـتارَ، پاڻُرِ پيرُون چُونديان!
*(مارئي، ٧ ــ ٩)*

(٥٠)

تَنَ طبيب نہ تُون، سُڌَ نہ لَهين سوُرَ جي،
سانِدِ پنهنجا ڏبَڙا، ڪَڏُ ڪَٽي ۾ پوُن،
ڪانَ گُهرجي مُون، حياتي هوتَنِ ريَ.
*(يمن ڪلياڻ، ٢ ــ ١)*

(٥١)

تَنُ ڪُڏِي، مَنُ حُجرو، ڪيمَ چاليها رَڪُ،
ڪوه نہ پوڇيو پوڇئين، اَنئي پَهَرَ اَلَڪُ؟
تان تون پانُ پَرَڪُ! سيڪنهن ڏانهن سامهون.
*(يمن ڪلياڻ، ٥ ــ ٣٤)*

(٥٢)

تَنَ ڪي ڪِدِي تارِ مان، صُلحُ ساهَڙَ جو،
اُت آڏو اَچي ڪِينَ ڪي، ٻيلِپُو ٻئي جو،
ميهَرَا! ڪَج منهنجو، ڪو اوکَرُ ڪَنهين آرَ تان.
*(سهڻي، ٨ ــ ٢٤)*

(٥٣)

تَنَ ۾ تَرازَ توهَ جِي، گهٽو لَهَ گهوري،
اَدَبَ ۽ اخلاص جا، سِڙَهَ ٻَڌج سوري،
وَکَرُ وِيـنَتينُ جو، تنهن ۾ پاءِ توري،
نہ عادَنِئُون اوري، تُنهنجو تَوائِي نہ ٿئي.
*(سرِيراڳ، ٦ ــ ١١)*

(٥٤)

تن مُنهَن موچارا مارُئين، مَليرُ جنين ماڳُ،
ناقِصَ نَوازي گهَٽا، سَندو تن سَپاڳُ،
اَڱَڻِ مُون اَياڳُ، حُسنُ تي هيئَن ٿيو!
*(مارئي، ٥ ــ ١١)*

(٥٥)

تـنِ نيڻَن ڪي نيران، جن ساجهُر سيڻَ سانپيتيا،
جِيءَ، جُسي ۽ جانِ، ڪَرَ حُضُوري حَجُ ڪَيو.
*(آسا، ٦ ــ ٦)*

(٥٦)

تن وَنهَين ويڙيچَن ڪي، رُئين نہ راتو ڏينهَن؟
ڪالَهہ پَنوهارَن لَڏيو، مُون ڪي چاڙهي چيهَن،
آڻون جِنَدي ڪيئَن؟ جُه اُن ٿرِ وَجي، ٿاٿا ڪَيا.
*(مارئي، ٢ ــ ٦)*

(٥٧)

تـنِ وَنهين ويڙيچَن ۾، سَدائين سُڪارُ،
چُنڊيو، آٽيو چاڙهيُون، سَندو ڏوُنرَن ڏارُ،
جن جو ويڙنِ سين واپارُ، سي ڏوٿي هُون نہ ڏبرا.
*(مارئي، ٧ ــ ٥)*

(٥٨)

"تنهن پَر اُنِ مينهَڙا، جنهن پَرِ گُهرياتُون،
رَضا جا رَحمانَ جي، پُجي پارِياڻُون،
مَلِيرُ ماٽِياڻُون، حُڪمَ سانُ حَبيبَ جي."
*(مارئي، ١١ ــ ٧)*

(٥٩)

تَنهن ڪوِڻ تي ڪواءِ، جا ڏِسِ ڏاڏاڻَن جي،
سارِيو سانپيڙَن ڪي، رويو راتِ وهاءِ،
سُوٽا ڪيمَ سَهاءِ، عُمَرَ! بَنديانِـن ڪي.
*(مارئي، ابيات متفرقہ ــ ١٨)*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٦٠)

تو جنين جي تات، تن پڻ آهي تُنهنجي،
'فَاذكُرُونِيَ اَذكُركُمُ'، اِيَ پَروڙج بات،
هَتِ ڪاتي ڳُڙ واتِ، پُڄَڻُ پَر پرينِ جي.

(ڪلياڻ، ٣ _ ١٣)

(٦١)

تو جو پولُ، پَروچَ! ويهي ڪيو وَٽڪار ۾،
سوئي پارِج، هوتَ! وَلهيءَ مُون مَعذُورِ سين.

(سسئي آبري، ٤ _ ١٣)

(٦٢)

تو جو پانيو هارُ، سو سُوَرن جو سَگِڙو،
چَنيسَرُ چِٽُ ڪَٽي، تِيو پورهِيَتِ جو پارُ،
اَوتَتِ جو آچارُ، ڪانڌُ ڪَنهين سين مَ ڪَري!

(ليلا چنيسر، ١ _ ٩)

(٦٣)

تو جو ڏيو پانِيو، سا سُورِجَ سَهائي،
اَنڌَن اُونداهِي، جي راتِ وِهامي ڏينهُن ٿيو.

(رامڪلي، ٩ _ ٢٤)

(٦٤)

"تو دَرِ آيُسِ، راڄِيا! پِيا دَرَ ڏيئي پَنِ،
ڪَهان جو ڪُماچَ سين، سو سُڻُ سَپاجهي ڪَنِ،
جا مَڱَ مُنهنجي مَنِ، سا توکي مَعلُومُ سَيَڪا."

(سورٺ، ١ _ ١٢)

(٦٥)

"تو دَرِ آيُسِ، راڄِيا! پِيا دَرَ ڪَري دُورِ،
سائِلُ تو سَينَ هَٿِي، هَردَمُ آن حُضُورِ،
پِيو نہ مَڱي مُورِ، اَمَنُ ڏِيو اُنَ کي."

(سورٺ، ١ _ ١١)

(٦٦)

"تو دَرِ آيُسِ، راڄِيا! جاچڪُ وَٽي جيُّ،
ڪَنان "نارُ حامِيَه"، هانُ بَچائج هِيُّ،
والي ڏِياريئي ويُّ، جتِ آهي "جَنّاتُ عَدَن."

(سورٺ، ١ _ ٩)

(٦٧)

"تو دَرِ آيُسِ، راڄِيا! هَهڙو وَٽي حالُ،
اونائيج عَلِيلَ جو، سَپاجها! سُوالُ،
اَڱڻَ مَٿي آنهنجي، ڪَهي ڪي قَوالُ،
پِلا! ڪَري پَالُ، اَمَنُ ڏِيو اُنَ کي."

(سورٺ، ١ _ ١٠)

(٦٨)

توڏانهن گهٽو نهاريان، تارا! تيلاهين،
سَڄَڻُ جيڏاهين، تون تيڏاهين اُيرين.

(ڪنڀات، ١ _ ٢٢)

(٦٩)

توڏي توڙائين، نِينهَن نَوازي سُهڻي،
ڳچِيءَ هارُ حَبِيبَ جو، لائِقُ لَڏائين،
سو تَڙُ سونائين، جيڏانهن عالَمَ آسِرو.

(سهڻي، ٣ _ ٧)

(٧٠)

توڏي! تُهائِينِ جي، سي هتي چَڏِ حرصَ،
ساهَڙُ ڏاران سُهڻي! ڪوتِيُون ڪَنِ ڪرسَ،
وَڏي اِيَ وِرسَ، جيئَن ڏَمَ وَتِ ڏِينهَن گُذارِئين.

(سهڻي، ٣ _ ٨)

(٧١)

توڏيءَ کي تَعظِيمَ، پِين سَپَنان اَڳري،
اوڏي تي اَلفَ کي، مَنُ گَڏيائين سين مِيمَ،
جيلان ذاتِ حَلِيمَ، مِلي تي ميهارَ کي.

(سهڻي، ٣ _ ٩)

(۷۲)

تو سامائي، سَسُئي! مَرَڻُ ڪيو مُردارُ،
ڪُپَرِ سين ڪوهِيارُ، لُوٽي! تو لَڄايو.

(معذوري، ۴ ـ ۱۱)

(۷۳)

تو سَگُ، ساهَ! گهَٽن سين، جِئَڻَ! گوشي جاءِ،
مَرَڻَ! مُون سين آءُ، تہ پِنِيءَ تو پَنڌُ ڪِريان.

(معذوري، ۴ ـ ۱۰)

(۷۴)

توسين پولَ پَهُون، سَهَسين ساجَنُ جي ڪري،
ڪَندِينءَ توءِ ڪِهُون، جي نالو پِيَڙُءِ نينهَن جو.

(سسئي آبري، ۴ ـ ۱۵)

(۷۵)

توکي توڙائين لِکِي، عُمَرَ! اَڇائِي،
جنهن تو سامائي، مامَ نہ پِڳي مارُئين.

(مارئي، ابيات متفرقہ ـ ۴۷)

(۷٦)

توکي رَسي 'تو' ڏٽي! سَپوئي جَمالُ،
ڪونهي بِيو خِيالُ، جي شارِڪَ! شڪُ وڃائِيين.

(آسا، ۱ ـ ۴)

(۷۷)

توکي مَعلُومُ مُنهنجِيُون، سودِا! سَپيئي،
آڳانڊِو اَرواحَ کي، آهِئين اُهوئِي،
وِهَڪَ مُون ويئي؛ پُڇايو، پُڇان پَهي.

(مومل راڻو، ۴ ـ ۷)

(۷۸)

تو ۾ بَڌِيَسِ تي، جي مُنهَن ۾ مَديُون نہ ڏِئين،
ڍولا! جي ڍِڪِئين، سي مَتان عَيبَ اُپَٽِين.

(مومل راڻو، ۸ ـ ٦)

(۷۹)

تُون اوڍَرُ، تُون اوڍَڪو، تُون اَجهو، تُون آڳُ،
هِتِ پڻ تُنهنجو تَڪِيو، مَهَندِ پڻ تُونهين ماڳُ،
سي لورِيُون ڏِيَنِ نہ لاڳُ، جي اَجهي آيُون اَبِڙي.

(بلاول، ۳ ـ ۱۳)

(۸۰)

تُون تَماچِي، تَڙَ ڌَڻِي، آئُون گَندِري غَرِيبِ،
توسين ڄامَ! قَرِيبِ ڪي، ڏنُ ڇَڏائي ڏيـج مُون.

(ڪاموڏ، ۱ ـ ۷)

(۸۱)

تُون تماچِي، تَڙَ ڌَڻِي، آئُون مهاڻي مي،
مُون کي ڏُهاڳَ مَ ڏي، آئُون جا نالي سُپَسِ تنهنجي.

(ڪاموڏ، ۱ ـ ٦)

(۸۲)

تُون جي ڪالَهہ مُئِي، تہ ڪالَهہئِي گَڏِينءَ پِرينءَ کي،
ڪَڏهن ڪانَ سُئِي، تہ ڪا سَگهِي گَڏِي سَڄَڻين.

(حسيني، ۹ ـ ۱۹)

(۸۳)

تون چَندَ! اُهوئِي، جو هُتِ پَسِين تو پِرينءَ کي،
آڏِتُ چِئج اُنِ کي، ڏيانءِ جو روئِي،
هيڪانديءَ هوئِي، سانگُ مَ پوي سڄَڻين!

(ڪنيات، ۱ ـ ۳)

(۸۴)

تون حبيبُ، تون طبيبُ، تون دارُون کي دَردَنِ،
تون ڏِئين، تون لاهئين، ڏاتَرَ! کي ڏُکندَنِ،
تڏهين ڦَڪِيُون فَرَقُ ڪن، جڏهين اَمرُ ڪريو اُنِ کي.

(يمن ڪلياڻ، ۱ ـ ۴)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٨٥)

تون حبيبُ، تون طبيبُ، تون دَردَ جو دارُون،
دَوا آهين دِل کي، تنهنجون تَنوارُون،
کريان تِي ڪارُون، جتَن ڪُکي پِيئنُون نہ ٿئي.

(يمن ڪلياڻ، ١ ـ ٢)

(٨٦)

تون حَبيبُ، تون طَبيبُ، تون دَردَ جي دَوا،
جانبَ! منهنجي جيءَ ۾، آزَرَ جا اَنوا،
صاحبَ! ڏي شِفا، ميان! مريضَن کي.

(يمن ڪلياڻ، ١ ـ ١)

(٨٧)

تون حبيبُ، تون طبيبُ، تون ئي ڏِئَين ڏِبُ،
تون ڏئين، تون لاهئين، تون ئي هادي رَبُ،
آهِم اِيُ عجبُ، جئن واريو وِيجَ وهارئين.

(يمن ڪلياڻ، ١ ـ ٣)

(٨٨)

تُون ڏاتي، ڏِتَ ڏتي: ڏِولا! تُنهنجو ڏِتُ،
پائي تُراڙيءَ توريان، تہ مُلڪ نہ تُنهنجو مَتُ،
لاهي ڪَسَرَ، ڪَٽُ، اَچي ڪوڙِ قناڻون ڪاڪ ۾.

(مومل راڻو، ٦ ـ ١٦)

(٨٩)

تُون سَپِڙُ، آئُون سيڪَڙُو، تُون ڏاتارُ، آئُون ڏُڏُ،
سُٽي تُنهِنجو سَڏُ، ڪُلهي پاتِم ڪينَرو.

(پرڀاتي، ١ ـ ٢٤)

(٩٠)

تُون سَپِڙُ، آئُون سيڪَڙُو، تُون ڏاتارُ، آئُون ڏوهُ،
تُون پارِسُ، آئُون لوهُ، جي سَچِين، تہ سونُ ٿيان.

(پرڀاتي، ١ ـ ٢٥)

(٩١)

تُون سَپِڙُ، آئُون سيڪَڙُو، تُون صاحِبُ، آئُون سَگُ،
پُڇِي تُنهِنجو پَگُ، ڪُلهي پاتِم ڪينَرو.

(پرڀاتي، ١ ـ ٢٣)

(٩٢)

تُون سَمو، آئُون گَندِري، مُون ۾ عَيبَ اَپارَ،
پَسي لِيَ لَغارَ، مَتان ماگِر مَتِئين!

(ڪاموڏ، ١ ـ ٢)

(٩٣)

تُون سَمو، آئُون گَندِري، مُون ۾ عَيبَن جُوءِ،
پَسِي راتِيُن رُوءِ، مَتان ماگِر مَتِئين!

(ڪاموڏ، ١ ـ ١)

(٩٤)

تُون سَمو، آئُون گَندِري، مُون ۾ عَيبَن ڪوڙِ،
پَسي ڪِڪيءَ ڪوڙِ، مَتان ماگِر مَتِئين!

(ڪاموڏ، ١ ـ ٣)

(٩٥)

تُون سَمو، آئُون گَندِري، مُون ۾ عَيبَن لَکَ،
هِنَ مُنهنجي حالَ جي، توکي سَڀِ پَرَکَ،
ڪارَڻِ رَبَّ اَلَکَ، مَتان ماگِر مَتِئين!

(ڪاموڏ، ١ ـ ٥)

(٩٦)

تُون سَمو، آئُون گَندِري، مُون ۾ عَيبَن وِيهَ،
پَسي مَئڪي ڏِيَ، مَتان ماگِر مَتِئين!

(ڪاموڏ، ١ ـ ٤)

(٩٧)

تُون صاحِبزادو سُپِرين، آئُون نِسورو نوڪَرُ،
بيحَدِ ڪَريان بَندَگي، هَٿَ ٻَڌي حاضُرُ،

چِنَ چِڏِينديَس ڪِينَ ڪي، دوستَ! اوهان جو دَرُ،
مُون تان مِهرَ نَظَرُ، پِرين! لاهِ مَ پانهنجو.
(بروو سنڌي، ١ ـ ١٩)

(٩٨)

تُون ڪا ڪاني پاءِ، وَنِ ۾ وصالَ جي،
دوبينائِي دُورِ ڪَري، مَعرِفَتَ مَلهاءِ،
سُپيريان جي سُونهَن ۾، رُخنو ڪونَ رِهاءِ،
اَڪ اَشهَد چاءِ، تہ مُسَلمانِي ماڻئين.
(آسا، ٤ ـ ١٩)

(٩٩)

تُون ويسرو، ويرَا! ساٿِيُن سَنيَت پَنڌَ جي،
جوڙِي جُنگَ جَهازَ ڪي، ڪوڙِ هَٽائج ڪِيرَ،
وَهي وَڻجارَنِ جي، بَندرَ ڏانهن بَهيرَ،
گَهرِ تنين جي ڪِيرَ، جن لاڳيدارَ لَنگهائيا.
(سريراڳ، ٥ ـ ١٠)

(١٠٠)

تُون هَڏِ ڪُڄاڙيا، سَنجهي سَعيو نہ ڪَرين؟
سَوارا سَنڌَ ڪَٽي، ڪاهوڙِي وِيا،
آتِيندين ڪِيا، ڏُٺَ ڏُوراٽي ڏِيہَ جو؟
(ڪاهوڙي، ١ ـ ٦)

(١٠١)

توڻي تَوائي، توءِ تُنهنجو آسرو!
سَجَڻُ گَرِ لائي، ڪِيرُون ڏِينديَس جيڏِيين.
(سريراڳ، ٦ ـ ١٢)

(١٠٢)

توڻي تُون ڪاتارِ، جَمَ هيڪلِي پيرئين،
ڏِني ڪا ڏُئارِ، صَرافَ اِنهين سُٽَ ۾.
(ڪاپائتي، ١ ـ ١)

(١٠٣)

توڻي ٿِينءَ وَڏِي، توءِ اُٽي آتَڻِ آءِ،
تي پيڙِي پيرَمَ وارِئين، ٻِي هَڏِ ڪَرِ مَ ڪاءِ،
تہ صَرافُ تو صُباحَ، ڪوٺي ڪاتارِنِ سين.
(ڪاپائتي، ١ ـ ١١)

(١٠٤)

توڻي ناهِ نَصِيبَ ۾، مُومَلِ مينڌِرو،
پُنڌُ، جِمَ پاهِين وَرِين، مَنجهان پِرتِ پَرو،
راٽي لَءِ مَ رو، وِهُ طَعني سين واڳِجي.
(مومل راڻو، ٣ ـ ١٨)

(١٠٥)

توڻي ولاڙُون ڪَرين، توڻي هَلِين وڪَ،
لِڪَئي مَنجهان لِڪَ، ڏَرو ضايَع نہ ٿِئي.
(معذوري، ٥ ـ ٧)

(١٠٦)

تو، وَرَا! وَهُون ڪيتريُون، مُون وَرُ تُون وَريج،
سوِيي! اِن سُهاڳَ ڪي، پوري! پَرُ مَ ڏِيج،
پِرتان پيرَ پَريج، مَلهائج مِسڪِينَ ڪي.
(ليلا چنيسر، ٣ ـ ١١)

(١٠٧)

تهڙا چاليها نہ چالِيہَ، جهڙو پَسَڻُ پرينءَ جو،
کهڙي ڪاتِبَ! ڪرئين، مٿي پنن پيہَ،
جي وَرَقَ ورائين ويہَ، تہ اَڪرُ اهو ئِي هيڪڙو.
(يمن ڪلياڻ، ٥ ـ ٣٣)

(١٠٨)

تَهڙا ڪَرَجَ ڪَڪرا، جهڙا جاڻَنِ ڦُلَ،
تَنِ سامِيُن جي سڏَ مَران، جن جي گودڙِيُن ۾ گُلَ،
اَندرِ مُلان مُلَ، ٻَهرِ ڪوجها ڪاپڙِي.
(رامڪلي، ٦ ـ ١٢)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٠٩)

تھڙو ڪنجھر ۾ ڪِينَ پيو، جھڙي سونھن سَنديا سِ،
مَڏ، مياٽيون، مَڪُڙا، مڙئي مَعاف تِياسِ،
مورِڇَل مَٿانس، اُيو تَماچي ٻي ھٽي.
(ڪاموڏ، ١ ـ ٢٤)

(١١٠)

تيلُ نہ لائيان تُنھنجو، مُون ماروءَ جو مَنّ،
ڪَريان ٻي نہ ڪَنِ، آھَرَ اُنھين آھيان.
(مارئي، ٣ ـ ٥)

## وائي- ١

تان تُون ويہُ سَنبھي، ساٿي! مِيان! پانڌي! مِيان!
ڪاڪِ ھَلِبو ڪَڏھين؟

لَڪين لُڏُوٽيان مَٽي، مَٽي واٽَ ويا ٿي، مِيان!
جنھن ڪي پُڇان، سو چوي: "آئيو ڪونہ اُتان ٿي، مِيان!"
ڪوناٿُو ڪَريمَ جو، آئِيو پِھي پَريان ٿِي، مِيان!
حُڪُمُ ڏِيندُءِ ھَٿَ ۾: "ھاٽي ھَلُ ھِٿان ٿِي، مِيان!"
اَڊيُون! عبدُاللّطِيفُ چَئي، پِريَن پاسِ پُران ٿي، مِيان!
(مومل راڻو، ١ ـ وائي)

## وائي- ٢

تَنڙ نِھاريان تي، مُنھنجا بَندَرِ ويڙا جي،
مانَ سِڙہَ سُجاڻان سَڄَڻين.

اُپي اوسَہ پائيان، ڪارڻ وَڻجاري،
گھڻو اُڪَنڊي آھيان، پريِنءَ پنھنجي ڪي،
آساتِي آھيان، آلا! ڪانڌُ اَچي.
(سامونڊي، ١ ـ وائي ٢)

## وائي- ٣

نہ ڪو ھوتُ سَجَڻُ نيندا، ھوا! ڏِبرا:
ڪَلَ نہ پِيئِمِ ڪا: مُون نہ پَروڙيا، ماءِ!
ڪُھي ڪَمِيٽي ھَليا، پانِيَڻ ڪَري پيرا،
پَسان شالَ اَکِيُن سين، دوستَ سَندا ديرا،
سيٽَن ساجُھر لَڏيو، پوءِ تي پُڇين پيرا،
ڏانَ وِجھي ڏاگِھن ڪي، وَنگيءِ نہ تنھن ويرا،
ٻَـڙڪَن تا پانِيَڻ جا، جِيَّ اَندرِ جيرا.
(حسيني، ١١ ـ وائي ٣)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## وائي- ۴

تن اَکِيُن آڻُون اَڙائي، پـڙي! جيڏيُون!
ڪَنهن دَرِ ڏيان دانهڙي؟
ڦَڪِيُون ڏيئي ڦَڪيُون، ويڄَن آڻُون ورچائي،
حُسنَ هوتَنِ جي، اَديُون! تنهن لاليءَ آڻُون لَڄائي،
اُلفتَ ڪَر مَ اُنَ سين، قُربَ جا ڪَڙائي،
صُحبتَ سُپيرِيُنِ جي، مِني آهِ مِنائي،
آلا! عَبدُاللّطِيفُ سين، وَحدَتَ وَٽ ورِهائي.
(رامڪلي،٦ ـــ وائي)

## وائي- ۵

تن پِرِيُن کي اُڪَنڊي آئُون، لَڪَ لَنگهيائُون،
ڏيرَ ڦَرارِيا ڏيهَ ۾، تن اُنِ گهوري آئُون!
چَڙهي ڏاڍين ڏُونگَرين، بانيَڻِ اُڇلي بانهُون،
هُيَسِ پاسِ پِرتَ جي، بانيَڻِ ڏيءَ نائُون.
(ديسي، ٧ ـــ وائي ٣)

## وائي- ٦

تن ڳُٽَنِ ڳِهرَوِجائي، هو ملئي! جو ڳِيُنِ مُون سين جي ڪَيا.
ڪَري مَرِج، ڪاپَڙي! گُرُوءَ وَٽِ گَدائي،
اِشارتُون اُنَ جُونِ، وانءُ ڪَپي تُون ڪائي،
نَندَ تَنين کي ناهِ ڪا، جا آديسِيُنِ اُٿائي،
آهي اِنَ ڳالِهہ جي، راوَلَ! اِيَّ رُباعي،
هيڪائي هيڪُ ٿِيا، ٻُڌَنِ ڪانہ ٻِيائي،
اَکِيُنِ آرِسُ چَڏِيو، دِلِ ۾ ناهِ دَغائي،
”انَّ الله وَتَرٌ يُحِبُّ الوِتَـرَ“، اِيَ اُنينِ لَءِ آئي،
رِيجهائي رَمُوزُ سين، ڪاهوڙِيُنِ آئُون ڪانئي،
آلا! عَبدُاللّطِيفُ چَئي، مُون سين، صاحِبَ! ڪَرِ سَٽائي.
(رامڪلي، ۵ ـــ وائي)

## وائي- ٧

تَنَ مَنَ مَنجِهہ تَنوارَ، هو! يار! سَدا آهي سِڪَ جي.
تئَن چِٽڪَن چِتَ ۾، جئَن سا گهنڊيءَ لارَ.
لَڳي اُجَ اَکِيُنِ کي، سِڳهو موٺُ، سَتّارَ!
پَسان ڪِينَ پِريتَمُو، ڪاڏي پِرتِ پَچارَ؟
بَندِياڻي ڀَنڀورَ ۾، آهيان اَوهان ڏارَ،
مُون کي چِڏِ مَ چِپَرِين، آرياڻي! آڏارَ!
ڏِيان خيزُ خِزانَ ۾، بي تو مَنجِهہ بَهارَ،
مُضِرَّ تان مُون کي ڪيا، حَڪِيمَنِ هَزارَ،
دَوا آهِيين دِلِ جي، وارو، واقِفَ ڪارَ،
آٽي ڏِي عَلِيلَ کي، مَعجُونُون، موچارَ!
آهي عَبدُاللّطِيفَ کي، تنهنجي، پِيَّ! پَچارَ.
(سسئي آبري، ١ ـــ وائي)

## وائي- ٨

تُنهنجيءَ تَندُ تَنوارَ، يار! مُون مَنُ موهِيو.
مَلِهي آئين، مَڱَـڻا! گَجي ۾ گِرنارَ،
سِرَ جي صَدا چَڏِ تُون، ڏِيانءِ ڏيجَ اَپارَ،
دانَ ڏِيانءِ دُهِرا، هَزارين هَزارَ،
آلا! عَبدُاللّطِيفُ چَئي، پَسان پِرِيُنِ پارَ!
(سورٺ، ٢ ـــ وائي)

## وائي- ٩

تَنهن کي ڪيرُ چَوَندو مي؟ اَڙي! اِيَ سَمي جا سَمَنگي.
سَمي جي سُهاڳَ جو، ميندو ڳُتو مي،
چارو چامَ ڪُلهي ڪَيو، عِشقُ اِئَن ڪَري،
جِنِ وِهَڻُ نہ ڏِني وَٽِ ۾، ٿِيا سَلامي سي،
عالَمُ اِنعامي ڪَيو، نُوريءَ نازُ ڪَري.
(ڪاموڏ، ٢ ـــ وائي)

www.sindhsalamat.com　books.sindhsalamat.com

## وائي- ١٠

توڏِن تان نہ تَنوارِيو، مُنھنجو لالَنُ وارِيو،
اَللهَ ڪارَڻِ، مِيان! اوٺِيا!
شَرَفُ لَھي سَسُئي، ڪُنَل ڪي ڪَمُ ڪارِيو،
ميندِيءَ مُورَ مَلِيرَ جا، چانگَنِ کي سَبِ چارِيو.
(معذوري، ۴ ـ وائي)

## وائي- ١١

توکي مَگَّان، جو تون آھِئين، پيو دَرُ ڪونَ سُجاڻان.
اِلاھي! عِنايَتَ سين، نوازِئين نماڻا،
اَنڌا ڪِرئين آڳَ ۾، ڪونائِين ڪاڻا.
(سھڻي ابيات متفرقہ ـ وائي ٢)

## وائي- ١٢

توکي تَڙَئين توَن، يا اَلا! تو دَرُ توءِ نہ ڇڏيان!
مون کي سو مُشاھِدو، جي منھن نہ ڏئين مون،
مون ٻيا دَرَ گھڻا نھاريا، آھئين توَن ئي توَن.
(ڪنيات، ٢ ـ وائي ٢)

## وائي- ١٣

توکي نِين، نہ نِين:
اَلو مِيان! آئُون اُنين جي آھِيان.

زورو ھِنَ ضَعِيف سين، ڪامِلَ ڪوہُ ڪَرِينِ؟
جَتُ پنھنجي جُوءِ ۾، جانِبَ مانَ جَتِينِ!
پکَ پَدَمَنِئان اَگِري، سُرڪي مان سَچِين!
ٻانھي ٻَروچا پانھنجي، سَگِرِ مان سَڏِين،
پيرين آئُون نہ پُڄَنِي، ڪَرَھَلَ ھُوءِ نہ جَھلِين،
اَڊيُون! عَبدُاللّطِيفُ چئي، نِينھُن نباھِيو نِين.
(ڪوھياري، ۵ ـ وائي)

# ٿ

(١)

ٿاجا ٿَـرَ بَـرَ جَهلَّ، پپُون پاٿُـرَ وٽِ ۾،
سيئِي سارِيو سوُمِرا! اَچي آبَ اُڇَلَّ،
سانپيِنِ ڏِنَمِ سَلَّ، ڏِٺي جن ڏِينهَن ٿِيا!

*(مارئي، ٩ ـ ١٣)*

(٢)

ٿا صَرافَ سُڃَنِ، پاڻُ کوٽائِينِ جوهَري،
ماٽِڪُ کري مُٺِ ۾، وانءُ وَٺي وَٽِ تَنِ،
سندس ئي سَيّدُ چئِي، کهڙو قَدُرُ کَنِ؟
پاٽيَٽُئي پَرِکَنِ، ڪِ کَنچَلُ گَڏِين ڪَچَ سين؟

*(سريراڳ، ٤ ـ ١٤)*

(٣)

ٿَـڏيءَ ٿکي نـ وِهي، تَتِيءَ کَري تاڻَ،
وڏائِين وَٽِکارِ ۾، سَسُئِيءَ پاڻُ سُکاڻَ،
پُڇي پَهَ پَکِيُنِ کي، پيئي مُنڌَ پَرياڻَ،
ڏِنَسِ ڏِيهَ وَٽَنِ جا، تن اَللهَ لَڳِ اُهڃانَ،
مانَ پَرچي پاڻَ، اَچي آرِياڻي وَري.

*(معذوري، ٥ ـ ٦)*

(٤)

ٿَرَ ٿَرَ اَندَرِ ٿاڪَ، عُمَرَ! ماروئڙَنِ جا،
لاٿائُون، لَطِيفُ چئِي، مَٿان لوئِيءَ لاکَ،
عُمَرَ! کَرِيو آکَ، پَهِريو ٿِي پَنَ چَران.

*(مارئي، ٢ ـ ٧)*

(٥)

ٿَـرَ ٿَـرَ اَندَرِ ٿانءُ، وَنهِيَنِ ويڙِيچَنِ جو،
سَبِ ٿُنهنجو، سُومِرا! وينا ڳِنهَنِ نانءُ،
اُتي وينديَسِ آئُون، لوئيءَ لَڄَ مَٿي کَري.

*(مارئي، ٢ ـ ٨)*

(٦)

تِڙِکِي، پَسي ٿوکُ، تِرکِي تَکَبُّرَ ۾ پَئِي؛
اَچيو اُڇيو، 'اَڳِلِي'، چَئِي ليلا کي لوکُ،
اَندَرُ اوپِالَنِ سين، ساڙي کَيائُونس سوکُ،
ٻالاپَڻَ جو ٻوکُ، وِيو ويچارِيءَ وِسِرِي.

*(ليلا چنيسر، ٢ ـ ١)*

(٧)

ٿَکِيائي، ٿَـرَ ٿيلهِ: ڇَڙهُ ڇُکِيائي، چوٽِيِن،
هَلندي هوتَ پُنهونءَ ڏي، پَـوَ مِڙيئي پيِلِ،
اُتي، رائو رِيلِ، وِيٺَنِ تان واري وَري.

*(سسئي آبري، ٨ ـ ١٣)*

(٨)

ٿـورا مَنجهـ ٿَـرَنّ، مُون سين مارُوءَ جي کَيا،
عُمَرَ! اُنِ ڳُٽَنّ، آئُون کِئَن لوئي لاهِيان؟

*(مارئي، ابيات متفرقہ ـ ٣٩)*

(٩)

ٿورا نـ ٿورا، مُون تي مارُوئَـڙَنِ جا،
پَـلائيءَ پِـيرا، ڳَـٽي ڳِـٽِيان کَيترا؟

*(مارئي، ابيات متفرقہ ـ ٤٠)*

(١٠)

ٿـورَ ويرَمي ٿِيُّ، وِچڻ ويـرَمَ نـ سَهي،
ڏِيئي مَرِج ڏُونگَرِين، جَتَنِ کارَڻِ جِيُّ،
هَڏِ نـ هوندو هِيَّ: ساهُ پِريان تان صَدقو!

*(معذوري، ٦ ـ ١١)*

(١١)

ٿوري قوُتَ قَرارِيا، رَهَنِ سَبَرَ سَتِّ،
کَـٿِيءَ ۾ کِهَ پَکُلِيا، پوُٽَنِ اَهِڙيءَ پَتِّ،
پَنوَهارَکِي پَتِّ، پيهِي پُڄُ مَلِيرَ ۾.

*(مارئي، ٧ ـ ٦)*

(١٢)

ٿيا تَماچيءَ جامَ سين، مُهاٹا مَحرُومَ،
نَنڍِيءَ وَڏِيءَ گَندِريءَ، مَٿي ماڙِيءَ ڏُومَ،
جي ڪِنجُهَر، جي رُومَ؛ سي سَڀِ اِنعامِي ٿِيا.
*(ڪاموڏ، ١ – ١٦)*

(١٣)

ٿيا رَسِيلا رحمانَ سين، سَڳُرُ سونهِينِ جي،
آئِيون تنين ڪي، واڏايُون وِصالَ جون.
*(يمن ڪلياڻ، ١ – ٦)*

(١٤)

ٿيو حُضُورِي هاڻ، سوجها پِيَسِ سَرَ جي،
ڪَندي لَڏِي ڪاڻِ، پَڪِيَڙِي پاتارَ ۾.
*(ڪارايل، ١ – ٦)*

## وائي- ١

ٿيندو تَنَ طبيبُ، دارُون منهنجي دَردَ جو.
بُڪي ڏيندُم باجهہَ جِي، اَچي شالَ عجيبُ،
پرينِ اَچي پاڻَ ڪِيو، سندو غورُ غريبَ،
ڏُکندو سيوئي ڏورِ ڪِيو، مَنجهؤن تَنَ طَبيبَ،
اَديُون! عبداللّطيف چَئي، هاتِڪُ آهِ حَبيبُ.
*(ڪلياڻ، ٣ – وائي)*

## ت

(١)

تاتُون ڪِين پَلاڻَ، سَدا هَٿَنِ ڪَرڪرا،
لاڪي لوڙاٿَنِ جا، آهِڙا ٿِي اُهُڃاڻَ،
ڏيئِي تَنگَنِ تاڻَ، ڪُوڪَ ڪاريندا ڪَچِڙَيِ.
(ڏهر، ۴ _ ٣٦)

(٢)

ٽَڪُ وِنگي، وَرَ گهٽا، ڪَتيان ڪُڄاڙو؟
ڪاپي مِٺان ڪيتِرو، آٽيان اُڏارو؟
جي وَرُ ڏِئي وارو، تہ سُونهان سَرَتين وِچَ ۾.
(ڪاپائتي، ١ _ ٢٣)

(٣)

تَمَنِ نيڻَ، رَتُ وَهي، چُٺاڪا ڪَيو،
مُون ڪي ڏَنءُ ڏِيو، اَئين تا وَجو، اوٺيا!
(حسيني، ٢ _ ٦)

(۴)

تَئين ڏِينهَن تِمڪائِين، دُونهيُون دائِرَن ۾،
ميڙيو ڪَرَڄَ ڪاٺيُون، جوڳِي جَلائِين،
سَنديُون ڪامَڻَ خَبرُون، آديسيُن آهِين،
گُجُهہ نہ ڳالهائِين، لِڪا پُٽَنِ لوڪَ ۾.
(رامڪلي، ٢ _ ٣)

(۵)

تِيئِي پَرچيا پاڻَ ۾، تَندُ، ڪَتارو، ڪَنڌ،
تَنهَن جهوئي ناهہ ڪي، جو تو چارَڻَ! ڪَيو پَنڌ،
اِيَ شُڪُرُ اَلحَمدُ، جِئَن مَٿو ڳُهريوءِ مَڱڻا!
(سورٺ، ۴ _ ١٠)

## ث

(١)

ثابِتُ لنگهيا سِيرَ، لَهرين لوڏيا ڪين ڪي،
وَجي پهتا پارَ ڪي، نِرتُون منجهان نِيرَ،
ماءِ! پُهتا مِيرَ، پارِ لَنگهيائون پاڄهَ سين.
(سريراڳ، ۵ _ ٩)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ج

(١)

جا بَرادَ بُـتَنِ، سا اُجَ بُکَ آديسِيَنِ،
روزا رِندَ رَکَنِ، عيدَ نہ اوڏا کاپَـڙِي.

*(رامڪلي، ٩ ـ ١٠)*

(٢)

جا پُون پيرين مُون، سا پُون مَٿي سَجَڻين،
ڏَگَ لَڱِبا ڏُوڙِ ۾، اُپِي ڏَناسُون،
ڏينهَن مِڙيئِي ڏُون: اُٿِي لوچِ، لَطِيفُ چئي.

*(مومل راڻو، ٥ ـ ٤)*

(٣)

جا جَرَ جاتُون نہ ڏِٺِي، ڏِيا نہ موهي،
سَڏُون کوهُ ڪري، سا پنهنجي کانڌَ جون؟

*(سامونڊي، ٢ ـ ٢٣)*

(٤)

”جاجِڪَ! تو جُهارُ، ڏَهَ پيرا ڏِياچَ چئي،
جَنهِن ۾ مالُ نہ مِريِءَ جيتِرو، تَنهن تُون طَمَعدارُ،
جي اَچِيئِي کَمِ کَپارُ، تہ ويهَ پيرا وَڍِي ڏِيَنءِ.“

*(سورٺ، ٣ ـ ٦)*

(٥)

جاجِڪُ جهُونا گَڙهَ ۾، کو عَطائِي آيو،
تَنهن کامِلَ کَڍِي کِينَرو، ويهي وَڄايو،
شَهرُ سَڄوئِي سُرَ سين، تَنڌَن تَپايو،
دايُون دَرماندِيُون ٿِيُون، بايِنَ باڌايو،
چارَڻَ ٿي چايو، تہ مارِي آهي مَگَڻو.

*(سورٺ، ٢ ـ ١)*

(٦)

جا جِٺاري جوڳِيين، سا ماڙهِن مُصِيبَتَ،
سامِيُنِ سُورُ صِحَتَ، جي پُورِبيا! پَروڙِئين.

*(رامڪلي، ٤ ـ ١٢)*

(٧)

جا سَنهو نہ سِکي، سا مَرُ رَنڍائي روڙي،
سُٿُ اُنهيءَ جو سَڦُرو، وِيا تَرازيءَ توري،
ٿُلهي ۽ توري، ٻِيچاريءَ سانْ وَڙُ ٿِيو.

*(ڪاپائتي، ١ ـ ٢٩)*

(٨)

جا عُمَرَ! تو مُلِ عِيدَ، سا سانَ سوُءَ وَرتِي، سوُمِرا!
ويئِي ويچارَن وِسِري، خوُشِي ۽ خَرِيدَ،
سِکَڻَ کَيا شَهِيدَ، مارُو جي مَلِيرَ جا.

*(مارئي، ٣ ـ ١٨)*

(٩)

جا گُرَ ڏِنِي گودِڙِي، سا ٿِئِي لاهِيندي لَجَ،
سَندا تنهن سُهَجَ، چيلو چَوَندو کيترا؟

*(رامڪلي، ٩ ـ ٤١)*

(١٠)

جا گُرَ ڏِنِي گودِڙِي، سا مُون کي ٿي مَرَڪُ،
چيلا! ماري چَرَخُ، اوڍِي ويهُ اَدَبِ سين.

*(رامڪلي، ٩ ـ ٤٠)*

(١١)

جا گُرَ ڏِنِي گودِڙِي، سا مُون گَهٽِي سُهاءِ،
نيئِي رَساٽِي ماءِ، اوڍِئين جي اَدَبَ سين.

*(رامڪلي، ٩ ـ ٤٢)*

(١٢)

جاڳائي جَتَنِ، گَوُرا گَسِ هَلايا،
پَهُتِي رِءَ پَهاڙَ ۾، اُٺَ مَ آگَهٽِجَنِ!
لَتاڙِي، لَطِيفُ چئي، لَنگهيو بَرُ بوتَنِ،
تن کَهڙِي چُکَ چانگَنِ؟ هوتُ حِماتي جن جو.

*(ديسي، ٢ ـ ٧)*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٣)

جاڳايَس جَنبُورَ، ڪُتي قَريبَن جي،
ٻَهي پِئونڪي اُٿيو، گهڏي مَنجهان گهوڙَ،
سَڀِ لاهيندو سوڙَ، گِري هِنَ غَريبِ تان.
*(معذوري، ١ ـ ٤)*

(١٤)

جاڳَڻ مَنجهان جَسُ، آهي آدا! جن کي،
لاهي جو، لَطيفُ چئي، مَتان قَلبَ ڪَسُ،
وَرنَہ! ڪَجان وَسُ، صُبُحَ ساڻُ، سَيّدُ چئي.
*(ڏهر، ٣ ـ ١٠)*

(١٥)

جاڳو، جاڙيجا! سَما! سُکَ مَ سُمهو،
پَسو، آن پاريا، لاکو تو لوڙيُون ڪَري.
*(ڏهر، ٤ ـ ٣٤)*

(١٦)

جا هَڙَ اَندَرِ جِيَّ، ساهَڙَ ڏِني ساهَ کي،
ساهَڙَ چُڙي نہ ساهَ جي، سا هَڙَ ساهَڙَ رِيَّ،
ساهَڙَ ميڙِ، سَميعَ! تہ سا هَڙَ چُڙي ساهَ جي.
*(سهڻي، ٥ ـ ٢٣)*

(١٧)

جاءِ نہ سَچو ڏِينهُن، هِنئَڙو اوني وَگَ جِئَن،
مُون پِريان سين نِينهُن، چِنَّ ڪارَڻ نہ ڪِيو.
*(رپ، ١ ـ ١٤)*

(١٨)

جان ايندين تان آءُ، هَٽي هَٽُ پَڳهين،
لَڳي واءُ سُواءُ، سِڙهُ ساناهي نہ سَهي.
*(ساموندي، ١ ـ ٤)*

(١٩)

جانبَ! اِيئَن نہ جُڳاءِ، جِيئَن ماريو، موتِيو نہ پُڇِين،
رَتِيءَ رَتُ نہ سِنجُري، سِڪَ تُنهنجي ساءِ،
اَسان تو ئِي لاءِ، تَي پَرِ ۾ پُوڄائُون ڪَيُون.
*(بروو سنڌي، ٢ ـ ٣)*

(٢٠)

جانِبَ! تُون جيڏو، آهين شانَ شعُورَ سين،
مُون تي ڪَر، مُنهنجا پِرين! توهُ تُسِي تيڏو،
اِيُ ڪامِلَ! ڪَرُ ڪيڏو؟ جِئَن نَوازينمِ نِگاهَ سين.
*(بروو سنڌي، ٢ ـ ١)*

(٢١)

جانِبَ! مُنهنجي جِيءَ ۾، تُنهنجي طَمَعَ پوءِ،
وَتُ ڪاتي، وَڍِ اَنگُڙا، اَدَبُ ڪَرِ مَ ڪوءِ،
پانيان پالُ سَندوءِ، جي ساڄَنَ! سَنئُون نِهارِئين.
*(بروو سنڌي، ٢ ـ ٢)*

(٢٢)

جان تَنُ ڪَيوءِ نہ تِئَن، سوئيريان ئي سَنهڙو،
پِرين پائيندا ڪِيئَن، توکي اَکَڙِيُن ۾؟
*(آسا، ٣ - ١٣)*

(٢٣)

جان تو هُنَڙو سُورُ، ڪَندا! پِورَ ڏَٽِيُن جو،
مَتي لامُن پُور، موريءَ مَڃَرَ نہ ڪَرِئين.
*(ڏهر، ١ ـ ٥)*

(٢٤)

جان تو هُنَڙو وَڍُ، ڪَندا! پورَ ڏَٽِيُن جو،
پاٽا ڏِيئِي ڏِڍُ، مُوريءَ مَڃَرَ نہ ڪَرِئين.
*(ڏهر، ١ ـ ٤)*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٢٥)

جان جان پَسين پانَ کي، تان تان ناهِ سُجُودُ،
وڃائي وُجُوُدُ، تِهان پوءِ تَڪبِيرَ چَؤ.
*(آسا، ١ ـ ١٢)*

(٢٦)

جان جان پَسين پانَ کي، تان تان ناهِ نمازَ،
سَڀِ وڃائيِ سازَ، تِهان پوءِ تَڪبِيرَ چَؤ.
*(آسا، ١ ـ ١١)*

(٢٧)

جان جان ناهِ ضرور، تان تان طبيبُ ناهِ ڪو،
جُ سو سَريو سُورُ، تہ ڪَرَ ويڄُ وَرِ پيو.
*(يمن ڪلياڻ، ٨ ـ ٢)*

(٢٨)

جان جان هُئِي جِتَري، وِرچي نہ ويني،
وڃي پون پيني، سِڪنديِ ڪي سَڄَڻين.
*(سهڻي، ابيات متفرقہ ـ ٩)*

(٢٩)

جان جان هُئِي جِتَري، ويني نہ ويساندِ،
لُڙهِي لَهرنِ پاندِ، مُيائِي ميهارَ ڏي.
*(سهڻي، ابيات متفرقہ ـ ١٠)*

(٣٠)

جان جَرُ هُئَڙو جالَ، تان تُون، مَڇَا! نہ موتئين،
پَوندِيئي اَڄُ ڪِ ڪالَ، سانيپيون سانگِن جُون.
*(ڏهر، ١ ـ ١٢)*

(٣١)

جان جَرُ هُئَڙو سيرَ، تان تُون، مَڇَا! نہ موتئين،
آڏا آڏي ڪيرَ، گهَٽَ بہ جهلِيَءِ گهاٽُئين.
*(ڏهر، ١ ـ ١٣)*

(٣٢)

جان جِئين تان جَلُ، ڪانهي جاءِ جَلَڻَ ريَ،
تَنِيءَ ٺَڏِيءَ هَلُ، ڪانهي ويلَ وهَڻَ جي.
*(حسيني، ٢ ـ ١٧)*

(٣٣)

جان ساماٽِيئَن، سَسُئِي! تان ويسُ وڙَن جو ڪَرِ،
لاهي لَڄَ، لَطِيفُ چئي، ٿِيُ بيگارِياٽي بَرِ،
تہ ويندي پَوئِي وَرِ، اَڳيان هوٿُ حُضوُرَ ۾.
*(سسئي آبري، ابيات متفرقہ ـ ٤)*

(٣٤)

جان عاشقَ متي رَٽُ، تان دعوىٰ ڪري مَ نينهن جي،
سائو مُنهن، سُونهن گئي، سِڪَڻَ اِيُ شرطُ،
نَڪِي گوڏِ گَرَٽُ، متا سَرَ سؤدا ڪري.
*(يمن ڪلياڻ، ٧ ـ ٤)*

(٣٥)

جان ڪَتين تان ڪَتُ، هيءَ هَڏِ وهاٽِي،
ڪاپائتي سَپَڪا، ڪَتي سيباٽِي،
ڄاتو جن ڄاٽِي، تن هَٿان پَهي نہ ڇَڏِي.
*(ڪاپائتي، ١ ـ ٣)*

(٣٦)

جان ڪِي جوڳِي ٿِيُّ، نا تہ نرڄا! وَنڻُن نِڪرِي،
ڪوهُ تو ڪَنَ ڪَپائِيين، جان نہ سَهين سِيُّ؟
پَڄُ! پَراهُون ٿِيُّ، مَتان پيا لَڄائِيين.
*(رامڪلي، ٤ ـ ١٤)*

(٣٧)

جان ڪي ڪري طبيبُ، دارُون هن دردَ جا،
هٿيو سي حبيبُ، اُڪوڙيو آڏَ ڪري.
*(يمن ڪلياڻ، ١ ـ ٥)*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٣٨)

جان ڪي ڪَنڌيءَ ڪانهَن، تان تاڻي پَڌَج تُرهو،
هَٿ پِريان جي هَٿَ ۾، ٻئي ڪي ڏِج مَ ٻانهَن،
سَنڌي ڪَپَرَ دانهَن، ڪِ تو ڪنين نہ سُئي؟

(سهڻي، ٨ _ ٣)

(٣٩)

جان ڪي مُون ڪي تانَ، پَکِہَ پائي پانَ ڏي،
هُو جي هَنيءِ هانَ، آئُون نہ جِئَندي اُنِ ري.

(رامڪلي، ١ _ ١٢)

(٤٠)

جان ڪي مون ڪي ني، پَکِہَ پائي پانَ ڏي،
پَہَ پَروُڙيمِ پَٽَ جا، مَنجهان ڪينَرَ ڪي،
هاٽي جي هِنئي، آئُون نہ جِئَندي اُنِ ري.

(رامڪلي، ١ _ ١١)

(٤١)

جان ڪي مُون ڪي نِيو، پَکِہَ پائي پانَ ڏي،
قُوتُ مُنهنجو، ڪاپَڙي! سِگِيُن مَنجهہ سِهو،
ڪا قِري قُوڪَ ڏِيو، آئُون نہ جِئَندي اُنِ ري.

(رامڪلي، ١ _ ١٣)

(٤٢)

جانڪينَ سَتِيُن سِيرُ، تان ڪينَ وَهَنديَس ڪوٺَ ۾،
سِپَ سَمَنڊين سِپَجي، نَديءَ پِيي نہ نِيرُ،
جَنِ هوءَ اَبَرَ آسري، تَنَ مُونَ مَنِ مَلِيرُ،
ڪاڻِ پِيَنِ ڪِيرُ، جي اَمانَتَ اُتِ وَجي!

(مارئي، ١٠ _ ١٢)

(٤٣)

جانڪي ميڙ مُنيءَ ڪي، جانڪي مُنيءَ مارِ،
ڏُکيءَ ڪي ڏِيکارِ، هيڪَرَ هوتُ اَکين سين.

(معذوري، ٦ _ ٤)

(٤٤)

جان گهِڙَندا گهاتُوئا، تان رَچَنِ ڏِيو رَگَ،
سَگهايُون ۾ سَگَ، ڪَلاچيءَ ڪيرُ ڪَري؟

(گهاتو، ١ _ ١٢)

(٤٥)

جان واهُڙَ ۾ وَهُہ، تان تُون مَڇَ! نہ موتِئين،
ڪائي ۾ ڪوهُ ڪَرِئين، پوءِ موٽَنَ جو پَهُ؟
سِرَ مَٿي تُون سَهُ، مَهِميزُون مَلاحَنِ جُون.

(ڏهر، ١ _ ١١)

(٤٦)

جان وَڍين، تان ويهُ، نہ تہ ونيو واٽ وَنءِ تون،
هيُ تنين جو ڏيهُ، ڪاتي جنين هٿ ۾.

(ڪلياڻ، ٢ _ ١٥)

(٤٧)

جاني آيو جوءِ ۾، ٿيو قلبَ قرارُ،
وَهلو وِڇائين ويو، ڪَري غَمُ گُذارُ،
نِظارو نِروارُ، پِيَّ پَسايو پانهنجو.

(سارنگ، ١ _ ٤)

(٤٨)

جَبَلُ جيڏو ئي، جو آڏو آرِيچَنِ ڪي،
وَني وَرُ، واڻَ ويا، بُرفَتَ، بِروهي،
رُڃُنِ ۾ روئي، پَسان شالَ پُنهونءَ ڪي!

(ديسي، ٥ _ ٩)

(٤٩)

جَبَلُ سُڃَنِ جالَ، آڏا آرِيچَنِ ڪي،
هاڙهي ڏانهن هَٿُ ڪَٽيو، ڇِپَرِ مِڙان شالَ!
ڪيچي ويڙِمِ ڪالَ، تي تي ڏُونگَرَ ڏوريان.

(ديسي، ٥ _ ١٠)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٥٠)

جَبَلُ ماري جَکَ، جو آڏو آريچَنِ کي،
توٽي لَکَنِ لَکَ، سَڀِ لَنگھيندِيَسِ سِکَ سين.

(ديسي، ٥ ـ ٨)

(٥١)

جَبَلَ ۾ جانارَ، سَرَهَ گَڏِيئي، سَسُئي!
پِنيءَ پوءِ پَوارِئي، بانيَڻِ جي باکارَ،
ھوتاڻي ھيکارَ، مولي! مُون کي ميڙِئين!

(ديسي، ٥ ـ ٣)

(٥٢)

جَنا! شالَ جِئو! جِئو! تا جاڙُون ڪَريو؟
بانيَڻِ کي بَروچَ ريَ، پيلي ناهِ پيو،
چِنَڻُ تان نہ پيو، ھِيُ سَڱُ نہ چِنَڻَ جهڙو.

(ديسي، ١ ـ ١٥)

(٥٣)

جِتِ آهِ نہ ناهِ ڪا، اِيُ خاڪيءَ جو خيالُ،
جانِبَ جو جَمالُ، پَسَڻان ئي پَري ٿيو.

(آسا، ٣ ـ ٨)

(٥٤)

جِتِ آهِ نہ ناهِ ڪا، اِيُ خيالُ خاڪي،
پِرينءَ جي پاڪي، پَسَڻان ئي پَري ٿي.

(آسا، ٣ ـ ٩)

(٥٥)

جت پُنگا، پِٺُون، پيٺيُون، تَنهن کِوڙِ تي کواءِ،
سا وِڃُ پَسيو ونڌُران، مُون رُندي راتِ وِهاءِ،
سِيلِيٺِين سُھاءِ، مارُو جو مَليرَ جو.

(مارئي، ابيات متفرقہ ـ ٢٠)

(٥٦)

جت پُنگا، پِٺُون، پيٺيُون، تَنهن کِوڙ کِوَنّ،
پاٺُرُ سَڀِ پُسائيو، وَسي وِڄُڙِيُنَّ،
مارُوءَ ري ۾ مَرَنّ، اَللهُ! ھي آسائِتيُون!

(مارئي، ابيات متفرقہ ـ ١٩)

(٥٧)

جي تَتو تَنُ تنوُرَ جئن، تہ چَندي ساڻُ چَماءِ،
آٽي آگِ اَدَبَ جِي، پاري جانِ جَلاءِ،
بُرقعان اَندر بازيون، پنهنجون سڀ پچاءِ،
لُچَڻُ لنؤُ، لطيف چئي، پَدِرِ هَڏَ ۾ پاءِ،
مَتان لوکَ لَکاءِ، وصالان وِڃ پَئي!

(يمن ڪلياڻ، ٣ ـ ١٥)

(٥٨)

جِتِ حَبيبَ هَٽَنِ، ناڻُکَ پَري نِينهن جي،
تَتي طبيبَنِ، وِڃا وِڃي وِسري.

(يمن ڪلياڻ، ١ ـ ٩)

(٥٩)

جِتِ رايائِين راتَنِ کي، چَندَنُ چِکَ ڪَري،
ھاٽي اُنين پيٽيين، وِرِهُ وَراڪا ڏي،
سوڍو سُڄَ ڪَري، مُومَلِ ماري هَليو!

(مومل راڻو، ٣ ـ ٨)

(٦٠)

جِتِ ڪَرَڙَ، ڪَنٽا ۽ ڪاھِيُون: پالَ، پَکا ۽ پَکَ،
سَرھِيُون سي سَرَتِيُون، حاضُرُ پاسي حَقَ،
مارُوئَنِ سين ماٽيان، شالَ مُندائِتي مَکَّ!
ڪِنکارِيان خَلَقَ، جا ٿَـرَ جائِي ۾ ٿُوھَرين.

(مارئي، ابيات متفرقہ ـ ٢٣)

(٦١)

جتِ نہ پکيءَ پيرُ، تتِ تمڪي باھڙي،
پيو پارِيندو ڪيرُ، ڪاھوڙڪيءَ ڪيرَ ري؟

(ڪاھوڙي، ٢ ـ ١١)

(٦٢)

جتَنِ جا جيلا، تي ساٿَ پُڄائي سَڱُئي،
آيَسِ آريءَ جامَر جا، تَڙ توڏا تيلا،
اُنَ ڪي ناڪيليُون نَڪَنِ ۾، ڌُھريُون، دَليلا،
سِرِ ھَٽيو سيلا، لايو نينھُن، ننڍُون ڪَرين!

(ديسي، ١ ـ ١٦)

(٦٣)

جـتَنِ سان جانڪُون، سَرَتيُون! مُون سَڱُ ٿيو،
ڪَري ڪوھيارو ويو، تَنُ چِنِي تانڪُون،
آئُون پڻ تَڏانڪُون، اَڌَ ڌُڪوئِي آھيان.

(ديسي، ٧ ـ ١٢)

(٦٤)

جَتَنُ ڪَج جَـتَنِ جو، آيا ڪِ ايندا،
وَٽي پُنھون پاڻَ سين، وَتان تو ويندا،
دَمُ نہ دَميندا، سِڌارِيندا ساٿيہَ ڏي.

(ديسي، ١ ـ ١٧)

(٦٥)

جـتَنِ وڏِيَسِ جارِ، ناتَ ھُيَسِ نماڻي نڪَٽي،
تـيڙا پاڻَ قرارِ، مُون مَنُ ڳڏي ڳوندَرين.

(ديسي، ١ ـ ١٩)

(٦٦)

جَتَنِ يارانو، ڪيچِيُنِ مُون سين ڪونَ ڪيو،
نالي سُيَسِ ھوتَ جي، مَتِمِ پارانو،
تيلانھِين طَعنو، ڏِيندا مُون ڏيرَ ويا.

(ديسي، ١ ـ ٢٢)

(٦٧)

جُتو وانءُ، جَھازَ! ڳڏيو غُرابنَ سين،
پُورِيندي ھُنَ پارَ ڏي، سَڌَرَ ڪَڇ سازَ،
اَچِنِ ٿا آوازَ، سَٽائي سَمُنڊَ جا.

(سريراڳ، ٣ ـ ١٢)

(٦٨)

جَتَ ھَڏھين ھُتِ، مُون ھتِ ھنئڙي ۾ حَلُ ٿيا،
جَنگلَ جنين چوڦرا، راحَتَ تن جي رُتِ،
ڳُنگَنِ جي ڳُپُتِ، چيڙَي وڏِيَسِ چِپَرين.

(ديسي، ١ ـ ١٨)

(٦٩)

جتي پيرَ پِرَنِ، پَريُون پَونِ پَواريُون،
تانگھ نہ لَڏِي تارُئين، مَپُ نہ ماتِيڙَنِ،
ڪَنڌِيءَ اُيا ڪيترا، سِيٽاھيا سَنڪَنَ،
تون ڪيئن تن تَڙَنِ، اَچيو، اَسارِي! ڳھڙين؟

(سھڻي، ٧ ـ ٨)

(٧٠)

جِتي جيترِيُون، لِکِيُون لوحَ قَلَمَ ۾،
تِتي تيتِريُون، ڳھڙِيُون ڳھارَنَ آئيُون.

(معذوري، ٥ ـ ٩)

(٧١)

جتي عَـرَشُ نہ اُپُ ڪو، زَمينَ ناھِ ذَرو،
نَڪو چاڙَھائو چَنڊَ جو، نَڪو سجَ سَرو،
اُتي آديسِيُن جو، لَڳو دَنگَ دَرو،
پَري پِيُنِ پَرو، ناٿُ ڏِناٿُون ناھِ ۾.

(رامڪلي، ٩ ـ ٥٥)

(٧٢)

جِتي گھوريو گھاتُوئين، تِتي وارِيءَ ٻُٽَّ،
سَھسين ساٿِي مُٺَّ، سَرُ سُڪو، سُونگَي گيا.

(گھاتو، ١ ـ ١٠)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٧٣)

جِتي ماڙِڪَ ماڳُ، تِتي چوران تَڪِيو،
سَنئون تن سَياڳُ، اَمُل جن اوباهيو.
(سريراڳ، ٤ ـ ١٨)

(٧٤)

جُتيون سي پائيِنديُون، جنين پيرَ پِرين،
لاٽيُون سَپ پَرين، سَسُئِي سُپيرِيُنِ کي.
(معذوري، ٣ ـ ١١)

(٧٥)

جڏان 'ڪُنّ فَيَڪُونَ' چَئِي، نيو آرِياٽِيءَ اَرواحُ،
اَنگُ اَڳهين لِکيو، مُنهنجو ميثاقا،
'مَنّ طَلَبَ شَيئاً وَجدً وَجدَ'، اُتو عَليءَ شاهَ،
اَچا اِن حَديثَ جو، مُون آسرو آهِ،
پُنهونءَ جي پيغامَ تان، مُنهنجو موتُ مُباحُ،
سَرتِيوُن! دُعا ڪَجاهُ، تہ ميڙائو مُون تَئِي.
(ديسي، ٢ ـ ٣)

(٧٦)

جُدائيءَ جو جامُ، ڏِنائُون ڏُکِيءَ کي،
مَنگَلُ مُنهنجي مَنَ ۾، پارِيو هوتَ حَمامَ،
اَرَڪِ تِيو آرامُ، ڪاڪُلُ پَسي ڪانڌَ جو.
(سسئي آبري، ٦ ـ ١)

(٧٧)

جڏهانڪَرَ تِيامُ، ساجاهُ سُپيرِيُن سين،
تَڏهانڪَرُ تَرَ جيتَرو، ويرَ نہ وسِريامُ،
اَندِرِ رُوحَ رَهيامُ، سَجَنّ اوطاقُون ڪَري.
(ٻروو سنڌي، ١ ـ ١٧)

(٧٨)

جَڏهانڪُرَ جاني! سَجَنّ سانگ سِڌارِيا،
راتِيان راحَتَ ناهِ ڪا، ڏِينهان حيراني،
آئُون پَنهنجي پِرينءَ تان، ڪوڙين قُرباني!
رضا رباني، نا تہ ڪريان وَسَ وِصال جا.
(ٻروو سنڌي، ١ ـ ١٦)

(٧٩)

جَڏهن پَوي يادِ، صُحبَتَ سُپيرِيُنِ جي،
فَرِيادُون فرِيادِ، ناگَہَ وَجَنِ نِڳِيو.
(ٻروو سنڌي، ٢ ـ ٤)

(٨٠)

جَڏهن پيئي باسَ، ڇپَرِ هوتَ پُنهونءَ جي،
اَديُون! آرِيچَنِ جا، وَٽَنِ مُڪا واسَ،
آيَلِ! پُني آسَ، پُنهون آيو ڪيچَ ۾.
(ديسي، ٧ ـ ١٠)

(٨١)

جَڏهن پيئي ڇَٽَ، ڇپَرِ هوتَ پُنهونءَ جي،
پَرَهي وينِيُون پَٽَ، گُوندَرَ لَٿا گُولِئين.
(ديسي، ٧ ـ ٩)

(٨٢)

جَڏهن ڍاڳي ڍورُ، ٻَئِي وَهَنِ ٻِلِيارَ ۾،
تَڏهن تارَڙِينَ طورُ، هُئو جَسودَنَ سين.
(ڏهر، ١ ـ ٨)

(٨٣)

جَڏهن سُتيُون جي، پَٽَرِ پيرَ ڍِگها ڪَري،
تَڏهن تِنين کي، ساٿَ سُتيئي ڇَڏِيو.
(ڪوهياري، ١ ـ ٨)

(٨٤)

جڏهن ’ڪُنۡ فَيَڪُوۡنُ‘، مَنُ تڏهانڪون مارئين،
تون ڪِئَن وجهين تن کي، سُومرا! شڪُون؟
هَميرَن هَڪَون، جاڙ جُسي کي پاتِيُون!

(مارئي، ١ ـ ٢)

(٨٥)

جڏهن وَسِيلَن، لوڙهي ڇڏي لُڙ ۾،
پاراران پِريَن، تڏهن پُڇي سُهڻي.

(سهڻي، ١ ـ ٢٤)

(٨٦)

جَڏيءَ وَتِ جالي، مانَ اَللهِ ڪارڻِ لِکَ سيئَن،
آهي آريءَ جامَ جي، هِتِ هُتِ حوالي،
عَيبَ مون اَگرا، مانَ تِرمَلَ نڪالي!
پِرتياتِي پالي، ڪامِلُ نيندو ڪيچَ ڏي!

(ديسي، ٤ ـ ١٢)

(٨٧)

جَرِ تَرِ تِکَ تَنوارَ، وَڻَ تِڻَ وائِي هيڪڙي،
سِيپِيئي شيءِ ٿيا، سُوريءَ سَزاوارَ،
هَمَهَ مَنصُورَ هَزارَ، ڪهڙا چاڙهيو چاڙهئين؟

(سهڻي، ٩ ـ ١)

(٨٨)

جَرَ تَڙَ ڏيا ڏي، وَڻَ تَڻَ بَڏي وانٺيون،
اَلا! ڪانڌُ اَچي، آسائتي آهيان!

(سامونڊي، ٢ ـ ٢٢)

(٨٩)

جَرَ ۾ سِپُون جيئَن، آهين اَبَرَ آسري،
جَئَن ڪُنجُون سارِين روهَ کي، مُون تَنَ اَندَرِ تِيئَن،
هُتَ وَعدا وَڄَنَ جا، هت نه پانيِءِ هيئَن،
ڪونئين وهان ڪيئَن، جي نَظَرَبَنديَاتِي نه هُئَان؟

(مارئي، ١٠ ـ ١٣)

(٩٠)

جَرَ هاريو ٿي جَکري، جَڏهن رُنو ڏيريدَار،
ڍولي تڏهن ڍيلين: سوبيي! ٿِيءِ نه سارَ،
چَنيسَرَ پِتارَ، جيلو ڪَيو هارَ جو.

(ليلا چنيسر، ١ ـ ١٣)

(٩١)

جَڙ جَڙي جن سين، مُئي پڻ سين تَن،
جي هِتِ نه هوتُ پَسَنِ، سي ڪَنهن پَرِ ڪيچ پَسنديُون؟

(حسيني، ١٢ ـ ١٦)

(٩٢)

جُزو وِچايو جوڳيين، ڪُلَ سين آهين ڪَمُ،
آسُ جِن عَدَمُ، آئُون نه جِتَندي اُن ري.

(رامڪلي، ١ ـ ٤١)

(٩٣)

جُ سي اَگَڻِ آئيا، تہ سَرو ڪندا سُجَ،
سائي تيندين اُجَ، هي پيتو! هو آڻ کِي!

(يمن ڪلياڻ، ٤ ـ ١٢)

(٩٤)

جُ سي سَنيِرجَن، سَهَ تَنين سين اوريان،
لُنءَ لُنءَ هيٺِ وَجَن، رَڳُون رَبابَن جِئَن.

(رپ، ١ ـ ٢١)

(٩٥)

جُسي سَندو، جوڳَ ري، مُون نہ گُهرجي ماهُ،
ساميءَ مُنهنجو ساهُ، آئُون نه جِتَندي اُن ري.

(رامڪلي، ١ ـ ٣٤)

(٩٦)

جُهُ سي لوڙائُو ٿيا، جنين پَرِ رَهَنَ،
مارُو مَنجهه ٿَرَنَ، رَهي رَهندا ڪيترو؟

(مارئي، ابيات متفرقه ـ ١)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۹۷)

جُہ سي لوڙائُو ٿيا، جنين سنڌيءَ ڏيرَ،
مارُوئڙا فَقِيرَ، ڪنهن دَرِ ڏيندا دانهڙي؟

(مارئي، ابيات متفرقہ _ ۲)

(۹۸)

جُسي ۾ جَبّار جو، خَفِي خيمو ڪوڙِ،
جَلّي تون زبان سين، چارئي پَهَرَ چورِ،
فڪر سين فُرقان ۾، اسم اعظم ڏورِ،
بيا در وڃِي مَ ووڙِ، اِيُ اَمَلُ اِئائين سَپَجي.

(يمن ڪلياڻ، ۵ _ ۸)

(۹۹)

جُ صَرافَن لَڌيو، تہ تُون پڻ لَڌَج، سونَ!
قَدُرُ لَهندءِ ڪونَ، نيئي گَڏيندءِ گَڏوُنءَ سين.

(سريراڳ، ۴ _ ۱۰)

(۱۰۰)

جَڪرَا! تُون جِئَين، تُنهنجو ڪَنين مَدو مَ سُٽان،
اَڪِيُن ۽ هِنئين، پِنهي تاري تُنهنجي.

(بلاول، ۲ _ ۲)

(۱۰۱)

جَڪرا ! جِئين شالَ، تُنهنجو ڪَنين مَدو مَ سُٽان،
جِئَن تو اَچِي ڪالَ، نالائق نَوازيا.

(بلاول، ۲ _ ۳)

(۱۰۲)

جَڪرو جَسَ ڪَرو، بِيا سَڀِ اَنيرا،
جِيائِين جُڙيو جَڪرو، تِيائين نہ بِيا،
مِنِي تَنهِن ماڳا، اَصُلُ هُئِي ايترِي.

(بلاول، ۲ _ ۵)

(۱۰۳)

جَڪرو جَسَ ڪَرو، بِيا مِڙئي مَلَ،
سَمي جي سُهاڳ جي، ڪَنهين نہ پيئي ڪَلَ،
مِنِي اِنَ مُـرسَلَ، اَصُلَ هُئِي ايترِي.

(بلاول، ۲ _ ۴)

(۱۰۴)

جَڪرو جوڙِي، پاڻَ ڏٽِيءَ پيدا ڪَيو،
ڪيهَرَ جِئَن ڪَرُ ڪَٽِي، مُچُون مَلَهہ موڙي،
سَمُونڊِ جِئَن سيرَ ڪَيو، ٿو بارِ جِئَن پوڙي،
گهوٽُ چَڙهيو گهوڙي، پيچِيُنِ لائي پيچرا.

(بلاول، ۲ _ ۱)

(۱۰۵)

جَڪري جهو جُوانُ، ڏسان ڪونَ ڏيہَ ۾،
مُهَڙُ مِڙنِي مُرسَلين، سَرسُ سَندسِ شانُ،
"فَڪانَ قابَ قَوسَيِن اَوادنَي"، اِيُ مُيسَرُ تِيسُ مَڪانُ،
اِيُ آڳي جو اِحسانُ، جَنهن هادِي ميڙيُمِ هَهڙو.

(بلاول، ۲ _ ۱۱)

(۱۰۶)

جَڳُ جِئَن ٿِي چوءِ، سوڊِو تِئَن نہ سڪيو،
راڻو تِئَن نہ رُوءِ، ڳوڙهو جِئَن ڳِلِ ڳڙِي.

(مومل راڻو، ۷ _ ۱۳)

(۱۰۷)

جِنِ اُجهيو، تِنِ نہ ٻُجهيو، وينِي گَڏيُنِ ويرُ،
ڏوري ڏٺائُون ڏُڪَ سين، پاڻَ مَنجهان ئي پيرُ،
لَٿو تِـنِ، لَطِيفُ چَئي، جُسي جو زَنجيرُ،
ڪِينَ ڏِٺو هو ڪاپَـڙيِين، ڪابُلُ ۽ ڪَشميرُ،
سَچُ جِنين جو سِيرُ، تِـنِ ڳُـرُ وينِي ئي گَـڏيو.

(رامڪلي، ۵ _ ۱۲)

(١٠٨)

جَنّتَ سَندِيَن جوءِ، فائِق هَلِيا فِردَوسَ ڏي،
فاني ٿِيا 'في اَللهَ' ۾، هوءِ سين ٿِيا هوءِ،
رَبّا! ڏيکارِئين روءِ، اُنين جي اِحسانَ سين!

*(ڪيڏارو، ٦ ـ ١٢)*

(١٠٩)

جِندا! هو مَ جوڳَ ري، جِندا! جوڳُ مَ پاءِ،
ڪُوڙي ڪَچ مَ ڪَڌِين، سَچي ڪا مَ سَلاءِ،
پَهچَڻُ پارِيِنداءِ، مَتان رامُ رُسائين.

*(رامڪلي، ٣ ـ ١٧)*

(١١٠)

جن ڪَرايُن ڪَڇَ جا، وَرُ ساهيڙِيُون سي!
اَتِ اُڪَنڊِي آهِيان، مَنهَن ماروءَ جي،
لَکَن سين نہ پاڙِيان، هَنڌَ هتي جا هي،
اَهلَ اَباڻَن ڪي، مَري شال مَلهائِيان!

*(مارئي، ٣ ـ ١)*

(١١١)

جن کي دَورُ دَردَ جو، سبق سُوَرَ پڙهنَ،
فڪرَ فَرَهي هٿ ۾، ماٺ مُطالع ڪَنِ،
پَنو سو پڙهنِ، جنهن ۾ پَسنِ پرينءَ کي.

*(يمن ڪلياڻ، ٥ ـ ١٧)*

(١١٢)

جن وِڃايو وُجُود کي، سي فاني ٿِيا "فِي اَللهَ" ۾،
نہ تَنِ قِيامُ نہ قُعُودُ ۾، نہ ڪو ڪَنِ سُجُودُ،
جيلان ٿِيا نابُودُ، تيلان ڳَڌِيا بُودَ کي.

*(آسا، ١ ـ ١٧)*

(١١٣)

جنهن تَڙَ تَوڙُون ڏُٺَن، چوٽا چَندَنَ چِڪَ ڪَيو،
اَچِن پَوتَرَ پَنيوليا، پاٽيءَ تَنهِين پُوَن،
راوَلَ رَتو رُڻَنِ، ڪو وَهُ لَڳو واسُئين.

*(مومل راڻو، ٣ ـ ٧)*

(١١٤)

جَنهنجي ڏَٽيان ڏارَ، پيئي ناهہ پَنيورَ ۾،
ڪَمِيٽيءَ جي ڪانَ ڪَيءِ، ساٿَ لَڏينديَ سارَ،
آءُ، عالَمَ جا سَردارَ! واري واڳَ وِلَهيءَ تي.

*(ٻروو سنڌي، ٣ ـ ٢)*

(١١٥)

جَنهن سَناسيءَ سانڍِيو، گَندي ۾ گَراهُ،
اُنهيءَ ڪان اَللهُ، اَچا اَڳاهُون ٿِيو.

*(رامڪلي، ٩ ـ ١١)*

(١١٦)

جَنهن ڪارَڻ جوڳِي ٿِيا، جان جان سو نہ پَسَن،
تان تان سَناسِيَنِ، وِرهَ وهامي راتڙي.

*(رامڪلي، ٩ ـ ٤٨)*

(١١٧)

جنين پيريو هيڪلو، تنين ميڙيو، ماءِ!
تَندُ اَهڙِيءَ ساءِ، مُون آتَڻُ هَڏَ نہ اُجهي.

*(ڪاپائتي، ١ ـ ٢)*

(١١٨)

جِنين جهيڙِيو اَڄُ، عَليءَ جي اولادَ سين،
پَيءِ! تِنين کان پَڄُ، جي جَماتي يَزِيدَ جا.

*(ڪيڏارو، ٤ ـ ٤)*

(١١٩)

جِنين جهيڙِيو ڪالَ، عَليءَ جي اولادَ سين،
هَيءِ! تِنين جي حالَ، جي جَماتي يَزِيدَ جا.

*(ڪيڏارو، ٤ ـ ٣)*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۱۲۰)

جنين ديکيو دِل سين، پُنهيءَ سي پيئُون،
تہ پڻ تني ويئُون، جي پُنهونءَ پاڻ لڪائيو.

(حسيني، ۳ ـ ۱۰)

(۱۲۱)

جنين سُکُ ناهِ ڪو، چارڻَ سي چِئِجَن،
رُجَنِ راهَ پُڇَنِ، مَتي کُلهن ڪينرا.

(پرڀاتي، ۱ ـ ۴)

(۱۲۲)

جنين سَندي مُنهَن ۾، نهائيُون نَکَنّ،
تَئان وَڃِيو هيڪڙو، تہ ڪهڙو تورو تَنّ؟
سي مَرُ سُجائي سُونهَنّ، جن پَلي پينگ پِرَم جي.

(مومل راڻو، ۸ ـ ۲۵)

(۱۲۳)

جنين سَنديءَ بوڏَ ۾، پِتون پِتين جيُ،
تَنَ! تنين سين پِيُ، اوڏا اَڏي پڪڙا.

(يمن ڪلياڻ، ۸-۲۲)

(۱۲۴)

جنين سودي سَچَ جو، وَکَرُ وهايو،
’بَخرو لَهُمُ البُشريٰ‘ جو، اُنين لَءِ آيو،
ان کي لالَنَ لنگهايو، ساندارو سَمُونڊَ جو.

(سريراڳ، ۲ ـ ۸)

(۱۲۵)

جنين ڪارڻ مُون، تَڙَ پُوڄارا پُوڄيا،
پُنيُمِ اُميدُون، سيئي سَڄَڻ آئيا.

(سامونڊي، ۲ ـ ۱۹)

(۱۲٦)

جِنين ڪتو ڪالَهہ، سي پاٽا پيئُون مامري،
جِنين ٿَکَ نہ مالَهہ، سَرَهيُون سي صراف سين.

(ڪاپائتي ۱ ـ ۳۰)

(۱۲۷)

”جو تَعَلُقُ رَکي تَندُ سين، سو کي پَليءِ پاءِ،
مُون کي مَ موتاءِ، آئون آڳاهُون آئيو.“

(سروڳ، ۳ ـ ۱۷)

(۱۲۸)

”جو تو ڏِينُ ڏياچَ! پائيو، اِيئن سِرُ سَپيڪو ڏي،
کي نانہ جهڙو ڏي، جو سَنَدَ تِئي سُواليين“.

(سروڳ، ۳ ـ ۱۵)

(۱۲۹)

جو تون ڏورئين ڏُورِ، سو سَدا آهي ساڻُ تو،
لالَنَ لَءِ، لَطِيفُ چئي، مَنجهي تِيُ، مَعذُورِ!
مَنجهان پَنڻَن پَرُوڙِ، تو مَنجهہ آهِسِ تَکيو.

(سسئي آبري، ۳ ـ ۸)

(۱۳۰)

جو چَلِيُون پَسي نہ چَکيو، تَنهن واڪاٽيو وَکَ،
لُڏي ڪِينَ، لَطِيفُ چئي، لَکَنِ اَڳان لَکَ،
پيرُ نہ موڙي پانهنجو، تِکيءَ پَئجي تکَ،
سَرَتِيُنِ ڏئي سِکَ، هَڪلَ سين هالارَ ڏَٿي.

(بلاول، ۱ ـ ۸)

(۱۳۱)

جو ڏيہَ ڏاڏاٽيان آيو، پيرين تنهن پُٺان،
سانگائتُوءَ سَيَّدُ چئي، سَنديُون چتَ چُٺان،
هِتي تان نہ هُٺان، حَرف لَتي هيڪڙي!

(مارئي، ۱۰ ـ ۸)

(۱۳۲)

جو ڏيہَ ڏاڏاٽيان آيو، ڏِنُمِ تنهن طَعنو:
”پائي ويہُ مَ پَلنگين، ڳچيءَ سِرِ ڳانو،
مَتان لَکَ، لَطِيفُ چئي، ڪاڻءِ مَ خزانو،

سَرَتيُن سيلُ چَوايو، جورِ هٽي جانو،
ٿيو سڌ سَمانو، حَرَف لَٿي هيڪڙي“ .
(مارئي، ١٠ ـ ٩)

(١٣٣)
جو ڪُهَنڊ سُهَنڊ سامُهون، پرتِ تَنهين سين پارِ،
نيڻهُن نہ نِبهي جَنهنجو، تَنهن سين تُون مَ تَنوارِ،
هَڏِ مَ واتَ وِسارِ، تَي نِرالو نِبري.
(رامڪلي، ٩ ـ ١٩)

(١٣٤)
جوڳَ نہ جوڳو تُون، ڪَرين پَچارُون جوڳَ جُون،
هڪڙو پَنڌ پريَن جو، ٻي تُنهنجي پُون،
سامِي سيٽَن ڏُون، رُئندا ئي رَتُ ويا.
(رامڪلي، ٣ ـ ١٠)

(١٣٥)
جوڳيءَ تي جڙاءُ، نسورو ئي نينهن جو،
پَتنگَ جِئن پيدا ٿيو، سامِي سڄَ وَڙاءُ،
آيو ڪاڪِ تَڙاءُ، ڪُنوارِن ڪڪوريو.
(مومل راڻو، ١ ـ ٩)

(١٣٦)
جوڳي! تُنهنجي جوڳَ ۾، ڳالهہ ڳُهرجي ڳُجُ،
وَڊِيو، چِريو، چِچِريو، پَرَ ۾ اُيو پَچُ،
سوئي ٻارِجِ مَچُ، جو آتَشان آبُ ٿئي.
(رامڪلي، ٣ ـ ١٣)

(١٣٧)
جوڳي ٿِيَنِ نہ يارَ، ڪَنهين سين قَريبُ ٿي،
مان مُلاقي اُنِ سين، جِنِ پُورَبَ جي پَچارَ،
اَنٿِي پَهَرَ اُنَ جي، آهِ نانيءَ ڏانهَن نَهارَ،
لائي ويا، لَطيفَ چئي، اَندَرَ مَنجهہ اَپارَ،
سامِيُنِ سانُ، سَنارَ! لاهوتي لالُ ٿِيان.
(رامڪلي، ٣ ـ ١٥)

(١٣٨)
جوڳيڙا پاڙي، ڪَرَ نہ هُوا ڪَڏهين،
وِيا مَڙهہ تاري، ڪالهَہ وَڃائي سِڱِيُون.
(رامڪلي، ٥ ـ ١٣)

(١٣٩)
جوڳي جَڳُ ڇَڏي، پُريا پُورَبَ پَنڌَ ڏي،
لاهُوتي، لَطيفُ چئي، هَليا لعل لَڏي،
”وَاللهُ يَدعُوا اِلٰي دَارِ السَّلَامِ“، صاحِبُ سِين سَڏي،
هَيءِ! هَيءِ! هِنَ هَڏي، هَمَہ ڪي حيرانُ ڪيو.
(رامڪلي، ٥ ـ ١١)

(١٤٠)
جوڳيڙا جهانَ ۾، هُئا مَنجهہ حمامَ،
آرامان اَرَڪُ ٿيا، اوڏا نہ آرامَ،
ڪِيائُون قِيامَ، آئون نہ جِئَندي اُنِ ري.
(رامڪلي، ١ ـ ٢)

(١٤١)
جوڳي! ڪَنڌُ ڪَپاءِ، ڪَنَ ڪَپائِنُ ميرُڪي،
صُحبَتَ تُنهنجي، سَيَّدَ چئي، سامِيُنِ وَٽِ سَماءِ،
”يَهدِي اللهُ لِنُورِهِ مَنْ يَشَاءُ“، اِئين اُنين لَءِ آهِ،
اِيَ تِنين جي جاءِ، جن ٻَئي جَڳَ ڇَڏِيا.
(رامڪلي، ٥ ـ ١٠)

(١٤٢)
جوڳِيُن جوڳُ جُڳاءِ، جوڳُ پِڻ سُونهي جوڳيِن،
جوڳِيُن سَندِي جانِ ۾، ڳُجهُہ ڳُجهانڌَرُ آهِ،
هاءِ! مُونهين کي واءِ! جا آئُون جوڳُ نہ سِکِي.
(رامڪلي، ٣ ـ ٩)

(١٤٣)
جوڳي ويا جاميرَ، جان مَڙهيان مُنهن پائيان،
پِيا پُوڇِيندي ڪيرَ، ڏوڏاٽي ڏوٻَ ڏَري.
(رامڪلي، ٩ ـ ٢١)

www.sindhsalamat.com　　books.sindhsalamat.com

(۱۴۴)

جوڳي هوُن نہ جِتَرا، پائي جوڳُ مَ جيُّ،
هارِيا! هِن ڪَنَن سين، سُڻُ سَنيهو اِيُّ:
"وڃائي وَجوُدَ کي، پاٽان پاسي ٿيُّ"،
هَذِّهين ڪونهي هِيُّ، آسارا! 'آئوُن' ڇوين!

*(رامڪلي، ۴ ـ ۱۱)*

(۱۴۵)

جوڳيءَ جاڳائي، ماري وڌو مامري،
لَنؤ لُڊوُٺي ڪَنڌِيين، اَميو آهي،
وَيو جي ڪاهي، تہ نِڪُون پَسو نينهَن جُون.

*(مومل راڻو، ۲ ـ ۷)*

(۱۴۶)

جو مون پڙهيو پاڻ لَيءِ، سَبَقُ سابِقُ جو،
پهرين سجاتم پانهنجي، نفسَ جو نهو،
جِتِ عرفانُ اَصلَ ۾، تي روحن روزَ ڪيو،
وري وَرَقُ پيو، گڏيم وَڏُ وصال جو.

*(يمن ڪلياڻ، ۵ ـ ۲۵)*

(۱۴۷)

جهڙا پانَ پَنَ، تهڙيُون سالوُن مَٿِن سائيُون،
عَطَرَ ءِ عَبيرَ سين، تازا ڪَيائوُن تَنَّ،
مَڙهيا گهڻو مُشڪَ سين، چوتا سانُ چَندَنَّ،
سُنُهَن رُپي سونَ سين، سَندا ڪامَڻ ڪَنَّ،
ڪَيائين، لالُ لَطيفُ چئي، وَڏا ويسَ وَرَنَّ،
مَنجِهہ مَرڪيَسِ مَنَّ: "سوڍي سين سَگَ ٿيو".

*(مومل راڻو، ۳ ـ ۲)*

(۱۴۸)

جهڙا گُلَ گُلابَ جا، تهڙا مَٿِن ويسَ،
چوتا تيلَ چَنبيلِيا، ها ها! هوا! هَميشَ:
پَسيو سُونهَن سَيّدُ چئي، نينهَن اَڃِن نيشَ،
لالَنَ جي لِبيسَ، آتَڻَ اَڪرُ نہ اُڃهي.

*(مومل راڻو، ۳ ـ ۱)*

(۱۴۹)

جهڙو 'قَيدُالماءِ'، تهڙو بَندُ نہ ڪو پيو،
'جَفَّ الْقَلَمُ بِما هُوَ كَائِنٌ'، لَهي نہ تِرُ تَئاءِ،
عُمَرَا! تو هَتاءِ، آجائي ٿئي آجڙين!

*(مارئي، ۱ ـ ۱۲)*

(۱۵۰)

جَهڙي آيَسِ جيئَن، جي تَهڙي مِلان تِن کي،
قِران قَرَ چارِيان، هِنئُون چَئيم هِتَن،
وَڃان ڪِئَن وَطَنَ ڏي؟ ڪانڻَ لَهَنديم ڪِيئَن؟
مُنداڻِتي مِينهَن، سُونهان سَرَتيُن وِچ ۾!

*(مارئي، ٦ ـ ۲)*

(۱۵۱)

جَهڙي آيَسِ جيئَن، جي تَهڙي وَڃان تِن ڏي،
تہ لالائيءَ جا، لَطيفُ چئي، ڪَرَ مُندُن اُنا مِينهَن،
مارُڻِيءَ لَڱِرِ مَهٽو، سَبِ جَماندَرَ سِيئَن،
تِيَسِ ڪاٽيارِي ڪانڌَ جي، هِتي اَچي هِيئَن،
ڪَنڌُ ڪَنَنديسِ ڪِيئَن، مَنهن مارُوئَڙَن جي؟

*(مارئي، ٦ ـ ۱)*

(۱۵۲)

جِئَان ڪوڙ ٻہ ڪانئيُون، پَنجين لَکين پاءُ،
مَيو تنهن ماڳاءُ، ڏيهاٽي ڏارَ چري.

*(ڪنيات، ۲ ـ ۴۳)*

(۱۵۳)

جِئَان ڪوڙ ٻہ ڪانئيُون، پنجين لَکين پَڪَ،
تِئان ڏيئي تِڪَ، مَيو متارو ٿيو.

*(ڪنيات، ۲ ـ ۲۵)*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٥٤)
جِئان ڪوڙ ۾ ڪانئيون، پنجين لَڪين پَنُ،
تِئان چاٽي چُڪِيُون، ميي رَتو مَنُ،
تنهن وَلِ سَندو پَنُ، ڪُوماڻو ڪوڙين لَهي.
(ڪنيات، ٢ ـ ٤٤)

(١٥٥)
جِئان ڳهڙي تِئان ڳهيڙُ، ڪَپرو پُڇَنِ ڪوُڙيُون،
ڏَمَر سين جُسو ظاهِراً، مَنَ ميهارَ سين ميڙُ،
سا نَدي پانئي نيڙُ، جنهن کي سِڪَ ساهَڙَ جي.
(سهڻي، ٣ ـ ٣)

(١٥٦)
جِئان واري وَڳَ، اوني تِيا چُلِنگيُون،
مَـتي تنهن مارَڳَ، پَـئي پُرزا نـه ٿِئين؟
(حسيني، ٨ ـ ١١)

(١٥٧)
جِئان وَهي تِئان واتَ، ڪَپرو پُڇَنِ ڪوُڙيُون،
جن کي سِڪَ ساهَڙَ جي، سي ڳهيڙُ نـه پُڇَنِ ڳهاٽَ،
جن کي عِشقَ جي اُساٽَ، سي واهُڙُ پانئِين وڪَڙي.
(سهڻي، ٣ ـ ٤)

(١٥٨)
جِئَن اُٺَنِ آريءَ چارَ، اُتَن تان اوٺِيُن نـه ڪَيو،
ٻَڙڪِي پاهَرِ نِڪِتِي، ڳاڏَرِ مَنجهان ڳارَ،
ساهُ ڏِنائين سارَ، سُـتي سَڳَـرَ پَـٽِيين.
(حسيني، ١١ ـ ٣)

(١٥٩)
جِئَن اِيندي ئِي موٽِئين، مِيندرا! وَڏِي جاڙَ ڪَياءِ،
وَرُ نـه هُئين؟ وَلَها! هوُندَ جَـتِي، مُون جاڳاءِ،
تـه سُـتي جي سِجاءِ، سُودِا! سِگهِيائي ٿِيَءِ.
(سومل راڻو، ٧ ـ ١٢)

(١٦٠)
جِئَن تون قائِمُ، ڪانڌَ! تِئَن آئُون وَرَا! وِلَهي نـه ٿِيان،
پَڪِي چِنا پاندَ، ڳَنڍُ نـه ڇاٽي ڪو پِيو.
(ڏهر، ٣ ـ ٢)

(١٦١)
جِئَن تا پُڇَنِ اَنَّ ڪي، تِئَن جي پُڇَنِ اَللهُ،
تـه رِڙهي لَڏائُون راهُ، لَتِيَنِ لُڪَ، لَطِيفُ چَئي.
(رامڪلي، ٩ ـ ٨)

(١٦٢)
جِئَن تا پُڇَنِ اَنَّ ڪي، تِئَن جي پُڇَنِ پَنڌُ،
تـه رِڙهي لَڏائُون رَندُ، لَتِيَنِ لُڪَ، لَطِيفُ چَئي.
(رامڪلي، ٩ ـ ٧)

(١٦٣)
جِئَن جِئَن پِڇي راتِ، تِئَن تِئَن تاٽي پَنڌ ۾،
پوريءَ پِي نـه تاتِ، جيڪا سا جَـتَنِ جي.
(حسيني، ٢ ـ ١٥)

(١٦٤)
جِئَن جِئَن تَپي ڏِينهُن، تِئَن تِئَن تاٽي پَنڌ ۾،
ڪو آڳانجهو نِينهُن، پانيَڻِ پاروچَنِ سين.
(حسيني، ٢ ـ ١٤)

(١٦٥)
جِئَن جِئَن جهلي جَڳُ، تِئَن تِئَن مُون تاڪِيدُ ٿِئي،
ڳهريو تـو ڳالهيُون ڪَري، وهُسي پِنُو وَڳُ،
لوڪَ لَتاڙِي نَندَ ۾، پُنَيءَ لالَنَ لَڳُ،
آرِياڻي اورَڳُ، پَنهِوران پَهَرِ ٿي.
(حسيني، ١٢ ـ ١٧)

(١٦٦)
جِئَن جِئَن ڪَڪَرَ اُڀَ ۾، تِئَن تِئَن ڏُونگَرَ ڏِيٺُ،
مُون تان تَنهِين هيٺِ، پِيرُ نِهارِيو پرينءَ جو.
(ڪوهياري، ٢ ـ ١٩)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٦٧)

جئَن جئَن وَرَق وَرائِين، تئَن تئَن ڏنو ڏوهُ،
تنهن ڪَهِڙيءَ ڪبو ڪوهُ؟ جي رهِڻيءَ رهيو نہ سُپرين.

(يمن ڪلياڻ، ٥ ـ ٣٠)

(١٦٨)

جِئَن جُهگا پائيِن جهولَ ۾، اِئَن نہ مَرَن مَڇَّ،
سَبَرَ ڏارِ سَمُنڊ جا، ڪي رائُون رَڳِيُون رَڇَّ،
هِي ڇارُون ۾ ڇَڇَّ، اَڃا اوڙاهُ اَڳاهُون ٿِيو.

(گهاتو، ١ ـ ١٧)

(١٦٩)

جئَن سو هَرَڻُ هُماءُ، سَرگَردانُ سَنسارَ ۾،
هِيُ پَڳُ نہ ڪوڙي پَٽئِين، هُو ڏَڙَ سر ڏري نہ ساهُ،
جيڪِس تن مُلاءُ، سَسُيءَ سُورَ پِرائِيا.

(ديسي، ٥ ـ ١)

(١٧٠)

جِئَن سي ڪُوهِيءَ نارَ، وَهَن وارِيءَ گاڏُئان،
هِنئَڙو پِرِيان ڏارَ، نِبيرِيانسِ نہ نِبري.

(رپ، ٢ ـ ٩)

(١٧١)

جِئَن قَطَرُ چُڻيو ڪُڙ پَرِئِين، بولَ بَجَهندين هَنجَ!
موتي جي مَهرانَ جا، پُورا چُڻج پَنجَ،
اَڄُ ڪِ صُباحَ سَنجَهہ، ٿو ڍَبِيءَ ۾ ڍيرُ ٿِئين.

(ڪارايل، ١ ـ ٢١)

(١٧٢)

جئَن ڪا ڪانِي ڪانَهن، لُسَندي لاتِيون ڪَري،
اَچي پَئي اوچِتي، دردَ پِرِيان جي دانهَن،
ويچَ! ڏَنِيئِين ڪُہ بانَهن؟ سُورَ هِنئِين ڪي سامُهان.

(بروو سنڌي، ١ ـ ٢)

(١٧٣)

جِئَن گَنڊيُون مَنجهہ گَنڊيرَ، تئَن مُون مَنُ مارُوئَڙَن جُون،
ڏِنيُون لَسَ، لَطِيفُ چئي، هِنئَڙي ڪي هَمِيرَ،
وَجِي مَنجِهہ مَليرَ، سِپ چوڙِيندِيَسِ، سُومِرا!

(مارئي، ابيات متفرقہ ـ ٣٦)

(١٧٤)

جِئَن گَنڊيُون مَنجِهہ گَنڊيرَ، تئَن مُون مَنُ مارُوئَڙَن سين:
سي مارُوئَڙا ٿَر ٿِيا، جي گُٽَن جا گُهيرَ،
تِنين رِءَ، هَمِيرَ! گهنگهرِ گهارِيان ڏِينهَڙا.

(مارئي، ابيات متفرقہ ـ ٣٥)

(١٧٥)

جِئَٽان اَڳي جي جِئا، جُڳَ جُڳِ سي جِئَن،
اُوءِ موتي ڪِينَ مَرِن، مَرَٽان اڳي جي مُئا.

(معذوري، ٤ ـ ٨)

(١٧٦)

جِئَٽُ جَتَ ڏاران، مَعذُورِ جو مَسَ ٿئي!
چانگَنِ سِر چَڙهي ويا، ساٿي سَوارا،
اَڪِيُون اوتَارا، پَسِيو رُٺَنِ پُنهونءَ جا.

(سسئي آبري، ٥ ـ ١٠)

(١٧٧)

جي اَٿيئي سَڌَ سُرڪَ جي، تہ وَنءُ ڪَلالڪي ڪُوءِ،
مَهيسَر جي مَنڌَ جِي، هُتِ هَڏهِين هُوءِ،
جان رمز پروڙيم رُوءِ، تان سِرَ وَٺِ سُرڪي سَگُٽي.

(ڪلياڻ، ٢ ـ ٢٠)

(١٧٨)

جي اَٿيئي سَڌَ سُرڪَ جي، تہ وَنءُ ڪلالڪي گهرِ،
وِڍِڻُ، چيرڻُ، چچرڻُ، پَهتِ اُنينِ جي پَرِ،
جي وَٽِي پويئي وَرِ، تہ سَهَنگِي آه، سيّد چئي.

(ڪلياڻ، ٢ ـ ٢١)

(١٧٩)

جي اَتيئي سَڏ سُرڪَ جي، تہ وَنءُ ڪلالڪي هَٽِ،
لاهي رڪُ، لطيف چئي، مٿو ماٽيءَ وَٽِ،
سِرُ ڏيئي ۾ سَٽِ، پيچ ڪي پيالين.

*(ڪلياڻ، ٢ ـ ١٩)*

(١٨٠)

جي اَتيئي سَڏ سُرڪَ جي، تہ وَنءُ ڪلالن ڪاتي،
لاهي رڪ، لطيف چئي، مٿو وَٽِ ماتي،
تِڪَ ڏيئي پِڪَ پِيُ، تون منجهان گهوٽ! گهاتي،
جو وَرَنہ وِهاتي، سو سِرَ وَٽِ سَرو سهانگو.

*(ڪلياڻ، ٢ ـ ١٨)*

(١٨١)

جي اُڏميو اَڄُ، تہ وَسندو سونَ سَنگُ،
جالَ ڏِئيندو جُنگُ، جَڳُ ڏِئيندو جڪرو.

*(بلاول، ٣ ـ ١٧)*

(١٨٢)

جُه يارُ ڏِنائُون يارَ جو، پُنيءَ پيرُ ڪَڙِين،
قُربيا نہ فَرمانَ ڪان، اُنهيءَ ۾ آهين،
ڏِسي نہ ڏاڙهِين، شبانَ جي سَڳَ ڪي.

*(معذوري، ١ ـ ١٠)*

(١٨٣)

جياريَس سَنيارَ، ڪُهُ ڪَرِيندَمِ گڏجي؟
ويروتارَ وُجُودَ ۾، پِرِيُنِ جي پَچارَ،
سي سَجَڻَ هُونِ نَہ ڏارَ، جي هِنئين ۾ حَلُ ٿيا.

*(سهڻي، ٤ ـ ٦)*

(١٨٤)

جِياسُون جوڙ ٿي، جوڳي ڏِنوسُون جان،
سَڳُ هو جَنهين سان، سو سامي اَسان پيتيو.

*(رامڪلي، ٨ ـ ١٥)*

(١٨٥)

جِياسُون جوڙ ٿِي، جوڳِيءَ لاٿو جارُ،
سَندو پُورَبَ پارُ، آچيائين اَنڌَن کي.

*(رامڪلي، ٨ ـ ١٤)*

(١٨٦)

جِياسُون جوڙ ٿي، نانگو ڏِنوسُون نِٿُ،
چُونچو هو چِٿُ، ڪُلي سو باغ ٿِيو.

*(رامڪلي، ٨ ـ ١٦)*

(١٨٧)

جي اَمُرُ هنيو آڏ ڪَري، سي ڪاغذَ لِکان ڪيئَن؟
واڳُيُون جي وِصالَ سين، تنين چاڙهي چيهَن!
رُئان راتو ڏِينهَن، جِئَن اُنِ جي والِيَ ۾ وَرَ گهٽا.

*(مارئي، ٢ ـ ٥)*

(١٨٨)

جي بُڌان تہ بَنِ، اولجان اُنَ پارَ ڏي،
ڪَنڌيءَ اَچيو سُپرين، مانَ ”بَرا! بَرا!“ ڪَنِ،
مُيائي سين تَنِ، جيڪر اُتي نِڪران.

*(سهڻي، ٥ ـ ١٩)*

(١٨٩)

جي يانئين جوڳي ٿِيان، تہ ٿِيُ گُرُءَ جي گَسِ،
ڏُکَ پانَ کي ڏَسِ، سامي! وَڏيءَ سِکَ سين.

*(رامڪلي، ٤ ـ ٥)*

(١٩٠)

جي يانئين جوڳي ٿِيان، تہ پَرَ گُرُوءَ جي پارِ،
هَوائُون هنگلاجَ ڏي، ويندي سَڀِ وسارِ،
نانگا! ناٿُ نِهارِ، سامي! وَڏيءَ سِڪَ سين.

*(رامڪلي، ٤ ـ ٣)*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٩١)

جي ياڻئين جوڳي ٿيان، تہ سَڱ سِپيئي توڙ،
جي ڄاوا نہ ڄاپندا، جِيُّ تنين سي جوڙ،
تہ تُون پهچين توڙ، مُحبَّتَ جي ميدانَ ۾.

(رامڪلي، ۴ ـ ۲)

(١٩٢)

جي ياڻئين جوڳي ٿيان، تہ سَڱ سِپيئي ڇنُ،
وَڃي دَرِ دوستن جي، نانگا! ڪيمَ نِنُ،
پَتِ تنين جي پِنُ، جن ٻُجهي نہ ٻُجهيو.

(رامڪلي، ۴ ـ ۱)

(١٩٣)

جي ياڻئين جوڳي ٿيان، تہ طَمَعَ ڇڏِ تمامُ،
گولا جي گولَنِ جا، تِن جو ٿيُّ غُلامُ
صَبُرَ جي شمشيرَ سين، ڪَر ڪيني کي قتلامُ،
تہ نانگا! تُنهنجو نامُ، لِکجي لاهوتين ۾.

(رامڪلي، ۴ ـ ۴)

(١٩۴)

جي ياڻئين جوڳي ٿيان، تہ ڪِينَ پيالو پِيُّ،
ناهِ نِهاري هَٿَ ڪَري، 'آئون' سين اُتِ نہ پِيَّ،
تہ سَندو وَحدَتَ وِيُّ، طالِب! توڙان ماڻين.

(رامڪلي، ۴ ـ ۷)

(١٩۵)

جي ياڻئين جوڳي ٿيان، تہ مَنُ پوري، مَنجهہِ مارِ،
دائم دُونهين دِلِ ۾، مَنَ سين مالِها وارِ،
سَہُ سَيڪا آرِ، آڳي جي اَدَبَ سين.

(رامڪلي، ۴ ـ ۶)

(١٩٦)

جي ياڻئين جوڳي ٿيان، تہ مُنهَن ۾ مُندا پاءِ،
ڪَنين ڪِينَ وِڃائيو، جِنِ ۾ ڪوڙين ڪَکَرَ وڌاءِ،
ڇڏِ چادَرَ، ٻَڌُ چِمڙا، جُتيي تو نہ جُڳاءِ،
تہ ساميڙا! سَنديا‌ءِ، ڳُرَ وَٺِ ڳلا نہ ٿِئي.

(رامڪلي، ۴ ـ ۸)

(١٩٧)

جي ياڻئين وَسَ ڇَران، تہ سَنگهارَنِ سين لَڏِ،
تہ هاجي سَندِي هَڏِ، ڪُوڪَ نہ سُٺين ڪَڏهين.

(ڏهر، ۴ ـ ۳۰)

(١٩٨)

جي ياڻين پريِنءَ مڙان، تہ سڪُ چوران ڪي ڏات،
جاڳَنُ جَشَنُ جن ڪي، سُڪُ نہ ساري راتِ،
اُجهي ٻُجهي آئيا، وائي ڪَنِ نہ واتِ،
سَلي سُوريءَ چاڙهيا، ٻيان ڪَنِ نہ باتِ،
توڻي ڪُسَنِ ڪاتِ، تہ بہ ساڳي سَلَنِ ڪِينَ ڪي.

(يمن ڪلياڻ، ۲ ـ ۸)

(١٩٩)

جي تو بيٺَ پانيا، سي آيتُون آهِين،
نِيو مَنُ لائِين، پِريان سَندي پارَ ڏي.

(سهڻي، ٦ ـ ۲۵)

(٢٠٠)

جي تو ڳالهائي، ماءِ! باروچا پُڇِيا،
اُنين جي وائي، هُوندَ نہ وِيان وِسري.

(حسيني، ۱۲ ـ ۷)

(٢٠١)

جي تُون آسائُو آئيو، تہ چانڻُ ٻي مَ چورِ،
ڪيرا ڪُميتَنِ جا، ڪَٽي آٽي ڪوڙ،
اِنَ دَرِ عراقي گهٽا، چانگُون ڪِيو چوڙ،
تَنهن سَيَدَ وڏي سوڙ، جَنهن ۾ مَتو هَٽَنِ مَڱتا.

(بلاول، ۳ ـ ۸)

(٢٠٢)

جي تُون آسائُو آئيو، تہ وَنِئُن جَکري لائي،
مَتان وَڏُ وِڃائيين، ڪَنهن ٻئي دَرِ ليلائي،
سَمي سامائي، چِنتا لَتي چارَٽين.
*(بلاول، ٣ ـ ٧)*

(٢٠٣)

جي تون سِڪڻ سڪيو، تہ ڪاتيءَ پَئي مَ ڪنجھہ،
سُپيريان جي سُورَ جو، ماڻهن ڏِجي نہ مَنجھہ،
اَندر اِيُ اَهنجُ، سانديج سُڪائون ڪري.
*(ڪلياڻ، ٢ ـ ١٤)*

(٢٠٤)

جي تون وَڻجارو ڪانڌُ، تہ مون هَڏ مَ لائُون لَڏيُون!
پـرَڏيہَ مَتي سانگُ، اَنِئي پَهرَ جنهن ڪيو.
*(سامونڊي، ٣ ـ ١٥)*

(٢٠٥)

جي تِيا حَلُّ حَبيبَ سين، سُمهڻُ تن ثوابُ،
نيڻَ هيرائي نِندَ سين، خوش ڪَيائُون خوابُ،
اوسيڙو عذابُ، دِليان تنين دُورِ ٿيو.
*(آسا، ٤ ـ ٤٦)*

(٢٠٦)

جي پياري پاڻَ، تہ ڪَرهو ٿِي پاٽِي پئين،
اَڳي اِنَ نياڻَ، اَڻَ ڪونيو ڪونَ گهڙي.
*(يمن ڪلياڻ، ٨ ـ ٥)*

(٢٠٧)

جي ڄاڻان جـتَنِ، پوءِ پـتاندَرُ هيترو،
آئُون ڪِيئَن مُلان تَنِ، سَرتِيُون! سُورَ پرائيان؟
*(ديسي، ١ ـ ٢٠)*

(٢٠٨)

جي حَبِ نہ هَلَڻُ سِڪيا، سي جَڏا ميڙ، جَليلَ!
لَنگهائي، لَطيفُ چَئي، نِجَن ڪيچ قَليلَ،
وِساري، وَسيلَ! مَتان مارَڳ ڇَڏئين!
*(ڪوهياري، ٥ ـ ٧)*

(٢٠٩)

جيڏانهن چِتَ چاهُ گهڻو، آرُ بہ اوڏانهين،
وجي وَهُ واڪا ڪيو، تِڪو تيڏانهين،
ميهارُ مِلائين، لَهرِن مَنجهہ، لَطيفُ چئي.
*(سهڻي، ٥ ـ ٨)*

(٢١٠)

جيڏانهن قاتل ڪوڙ، اَکيون اوڏانهين ڪٽي،
وِهُ تنين جي ووڙ، جنين سانگ نہ ساهہ جو.
*(يمن ڪلياڻ، ٤ ـ ٤)*

(٢١١)

جيڏو تُنهنجو نانءُ، ٻاجهہ بہ اوڏيائي مَگّانءُ،
رِءَ ٿَنيين، رِءَ تُوٽِيين، تُون چِپَرُ، تُون چانءُ،
ڪُڄاڙو ڪَهانءُ؟ توکي مَعلوُمُ سَيَڪا.
*(ڏهر، ٢ ـ ٢٣)*

(٢١٢)

جي، ڏونگرَا! مُون ہِ ڏُکَ، سي پَڌرِ پَوِنِ مَ پِرينءَ ري،
وهَنُّ مُون وهُ ٿِيو، ڪيرَ سانڍِيندي سُکَ؟
هُيَمِ هوتَنِ سين چُکَ، سَجو سَگُ نہ سارِيان.
*(حسيني، ١٢ ـ ٩)*

(٢١٣)

جيڏيون! ڏٺيان جي، صُورَتَ ساهڙَ ڄامَ جي،
سُکَ ٿي سُتِيُون ڪين ڪي، ڪانڌَن پاسي ڪي،
مُنهان ٿي اَڳِي، گهڙو سپ گهڙا ڪٽي.
*(سهڻي، ١ ـ ٤)*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۲۱۴)

جيڏِيُون! ڏسو ڪيچُ، جو ڏيہُ پاروچَن جو،
پُنهونءَ وِڏومِ پيچُ، نِسورو ئي نينهَن جو.
(حسيني، ۱۱ ـــ ۱۰)

(۲۱۵)

جيڏِيُون! مُنهنجي جيءَ سين، راڻي رِڻُ ڪيو،
قَلبُ ڪاڪِ ڪَنڌَنِ ۾، پُرزا تي پيو،
پُجهان، پَهرِ وِيو: هِنئون هَنڌِ نہ اَڳئين.
(مومل راڻو، ۷ ـــ ۷)

(۲۱۶)

جي سِجهائِي سِڪَ، تہ پڻ سِڪي سَسُئِي،
پيتائين پُنهونءَ کي، هَڏِ نہ پَڳِيَس، هڪَ،
اِن تَڙَ منجهان تِڪَ، ڏِنِي پاڻَ اُڃَ ٿئي.
(سسئي آبري، ۱ ـــ ۲)

(۲۱۷)

جي پارِسي سِکيو، گولو، توءِ غُلامُ،
جو پَڌو بِنِ ڳالهئين، سو ڪَئَن چائي چامُ؟
اُڃيو تانَ آبَ گُهري، بُکيو تان طَعامُ،
اِيُ عامَنُ سَندو عامُ، خاصَنِ مَنجهان نہ ٿئي.
(آسا، ۴ ـــ ۲۳)

(۲۱۸)

جي قِيامَ مِڙَن، تہ ڪَرَ اوڏا سُپرين،
تهان پِري سُڄَنِ، واڌايُون وِصالَ جون.
(سهڻي، ۹ ـــ ۷)

(۲۱۹)

جيڪا ڏِيندي مَنجُهہ، مُون جَتَن پاروچَن کي،
مَتان ڳِلَنِ هَنجُ، ڪِينَ لاهيندي ڪَڏهين.
(حسيني، ۷ ـــ ۱۴)

(۲۲۰)

جي ڪارُون آتِئين ڪانڌَ کي، تہ روئي رِيجهائيج،
لِيلا! لِيلائيج، اَتيئي ماڳُ مِنَٿَ جو.
(ليلا چنيسر، ۲ ـــ ۲۱)

(۲۲۱)

جي ڪاڪِ ڪَڪوريا ڪاپَڙِي، تن لَهي نہ لالي،
ڪَڙِي ڪَيَفَ خُمارِيا، مَيءِ پِي مَوالي،
کَري حاصُلَ هَليا، ڪَيفِيَت ڪَمالي،
وَتَنِ وِصالي، لُڏُوڻِيان لوڏي ٿِيا.
(مومل راڻو، ۳ ـــ ۴)

(۲۲۲)

جيڪا ڪندي سَنگُ، مُون جَتَن پاروچَن سين،
اَنگُنِ چاڙهي اَنگُ، رُئندِي سا رَتَ ڦُڙا.
(حسيني، ۷ ـــ ۱۳)

(۲۲۳)

جيڪا ڪندي نينهُن، مُون جَتَن پاروچَن سين،
سِڪَڻُ سارو ڏِينهُن، چَڙهڻُ چاڙهيڪَنِ تي.
(حسيني، ۷ ـــ ۱۲)

(۲۲۴)

جيڪر اَچي هاڻ، تہ ڪريان رُوحَ رُچَنديُون،
آيَلِ! ڊِولئي ساڻُ، هوندَ گِرِ لڳي ڳالهيون ڪَريان.
(سامونڊي، ۱ ـــ ۲۹)

(۲۲۵)

جيڪَرَ ڪِينَ جِيان، جاڙَ جِيان تي، جيڏِيُون!
اَڪيُون، مُنهُن مَلِيرَ ڏي، ڪهڙو نَڪُ نِيان؟
ڪَنهن کي ڏوهُ ڏِيان؟ اَڳهين مُنهنجي اَنگَ ۾.
(مارئي، ۶ ـــ ۳)

(۲۲۶)
جي ڪَرَ لَڏائُون، تہ بَنديءَ بَندُ نہ سارِيو،
مارُوئَڙَنِ آئُون، جيڪُسِ وِيَسِ وِسرِي!
(مارئي، ۴ ـ ۱۱)

(۲۲۷)
جي ڪُلاهَ رکين ڪنڌ تي، تہ صوفي سالم ٿِيءُ،
وِهَ وِتِي هٿ ڪري، پُرِ پيالو پِيءُ،
هنڌ تنين جو هِيءُ، جن حاصل ڪيو حال کي.
(يمن ڪلياڻ، ۵ ـ ۷)

(۲۲۸)
جيڪُسِ اُنا مِينهَن، مُنهان پوءِ مَلِيرَ ۾؟
ڪالَهہ سَجوئي ڏِينهَن، مُنهنجي اَکَڙيُن اُکيريو.
(مارئي، ۱۱ ـ ۴)

(۲۲۹)
جيڪُسِ ڪَمَر سَندامِ، جُوٺا ڏِنا جيڏِين،
ڪِلَنِ سَپِ مَٿانمِ، ساهيڙِيُون ۽ سَرتِيُون.
(ليلا چنيسر، ۲ ـ ۲)

(۲۳۰)
جيڪُسِ نَبَرُ نينهُن سَندومِ؛ جئن مون بِيني هُن ٿيليو،
سعيو سامُونڊين سين، اَڳِهين تان نہ ڪيومِ،
وِجهڻُ مَنجِهہ هُئومِ، پاڻُ وراڪي رَسِ سين.
(سامونڊي، ۱ ـ ۲۲)

(۲۳۱)
جيڪُسِ يادِ ڪَياسِ، وَرَ وِجي وَٽِڪارَ ۾،
جَلِدُ جَريدِي پَنڌَ ۾، اَديُون! اَڄُ ٿِياسِ،
وِجي ڪيچِ پُنياس، پاروچاڙي پاجهہَ سين.
(سسئي آبري، ۲ ـ ۳)

(۲۳۲)
جي ڪو ڏُٿُ ڪَري، تہ ڏُونگَرُ ڏورَڻُ ڏاکڙو،
ڇِپَرُ ڪِينَ ڏِئي، سُوڪَڙِيُون سُتَنِ ڪي!
(ڪاهوڙي، ۱ ـ ۱۵)

(۲۳۳)
جيڪي ڏنو مان، سو جي ڏنو جيڏئين،
گهرَ وَرَنِين سان، هُوند گهٽِنِ گهوري ڇڏيا.
(سهڻي، ۱ ـ ۷)

(۲۳۴)
جيڪِي ڏُٺُءِ تارِ ۾، ڪَنڌيءَ سو ڪَهيج،
جَرُ وڏو، جهاجَهہ گهٽِي، پاندُ مَ پُسائيج،
ساهَڙُ ساڱاهيج، تہ ثابِتُ لَنگهين سِيرَ مان.
(سهڻي، ۵ ـ ۲۱)

(۲۳۵)
جيڪِي ڏَڏَن ڏِي، گُجهيان ئِي گُجهہَ ۾،
سو جي سُتَنِ ڪَڏهين، ڪرتِ وارا ڪي،
تہ سازَ مِڙوئِي سي، هُوندَ پِٽون ڪَنِ پَلَڪَ ۾.
(پرڀاتي، ۱ ـ ۷)

(۲۳۶)
جيڪي ڏنائون، سو سِرُ ڏيئي سَہُ جِندڙا!
مَ چؤ ڇِنائون، اِيُ پِڻ گِنديو سڄڻين.
(يمن ڪلياڻ، ۸ ـ ۹)

(۲۳۷)
جيڪي ڏنائون، سو مان گُڻُ گِنڍِ ٿيو،
مون کي پچيائون، نُوڪي اِنهيءَ نُوڪَ سين.
(يمن ڪلياڻ، ۸ ـ ۸)

(۲۳۸)
جيڪِي سِڪَڻُ سِڪُ، ناتَ پَسُ سڪنديئين،
پاسي تَنِيَن مَ لِڪُ، نينهُنُ نہ سُڃاڻَنِ جي.
(يمن ڪلياڻ، ۷ ـ ۸)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٢٣٩)

جيڪي طالبَ تات جا، تات بہ تنين وَٽِ،
هِڏِهين ڪانهي هَٽِ: گهورِ تہ گهران ٿي لَهين.
*(حسيني، ١٠ ـ ٢٢)*

(٢٤٠)

جيڪي فِراقان، سو وصالان نہ ٿئي،
اَچِي اوطاقان، مُون ڪي پِرِيَن پَرِي ڪَيو.
*(حسيني، ٥ ـ ١١)*

(٢٤١)

جيڪي مَنجِهہ جهانَ، سو تاريءِ تڳي تنهنجي،
لُطفَ جي، لطيفُ چئي، تو وٽ ڪَمي ڪانَ،
عَدلَ جِتَان آئُون نہ، ڪو قيرو ڪج فَضَل جو!
*(سريراڳ، ٢ ـ ١)*

(٢٤٢)

جي گهر گهاريَم ڏِينهَڙا، هيڪانديءَ حُضُورِ،
سِيئي سَڪان، سارِيان، پَچان پاٿُر پُورِ؛
هَميراٿا هَنٿڙا، ڪِينَ مَجِيندِيَس مُورِ،
سَنجهي سَتِ گذارِيان، اَچِين شالَ اَسُورِ!
دَران ٿِيان مَ دُورِ، مارُوءَ جامَ مَلِيرَ جي!
*(مارئي، ابيات متفرقه ـ ٥)*

(٢٤٣)

جي لُوڻُ لَڳن لائِيين، چِيري چِيري چَمُ،
مُون ڪُرَ اَڳي نہ ڪَيو، اَهڙو ڪوجهو ڪَمُ،
جان جان دعويٰ دَمُ، تان تان پِرتِ پَنوَهارَسِين.
*(مارئي، ابيات متفرقه ـ ١٧)*

(٢٤٤)

جي لِيلائي نہ لَهين، تہ پڻ لِيلائيج،
آسَرَ مَ لاهيج، سَڄَڻُ پاڃهيندڙُ گهڻو.
*(ليلا چنيسر، ٢ ـ ٢٢)*

(٢٤٥)

جي مٿي وَٽِ مِڙَن، تہ سِيڪنهن سَڏَ ٿئي،
سِرَ ڏني سَٽِ جُڙي، تہ عاشقَ اِئن اَچِن،
لِڏا تي لِيِن، مُلهِہ مَهانگا سُپرِين.
*(ڪلياڻ، ٢ ـ ٣١)*

(٢٤٦)

جِيُ مُنهنجو جن، اَنگُڙيارو وَڍِيو،
پُڃاٽان پِرِينِ: سِبان سَڃو نہ ٿئي!
*(حسيني، ٩ ـ ٣)*

(٢٤٧)

جي مُنهَن ۾ مَديُون نہ ڏِئين، تو ۾ تي ٻَڌِياسِ،
سوڍا! اِنَ سُهاڳَ ڪي، ويني واجهاياسِ،
ڍولي ڏِڪيياس، ڏِيئي پاندُ پَناهَ جو.
*(مومل راڻو، ٨ ـ ٧)*

(٢٤٨)

جي مون مُوڙهِي مَٽِ، تہ تُون پاڻُ سجاڻج سُپرِين!
اَصلِ اَواڻِن جا، عَيبَ ڍَڪئين تُون اَٽَ،
اِيَ، پِرَا! تُنهنجِي پَٽِ، جِتَن وِلهِيُون ڍَڪئين، وَلهَا!
*(ليلا چنيسر، ٣ ـ ٧)*

(٢٤٩)

”جي مِيراثي مَڱتا، آئُون پُڻ مَنجهان تَن:“
”ڪِي ڪَہ مُنهنجي ڪَنِ، اِرثَ مَنجهاران اُن جي.“
*(سورٺ، ٢ ـ ١٠)*

(٢٥٠)

جِيَن سي سَنگهارَ، اَجهي جنين گهارِيان،
مانَ لَهنئُون سارَ، وِچ وِلَهين ڏِينهَڙين.
*(ڏهر، ٤ ـ ٢٦)*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۲۵۱)
جي ويجهي ٿيان وَرَ کي، تہ سَپا ڳوم سَنئون،
نِتُ نِتُ آهِ نئون، مون کي پَسَڻُ پنوھارَن جو.
(مارئي، ۴ ـ ۱۷)

(۲۵۲)
جي وِيڙَمِ اَڄُ، سي ڪڏهن ايندا مان ڳري؟
پريان جي هُنَ پارَ ڏي، وڃي ڏنکي ڏڄُ،
سامُوندِيَڪو ڏُجهہ، ماءِ! مارِيندُم ڪڏهين!
(سامونڊي، ۱ ـ ۱۴)

(۲۵۳)
جيها جي تيها، مُون مارُو مَڃيا،
مُون جيڏِيُون مَلِيرَ ۾، چُوندِنِ موڪَ مِها،
مُنهنجي آهَ اِها، ڪَڏهن کيرائيندي ڪوٽَ کي!
(مارئي، ابيات متفرقہ ـ ۹)

(۲۵۴)
جي هِتِ هُئي مارُئِي، تہ لَڏيمِ ڪَرَ ڪيٽاسِ،
اَرداسِيُمِ عُمَرَ کي، ويجهو ٿي وَٿانسِ،
جي نہ ڇَڏِيائين، ڪِ جهليائين، تہ پنهنجو اَنگُ آڇِيانسِ،
لاهي لوهَ لَطِيفُ چئي، هِتان هُندَ هَلانسِ،
موڪي مَلِيرَ سامُهِين، وَڃِي پانهَن وَڃانسِ،
رَهبَرُ ٿِي ريڙِهيانسِ، سُنهاري ساٿيہَ ڏي.
(مارئي، ابيات متفرقہ ـ ۳۱)

(۲۵۵)
جيهَرَ لوڪُ جَهپَ ڪَري، اوهيرَ اُڏامَنِ،
پِٽُون جي پاتارَ جا، چيتارِيو چُڻَنِ،
ڪوهُ ڪَندا کي تَنِ، پاڙِهيرِي پَہُ ڪَري؟
(ڪارايل، ۱ ـ ۲۵)

(۲۵۶)
جيهَرَ لوڪُ جَهپَ ڪَري، ڏَرو جاڳَ نہ هوءِ،
اوهِيَرَ اَچيو، اَديُون! پَہُ پريان جو پوءِ،
جي ڪَچو چَوَنِمِ ڪوءِ، تہ مَرڪُ پانيان مِهڻو.
(سهڻي، ۵ ـ ۱۴)

(۲۵۷)
جيهُسِ ڪونَ جهانَ ۾، هِندُ، سِنڌُ، سُورَتَ هاڻَ،
دَرِ داتا مَڱُ، مَڱتا! ٻِئي جي ڪَڍُ مَ ڪاڻَ،
پاڻُوندَرُ پاڻَ، حالُ پَسي پالُ ڪَري.
(بلاول، ۲ ـ ۱۳)

(۲۵۸)
جي هو پائينِ ڪانُ ڪَمانَ ۾، تہ سينو سِپَر ڏيج،
منهن ۾ معشوقن جا، جهالُو ٿي جهليج،
پاهان پَڳَ مَ ڏيج، عاشقُ ٿِئُ تہ اُبهين.
(يمن ڪلياڻ، ۲ ـ ۸)

(۲۵۹)
جي هو پائينِ ڪانُ ڪَمانَ ۾، تہ سينو سِپرَ رَکُ،
منهن ۾ معشوقن جا، چاڪَ چِٽڪا چَکُ،
سوري پانءِ مَ شَڪُ، عاشقُ ٿِئُ تہ اُبهين.
(يمن ڪلياڻ، ۲ ـ ۷)

(۲۶۰)
جي هو پائينِ ڪانُ ڪَمانَ ۾، تہ نئي ڏج سِينو،
ڪجي نہ ڪِينو، وڃي دِرِ دوستن جي.
(يمن ڪلياڻ، ۲ ـ ۹)

(۲۶۱)
جي هُئا ڪوڏِيا ڪاڪَ جا، سُتا سي سُونهَنَ،
لُڏُوٽِيان، لَطِيفُ چئي، لَڏيو لوڏِيـڙَنَ،
سي موٽي مَسَ اَچِنَ، جي آتَڻَ آرامي ٿِيا.
(مومل راڻو، ۷ ـ ۲)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۲۶۲)

جي هُيان هوتَ پُنهونءَ سين، مُون جَنّ مُلاقات،
پانهِنِ وِجهي واتَ، رِيهُون ڪَين رُڃُن ۾.
(حسيني، ۱۲ – ۲)

(۲۶۳)

جيهي جي تيهي، تہ بہ پانهي پاروچَنِ جي،
حُجَتَ هوتَ پُنهونءَ سين، مُون ڪميٽيءَ ڪيهي؟
اَصلِ آريءَ جامَ جي، پَلءِ آئُون پيئِي،
هُوءَ جا پائِين پيرَ ۾، تنهن جُتيءَ نہ جيهي،
وِساري ويهي، تَنِ ڪيچِيُنِ کي ڪِيئن رَهان؟
(ڪوهياري، ۳ – ۸)

(۲۶۴)

جِنّ سو تَئيءَ تَرو، ڪامي ڪُوري وِچَ ۾،
مُون کي ڏِنو سَڄَڻين، مَنجهان سِڪَ سَرو،
وَرُ جهيٽو اِيُ پَرو، مَ ڦوڙائو سَڄَڻين.
(رپ، ۱ – ۷)

## وائي - ۱

جاڳو، يارا! جيڏيُون! پاڻُ پَرِنجي،
جاڳو جوشان، جيڏيُون! پاڻُ پَرِنجي.
هلندي حَبيبَنِ ڏي، ويلو وِچ نہ ڪجي،
مَتان اُهسَ اُسري، پَتنگَ جئن پئجي،
عَرضُ اَحوالُ اُنَ کي، چگيءَ پَتِ چئجي،
ڪري نِيازُ نَڪِتو، واحِدَ ڏي وَرجي،
آهي موتُ مِڙنِ تي، گوڙيُون ڪيو گَجي،
اَجل ايندءِ اوچتو، جو سَدا تو سُجي،
اَڳيان اُونداهيءَ جو، سَمَرُ ساڻُ ڪجي،
ڪَنُ تون قُوتُ قَبرَ جو، گهٽو تو گهرجي،
آگو عيبَ اوهانجا، ڍَڪيا ڳُجھ ڳُجهي،
جيڪي وَهي وُجوُدَ ۾، صاحبُ سو سَمجهي،
دِڃي داءِ ڏَتيءَ جي، جيڪو پَيءِ پَجي،
اَمَنُ آهي اَنَ کي، جو مَنجھ اَلله اَجهي.
(سريراڳ، ۴ – وائي)

## وائي - ۲

جاڳي اَڪَڙِيَنِ، اَوان اوجاڳو نہ ڪيو،
اَڪَڙِيُون پِرِيَنِ لَءِ، ٿَہ ٿَہ ڪيو تَمَنِ،
جي سَنجهيئي سُتيُون، سي مَرُ سُورَ سَهَنِ،
تُون آتاسي! اوجهرين، هوءِ تا هوتَ هَلَنِ،
اَڊيُون! عَبدُاللّطيفُ چَئي، مِلان سين مُحِبَنِ.
(ڪاهوڙي، ۳ – وائي ۲)

## وائي - ۳

جن جو وارثُ تُون،
آلا! سي ڪِيئَن رَهَندا نِينّ مُنهنجا؟
آڳي اُبَ خَلقيا، پَلي خَلقيائين پُون،
جوڙيائِين جوڙ جهانَ جي، چَئي، "ڪُنُ فَيَڪُونُ".

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪُوڙي دُنيا، ڪُوڙا پَسارا، ڏِينهَن مِڙيئي ڏُون،
آهيُون اَلِفَ آسري، مُحَمَّدُ مَحِبوسُون.
(پورب، ٢ – وائي)

## وائي- ٤

جنهنجي آهيان ڏُونگَر ڏوري،
تنهن ڪوهياري کي ڪَهَلَ پَوي!
آئُون تنهن گهوري گهوٽَ جي، ماٿهو چوَنِم پوري،
نيو نماڻي پانَ سين، ڇپَر ڇڏيو مَر چوري،
روئي رَڱيندِيَس رَتَ سين، سانُ ڇُڻاڪَنِ چوري،
اَديُون! آريچَنِ جو، لَهُ لَڳو مُون لوري،
ڪَشي ڪانُ ڪمانَ مان، لائي وِيڙا لوري،
نالائقِ سانُ، لَطِيفُ چَئي، قادِرُ ڪَرَمُ ڪندو، ڙي!
(ڪوهياري، ٦ – وائي ٢)

## وائي- ٥

جوڳي جَڳَ گهٽا، آلا! مُون وَهُ ويراڳِيُن سين.
پاڇي ڪَنِ نہ پانَ سين، تُنبيءَ مَنجھ ڪَٽا، آلا!
جان ڪي ڏاٽيُون ڏوڙِ ۾، جان ڪي ڪِيَنِ ڇٽا! آلا!
ويني واٽڙِيَنِ تي، پيَنِ جِتَنِ پٽان، آلا!
سارِيو سَناسِيُنِ کي، ويني هَٽَ هٽان، آلا!
آيَلِ! آديسِيُنِ جا، مُون تي ڳڻَ گهٽا، آلا!
اَدِيُون! عَبدُاللَّطِيفُ چَئي، مُحبَّنِ مَنجھ مَٽيا، آلا!
(رامڪلي، ٨ – وائي ٢)

## وائي- ٦

جوڳي ڏاڍي ذاتِ، جيجان! سامي ڏاڍي ذات،
ماءُ! مُون قَبُوليا ڪاپڙي.
راتيان ڏِينهان رُوحَ ۾، مُون کي سَندِيَنِ تاتِ،
سِڳها اِيندَمِ سُپِرين، شَلَ سُياڻي پِرِياتِ،
اُنهَنِ آديسِيُنِ جي، مُون کي وائي آهي واتِ،
ڪَريا عَرضَ اللّٰه کي، آئُون اُٺي آڌيءَ راتِ،
اَديُون! عَبدُاللَّطِيفُ چَئي، شَلَ ڏاتَرُ ڏِيندَمِ ڏاتِ.
(رامڪلي، ٩ – وائي ١)

## وائي- ٧

جوڳي سوئي، جَنهنجي مَنَ ۾ مالا،
سامي سوئي، جَنهنجي مُنهَن ۾ مُندا،
پيناسُون مَڙهيءَ ۾، اِلا اَللهُ سَنگُروءَ جي سَنگا.
(رامڪلي، ٣ – وائي ١)

## وائي- ٨

جو نَوازي ڏَڏَ، آسَرَ لاه مَر اُنَ جي،
ويهُ داتا جي دَرَ تي، لَنگها! لاهي لَڏَ،
اوڏايان اوڏو گهٽو، ڪَهڙا ڪَريئين سَڏَ،
آڳلَنِ کي اوڏو وهي، گَندا ڪَري گَڏَ،
ڪَهڙا جَڏَ جَڏوئِيين، جُودَ مَهندان، جَڏَ!
آڳيان عَجِيبَنِ جي، اُهڪا پَڌَرُ مَڏَ،
آدَمُ تِيائين اُپيو، هُوءَ جا ڪَڇي مَنجهان ڪَڏَ،
اَوليءَ ۾ عَبدُاللَّطِيفُ چَئي، سَچَن ڏِيندو سَڏَ.
(رپ، ١ – وائي)

## وائي- ٩

جِتَري زِيارَتَ، جي مان هوءِ پِرِيُن سين.
سَڌَرَ مُنهنجا سُپِرين، مُون تان لاه مَر هَٿَ،
مؤلا! مُون کي ميڙئين، سُپيريان جي سَٿَ،
چَندِيان ڪَہ اَکِيُن سين، پيرين وِجهان هَٿَ،
ڏوران ڏَٺم سُپِرين، هُيَم جِنين جي سِڪَ،
اَديُون! عَبدُاللَّطِيفُ چَئي، مَحِياڻُون مِنَٿَ.
(رپ، ٢ – وائي ٢)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

### وائي- ۱۰

جيان ڏِناڻون پيرَ، جيان ڏِناڻون.
ڀڳا ڪوٽَ ڪُفارَ جا، اَچي عَليءَ شيرَ،
مَٿي اَڱڻِ آئيا، سُونهَنَ لَڳا سيرَ،
جيان ٿي نَبي نِڱيبو، ڀَري مُبارَڪَ پيرَ،
لَٿا ڏُکَ، سُکَ ٿيا، ٿي واڌائيءَ ويرَ،
لُطِفُ تو رِءَ: لَطِيفُ چَئي، ڪَندا ٻيا ڪيرَ؟
*(بلاول، ۳ ـ وائي)*

### وائي- ۱۱

جيڏِيُون! آئُون تان نہ چوندي، لوا!
ڏُکُ ڏوراپو سيٽَنِ کي، صَرِيحُ، لوا!
سَڱُ نہ وَرَنِ سُپِرِين، مِنَّتَ موٽَنِ مانَ،
پيئَرَ! پيٽي حُجَ جي، ڪوهياري سين ڪانَ،
سو تُون صاحِبُ آهِئين، جو نہ پيرائين پانَ،
سَئين سُوالي سَمَگِئا، تو، داتا! ڏيئي دانَ.
*(سسئي آبري، ابيات متفرقه ـ وائي ۸)*

### وائي- ۱۲

جيڏِيُون! آئُون ڪا پاڻَ وَهيٽي آهيان؟
ڪا مُون سارَ لَهيجا.
جيڏانهن وارِينمِ سُپِرين، پيرَ اوڏانهين پايان،
قَلَمُ ڪاتِبَ هَٿَ ۾، ڪِئَن لِکِئي مان لِکَ لاهيان؟
واڳَ ڏَٽِيَنِ هَٿَ ۾، ڪيڏانهن ڪَرَهَلُ ڪاهيان؟
سَدا سُپيرينُ لَءِ، آئُون ويني ڪانگَ اُڏايان،
اِيندا، عَبدُاللَطِيفُ چَئي، آسَ اُميدَ نہ لاهيان.
*(آسا، ۲ ـ وائي ۱)*

### وائي- ۱۳

جيڏِيُون! جا جَڙَ لائي، جِيَّ جَتَنِ سين،
سا مُون، سَرَتِيُون! سيباڙيامِ: تنهن جَتُنُ جالَ ڪَيامِ،
مَهَرَ جا مَيَنِ جي، سَنجهي هَٿَ هُيامِ،
صُبح سُتي سُکَ ۾، ويسلي ويامِ،
هَڪَلَ هوتَ پُنهونءَ جي، سَگِرَ منجهه سُيامِ،
ڏوريندي ۾ ڏونگَرين، ٿَـهَرَ توڀَ ٿِيامِ،
ڪوڙين پالَ ڪَريمَ جا، گَنجي مَنجهه گُهريامِ،
سُتي سَگِرَ پَٽَئين، سِگهڙي سارَ لَڌيامِ،
ڪِيهُون ڪوهَنِ پَٽَئين، ڪُوڪُون جَماجانِ،
هوتاڻي هَٿُ ڪَٽي، پُنهون پيادِيانِ،
ڏُکُون، ٻُکُون، ڏاکَڙا، ڪارَڻِ جن ڪَيامَ،
موٽي، ماءِ! پَنهِيورَ ۾، اَڱڻِ سي آيامَ.
*(معذوري، ۳ ـ وائي)*

### وائي- ۱۴

جيڏِيُون! هِيُ ضرورُ، آيل! ڪيئن رهندو پرينءَ ري؟
سَگهو ساعِتَ نہ جِندڙو، اَنئِي پهر مَلُورُ،
مَنَ ۾ مشتاقنِ جي، ساجَنَ! تنهنجو سُورُ،
پيرين آئون نہ پُڄَئي، ڏيه پريان جو ڏُورُ،
وڃي ويلَ سِيڪَنهين، هِنئَڙو پرينءَ حُضُورُ.
*(ڪنيات، ۱ ـ وائي ۱)*

### وائي- ۱۵

جيڪُس جَهلِيا مَچَّ، گهاٽُو گهر نہ آئيا.
ڪاهي وَجو، ناڪُئا! ڪَريو ٻُري تي ٻَچَّ،
ڪاٽي سَنديَن ڪُنڊِيُون؟ ڪاٽي سَندن رَچَّ؟
ڪُنَّ ڪَٽرڪو ڏاڍو، اَٿـوَ اَڳيان اَچَّ،
اَڍيون! عَبدُاللَطِيفُ چَئي، سَڀِ لَنگهيندا چَچَّ.
*(گهاٽو، ۱ ـ وائي)*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## وائي- ١٦

جي هُوندَ ڏِنائُون، ووا! جيڏِيُون!
حالُ مُنهنجو هِهڙو جَهِڙو!

چَڙهي نہ سَهان چوٽِئين، مارَڳُ مَٿاهُون،
ڏُکيءَ، سَندي ڏيجَ ۾، ڏُونگَرَ ڏِنائُون،
ويندي کَيُون وَٽَنِ سين، سَسُئيءَ سُکائُون،
وَٺي پُنهون پاڻَ سين، اَچان جي آئُون،
ڏيندِيَسِ شاخَ سَپَ کنهن، وَڻِ وَڻِ واچائُون،
هِنئَڙو ڏَندَڻَ پاڙَ جئَن، چِڪي چِنائُون،
هِنئَڙو ڏاڙهُونءَ گُلَ جئَن، ريهي رَتائُون،
هُوءِ جي پَهَڻَ پَبَ جا، مَٽِيا مُکائُون،
هُونِ سَلامَتَ سُپرِين، گهوري سا آئُون!
سو جي سُئومِ کَنَنِ سينن، پَہُ جو کَيائُون،
بانهُون بيلَ نہ لاهِيان، پُنَهَلَ کي آئُون،
آيا، عَبدُاللّطِيفُ چئَي، پُنِيُون مَنَ مُدَعائُون.
*(حسيني، ١ ـ وائي)*

## وائي- ١٧

جيءُ جياريو، جيءُ جياريو، ڪين منهنجهڙو هاريو،
پِرِينِ جيءَ پَچار، سيڻن جِيءَ سنپارَ، جَڏڙو جيءُ جياريو.
اُجيو تَن عميق مان، پرين پُوجَ پياريو،
مرضُ مريضن تان، اِشاري ساڻ اُتاريو،
ڪَرَمَ ڪريمن جي مون کي، اَهُڪيءَ مان اُڪاريو،
سئُون مُنهن ڪري، سپرين! اَئِين نرمل نورَ نهاريو،
سائلن جِئَن سڏ ڪري، اَئِين طالحن کي تاريو.
*(يمن ڪلياڻ، ٣ ـ وائي)*

## وائي- ١٨

جيئَري زِيارَتَ، جي مان هوءِ پِريُنِ سين!
سَڏَرَ مُنهنجا سُپِرين! مُون تان لَاهِ مَ هَٿَ!
مَؤلا! مُون کي ميڙِئين، سُپيرِيان جي سَٿَ،
چَنديان کِہَ اَکِيُنِ سين، پيرين وِجهان هَٿَ،
ڏُوران ڏِٺَمِ سُپِرين، سَچي جن صِفَتَ،
مِلَڻَ ۾ مُشتاق سين، کانہ کَيائُون کَٿَ،
اَدِيُون! عَبدُاللَطِيفُ چئَي، مَجيائُون مِنَٿَ.
*(ليلا چنيسر، ٣ ـ وائي)*

# ڄ

(١)

ڄارا ۽ ڪارا، مالُ ڄنين جو مَڪُڙيُون،
تَماچيءَ جي تَڪِيي، اَچِن سَوارا،
مِيَّ مَڇيءَ مارا، سَمي سي سِينَ ڪَيا.
(ڪاموڏ، ١ ـ ٩)

(٢)

ڄارِيُون، ڪارِيُون، ڇِڄَ، ڇِيرِيُون: جن جي مُحَبَتَ مَڇيءَ سانُ،
رَهَنِ، وهَنِ سر پانڌِيين، سَيپِيئي بَدبُوءِ هانُ،
لُڌِڙَن جِئَن، لَطِيفُ چئي، پاٽيءَ وجهَنِ پانُ،
تن مَلاحَنِ جو مانُ، سَمي سرِ ڪِيو پانهنجي.
(ڪاموڏ، ١ ـ ١٢)

(٣)

ڄامان اَڳي جي ڄائِيُون، تِن جي نِرتَ نُوريءَ ڪي ناهِ،
نہ مَنهن، نہ مارِڪي، نہ وَجِن ڪنهن وهانءِ،
سي ڪِنجُهَر ڪَنديُون ڪانهِ، جِن تَماچي تَڪِيو.
(ڪاموڏ، ٢ ـ ٩)

(٤)

ڄاٽِي بُجهي جن، توسين سُورَ سَڄَ ڪئي،
تون ڪيئن سنديُون تن، پَرَ سين پَچارُون ڪَرين.
(ڪليان، ٣ ـ ١٢)

(٥)

ڄاٽِي جي ڄاتومِ، تہ پوندو فِلَقُ فِراقَ جو،
اَکُرُ اِرادَتَ جو، ڏُرِيائِين ڏوتومِ،
پوءِ تان ڪونَ ڪيومِ، هُونَدَ ڪَشالو ڪيچ ڏي.
(حسيني، ٨ ـ ٨)

(٦)

ڄاٽي سُڄاٽي، مُون ڪي ڄِڏي هَليا،
اَڊيُون! آرِيڄَنِ لَءِ، آئُون ڪُوري ڄِئَن ڪاٽي،
پاهَڻَ ۾ پاٽي، هارِيُون! هارَڻُ آئِيو.
(حسيني، ٨ ـ ٦)

(٧)

ڄاٽي سُڄاٽي، مُون ڪي ڄِڏي هَليا،
آئُون ڪِئَن ڄِڏِيان پانهنجو، اَڊيُون! آرياٽي؟
پَرِيَمِ جو پاٽي، سو ڪيڇِين ڪَمِ نہ آئِيو.
(حسيني، ٨ ـ ٧)

(٨)

ڄاٽي سُڄاٽي، وهان ڪِئَن ماٺِ ڪَري؟
اَندرِ آڳِ عِشقَ جي، اَپَرِ اُڏاٽي،
'اَلعِشقُ نارُ اللهِ المُوقَدة'، ڪُوري ڄِئَن ڪاٽي،
آهي آرِياٽي، پِيو سَرَتِيُون! سُڄي ڪِينَ ڪي.
(سسئي آبري، ٥ ـ ١٥)

(٩)

ڄاٽِين تہ بہ نہ ڄاڻُ، اِيُ دَرُ اَبوڄهن جو،
اِنَ دَرِ سي ئي اَڳِهيا، جن نہ ڄاڻيو پاڻُ،
رِيجهاٽو راڄاڻُ، آهي اَبوڄهن جو.
(پرڀاتي، ١ ـ ١٤)

(١٠)

ڄَرَ ڄَراتِيَن اَنگُڙا، ڪُوري ڪاٽِيَن ڪَلَ،
ماءُ! مارِيندَمِ اُن ڄا، آڏيا ماڳَ مَحَلَ،
ڪَياڻُون ڪانہ ڪَهَلَ، اَڊيُون! عَبدُاللّطِيفُ چئي.
(رامڪلي، ٧ ـ ٢٠)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# جهہ

(۱)

جُهتَ پِتي، پهُ جهَنگَ: هاڙهي پُڇُ مَ هوتَ کي،
سوُرُ سُپيلِي، سَسُئي! لَکَ تَنهين سين لَنگهہ،
تہ سُپيرِيان جي سَنگَ، مُنڌ! ميڙائو تو ٿئي.

(سسئي آبري، ٨ ـ ١٢)

(۲)

جهجان پَسيو جهوڪَ، آيَلِ! سَنگهارِن جي،
جن تي پَيَّ پيارِيا، مَنجهان مَٿِن موڪَ،
لَڌي وِچان لوڪَ، اُني ويا اُڪرِي.

(ڏهر، ۴ ـ ۲٨)

(۳)

جهجِي، جهانءِ کَري، ماٺِ نہ اَچي مُون هِنئين،
سَجَڻَ سي ساري، هو جِنين جو هيرَٿُون.

(رپ، ١ ـ ١٢)

(۴)

جُهران، جِهجان تي، جِتَن پَسَتان پَري ٿيا،
اَلا! اوني آئِنين، جو کِينءِ جي خَبَرَ ڏي!
مَنَ مُنهنجي کي، واڪو لَهي ويڙهِ جو!

(مارئي، ٩ ـ ١۴)

(۵)

جُهڙَ تُنهنجي جهپيا، هَزارين حاتِمَ،
کوجهنِ سَندا کَمَ، کامِلَن ريءَ کِيرُ کَري؟

(بلاول، ۳ ـ ٦)

(٦)

جُهڙَ ڦُڙَ جِتَ ٿيان، اُتَ آڏيائُون پَکَڙا،
هِنَ مُنهنجي حالَ جو، قَدُرُ نہ کيٽان،
جيڪُسِ آنَ وِسريانِ، مارُو قُوتَ قَراريا،

(مارئي ٩ ـ ١)

(۷)

جُهڙَ ڦُڙَ مَٿي مارُئين، جِتَ چِيها، چِلُرَ، چِڪَ:
اَندَرُ تو اُڃَ مَري، ساهُ اُنِين جي سِڪَ،
پِيهُون شالَ پَهيون پَري، تِئان ڏيئِي تِڪَ!
وَرُ پِرِيان سين پِڪَ، بِيا پانَ پَرِيائي گهورِيا!

(مارئي ٩ ـ ٢)

(٨)

جُهڙَ نيٽَنُون نہ لَهي، کَکَرَ هُوَنِ نہ هُوَنِ،
سارِيو سُپيرِيُنِ کي، لُڙَکَ گِلَن تي پُوَنِ،
سي مَرُ رويو رُوَنِ، جن مُسافِرَ سُپرِين.

(سارنگ، ١ ـ ٢٢)

(٩)

جَهلي تان نہ رَهان، ڏاران پَسَڻَ پرِينءَ جي،
اَپِرِ عاجِزِ آهِيان، لالَنُ جان نہ لَهان،
فَردا مُون ڦِٽِي ڪَئي، وَعدي ڏي نہ وَهان،
صُباحَ سِيئُن نہ سَهان، خواهِ ميڙئين، خواهِ مارئين.

(معذوري، ٦ ـ ١)

(١٠)

جهمَنديُون اَچِن، جهوليُون جهُونجهارَن جوُن،
پايو ٻُڪَ ٻُهارَ جا، اُن جوُن وَهُون واڪا ڪَنِ،
پِٽِين، پارَ ڪَڍَنِ: رَڻُ گَجِيو، راڙو ٿيو.

(کيڏارو، ۳ ـ ٩)

(١١)

جَهنگُ ڪامي پَٽُ ٿيو، پَکِي چوران لِکَ
سيڪَڙُو ۽ سِکَ، پَئي گَڏيا پانَ ۾

(کاهوڙي، ۳ ـ ٩)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۱۲)

جَهنگلُ آهيڙِيُنِ کي، پَنَڻُ کيو رُوندو،
نہ ڪُتا، نہ ڪوڙڪُون، چَڙهيو اُيو چُوندو،
هَڏهِين نہ هُوندو، اِنهان پوءِ عالَمَ ۾.

(ڪاهوڙي، ۳ ـ ۱۱)

(۱۳)

جَهنگلُ آهيڙِيُنِ کي، پَنَڻُ کيو روءِ،
نہ ڪُتا، نہ ڪوڙڪُون، چَڙهيو اُيو چوءِ،
هاٽي هِنهان پوءِ، لَڳِي لُونو نہ ٿِئي.

(ڪاهوڙي، ۳ ـ ۱۰)

(۱۴)

جَهنگلِ هَليا، سي نہ پُليا، راهَ هَليا ڦرجَنِ،
اَوجهَڙِ سي نہ پَوَنِ، پيئي جنين چَڏِيُون.

(ڪاهوڙي، ۳ ـ ۸)

(۱۵)

جهوري، جهجَڻُ، جهانءِ، مُون جِنين جي نہ لَهي،
آيَلِ! اِنَّن مَ پانءِ، ڪِ آئُون جِتَندي اُن ري.

(رپ، ۱ ـ ۱۳)

(۱٦)

جهوُڙا جن جُهلَنِ ۾، هِيري لَکَ هَزارَ،
لَڳا واٽَ وَٽَنِ جا، پُنهونءَ کي پالارَ،
آن کي ويندا گَڏِيا، اَهڙيءَ سِٽَ سُوارَ؟
”لَنگهي ڪالهہ قُطار: تُون، آئي! اَڄُ نِهارِئين!“

(ديسي، ۳ ـ ۱۲)

(۱۷)

جهوکُون نہ جُهٽِکَنِ، وَڳَ نہ پَسان وَٽِ ۾،
آيَلِ! سَنگهارَنِ، جيڪُس چِتاٽو چِتِ ڪيو.

(ڏهر، ۴ ـ ۲۹)

(۱۸)

جهولَ نہ جَهلي سُهٽي، سائَرَ سَٽَ سَندياسِ،
جنهن اَهڙي جائي عاجزا، سا مَرُ مَرکي ماسِ،
پَسِين جي پياسِ، تہ کي عِشقُ آٽِئين.

(سهڻي، ۳ ـ ۱۳)

(۱۹)

جهيڙو لاهِ، يَزيدَا! عَلِيءَ جي اولادَ سين،
سا نہ پَسَندين عيدَ، جا هُوندي ميرَ حُسينَ سين.

(ڪيڏارو، ۴ ـ ۲)

# چ

(۱)

چارِ تراريُون چيلھ سين، ٻَڌي ٻہ پاڳُون،
اِڳين جُون آڳُون، ڪَوَنرَ ڪلي ۾ موڪيُون.

(ڪيڏارو، ۵ ـ ۱۲)

(۲)

چارڻ! ٻولِـجِ ڪـي ٻيو، گهُريُءِ سو گهورِيان،
گهَرُ سورَٺِ نہ پڙّي، جان تَندُن بَرابَر تورِيان،
ڳِجهي آھِ ڳالهڙي، آءُ اوري تان اوريان،
ڪِ ڪُلهَڻُون ڪوريان؟ ڪِ جاجڪا! جُسي سين ڏينَءِ؟

(سورٺ، ۴ ـ ۶)

(۳)

"چارڻ! تُنهنجي چَنگَ جو، عَجَبُ آھِ اِيُّ،
هٿِي اُيو هَٿِن سين، جئِرو رَکيو جِيُّ،
راتِ مُنهنجو رِيُّ، ڪاتِيو ڪُماچَ سين."

(سورٺ، ۴ ـ ۳)

(۴)

"چارڻ چنگُ، ٻنگُ لهي، وَجايو وَڏاڻُ،
سِرَ جو هَڏِ آسانُ، پَرَ مَڱَڻهارُ مَتي وَهي."

(سورٺ، ۴ ـ ۷)

(۵)

چارڻ چَنگُ ڪُلهي ڪَري، رَمي رَهيو راتِ،
صَدا جي، سَيّدُ چئي، وائي ڪَيائين واتِ،
ڏيہ ڏِنا تَنهن ڏاتِ، ميين مَڱڻهارَ کي.

(سورٺ، ۳ ـ ۱۹)

(۶)

چارڻ چَنگُ ڪُلهي ڪَري، پيرَ پُري پاتا،
صَدا جي سَيّدُ چئي، وائي ڪَيائين واتا،
تَنهن تي راءُ راضِي ٿيو، دِلِ وَڏِيءَ داتا،
مَرڪي مَرُ ماتا، رُوڙِي راءِ ڏِياچَ جي.

(سورٺ، ۳ ـ ۲۰)

(۷)

چارڻُ لَڳو، پَنڌُ گهَٽو، ڪِي چوٿائِيءَ چَئيج،
هِتِ ڪي هَلائيج، اُتي آئُون نہ اَچِڻو.

(پربهاتي، ۱ ـ ۶)

(۸)

چان ڪِ آيَسِ اَڳاهِين، تان اُتَهين اُپي آهِيان،
پِرتِ پَراهِين، هاڻي مَران! مَ جِئان!

(حسيني، ۱۲ ـ ۲۲)

(۹)

چان ڪِ چَڙهنديَسِ ڪَٽَ تي، رِيجهائِينديَسِ راءُ،
اهڙو ٿئي اَللهُ، جو پورهيتُون پيش ڪَري.

(ليلا چنيسر، ۲ ـ ۴)

(۱۰)

چانگا! چَندَنُ نہ چَرين، مَيا! پِئين نہ موڪَ،
اَڪَرَ اوڏو نہ وڃين، ٿُڪيو ڇڏئين ٿوڪَ،
لاٽي وچان لوڪَ، تو ڪهڙي اَڪرِ آئڙي؟

(ڪنيات، ۲ - ۴۲)

(۱۱)

چانگي چَئِي چُڪياسِ، مٿان اَڪَ نہ اُلهي!
جنهن وَلِ گهٽا وهاٽيا، اُنَ سين آرِ لَڳياسِ،
چوڏاري چَندَنَ وڻَ، پَچِي پُوجَ پياسِ،
رئاري رَٽُ ڪياسِ، هِنَ ڪُڏاتُوري ڪَرهي!

(ڪنيات، ۲ - ۳۵)

(١٢)

چاهَڪَ چَري، تارِ تَري، آيُون مَٿي آرَ،
ڪوڙِيــين ڪَرَ ڪَٽَنديُون، سُٽي سَڌَ ڏرارَ،
مينهُون سانُ ميهارَ، پَرچي پارِ لَنگِهينديُون.
(سهڻي، ٤ ـ ٢١)

(١٣)

چاهَڪَ چَري، تارِ تَري، آيُون مَٿي پيٽَ،
لُڙَ لَنگِهينديُون ليٽَ، لُطِفَ سانُ لَطِيفُ چئي.
(سهڻي، ٤ ـ ٢٢)

(١٤)

چاهَڪَ چَري، تارِ تَري، آيُون مَٿي ڪُنَ،
ڪوڙِيــين ڪَرَ ڪَٽَنديُون، ساهَڙَ جي سَمَنَ،
مينهُون سانُ اَمَنَ، پَرچِي پارِ لَنگِهينديُون.
(سهڻي، ٤ ـ ٢٣)

(١٥)

چاهَڪَ چَري، تارِ تَري، آيُون مَٿي ڪُوهَ،
سُٽي سَڌَ ساهَڙَ جو، راضي ٿيندَنِ رُوحَ،
مينهُون سانُ صُبُوحَ، پَرچي پارِ لَنگِهينديُون.
(سهڻي، ٤ ـ ٢٤)

(١٦)

چائُتِ پائي چِتَ ۾، سَنهو ڪِتو جَنِ،
تِـنِ جو صَرافَنِ، دُڪو داخِل نہ ڪَيو.
(ڪاپائتي، ١ ـ ١٦)

(١٧)

چِتان جي نہ چُرَنِ، اَلا! اُنِ مَرَ وِسران،
مُون مَنُ آهي تَنِ، مڙهيو منجهاران هِنئين.
(سامونڊي، ٢ ـ ٥)

(١٨)

چَتُــرُ رَهي نہ چِتُ، سُوران صَبُرُ نہ ڪَري،
سَجَڻَ ساري نِتُ، ويڳاڻو ٿِيو وِجهلي.
(رپ، ١ ـ ٢٣)

(١٩)

چَتُرُ رَهي نہ چِتُ، ويٽين واڳِيو نہ رَهي،
رَئيءَ لَتِجي نِتُ، هِنئڙو واٽَ وِرڪَ جِئَن.
(رپ، ١ ـ ٢٢)

(٢٠)

چَرڪو پَنهنجي چِتَ ۾، پِنيءَ پِيرِيو جَنِ،
توٽي ڪِينَ ڪَتَنِ، تہ بہ ڪانڌ تِنين جو ڪوڏِيو.
(ڪاپائتي، ١ ـ ٣٢)

(٢١)

چُـرَنِ، چُٽِڪَنِ چِتَ ۾: رَهيا اَندَرِ رُوحَ،
اُٺي وِيَـڙا اُڪَرِي، مارُوُ مَٿي موُهَ،
ويرُون ولوڙَنَ جُون، سارِيان گَهَٽو صُبوُحَ،
وَرُسي ڪَارا ڪوُهَ، سِنجِيَمِ جي سازِيہَ جا!
(مارئي، ٨ ـ ٧)

(٢٢)

چُرَنِ، چُٽِڪَنِ چِتَ ۾: سَدا مَنجِهہ سَرِيرَ،
لَـڏي ڪَنهن لوءِ وِيا، مارُو مَنجِهہ مَلِيرَ،
ويٺي پُوڄيان پِيرَ، مانَ مِلَنِمِ ڪَڏهِين!
(مارئي، ٨ ـ ٦)

(٢٣)

چُرَنِ، چُٽِڪَنِ چِتَ ۾: گهارِنِ مَٿي گهَٽَ،
ڪِہَ مانڌاڻو، مَڪِٽي، ڍوئِـنِ پاسي ڍَٽَ،
پَنوَهارَڪي پَڪَڙين، وَچي ڪَريان وَٽَ!
سازِيہَ سامُهين سَٽَ، ڪَندِيَسِ: پِچي ڪَڙَنِ ڪي.
(مارئي، ٨ ـ ٤)

(۲۴)

چُرن، چُٽڪَن چِتَ ۾: وساريان، ڪِينَ وَرَنّ!
”لَيسَ ڪَمِثْلِه شيءٌ“، پَسَڻُ ناهِ پِرِيَنّ!
پِڪا پَنوهارَنّ، نيئي آڏيا ناهِ ۾.
(مارئي، ۸ ـ ۳)

(۲۵)

چُرن، چُٽڪَن چِتَ ۾: وساريان، ڪِينَ وَري!
جن ٿي پَيَّ پيارِيو، مَنجهان سِڪَ سَري،
وَنهِيَن ويڙِيچَن جي، سِتائُن سَري،
ٿَرِن توڪَ ڏري، اُني وِيڙا اُڪِري.
(مارئي، ۸ ـ ۲)

(۲۶)

چُرن، چُٽڪَن چِتَ ۾: وساريان، ڪِينَ وَري!
’ڪَنان عَهدَ اَلَستَ‘ جي، ڪِ تِهائين پَري،
’لَمْ يَلِدْ وَلَمْ يُولَدْ‘، مارئي ڪوهُ ڪَري؟
اَڄُ ڪِ ڪالهَ مَري، ساري سانِيِيڙَن کي!
(مارئي، ۸ ـ ۱)

(۲۷)

چُرن، چُٽڪَن چِتَ ۾: هُرَن مَنجهه هنئين،
لُطفُ ٿيو، لَطِيفُ چئي، مَهَرَ ڪِي مِين،
ڏُکيءَ کي ڏِئين، سَرَهايُون سارِّيَہ جُون!
(مارئي، ۸ ـ ۵)

(۲۸)

چِڙَن چوري آهيان، سُکَ ٿي سُمهان ڪِيئَن؟
سارِيان ساهَڙَ چامَ کي، ڏَہ ڏَہ پِيرا ڏِينهَن،
ميهارَ مَرَڻ سِيئَن، نيَرُ پاٽُم نِينهَن جو.
(سهڻي، ۴ ـ ۳)

(۲۹)

چِڙهيا چارَئي يارَ، سُوڏا شِڪارِي،
فِڪَرَ سانُ قِتِي ڪِي، سودِي سوپارِي،
وِيا ڪاهِيندا ڪاڪِ ڏي، جتِ مُومَل موچارِي،
موتِيا نہ مارِي، ڪَوَنَرَ لَتاڙِي ڪاڪِ جا.
(مومل راڻو، ۲ ـ ۱۵)

(۳۰)

چِڙهيو چَڪاسِن چاءِ، آڳ پرندي آئيا،
وهسَن واڙِيءَ ڦَلَ جِئن، محبتي مچ لاءِ،
آٿي پاڻُ اَڙاءِ، ڪَٿي ڪُوري وچ ۾.
(يمن ڪلياڻ، ۳ ـ ۱۴)

(۳۱)

چُڪَسِ سَبِ چَئي، ماڙهو شَهَرَ ڀَنڀورَ جا،
سا موتي ڪِيئن مُئي؟ جنهنجو جانِبُ جَتَ وِٽي وِيا.
(سسئي آبري، ۴ ـ ۲۱)

(۳۲)

چڪي، چڪيَمِ چاڪَ، وَنهِيَن ويڙيچَن جا،
واجهيندي وِصالَ کي، فَنا ڪِيَسِ فِراقَ،
سِيئي سارِيَمِ، سُومِرا! ٿَرِ جَنين جا ٿاڪَ،
مارُوءَ جي اوطاقَ، گهڻو اُڪَنڊي آهيان.
(مارئي، ابيات متفرقه ـ ۵۲)

(۳۳)

چُڪيءَ کي چَئي، ڪا جاڳائي، جيڏِيُون!
ويڙو ساڻُ وَهي، تو نِنڊا ئي نہ لَهي.
(سسئي آبري، ۴ ـ ۲۰)

(۳۴)

چڱا چَنڊا! چئيج، سَنيها کي سڄڻين،
مٿان اڱڻُ اُپِري، پِرِين جي پئيج،
جهيڻو ڳالهائيج، پيرين وجهي هَٿڙا.
(ڪنيات، ۲ ـ ۵)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۳۵)

چڳا ڪَنِ چڳايُون، مَنايُون مَنِ،
جو وَڙُ جُڙيِ جن سين، سو وَڙُ سيئِي ڪَنِ.

(سريراڳ، ۴ — ۴)

(۳۶)

چڳِن ساڻ چڳايُون، اِئن سَيڪو هوءِ،
تو جئن ڪري نہ ڪوءِ، ٻُچِن ساڻ ڀَلايون.

(سريراڳ، ۴ — ۳)

(۳۷)

چمڪيُون چوڏارَ، ڏجُون ڏاڙيچَن جُون،
ماءِ! سامُونڊِي آئيا، سَهسين ڪَري سينگارَ،
اُنين جِي پچارَ، ڪالهونڪَرَ ڪانگُ ڪَري.

(سامونڊي، ۱ — ۳۸)

(۳۸)

چَنڊَا! تنهنجِي ذاتِ، پاڙيان تان نہ پرينِ سين،
تون اَچو ہِر راتِ، سَجَڻَ نت سوجهرا.

(ڪنيات، ۱ — ۱۴)

(۳۹)

چَنڊَا! چِنائي تنهنجي، سِياهيءَ ہِر سُورُ،
لايان لاَلَ لِڱن ڪي، چَندنَ پري پُورُ،
ڪُوماٽو ڪَپُورُ، مون واجهائيندي پرينءَ ڪي.

(ڪنيات، ۱ — ۱۵)

(۴۰)

چَنڊَا! چوانءِ سَچُ، جي مَنِي مور نہ پائِئين،
ڪڏهن اُيرين سَنهڙو، ڪڏهن اُيرين ڳَچُ،
مُنهنَ ہِر ٻَريئي مَچُ، تو ہِر ناهِ پيشاني پرينءَ جي.

(ڪنيات، ۱ — ۱۸)

(۴۱)

چَنڊَا! چوانءِ حَقُ، جي وِڙهين جي وِچڙين،
ہہ اَڪيُون تيون نَڪُ، تو ہِر ناهِ پرينَ جهو.

(ڪنيات، ۱ — ۱۷)

(۴۲)

چَنڊَا! لَڳنئي مَندَ، سنجهيئي سِيخَ تئين،
ڪر اونداهي اَندَ، تہ مِلان محبوبنِ ڪي.

(ڪنيات، ۱ — ۱۲)

(۴۳)

چَنڊَ وِهاڻيءَ چِڙهيا، مَلَهہَ مَدِينَان جامَ،
اُن سين طَبَلَ بازَ، تَبَرُون، نيزا ۽ نِشانَ،
عَليءَ پُٽَ اَيامَ، ڪَندا راڙو رُڪَ سين.

(ڪيڏارو، ۲ — ۳)

(۴۴)

چَنڊَ وِهاڻيءَ چِڙهيا، مَلَهہَ مَدِينَان گهوٽ،
اُن سين طَبَلَ، بازَ، تَبَرُون؛ کُنڊَ، ڪَٽارا، ڪوٽَ؛
عَليءَ پُٽَ اَموٽَ، ڪَندا راڙو رُڪَ سين.

(ڪيڏارو، ۲ — ۲)

(۴۵)

چَنڊَ وِهاڻيءَ چِڙهيا، مَلَهہَ مَدِينَان ميرَ،
اُن سين طَبَلَ، بازَ، تَبَرُون؛ کُنڊَ، ڪَٽارا، ڪيرَ؛
عَليءَ پُٽَ اَميرَ، ڪَندا راڙو رُڪَ سين.

(ڪيڏارو، ۲ — ۱)

(۴۶)

چَنيسَرَ جي چِٽَ ہِر، ڪي جو اَڳُ هُئو،
تِهان پوءِ تِيو، مَٽِئي تي تي مامِرو.

(ليلا چنيسر، ۱ — ۱۲)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٤٧)

چَنيسَرُ چَؤرَنگُ، ٻِرَنگو لوڪُ ٻيو،
تنهن سين چِنيو سَنگُ، وَڃيو هارَ هَٿُ ڇُهِين!

(ليلا چنيسر، ١ ـ ٤)

(٤٨)

چَنيسَرَ سين چاڳُ مَتان ڪا مُنڌ ڪَري،
جان مُون پوءِ پرُوڙِيو، تہ هيُ نہ ماٽي ماڳ،
ڏمِريو ڏهاڳُ، سِڳهو ڏِئي سُهاڳِڻِيين.

(ليلا چنيسر، ٣ ـ ١)

(٤٩)

چَنيسَرَ سين چاءُ، مَتان ڪا مُنڌ ڪَري،
ڪانڌ ڪَنهِين جو نہ وَٽي، گيرَبُ ۾ گاءُ،
جي ٽِڙي ٽورَڙِياءُ، تہ دوسَ دَسائي داسڙو.

(ليلا چنيسر، ٣ ـ ٢)

(٥٠)

چوٿين ڏِينهن چوگانَ ۾، ڪَنهن جَنهن پَہِ پيا،
وَهَم پريان جي وَڍِيا، تن ۾ ڪوُڙ ڪِها؟
اَندَرِ آديسِيُنِ ڪي، اَچَنِ جوش جِها،
سامِي سونُ ٿِيا، لِڪا پُٽَنِ لوڪَ ۾.

(رامڪلي، ٢ ـ ٤)

(٥١)

چؤڏاري چَڙا، ٻُرَنِ ٻيلايُنِ جا،
سُتي سَنيارَن جو، پيُمِ ڪَنِ پَڙاءُ،
وِهَڻُ مون نہ وَڙاءُ، سُٽِيو جهانءِ جِهجي هِنئون.

(سهڻي، ٤ ـ ٢)

(٥٢)

چوڏهِينءَ چَنڊُ اُڀريو، اُوٽِنِيہَ پَسيسِ عامَ،
مٿس ناهِ مَلامَ، جيڪي پُڇِين پُڇ سو.

(ڪنيات، ١ ـ ١١)

(٥٣)

چوڏهِينءَ چَنڊَ! تون اُڀرين، سَهسين ڪرئين سينگارَ،
پَلَڪَ پِريان جي نہ پَڙين، جي حيلِن ڪرئين هزارَ،
جهڙو تون سَڀَ ڄمارَ، تهڙو دَمُ دوست جو.

(ڪنيات، ١ ـ ١٢)

(٥٤)

چورُ اُپيو اِئن چوءِ، تہ آئُون اُهوئِي آهيان،
جي اَسِي اَڪِيُنِ هوءِ، تہ لِڪي ڪي ڪونہ لَهي.

(سريراڳ، ٤ ـ ١٩)

(٥٥)

چوري چَنگُ، ٻَنگُ لهي، حبيبَنِ هَنيوسِ،
ٻُجهان ٻاڻُ لڳوسِ، ڪانارِيو ڪَرَ ڪٽي.

(يمن ڪلياڻ، ١ ـ ١١)

(٥٦)

چوري چوري چِٽُ، جان نَئِينءَ وهاٽِيءَ نِڪِران،
نينهُن گُهرائي نِٽُ، پِريان سَندي پيرَ ۾.

(رپ، ١ ـ ٢٤)

(٥٧)

چوندنِ ڪيمَ چَئيج، وِڻَ ورائي سامهون،
ڪا مَتِ قيمت جهڙي، روءِ ڏمرَ ڪي ڏيج،
ويڻُ مَ ورائيج، تہ سڀَ دَرِ سُهاڳي ٿئين.

(يمن ڪلياڻ، ٨ ـ ٢٠)

(٥٨)

چَوَنِ جي هيڪارَ: ”مَ ونءُ موٽي، سُهڻي!“
ڏُونهِينءَ پاسي دوسَ جي، گهارِيان سَڀ ڄمارَ،
ٻانڌِيٽا ٻِيهارَ، هُوندَ نہ لِڱين لائِيان.

(سهڻي، ٩ ـ ٥)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٥٩)

چوَنِمِ مَرُ چَرِي تَي، پر جي سَڏُ سُڻين،
مَرُ مُونهين کي ڏِينِ، ماڙهُو اَچيو مِهڻا.

*(معذوري، ٥ ـ ١٣)*

(٦٠)

چَئي چَنيسَرَ جامَ سين، ليلا! تُون مَ لَڪاءِ،
دوسُ تُنهنجو داسَڙو، ڪاندِ وَڏِيائي ڪاءِ،
تہ ڏولو ڏِڪُ سَنديِاءِ، عَيبَنِ کي آڏو پَئي.

*(ليلا چنيسر، ٢ ـ ١٨)*

(٦١)

چَئي چَنيسَرَ جامَ سين، ليلا! لَڪاءِ مَ تُون،
اِيُ ڪانڌُ ڪَنهنجو نہ ٿئي، نہ ڪا مُون نہ تُون،
رُلنديوُن ڏِٺيوُن مون، اِنَ دَرَ مَٿي دادُليوُن.

*(ليلا چنيسر، ٢ ـ ١٩)*

(٦٢)

چَئي چَنيسَرَ جامَ سين، لِيلا! لَڪايوءِ،
تو جو پانيو پانهنجو، تَنهنجو پَرو ڪونہَ پيوءِ،
ڪَوُنُروءَ ڪانڌُ سَندوءِ، دَستِ ڪيو داسَڙو.

*(ليلا چنيسر، ٢ ـ ١٤)*

(٦٣)

چئي 'ڪُنْ فَيَڪُونُ'، جَڏهن خَلقيا رُوحَ خُداءِ،
گَڏُ جِتِ گُذرانُ هُئو، جَڙَ لَڳِي تنهن جاءِ،
مُون توهين سين آهِ، اُها ساڃاءِ، سُپرين!

*(مارئي، ١ ـ ٣)*

(٦٤)

چيتارِيان چُٽِڪَنِ، سَنيارِيان سَهي،
اَندَرِ رُوحَ رَهي، مُون کي صُورَتَ سُپيرِيُن جي.

*(رپ، ١ ـ ٢٥)*

(٦٥)

چيتارِيان چُٽَڪَنِ، وِسارِيان نہ وِسري،
ويروتارَ ڏُکَنِ، سَڄَنَ يَڳِي هَڏُ جِئَن.

*(رپ، ١ ـ ٢٦)*

(٦٦)

چيتاري چوَنديِاسِ، ڳالهِيوُن سَيوئِي سَڄَڻين،
جُہ مُقابِلِ ٿِياسِ، تہ سَڀِ وَڃَنِمِ وِسري.

*(رپ، ١ ـ ٢٧)*

(٦٧)

چيتا ڪَيو چُٽيج، بَداماٽيءَ بُٺِ ۾،
نيٽين نِندَ مَ ڏِيج، چيڙُون چِپَرِ آئيُون.

*(ڏهر، ٤ ـ ٢٠)*

(٦٨)

چيهو چُڪِيءَ ڪَنڍيين، ڪَيائين ڳَڙَنگَ تي ڳُلَ،
هَڏا ڪُتيان هَليو، پَري تَرايوُن تَلَ،
آندائين آبَ اُڇَلَ، مَٿي باغَ بَهارَ تي.

*(سارنگ، ٢ ـ ٤)*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## چ

(١)

چا جي ڏنگا ڏيرَ؟ مُنھنجو ڏيھنُ ڏنگو مَ ٿئي!
اُنَ ۽ اونيڙَن جي، چا وَھيڻو ويرَ؟
ھِيَ کَميڻي کيرَ؟ جا اَمُرَ کي آڏي قري.
*(ديسي، ١ ـ ١١)*

(٢)

چا کي وَجيو چو، پيلي ٿئين پِيَن جو؟
وَتُ کَنجَڪَ کَريمَ جي، جَڳَ جو والي جو،
سَئُو ھُوندو سو، جنھن جو عِشقُ اَللہَ سين.
*(بروو سنڌي، ١ ـ ١)*

(٣)

چِپَرِ جِئَن پَھُون، تَئَن رتُ ڳِجھن رانئيو،
وَنِڪا وَنِکَن گَڏِيا، ڊوڙيو ڏِيَن ڍَھُون،
مُھايَن وَھُون، نيرُ مَھانگو کَندِيُون.
*(ڪيڏارو، ٦ ـ ٣)*

(٤)

چِپَرُ چِمَرُ پانيان، ڪانيو ۽ ڪارو،
پَبُ وِجھنديس پُٺِ تي، صُبُحَ سَوارو،
وَجَنَّ مُون وارو، کِينَ وِھنديس وَچَ ۾.
*(ديسي، ٥ ـ ١١)*

(٥)

چِپَرَ ۽ چِمَرَ، تا لَڳَہَ لَڳَنِ پاڻَ ۾،
ڏاڍا ڏُونگَرَ کَرکَرا، وِيڌَ، وِنگايُون وَرَ،
آئُون پِيادِي پَنڌِيُن، نِماڻي نَڌَرَ،
سُورِيُون جِتِ، سَگَرَ: اُتِ پاتاڙِيءَ پيلي ٿئين!
*(ديسي، ٥ ـ ١٢)*

(٦)

چِپُنِ چِنا پيرَ، ھَلي ھَلي، ماءُ!
کوھِياري جي ڪاءِ، ڳِنھيو پُٽان ڳالھڙي.
*(حسيني، ١٢ ـ ٤٥)*

(٧)

چِپُون چِپَرَ ڪَٽَ، پَھَنَّ پَتراٽِيُون پانئِيان،
جَتي رَھان راتڙي، مِرُون مُنھنجا مِٽَ،
سيڻَنِ جِيءَ سَھَٽَ، ڏُونگَرُ ڏولِي مُون ٿِيو.
*(حسيني، ٥ ـ ٥)*

(٨)

چِچُ مَ قَطاران، ساٿُ چَڙھَندو لَڪِيين،
مُچَنِ ٿِئين پُٺان، وَڳَ واٽَ ئِي نہ لَھِين.
*(حسيني، ٨ ـ ١٣)*

(٩)

چَڏِ جاڳوتا جوڳِيين، دُونھين کِيمَ دُکاءِ،
”وَاذْكُرْ رَبَّكَ فِي نَفْسِكَ“، اَندرِ آڳِ جَلاءِ،
جن سَجَنَّ جي ساجاھِ، تن کِنان مِنو کِينَ پِيو.
*(رامڪلي، ٥ ـ ٩)*

(١٠)

چَڏِ جاڳوتا جوڳِيين، دُونھيُون کِيمَ دُکاءِ،
”وَاذْكُرْ رَبَّكَ فِي نَفْسِكَ“، اَندرِ آڳِ جَلاءِ،
جِنِ سَجَنَّ جي ساجاءِ، تن کِنان مِنو کِينَ کي.
*(رامڪلي، ٩ ـ ٣٣)*

(١١)

چَڏِ سَبَرايُون، سُومِرا! عُمَرَ! لَڳِ اَللہ،
ٿِيَمِ نہ تورا ڏِينھَنڙا، مارُيين ڳاريِمِ ماھَ،
سِڪَ مُنھنجي ساھَ، مارُوءَ جي مَسَ لَھي!
*(مارئي، ابيات متفرقہ ـ ٤٩)*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۱۲)

ڇَڏِيَمِ حُجَّ هَلَڻَ جي، چاڙهيڪا چَڪِيامِ،
آرياڻي جي آسِري، ڏونگَرَ ڏِينهَن لَڳامِ،
پُڇج پِرين سَندامِ! وِينِيَسِ وِکَ نہ اُپڙي.

(حسيني، ۷ ــ ۱۰)

(۱۳)

ڇَڏِيَمِ حُجَّ هَلَڻَ جي، چاڙهِيڪَنِ چَڙهي،
آڙِيڪَنِ اَڙي، پِيِيَسِ هوتَ پُنهونءَ سين.

(حسيني، ۷ ــ ۹)

(۱۴)

ڇَڏِيَمِ حُجَّ هَلَڻَ جي، چَڪِيَمِ چاڙِهيڪا،
اَدِيُون! آڙِيڪا، هِنئَڙي پِيَمِ هوتَ سين.

(حسيني، ۷ ــ ۸)

(۱۵)

ڇُلان، مَنجهِمِ نہ ڇاڪَ، پُران، پَوَنِمِ پُرڪَٽا،
مَتان ڪا مُنڌ ڪري، موٽَڻَ جِي مَزاڪَ،
چِٽُ سَندو مُون چاڪ، هاڙهي هَڏِ هٽي ڪيو.

(سسئي آبري، ۴ ــ ۱۸)

(۱۶)

ڇِنَلَ ڇَڄَ هَٿَنِ ۾، ڪُلَهَن ڪوڏارا،
پورهئي خاطِرِ پانهنجي، اُٺَنِ سَوارا،
اوڏَ بہ ويچارا، لاڪا! وَڃَنِ لَڏِيو.

(ڏهر، ۴ ــ ۵۱)

(۱۷)

ڇِنَنِ تَوءِ مَ ڇِنُّ، پاءِ اُميري اُنِ سين،
جي هو اَوگڻ ڪَنِئي، اَسُونهِين! تہ تون ڳُٽانئِي ڳُنُ،
پاندُ جهليو تون پِنُّ، هن سُونهاري سَگَ ۾.

(يمن ڪلياڻ، ۸ ــ ۱۰)

(۱۸)

ڇَنِ نہ ڇَڄِي آهيان، ڪُڇَنِ ۾ ڪوٺَنِ،
اِيندي پِيَمِ اَبَتا، پَيڪَڙا پِيرَنِ،
هَٿَڙِيُون هَٿَنِ، ڇَنگهُون ٻانهُون ڪاٺَ ۾!

(مارئي، ٦ ــ ۱۷)

(۱۹)

ڇَنِ نہ ڇَڄي هيٺِ، ڪُڇَنِ آهِيان ڪوٽَ ۾،
لوئيءَ سين، لَطِيفُ چئي، پيِڙِيو ٻَڌان پيٽِ،
اُتِ سَپَجي اُنَ سَنَنِ جي، هِتِ رَچائِين ريٽِ،
ماٽِيان شالَ مَلِيرَ ۾، مُندائِتي ميٽِ!
ڏِيهيا! ڪَجانءِ ڏيٺِ، ڪا مَدَتَ مُون سين مارُئِين!

(مارئي، ٦ ــ ۱٦)

(۲۰)

ڇوري، نِدوري، نَڪو مائِٽُ مُنڌ جو،
سَوين هَلَنِ ساٿَ ۾، ڪَمي ۽ ڪوري،
آئُون پڻ آهِيان آنِ ۾، لَنگهي ۽ لوري،
لَنگهائِيين، لَطِيفُ چئي، ٿَرَنِ جا ٿوري،
آهِيان اَزوري، تُنهنجي جوري جَبَلُ لَنگهِيان.

(ديسي، ۴ ــ ۱۹)

## وائي - ۱

ڃا کي ٿا ڪَرَہَ قَطارِيو؟
وو! مُون نماڻيءَ تان کي نہ ڇيو.
اَللهَ ڪارڻ، اوڻيا! اَٺِين، واڳَ وَٺي وَرُ وارِيو،
رَهو راتِ ڀَنڀورَ ۾، تان ڪا گهڙِي هتِ گهارِيو،
سِڪي جنهن سَڳُ ڪَيو، تنهن مَعذُورِ کي مَ مارِيو،
سائِينءَ ڪارڻ، سُپِرين! دوستَ! دَرسَنُ ڪارِيو،
موڙِي مَجَرَ ٿارِيُون، ڇانگَنِ کي اَٺين چارِيو،
اَيَري عَبدُاللّطِيفُ ڏي، واڳَ، وَنهيَلَ! اَٺِين وارِيو.
*(ديسي، ۴ – وائي)*

## وائي - ۲

ڇورِي ڇَڏِ مَ ڇپَرين، ٻاروچَل! ٻانهي.
جانبَ جهڙو جڳَ ۾، ناهي ڪو ثانِي،
پُنهَلَ! نِيو پاڻَ سان، پورهِيتِ پَرِتيِاڻي،
پورِهيو ڪَندِيَس پَرَ جو، پَرِينديَس پاڻِي،
هوتَ! مَ ڇَڏيو هيڪلِي، هِيءَ جا وندُر وڪاڻي،
اَڊيُونِ! عَبدُاللّطِيفُ چئي، اِيندُمِ آرياڻِي.
*(ديسي، ۷ – وائي ۴)*

# ح

(۱)

حالُ قُربانُ، مالُ قُربانُ، گهوريان لُڏاڻو:
فِدائتي فَقِيرِ جو، شَلَ رُسي مَ راڻو!
مُيَنِ سين ماڻو، مُناسِبُ نہ ميندرا!
(مومل راڻو، ۵ ـ ۱۶)

(۲)

حَبِيبَنِ هيڪارَ، مَنجهان مِهرَ سُڌِ ڪيو،
سو مُون سِپِ چمارَ، اورڻ اُهوئي ٿِيو.
(ڪلياڻ، ۳ ـ ۱۴)

(۳)

حَبِيبَ ئي هادِي ٿِيو، رَهنُما راحتَ،
پيرِڙا نِيائين پاڻَ سين، لائي ڏيئي لَتَ،
سُپيريان صِحتَ، ڏِنيمَ منجهان ڏُکندي.
(ڪلياڻ، ۳ ـ ۳)

(۴)

حُرُ هَلِي آئيو، مانجهي مَردانو:
”آهِيان عاشِقُ آڳِ جو، پَتنگُ، پَروانو،
مانَ راضِي ٿِئي رَسُولُ ربَّ جو، نَبِي تو نانو،
هِيُ سِرُ سَمانو، گهوٽ! مٿان ئي گهوريان“.
(ڪيڏارو، ۵ ـ ۲)

(۵)

حَسَنَ، مِيرَ حُسينَ جو، جن نہ هِنئڙي جارُ،
خالِقُ، رَبُّ جَبّارَ، ڪِينَ مَرهيندو تن کي.
(ڪيڏارو، ۲ ـ ۱۵)

(۶)

حَسَنَ، مِيرَ حُسينَ جي، سُئي جَنگ جَهانَ،
اُڏاڻا اوڙِ ڪَري، ڪارين پَکين ڪانَ،
پِيُ، ڏاڏاڻا، پاڻَ، سَيّدَ سَڀَ مَلهائِيا.
(ڪيڏارو، ۲ ـ ۱۳)

(۷)

حَسَنَ، مِيرَ حُسينَ کي، رُنو تِنِ تولَنِ،
گهَرِ ماڙهين، جهنگِ مِروُئين، اُيَنِ مِ مَلَڪَنِ:
پَکِيَنِ پاڻُ پَڇاڙِيو، تہ لَڌِيو هوتَ وَڃَنِ،
آلا! شهزادَنِ، سوپيُون ڏِئين، سَچا ڏٽي!
(ڪيڏارو، ۲ ـ ۱۴)

(۸)

حَسَنُ ناهِ حُسينَ وَٽِ، بِيلِي نہ باهُون،
سازِيہ شهزادَنِ جو، آهي اَڳاهُون،
يَزِيدَا! جُلاهُون، تيلان ڪَرِئين تَڪڙِيُون؟
(ڪيڏارو، ۵ ـ ۱)

(۹)

حُسينِي حُسينَ لَءِ، بِيبِيءَ پاڻَ چِئي،
تِهان پوءِ ٿِئي، خَبَرَ بِيءَ خَلقَ کي.
(حسيني، ۱۲ ـ ۴۹)

(۱۰)

حُسينِيءَ جِيءَ هاڪَ، مادَرا! ماري آهِيان،
ڏينهان ڏورَڻُ ڏُکَ سين، راتِيان چِڪَنِ چاڪَ،
ڍِڄان يَرِ فراقَ، مَتان پوئِمِ پِرينءَ سين.
(حسيني، ۵ ـ ۱۰)

(۱۱)

حَقّاڻو هُتِ ٿِيو، آڻُون هِتِ بَندياڻي!
ساري ساڏوهِيَنِ کي، ڪوٺِيَنِ ڪُوماڻي،
لِڱين لوهَ، لَطِيفُ چئي، وِيَنِيسِ وساڻي،
مُنڌَ ماروءَ جي نہ لَهي، ڪَپِتَ ڪِجاڻي،
سَمُنَ سَچاڻي، اُتي آهِمِ اَنَ سين.
(مارئي، ۳ ـ ۲۱)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٢)

حَقيقَتَ هِنَ حالَ جي، جي ظاهِرُ ڪَريانَ ذَري،
لَڳي ماٺِ مِروُئَنِ کي، ڏُونگَرَ پِوَنِ ڏَري،
وَڃِنِ وَنَّ ٻَري، اوپَرِ اُپَري ڪِينَ ڪِي.
(ڪوهياري، ٥ ـ ٥)

(١٣)

حَقيقَتَ هِنَ حالَ جي، جي ظاهِرُ ڪَريانَ زَبانَ،
لَڳي ماٺِ مِروُئَنِ کي، رَسي سوُرُ شَبانَ،
تاڪَرِ تِڪي ڪانَ، جَبَلُ سَڀِ جَلي وَڃي.
(ڪوهياري، ٥ ـ ٦)

(١٤)

حَقيقَتَ هَٿي، مُنهنجي جانِ جُدا ڪَئي،
هيڪو پَساهُ پِرينءَ ري، سَگهانَ تان نہ ڪَٿي،
ڏَٺي ئي ڏَٺي، رَهيو آهي رُوحَ ۾.
(آسا، ٣ ـ ٦)

(١٥)

حُڪُمُ ٿِيو بادَلَ کي، تہ سارَنگَ ساڻَ ڪَڄَنِ،
وِڄُون وَسَڻَ آئِيُونِ، ٿَہ ٿَہ مينهَن ٿَمَنِ،
جِنِ مَهانگو لَهي ميڙيو، سي تا هَٿَ هَٽَنِ،
پَنجَنِ مَنجهان پَندِرهَن ٿِيا، اِئَنِ تا وَرقَ وَرَنِ،
ڏُڪاريا ڏيہَ مانِ، شالَ مُوذِي سَڀُ مَرَنِ،
وَري وَڏي وَسَ جوُنِ، ڪَيوُنِ ڳالهيوُنِ ڳَنوارَنِ،
سَيّدُ چوي سَيِنِ، آهِ توهِ تُنهنجِي آسِرو.
(سارنگ، ٤ ـ ١٦)

(١٦)

حوصِلو حَيرَتَ جو، آهي نہ مَتي عامَ،
سَندي مُحَبَتَ مامَ، ڪُورُ پَروڙِي ڪِينَ ڪي.
(آسا، ٣ ـ ٣٠)

(١٧)

حوصِلو حَيرَتَ ۾، ڪَري ڪِينَ دَرَڪُ،
جو حُسُنَ سَندو حَقُّ، سو ڪُورُ پَروُڙي ڪِينَ ڪِي!
(آسا، ٣ ـ ٢٧)

(١٨)

حوصِلو حَيرَتَ ۾، وَڃي ٿِيو ويڇوُنِ،
مُحَبَتَ جوُنِ ميڇوُنِ، ڪُورُ پَروُڙي ڪِينَ ڪِي!
(آسا، ٣ ـ ٢٨)

(١٩)

حوصِلو حَيرَتَ ۾، وَڃي لَڄاٽو،
ويچارو ڪاٽو، ڏِسي ٿِيو ڏَسَڻَ کي.
(آسا، ٣ ـ ٢٩)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# خ

(١)

خاموشِي خَبَرَ جي، مُومَل تِي مَٽَ،
صَبرُ تِيو سُپَٽِ، مُنهنجي حَقِّ، ميندِرا!
*(مومل راڻو، ٨ ـ ٤)*

(٢)

خَبَرَ تي كَرَنِ كي، تہ مُون كي كَندا كوهُ؟
صُورَتَ سُپيرِيان جي، ڏِٺي كونهي ڏوهُ،
لوريءَ لَڳُمِ لوهُ، جَنهِين رَتُ رُئارِيو.
*(آسا، ٣ ـ ١٨)*

## وائي - ١

خُوبِي مَنجِهہ خِفَتَ، اي! دوستَ! دِقَتِ،
آهي عَبدُالَّطيِفُ كي.
مَدَحَ مون كان نہ ٿِئي، سَندِي سُورَ صِفَتَ،
هجي كَرِيان هيجَ سين، مُطالعُ مَحَبَتَ،
حُزنُ هوتَ پُنهونءَ جو، رُڃِيائِي راحَتَ،
پِرِيان جي پِستانَ جو، فاقوئِي فَرَحَتَ.
*(معذوري، ١ ـ وائي)*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# د

(۱)

داتا سَندي دَرَ تي، وَڳَندُ تي وينو،
بَصَرَ سين بازار ۾، ڪَرَ واٽيو چينو،
دَران تَنهِين پينو، جِتِ ڪُفران ڪِينَ ٿِئي.
(بلاول، ۴ ـ ۹)

(۲)

داتا سَندي دَرَ تي، وَڳَندُ وينو پَسُ!
تَنهِن روڳِيءَ کي رَسُ، جو آلُودو آزارَ سين.
(بلاول، ۴ ـ ۷)

(۳)

دارُون ۽ ڪارُون، جان ڪِي ڪيا وِيجَ مون،
ٻُڪِي ڏيندا ٻاجهه جِي، نهاري نارُون،
جن جون سيڻَ لَهَنِ سارُون، تن تان ڏکندو ڏور ٿِئي.
(يمن ڪلياڻ، ۲ ـ ۱۸)

(۴)

داغُ تُنهنجو دائِما، ماري مَعذُورين،
سائِينءَ ڪارڻ سُپرين! وَڃج مَ ڏُورين،
آئُون تو حُضُورين، مَٽيو وِجهان مَڇَ ۾.
(ليلا چنيسر، ۱ ـ ۱)

(۵)

دائِمُ آهي دَرَ تي، وَڳَندُ ويچارو،
عَطَرَ سين آرو، لَڳَسِ تي لِذَ ڪَٽي.
(بلاول، ۴ ـ ۷)

(٦)

دائِمُ جا دَرياهَ ۾، سا مَڇِي ڪِني ڪوهُ؟
آهِس اِيُ اَندوهُ، پاڻي ڪَٽي نہ پيان.
(سهڻي، ۵ ـ ۱۷)

(۷)

دائُودِي دَيوَن ڪري، رَنڪَن ڪونهي چِيٺُ،
گهوڙِيءَ هيٺ سُچِيٺُ، ڪاهيو پاڪَرئين هٽي.
(يمن ڪلياڻ، ٦ ـ ۲)

(۸)

دائُودِي دَيوَن ڪري، رَنڪَنِ ڪونهي رنگ،
گهوڙِيءَ هيٺ اَينگُ، ڪاهيو پاکَرئين هٽي.
(يمن ڪلياڻ، ٦ ـ ۱)

(۹)

دَرا مَنجهہ دوستُ ٿيو، موتي پُڄُ پاهِين،
عَبَٿُ اَڳاهِين، وڃيو ڪُوڪِين ڪانڌَ کي.
(سسئي آبري، ۳ ـ ۵)

(۱۰)

دَرَ دروازا، دَرِيُون، هاٿي هِتي هو،
ڪوڙِيين اَڏِيان ڪيترا، تَنبُو مَٿان تو،
جي مُل نہ آيا مارُئِي! تِنِين رَڙُ مَ رو،
ڪُوڪَٽُ آهي ڪو، پُسِيءَ پَنوَهارَنِ ۾.
(مارئي، ۷ ـ ۱۱)

(۱۱)

دَرِدُ نہ لهي دارُوئين، زُلِفَ زورُ ڏِنوم،
ڪاڪُلُ ڪالَ ڏِنومِ، رُخساري تي رُوپَ سين.
(سسئي آبري، ٦ ـ ۲)

(۱۲)

دَرهَڙَ ڏِنَسَ دَرياهَ ۾، جِتِ لَهريُون ڪَنِ لوڙا،
سَئِين اَچِي سمُونڊَ ۾، ٿيا سِيٽايا سوڙا،
جي تارُو هُئا توڙا، تن هَريو پاڻيو هيڪڙو.
(سهڻي، ۲ ـ ۱۲)

(۲۴)

دهشت دَمُر درياهَ ۾، جتِ جايُون جانارَنِ،
نَکو سَنڌو سِيرَ جو، مَپُ نہ مَلاحَنِ،
دَرندا دَرياهَ ۾، واڪا ڪيو وَرَنِ،
سَچا پيڙا پارِ ۾، هَليا هيٺ وڃنِ،
پُرزو پئدا نہ ٿئي، تَختو منجهان تَنِ،
ڪو جو قَهرُ ڪُنَنِ ۾، ويا ڪِين ورنِ،
اُتي اَٽنارُنِ، ساهَڙ! سيرَ لنگهاءِ تُون.

(سهڻي، ۲ ـ ۱۱)

(۲۵)

دهشت دَمُر درياهَ ۾، جتِ سَٽاٽا سيسارَ،
بيحَدِ باگهُو بَحَرِ ۾، هيبتناڪ هَزارَ،
ساريان ڪانَ سريرَ ۾، طاقَتَ توهان ڏارَ،
ساهَڙ! چامَرَ! سَتارَ! سِگهو رَسج سيرَ ۾.

(سهڻي، ۲ ـ ۴)

(۲۶)

دهشت دَمُر درياهَ ۾، جتِ ڪَڙڪا ڪُنَ ڪرين،
بِچَل بانديءَ پارِ ۾، اُتِ لَهريُون لوڏا ڏين،
سَناوَرَ ساميا، اُتِ سيٽايا نہ سَندِين،
جتِ وِيرِيُون واٽَ نہ ڏين، اُتِ، ساهَڙ! سيرَ لَنگهيائيين.

(سهڻي، ۲ ـ ۵)

(۲۷)

دهشت دَمُر درياهَ ۾، جتِ ڪَڙڪو ڪُنُ ڪري،
توڏي تاڪُنِ وچَ ۾، مٿان وِيرَ وَري،
آءُ، ساهَڙ! منهنجا سُپرين! پرتان پيرَ پَري،
هادي! هَٿَ ڏري، اُونهي مان اُڪارِئين.

(سهڻي، ۲ ـ ۶)

(۲۸)

دهشت دَمُر درياهَ ۾، جتِ ڪُنَنِ جا ڪَڙڪا،
سَهي ڪِين سمُونڊَ جا، ماندي دِلِ ڏَڙڪا،
ساهَڙ! تُون سُڻُ ڪا، فَريادي فَقِيرِ جي.

(سهڻي، ۲ ـ ۷)

(۲۹)

دهشت دَمُر درياهَ ۾، جتِ ڪُنَنَ جو ڪَڙڪو،
آهيم اُنهين پارَ جو، دِلِ اَندرِ ڏڙڪو،
پيچي سِڪَ، سَيّدُ چئي، سيرَ سَندو سَڙڪو،
والي! ڪج وَڙُڪو، تہ پارِ لَنگهيان پاڄهہ سين.

(سهڻي، ۲ ـ ۸)

(۳۰)

دهشت دَمُر درياهَ ۾، جتِ لُڙَ، لَهريُون، لَس، ليٿَ،
آٿيو اوپارَن ۾، باندي بوڙي بيٺَ،
جتِ چِڪَنَ جي چِپيٺَ، اُتِ، ساهَڙ! سيرَ لَنگهاءِ تُون.

(سهڻي، ۲ ـ ۹)

(۳۱)

دهشت دَمُر درياهَ ۾، جتِ هيبَتَ هُلاچو،
ورجي ويرن وچَ ۾، ڪاڏي ويو ڪچو؟
ساهَڙ چامُ سَچو، ساٿي تِيندُمِ سيرَ ۾.

(سهڻي، ۲ ـ ۳)

(۳۲)

ديسي سيڻَ ڪَچَنِ، پَرديسي ڪَهڙا پرين؟
لَڏيو لاڏُوٽا ڪيو، پَنهنجي ديسِ وَڃَنِ،
پُڄاڻان پِرِيَنِ، ڪَجي بَسِ پَنيورَ ڪان.

(ديسي، ۱ ـ ۱۲)

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

(٣٣)

ديکُ مَ تُون سِين تَن، هِي جي مَجازِياٽيُون مُنهنَ ۾،
ڪِينَ سُڄاتو سُپِرين، نِهاري نيڻَنِ،
پِرين سي پَسَنِ، ٻَئِي جنين ٻوُٽِيُون.
(آسا، ٣ _ ١)

(٣٤)

ديکِيندي دِيدارَ کي، ڪُلُ سُڄاڻي ڪِيڻَن؟
جانِبَ مَنجهان جِيئن، مَحرُومُ ٿي مَري وِيا.
(آسا، ٤ _ ٢)

(٣٥)

ديکِيندي دِيدارَ کي، ڪِينَ سُڄاتو ڪُلَّ،
تازي طَوِيلَن ۾، آهي اِحاطو جُهلَ،
هُئا جي اَمُلَ، سي حِسابان هَڄي وِيا.
(آسا، ٤ _ ١)

(٣٦)

ديڳين دوڳَ ڪَڙهَنِ، جِتِ ڪَڙِئين ڪَڙڪو نہ لَهي،
تِتي طبيبَنِ، چاڪ چِڪَندا چَڏيا.
(ڪلياڻ، ٢ _ ٢٧)

## وائي- ١

دَرِدَ مُئيءَ جي جا دانُهون، ووا موٽُ، سَڄاجها سُپِرين!
مُون لَڳِيُون، مُون وسَهو، مُحَبَتَ جون مارُون،
مائِٽِنئان مُون سين گَهٽا، ڪُسَنَّ ڪيا ڪارُون،
سُکَنِ مُون سين ڪِينَ ڪيو، سُورَنِ لَڏيُمِ سارُون،
مُنهنجيُون شهرَ ڀَنڀورَ ۾، پَلپَلِ پَوَن پچارُون،
اَدِيُون! عَبدُاللَطِيفُ چئي، لَڳِيُمِ تَنَ اَندَرِ تارُون.
(سسئي آبري، ١١ _ وائي)

## وائي- ٢

دوسُ پيهِي در آيو، تِيو ملڻ جو ساعيو.
ڏينهين پڄاڻون آٽي اسان کي، مولي مُحب ملايو،
ويو وڇوڙو، ٿيو ميلاپو، واحد واءُ ورايو،
هو جنهين جو ڏسُ ڏُوراڏو، اوڏو اَڄ سو آيو،
عبداللطيف چئي، اَچِي عجيبن، پانَ فَضلُ فرمايو.
(يمن ڪلياڻ، ٤ _ وائي)

# ڏ

(١)

ڏَرتي ڏُونَه جِٺَن، سِرَ پِرَ سُپيريُنِ ڏي،
لَڳو آهِ، لَطِيفُ چئي، تَنُ پِريان ڏي تِٺَن،
حاصُلُ تِئي هِٺَن، قَرِينو قَرِيبَ جو.
(ٻروو سنڌي، ١ ـ ٥)

(٢)

ڏُرِيان ئي ڏاريان، مِٺَ مُئيءَ جا نہ ٿِيا،
مَدي ڏيرَنِ مَنَ ۾، کِلِيو کِيکارِيان،
صُبُوحِ تي سارِيان، تہ اُٺَ نہ اوطاقُنِ ۾.
(ديسي، ١ ـ ١٣)

(٣)

ڏُرِائين ڏارَ، جي وَڍِي وَڻَ جُدا ڪَيا،
تِـنِ سُڪَنِ ڪَهڙِي سارَ، تہ ڪِ اُٺا مِينهَن مَلِيرَ ۾؟
(مارئي، ١٠ ـ ٢)

(٤)

ڏَڳايو ڏَئين، ڇيرو اَندر ڇندڙي!
لڳي سِيخَ وُجُودَ ۾، سندي نِينهن نَئِين!
مُشاهدي تَنهِين، مون کي وِڏو مَچ ۾!
(يمن ڪلياڻ، ٣ ـ ٨)

(٥)

ڏنءُ ڏنءُ ڏمڻَ وار، اَڄ پڻ آڳڙين جي،
ٻاري مچ مَجازَ جو، اوتيائون اَڱارَ،
ڏُوڏا! ڏِيُ مَ ڏارَ، جِرَ ڪَچو رُڪُ ڪَٽيُون ٿئي.
(يمن ڪلياڻ، ٣ ـ ١٨)

(٦)

ڏَڻُ ڏارَڻُ، ڏارَ رَهَڻُ، اِيءَ نہ سَنگهارنِ سِٺَ،
ڪاهي اِيندا ڪَڏهِين، مَٿي وانڍِ وَهِٺَ،
جي هاٺُو هُوَنئي مِٺَ، تہ ٻہ اوڊو لاهِ مَ اُنِ جو.
(ڏهر، ٤ ـ ٢٧)

(٧)

ڏَٽِي سو وارِئين واءُ، جو ميڙائو سَجَٽين،
وَهي واٽَ مَٿاءُ، هِنئَڙي آسَرَ مَ لَهي.
(ڏهر، ٢ ـ ٨)

(٨)

ڏَٽي! ڪريندين ڪڏهين، حياتيءَ هيڪاندِ؟
من ۾ مُشتاقنِ جي، ڪي رنجائي راندِ،
پِرِينِ ڏيساندَرَ پاندِ، ڳُجهہُ ڳَرَهِيان ڪن سين؟
(ڪنيات، ٢ ـ ٩)

(٩)

ڏُوڏا! تون نہ ڏَئين! آڳ اوڏو نہ وڃين!
اُلا جي عشق جا، سي تَان تون نہ سهين!
اُيو لِٺَن چَئِين، تہ آئون آڳَڙيو آهيان!
(يمن ڪلياڻ، ٣ ـ ١٩)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڏ

(۱)
ڏاتارَ تہ تُون، ٻيا مڙئي مَڱڻا،
مينهَن مُندائتا وَسڻا، سَدا وَسين تُون،
جي گهرُ اَچين مُون، تہ ميرِيائي مانُ لَهان.
(پرڀاتي، ۱ـ ۲۶)

(۲)
ڏاتارَ ڏِکَ ڪَيا، پاڻا مَٿي مَڱڻين،
”مُون دَرِ ڇَڏِيو، مَڱڻا! مَڱين ڪوهُ ٻيا؟
تَڏهِن تو ٻيا، وِچان وِلها ڏينهڙا“.
(پرڀاتي، ۱ـ ۱۸)

(۳)
ڏاتارَ ۽ مَڱڻي، ڪونہ وَسيلو وچ،
سائِي تالَ تَندُن جي، سائِي چارَڻَ چِتَ،
جي هِتي جي هُتِ، تہ ڳالهِ مِڙيائي هيڪڙي.
(سورٺ، ۳ـ ۵)

(۴)
ڏاتَرا! مُون ڏيکارِيو، هوتَن جو حُضُورُ،
پرِيُن پَرچَڻَ جو ڪَيو، موتائي مَذڪُورُ،
اِيُ دوستَنِ جو دَستُورُ، جِئَن چِني ڇَڏِن ڪِينَ ڪي.
(بروو سنڌي، ۳ـ ۹)

(۵)
ڏات نہ آهي ذاتِ تي، جو وَهي سو لَهي،
آرِيُون اَبوجَهن جُون، سَپڙُ چامُ سَهي،
جو راءَ وَتِ راتِ رَهي، تَنهن جُڪي تان نہ ٿئي.
(پرڀاتي، ۱ـ ۱۰)

(۶)
ڏادي لُڪَ لَڪَن جي، پَٽَن پوءِ پَڇاءُ،
ڇِپَرِ ڪوسو واءُ، هَرِيا تو نيڻَ ڪَيا.
(ڪوهياري، ۲ـ ۱۱)

(۷)
ڏاڙهي رَتَ رَتِياسِ، ڏَندَ تہ ڏاڙهُونءَ گُلَ جِئَن،
چوڏهِينءَ ماهَ چَندَ جِئَن، پڙ ۾ پاڳِڙِياسِ،
ميڙِي ۾ مُحَمَّدَ جي، مَرُ مَرِڪي ماسِ،
تَنهن سُورِهَ کي شاباسِ، جو مَٿي پڙ پُرزا ٿئي.
(ڪيڏارو، ۵ـ ۹)

(۸)
ڏاڙهي رَتَ رَتِياسِ، ڏَندَ تہ موتِيُن ڳُتِيا،
چوڏهِينءَ ماهَ چَندَ جِئَن، پڙ ۾ پيشانِياسِ،
”اَللّٰهُ نُورُ السَّماواتِ وَالْاَرضِ“، جَلوو زَميناسِ،
”سِيمَاهُمْ فِيْ وُجُوهِهِمْ“، مُنهَن ۾ مَنَّ ڳُتِياسِ،
ڪَڪِرا ڪَربَلا جا، مادَرِ تي ميڙِياسِ،
قُتَنِ تان رَتَ ڦُڙا، عَلِيءَ تي اُڪَهِياسِ،
مِڙئِي معافُ ڪَياسِ، خالِقَ بَدلي خُونَ جي.
(ڪيڏارو، ۵ـ ۱۰)

(۹)
ڏاگها! ڪيمَ ڏِرو، آجا آرِياڻي اَڳِي ٿِيو،
موڙِي مَجَرَ تارِيُون، چانگا، ٿا چَرو،
آن تان حَرفُ هَرو، مُورائِين معافُ ٿِيو.
(ديسي، ۱ـ ۴)

(۱۰)
ڏاگهَن، ڏيرَن، ڏُونگَرَن، تِنهِي ڏِنَمِ ڏُکَ،
سي سَڀِ ياٺِيَمِ سُکَ، هيڪاندِ ڪارَڻ هوتَ جي.
(ديسي، ۱ـ ۲)

(۱۱)
ڏاگهَن، ڏيرَن، ڏُونگَرَن، ڏُکَن آئُون ڏَڏي،
پُڇان پيرُ پُنهونءَ جو، وجهان وِکَ وَڏي،
لِڪِي آئُون لَڏي، ناتَ پَٽنِ ڪيرَ پَنڌُ ڪري؟
(ديسي، ۱ـ ۳)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۱۲)

ڏاگهنئُون ڏيرَنِ، جي آندا ٻَردَ ٻَنيورَ ۾،
هَٽي چيلَ چَرا ڪَيا، وَهِ پئي وَهُڙَنِ،
ڪُڙيءَ ڪُڙِڪو اُنِ جو، هوندَ سُتي سُئو سَيَنِ،
ڏاندَنِ ساٿِ، سَيَّدُ چئي، پيادِيُون پَهُچَنِ،
جن جو پيرُ نہ لَڳو پٽيين، تن آيَم ساڻُ اُٺَنِ،
گُنگَنِ ۽ جُنگَنِ، مُنڊَّ اَسُونهِين ميڙَئين!

*(ديسي، ١ ـ ٩)*

(۱۳)

ڏانجهَنِ تي ڏانجها، ڏِنائُون ڏُکِيءَ کي،
لَڳِيَسِ نائُڪَ نِينهَن جِي، ڪُڙه اَندَرِ ڪا جا،
ٿَـرَنِ ۾ ٿاجا، ڪَري مُنڊَّ مِرُنِ سين.

*(ديسي، ٧ ـ ٣)*

(۱۴)

ڏاهي هُيَسِ ڏيهَ ۾، سَرَتِيُنِ مَنجهہ سُڄاڻِ،
ڪا جا پِيبِرِ ڪاڻِ، جِئَن مُنهُن مَٿاهون نہ ڪَٽان.

*(ليلا چنيسر، ٢ ـ ٥)*

(۱۵)

ڏائي چَڙهي ڏارَ تي، ٿو زاغُ ڪَري زارِيُون،
آٽِيو ڏِئي آتَڻَ ۾، سَنِيها سارِيُون،
ماڻِ ڪَرِيو، مارِيُون! تہ ڪَهِيو سُٽان ڪانگَ جو.

*(پورب، ١ ـ ١٤)*

(۱۶)

ڏائي چَڙهي ڏارَ تي، ڪا جا لاتِ لَتِي،
آتَڻَ ۾ اَندوهُ ٿِيو، سَگهي ڪانَ ڪَتِي،
ويڙهي مَنجِهہ وَتِي، ڪي جو ڪانگَ ڪَمائِيو.

*(پورب، ١ ـ ١٥)*

(۱۷)

ڏائي چَڙهي ڏارَ تي، ڪي جو ڪانگَ ڪَهِيو،
سُوريتيءَ سُورِ پَئي، پَهو پَٽِ هَنيو،
ڪامي اَرٿُ ڪَنيو، ويچاريءَ وِرُونهَن مان.

*(پورب، ١ ـ ١٣)*

(۱۸)

ڏُٿُ نہ ڪُـٽو ڏوٿِيين، جيڪِي ڏُٿُ ڪَرِينِ،
اُهَجاٽِيُون، عالَمَ جُون، اورِيائين آٽِينِ،
تِهان پوءِ ڏسِينِ، پِريان سَندِي ڳالَهڙِي.

*(ڪاهوڙي، ١ ـ ١٤)*

(۱۹)

ڏُٿُ گَهٽا ئي ڪَنِ، اِنَ اورانهين ڏيہَ جو،
سَندا ڪاهوڙِيَنِ، پَري سُڄَنِ پيچِرا.

*(ڪاهوڙي، ١ ـ ١٣)*

(۲۰)

ڏِٺانِ جي ٻَروچُ، مُون جئَن هوتُ اَکينِ سين،
مُون کي چَيانِ 'لوچُ'، پاٽا پيٽِيُون چِپَرين.

*(حسيني، ١٢ ـ ١)*

(۲۱)

ڏِٺَمِ اُٺَ اَکينِ سين، مانَ ٻاروچا هُونِ،
جِنين ڏاران پَـونِ، موريسَرَ اَکينِ ۾.

*(حسيني، ١٢ ـ ٢٩)*

(۲۲)

ڏِٺَمِ ڏُونگَريا، گهوري هُيَسِ جن جي،
مُون لوڏان ئي لَکيا، اَهڙا ٻاروچا،
آيَلِ! ڪوهِيارا، مُون ڪَرَلاهُو آئِيا.

*(حسيني، ١ ـ ١٣)*

(۲۳)

ڏِنو ڪالَھ ڪَنھين، جھُونجھارڪو جھَڳِڙو،
ھاٿِيُنِ ھَڏَ مُڄائيا، ريلو رَتَ نَئِين،
ياتِئِن سا سَنئِين، جِئان جِيءَ جوکو ٿِئي.
(ڪيڏارو، ۳ ـ ۱)

(۲۴)

ڏِنو مُحَرَّمُ ماهُ، سَنُڪو شھزادَنِ ٿيو،
جاٽي ھيڪُ اَللّٰهُ، پاڻَ وِٽَنديُون جو ڪَري.
(ڪيڏارو، ۱ ـ ۱)

(۲۵)

ڏِنو مُحَرَّمُ ماهُ، سَنُڪو شھزادَنِ ٿيو،
مَڪي، مَدِيني ماڙھين، رُنو مَتّي راهَ،
تَنھن واحِدَ کي واهَ، جو حُڪُمَ ھِھڙائي ڪَري.
(ڪيڏارو، ۱ ـ ۲)

(۲۶)

ڏِني تِيَمِ ڏِينھَن، ڪهُ جاٽان ڪھڙا پرين؟
نيڻَ پيرجي نِينھَن، پِلتيا پارِيُون ڪري.
(سھڻي، ۹ ـ ۲۱)

(۲۷)

ڏِني جادَمَ جَکري، چِتِ نہ پيا چَڙهَن،
تہ ڪي ڪُوهَ ڪَڄَنِ، جُہ سَرُ لِيي سَيرو؟
(بلاول، ۲ ـ ٦)

(۲۸)

ڏِني جن ھيڪارَ، صُورَتَ ساھَڙَ جامَ جي،
سُکِ ٿي سُتيُون ڪين ڪي، پيري ساڻ پِتارَ،
گِھڙيُون گھَرَنئان ڏارَ، ڪاھي پيئُون ڪُنَ ۾.
(سھڻي، ۱ ـ ۵)

(۲۹)

ڏِني ڏِياري، سامُونڊِيُنِ سِڙهَ سَنباهِيا،
اُنِ ڪي مُندَ اُتَرَ جي، اوچِتي آئي،
وَڻجارنِ وائي، آھي پَرِئين پارَ جي.
(سامونڊي، ۳ ـ ۱۸)

(۳۰)

ڏِني ڏِياري، سامُونڊِيُنِ سِڙهَ سَنباهِيا،
وِجھيو وَرُ وَنجھَ کي، روئي وَڻجارِي،
مارِيندَءِ ماري! پِرهَ سُوَرَ پرينِ جو.
(سامونڊي، ۳ ـ ۱۷)

(۳۱)

ڏِني ڏِينھَن تِيامَ، ڪهُ جاٽان ڪھڙا پرين؟
سَھسين سِجَ اُلھِي، واجھائيندي وِيامِ،
تِنين سالَ تِيامَ، جِنين ساعَتَ نہ سَھان.
(سھڻي، ۹ ـ ۲۳)

(۳۲)

ڏِني ڏِينھَن تِيامَ، ڪهُ جاٽان ڪھڙا پرين؟
وَلِنِ جَنّ وَرِيامِ، گُونڊَرَ غَمَ پِرِيَن جا.
(سھڻي، ۹ ـ ۲۲)

(۳۳)

ڏِجان ڏاتيءَ ڊولَ کي، سَنِيھو ساري،
مُون کي ڦَٽُ فِراقَ جو، مِينڌِرا! ماري،
اَڇِين جي واري، ڪَرَھو ڪَمِيٽِيءَ تي!
(مومل راڻو، ٦ ـ ۲)

(۳۴)

ڏِڏُ تي ڏانُ گھُرِيج تُون، ڇَڏِ وِڃا وِڃائي،
سَپَڙَ رات سَنباھِيا، تازِي تولائي،
جو ڄاڻي نہ ڳَئي، تَنھِن سين پيلي ڏَٽِيءَ ٻاجھ ڪي.
(پرڀاتي، ۱ ـ ۱۵)

(۳۵)

ڏري ۽ ڏاري، سَتَ سُورَن جي سَسُئي،
پيپائي پُنهونءَ ڏي، نِرمَلِ نِهاري،
لالَن جي، لَطِيفُ چئي، سُنهَن سَتي ساري،
پرِيتَڙو پاري، مارَڳ ۾ مُنڌ مُئي.

*(سسئي آبري، ۱ ـ ۲)*

(۳۶)

ڏسَنِ ڏهاڻي، تَپِ تَـرَسَنِ اوڏهِين،
آيا سُڃاڻي، نيڻَ نِهاري پِرينءَ کي.

*(آسا، ۲ ـ ۱۴)*

(۳۷)

ڏسَڻُ ڏسين جي، تہ هَمَہ کي حَقُّ چئين،
شارِڪَا! شَڪُ مَ ني، اَنڌا! اِنهيءَ ڳالهہِ ۾.

*(آسا، ۴ ـ ۱۰)*

(۳۸)

ڏسَڻُ ڏِکان اَڳِرو، سَسُئِي! آڻ مَ شَڪُ،
ٿِيُ بانهِي، پرِ اوئِيُون، لَڏ مَ پَسي لَڪُ،
وَرُ پُنهونءَ سين پَلَڪُ، ڪوءِ بارهَن ماهَ ٻِيَنِ سين!

*(معذوري، ۲ ـ ۹)*

(۳۹)

ڏسي ڏوري ڏُونگرِين، واٽَ وِڃائي جَنِ،
ڪُرنڊان ڪي پَـرُوڙيو، رَنـڌُ سي نہ رِڙهَنِ،
بيئي دارَ ڏيُون ڪيو، پيرَتِ تان نہ پُڄَنِ،
ڏوڙَ پِريان لَءِ ڏارِ ڪَيو، ويچارا وڃهَنِ،
خَبَرَ ڪاهوڙِيَنِ، آهي لِڪَ لاهوتَ جي.

*(ڪاهوڙي، ۳ ـ ۲)*

(۴۰)

ڏڪا، ڏُونگرَ جا مروُن، مَرُ تا مُون تي ڪَنِ،
پُڙندا ڪِينَ پرِيتِ تي، هِنَ جا سَڌَرَ تا سُڄَنِ،
سَڳائِيءَ جي، سَيّدُ چئي، آهي سُڌِ سِپِنِ،
هُونَدَ نہ هِتِ ٿَرنِ، پر قَرابَتَ ڪَمُ ڪيو.

*(معذوري، ۱ ـ ۱۲)*

(۴۱)

ڏڪا، ڏُونگَرَ جامَرا! مَ ڪَرِ مَعذُورِن تي،
توتي لَڄَ، لَطِيفُ چئي، آهي سَندِي عامَ،
مارِ مَ چَئِي مَعذُورِ کي، وَنهيا ڪانڌا! ڪَلامَ،
پَرچِج پِيادِنِ سين، اَللهَ لَڳِ، عَلامَ!
جا نَوازِي اَهنجي نامَ، سا، هوتَ! مَ ڇَڏِج هيڪِلِي.

*(سسئي آبري، ۲ ـ ۷)*

(۴۲)

ڏُڪا ڏُونگرا! لاهِ، آٿُون اَڳَ مُئي آهيان،
آرِياڻيءَ سين آهِ، ذاتي سَگُ ضَعِيفِ جو.

*(سسئي آبري، ۲ ـ ۹)*

(۴۳)

ڏُکَ سُکَنِ جي سُونهَن، گهوريا سُکَ ڏُکَنِ ري!
جنين جيءَ وِرُونهَن، سَڄَڻُ آيو مان ڳَري.

*(حسيني، ۲ ـ ۲۴)*

(۴۴)

ڏُکُ لَڳو، ڏُونگـرَ ٻَريو، پيـنـرُا! ڪاٽي پُون،
مَنان لاٿو مُون، سَندو جِتَنَ آسرو.

*(حسيني، ۲ ـ ۱۶)*

(۴۵)

ڏُکوئِنِ اُهجاڻُ، ڪُلهي قاتو ڪَنجُرو،
وَجِنِ ڳُونڊَرَ ڳَڏِيُون، لوڪَ نہ آڇِين پاڻُ،
سُورَنِ آسان ساڻُ، نَنڍئِي نِينهُن ڪَيو.

*(حسيني، ۱۲ ـ ۴۰)*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

(۴٦)

ڏکويُون ڏيهان، جيڪُسِ لَڏي ويئيُون،
هاڻي ڪِنِ مُلان، پُڇان پرين خَبَرُون؟

*(حسيني، ٦ ـ ١٧)*

(۴٧)

ڏکي تي ڏُڌورَ، لهسي لَنؤ پُنهونءَ جي،
ڏيئي آڳ اَتورَ، سَڀَ نہ ساڙي سَسُئي.

*(معذوري، ٦ ـ ۵)*

(۴٨)

ڏکي! ڏکُ مَتي ڪَري، وَنءُ چِپَر پيهي،
گَڏِبَئي ڏيهي، سُودِيُون ڏِينڌءِ خَبَرُون.

*(معذوري، ٦ ـ ٧)*

(۴٩)

ڏکي! ڏکَ وسارِ، سيجَ قِتي ڪَرِ، سَسُئي،
پَتين پيرُ نِهارِ، تہ آرِياڻي اُتان لَهين.

*(معذوري، ٦ ـ ٦)*

(۵٠)

ڏکيُون جان نہ مَرَّن، تان تان پَنَڌُ نہ ٿئي،
پِيُون هُنهَئين هَٿَ هَٿَن، رُئنديُون رُتَّن وارِيُون.

*(حسيني، ٦ ـ ١٨)*

(۵١)

ڏکيءَ توءِ ڏکارُ، توٽي وَسَن ميِنهَڙا،
صاحبَ هَٿَ سُڪارُ، هِنَ وَسِ آهين هَٿَڙا.

*(معذوري، ٦ ـ ٢٠)*

(۵٢)

ڏکيءَ توءِ ڏکارُ، سيٽَن ڏيهُ سُڪاريو،
باروچاٽو بارُ، سَيوئي سُواءَ سين.

*(معذوري، ٦ ـ ٢١)*

(۵٣)

ڏکيءَ ڏَمَرُ ناهِ، ٻُکيءَ ڪَلَ نہ اُڃهي،
اُگهاڙيءَ وهاڻُ، وِيو ويچارِءَ وسري.

*(معذوري، ٢ ـ ١)*

(۵۴)

ڏکيءَ ڏورَڻُ پاڻَ تي، ويچاريءَ وڏو،
ڏيلِ جنهنجو ڏکَ سين، سَپوئي سَڏو،
هُٿڙِسِ آگَ لِڏو، پوءِ تي ڪَري پَندَڙا.

*(معذوري، ۵ ـ ١١)*

(۵۵)

ڏکيءَ ڏيهاڻي، مُنيءَ مَتي هَٿڙا،
تنهن پَرِ نہ ڪاٽي، جنهن پَرِ جَئي، جيڏيُون!

*(معذوري، ٦ ـ ٨)*

(۵٦)

ڏکيءَ سَنديُون ڏونگرين، آڏيءَ آهُون پَوَن،
ڏاري جو ڏونگَرَ کي، سو کي چيو چَوَنِ،
آريءَ جي اَفسوسَ ۾، ماڙهو، مِرُون رُئَنِ،
اِن پَرِ سيئي هُوَنِ، هِنئڙا جن هَچي ويا.

*(معذوري، ٦ ـ ١٢)*

(۵٧)

ڏکيءَ سَنديُون ڏونگرين، اوچنگارُون اَچِن،
هَٿِي سانگ سَسُئيءَ کي، ڪلو ڪيو ڪيچِين،
جي هَتان هوتَ مَرَنِ، هوتُ تِنين جي هَنجَ ۾.

*(معذوري، ٦ ـ ١۴)*

(۵٨)

ڏکيءَ سَنديُون ڏونگرين، پَسو! پٿُون پَوَن،
مُئي پُڄاڻا مُنڌَ کي، روجهہ رُڃَنِ ۾ رُئَنِ،
پُوٽا اِيهين چَوَنِ، تہ "مُئيءَ آسانکي مارِيو"!

*(معذوري، ٦ ـ ١٣)*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٥٩)

ڏِڪيءَ سَنديُون ڏُونگرين، وَڻَ ٽِڻَ وايُون ڪَنِ،
وَٽان ويھي جَنِ، وَڍِيءِ سي واڍوڙيا.

(معذوري، ٦ ـ ١٥)

(٦٠)

ڏَمُر ڏِھاٽي ڏِي، سَندا ميھَرَ مِھٽا،
جَھليمَ ٽي جھوليءَ ۾، پَلئي پايو سي،
مَرُ جان چاليھَ چِي، سَڳان سُپيرينَ جي.

(سھڻي، ٥ ـ ١٣)

(٦١)

ڏَمريو تہ ڏَئي، پَرچي تان پاڻَ پَري،
جُنگَ جَڪري ڪي، ٻَئي ڇَڳيُون ڇِتَ ۾.

(بلاول، ٢ ـ ١٦)

(٦٢)

ڏَمَرَ پاسو ڏڪ سين، ڪاندِ ڪَشُوري ھوءِ،
’وَاللهُ مَعَ الصَّابِرِيۡنَ‘، آگو اِيھين چوءِ.

(يمن ڪلياڻ، ٨ ـ ١٣)

(٦٣)

ڏَمَرَ ڏُونگَرَ جامَرَ! سَڪَرَ، پاڻَ شَريڪَ سين،
ڪيھي ڪُلفَتَ تنھن سين؟ جا گولي اَھنجي گامَرَ،
وَرِج تُون وَرِيامَرَ! مُنھنجو اَچَڻُ ان گِري.

(سسئي آبري، ٦ ـ ٨)

(٦٤)

ڏنا جَنَّ لَءِ، جيڏيُون! ڏيرَن مُون کي ڏُڪَ،
پَڳِيَسِ جان پَنِيورَ کان، تان سُورَ مڙيئي سُکَ،
لَٿي مُون تان لُکَ، پُنھون ٿِيَسِ پاڻَھين.

(سسئي آبري، ٥ ـ ٣)

(٦٥)

ڏِنو ڪِينَ ڏِياچَ، تہ سائِلَ سِڪائي،
مُنھَن تي موٽائي، مَٿو ھَنيِسِ مَڱڻي.

(سورٺ، ٤ ـ ١٤)

(٦٦)

ڏِنِي ڏُکويا، اَڻَ ڏِنِي راضي ٿيا،
صوفي تي ٿيا، جَنُن ڪِينَ ڪنيائُون پاڻَ سين.

(يمن ڪلياڻ، ٥ ـ ٣)

(٦٧)

ڏوٿيا! ڪو اوٺيُن جو، مُون کي اُھجُ ڏِيو،
سَچُ ڪِ ساٿَ نِيو، پُنھون مُنھنجو پاڻَ سين؟

(حسيني، ١١ ـ ٨)

(٦٨)

ڏوٿِي سا ڏورِينِ، جا جُوءِ سُئِي، نہ ٻُڌِي،
پاسا مَٿي پاھَٽين، ڪاھوڙِي ڪوڙِينِ،
وِجا اُتِ ووڙِينِ، جِتِ نَھايَتَ ناھِ ڪا.

(ڪاھوڙي، ١ ـ ٨)

(٦٩)

ڏوٿيُن چِيُسِ ”ڏُورِ، ڪيچُ اَڳاھُون پَنڌُ ٿِيو“،
پاٽا چُڙھِي پُورِ، وِڪَ وِڌائِين وَتري.

(حسيني، ١١ ـ ٧)

(٧٠)

ڏُورِ مَ تون ڏوريچ، صَبُرُ ڪَرِ مَ سَسُئِي!
پُرَنُ چَڏِ پيرَن سين، وھَڻُ وساريچ،
سُکَنِ جا، سَيَدُ چَئي، لَاڳاپا لاھيچ،
ھِنئين ساڻُ ھَليچ، تہ پَنڌُ پاسي پَرِ نِبري.

(سسئي آبري، ٩ ـ ٦)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۷۱)

ڏور مَ ڏئان ڏارَ، ڏورڻُ گهٽو ڏاکڙو،
ڪوڙين لَکَ هَزارَ، اِنَ اونداهِيءَ اَنڌا ڪيا.

*(رامڪلي، ۹ – ۲۳)*

(۷۲)

ڏور مَ ڏِيهِ وِيو، پيرُ تُنهنجي پرينءَ جو،
وهَڻُ واٽڙِيُنِ تي، ڪيچِيُنِ رِيَ ڪهو؟
وِنڌرِ جو وِيو، سو اَللهَ! واري آڻِين!

*(سسئي آبري، ۷ – ۱)*

(۷۳)

ڏورڻُ گهٽو ڏاکڙو، ڏورج مَ رِءَ ڏئي،
تان تان هوئج حُجري، جان سين يارُ جئي،
جڏهن پاسي پانَ ٿئي، تڏهن ڇڏج تڪيو.

*(رامڪلي، ۹ – ۲۲)*

(۷۴)

ڏوريان، ڏوريان، مَ لَهان! ساٿي ڪالهُوٽا،
لاهي لاڏوٽا، سَفرِ ڪنهن سانگ ويا.

*(حسيني، ۷ – ۴)*

(۷۵)

ڏوريان، ڏوريان، مَ لَهان! شالَ مَ مِلان هوتَ!
مَنَ اندرِ جا لوچَ، مَچُڻِ مِلڻَ سان مانِي ٿئي.

*(حسيني، ۷ – ۳)*

(۷۶)

ڏوري ڏوري ڏيهَ، ماءِ! ڪاهوڙِي آئيا،
مَيَنِ پيرين کيهَ، ڪُهُ ڄاڻان ڪنهن پارَ جي.

*(ڪاهوڙي، ۳ – ۷)*

(۷۷)

ڏوري لَهُ ڏاتارُ، جمَ وهين ويسرو!
هَڪيو هوئج هوشيارُ، ڪنوڻ ڪنوَنديءِ اوچتي.

*(سريراڳ، ٦ – ۳)*

(۷۸)

ڏُونگرَا! تہ پيلي: ڏِجي ٻَنِ پيلِيُنِ ري،
ڪانَ چُلَندي چِپَرين، ساٿُس سَهيلي،
چوٽِيُون چنبيلي، جنَ تنَ جهاڳي اُڪتي.

*(ڪوهياري، ۲ – ۱۷)*

(۷۹)

ڏونگرَا! تون ڏاڍو، ڏاڍا! ڏاڍايُون ڪرين،
مُون تَنَ اَندرِ تيئَن وهين، جئَن وَڻُ وَڍِي واڍو،
اِيَ ڪَرَمَ جو ڪاڍو، ناتَ پٿرِ ڪيرَ پَنڌ ڪري؟

*(ڪوهياري، ۲ – ۱)*

(۸۰)

ڏونگرَا! پُونيِن ڪِيرَ، سَڄَڻَ ميخُون ڏونگرين،
هَهڙا سيڻَ سُڌِيرَ، ڪِينَ لَهَندينءَ ڪي پِيا.

*(ڪوهياري، ۲ – ۱۴)*

(۸۱)

ڏُونگرَا! ڏَسُ پرِيُنِ جو، قافَ، نہ ڏِئين ڪَلَ؟
قَطارِيا ڪالهَ ويا، توڏا توهين جهلَ ؟
سُٽي هوتُ هَڪَلَ، مانَ ٻُڌي ٻاروچو وَري!

*(ڪوهياري، ۲ – ۴)*

(۸۲)

ڏُونگرَا! ڏَسُ پرِيُنِ جو، قافَ، نہ ڏِئين ڪو؟
قَطارِيا ڪالهَ وِيا، توڏا وَتان ٿو؟
هوتُ مُئيءَ جو هو، ڪو ساڃَنُ اُنهيءَ ساٿَ ۾؟

*(ڪوهياري، ۲ – ۳)*

(۸۳)

ڏُونگرَا! ڏُکَ پَئي، ڪَيمِ تو سين ڳالهڙي،
پاٽا آئُون مُئي، سُورُ سُٽائي پرينءَ جو!

*(ڪوهياري، ۲ – ۸)*

(۸۴)

ڏُونگَرَ! ڏُکَ سَنداءِ، پِرِينءَ گَڏجان تہ چوان،
پِنِيءَ ٿِئين پَوارَئُون، پِيا ونگا وَرَ سَنداءِ،
چِڳِي ڪانَ ڪَياءِ، پِيرُ وِڃايُءِ پِرِينءَ جو.
(ڪوھياري، ۲ ـ ۲)

(۸۵)

ڏُونگَرَ ! ڏُکوئِيُون، تو ۾ اورَڻَ آئِيُون،
جي اَچِنِ قوڙَائِيُون، ڏِجَنِ دِلاسا تن کي.
(ڪوھياري، ۲ ـ ۱۰)

(۸۶)

ڏُونگَرَ! ڏُکويِنُ ڪي، دلاسا ڏِجَنِ،
گَھٽو پُڇجي تَن کي، جن وَتان هوتَ وَڃَنِ،
تُون ڪِيئَن سَندا تن، پَھَڻَ! پِيرَ ڏُکوئِيين؟
(ڪوھياري، ۲ ـ ۹)

(۸۷)

ڏُونگَرَ! ڏُکوِيَن ڪي، ڳَلِ نہ سُڪا ڳوڙَھا،
هُو جي پَھَڻَ پَٻَ جا، سي پَڃِي ٿِيا پورا،
ڳُونَدَرَ جا ڳھوڙَا، وَڃَنِ جانِ جُدا ڪَيو!
(ڪوھياري، ۲ ـ ۱۱)

(۸۸)

ڏُونگَرُ ڏٺا نوَڻ، مُون پارڪُو پُڇيا،
هيڪليُون هَلَنِ جي، سي تاڪُنِ سَندي تُوڻ،
اِيَ اَھُڪِي پوِڻ، سوُنَھَنِ رِءَ نہ سُترِي.
(حسيني، ۱۲ ـ ۲۴)

(۸۹)

ڏُونگَرَ! ڏوراپو، پَھِريون چَوَندِيَس پِرِينءَ کي:
"پَھَڻَ پِيرَ پٿُون ڪَيا، تَرِيُون ڇِنيُون تو،
رَحُمَ نہ پِيُءِ رُوحَ ۾، قَدُرُ مُنھنجو ڪو:"
واکو ڪَندِيَس: "ووا مُون سين جَبَلُ تو جاڙُون ڪَري!"
(ڪوھياري، ۲ ـ ۵)

(۹۰)

ڏُونگَرَ! ڏِيھاڻي، پاڻُ مَٿان تو گھورِيان،
تو مَنجِھ رِھاڻي، سَدا پاروچَنِ جي.
(ڪوھياري، ۲ ـ ۱۲)

(۹۱)

ڏُونگَرَ لَڳَنِ ڏِينھَن، مانَ وَرِڪَنِ سُپِرِين،
ڪَيَسِ نِماڻي نِينھَن، آيَلِ! پاروچَنِ جي.
(ڏھر، ۲ ـ ۱۷)

(۹۲)

ڏُونگَرَ! مُون سين رو، ڪَڏِي پارَ پُنھونءَ جا،
سڄَڻُ هوم هيڪڙو، ويو ڦوڙائي سو،
ڪنھن کي ڏِيان ڏوھُ؟ مُون سين اِرادي اِئَن ڪَيو!
(ڪوھياري، ۲ ـ ۹)

(۹۳)

ڏُونگَرَ! مُون نہ ڏُکوءِ، آئُون اَڳَ ڏُکوئي آھِيان،
سارِيان ڪونَ سُڪوءِ، سُورَ ڳھٽيئي سَنِپِران.
(ڪوھياري، ۲ ـ ۲)

(۹۴)

ڏُونگَرَ نہ ڏوٿي، ڏُونگَرُ سُڃو ڏوٿِيَنِ ري،
پُڇان پَرو ٿي، ڪِ ڏوٿي ڏُٿَ اَچِڻا؟
(ڪاھوڙي، ۳ ـ ۱۸)

(۹۵)

ڏُونگَرَ نہ ڏُوري، سِڪَڻَ جون سَڏُون ڪَري،
وِيني ڳَھِرِ ڳھوري، مَٿان پِرِينِ جِندُڙو.
(سسئي آبري، ۴ ـ ۲)

(۹۶)

ڏُونگَرِين ڏِسجَنِ، اَڄُ پِڻ رُيوُن اُن جوُن،
ڏوٿِيَڙا ڏُٿَ ڪي، آرَاڙان اَچِنِ،
خيما ڪاھوڙِيَنِ، اَڄُ نہ اُنھين پيٽِيين.
(ڪاھوڙي، ۳ ـ ۱۷)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٩٧)

ڏني سڪَ سَسُئيءَ کي، پيلياٽي پَروچَ،
لوڪَ وِچان ٿي لوچَ، نيٺي پَهُچائي پُنهونءَ کي.

*(حسيني، ٥ ـ ٦)*

(٩٨)

ڏاڳان سُهاڳِڻيُون، ڪَهڙي ڏوهه ڪَنبَن؟
وَرُ وِڏوتو اِيَهين، جِنَن جِنَن پانُ پَسَن.

*(ليلا چنيسر، ٢ ـ ١١)*

(٩٩)

ڏهاڙي ڏنمِ ڪيترا، جنين ماريو موڪَ،
گهَرَ ۾ گهاتوئڙَن جا، تَا مارينمِ توڪَ،
لَڏي وِچان لوڪَ، اُونهي ويا، اوهري.

*(گهاتو، ١ ـ ٦)*

(١٠٠)

ڏهلا مون ڏينهَن ٿيا، پيرِ، جامَ! جِيُون،
ڪَندي پَنڌُ پهاڙَ ڏي، تِيَڙمِ رُوحِ رِيُون،
لُڇيو ٿيان، لَطِيفُ چئي، ڪارَڻ دوست ڏيُون،
پانيان لَڪَ لِيُون، جي سُورَ پريانَ جا سانُ مُون.

*(سسئي آبري، ٩ ـ ١١)*

(١٠١)

ڏهين ڏينهن ڏکَ ٿيا، پريَنءَ پابوهيا پَسُ،
وَرقَ جي وِصالَ جا، سي واري ڪِيائُون وَسُ،
لَذائُون، لَطِيفُ چئي، سَندو گُروءَ گَسُ،
جوڳِيُن ڪَٿيو جَسُ، لِڪا پُٺَن لوڪَ ۾.

*(رامڪلي، ٢ ـ ١٠)*

(١٠٢)

ڏيا تيلَ ڦُليلَ جا، پارِيمِ تائين بانگَ،
دِولو ڏِٺَ رَهائيو، ڪَنهن سَناٽي سانگَ،
چانگي چِڙهي آءُ تُون، لالَ! ورائي لانگَ،
ڪوڙِين يَتين ڪانگَ، اُڏايام: اَچيج تُون.

*(مومل راڻو، ٤ ـ ٣)*

(١٠٣)

ڏيرَن ڏوهُ نـهِ، جيڏيُون! ماءِ! مڙو ئي مُون،
آئُون اَسُونهين، اُوءِ سُونهان، پرين پِلا پَـرَ پُون،
اَصُلِ آريءَ جامَ جو، پانڌُ نـه پُڄتوسُون،
جنهن جو تُونهين تُون، سي پيادِيُون پَهُچائِيين!

*(ديسي، ٧ ـ ١٤)*

(١٠٤)

ڏيکاريُس ڏکَنِ، گُونڌَرَ گُسُ پرينَ جو،
سُونهائي سُورَن، ڪِي هيڪاندي هَوتَ سين.

*(حسيني، ٦ ـ ٢)*

(١٠٥)

"ڏيَڻُ گهٽو ڏُهلو، سيي ڏيَڻُ سُکُ،
سو تان، ڏِياچَ! ڏُکُ، جو تَعَلُقُ رَکي تَندُ سين."

*(سورٺ، ٣ ـ ١٦)*

(١٠٦)

ڏيهاٽي ڏمَرُ ڪري، مَتي مُحبَتَ مُون،
تَنهن کي اَچي تُون، پريمِ! ڪوهُ نه پَلئين؟

*(سهڻي، ابيات متفرقه ـ ٨)*

(١٠٧)

ڏيهُ ڏيهان ئي ڏُورِ، پَرڏيهان پَري ٿيا،
سيِئَن ڪارَڻ سَسُئِي، پيئِي پَرانهين پُورِ،
تُون وَجِين، هوتَ! حُضورِ، مُنهنجو جِئَنُ جيلانهين ٿئي.

*(سسئي آبري، ٧ ـ ٣)*

(١٠٨)

ڏيهُ ڏيهائي ناهِ، جتي پيرُ نه پَکيان،
تتي ڪاهوڙِيان، وَرَ ڏيئي وَڻَ چُونڊيا.

*(ڪاهوڙي، ٢ ـ ١٠)*

(١٠٩)

ڏيئي ريجُ راڻَکَ کي، ڪيائين لوٽَڙيءَ تي لَلَ،
ڏلهي چَڏيائين ڏرَ کي، پاٽيءَ پَريائين پَلَ،
آندائين آبَ اُچَلَ، موڪَلَ ٿي مِينهَن کي.

*(سارنگ، ٣ ـ ٥)*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## وائي- ۱

ڏاگھن، ڏيرن ساڻُ، ڪَرهَنِ ڪيچيُن ساڻُ،
مَتان ڪا ٻي لَنوَ لائي!
آئُون سُتي، هُو هَليا، ويڙا ڪَرهَل ڪاهي،
آسَڻَ اَڳيان اُن جي، ”ٻَرا! ٻَرا!“ ڪَيو ٻاڏائي،
چِتُرَ ڏيئي چِتَ کي، ويڙا هوتُ ڇپائي،
جيڪا هُيَن مَنَ ۾، ويڙا پنهنجي پُڄائي،
اَديُون! عَبدُاللّطِيفُ چئي، اِيندَمِ واڳَ وَرائي.

*(ديسي، ۱ — وائي)*

## وائي- ۲

ڏُکَ لاهيندمِ ڏُونگَرَ، ووءِ! ماءِ! پِريُن جا مونکي سِڀيئي.
جو پَسان سو پانئيان، پِريان جو پَهي،
ڏادي ذاتِ جَتَنِ جي، ويئي ڏيلُ ڏهي،
آئُون ڏوريندي اُن کي، رائِي راتِ رهي،
ڏنا وَنَّ ڪوهيارَ جا، ويئي اُڃَ لَهي.

*(سامونڊي، ۳ — وائي۲)*

## وائي- ۳

ڏنو راءِ ڏِياچَ، هِيُ سِرُ صاحبَ تان صَدقو،
جِڏي هَليو هِتَهين، راڻيُون پَنهنجا راڄَ،
اَڳهيو دَرِ اَللهَ، جي ڪوڙين پُنَسِ ڪاڄَ،
مَگّي وَرِتو مَگّتي، کَهي ساڻُ ڪُماچَ،
اَديُون! عَبدُاللّطِيفُ چئي، تِيَسِ ڪَمَ سُڪاڄَ.

*(سورٺ، ۱ — وائي)*

## وائي- ۴

ڏورِ وَڃيو، ڏِينهَن لائي، ڪا سودِلَ کي سَمجهائي،
جيڏيُون! مُنهنجي راڻَلَ کي، ڪا ٻاجَهہ پَئي!
چِنا، مَنهَن، ماڙيُون، اوڏانهين اَڏائي،
ميڙ مُنجان تي، ميندِرا! تو دَرِ تيلاهي،
مَنَٺَ مُنهنجي ميندِرا! مانَ مَر موٽائي،
قَتيَلَ مينهَن فِراقَ جا، ويني وَسائي،
سودِا! سِرُ پڻ گهورِيان، آءُ ڪَرهو ڪاڪِ وَرائي،
لُڏُوٽِيان، لَطِيفُ چَئي، شَلَ پيرُ مُئيءَ ڏي پائي!

*(مومل راڻو، ۵ — وائي)*

## وائي- ۵

ڏُونگَرَ تي ڏوري، وندُرِ تي ووڙي،
جَتَنِ لَءِ، جيڏيُون! ڏُونگَرَ تي ڏوري،
سُورَ پائي تِيَسِ، سُڃَ ۾، جامَ پُنهَلَ ڪان اوري،
اُٺَ چاڙهيندِيَسِ اُن جا، ٺَڪَرَ پاسِ توري،
مَهارُون تن مَيَن جون، خُوبُ خوشيءَ مان جوڙي،
ڪاهي ڪَڏَ ڪيچيُن جي، ڪِينَ پُڇي، تَڙَ توڙي؛
اَديُون! شاهُ لَطِيفُ چَئي، آءُ، آري جامَ! اوري.

*(حسيني، ۴ — وائي۲)*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڊ

(۱)

ڊاتي گهڻا اَچِن، مَنُ سودي ونگسيو،
ڪا جا لائي مينڊري، لالي ڪي لِڳنِ،
راڻو اَکڙيَن، وِساريان، نہ وِسري.
*(مومل راڻو، ۴ ـ ۸)*

(۲)

ڏَٿِ ڏَري پَٽ پيئيُون، آيُون اَمَر ڪوٽَ،
پُسايُون پَلَرَ سين، سُڪا پَٽَ جي سوٽَ،
چنچَلَ ڏيئي چوٽَ، سَپ سامارو سَر ڪيو.
*(سارنگ، ۴ ـ ٦)*

(۳)

ڏَٿ ڏَري پَٽ پيئيُون، آيُون ڪاهي ڪاماري،
وَٺا پَٽَ پُراڻَ جا، وَنيُون ساماري،
ڪَکَرَ ۾ ڪاري، وِڄُڙيُن پَسو! ويسَ ڪيا.
*(سارنگ، ۴ ـ ۷)*

(۴)

ڏَٿ ڏَري پَٽ پيئِيُون، ٿيا وَلهارَن ويَ،
سِڄُ، چَنڊُ نہ پاڙيان، سيٽَن جي شَبيہَ،
جي جاني اَندَرِ جيءَ، سي پِرين پيهي گهَرِ آئيا.
*(سارنگ، ۴ ـ ۸)*

(۵)

ڏَٿ ڏَري پَٽ پيئيُون، پاسي پارِڪَرَ،
سَپيئي پَريا سَرَ، پَلَرَ جي پالوٽَ سين.
*(سارنگ، ۴ ـ ۵)*

(٦)

ڏَٿ ڏَري پَٽ پيئيُون، وڃُن ڪَيا ڏَرمَ،
واحِدَ وَڏائي ڪَيا، ڪُنڊَن ساڻُ ڪَرَمَ،
سَنگهارَنِ شَرمَ، رَکُ مُنهنجا سُپرين.
*(سارنگ، ۴ ـ ۱۰)*

(۷)

ڏَٿَ ڏَري پَٽَ پيئيُون، وڃُن ڪَيو واڇو،
پَکو پَنهنجي پِرينءَ لَءِ، سِبي ڪَرِ ساڇو،
سَڄَڻُ سَباجهو، پيچَ پِنيءَ گهرِ آئيو.
*(سارنگ، ۴ ـ ۹)*

(۸)

ڏَٿِ مَ وَڃج ڍولَ! ڪاٽياري ڪاڪِ ڪَري!
آئُون اَڳهين آهيان، ٻَڌي تُنهنجي ٻولَ،
توکي ساري، سُپرين! رُنُم مَنجهہ رَتولَ،
تِڪاٽا ءِ تولَ، وِسَهُ، مون وَهُ ٿيا.
*(مومل راڻو، ۷ ـ ۱)*

(۹)

ڏَٿين پَٽين ڍيرَ، مَهيَن، مارُوئَڙَن جا،
پاڻُرُ سَپ پَچي پيو، گهَرِ گهاريندي ڪيرَ؟
ڪوٺيين لَڳنِ ڪيرَ، مَحَلين مُنجهي مون هِنئون.
*(مارئي، ۹ ـ ۳)*

(۱۰)

ڍورُ نہ اَڳينءَ ڍارَ، مَهندِ مَلاحَنِ لَکيو،
موڙي چوڙيا مَکُڙا، پَسي پاڻيءَ پارَ،
جَسودَنِ جيها يارَ، پيڙا وِيرَ وماسَ ۾.
*(ڏهر، ۱ ـ ۱۰)*

(۱۱)

ڍولا! اولا نہ سَهان، آڏا اَڏيَءِ جي،
تو وَرا! وَهون ڪيتريُون؛ مُون وَرُ تُون وَري،
پِرتان پيرَ پَري، مَلهائج مِسڪين ڪي.
*(ليلا چنيسر، ۳ ـ ۱۳)*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۱۲)

ڍولا ڍيلَ مَ مُون، ڪانڌ! ڪَميٽي آهيان،
سِڪَ تُنهنجيءَ، سُپرين! پيري وِڏيَس پُون،
مُون وَرُ تُون ئي تُون: تو، وَرَ! وَهُون ڪيترِيُون.

*(ليلا چنيسر، ۳ _ ۱۰)*

(۱۳)

ڍولا! ڪُجاڙِيان، ٻولائِيو ٻوڏُ چِئِين؟
آئُون تو پيراندِيان، ڪَرَ موڙِيو، وَرَ! اُٿِيان!

*(ليلا چنيسر، ۱ _ ۱۷)*

(۱۴)

ڍولُ مَ ڪٽي ٻانهنڙي، پِرهَ مَ ڪٽي پاندُ،
آئُون پَنهِنجو ڪانڌُ، لوڪَان لِڪِي رانئِيان.

*(ڏهر، ۳ _ ۱۸)*

(۱۵)

ڍولي ڍِڪِي آهيان، هُيَس اُگهاڙِي آڳَ،
جوڙِي وِڇان جَڳَ، ڪَڪَرُ ڪَيائِينم ڪاڪِ جو.

*(مومل راڻو، ۸ _ ۱۰)*

(۱۶)

ڍولي ڍِڪِي آهيان، هُيَس اُگهاڙِي آنءُ،
رَکي پنهنجو نانءُ، ڪَڪَرُ ڪَيائِينم ڪاڪِ جو.

*(مومل راڻو، ۸ _ ۱۱)*

(۱۷)

ڍولي ڍِڪِي آهيان، هُيَس اُگهاڙِي،
ڏِيئِي لِڪَ لاڙِي، ڪَڪَرُ ڪَيائِينم ڪاڪِ جو.

*(مومل راڻو، ۸ _ ۹)*

(۱۸)

ڍولِيو وِيـڙهو ڏُورِ، تي ٿِي سيءَ گُذارِيان،
مادَرِ! مُون مَ چورِ، ناتَ پَڌَرِ پوندي پرينءَ ري.

*(سامونڊي، ۱ _ ۳۱)*

## وائي- ۱

ڏِکَ ڏِکيندو، مُون نہ ڇڏِيندو، شَفِيعُ شافعُ سُپرِين.
آنڌا، اُونڌا، آڪُڙِيا، سَڀِ نِباهي نِيندو،
واتان ويچارَن جي، داڙُون پاڻَ ڏرِيندو،
ڏُهارِن کي ڏاڪَڙا، لَکَ سَڀِ لَنگهائِيندو،
نُورُ نَاڪارو نہ ڪَري، مُحَمَّدَ مِنَٿَ مَڃِيندو،
هت هُت حامي هِـنِ جو، اَڳِيان آڏَرَ ڏِيندو،
طَهُورا تَڙِيَن کي، پاندَپُ پيارِيندو،
پاڻَ سُجاتي پاڻهين، ڪامِلُ ڪَرَمُ ڪَريندو،
تَنبُو آٿي تاءَ ۾، عاصِيَن ڪاڻِ اَڏِيندو،
داتا دوزَخِيُن تان، ليڪو لَهرائِيندو،
رَسَنَ وِيرَ رَسِي ڪَري، مُشڪَ رَنگُ مَٿِيندو،
"رَحمَةً لِّلعَالَمِينَ"، اَهُڪيءَ آگَہُ ٿِيندو،
اُتي عَبدُاللّطِيفُ جو، هادي هَٿَ جهلِيندو.

*(بلاول، ۴ _ وائي)*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ر

(۱)

راتِ ڏٺائين روجهه، ياڻءِ ڪِ اوني آئيا،
پريتَّتي پرينِ جي، سِڪَنَ ڪِي سبوجهہَ،
هُئي گهڻو اَبوجهہَ، سوَرَنِ سُنهائِي سَسُئِي.
(ديسي، ۵ – ۲)

(۲)

راتيان رِجهن رامَ سين، ڏينهان ڪَنِ سَنانُ،
جوڳي سي اِنانُ، وَٺُون جن ورهائِيُون.
(رامڪلي، ۹ – ۵۱)

(۳)

راتِ سَهائِي، پُون سَنئِين، پائِي! گهُرجي پَلُ،
آهُرَ ۾ ايلاچيون، چندن چَري چَلُ،
مون توئِي سين ڳالهڙِي، ٻئي ڪنهين مَ سَلُ،
هاهُرَ ڪندو هَلُ، تہ ڪِجايُون ڪَرَنِ ڪي.
(ڪنڀات، ۱ – ۲)

(۴)

راتِ سَهائِي، پُون سَنئِين، پِنُيُن وڏو پَنڌُ،
هلندي حَبيبن ڏي، ڪَرها! موڙ مَ ڪَنڌُ،
ٻَنڌَنُ سوئِي ٻَنڌُ، جو پهچائي پرينِ ڪي.
(ڪنڀات، ۱ – ۵)

(۵)

راتِ سَهائِي، پُون سَنئِين، پرتِ، نَئِين، پَنڌُ پَسُ،
ميا! محبوبنِ ڏي، وڃڻُ ڪجي، وَسُ،
راتِ هلي تون رَسُ، تہ خبر ڪَرِن نہ پوي.
(ڪنڀات، ۱ – ۸)

(۶)

راتِ سَهائِي، پُونءِ سَنئِين، پِرتِ نَئِين، پَنڌُ پُورِ،
ميا! محبوبنِ جي، هلي وانءُ حُضُورِ،
جي چِٽڪنِ چِتَ ۾، سي ڪِئن سَجَنَ ڏُورِ؟
اللهُ لَڳِ اَسُورِ، اُٿان ٿِي تي آءُ تون.
(ڪنڀات، ۱ – ۷)

(۷)

راجا جو راضِي ٿِيو، تَنهن ڏِنا وَڏا ڏانَ،
موتِي ڪارِيا مَڱتي، طَرحَ تُنبي ڪي تانَ،
"مُون وَٽِ مالَ مَتاعَ جي، ڪَمي آهيان ڪانَ،
ڪارَڻِ رَبَّ رَحمانَ، سِرُ وَڍِي، سُلطانَ! ڏي."
(سورٺ، ۲ – ۷)

(۸)

راجا رَنگَ مَحَلَ ۾، جاجڪُ سِرِ زَمِينَ،
جا هَنيائِين هَٿَن سين، سا سُئِي بالا بِينَ،
جِت اَچَنِ نہ اُرداٻيگيُون، اُتَ ڪوٺايو اَمِينَ،
"تازي ڏِيوسِ تَڪِڙا، جوهَرَ پائِي زِينَ:"
ٻِيو مَڱِي ڪِينَ، ڏاران سِرَ، سَيّدُ چئِي.
(سورٺ، ۲ – ۹)

(۹)

رامُ رَهِيُنِ ۾ رُوحَ، ٻَهَرَ ٻولِين ڪي ٻيو،
سَدائِين سَفَرَ ۾، مَٿا ٿِيَنِ مُوءَ،
سامِيَڙا صُبُوحَ، سارِيان گهڻو سَيّدَ چئِي.
(رامڪلي، ۶ – ۳)

(۱۰)

راتا! تُنهنجي راهَ تي، ڏِيهاڙِي ڏِيکان،
راتِي جِيءَ رِهاڻَ جُون، رُوحَ اَندَرِ رِيکان،
مُحَبَّتَ جُون ميکان: توسين، لالَ! لِپيٽِيُون.
(مومل راڻو، ۴ – ۱۱)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۱۱)

راڻا! رِهاڻِيُون، سوڍا، ويٺي سارِيان،
سَهَسين سِجَ اُلٽا، راتِيون وهاڻِيُون،
ڪوڙِين مُون ڪاٽِيُون: ڍولا! ڏِڪي، آءُ تُون.

*(مومل راڻو، ٦ ـــ ١٢)*

(۱۲)

راڻا! هُيَس رِيَ، تو سائِينءَ مُون سونُ ڪِيو،
مُنهنجي مَدايُن جو، حالُ اَتيئي هِيُّ،
ڍولِيا! ڏِڪَڻُ تِيُّ، ڪامِلَ! ڪچايُن جو.

*(مومل راڻو، ٨ ـــ ٨)*

(۱۳)

راڻا! نہ چاڻان، ڪِئَن وڏُوڙين؟ وَلَها!
اَچي ڪاڪ ڪَنڌِن ۾، پَرچي ڏي پاڻا،
مينڌِرا! ماڻا، تو رِءَ ڪَنديَس ڪِن سين؟

*(مومل راڻو، ٧ ـــ ٩)*

(۱۴)

راڻو پانيو راند، وَجِيو ڪِئَن وڙُ رائيين؟
وَرُ وڏُوڻو اِيهِين، جِئَن پَرُ پُڄتوءِ پاند،
هَيءِ! پَڳِيءِ هيڪاندِ، سوڍو سارِيندِينءَ گهڻو.

*(مومل راڻو، ۵ ـــ ٦)*

(۱۵)

راڻو رَبُّ راضي ڪَري، مانَ وَرائي واڳَ،
چَندَنَ سين چَڪَ ڪَري، مُومَل لنبي ماڳَ،
سوڍِي جي سُهاڳَ، ڏِٺُ مِڙوئي ڏِڪِيو.

*(مومل راڻو، ٩ ـــ ۴)*

(۱٦)

راڻو ڪا رات ويو، گُجِهي ڳالهہ ڪَري،
سوڍِي رِءَ، سَرَتِيُون! هَڏَ نہ ساهہ سَري،
وَجي مانَ وَري! آسائِتي آهِيان.

*(مومل راڻو، ۴ ـــ ٩)*

(۱۷)

راڻي جي رِهاڻِ مان، ڪو آديسي آيو،
چوڏهينءَ ماهَ چَنڊَ جِئَن، ڪِيو ساميءَ سَهائو،
لَٿو اُونداهو، جوڳِيءَ سَنديءَ جوتِ سان.

*(مومل راڻو، ٩ ـــ ١)*

(۱۸)

راڻي جي رِهاڻِ مان، ڪو آيو آديسِي،
ڪَٿُورِيءَ خوشِبُوءِ سين، وِلاتَ سَڀِ واسِي،
سُوڏو سَناسِي، اُتانهِين تِي آيو.

*(مومل راڻو، ٩ ـــ ٢)*

(۱۹)

راڻي رِڻُ ڪِيو، جيڏِيُون! مُنهنجي جِيءَ سين،
مَنُ مينڌِري وَڍِيو، ڏِٻي ڏَڙُ پِيو،
ٻُجهان، ٻَهَرِ ويو: هِنئُون هَنڌَ نہ هيڪڙي.

*(مومل راڻو، ٧ ـــ ٨)*

(۲۰)

راڻي ريپارو، تڏانهن مُڪو تَڪڙو،
لُڏُوڻيان، لَطِيفُ چَئي، ماڻِ موچارو،
صُبُحَ سَوارو، ڪاڪِ گهڙندو ڪَرَهو.

*(مومل راڻو، ٩ ـــ ٣)*

(۲۱)

راڻي سَندو رُوحَ ۾، پَسو! پَکَّهُ پيومِ،
پيڙيءَ جِئَن پَڌي ويو، سوڍو ساهُ سَندومِ،
وِهَڻُ وِهُ ٿِيومِ: جاڳِيو ٿي، جَرُ هارِيان.

*(مومل راڻو، ٧ ـــ ١٦)*

(۲۲)

راهَ شَرِيعَتَ هَلِيا، تَفَڪُرُ طَرِيقون،
حالَ حَقِيقَتَ رَسِيا، مَعرِفَتَ ماڳُون،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ناسُوتُ، مَلَڪُوتُ، جَبرُوتُ، اِيُ اِنعامُ لَڌون،
پَسُ لاهُوتُ لَنگھيون، ھاھُوتَ مَٿي هَليا.
*(رامڪلي، ٥ ـ ١٤)*

(٢٣)

راھُو! تُنھنجي رِيتِ، پَرَڪَنديِن پِڌري،
گھَٽا گھوڙَن چاڙھيءِ، مُسافِرَ مَسيتِ،
پُڇِين ڪانہ وِڏيتِ، جي آيا، سي آگھيا.
*(بلاول، ٢ ـ ١٠)*

(٢٤)

راھُوءَ جا رَھِيامِ، سَنيھا سَرِيرَ ۾،
پِيا دَرَ وِسرِيامِ، ڏِٺي جادَمَ جَڪري.
*(بلاول، ٢ ـ ٩)*

(٢٥)

رائو، رُڃَ، رَهُون، جِتي نِينهان نِڪَتي،
لَڳِيو پِيرَ لَکِن سِين، چِڃِيو تِيَن چِھُون،
تان ڪا سارَ لَھُون، ھوت! ڪَمِيٽِيءَ، سُپرِين!
*(ڪاھوڙي، ١ ـ ٢٠)*

(٢٦)

راءِ سِين رُنا جي، تِن جاڙيجَن جاڙ ڪِي،
ڪِئَن ماٽِيندا سي، چوڏھن چارو ڪَچَڙو؟
*(ڏھر، ٤ ـ ٣٣)*

(٢٧)

رائِي ڪِي رَنجُورَ، ٺَڪَرَ توءِ ٺاڪِيو چڙھي،
لانچِي لَکَ، لَطِيفُ چئي، هَلي ڏانھن حُضُورَ،
رَھِيا سَپِ رُڃِن ۾، سَسُئِيءَ جا سالُورَ،
ساڃَنُ مِيڙِيسِ سُورَ، سُکَ نہ ميڙِيسِ سُپرِين.
*(سسئي آبري، ٧ ـ ١٤)*

(٢٨)

رُني جا رِهاڻ، سا پِيَ پَھَني نہ ٿِئي،
ڪَنھن ڪَرَ وِڏي ڪاڻِ، پاٽا نِينھَن نِڪاليو.
*(آسا، ٤ ـ ٤٨)*

(٢٩)

رُڃُن ۾ رَڙِ ٿي، جَھري ڪَري جوءِ،
اِيَ نہ عَورَتَ هوءِ، اِيَ تان آهَ عِشقَ جي.
*(معذوري، ٧ ـ ٣٠)*

(٣٠)

رُڃُن ۾ رَڙِ ٿِي، ڪَرَ چِٽُونءَ جي چانگھارَ،
اِيَ عِشقَ جا اُپڪارَ، نَعرو آهي نِينھَن جو.
*(معذوري، ٧ ـ ١٩)*

(٣١)

رُڃُن ۾ رَڙِ ٿِي، ڪَرَ سارَنگِي سازُ،
اِيُ عِشقَ جو آوازُ، ماڙھو رَڪَنِ مُنڌَ تي.
*(معذوري، ٧ ـ ٢٢)*

(٣٢)

رُڃُن ۾ رَڙِ ٿِي، ڪَرَ ڪَرڪي ڪُونجَ،
نَعرو مَنجھ نِڪُونجَ، اِيَ آهَ عِشقَ جي.
*(معذوري، ٧ ـ ٢١)*

(٣٣)

رُڃُن ۾ رَڙِ ٿِي، ڪَر ڪووَلَ جي ڪُوڪَ،
وَلوَلو ۽ ووُڪَ، اِيَ تان آهَ عِشقَ جي.
*(معذوري، ٧ ـ ١٨)*

(٣٤)

رَڃِي جي رِيٽو ٿِيا، ڪِينَ اُباڻَجَن اوءِ،
ڪُنيُ نہ ڪاري تنھن ڪي، جو ھالاري ھوءِ،
توڙي ڏوبِي ڌوءِ، تہ لالي تَھِين نہ لَھي.
*(مومل راڻو، ٣ ـ ٦)*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٣٥)

رَڙي ريبارَڻ روءِ، اُيي ڏِنگر جَهلَ،
پَري هِتان پَلَ، ڪيتريُون ڪاهي وِيا!
*(ڏهر، ۴ ـ ۴٠)*

(٣٦)

رَڙي ريبارَڻ روءِ، اُيي ڏِنگر ڏارَ،
وَڃَن اَڃُ وَڳَ هَڪيو، سُڱَرِ جي سُوارَ،
ڪاڇي ٻِنين پارَ، ڏاڪو هِنِ جو ڏِسيين.
*(ڏهر، ۴ ـ ۴١)*

(٣٧)

رَڙي ريبارَڻ روءِ، واڙي پايو وَڇَڙا،
ڪَرا وِينَ ڪَنگهارَ ڪي، چينچَلَ اُيي چوءِ،
واڙي وَڃُ نـ ڪوءِ، لاکو لوڙائُن سين.
*(ڏهر، ۴ ـ ۴٢)*

(٣٨)

رُسُ مَ، رُسَڻُ گهوريو: اُٺُ اوراهُون آڻ؛
ليڙي جو، لَطِيفُ چَئي، تَنگُ سَوارو تاڻ،
شرمنديُون سَپين پرين، پُنيءَ لائـج پاڻ،
اَچي مُشڪَ ماڻ، تـ سودا! سُڪياٽي ٿيان.
*(مومل راڻو، ۵ ـ ۷)*

(٣٩)

رُسُ مَ، رُسَڻُ گهوريو: اُٺُ اوراهُون چوڙ؛
تو رِءَ ڪاڪِ ڪَڙي ٿِئي، ساڻُ سرڪَنڊ سوڙ،
اَچي چَندَنُ چوڙ، تـ، سودا! سُڪياٽي ٿيان.
*(مومل راڻو، ۵ ـ ۸)*

(۴٠)

رُسُ مَ، رُسَڻُ گهوريو: پَرچُ، مَ واڻءُ پَري؛
مارِيَسِ ڦَٿَ فِراقَ جي، ڇِهَتَ جي ڏَري؛
لالَن جي، لَطِيفُ چَئي، سُونهان ٿي سَري،
آيَسِ تو ڳَري، تـ، سودا! سُڪياٽي ٿيان.
*(مومل راڻو، ۵ ـ ۹)*

(۴١)

رُسُ مَ، رُسَڻُ گهوريو: ڇَڏِ، راڻا! ريڏائي،
مُنهنجي ميٺَ، ميندِرا! عاقِلَ! آڳلائي،
لِپيتِج، لَطِيفُ چَئي، ڪامِلَ! ڪَچائي،
ڪَرِ مَعافُ مَدائي، تـ، سودا! سُڪياٽي ٿيان.
*(مومل راڻو، ۵ ـ ١١)*

(۴٢)

رُسُ مَ، رُسَڻُ گهوريو: راڻا! ڇَڏِ رِياءُ،
ميٺَ مَدايُون، موٺُ تُون، ڪَري نِرتِ نِياءُ،
لالَن جو، لَطِيفُ چَئي، ڪونهي سُونهَن سِياءُ،
اَوڳُڻَ ڏِکي آءُ، تـ، سودا! سُڪياٽي ٿيان.
*(مومل راڻو، ۵ ـ ١٠)*

(۴٣)

رُسَڻُ نـ آهي، ريتِ، پَهَنيءَ پاهَڻَ ناهِ ڪو،
پَسو مَنجهِ پِريتِ، جيهائي جوڙ وَهي.
*(آسا، ۴ ـ ۵٠)*

(۴۴)

رَڱُون ٿيون رَبابُ، وَڃَن ويلَ سَپَڪَنهين،
لُڇَڻُ، ڪُڇَڻُ نـ ٿِيو، جانبُ رِيَ جَبابُ،
سوئي سَنديندُم سُپرين، ڪيَسِ جنهن ڪَبابُ،
سوئي عين عذابُ، سوئي راحَتَ رُوحَ جي.
*(ڪليان، ٣ ـ ۴۴)*

(۴۵)

روجهَه ڏِناٿين راتِ، هوٺ ڳوليندي حَبَ ۾،
ڪيچِيُن جي ڪَري ٿِئي، توءِ تِنين جي تاتَ،
پاروچاٽي ذاتِ، مَنان مُٺيءَ نـ وِسري.
*(ديسي، ۵ ـ ٣)*

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

(۴٦)

رُوحَ ۾ رَهِيُن رامُ، ٻَهَر ٻولين کي ٻيو،
پيالو پُرُ ڪَري، جوپَ پِيتائُون جامُ،
تِهان پوءِ تَمامُ، تِنِ تَڪيا تاڪي ڇَڏِيا.

*(رامڪلي، ٦ ـ ٢)*

(۴٧)

روضي تان رَسُولَ جي، ڪيو وِڄُڙِيُنِ وارو،
پَريائُون پِيرَ پَئي، نَظَرَ سين نارو،
هادي! پَرِ حُڪمَ سين، هِيُ تَڙُ تاسيارو،
نِرمَلُ نِظارو، پِيَ پَسايو پانهنجو.

*(سارنگ، ١ ـ ١٦)*

(۴٨)

رو، وِسائي راند، پَهَ پَرُوڙِج ساٿَ جا،
هوتَنِ سين هيڪاندِ، هُيَمِ ٻاتي ڏِينهڙا.

*(حسيني، ٩ ـ ۵)*

(۴٩)

روهه راماڻا ڪَنِ، اَڄُ پِڻ هَلَڻَ هاريُون،
ڪَرڳَلِ ڪونجڙِيَنِ، رائي ۾ راتِ ڪيو.

*(ڏهر، ۴ ـ ١)*

(۵٠)

رُوءِ راتي جي ناهِ ڪو، سوڍا ٻيا پـ سُڃانَ،
نِسوريائي نِينهَن جي، ڪَسيائِين ڪَمانَ،
ڇَڏي ويا چوهَ ۾، دَعوائُون ڍِيوانَ،
ٻي رَهيائي ڪانَ، ٿِيو مِڙوئي مينڌِرو.

*(مومل راڻو، ٣ ـ ١٢)*

(۵١)

رُوءِ راتي جي ناهِ ڪو، سوڍو سَپِين سُونهَن،
لاٿائين، لَطِيفُ چَئي، مَتان دِلِيَنِ دُونهَن،
ڪانهي ٻي وِرُونهَن، ٿِيو مِڙوئي مينڌِرو.

*(مومل راڻو، ٣ ـ ١١)*

(۵٢)

رُوءِ راتي جي ناهِ ڪو، سوڍو سَوائِي،
لُڏوُٺِيان، لَطِيفُ چَئي، لالِي تنهن لائِي،
ڪانهي ٻي وائِي، ٿِيو مِڙوئي مينڌِرو.

*(مومل راڻو، ٣ ـ ١٠)*

(۵٣)

روئي ڪَندينءَ ڪوهُ؟ هاڻي ڪو هوتُ وَري؟
جيڏِيُون! جيڏو ئي ڪيو، ساٿُس سينَ سَتوهُ،
ڏوهي اَٿِيان! ڏوهُ، مَتان ڪا مُون سين ڪَري!

*(حسيني، ٩ ـ ٧)*

(۵۴)

رويو وينِي راڳِ، اَمَڙَ! اوريان نِجهُري،
لاٿو مُون ڏيهَ وَٺِنِ سان، لاڳاپو ۽ لاڳِ،
ڏُونگَرَ سي ڏورِينديُون، جن اَندرِ ٻري آڳِ،
هوتاڻي! هِنَ ماڳِ، مُون کي ڇَڏِ مَ ڇپرين.

*(ڪوهياري، ٣ ـ ١)*

(۵۵)

رَهيا اَٿيئي راتِ، صُبُحَ ويندءِ صابِري،
لُنءَ لُنءَ مَنجهه، لَطِيفُ چَئي، ڪَرِ تنين جي تاتِ،
سَندي جوڳِيانِ ذاتِ، ٻئي ٻيري مَسَ مِڙِي.

*(رامڪلي، ٨ ـ ١)*

(۵٦)

رهي اَڄِجي راتڙِي، تن واڍوڙِين وٿاءَ،
جن کي سورُ سريرَ ۾، ڳهڻَ مَنجهاران ڳهاءَ،
لِڪائي لوڪاءَ، پاٺِين ٻَڌِنِ پَٽِيُون.

*(يمن ڪلياڻ، ١ ـ ١٣)*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۵٧)

رِءَ اِعرابيُنِ هتّ، گهَنگهَرُ گهارَنُ مون ٿيو،
'بَكَتِ العَيّنانِ في هَوَاكَ دَماً'، پُڄان سانُ پرتّ!
مَنُ، اَكِيُون، تَنُ تِتّ، جِتي جَنَبُ جيڏِيين.
(مارئي، ١ ــ ١٣)

(۵٨)

رُئان، تان راندِ؛ کِلان، تان کامي هِنئون،
اَكَڙِيُون ويساندِ، پِرِينءَ ڳَڏجي کَندِيُون.
(حسيني، ٩ ــ ٨)

(۵٩)

رُئان ٿِي، راڻا! هَنڌُ نهارِيو حُجِرا،
پيئِي کهَ کَٿِن تي، ٿِيا پَلَنگَ پُراڻا،
ڏَريائِي ڏُوڙَا ٿِيا، وَرَ رِءَ وهاڻا،
جايُون، گُلَ، جَباتَ، وَڻَ، تو رِءَ کُوماڻا،
مينڌِرا! ماڻا، تو رِءَ کَندِيَسِ کِنِ سين.
(مومل راڻو، ٧ ــ ١٠)

(٦٠)

رِءَ پِرِيان پَرَديسَ ۾، وِرِهَ وَڌِي کِي وَسَ،
اَكِيُون پارِ پِرِيُنِ جي، ٿيُون گامَ نِهارِينِ گَسَ،
ڏِيندا پانڌِي ڏَسَ، کِينءَ جُون آڻي خَبَرُون.
(پورب، ١ - ٢۵)

(٦١)

رِءَ قَرِيبَنِ قُوتُ کَيو، وِرِهَ چَران ويِني،
بانِيَڻِ کي بَروچَ ريَ، ٿي ڏُکَنِ سين ڏيِني،
تو پُڄاڻا سُپِرِين، آئُون سُورَنِ سانپيِتي،
جا مَرضِ مَرِيتي، سا، سَرَتِيُن! کِيئَن سَگهي ٿئي؟
(کوهياري، ۵ ــ ٢)

(٦٢)

رِءَ قَرِيبَنِ قُوتُ کَيو، ويِني وِرِهَ چَران،
اِنَ عَذابان اَڳهِين، مادَرِ! چونه مَران؟
اَدِيون! جو نه اَوهان، سو مان سُورُ، سَرَتِيُون!
(کوهياري، ۵ ــ ١)

(٦٣)

رِءَ مَصلَحَتَ مَڱڻا، قَصَرِ کِينَ اَچَنِ،
نُورَ تَجَلّو نُورَ سين، نِميو نيڻَ پَسَنِ،
خِيمي ۾ کَنگهارَ جي، چانڊُوڻا چِمَکَنِ،
لَڏائِين، لَطِيفُ چئي، سَندا ڏاڻَ ڏِسِيّنِ،
تيلان مُلکَ ڏِٺِينِ، مَجِيو مَڱڻهارَ کي.
(سورٺ، ٤ ــ ١)

(٦٤)

رُئَنُ ۽ راڙو، مُون نِماڻِيءَ جي نِجهُري،
کُنَلِ کي قَلبَ ۾، قُربَ جو کاڙهو،
هوتَنِ لَءِ هاڙهو، رِجائِيندِيَسِ رَتَ سين.
(حسيني، ٩ ــ ٦)

(٦۵)

ريبارَڻ روئي، واڙي وِڏا وَڇُڙا،
سَمُورا سوئي، هَٽي هِتان ساٿَ وِيو.
(ڏهر، ٤ ــ ٣٩)

(٦٦)

ريبارَڻِ! ريِجهاءِ، لاکو لُولاٽِيُنِ سين،
سائُو مانَ سَندِياءِ، ٿَڻُ مَٿائي ٿاکُرُو.
(ڏهر، ٤ ــ ٣٨)

(٦٧)

ريگَڙِيارا رَمِيا، لُوٽِيَسِ لانگوٽِيَنِ،
مُنهنجو جِيُ جَلائِيو، اَندَرِ آدِيسِيَنِ،
هَيءِ! هَيءِ! مَنجِهه هَٿَنِ، وَڃائي واٿَ ٿِيا.
(رامکلي، ٦ ــ ١٤)

## وائي- ١

راڻا جي رَجِپُوتَ، مُومَلِ سَهي پَسَندا،
پَڙهيا، پَنّتَ، پِيرَ: توڙي ميرَ، هَميرَ، مَرَندا،
مَجي رَضا رَبَّ جي، هِنَّان سَڀِ هَلَندا،
کَلمي ساڻُ لَڏائين، هادي! هِنَ هَندا،
سَهڪي سَڪراتِ ڪَرِين، والي! وير وداعَ،
اُهڪيءَ وير اَچيج تُون، اُتي، اَحمَدا!
مَتان ڇَڏئين مَڳڻو، مَهدان، مُرشِدا!
"ڪُلُ نَفسٍ ذَآئِقَةُ الَموتِ"، سَچي اِيَ صَدا!
اَصل لِکيو اَنگَ ۾، ٿِيندو تان پ اَدا،
اَديُون! عَبدُاللَطِيفُ چئي، فائِقَ فَضُلَ ڪَندا.

*(مومل راڻو، ٢ _ وائي)*

## وائي- ٢

راوَلُ رَهي نہ راتِ، جيڏيُون!
مُنهنجو راوَلُ رَهي نہ راتِ.
کوهُ ڪَرِينديَس ڪانڌُ ريَ، وهاڻيءَ پِرِيات،
مٿَ نہ مَعذُورِن جا، ڪا جا جوڳيءَ ذات،
لَڱِمِ لاهُوتِيُن جو، مَنجهان ڪِينَرَ ڪاٿُ.

*(رامڪلي، ٩ _ وائي ٢)*

## وائي- ٣

رُندي راتِ وِهاءِ، مُون کي رويو راتِ وهاءِ،
عُمَرَ! ميان سُومِرا!
آڻُون بَندياڻي بَندَ ۾، ڪِ ڪي بَندِ پِيا؟
مُون کي ڏيهان نڪري، پ تُوکَ ٿِيا،
هڪُ عُمَرَ مَندِيا مامِرا، پيو مارُو ٿَر ٿِيا،
عُمَرَ! بَندِياڻِين سين، جورو تو نہ جُڳاءِ.

*(مارئي، ٧ _ وائي)*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ز

(١)

زاغَ! تُنهنجيءَ ذاتِ جو، تورو مَتي مون،
اُڏامـج، عَبدُاللّطيفُ چئي، صُبحَ سيڻَن ڏون،
ڪَج وينتيون وَتريون، پاجهائـِج پهُون،
تـہ ”لالَنَ! ڪونَ لهُون، جهو تو جهانَ ۾.“

(پورب، ١ ـ ٢٦)

(٢)

زيريين پيڙيين لوهَ ۾، ڳـنَـنِ ڪَـيَس ڳاهُ،
سَنڪي سَندي سُومري، هَڏِ نـہ چاڙهيُم ماهُ،
سَرَتيُون! دُعا ڪَجاهُ، تـہ پـَرَمُ پاروڙيءَ رَهي!

(مارئي، ٦ ـ ١٩)

## وائي-١

زاري سا زاري، اَلو! پَلو! ڪوهياري سانڱ،
آئُون جا ڪَنديَس زاري.
ڪِينَ جُنديَس، جيڏيُون! سُورَ پريان جي آئُون ماري،
اُنَ ڳُنگائي هَليا، بوتَا هُڻِن باري،
ڪَري ڪوهيارو هَليو، مُون سين قيامَتَ ڪاري،
مانَ ورمَنِ وِچَ ۾، اولاٽي آري،
هندُوئَنِ جَنَن هولي ڪَري، مُون ڏوڙِ مَٿي تان واري،
لالَنَ لَڳِ، لَطِيفُ چئي، واجهائي تي ويچاري.

(ڪوهياري، ٦ ـ وائي ١)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## س

(١)

ساٿرِ صحتَ، سُپرين، آهي نہ آزارُ،
مجلسَ وير مٿو ٿئي، ڪوٺيندي ڪهارُ،
خنجرُ تنهن خوبُ هٿي، جنهن سين ٿئي يارُ،
صاحبُ رَبُّ سَتّارُ، سوجهي رَڳُون ساهَ جون.
*(ڪليان، ٣ ـ ٥)*

(٢)

ساٿِي توءِ هَلَنِ، پَٿر جي وارَ ڪَريان،
جيڪَسِ پاروچَنِ، ڪو ڏِٺو عَيبُ اَڪين سين.
*(حسيني، ٤ ـ ٦)*

(٣)

ساٿي نہ پَسان سي، جي هُٿَر هنئين ٿوٽيُون،
هاٿي ڪِنين جي، وَجيو اَڳَڻِ اُپيان؟
*(حسيني، ٤ ـ ٨)*

(٤)

ساٿِيَن سَئِين نہ جاڳين: پوءِ ڪُجاڙيان روءِ؟
اِيَ پَرِ ڪُپَرِ هوءِ، جِنَ هوُ سانگي، توُن سُمَهين.
*(حسيني، ٤ ـ ٧)*

(٥)

ساجَنَ ڪارَڻ سُجَ، مَرُ قَبُولي سَسُئِي،
اَندرِ جنين اُجَ، پاڻي اُجيو اُن ڪي.
*(سسئي آبري، ١ ـ ٨)*

(٦)

ساڄَنَ! سِپاهي، آٿُون اوهانجو آهيان،
اَچان ويلَ سَيڪَنهين، وَڃان واجهائي،
لالَنَ! تو لائي، ڪِيڪارِيَم ڪَرَن ڪي.
*(برو سنڌي، ٢ ـ ٧)*

(٧)

سارِج سَپيئي، ليلا! لَڪَڻَ پانهنجا،
وَرَ سين وڙهيو اُٿيئين، ڏوراپا ڏيئي،
نہ جاڻان ڪَيهي؟ چَنيسَرَ جي چتَ ۾.
*(ليلا چنيسر، ٢ ـ ١٣)*

(٨)

سارَنگَ! سارَ لَهيج، اَللهَ لَڳِ اُڃيَنِ جي،
پاڻي پُوجَ پَٽَنِ ۾، اَرازن اَنَّ ڪَريج،
وَطَنُ وَسائيج، تہ سَنگهارَن سُکُ ٿِئي.
*(سارنگ، ١ ـ ٢٩)*

(٩)

سارَنگَ سائِي سٿَ، جَهڙِي لالِي لاکَ جي،
اِئَن سي اُڀِنَ اَنگيا، جِئَن سي چُنيءَ چٽَ،
بَرسيو پاسي پٽَ، پَريائِين ڪَنَ ڪَراڙَ جا.
*(سارنگ، ٢ ـ ١)*

(١٠)

سارَنگُ سِينگاري، وِڄُون وَسَنَّ آئِيُون،
بَرسي پَٽاري، پَرِيا پَٽَ پُرانَ جا.
*(سارنگ، ١ ـ ٣٣)*

(١١)

سارَنگَ سِينگاري، وِڄُون وَسَنَّ آئِيُون،
مُون کي کَنوَڻَ خوش ڪَيو، جا ڪَڪَرَ ۾ ڪاري،
جُهڙَنِ جُهونگاري، لاٿُمِ ڪَٿُ قُلُوبَ تان.
*(سارنگ، ١ ـ ٣٤)*

(١٢)

سارَنگَ کي سارِين، ماڙهُو، مِرگهہ، مينهيُون،
آڙيُون اَبَرَ آسري، تاڙا تَنوارِين،
سِپُون جي سَمُوندَ ۾، نَئين سِجَ نِهارِين،
پَلَرُ پيارِين، تہ سَنگهارَن سُکُ ٿِئي.
*(سارنگ، ١ ـ ٣٠)*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٣)

سارَنگَ کي سعيو، توکي سعيو نہ ٿئي،
گُڙي تو گُمانَ ۾، آيو کي آيو،
هارِيُن لَءِ هَرُ هَرجاءِ ۾، هاديءَ هَلايو،
مَتان اِئن ڀانيو، تہ بادَلَ آهِ بَسِ کي.

(سارنگ، ١ _ ٣٢)

(١٤)

ساريان تي سَبِيلَ، پُرِ تقصيرون پانَ ڏي،
مَتان موُن کي ڇڏئين، آرِي جامَ اَصيلَ!
وَرُ، وِلهنِ جا وَسِيلَ، رَسُ رَهبَرَا! راهَ ۾.

(کوهياري، ٥ _ ٨)

(١٥)

سارِي راتِ سُبحانُ، جاڳي جن ياد ڪيو،
اُن جيَ، عبداللطيفُ چئي، مٽيءَ لڌو مانُ،
ڪوڙين ڪَنِ سَلامُ، آڳهِ اَچيو اُن جي.

(سريراڳ، ٢ _ ٢)

(١٦)

ساري رات سُبحانَ، سودو ڪن صاحبَ سين،
ٻانهپَ ٻَري ٻيڙيُون، هليا جوبَ جُوانَ،
ٻاٽي پهلوانَ، لَحظي منجهہ لنگهي ويا.

(سريراڳ، ٢ _ ٦)

(١٧)

ساري راتِ صاحبَ کي، ڳَڙهہ ٻَرَ ڳايائين،
اُنَس ماٽڪَ مِينهَن جِنَن، هَٽِ نہ ڇُٽائين،
تي لائقُ لَڏائين، جِنَن هو ميراثي مَڱڻو.

(سورٺ، ٢ _ ٢)

(١٨)

ساري سِڪُ سَبَقُ، شريعَتَ سَندو، سُهٽِي!
طَرِيقَتان تِکو وَهي، حَقيقَتَ جو حَقُ،
مَعرِفَتَ مَرَڪُ، اَصلُ عاشِقنِ کي.

(سهڻي، ٣ _ ١٠)

(١٩)

سا سِٽَ ساريائون، اَلف جنهن جي اَڳَ ۾،
"لامَقصُودَ فِيَ الدّارَيَن"، اِن پَرِ اُٿائوُن،
سَگُرُ سوٽائون، ٿيا رَسيلا رحمانَ سين.

(يمن ڪلياڻ، ٥ _ ٢١)

(٢٠)

سا سِٽَ نہ سارِين، اَلف جنهن جي اَڳَ ۾،
ناحقُ نهارِين، پنا پيا پرينءَ ليءِ.

(يمن ڪلياڻ، ٥ _ ٢٠)

(٢١)

سامُونڊِي! تو سَنبَهِين، ساچو جَهلِ سُکانُ،
لَڳِي واءُ وَڏاندَرو، مُنجهائي مَهرانُ،
جنِين ڀانيو ڀانُ، ڪَري توائِي تن کي.

(سريراڳ، ٦ _ ٧)

(٢٢)

سامُوندي ساري، مَٽي تَڙ گُذاريان،
مونکي تِي ماري، اُنين سَندي ڳالهڙي!

(سامونڊي، ١ _ ١٦)

(٢٣)

سامُونڊِيَڪو سَڳُ، آهي گوُندَرَ گاڏُئون،
اَنگُنِ چاڙهي اَنگُ، وِيو وَٽِجارو اوهِري!

(سامونڊي، ١ _ ١٨)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۲۴)

سامُونڊيءَ ساري، ماءِ! منهنجو جندڙو،
بَندَرِ ويچاري، وجي لاتا ڏِينهَڙا.
(سامونڊي، ۱ _ ۱۷)

(۲۵)

سامي! تُون سُلُوڪَ ڪي، هَتان هَڏِ مَ چِڏِ،
لَڏِيندَنِ سين لَڏُ، تہ رَهِين تُون راڄَ ڪَري.
(رامڪلي، ۹ _ ۲۷)

(۲٦)

سامي چائِين، سُڪُ طَلَبئين، تَسا ڏئين نہ تَنَ،
ماڙهن ڪان مِنهُن ڪَيو، پِنين آتا ۽ اَنَّ،
ڪاپَـڙي! تو ڪَنَ، ڪِ چِيرايا چِشَنِ لَءِ؟
(پورب، ۲ _ ۵)

(۲۷)

سامِي چائِيين، سُڪُ طَلَبِئين، سِڪِئين نہ، سامِي!
اَچا اورِئين پَنڌَ ۾، وينئين وسامِي،
گُـرَ ڪي توُن نہ گَڏِئين، چائِيين اِنعامِي،
دائِمُ مُدامِي، پوُرو رَهِج پِرينءَ سين.
(پورب، ۲ _ ۴)

(۲۸)

سامِي ڪامِي پِرينءَ لَءِ، ڪُسِي ٿِيا ڪَبابُ،
جَهڙو ڏِسَنِ ڏوهَ ڪي، تَهڙو تـنِ ثوابُ،
اوتِين اَرِتي گاڏُئون، مَنجهان اَڪِيُنِ آبُ،
سَندو ذاتِ جَوابُ، توُن ڪِئَن پُڇِين تـنِ ڪي؟
(رامڪلي، ۳ _ ۱۳)

(۲۹)

سامي! مَڙهِي سَندِياءِ، سامُهين موُن سيلهہَ ٿِي،
سا تان ڪُہُ اَڏِياءِ، جان نانگا وَڃِين نِڪِري؟
(رامڪلي، ۳ _ ۱٦)

(۳۰)

سامِيُنِ سِڱُ ڪُلَهِنِ تي، سَنڱُ مِڙوئي سُورُ،
ڪَهَندا وِيا ڪابُلَ ڏي، ڪو جو پيـڙُن پوُرُ،
مَڙهِيءَ جو مَذِڪوُرُ، ڪالهہَ ڪَندا وِيا ڪاپَڙِي.
(رامڪلي، ۳ _ ۱۴)

(۳۱)

سامِيُنِ سَمَرُ سُورَ، گُوندَرَ گَبرِيُنِ ۾،
جَڙي بَڏائُون جانِ ۾، پيغامَنِ جا پُورَ،
آديسي اَسُورَ، وَڃائي واٽَ ٿِيا.
(رامڪلي، ۳ _ ۱۵)

(۳۲)

سانپارا سَڏُ ڪيو، اُيا چَـوَنِم: 'اَچ'،
هڪ تِڪوئي تارِ وَهي، بيو هَٿِ ڪَميٽِيءَ ڪَچُ،
ساٽي جِنين سَچُ، بُجهان سي نہ بُڏنديُون.
(سهٽي، ۷ _ ۱۱)

(۳۳)

سانپارا سَڏُ ڪيو، اُيا چَـوَنِمِ: 'آءُ'،
هڪ تِڪوئِي تارِ وَهي، بيو لـُڙُ، لَهريُون ۽ واءُ،
ساٽِي جن اَللهَ، بُجهان سي نہ بُڏنديُون.
(سهٽي، ۷ _ ۱۰)

(۳۴)

سانپارا سيئِي، تَنُ جنِين جو طالِبُ،
مَنُ پِريان نيئِي، پَڳهِيو پاڻَ ڳَري.
(سهٽي، ۷ _ ۱۴)

(۳۵)

سانڊَهِ سَپ دَرِياهُ، پري ڪَنڌِي پارَ جِي،
چَڪِي چوليءَ ۾ گهڙِي، جتي جِيَّ وڙاهُ،
پَسيو ڏوهَ ڏڪِي هنئون، آرَ مَٿي اَرِوَاحُ،
جي توهُ ٿئي توڏانهُن، تہ وِيرَ وهَيٽو ناهِ ڪِي.
(سهٽي، ۵ _ ۱)

(٣٦)

سانڊهِ سَپ دَرياهُ، پري ڪَنڌي پارَ جي،
ڪَنبي هِنئون ڪما حَقَّہ، آرَ مَتي اَرواحُ،
دِلاسي دارِينَ جي، سانچيو سانچي ساهُ،
جي توهُ تُئي توڏانهن، تہ وِيرَ وَهيٽو ناهِ ڪي.
*(سهڻي، ۵ ـ ٢)*

(٣٧)

سانڊِ پَنهنجي ساهِ، پانهين تي پُورا ڪَريان،
واڳِيُون جي وَرَنِ سين، تَن سَرَتِيُنِ سيجَ سُهاءِ،
مُون ڪي طَعنا تي ڏِئين، مُون جڳَن مُنِّيءِ نہ، ماءِ!
آريءَ جي آڪاهِ، رُلايَس روهَنِ ۾.
*(حسيني، ۵ ـ ٣)*

(٣٨)

سانگهارو سُورَن، ڪڏهن تان ڪونَ ڏنو،
پائِڙ پوڙ وَهَنِ، ڪالهُوٽِيان اَڄُ گهڻا.
*(حسيني، ٦ ـ ٩)*

(٣٩)

سانونڻ گهڙي سَپِڪا، هِيءَ سَرَهي سياري،
تَنُ وڌائين تارِ ۾، اَرواحَ جي آري،
مُحبَتِي ماري، ڪونهي دادُ دَرياهَ ۾.
*(سهڻي، ٣ ـ ١٧)*

(٤٠)

سانونڻ لَهرِيُون، تُرَ واري، تَرَ وارَ،
اِنهان ٿِي اَپارَ، مُون سين پَلي پالَ ڪيا.
*(سهڻي ابيات متفرقہ ـ ١٥)*

(٤١)

ساهَڙ جا سِينگارَ، اَنَّ لِکيا اَگي هُئا،
نڪا 'ڪُنْ فَيَڪُونَ'، هئي نڪا ٻِي پَچارَ،
مَلَڪَنِئان مَهَندِ هُئِي، توڏِيءَ جِي تَنوارَ،
مُحَبَتَ سانُ ميهارُ، لايائين لَطِيفُ چئي.
*(سهڻي، ٦ ـ ١)*

(٤٢)

ساهَڙ ڏاران سُهڻِي، اَڏوتي آهي،
ڪُنڍِيُون جو ڪاهي، پاسي تِنين پاڪَ ٿئي.
*(سهڻي ابيات متفرقہ ـ ١)*

(٤٣)

ساهَڙ ڏاران سُهڻِي، آهي ۾ آزارَ،
ڏَمَر پاسي ۾ ڏُکَندو، صِحَتَ وَٽِ سَنگهارَ،
توڏِيءَ سَندي تَنَ جِي، دَوا ۾ ديدارَ،
جي پَسي مُنهن ميهارَ، تہ سِگهيائي سَگهِي ٿئي.
*(سهڻي ابيات متفرقہ ـ ۵)*

(٤٤)

ساهَڙ ڏاران سُهڻِي، نِسورِي ناپاڪَ،
نَجاسَتَ ناهِ ڪري، اُنين جِي اوطاقَ،
هوءِ جي ڪِيرَ پياڪَ، پاسي تِنين پاڪَ ٿئي.
*(سهڻي ابيات متفرقہ ـ ٢)*

(٤٥)

ساهَڙ ڏاران سُهڻِي، هِيَ تان جُهڪِي زالَ،
توڏِيءَ تَپُ شروع ٿيو، هَيءِ! هِيٽِيءَ جي حالَ،
جَڏِيءَ رِءَ جَمالَ، اَگهِي تِي آهُون ڪري.
*(سهڻي ابيات متفرقہ ـ ۴)*

(٤٦)

ساهَڙ ڏاران سُهڻِي، هيَ تان جُنبي جوءِ،
هِنَ پاٽِيءَ سين پانهنجو، مُوڙ نہ مَتو ڏوءِ،
جي پرينءَ پاسي هوءِ، تہ ڪَرَ توڏِيءَ تَڙُ ڪيو.
*(سهڻي ابيات متفرقہ ـ ٣)*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۴۷)

ساهَڙُ، سا سُهڻي، سائِرُ پڻ سوئِي،
آهي نِجوئِي، ڳُجهہُ، ڳُجهانَدَر ڳالهڙِي.

(سهڻي، ۱ ـ ۳۴)

(۴۸)

ساهَڙُ سُڪيءَ ۾ ٿيو، پاڻيءَ مَنجهہ پُنو،
سَندو ڪَچَ ڪُنو، تارِ تَرَندو ڪيترو؟

(سهڻي ابيات متفرقہ ـ ۱۴)

(۴۹)

ساهَڙُ مُون جئَن، سَرَتِيُون! جي ڏِسو سَيِيئي،
تہ سُمهو ڪين سُکَ ٿي، وَرَ پاسو ڏيئي،
مُنهان اَڳيئي، ڳهڙو سِپ ڳهڙا ڪٽي.

(سهڻي، ۱ ـ ٦)

(۵۰)

ساهُ وَني وِئين، سُپِرين! ڪَري قَضاڪي،
دِلبَرَا! دِلِ ڪَسي وِئين، يارَا! ٿِئين پوءِ ياڪي،
جاڙ مُون ضَعِيفَ سين، تو جانِبَ! ڏِسُ جاڪي،
هِتِ بُتُ رَهِيو باقي، ساهُ وَني وِئين، سُپِرين!

(بروو سنڌي، ۱ ـ ۳)

(۵۱)

ساهيڙيُون سارِين تو، سَچ جَنِين جو سِيلُ،
نَڪو قالُ نہ قِيلُ، اُنِين جي اَدَبَ ۾.

(مارئي، ۱۰ ـ ۷)

(۵۲)

سائِرَ بوڙِي سُهڻي، نہ ڊوري، نہ ڏِنڊَ،
اَڪِين مَنجِهہ اُڪَنڊَ، مُيائي ميهارَ ڏي.

(سهڻي، ابيات متفرقہ ـ ۱۳)

(۵۳)

سَبَهَ سِياهِي، آهي آرِيءَ ڄامَ ري،
ڪڏهن پَسي ڪانہ ڪا، رِءَ لالَنَ لالائِي،
دُورُ دِلِ تان دُورِ ڪَري، ڪَر، ساڄَنَ! صَفائِي،
'مَنْ لَا شَيْخَ لَهُ فَشَيْخُهُ الشَّيْطَانُ'، اِنَ رِءَ اونداهِي،
هُوءَ جا هَلِي هيڪلي، سا گِيرَبَ گمائِي،
'بِلَا شَيْخ مَنْ يَمْشِيْ فِي الطَّرِيْقِ'، اِهڙي اَوائِي،
تنهن رِءَ تَوائِي، ڪوڙين ٿِيَن ڪيتَريُون.

(ديسي، ۲ ـ ۴)

(۵۴)

سِبِي سيبا ڏي، پوري نِينهُن نہ ڪَچوئِي،
ڪَتيءَ وَتِيُون ڪُتيُون، سَتِي سِيٽي سي،
مَچُڻ چَوَنِ ڪي، تہ لَجائِيءِ ٿَرَ ڄائِيُون!

(مارئي، ۲ ـ ۱۲)

(۵۵)

سَبَرُ سِيُ پيو، نہ مُون سَوَڙ، نہ گَبرو،
نہ مُون ڪانڌُ، نہ قُوتُ ڪِي، جويَنُ وَهي ويو،
تِنين حالُ ڪهو، نِڌَرَ جنين نِجُهرا؟

(رپ، ۲ ـ ۱۰)

(۵٦)

سَبِيريءَ، سَيَدُ چئي، جي تا پُڄَنِ اَنُّ،
تَنِ ڪاپَڙِيُن ڪونهي ڪَنُّ، جو ڳي چائِين جاڙ تا.

(رامڪلي، ۹ ـ ۹)

(۵۷)

سَيِتَ پَچارَ پِرِيُن جِي، سَيِتَ هوتَ حُضُورُ،
مُلِڪُ مِڙيو مَنصُورُ، ڪُهي ڪُهندين ڪيترا؟

(سهڻي، ۹ ـ ۲)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٥٨)

سيڪنهن ڏانهن سامهون، ڪو هَنڌُ خالي ناهِ،
اَحَدا جي اَرڪَ ٿيا، سي ڪانئرَ ڪيا ڪانهِ؟
مُحبَّ منجهين مَنَ مانهِ، مون اَچاڻنديءَ اُجهيو.

(يمن ڪلياڻ، ٥ ـ ٣٥)

(٥٩)

سَڀِ نَنگيُون تِي نِڪرو، پَرهَڻَ ڇَڏي پوءِ،
مَهَندِ مِڙَنِئان هوءِ، ڪَهي جا ڪِينَ ڪَٽي.

(معذوري، ٢ ـ ٤)

(٦٠)

سَڀِ نَنگيُون تِي نِڪرو، لالَچِ ڇَڏي لوڀِ،
سُپيرِيان سين سوڀَ، نندوُن ڪَندي نہ ٿِئي.

(معذوري، ٢ ـ ٣)

(٦١)

سَڀِ نہ وَڃي سُتيُون، اَچا ڪي سنجَنِ،
پيو، سي پَهرَنِ، جي اُجائِجي آيُون.

(مارئي، ٨ ـ ١٣)

(٦٢)

سَپِيئي ساري، سَسُئِي! گَهرِ ڪُندُوُن تون گهورِ،
وڃي ڏورِ مَ ڏورِ، ڏِرا مَنجهہ دوستُ ٿيو.

(سسئي آبري، ٣ ـ ٤)

(٦٣)

سپيئي سُبحانَ جي، ڪَر حوالي ڪَمَ،
ٿِيُ تَحقيقُ تَسليمَ ۾، لاهي غَمَ وَهَمَ،
قادِرُ ساڻُ ڪَرَمَ، حاصُل ڪري حاجَ تو.

(سريراڳ، ٤ ـ ٢)

(٦٤)

سپيئي سَنئينءَ ڪَرين، ڪومَ مُنجهائين واڻَ!
سُپيرِيان جي ساڻَ، لائو لَڳو ميڙِئين!

(سريراڳ، ٤ ـ ١)

(٦٥)

سَپِيئي سُهاڳِڻيُون، سَيني ڳِچيءَ هارَ،
پَسَڻَ ڪارَڻَ پِرينءَ جي، سَهَسين ڪَنِ سينگارَ،
ڍولُ تِنين جي ڍارَ، هيئانهيُون هَلَنِ جي.

(ليلا چنيسر، ٣ ـ ٣)

(٦٦)

سَپِيئي سُهاڳِڻيُون، سَيني ڳِچيءَ هَسَ،
پَسَڻَ ڪارَڻَ پِرينءَ جي، وَڏا ڪَيائُون وَسَ،
ڍولُ تِنين جي ڳَسَ، هيئانهيُون هَلَنِ جي.

(ليلا چنيسر، ٣ ـ ٤)

(٦٧)

سَپِيئي سُهاڳِڻيُون، سَيني مُنهَن جَڙاءُ،
سَپَڪَهن پانيو پاڻَ ڪي، تہ اِيندو مون گَر راءُ،
پيئو تن ڏراءُ، جي پَسي پاڻُ لَڄائِيُون.

(ليلا چنيسر، ٣ ـ ٥)

(٦٨)

سُتا! اُٿي جاڳُ، ننڊَ نہ ڪَجي ايتري،
سُلطاني سُهاڳُ، نِنڊُنِ ڪَندي نہ ٿِئي.

(ڏهر، ٣ ـ ٨)

(٦٩)

سُتا سَپِ پَئي، سَندي مُعلَمِ آسري،
اَئين پڻ سُمهو، ناکُئا! بَندَرِ ناه پَئي،
جن جي سَيَدَ لَڄَ کَنئي، سي سڀ لنگهيندا لَڪيُون.

(سريراڳ، ٣ ـ ٢١)

(٧٠)

سَتُرُ سگَڙيُنِ سين، لَحظي لاٿائُون،
ڪينَرَ ڪُنئِي آهيان، اُنهن جي آئُون،
مُون ڪي مارِيائُون، آئُون نہ جِئندي اُن ري.

(رامڪلي، ١ ـ ١٥)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٧١)

سَتُرُ ڪَرِ سَتارَ! آئُون اُگهاڙِي آهِيان،
ڍَڪِئِين ڍَڪَڻهارَ! ڏيئِي پاندُ پَناهَ جو.
(ڏهر، ٢ ــ ٦٥)

(٧٢)

سُتو ڪِئَن ننڊُون ڪَرِين، رو وِهاڻِيءَ رويءِ،
سُيان سازُ سَندوءِ، پِيو هُونڊو پَٽَ ۾.
(پرڀاتي، ١ ــ ٢)

(٧٣)

سُتوئي سيجَ گُهرِين، جَفا ڏِئين نه جِيَّ،
پَهَني ڏاران پِيَّ، مَڃُڻِ نُونڊين نه چَڙهين.
(آسا، ٤ ــ ٤٤)

(٧٤)

سُتوئي سيجَ گُهرِين، جَفا ڏئين نه جانِ،
صُلحَ رِءَ سيٽانِ، مَتان نُونڊين نه چڙهين.
(آسا، ٤ ــ ٤٣)

(٧٥)

سَتِي! تُنهنجي سَتَ ۾، ڳالهِ گهرجي ڳُجُّ،
وَڊِيو، چِيريو، چِچِريو، پَرِ ۾ اُپِي پَڄُّ:
"سانُ امانَتَ اَڄُّ، تہ تِئِين سَماني ساڙِيَہ ۾".
(مارئي، ١٠ ــ ١١)

(٧٦)

سُتِي پَوَنِ چِرڪَ، آيَلَ! پارِوچَن جا،
پُنهونءَ جي پِيڪانَ جُون، راسِيُون مَنجهان رُڪَ،
هَنيَمِ هوتَ ڪِرڪَ، لوچان، لوهُ نہ نِڪَري.
(ڪوهياري، ٣ ــ ٧)

(٧٧)

سُتي پَوَنِ چِرڪَ، آيَلِ! پارِوچَنِ جا،
وَمَرَ وِهاڻي، ووءِ! ڙِي! ڪوهِياري ڪِرڪَ،
ڏَڙُ ڏَوَڙِيو تنهن ڏڪَ، جَڏِيءَ جِتَڻُ نه تِئِي!
(ڪوهياري، ٣ ــ ٦)

(٧٨)

سُتي سَنپِريوَمِ، ڪو ڳُڻُ پاروچَنِ جو،
ڪَنڌُ وِهاڻو پِنو، هَريو هَٿُ تِيوَمِ،
سَڄَڻُ يادِ پيوَمِ، جاڙَ جَتَانِ تي، جيڏِيُون!
(رپ، ١ ــ ١٨)

(٧٩)

سُتي سيجَ هُياسِ، مُون کي آهَ اُٿاريو،
جِنين جاڳاياسِ، آئُون نه جِتَندي اُنِ ري.
(رامڪلي، ١ ــ ١٠)

(٨٠)

سَتين ڏينهن، سَيّدُ چئي، ڏاچا ڏوتائُون،
اُپِي، اَلَڪَ سامُهون، پانهون پَڌائُون،
وَڏِيءَ ڪَنهن ولاتِ جا، اُهڃَ آنڌائُون،
رُوحُ پَنهنجو رامَ سين، پَرِ ۾ پُوتائُون،
ڪَٽِيو ڪِدائُون، لِڪا پِڻَن لوڪَ ۾.
(رامڪلي، ٢ ــ ٧)

(٨١)

سُتي نه سَرَندياءِ، ڪَرِ پَچارَ پِرِيَن جي،
وِهامي ويندِياءِ، گهٽا هَٽَندين هَٽڙا.
(ڏهر، ٣ ــ ١١)

(٨٢)

سُتين سَنجهيئي، وِڃُ ڪِنونديءَ ويسرا!
وِيرَ وَري ويئي، اَسارَنِ تان اوچتي.
(سريراڳ، ٦ ــ ٥)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٨٣)

سُتين کهڙي سارَ؟ وِڄُ کِنونديءَ ويسرا!
تو جيڏا تو يار! لَهرينِ لَهوارا کيا.
(سريراڳ، ٦ ـ ۴)

(٨۴)

سُتينءَ پيرَ ڊِگها ڪَري، وَڏي جاڙَ ڪَياءِ،
دَرَ پِري اُپَئين دوستَ جي، تہ سُرِ پُر هُونَدَ سُياءِ،
اَصلِ آريءَ جامَ جي، سَگِي تُون نہ سِياءِ،
پُنهونءَ سين پِياءِ؛ تِي نِياڳِي! نِندُون ڪَرِين!
(ڪوهياري، ١ ـ ٩)

(٨٥)

سُتينءَ سَنجهيئِي، مُنهَن ويڙهي مُٺَنِ جَئَن،
اوجاڳو اَکِينِ کي، جاتوءِ نہ ڏِيئِي،
هَتان تو پِيئِي، تِي ڪَچو ڪيچِيُن ڪَرِين!
(ڪوهياري، ١ ـ ١٢)

(٨٦)

سُتينءَ سَوارِي، مُنهَن ويڙهي مُٺَنِ جَئَن،
ڏِٺَءِ نہ ڏيرَنِ جا، چوڏاري چارِي؟
تيلان، ويچارِي! ساٿُ سُتيئِي لَڏيو.
(ڪوهياري، ١ ـ ١١)

(٨٧)

سُتيءَ تان نہ سِياءُ، جي ڪوهِيارا ڪيچَ جا،
اَنگِنِ چڙهيو آءُ، جي نالو ڳِيڙُءِ نِينهَن جو.
(حسيني، ٩ ـ ٢٢)

(٨٨)

سُٿُ اُنين جو سَقُرو، جي پَرِ ۾ پِچائِين،
آوازُ اَرٿَ جو، ساهَ نہ سُٽائِين،
لِڪايو، لَطِيفُ چَئي، ڪَنبيو ڪَٽائِين،
جي ماٽِڪَ موٽائِين، توءِ مُلهہ مَهانگو اُن جو.
(ڪاپائتي، ١ ـ ١٩)

(٨٩)

سَپَڙُ ساهُ پَساهِ، جاڄڪَ! جمَرَ وسارِئِين،
ريهي رُپي سَندِيُون، تَندُون تُنبي کي پاءِ،
لَنگها! تُون لِيلاءِ، اَڳِيان وَجِي اُنَ جي.
(پرڀاتي، ١ ـ ٢١)

(٩٠)

سِپَ سَمُنڊين سِپَجي، اَبَرُ آساروسِ،
پاڙو پِيي نہ ٻِپَڙي، مِنو مُنهن لَڳوسِ،
ماڻِڪُ تي مِڙيوسِ، جِئَن تَنگُ ڪَڍِيائين تارِ ۾.
(مارئي، ١٠ ـ ١۴)

(٩١)

سُپيريان جي تُـرَهي، ٻُڏِي! هَٿُ مَ لاءِ،
صُباحَ تو چونداءِ: ”آسان تو اُڪارِيو.“
(سهڻي، ٦ ـ ١٠)

(٩٢)

سُپيريان جي تُـرَهي، ٻُڏِين توءِ مَ لَڳُ،
جي پانئِين پِرينءَ مِڙان، تو پُورَ اُبَتي وَڳُ،
پاءِ تيڏاهين پَڳُ، ناهِ جيڏاهين نِجهُرو.
(سهڻي، ٦ ـ ٢١)

(٩٣)

سُپيريان جي ڳالَهڙي، رُڳو رَنجائو،
ڏُونگَـرَ ڏولائو، ڏِيندا مُون ڏيرَ وِيا.
(حسيني، ١١ ـ ١)

(٩٤)

سڄُ سُپاٽي جا ڪَري، سامِيءَ سائي رُوءِ،
اَڇي تِني عَطَرَ جي، مَنجهان مُشڪَ بُوءِ،
سا ڏيکارِيَهُون جُوءِ، جِتان لاهُوتي لَعلُ ٿيو.
(مومل راڻو، ١ ــ ٧)

(٩٥)

سڄُ سُپاٽي جا ڪَري، سامِيءَ سائي وَنڪَ،
سَهي نہ سَگهان ساڻ سِنءَ، تنهن جي راسِن جي رَونَق،
ڪِ رَتائين لاکَ ۾؟ ڪِ ڏِنائين پانَ پَڪَ؟
سَنديءَ سودِلِ سِڪَ، ڪَپِرَ ڪورُون جهلِيُون.
(مومل راڻو، ١ ــ ٨)

(٩٦)

سڄَ اُلٽي سَسُئِي، رَتَ وَرَٽو روءِ،
پَهي نہ پانڌي ڪو، جنهن ڪَرَ پُڇي لوءِ،
مُوڙهِي وڃي توءِ، موٽَنَّ جي ڪانَ ڪري.
(سسئي آبري، ٤ ــ ١٧)

(٩٧)

سَڄو صافُ نہ اُبِري، سَرلي وڃان سڄُ،
مُنهُن چَڙهيو ماڙهن ڪي، ڏَئي واڏايُون وڄُ،
هِنئَڙا! ڪَپُ مَ ڪِڄُ، سِگها مِلَندءِ سُپرين.
(سارنگ، ٤ ــ ٣)

(٩٨)

سَڄَڻُ ڏِٺو جَنِ، تن ڳَچيءَ سِرِ ڳُهُ ڪَيو،
پِيُون ڪوهُ پُڇهَنِ، قَدُرُ ڪِيميا اِنَ جو؟
(حسيني، ١٢ ــ ٤٧)

(٩٩)

سَڄَڻُ ڏِٺو جن، موٽَنُ تن ميهٽو،
اي مَرڪُ مَعذُورِنِ، جِتَن مَرَن پِريان جي پيرَ تي.
(حسيني، ١٢ ــ ٣٠)

(١٠٠)

سَڄَڻَ سان نہ پيٽَ، ڳُجهہُ ڳُرهيان ڪِنِ سين،
ڳالهِيُون اندر پيٽ، سَلا پَڏي موريُون.
(رپ، ٢ ــ ١)

(١٠١)

سَڄَڻَ سانوڻَ ميڻهَن جِئَن، جُهٽڪَنِ پاسي جهوڪَ،
ڏيندا پاهُ پَٽَن ڪي، مَنجهان ميڻهَن موڪَ،
لَس پيارِين لوڪَ، آگَمَ ڪَيو آڪِيُن سين.
(سارنگ، ٤ ــ ١)

(١٠٢)

سَڄَڻَ سَنپِريام، پِيَمِ ڪَرَ ڪَپارَ ۾،
جهڙي تَهڙي حالَ سين، پرين نہ وِسِريامِ،
هَرِيا هَٿَ ۾ تِيامِ، نيٽَنِٿُون نيرُ وَهي.
(رپ، ١ ــ ١٩)

(١٠٣)

سَڄَڻَ سَنئِيُون ڪَنِ، لوڪان ليکي ونگِيُون،
سَندِي سُپيرِيَن، پَرِ پَرُوڙَنُ ڏاڪڙيو.
(آسا، ٣ ــ ٢٤)

(١٠٤)

سَڄِيُون راتِيُون سُمهي، چِڏِيئي پيءَ پَچارَ،
پانِيئي سَبِ جمارَ، سَڄَڻَ هُوندا مان گهرين.
(ڏهر، ٣ ــ ١٧)

(٤٠٥)

سُڃاپي نہ صُورَتَ ري، صُورَتَ هَڏِ مَ سوجهہ،
تِنِيُ بارائيءَ بوجهہ، وِڃائي وُجُودَ ڪي.
(آسا، ١ ــ ١٦)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۱۰۶)

سَچ تہ مانَ سُورُ لَهي، اَکِيُون پَري پاجهہ،
راڻي جيءَ رِهاڻ کي، وينِي وِجهان واجهہ،
سوڍا! لَهي ساجهہ، پَسُ توشڪُون، تَڪيا.

(مومل راڻو، ۶ – ۵)

(۱۰۷)

سُچَ وَسَندِي تن کي، جوشَ جَلايا جي،
طالبَ جي تَحقِيقَ جا، نيڻهُن تِنِين وَٽ ني،
تيڏِي پَسي تي، هو تان آهي هيڪڙو.

(ڪوهياري، ۶ – ۷)

(۱۰۸)

سَچُ ڪِ اُنا مِينهَن، مُنهان پوءِ مَلِيرَ ۾؟
ڏوٿِيُنِ لاٿيا ڏِينهَن، پِهِريا جي پُسيءَ کي.

(مارئي، ۱۱ – ۵)

(۱۰۹)

سَچُ ڪِ سُکو ڏورُ، ڪَنڌِيءَ اَکَ ڦُلاريا،
جُنگَنِ چِڙِيو زورُ، سَرُ سُکو، سُونگِي گيا؟

(ڏهر، ۱ – ۷)

(۱۱۰)

سَختِي شَهادَتَ جي، سُڻُ! شادِيءَ جو ڏِينهن،
ڏِرو ناهِ يَزِيدَ کي، نِسورئي نِينهُن،
مَرڪُ آهي مِينهُن، عَلِيءَ جي اولادَ کي.

(ڪيڏارو، ۱ – ۸)

(۱۱۱)

سَختِي شَهادَتَ جي، نِسورو ئي نازُ،
رِندَ پَرُوڙِين رازُ، قَضِيي ڪَربَلا جو.

(ڪيڏارو، ۱ – ۱۱)

(۱۱۲)

سَختِي شَهادَتَ جِي، مِڙو ئي مَلارُ،
ڏِرو ناهِ يَزِيدَ کي، اي عِشقَ جو آثارُ،
ڪُسَڻَ جو قَرارُ، اَصُلَ اِمامَن سين.

(ڪيڏارو، ۱ – ۹)

(۱۱۳)

سَختِي شَهادَتَ جِي، مِلارُ مِڙوئي،
ڏرو ناهِ يَزِيدَ کي، آثارُ اُهوئي،
ڪُسَڻُ هو ڪوئي، اَصُلَ اِمامَن سين.

(ڪيڏارو، ۱ – ۱۰)

(۱۱۴)

سَدا آهي سُورَ جي، واڍوڙين وائي،
جيڪا اُتَن مَنَ ۾، سَلَن نہ سائي،
اوڙَڪِ اُهائي، ڳوليو لَهَن ڳالهڙي.

(يمن ڪلياڻ، ۱ – ۷)

(۱۱۵)

سَدا پُڇُ ۾، سُهڻي! اُونداهِيءَ اَڌ رات،
پِريان ڏي پِريات، وَنءُ ڏِيناري ڏِينهَن کي.

(سهڻي، ابيات متفرقہ – ۱۲)

(۱۱۶)

سَدا جن پَريانڻُ، پانڌِي پَکي لَڏ سين،
مارُو ڳُٺَن سانڻُ، وِيٽڙا ٿَرِ اُکِري!

(مارئي، ۹ – ۱۰)

(۱۱۷)

سَدا سائِرَ سيرَ ۾، اَندرِ لَهي نہ اُڃَ،
پَسَڻُ جو پرينءَ جو، سا سَيائِي سُڃَ،
تيلان مَرَن اُڃَ، سَدا سائِرَ سيرَ ۾.

(سسئي آبري، ۱ – ۷)

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

(۱۱۸)

سَدا شوق پرِيَنِ جي، قُران قِيرِيدارُ،
مانَ سَجِيهُون يارُ، اَڳِيان اَکَڙِيُون کَٽِي.
(پورب، ۲ – ۱)

(۱۱۹)

سَدائِين سَفَر ۾، رَمَنِ مَتِي راهَ،
پُرَنِ پُورَبَ پَنڌ ڏي، مَنجِهه مَوالِي ماهَ،
جن اَلَکَ سِين آگاهَ، هَلو! تَڪِيا پَسُون تَنِ جا.
(رامڪلي، ۳ – ۳)

(۱۲۰)

سَڏائِتِي سَيِّکا، بُکَ نه باسِي کا،
جيهِيءَ تيهِيءَ ذاتِ جي، جُنبَش کانهي جا،
مون سين هَلي سا، جا جِيُّ مِنو نه ڪري.
(سسئي آبري، ۴ – ۲)

(۱۲۱)

سَڏَر سين سَڱُ ڪَري، پَرَکَندين پيياس،
ڪِيرَ بِرهَمَڻُ؟ ڪِنِ جِي؟ ڪيرُ جاتي ڪِيٽاسِ؟
هُونَدَ نه سِنڌُ سِياسِ، هَنَ پِريين ڪِيَسِ پَڌري.
(معذوري، ۱ – ۴۱)

(۱۲۲)

سَڏُرُ شَهَتِيرَنِ ۾، پَرَجَهلو ياري،
سَمِي سُواليَنِ کي، ويلهين ويساري،
پُڇِي سي پاري، عاجزَ عَجُوزَنِ ۾.
(بلاول، ۳ – ۱۴)

(۱۲۳)

سَڏَڙيا شرابَ جون، ڪُهُ پَچارُون ڪَنِ؟
جُه ڪاتَ ڪَلالَنِ ڪِڍيا، تہ موٽيو پوءِ وجَنِ؛
پِڪُون سي پِيَنِ، سِرَ جن جا سَٽَ ۾.
(ڪليات، ۲ – ۲۵)

(۱۲۴)

سَڏُ مَ ڪَر سَڏَن ري، هَلَڻَ رِءَ مَ هَلُ،
جَلَڻُ رِءَ مَ جَلُ، رُڻَڻَ رِءَ مَتان رُئِين.
(سسئي آبري، ۱۱ – ۱۱)

(۱۲۵)

سَڏَن پُنيءَ سَڏِڙا، واڪو مَنجِهه وَٽِين،
سَڄَڻُ پَنڌِ گَهٽِي: مانَ ڪوهِيارو ڪُوکَ سُٽِي!
(حسيني، ۱۰ – ۴)

(۱۲۶)

سَرَ اُهِيئِي اَڳِيان، پَکي پِيا پِيا،
جِي لَميو لاتِيُون ڏِنيُون، سي ويچارا ويا،
پاڻُوندَرَ پِيا، وَجِي ڪِنجُهرَ کَنڌِين.
(ڪارايل، ۱ – ۲۸)

(۱۲۷)

سَرَتِيُون! سَپوئي تِيو، اَندَرِ آرياڻي،
وِيني پَسان پاڻَ ۾، ڏُونگَرُ ڏِيهاڻي،
هُيَسِ هوتَنِ هاٽِي، تي ڪيچِي گَڏِيَمُ ڪَهَ ۾.
(سسئي آبري، ۵ – ۱۶)

(۱۲۸)

سَرَتِيُون! سُڄِي سُڄَ، مَتان ڪا مُون سين هَلِي،
پاٽِي ناهِ، پَنڌُ گَهٽو، اَڳِيان رائو رُڱِي رُڄَ،
مَتان مَري اُڃَ، ڪا ڏِئي پاراتو پِرينءَ کي.
(حسيني، ۱ – ۸)

(۱۲۹)

سَرَتِيُون سُوراتِنِ جي، ڪوهُ تِيون پَٽَرِ پَوَنِ؟
گهاءُ نه لَڳَنِ گَهتَ جو، رِيا مان تِيُون رُونِ،
چيتارِيو نه چَونِ، پارَ مُنهنجي پِرينءَ تان.
(ڪوهياري، ۵ – ۱۰)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۱۳۰)

سَرَتيُون! سُورُ پرينَ جو، سُجَنِ ۾ شامِلُ،
ڪوهيارو ڪامِلُ، مُون کي ڏُکَ ڏيکاريو.

*(حسيني، ۱۲ – ۲۳)*

(۱۳۱)

سَرَتِيُنِ سَهَجَ مَنجهانءُ، تي ڪوڏِ وراهيا ڪَپڙا،
تڏهن مُنهنجيءَ ماءُ، تي پَهَنَّ آڇيا پَبَ جا.

*(حسيني، ۱۰ – ۲۷)*

(۱۳۲)

سَرَتيُون! ڪِيئَن سَهي تِئي؟ ويڙهي جا ورهَنِ،
چِٽَ جنهنجو چُورُ ڪَيو، ڏُک ويو ڏُکَنِ،
پُڃاڻا پِرينِ، اَديُون! اَگهي آهيان.

*(ڪوهياري، ۵ – ۳)*

(۱۳۳)

سَرَتِيُنِ سِنجَڻُ چِڏيو، سَتِيُنِ ڳالهه سُئِي،
مارُيچي مارُيِنِ ۾، ڪَڏهن ڪانَ هُئِي،
عُمَرَا! آنَ نہ مُئِي، اِنَ اوياِليان اَڳهين!

*(مارئي، ۸ – ۱۱)*

(۱۳۴)

سِرَ جُدا، ڌَڙَ ڌارَ، دوڳَ جنين جا ديڳِ ۾،
سي مَرُ ڪَنِ پچارَ، حاضر جن جي هَٿَ ۾.

*(ڪلياڻ، ۲ – ۲۶)*

(۱۳۵)

سَرُ جو سَڃِيو سَڄَڻين، بَنگان باڻُ پَري،
ويو وُجُودان نِڪري، ڪَڙَ ڪَڙَ ڪانُ ڪَري!
پُڇِيو پيرَ پَري، تہ ڪِ ٿَريو هَٿَ حبيبَ جو؟

*(يمن ڪلياڻ، ۳ – ۵)*

(۱۳۶)

سَرُ جو سَڃِيو سَڄَڻين، پيهَرَ باڻُ پَري،
چِمڪِيو سو چوهَ مان، ڪَڙَ ڪَڙَ ڪانُ ڪَري،
جيرا، جِگرَ، بُڪِيُون، لنگهي پيو پَري،
لِڱو جِيءَ جَڙي، تاڻيان، تيرُ نہ نِڪري!

*(يمن ڪلياڻ، ۳ – ۶)*

(۱۳۷)

سَرُ جو سَڃِيو سَڄَڻين، پَرُ پيڏيءَ ڏيئي،
ڪانَ ڪرنگهُرُ ڪَپيو، پکَنِ سِر پيهي!
جيرا، جِگرَ، بُڪِيُون، پاساڙا پيئي!
ويڄَنيُون ويئي! تي وهِيٽي سَڄَڻين!

*(يمن ڪلياڻ، ۳ – ۴)*

(۱۳۸)

سَرُ جو سَڃِيو سَڄَڻين، سِيڱَ منجهان سِيلو،
تنگرُ تِڪِيو ڪينَ ڪي، پارِ لنگهيو پيلو،
هٿَّ سين حِيلو، جانِبَ جيڏو ئي ڪيو!

*(يمن ڪلياڻ، ۳ – ۷)*

(۱۳۹)

سِرجي، تان سُورَ: ساماٽي، تان سُکَ ويا:
اِهي ٻَئي پُورَ، نماٽيءَ نَصيبُ ٿيا.

*(حسيني، ۱۰ – ۱۷)*

(۱۴۰)

سِرَ جي هُٺائين هَليو، چارَڻُ چِتائي،
سو مُوڙا جَهلي نہ مالَ جا، تو ماٽڪ موٽائي،
”تو دَرِ آئِسِ تي، جِئَن تو ناهِ نہ سِکيو“.

*(سورٺ، ۲ - ۸)*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۱۴۱)

”سَردِيءَ سالِمُ نہ رَهان، ڪوسي سَهان ڪانَ،
اَمَنَ ڏيج اَمانَ تُون، دُور ڪَري بِيا دانَ،
پانڌَپ! ڪائي پانَ، وِجهج پِڪَ پينارَ تي.“

(سورٺ، ۱ ـ ۸)

(۱۴۲)

”سَردِيءَ سالِمُ نہ رَهان، گَرمِيءَ تِيان گُداز،
اَمَنَ ڏيج اَمانَ تُون، سائِلَ هَٿي ساز،
رَبابِيءَ کي رازُ، خالِصُ ڏيج خَليلَ جو.“

(سورٺ، ۱ ـ ۷)

(۱۴۳)

سِرُ ڏيئِي سَٽ جوڙَ، ڪَنهين پَرِ ڪَلالن سين!
ڪاتِي ڪَرٽَ ڪِپار ۾، خنجرُ آئي ڪوڙَ!
مرتا مُنهن مَ موڙَ، وَتِي تِي وَڏَ لِهي!

(يمن ڪلياڻ، ۴ ـ ۲۰)

(۱۴۴)

سِرُ ڊِوُنديان، ڏڙُ نہ لهان، ڏڙُ ڊِوُنديان، سِرُ ناهہ،
هَٿَ ڪَرايُون، آڱريون، وِيا ڪِپجي ڪانہ،
وَحدَتَ جي وِهاءِ، جي وِيا، سي وَڍِيا.

(ڪلياڻ، ۱ ـ ۱۳)

(۱۴۵)

سِرُ ساندارَ ڪري، پُڇجُ گهَرُ لُهارَ جو!
ڏَکَنِ هيٺ ڏري، مانَ گَڏيئي رُڪَ سين!

(يمن ڪلياڻ، ۳ ـ ۲۰)

(۱۴۶)

سَرَ سُڪي سالَ ٿِيا، هَنجَ هَريو ئي پيرُ،
ڪَنگُ ويچارو ڪيرُ، جو رَسي اِنَ رَمزَ کي؟

(ڪارايل، ۱ ـ ۱۲)

(۱۴۷)

سِرُ سَلابَتَ، سُپرين! مَرَڪَڻَ! تُون مَ مَريج!
آهيين نارُ آڪِيُنِ جو، وَتان مُون مَ وَجيج،
تَماچِي! تَڪِيج، ڪو ڏينهُن ڪِنجهَرَ ڪَنڌِيين.

(ڪاموڏ، ۲ ـ ۱)

(۱۴۸)

سَرَ، لوهيڙا گِپيا، ڪُسَرَ نِسريا،
تو ڪَئن وِسِريا، ڍوليا! ڏينهن اَچڻ جا؟

(سامونڊي، ۱ ـ ۲۸)

(۱۴۹)

سَرَ ۾ پَکي هيڪڙو، پاڙهيري پنجاهَ،
سَنڌيءَ آسَ اَللهَ، لُڌي لَهرُن وِچ ۾.

(ڪارايل، ۱ ـ ۱۸)

(۱۵۰)

سِرُ مَڱي، سِرُ گهُري، سِرَ رِءَ ٿِئي نہ صَلاحَ،
غَريبنِئُون نہ گُذري، تو ماري ميرَ مَلاحَ،
نايو نَوابَنِ جا، سوريو ڪَڍي ساهَ،
خالِقُ سَنجِهہ صُباحَ، ڪونہ ڇَڏيندو ڪِٿهين.

(سورٺ، ۲ ـ ۱۴)

(۱۵۱)

سُرمون سُرخِيءَ جو، جَڏهن پاتو جن،
تَڏهن ڏِٺي تن، رُونَقَ ريتي جهِرَي.

(آسا، ۴ ـ ۲۱)

(۱۵۲)

سُرمون سُفيديءَ جو، جَڏهن وڌو جن،
تَڏهن ڏِٺي تن، اَجائِي عالَمَ ۾.

(آسا، ۴ ـ ۲۲)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۱۵۳)

سُرمون سِياهِيءَ جو، رَنُنِ کي رِهاءِ،
ڪانِي ڪارائِيءَ جِي، مُڙِسُ ٿِي مَ پاءِ،
اَکِيُنِ ۾ اَتِڪاءِ، لالائِي لالَنَ جِي.
(آسا، ۴ ـ ۲۰)

(۱۵۴)

سَرَ نِسرِيا پاندَ؛ اُتَرَ لڳا، آءُ پرين!
مون تو ڪارَڻِ، ڪانڌَ! سَهِسين سُڪائون ڪيون.
(سامونڊي، ۱ ـ ۲۷)

(۱۵۵)

سَرَٽِيُنِ جا سونٽا سَهي، وَسيلو وِلَهِنِ،
لُڏي ڪِينَ، لَطِيفُ چئي، اَڳِيان لالُ لَڪَنِ،
جِتِ ڪوڙين ڪِينَ ڪُڇَنِ، اُتِ پابوهي پَڌِرو.
(بلاول، ۱ ـ ۷)

(۱۵۶)

سَرَٽِيُنِ جي سُکَ لَءِ، سامَ ڪَنئِي سَردارَ،
جي اَبڙي جي آڌارَ، سي سُونگ نہ ڏيندِيُون سُومِريُون،
(ڪارايل، ۱ ـ ۱۶)

(۱۵۷)

سَرها ڏٿر سي، جن ساجاءَ سِراڻِ سين،
تيغَ تنين جي ڪي، ڪَٿُ نہ لڳي ڪڏهين.
(يمن ڪلياڻ، ۳ ـ ۲۷)

(۱۵۸)

سُرَهو سَرُ وِڃائِيو، ڪُوڙَنِ ڪانِيَرَنِ،
رُنا روهَ وَڃَنِ، ڪَنهن هيٺائِيءَ ڪان هَنجَڙا.
(ڪارايل، ۱ ـ ۳۰)

(۱۵۹)

سُرَهي مَنجهان ساٿَ، آئي بُوءِ پَنيورَ ڪي،
بِيٺا بازارِنِ ۾، لائي جَتَ جَباتَ،
سَنديءَ هوتَ حِماتَ، ڪيچِ پَهتو قافِلو.
(ديسي، ۷ ـ ۷)

(۱۶۰)

سَري ڪِينَ ڪيون، وِيئَ موڪِيءَ جي ماريا!
ڪو جو سُخنُ ڪَلالَ جو، پِتِي تي پيونِ!
تِهان پوءِ ٿِيونِ، مَرَڻُ متارِنِ ڪي!
(يمن ڪلياڻ، ۴ ـ ۱۶)

(۱۶۱)

سِڙَهَ ٿي سِبيائون، بَندَرَ جَن تَڙَن تي،
سِڙَهَ سِبِي ساڄا ڪري، ڪُوها ڪَنيائون،
بيرَقُون بَحَرَن ۾، چوڙَي چَڏيائون،
لَهريون لنگهيائَون، لُطفَ ساڻ لَطيفُ چَئي.
(سامونڊي، ۲ ـ ۱۴)

(۱۶۲)

سِڙَهَ ٿي سِبيائون، بَندَرَ جن تَڙَن تي،
مُلان مُعِلَم خبرون، پُڇِي پُورِيائُون،
سُتَڙُ سونِيائون، اَوَتَڙِ ڪنهن نہ اولِيا.
(سامونڊي، ۲ ـ ۱۵)

(۱۶۳)

سِڙَهَ سُجاڻِيو چوءِ، ماءِ! سامُونڊي آئِيا،
مانَ منهنجو هوءِ، جانِي هن جهازَ ۾!
(سامونڊي، ۲ ـ ۱۳)

(۱۶۴)

سِڙَهَ سَنوانْ، لاڄُو نوان، اولا سندن عاجَ،
ساٿِي سفر هلِيا، پِري جُنگَ جَهاجَ،
حاصِلَ ڪرئِين حاجَ، واحدَ! وَڻجارَنِ جي.
(سريراڳ، ۱ ـ ۱۲)

(١٦٥)

سِڙهَ سَنوان، لاڄُو نوان، مُهاٽا سندن ميرَ،
ساٿِي سفر هليا، ٿيا سَٽاوا سيرَ،
جي اَچِن ساڻُ اَکيرَ، سي پيڙا رکين پاڄهہ سين!
*(سريراڳ، ١ ـ ١٣)*

(١٦٦)

سَسُئِيءَ جي سِريءَ سان، کيچَ ڏٿي ڪانڍي،
پَسَڻَ ڪارڻ پرينءَ جي، مُنڍ هُئِي ماندي،
لَڪَنِ تان، لَطِيفُ چئي، آرياڻيءَ آندي،
پُنهونءَ پيراندِي، نِماڻِيءَ نَصيب ٿِي.
*(حسيني، ١١ ـ ١١)*

(١٦٧)

سَسُئِيءَ ڪِينَ سَمجهيو، اوري آرِيءَ ساڻُ،
ڪري پيڪ پُنهونءَ سين، پاڏاريائين پاڻُ،
جَتِ وِڃايو ڄاڻُ، پانيَڻِ پَروچَن سين.
*(سسئي آبري، ١ ـ ١٠)*

(١٦٨)

سَسُئِيءَ کي سَڏُ ٿيو، آسان اولاٿو،
پَنڌَ نہ پُڄاڻو: اَنَّ ڪوٺي ڪانَ ڪَري.
*(سسئي آبري، ابيات متفرقہ ـ ٥)*

(١٦٩)

سَسُئِيءَ لَنگهيو سو، مَردَ جنهن ماٿُ ڪيا،
جَبَلُ وَڏو جو، نُونِ مِڙوئِي نِينهَن کي.
*(ديسي، ٥ ـ ٧)*

(١٧٠)

سِسِي سي گهرَن، جي واٽِيندڙ وچ ۾،
اُوءِ ڪي پِيو پُڇَن، سَرو جَن سَنباهِيو؟
*(ڪلياڻ، ٢ ـ ٢٨)*

(١٧١)

سُڪا سَنڍَ ڪَڇُن ۾، ڪَرڪٽا پيرين،
تِمَندي نيٽين، آن ڪي ڪاهوڙي گڏيا؟
*(ڪاهوڙي، ١ ـ ٢٧)*

(١٧٢)

سُڪا مُنهَن سَندنِ، پيرين پُراٽا ڪيٽڙا
سا جُوءِ ڏوري آئيا، سُونهان جِتِ مُنجهَن،
گُجها گُجِهيُون ڪَنِ، تِهان پَراهين پَنڌَ جُون.
*(ڪاهوڙي، ١ ـ ٢٥)*

(١٧٣)

سُڪا مُنهَن سَندنِ، ڪَرڪَٽا پيرين،
وِهاٽيءَ ويرين، اُنَّ تُنُ هُيَنِ اَڳَ جي.
*(ڪاهوڙي، ١ ـ ٢٦)*

(١٧٤)

سِڪَ تنهنجي، سُپِرين! اَندر تي اَجهاڳَ،
مَنجهين پَريا ماڳَ، پَلٽيا پارِيُون ڪَري.
*(سهڻي، ٩ ـ ١٨)*

(١٧٥)

سِڪَ تنهنجِي، سُپِرِين! اَندر تِي اَجهلَ،
پَرڪِيو پاهر نڪري، ڪُوري ڪانئِي ڪَلَ،
رِءَ سِيراهِيءَ سَلَ، مونکي ڏنا سَڃَٽين.
*(سهڻي، ٩ ـ ١٧)*

(١٧٦)

سِڪَ تنهنجي، سُپِرين! جڻَن تَران تڻَن تار،
تُون ئي رهيو رُوحَ ۾، تون ئي اَکِنئان پارِ،
پِرين! تنهنجي پارِ، مُون واجهائيندي وَرہَ ٿيا.
*(سهڻي، ٩ ـ ١٥)*

(١٧٧)

سَکَ تنهنجي، سُپرين! کَپي ۽ کوري،
سَگھان نہ چوري، ڏاڍو نِيَرُ نينهَن جو.

(سهڻي، ٩ ـ ١٦)

(١٧٨)

سَکَ سَکائي سَکُ، سَکَ نہ آهي سُتري،
لِکَ لِکوٽيءَ لِکُ، تہ کَرَن خَبَرَ نہ ٿِئي.

(آسا، ٣ ـ ١٧)

(١٧٩)

سَکَ سکَنديُن لاه، وچوڙيا ميڙ پرين،
ايڏي سَگھہ، سَچا ڏٽي! توئي کي جُڳاءِ،
تَنُ جنين جو طالبُو، مَهرَ تِنين کي پاءِ،
ميڙائي جو، ماءِ! کانگَ لَوندو کڏهين؟

(سهڻي، ٩ ـ ٢٠)

(١٨٠)

سکَنُ اِئن نہ سَڏ، جئن لِکيو لِياکا پائين،
پَئي پريان جي نہ ٿئين، متي اَگڻُ اَڏ؟
اِيَ پِنُ کوڙي سَڏ، جئن کِليو کايو سمهين.

(يمن ڪلياڻ، ٧ ـ ٦)

(١٨١)

سکَنَ وارَن سُترو، جي دَهشَتَ سان دَرِياهُ،
اوڙِکِ اُنين جو نہ رهي، آرَ بِنا اَرواحُ،
ويندي ساهَڙَ سامهون، صَدقو کنديون ساهُ،
جن کي حُبَّ اُنهين جي آهِ، ساهَڙُ ساٿي تِنِ جو.

(سهڻي، ٥ ـ ٣)

(١٨٢)

سکَنُ ۽ سوري، بِئي آکر هيکڙي،
وهڻُ واٽڙين تي، کارڻُ ضروري،
بِنهي جي پُوري، جِيءَ ڏِني رِيَ نہ جُڙي.

(يمن ڪلياڻ، ٧ ـ ٧)

(١٨٣)

سکي جان سُتياس، تان سِکَ سُمَهَڻُ نہ ڏئي،
جاڳي، سُتيَس جن لَءِ، سي آيا تان نہ اُٿياس،
پينَرُ! آئُون پِليِاسِ، نہ تہ سِکَ سُمَهڻ چا لَڳي؟

(ديسي، ٦ ـ ١٥)

(١٨٤)

سُکي دُورُ ڍيُون ٿِيو، کَنڌيءَ ڏِنو ڪائو،
سو پاٽي پَتِيهَلَ ۾، اَگِيون نہ آيو،
ماڙهُن ميڙائو، کَنهين کَنهين پيٽِئين.

(ڏهر، ١ ـ ٩)

(١٨٥)

سِکين کُهُ سَلاَمُ کي، کَرين کُهُ نہ سَلامُ؟
پيا دَرَ تن حرامُ، اِيُ دَرُ جنين ديکيو.

(ڪلياڻ، ٣ ـ ٩)

(١٨٦)

سُکيءَ ٻُڏن جي، ساهَڙُ ساٿي تن جو،
لَهرن سِر لَطِيفُ چئي، کُلهن چاڙهيو نِي،
جي پُڇَنِ پَنڌُ پَري، تن اُماٽي اورهُون.

(سهڻي، ٦ ـ ٢٣)

(١٨٧)

سُکيءَ جي سانباهَ ۾، ٻُڏين، توءِ ٻُڏُ،
کَکَ، کانديرا، کائِيُون، ميڙي ٻَڌُ مَ مَڏُ،
نکو ساهَڙَ سَڏُ، نکا سُجي سُهِٽِي.

(سهڻي، ٦ ـ ٢٤)

(١٨٨)

سُکيءَ جي سانباهَ ۾، جڏهن ٻُڏيُون جي،
ساهَڙُ تِنين کي، ٻيلي ٻِنهي کَنڌئين.

(سهڻي، ٦ ـ ٢٢)

(١٨٩)

سَکَر سيئِي ڏِينهن، جي مون گهاريا بَندَ ۾،
وَسايَمِ وَڏَ ڦُڙا، مَٿي مارُئِن مِينهَن،
واجهاٽِيَس وصالِ کي، ٽِيِسِ تَهوارُون تِيئَن،
نِيرُ مُنهنجي نِينهَن، اُجاري اَڇو کَيو.

(مارئي، ١١ ـ ٨)

(١٩٠)

سُکَن واري سَڌَ، مَتان کا مون سين کَري،
اَندرُ جِنين آڌَ، ڏُونگَر سي ڏورِينديُون.

(سسئي آبري، ٤ ـ ٥)

(١٩١)

سِکو سَڀِ، سَرتيُون! سِپُن مُلان سِيرُ،
پِيو مَتائي نِيرُ، اُپيُون اَبَرَ آسري.

(مارئي، ١٠ ـ ١٥)

(١٩٢)

سِکو سِپُن کان، سَرتيُون، رِيت سِکَڻَ جي،
مَگِن جَرُ مَٿان، اوري کَن نہ آسرو.

(مارئي، ١٠ ـ ١٦)

(١٩٣)

سُکين ٿئي نہ سَنَري، ڏُکين تا نہ ڏَري،
اوري هَڏِ نہ اُپِيي، پُري تا نہ پَري،
سَرتِيُون! تو نہ سَري، بِنِين رِءَ پانڀَڻِ کي.

(سسئي آبري، ١ ـ ١٦)

(١٩٤)

سُکين تِيُ مَ سَنَري، پَسِي ڏُکَ مَ ڏَرُ،
پِٽِي کَر مَ پانهنجو، گهوري! آڏِ مَ گهرُ،
ماري! هَڏِ مَ مَرُ، مَچُڻ جيُ جِيارِئين.

(سسئي آبري، ١ ـ ١٥)

(١٩٥)

سَگِبانَ سِينڍارِيا، بَڇِيا، تي بَهَنِ؛
قُريا نہ فَرمانَ کان، مُلهُ نہ موتِيَڙن،
کونهي ڏوهُ کُتَنِ؛ ڏاکارِيا، ڏاڙهِين تا.

(معذوري، ١ ـ ١١)

(١٩٦)

سَگهَن سُڌِ نہ سُور جي، تا رُنکَن رنجُوري،
پِيا آهن پَٽَ ۾، مَٿِن مامُوري،
لِکِين لَنءُ، لطيف چئي، سَدا جي سُوري،
پِرتِ جن پُوري، تن رويو وِهامِي راتڙي.

(يمن کلياڻ، ١ ـ ١٩)

(١٩٧)

سَگهَن سُڌِ نہ سُورَ جي، گهايَلَ کيئن گهارِين،
پِيَلَ پاسو پَٽَ تان، واڍوڙ نہ وارِين،
پَر ۾ پَچَن پرينءَ لَيءِ، هَيءِ! هَنجوُن هارِين،
سَجَڻُ جي سارِين، تن رويو وِهامي راتڙي.

(يمن کلياڻ، ١ ـ ١٨)

(١٩٨)

سَڳُ کَري سين سِينهَن، کَنڌُ مَ قَيرج کيڏهِين،
رَمِج راتِي پُٺِ ۾، نِرتُون مَنجهان نِينهَن،
اِنءَ مَ وَسِج عامَ تي، جِئَن مُومَل! وَسَنِ مِينهَن،
سَندي حَشَرَ ڏِينهَن، سودِو سارِيندِينءَ گهَٽو.

(مومل راڻو، ٥ ـ ١)

(١٩٩)

سِڳيُون، سيلِيُون، گَبرِيُون، تيئِي تولَ تَڳو،
پَٽُ هَٽِي پَٽَ سين، پِيري تَنِ پَڳو،
لاهوُتُ جِنِ لَڳو، سي مَڙهِيان مُورُ نہ نِڳيا.

(رامڪلي، ٩ ـ ٣٧)

(٢٠٠)

ثَمَرُ جنين نـ سانُ، هوتُ حِماتِي تن جو،
ڪَري ڇيڇَ ڇپَرَ ۾، پُنهون ايندو پانَ،
ٿِيندِي ريجھَ رِهانِ، لَحظي مَنجھِ، لَطِيفُ چئي.
(ديسي، ٥ ـ ٥)

(٢٠١)

سَما! تو سِرِ ڇَٽُ، ناتَ پاڳارا پُرَسَ پيا،
ڳَهڻَ! تُنهنجي ڳِجَهڙي، اَڇي جالَ جَڳَٽُ،
جِنِ جيهائِي پَٽُ، تِـنِ تيهائِي بِڪِيا.
(بلاول، ١ ـ ٤)

(٢٠٢)

سَمو تِـنِ سَڏُ ڪري، جِنِ تي وَڏو ويرُ،
اُٿي تـ آجِي ٿِيان، پائي پاڪوڙي پيرُ،
تو رِءَ بِيو ڪيرُ، سَرَٽِيُنِ جا سوٿا سَهي.
(بلاول، ١ ـ ٦)

(٢٠٣)

سَمو سَخاوَتَ جي، ويٺو پُڇي پَرِ،
ڪونِيو ڪَنگالَنِ ڪي، ڏِئي دِلاسا دَرِ،
مَٿي وِلَهَنِ وَرِ، ڏِيهاٽي ڏاتارَ جي.
(بلاول، ٣ ـ ٩)

(٢٠٤)

سَمو سَوائي، ٻَهُون، ٻِيَنِئان! اَڳِرو،
دانَـهَ جي دَٻارِ ۾، وَرتَي اِيَ وائي،
ڳَهڻَ ڳالهائي، مُهَڻَ سَڀِ مَلهائِيا.
(بلاول، ٢ ـ ١٢)

(٢٠٥)

سمنڊُ جي سيوينِ، تنِين ماٽِڪَ ميڙِيا،
ڇِلَرَ جي ڇوئِينِ، تن سانڪوٽا ۽ سُتيُون.
(سريراڳ، ٦ ـ ١٤)

(٢٠٦)

سُمَهَٽان ساڙو، جيڏِيُون! جيڏوئِي ٿِيو،
پِرِيُنِ سين پاڙو، مُنهِنجو نِنڊَ نِبيرِيو.
(ڏهر، ٣ ـ ١٣)

(٢٠٧)

سُمَهَٽان ساڙو، جيڏِيُون! جيڏو ئي ٿِيو،
هوتَ لَنگِهيا هاڙو، تُون اَناسي! اوجِهرِين!
(ڏهر، ٣ ـ ١٤)

(٢٠٨)

سَمِيُون ڪَري سينگارُ، راءُ ريجهائِڻَ آئِيُون،
چامَ هَٿَ ۾ چارُ، ڇُلي جَهبِيرِنِ وِچَ ۾.
(ڪاموڏ، ٢ ـ ٦)

(٢٠٩)

سَنپِرِيو جِيان، ڳالِهيُون، پِرِيَمِ! تُنهنجُون،
ڳُڻَ ڪيترا ڳَٽِيان، ٿورَنِ مَٿو ناهِ ڪو.
(رپ، ١ ـ ٢٠)

(٢١٠)

سِنجي سِنجي ڪُوهَڙا، ويڙهي وِيا وَرَتَ،
مِيان! مارُوئَـڙَنِ جي، مُون ڪي هِنئڙي ۾ حَيرَتَ،
ڇُٽِڪَنِ اَندَرِ ڇِتَ، سانبِيَڙا، ساڏوهِيُون.
(مارئي، ٨ ـ ١٥)

(٢١١)

سَنجهي رَهِين سُمهي، غافل! مَنجهِ گَهرَنِ،
ليڙَنِ جو، لَطِيفُ چئي، ڪَرُڳَلُ سوءِ نـ ڪَنِ،
سي ڪِيئَن مُحِبَ مِڙَنِ؟ جي سَنجهي رَهَنِ سُمهي.
(ڪوهياري، ١ ـ ٦)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۲۱۲)

سَنجهي مُون نہ سَنپاليو، تہ ڪي اوتي ڪَندا اِيئَن،
کُهي ڪَميڻي ڪِيئَن، جَڏي راتِ جَتَن ڪِي!
(ديسي، ۴ ـ ۷)

(۲۱۳)

سَنجهي مُون نہ سَنپاليو، صُبحَ سارِيَمِ سُورَ،
آڏيءَ راتِ اُڏَميو، ڏِيَن پَلِٽيو پُورَ،
جَتَنِ لاءِ ضَرُورَ، مادَرِ! ماري آهيان!
(ديسي، ۴ ـ ۹)

(۲۱۴)

سَنجهي مُون نہ سَنپاليو، صُبحَ سارِيَمِ سُورَ،
جَتَنِ لاءِ ضَرُورَ، گهڻا گهارِيَمِ ڏِينهَڙا.
(ديسي، ۴ ـ ۸)

(۲۱۵)

سَنجهي مُون نہ سَنپاليو، مارِيَسِ سُورَ صُبُوحَ،
نيڻَ هيراڻيءَ نِنڊَ سين، جَتَنِ لَنگهي جُوءِ،
هاجو ڪَري هُوءِ، آڏيءَ راتِ اُٿي وِيا!
(ديسي، ۴ ـ ۱۰)

(۲۱۶)

سَندو ڏَمَر ڏهَڪارُ، هَڏهين ڪونهي هِنَ ڪي،
هيءَ پاڻيءَ سين پانهنجو، پُسائي نہ سينگارُ،
ڪارڻِ مُنڌ ميهارُ، ڪاريءَ راتِ ڪُنَ تَري.
(سهڻي، ۵ ـ ۱۲)

(۲۱۷)

سَنڌِيُون سُورَ ڪَرين، هَڏَ پڻ ڏُکَن هوتَ لَءِ،
پرِيَن جي پاڻَ ڏَنا، سي سُتي سُکُ نہ ڏِين،
جي ماڙهن ڪي مارِين، تِنِ سُورَن کي سَڌَ ڪَريان!
(سسئي آبري، ابيات متفرقہ ـ ۲)

(۲۱۸)

سَنگهارَن ساري، ساٿي! ڏيج سَنيهَڙا،
سا هيڪِلي گهاري، مُنڌَ ڪاڇي ڪَنڌِئين.
(ڏهر، ۴ ـ ۲۱)

(۲۱۹)

سَنها ياڻءِ مَ سَپَ، سُڪا جِنين پيٽَ،
تِنين جي جَهپيٽَ، جُنگِنِ کي جوڪو ٿِئي.
(ڪارايل، ۲ ـ ۴)

(۲۲۰)

سَنها ياڻءِ مَ سَپَ، وِياءَ واسينگَنِ جا،
جنين جي جَهڙَپَ، هاٿِي هَنڌان ٿِي نہ چُري.
(ڪارايل، ۲ ـ ۳)

(۲۲۱)

سَنهي لَڪِ، نَڪِ سَنئين، ڪَجَلَ پِنَن نيڻَ؛
سامُونڊي! مون سينڻَ، ڪِ تو ڪالهَ لَنگهائيا؟
(سامونڊي، ۱ ـ ۳۶)

(۲۲۲)

سَنهيءَ سُئيءَ سِبيو، مُون ماروءَ سين ساهُ،
وِيني سارِيان، سُومرا! گولاڙا ۽ گاهُ،
هِنئُون مُنهنجو هُتِ ٿيو، هتِ مِني ۽ ماهُ،
پَکَنِ مَنجهہ پَساهُ، قالبُ آهي ڪوٽَ ۾.
(مارئي، ۷ ـ ۱۲)

(۲۲۳)

سَنهيءَ سُئيءَ سِبيو، مُون ماروءَ سين مَنُ،
هَٿِي ڪَنَّ حِلِمَ جا، تَہ وڌائين تَنُ،
ڪِئَن توپايان ڪَنُ، اَباٽِي اِبَرَ رِيَ؟
(مارئي، ۷ ـ ۱۳)

(۲۲۴)

سَنئِين سُونهائي سَپَڪا، ڪا مُون مُنجهائي،
طَلَبَ ۽ تَحصِيلَ، اوريان ئِي آهي،
مان تَنُ تِتِ لائي، جِتِ آهِ نہ ناهِ ڪا.

(آسا، ۳ ـــ ۷)

(۲۲۵)

سَنئِين نہ سيٽان، ناهِ اُبتي اُن سين،
وَنءُ سَهي ويٺانِ، تو نہ سَرندي تِـنِ ري.

(رپ، ۲ ـــ ٦)

(۲۲٦)

سُنُ تہ سوزُ پرائِيين، 'آءُ' چيائُون اَڄُ،
بولي ٻي نہ سِڪيا، 'پاٽا' چوندءِ 'ڀَڄُ'،
واجي وَٽِ مَ وَڃُ، ٻُڌُ تہ ٻيائِي لَهي.

(سسئي آبري، ۱۱ ـــ ۲)

(۲۲۷)

سُٽي ٻولَ سَندان، جِمَ سُمهين سَسُئِي!
ڪَندِينءَ ڪوهُ ڪيٽانِ؟ جُ سي اُن اورانگهيا.

(سسئي آبري، ۴ ـــ ۱۲)

(۲۲۸)

سُٽِي ساٽيهَ ڳالَهڙِي، لهي ويا لوهَ،
اندَرَ جا اَندوهَ، لٿا ڏُڪَ: سُڪَ ٿِيا.

(مارئي، ابيات متفرقہ ـــ ۴٦)

(۲۲۹)

سُٽِي ساٽيهَ ڳالَهڙِي، وِهُسي ويڙِيچِي،
سَڀِ سُڌِ پيَمِ، سُومرا! هِتي هُتي جي،
پيِنَرُ ۽ پيچي، سُوايا سارِينِ مُون.

(مارئي، ابيات متفرقہ ـــ ۴۵)

(۲۳۰)

سُٽي طَعنو تُنهنجو، حالُ وِڃايُمِ، حقَّ!
لَڪين لوڏي آئِيا، سوڍي لاٿِمِ شڪَّ،
ڏِنَمِ ڪاڪِ ڪَهَڪَ: سِگهو موٽِج، سُپرِين!

(مومل راڻو، ۳ ـــ ۲۱)

(۲۳۱)

سُٽي وينَ ڪَنَن سين، وراڻج مَ وري،
هاديءَ جي هِدايتَ جي، آهي اِيَ ڳري،
تن سَچي ساهِ سَري، جن ماريو نفسُ ماٺ سين.

(يمن ڪلياڻ، ۸ ـــ ۱۹)

(۲۳۲)

سو پَڪي سو پچرو، سو سَرُ سوئي هَنجُ،
پيهي جان پَرُوڙِيو، مُون پانهنجو مَنجُهہ،
ڏِيلَ جَنهِن جو ڏنجُهہ، سو ماري تَو مَنجهہ قري.

(ڪارايل، ۲ ـــ ۱)

(۲۳۳)

"سو جيُ مَگَنهارَ! مَر هوءِ، جَنهن تو مَتي سِرَ سَٽو ڪيو،
جو مُون مُلِ مُورِ نہ سَپَجي، تان جي سو گهُرِيوءِ،
تہ جُڳان جُڳِ ڏِنوءِ، ڏُنگو ڏاتارَن ڪي."

(سورٺ، ۳ ـــ ۸)

(۲۳۴)

سَودو اِهوئي سَفَرو، سو مون پلي پاءِ،
وَسُ ويچاري ناهِ ڪو، تون آگا! عَرضُ اوناءِ،
ريَ همراهيءَ هاديءَ جي، مُور نہ مڙِي ماءِ،
لُطفَ ساڻ لنگهاءِ، لَهرُون لَهرِن وچ مان.

(سريراڳ، ۱ ـــ ۱۰)

(۲۳۵)

سُودو سگرين سين، ڪي جو ڪَهيائُون،
هُو جي هَنيائُون، آئُون نہ جِئَندي اُن ري.

(رامڪلي، ۱ ـــ ۱۴)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۲۳۶)

سودا! تُنهنجي سُورَ، اَندَرِ آڳيُون لائيُون،
راتا! رِهاڻِيُن جا، مارِينِمِ مَذڪُورَ،
طَعنا ڏِينِمِ تُورَ: آءَ، تہ پَرچُون پانَ ۾.
(مومل راڻو، ٦ ـ ١١)

(۲۳۷)

سودا! سُورَ سُڪائيُون، اَکِيُون آبُ نہ ڪَنِ،
راتي جِيءَ رِهاڻِ ڪي، وِرُوٽيُون وَجَنِ،
سي ڪِئَن مينڌِرا! مَجَنِ؟ جي تو سُورِيءَ چاڙهيُون.
(مومل راڻو، ٦ ـ ٨)

(۲۳۸)

سودا! شَرمايُون، پَسيو عَيبَ اَڳيان،
نَڪَ نِرچايُون، هيُون مُنهنجي حَقَّ ۾.
(مومل راڻو، ٨ ـ ٢١)

(۲۳۹)

سودا! صَبُرُ تُنهنجو، بي عَقُلَ آئي بازِ،
سَندي صَبرَ سازِ، توبَہَ ڪارِيمِ تَڪِڙي.
(مومل راڻو، ٨ ـ ٢٠)

(۲۴۰)

سودا! صَبُرُ تُنهنجو، بي عَقُلَن عَقُلَ،
آهي اُنڳَ اَمُلَ، ماڻِ تُنهنجي، مينڌِرا!
(مومل راڻو، ٨ ـ ١٩)

(۲۴۱)

سودا! صَبُرُ تُنهنجو، سَيِن سيڪاري،
مُومَلِ جي واري، ڪُہ چاڻانِ، ڪُہُ تيو؟
(مومل راڻو، ٨ ـ ١٥)

(۲۴۲)

سودا! صَبُرُ تُنهنجو، سيڪاري سَهَسَ،
پُڇِي تِئان پَهَسَ، مُون ڪي نَصيبَ نيئِي جهليو.
(مومل راڻو، ٨ ـ ١٦)

(۲۴۳)

سودا! صَبُرُ تُنهنجو، لَڄايُنَ مَرَڪُ،
نہ ڪُڇَنَ سين نَڪُ، رِءَ رُڪَ راتي وَڏِيو.
(مومل راڻو، ٨ ـ ١٤)

(۲۴۴)

سودا! صَبُرُ تُنهنجو، مَرَڪُ لَڄايُنِ،
چُپ سين جي چَوَنِ، اَدَبُ ڪَجي اُنِ جو.
(مومل راڻو، ٨ ـ ١٣)

(۲۴۵)

سودا! صَبُرُ تُنهنجو، مُومَلِ مَٽَ تيو،
تو جو ڪالَهہ ڪيو، تَنهن مَديُون مينٽي ڇَڏِيُون.
(مومل راڻو، ٨ ـ ٥)

(۲۴٦)

سودا! صَبُرُ تُنهنجو، مُون کي نَصِيحَتَّ،
ريلا ڪَنديِسِ رَتَّ، مينڌِرا! تو مَهَندان.
(مومل راڻو، ٨ ـ ١٨)

(۲۴۷)

سودا! صَبُرُ تُنهنجو، ماڙهُو ڪي مُومَلَ،
ڪُپِرِ مَنجهان ڪَلَّ، پِيِيمِ، پِرين! تُنهنجي.
(مومل راڻو، ٨ ـ ١٧)

(۲۴۸)

سوڍي ڏاران، سَرَتيُون! پيو پِتِيُنِ ۾ پَنگُ،
اُباتِجي اَڄُ ويو، راتا! تو رِءَ رَنگُ،
هِئين سان هاجو تيو، پيو اوسيڙي اَنگُ،
تُون توهِيسين سَنگُ: پُچايو، پُچان پَهي.
(مومل راڻو، ٤ ـ ٦)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٢٤٩)

سوڍي سُتي لوءِ، ڪا جا مون سين ڳالهه ڪَئي،
سا جي پڌرِ پوءِ، تہ، سَرَتيون! ڪا نہ سُمهي.

(مومل راڻو، ٤ ـ ١٠)

(٢٥٠)

سوڍي سِرُ نيو، هتِ ڪَرَنگهَرُ سَڪَٽو،
راڻي جي رهاڻ ڪي، سِڪي ساهُ پِيو،
پَسان ڪِينَ پِيو، تو رِءَ اکڙين سين.

(مومل راڻو، ٧ ـ ٥)

(٢٥١)

سوڍي مُنهنجي ساهَ سين، جيڏيون! جِتَن ڪيو!
ڪَڙي مون ڪاڪِ ٿئي، آتَڻُ وِسِريو،
پَسان ڪِينَ پيو، تو رِءَ اکڙين سين.

(مومل راڻو، ٧ ـ ٦)

(٢٥٢)

سُورَ بہ پَتون پَتِ، هِيُ چِٽِڪيو ڪي پيو،
پِريتَني پرينءُ جي، ماءِ! مُنجهايَرِ مَتِ،
پِينَنرُ! پِلِيءَ پَتِ، لَڳُمِ باڻُ بِروچ جو.

(حسيني، ٦ ـ ١٣)

(٢٥٣)

سورَٿِ مُئي، سُکُ ٿيو، خِيما کَنيا کَنگهارَ،
نَکو راڳُ، نہ رُوپُ ڪو، نَکا تَندُ تَنوارَ،
تِهان پوءِ مَگَٽهارَ، ڏِنو سِرُ ڏِياچَ ڪي.

(سورٺ، ٤ ـ ١٥)

(٢٥٤)

سورَٿِ مُئي، سُکُ ٿيو، خيما هَنيا کَنگهارَ،
ٿيو راڳُ، رُوپُ سو، لَڳي تَندُ تَنوارَ،
سو ڏِتين پَتين پارَ، پَسو! راجا راضي ٿيو.

(سورٺ، ٤ ـ ١٦)

(٢٥٥)

سُورُ جنين کي سَريو، سَري تَنِ صِحتَ،
مِني مصيبت، آهي عاشقن کي.

(يمن ڪلياڻ، ٨ ـ ٣)

(٢٥٦)

سُورَ! مَ ڏي ڏوڻَ، آئون آهيان اَڳهين ڪاهري،
جا پَرِ پاڻيءَ لُوڻَ، سا پَرِ مُنهنجي چِنڊُڙي.

(حسيني، ٦ ـ ٦)

(٢٥٧)

سُورَ! مَ مَنِج ساءِ، آئون نہ وکَني آهيان،
وَڃج مَ ويلَ کَنهين، ورِهَ! مُون وَٽاءِ،
تُون پڻ تڏهن جاءِ، جڏهن ٿيا، هيڪاندي هوتَ سين.

(حسيني، ٦ ـ ١٢)

(٢٥٨)

سُورَ! مَ وِڃيجاهُ، سَڄَڻَ جِتَن سانگِ ويا،
پرينءَ پُڄاڻاءِ، آئون اوهان سين اوريان.

(حسيني، ٦ ـ ٧)

(٢٥٩)

سُورَ نہ ساڱاهينِ، ڏِيَنِ اُڌما اوچتا،
مُون کي مُون پِرِيُن جا، اَميا آهين،
لَڄُون جي لاهينِ، سيئي ٿِيَمِ سامُهان.

(حسيني، ٦ ـ ١٠)

(٢٦٠)

سُورَن سانديياسِ، پورَن پالي آهيان،
سُکَنِ جي، سَيَدُ چئي، پُکي نہ پيياس،
جيڪُسِ آئون هُياسِ، گُري گُونڌَرَ وَلِ جي.

(حسيني، ١٠ ـ ١٦)

(٢٦١)

سُورَن سانگهارو، ڪَڏهِن تان ڪونَ ڪَيو،
آيَـلِ! اوپـارو، پاڙُوڏو پـوڙ وَهـي.

(حسيني، ٦ ـ ٨)

(٢٦٢)

سُورَن سِجهائي، ڇيلهہ ڀَڏيو چوٽِيُن چَڙهي،
سَگَ پِريان جي سُئي، ميڙِي، مِلائي،
لَڏائِين لَطِيفُ چئي، لالَـنُ لالائي،
بانيَنِ باڏائي، حَبِيان وارِيو هوتَ ڪي.

(سسئي آبري، ٧ ـ ١٣)

(٢٦٣)

سُورَن لَڌو سَجُهہ، پاٿهي پيهي آئيا،
ڪنهن ڪي ڏيان مَنجُهہ؟ مَرُ تان چِٽِڪِن چِتَ ۾.

(حسيني، ٦ ـ ١١)

(٢٦٤)

سُورَ وِراهِيان، سَرتِيُون! جي وِراهِيا وَڃَنِ،
پِيُون ڪوهُ پُڇَهَنِ؟ جن سَندا، تن ساموهان.

(حسيني، ٦ ـ ٢٠)

(٢٦٥)

سُورِہَ! مَرِين سوبَ ڪي، تہ دِل جا وَهمَ وِسارِ،
هَنُ پالا، وِڙهُ پاڪُرِين، آڏِي ڍالَ مَ ڍارِ،
مَٿان تيغَ تَرارِ، مارِ تہ مَتارو ٿِئين.

(ڪيڏارو، ٥ ـ ٥)

(٢٦٦)

سُوري آهِ سينگارُ، اَڳهِين عاشقن جو،
مُڙِنُ، موٽَڻُ ميهڻو، ٿِيا نِظاري نِروارُ،
ڪُسَڻَ جو قَرارُ، اَصُل عاشقن کي.

(ڪلياڻ، ٢ ـ ٥)

(٢٦٧)

سُوري سَڏُ ڪري، اُپِي عاشقن کي،
جي اَٽِيئي سَڏُ سِڪڻَ ۾، تہ ڪَوءِ مَ پيرُ پري،
سِپِي ڏارَ ڏري، پِڇج پوءِ پريتڻو.

(ڪلياڻ، ٢ ـ ٣)

(٢٦٨)

سُوريءَ سينگاري، اَصل عاشقن کي،
لُڏيا ڪِينَ لطيف چئي، ٿِيا نيزي نظاري،
ڪوٺيو ڪِناري، آٽيو چاڙهي اُنِ کي.

(ڪلياڻ، ٢ ـ ٦)

(٢٦٩)

سُوريءَ تي سَؤُ وارَ، ڏهاڙيو ڇَنگ چڙهين،
جِمَ وِرچِي ڇڏئين، سِڪڻَ جي پچارَ،
پِرتِ نہ پَسِين پارَ، نينهن جِئان ئي نِڳيو.

(ڪلياڻ، ٢ ـ ٩)

(٢٧٠)

سُوريءَ چڙهڻُ، سيج پسڻُ، اِيُ ڪم عاشقن،
پاهُون ڪِينَ پسِنِ، سائُو هَلِنِ ساموهان.

(ڪلياڻ، ٢ ـ ٨)

(٢٧١)

سُوريءَ سڏُ ٿيو، ڪا هلندي جيڏيون؟
وڃڻ تـنِ پيو، نالو نينهَن ڳِنَهن جي.

(ڪلياڻ، ٢ ـ ٣)

(٢٧٢)

سُوريءَ مٿي سيڄَ، ڪهڙي ليکي سَنرا؟
جيلَـہ لڳا نيڻَ، تي سُوريان ئي سيج ٿي.

(ڪلياڻ، ٢ ـ ٧)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٢٧٣)

سَوَڙِيين سُنَڙياءِ، پَکو سَهُو وِلاريو،
چَنيسَرَ کانڌاءِ! تان مُون هِتَّن نہ پائيو!

(ليلا چنيسر، ١ ـ ١٦)

(٢٧٤)

سو ڪانگُ مَر قاصِدُ ڪَر، جو سَدا ڏُونڊي ڏُونڊَ ڪي،
ڪِ ڪَندو پَنهنجي پيٽَ جي، ڪِ ويندو دوسَنِ دَرِ؟
جَنهِنجي بولِيائي ’بَرِ بَرِ‘، سو نِياپا نيئي رَهيو!

(پورب، ١ ـ ٢٩)

(٢٧٥)

”سُؤ سِرَنِ پائي، جي تَندُ بَرابَرَ توريان،
اُٿَلَ اوڏانهين ٿِئي، جيڏانهن پيچَلُ پُرائي،
سَڪِنُو هَڏُ آهي، سِرَ ۾ سَجَڻُ ناهِ ڪِي“

(سورٺ، ٣ ـ ١٢)

(٢٧٦)

سَؤ سُکَنِ ڏيئي، وِرهُ وهايُمِ هيڪِڙو،
مُون کي تنهن نيئي، پيرُ ڏيکاريو پرينءَ جو.

(حسيني، ٦ ـ ٥)

(٢٧٧)

سَؤ سُکَنِ ساٽي ڏِيان، سِرُ پِڻ ڏِيان سَٿِ،
جي مُون مِڙِي مَٿِ، تہ وِرهُ وهايان هيڪِڙو.

(حسيني، ٦ ـ ٤)

(٢٧٨)

سَؤ ڪوهَ ڪري سَيِڪا، تُون، ڪُهي! ڪَنجِ وڪَ،
تاڃَ مَنجهان تِکَ، تہ پَنڌُ پاسي پِرِ نِبري.

(سسئي آبري، ٩ ـ ٩)

(٢٧٩)

سونا ڪُرَّ ڪَنَنِ ۾، ڳِچِيءَ ڳاڙها هارَ،
پانهُوَتا پانهُنِ ۾، سِينڌِ سَٽِيا وارَ،
تيلانہَ پِيَّ پَچارَ، ڪانڌَ مُنهنجي چِڏِيي.

(ليلا چنيسر، ١ ـ ١١)

(٢٨٠)

سونا! وانءُ صَرافَ سِيئَنِ، لَڌو لاهِ مَ لَڌِ،
سودو سوئي چَڏِ، جنهن ۾ جَواهِرُ ناهِ ڪِي.

(سريراڳ، ٤ ـ ٨)

(٢٨١)

سونا! وانءُ صَرافَ سِيئَنِ، لَڌو هَڏِ مَ لاهِ،
آهي تن اُونداهِ، جن جَواهِرَ ضايَع ڪيا.

(سريراڳ، ٤ ـ ٩)

(٢٨٢)

سونَ بَرابَرِ سَڳِڙا، لُوڻُ لُوڻُ بَرابَرِ لَکُ،
رُپو جنهن رَدِ ڪِيو، ڪوڙِ تَنهين کي ڪَکُ،
مُون ماروءَ جو مَکُ، تيلُ نہ لائِيان تُنهنجو.

(مارئي، ٣ ـ ٤)

(٢٨٣)

سونَ بَرابَرِ سَڳِڙا، ماروءَ سَندا مُون،
پَٽولا پَنوهارِ کي، عُمَرَا! آڇِ مَ تُون،
وَرُ لوئيءَ جي لُوڻُ، ڏاڏاڻَنِ ڏِنيامِ جا.

(مارئي، ٣ ـ ٣)

(٢٨٤)

سونَ ساريڪا هَٿِڙا، ڪوهُ نہ ڪَتِين رَڌِ؟
ويهي ڪُنڊَ، ڪاپو ڪَرِ، ڳُهتُون گوهيُون چَڏِ،
تہ صَرافاڻي سَڌِ، مَرَڪيو هُوندِ مَٿائيين.

(ڪاپائتي، ١ ـ ١٢)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٢٨٥)

سونَ وَرنِيُون سوڍِيُون، رُپي رانديُون ڪَنِ،
اَگر اوطاقُنِ ۾، ڪَتُورِيُون ڪُٺِنِ،
اوتيائُون عَبِيرَ جا، مَٿي طاق تَڙَنِ،
باڻِن ٻيلون ٻَڌِيُون، پَسِيو سُونهَن سَڙَنِ،
ٿِيا لاهُوتِي لَطِيفُ چئي، پَسَنَّ لَءِ پِرِيَنِ،
اِجهي تا اَچَنِ، ڪاڪِ ڪَڪوريا ڪاپَڙِي.

(مومل راڻو، ٣ ـ ٣)

(٢٨٦)

سُونهان سُڏيون ڏِينِ، هِنَ ديواني درياہَ جون،
ڪُوڙَ اوڏائِي ڪِين ڪِي، رُڳو سَچُ سودِينِ،
عِجزَ جو اَڏُ راتِ ڪِي، وَڪَرُ وهائِينِ،
ساڻُ نِباهِيو نِينِ، ثابِتُ اِنهِيءَ سِيرَ مان.

(سريراڳ، ٥ ـ ٨)

(٢٨٧)

سُونهَپَ ۾ سَپَ گهڻا، مُنجهَنُ ماڪِي هوءِ،
پَرو تَنهِين پوءِ، جو اُجهِي پوءِ اُنِ تان.

(ڪاموڏي، ٣ ـ ٦)

(٢٨٨)

سُونهَن وِجايَمِ، سُومرا! تِينديَس ڪِئَن قَبُولُ؟
ڪونهي سُهڳُ نہ سوُلُ، پُوڇي مُنهُن پَنوهارَ سين!

(مارئي، ٥ ـ ٩)

(٢٨٩)

سُونهَن وِجايَمِ، سُومرا! پَسان ڪِئَن پَنوهارَ؟
ڏُٿي جا ڏَڙارَ، تنهن رِ رُوءِ رُچَڻُ ناہِ ڪو.

(مارئي، ٥ ـ ٧)

(٢٩٠)

سُونهَن وِجايَمِ، سُومرا! سِڪَر جهڙي سُونهَن،
دِلِ ۾ ڏُکي ڏُونهَن، مُنهنجو مُنهُن ميرو ٿِيو.

(مارئي، ٥ ـ ٣)

(٢٩١)

سُونهَن وِجايَمِ، سُومرا! عُمَرَا! ٿِيَسِ اَسِيرَ،
مارُو مَنجِھ مَلِيرَ، مُون سِين هِتِ هِئَن ٿِيو!

(مارئي، ٥ ـ ٨)

(٢٩٢)

سُونهَن وِجايَمِ، سُومرا! ڪوٺِيين اَچي ڪالَ،
ڪِينَ پَسَنديَسِ پالَ، حُسنُ مُون هِتِ وِيو.

(مارئي، ٥ ـ ١٠)

(٢٩٣)

سُونهَن وِجايَمِ، سُومرا! ڪيڏانهن ويمِ ڪَمالُ!
وَجان ڪِئَن وَطَنَ ڏي، هَھڙو وَتي حالُ؟
جي مان ڏِينِ جَمالُ، تہ پَسان مُنهُن پَنوهارَ جو.

(مارئي، ٥ ـ ٥)

(٢٩٤)

سُونهَن وِجايَمِ، سُومرا! مارُو مَسَ مَڃِينِ،
ڏُنگا ڏاڏِي پوٽيين، ڪِن ڏِنا، ڪي ڏِينِ؛
جي مان لوہَ لاهِينِ، تہ ڪوٺَنِ ۾ ڪِينَ هُئَان.

(مارئي، ٥ ـ ١)

(٢٩٥)

سُونهَن وِجايَمِ، سُومرا! ميرو مُنهُن ٿِيومِ،
وَڃَڻُ تِتَ پِيومِ، جِتِ هَلَڻُ ناہِ حُسنَ رِيَ.

(مارئي، ٥ ـ ٢)

(٢٩٦)

سُونهَن وِجايَمِ، سُومرا! وَطَنِ وَجان ڪِيئَن؟
حُسنَ ڏاران هِيئَن، پَسان ڪِئَن پَنوهارَ ڪي؟

(مارئي، ٥ ـ ٦)

(٢٩٧)

سُونهَن وِجايَمِ، سُومرا! هِتي اَچي هاڻُ،
ڪِئَن لَهَنديَمِ ڪاڻُ؟ حُسنُ مُون هِتِ وِيو!

(مارئي، ٥ ـ ٤)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٢٩٨)

سو هِيُ، سو هُو؛ سو اَجَلُ، سو اَللهُ؛
سو پِرين، سو پساهُہ؛ سو ويري، سو واهَرُو.

*(ڪلياڻ، ١ ـ ١٨)*

(٢٩٩)

سوئي راهَ رَدّ ڪري، سوئي رَهَنُماءُ،
'وَتُعِزُّ منْ تَشَاءُ، وَتُذِلّ مَنْ تَشَاءُ'.

*(ڪلياڻ، ٣ ـ ٧)*

(٣٠٠)

سوئي ڪَٽيو ساڻُ، سوئِي ڏورِئين، سَسُئِي!
ڪَڏهِن ڪَنهين نہ ڪيو، چُلَنَّ مَنجهان چاڻُ،
پُڄُ پِريان ڪَرَ پاڻُ، تہ تون تِئائين لَهين.

*(سسئي آبري، ٣ ـ ٧)*

(٣٠١)

سَهَسين جِئان سِڪَنِ، تِئان مُومَلِ موتَڻُ لِکيو،
سي هُنهين جاڙَ جِئَنِ، جي ڪُوڙي ڪاغذِ آئِيُون.

*(مومل راڻو، ٧ ـ ١٤)*

(٣٠٢)

سَهسين سائِرَ ٻوڙِيُون، منڊّ ٻوڙِيو مَهراڻُ،
وَهَ وڄايو پاڻُ، هَٽي ڪَنڌُ ڪَپَنِ سين.

*(سهڻي، ٦ ـ ١٨)*

(٣٠٣)

سَهسين سائِرَ گَجَنِ، توءِ سَهَجَ نہ مَٽي سُهڻي،
تہ ڪي نِيهَن ڇِڃَنِ، پَرِ تَهِين پرِيُنِ جي؟

*(سهڻي، ٦ ـ ١٩)*

(٣٠٤)

سَهسِين سِڄَنِ اُڀري، چوراسِي چَنڊَنِ،
بالله ريَ پِريَنِ، سَڀَ اونداهِي ٻانئيانَ.

*(ڪنڀات، ١ ـ ١٣)*

(٣٠٥)

سہَ سِيارو، پاڻي پارو، جِتِ جُهڙُ، جَهڪَ ۽ جهولَ،
مَنَ اَندرِ ميهارَ جا، هنئَڙي اَچِنِ هولَ،
جيلان ٻَڏيَسِ ٻولَ، اَڙانگا آرَ تَران.

*(سهڻي، ٣ ـ ١٥)*

(٣٠٦)

سَهَسين سيبا ڪَنجُري، لوئي سين لِيڙُنّ،
هَهڙو حالُ وَڻي ڪَري، وَڃان مَنجِهہ ٿَرَنَّ!
مارُو مانَ چَوَنِّ، تہ هُئي اَسانهين آسِريَ!

*(مارئي، ٢ ـ ١١)*

(٣٠٧)

سَهَسين سيبا ڪَنجُري، لوئِي لِيڙَ ٿِيامِ،
اَباڻَنِ جي آسِري، ڪَتِي ڪانَ ڪَيامِ،
جا ڏِٺِ ڏِڪِيامِ، تَنهنجو، پَرِوَرَ! پَنُ رَهائِيينَ!

*(مارئي، ٢ ـ ٩)*

(٣٠٨)

سَهَسِين سيبا ڪَنجُري، لوئِي لِيڙُون لِيڙَ،
واسي وارَ نہ وِيڙهيان، مَرُ ڇَڳُون رَهَنِ چِيڙَ،
مارُوءَ جي مُهاڙَ رِءَ، اَندَرِ ناهِ اُڪِيرَ،
هَهِڙو حالُ، هَمِيرَ! وَڻِي شالَ وِيڙهِ وَڃان!

*(مارئي، ٢ ـ ١٠)*

(٣٠٩)

سُهمَ پَسان ٿِي، سُومِرا! پِريُنِ رِءَ پِيئي،
مُلِ رَساڻي مارُئِين، مُون ڪَي ڪو نيئي،
تہ ساڻُن سَپيئي، ڳُجَهہ ڳَرهِيان ڳالهِيُون.

*(مارئي، ابيات متفرقہ ـ ٤)*

(٣١٠)

سُهڻِيءَ ڪي سِينگارَ، اَنَّ لِکِيا اَڳي هُئا،
'ڪُنْ فَيَڪُونَ' ڪانَ هئي، نڪا ٻِي پَچارَ،
مَرڪي ساڻُ ميهارَ، لايائِين لَنؤ لَطِيفُ چئي.

*(سهڻي، ٦ ـ ٣)*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۳۱۱)

سَهين جئَن ساندانِ، ڏکن متي ڏکڙا!
وَهِ وِجائي پانڻ، ڏي ڏہائون ڏُگرين.

(يمن ڪلياڻ، ۳ ـ ۲۱)

(۳۱۲)

سِياري سِهَ راتِ ۾، جا گهڙي وَسندي مينهَن،
هَلو تہ پُڇون سُهڻي، جا ڪَرَ چاڻي نينهَن،
جنهن کي راتوڏينهَن، ميهارُ ئي مَن ۾.

(سهڻي، ۳ ـ ۱۲)

(۳۱۳)

سي تو ويهي وِڃائِيا، جي ڪَتَڻَ سَندا ڏينهَن،
اَرٽَ اوڏي نہ ٿِئين، پوري! پوري سِيئَن،
ڪَنڌُ ڪَتندينءَ ڪِيئَن، اَگُڻِ عَجيبَن جي؟

(ڪاپائتي، ۱ ـ ۱۰)

(۳۱۴)

سي ٿاريلا ٿَرَن ۾، جي مان گهٽ گُهري،
وَطَنُ، وَس، وَسَنديُون، هِنئڙي نِتُ هُري،
اَندَرِ چِتَ چُري، وِرهُ ويڙيچَن جو.

(مارئي، ابيات متفرقہ ـ ۳۷)

(۳۱۵)

سي پُوڄارا پُرِ ٿِيا، سمنڊُ سيويو جن،
آنداڻُون عَميقَ مان، جُوتِيِ جواهرن،
لَذائون، لطيفُ چئي، لالُون مان لَهرن،
ڪانهي قيمتَ تن، مُلهہ مَهانگو اُن جو.

(سريراڳ، ۲ ـ ۴)

(۳۱۶)

سيرانديءَ سازُ ڪَيو، سُمهين ساري راتِ،
جاڄِڪاٽي ذاتِ، اِيئَن نہ هوءِ اَڳهين؟

(پرڀاتي، ۱ ـ ۳)

(۳۱۷)

سي ساهيڙيُون سارين تو، سِيلُ جِنين جو سَچُ،
مارُوءَ رِءَ مَ مَڇُ، سِيهو پائِڄ سونَ کي.

(مارئي، ۱۰ ـ ۲)

(۳۱۸)

سِيلَ پَڃَڻَ جِي، سُومِرا! مُون کي مَتِ مَ آڇج مِيرَا!
تورين گهَٽين ڏينهَنڙين، ويندِيس هُتِ هَميرَا!
مَڃُڻ مَنجهہ مَليرُ، ڪَنڌُ مَتانهون نہ ڪَنان.

(مارئي، ۲ ـ ۲)

(۳۱۹)

سيٽَن ڪارَڻِ، سَسُئي! وَڃَڻُ ڪَڄي وَسُ،
جِرَ وِرچي چَڏَئين، سَندو گُنگَن گَسُ،
ڏوتي ڏيينداءِ ڏَسُ، آڳِيان پاروچَن جو.

(سسئي آبري، ۸ ـ ۱۲)

(۳۲۰)

سيوا ڪر سَمنڊَ جي، جِتِ جَرُ وهي تو جالَ،
سَئين وَهَن سيرَ ۾، ماڻڪ، موتِيِ، لالَ،
جي ماسو جُڙيئي مالَ، تہ پُوڄارا! پُرِ ٿِئين.

(سريراڳ، ۲ ـ ۳)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۳۲۱)

سيويو جن سُبحانُ، وِيرِ نہ وِڙهي تن سين،
توبَہ جي تاثِيرَ سين، ترِي ويا طُوفانُ،
ڏيئي تَوَڪَّلَ تَڪِيو، آرَ لنگهيا آسانُ،
ڪامِلُ ڪِشتيبانُ، وچ ۾ گڏين واهَرو.

*(سريراڳ، ۲ ـ ۵)*

(۳۲۲)

سُيَءِ ڪا تَنوارَ، ڪِي هُنئين تي هَٿَ ڪَئين،
سَوين رُليوُن سَسُئيون، هوتاڻَنِ هزارَ،
پاروچاڻا پارَ، توڙان تَرسُ نہ سِڪيا.

*(حسيني، ۱ ـ ۱۴)*

(۳۲۳)

سيئِي جويَنَ ڏينهَن، جڏهن سَجَڻَ سَفر هَليا!
رُئان رَهنِ نہ سُپرين، آيَل! ڪَريان ڪيئَن؟
مونکي چاڙهي چِيئَن، ويو وَڻجارو اوهري!

*(سامونڊي، ۱ ـ ۸)*

(۳۲۴)

سيئِي سُورَ طبيبَ، جنين سُورَ سَڄَ ڪي،
جو لِکيو هُت، لطيف چئِي، سوئي ڪن قَريبَ،
جي نَوازيا نصيبَ، دارُونءَ سي دُرستُ ڪيا.

*(يمن ڪلياڻ، ۸ ـ ۴)*

## وائي-۱

ساٿِين نَنڊا بارَ، ووا! تن پانڌِين نَنڊا بارَ،
توکي آرسُ اَکَڙيُن ۾!
پاتا پاڙيواريين، پڳه منجهہ پاتارَ،
پَتَنُ تو پُورَ ڪري، آئِي تنهنجڙي وارَ،
سَڃيوُن راتيوُن سَمهين، ڪِيو منجهہ خُمارَ،
ڪِ تو ڪَنين نہ سُئِي، هَلَڻ جي هاڪارَ؟
تائِبَ ٿيو تَڪِڙا، سَچِي اِيَ سَنيارَ،
ننڊَ نہ ڪجي ايتري، سُتَج آڌا يارا!
سائينءَ مُڪين سَڄَ ڪي، تون ڪُوڙو منجهہ قَطارَ،
ڪِ تو ڪَنين نہ سُئِي، ڪَپَرَ جي ڪُوڪارَ؟
گهڙان تي رِءَ گهڙي، اِلاهي تُهارا!
هو جو شَڪُ شارِڪَ جو، تئان رَکُ سَتارَا!
ڪُلُّ نَفسٍ ذائِقَةُ المَوتِ، پڙهو اِيَ پچارَ،
شِڪارُ تون شهبازَ جو، تون تان مَنجهہِ شِڪارَا!
يَومَ يَفِرُّالمَرءُ مِنَ اَخِيهِ، جت پَڄندا يارَ،
تُرهو چنو تارِ ۾، اَڇِج تُون اوسارَا!
لَکَ مِڙيئي لُٽيا، هُنئِهين ويا هزارَ،
ڏنئہ جي اَللهُ ڪي، هوندَ تئين پريين پارَ،
جوڻَن مٿان جُتِڪي، دُني تنهنجي دارَ،
جيفو آهِ حديث ۾، اَنڌيءَ اِيَ اَچارَ،
وَتِيءَ ڪين وَلَهِن سين، ڪَنبي پَرِ قهارَ،
سا ڪئَن هلي توسين، جا پڳي ڪان پتارَ؟
جيڻُ، جالَ نہ نِبهي، سُتَج اِيَ سَنيارَ،
جمَ وِسارئين ويسرا! پيتيُن جي پُلڪارَ.

*(سريراڳ، ۳ ـ وائي)*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## وائي- ۲

سارو ڏِينهُن رِڻَ ۾، رَهيا سي اِمامَ،
رِڻَ ۾ رَهيا سارو ڏِينهُن، رِڻَ ۾ رَهيا،
هَيءِ! هَيءِ! رِڻَ ۾ رَهيا!
”ٿون جا وَڃِين ڪُونجڙي! هَيءِ! هَيءِ! ناني ڏيج سَلامَ،
مُون کي ويرِيُنِ ويڙِهيو، مؤلا! مِينهُن وَساءِ.“
(ڪيڏارو، ۴ ـــ وائي)

## وائي- ۳

سائين! سَڱُ سَندومِ، مَ ڇِڄي سين جوڳيين!
هَلَڻَ جو هِنگِلاجَ ڏي، آديسِيُنِ اُتومِ،
نيئي پُورَبَ پارَ ڏي، ويراڳِيُنِ وِڌومِ،
سوئي تِيرَٿَ تَڪِيو، سوئي پَنڌُ سَندومِ،
هُو جو تِيرَٿَ تَڪِيو، سامِيُنِ سُونهايومِ.
(پورب، ۱ ـــ وائي)

## وائي- ۴

سيڪا پريان کون پُڇي؛
نينهن نيٽين، ڳُڻُ ڳالهہ وو.
جا چِتايم چِتَ ۾، سڄڻ سا تو ٻُجهي؛
لات جا لطيف جي، سَڌُ تَنهنجو سُڄي.
(ڪلياڻ، ۱ ـــ وائي)

## وائي- ۵

سُپِيريان جي سونهن جِي، ڳالهہ ڪِينَ وڃي.
وِڃي دَرِ دوستن جِي، سُوريءَ سِرُ هَڄي،
عاشقَ اَنگُن چڙهيا، ٻيو سيڪو پَڄي،
پِڄِج پوءِ پِريتٽون، پهرين سِرُ سَڄي،
عاقِلَ ئِي اوڇُونَ ٿِيا، پورو ڪِينَ پَڄي.
(يمن ڪلياڻ، ۷ ـــ وائي)

## وائي- ٦

سَڄَڻَ ٻاروچي جي ذاتِ، دِلبَرَ ڪوهِياري جي ذاتِ.
اُٺَ ڳُنگائي هَلِيا، وائي ڪَنِ نہ واتِ،
جاني جَتَ وَنِي ويا، روهَ ۾ پِيَمِ راتِ،
کُهي ڪَمِيٽي هَلِيا، اَدِيُون! آڌيءَ راتِ،
مِلان مَحبُوبَنِ کي، وهاٽيءَ پِرِياتِ،
اَدِيُون! عَبدُاللّطِيفُ چئي، ڏاتَرُ ڏِيندو ڏاتِ.
(بروو سنڌي، ۳ ـــ وائي ۱)

## وائي- ۷

سَچا ساهَڙ! مونکي ٿُون، اي وَنِهيان واهَرَ! مونکي ٿُون،
اي! نيئي اَولِ پِريان جي پارَ ڏي.
ڪُنَ جي ڪارونڀَار جا، وو! سي آئُون ڀانئِيان ڀُون،
سَندو جِيئَڻَ آسرو، وو! مَنان لاٿو مُون.
(سهڻي، ۲ ـــ وائي)

## وائي- ۸

سَڌين سيڻَ نہ هُونِ، نيِنهُن نياپي نہ ٿئي.
ڪاريءَ رات رَتَ ڦڙا، جان جان نيڻ نہ رُوَنِ،
موٽڻ جنين ميهِڻو، پِڙَ تي سيئي پُونِ،
جن مسافر سُپِرِين، سي مَرُ رويو رُونِ.
(ڪنڀات، ۲ ـــ وائي ۲)

## وائي- ۹

سَرَتِيُون! سَڱيٽِيُون سارِيان پِيرُ پِرينءَ جو.
مُون پَنهنجي پِرِينءَ سين، ڳُجهُون ڳالَهڙِيُون،
ڳالِهيُون، پِرِيَمِ! تُنهنجُون، وَڏي وَڻَ ٿِيُون،
گوشي پِرِين نہ گَڏِيا، ڪَرَ سين مُون نہ ڪَيُون،
لالائي جي لوءَ ۾، ساري راتِ سَيُون،
توبَهَ آهي تِنِ کان، جي هَٿان مُون ٿِيُون،

مُون کي ڏئين نہ مُنهن ۾، جي مُون ڪالهہ ڪيُون،
اَرتو اوتَنُ ڄِڪيُون، عادَتَ اَڪَڙِيُون،
مُنهنجا ڪَمَ ڪَرِيمَ تي، پيا ڪَنِ پِيُون.
آلا! عَبدُاللّطِيفُ چَئي، صاحِبَ! ڪَج سَنيُون.
(رپ، ۲ ـ وائي ۱)

## وائي- ۱۰

سَندَڙِيانِ سِگَڙِي، ڳالهِ ڳُجهَڙِي، مُون مارِيندِي ڪَڏهِين.
جا وَڄائِين جَنتَڙا، نہ تَنهن نَڙَ جهَڙِي،
مُرلِيءَ کي جَنهِن ماتُ ڪَيو، نہ تَنهن تُلِ تُنبَڙِي،
تارِيو جَنهِن توڏِيءَ کي، نہ سوگهِندُ نہ گهِندَڙِي،
ڏارِيو جَنهِن ڏياچَ کي، تَندُئان تَنهن تِڪَڙِي،
نہ سِري نہ سِندُ کا، نَڪا هِندُ هَهَڙِي،
مِنائِيان مِنِي گهَٽو، چَوندا جن چِڪَڙِي،
ونئُن اونائي اُنَ کي، ويهُ مَ، ڪَنُ وِڪَڙِي،
بيخودِ بابُو سي ٿِيا، ٻُرَندِي، جن ٻُڌَڙِي،
جا ساراهيلَ سُبحانَ جِي، تَنهن واڪاڻُ ڪَهڙِي؟
سَهَسين سُرُودَنِ کي، پاٽان پوءِ وَجهَندَڙِي،
گهاندارَ مِرُونِ موهِيا، هيءَ ماڙهُو مُهَندَڙِي،
اَدِيُون! عَبدُاللّطِيفُ چَئي، هيءَ مُئا جِئارِيندَڙِي.
(رامڪلي، ۱ ـ وائي)

## وائي- ۱۱

سَهسين شُڪرانا، ڪوڙِيين پالَ ڪريمَ جا.
حَمد چَئج حڪيمَ کي، جورِ هِٽي جانا،
تو ڏيڪاري تو ڏٽي، باطِنَ جا بانا،
متان، مردَا! وسارئين، صاحبَ جو ٿَنا،
دوستُ رکِي دل ۾، پَڙهُ لالَنُ لِسانا،
جَفا ڏيئي جِيَ کِي، ٿِيُ فِڪرَ منجهہ فَنا،
تُسِي توسين توهُ ڪري، مَنَ آگو اَحِسانا،
ڪڏُ تون دغا دل مان، پانهِپَ سين پانا!
صاحبَ وٽي سچَ سين، ٿِي دانهُ، ديوانا!
جي تسليمَ سين تَحقيقُ هئا، سي ڪئُن اَمانا؟
جاڳيا جي جبارَ لءِ، سيئِي سَمانا،
فَاذْكُرُونِيۤ اَذْكُرْكُمْ، ڪَهيو قُرآنا،
وَاشْكُرُوالِيۡ وَلاَ تَكْفُرُوۡنِ، ڪڍُ تون ڪُفرانا،
سَبِ سَنوريا سُپرينءَ، ڪُوَلَ تو ڪَنا،
چڱي چئج چاهَ سين، مَدحَ اِيَ منَا،
تائِبَ ٿيو تَڪڙا، جوشا، جُوانا!
تہ لهين تون لطيفَ ڪان، اَمَنُ اِيمانا.
(سريراڳ، ۱ ـ وائي)

## وائي- ۱۲

سائين! سَڱُ سَندومِ، مَ ڇِڄي سين جوڳِيين!
هَلَڻَ جو هِنگِلاجَ ڏي، آديسِيُنِ اُتومِ،
نيئي پُورَبَ پارَ ڏي، ويراڳِيُنِ وِڌومِ،
سوئي تِيرَٿَ تَڪِيو، سوئي پَنڌُ سَندومِ،
هُو جو تِيرَٿَ تَڪِيو، سامِيُنِ سُونهايومِ.
(پورب، ۱ ـ وائي)

## وائي- ۱۳

سِياڪو سيٽانِ، پوري! تو پاڻُ سُڃاڻي نہ ڪيو.
موتِيو ماڳَ نِهارِئين، ڪَهڙِي مُنهن ڪيٽانِ؟
هُوندَ نہ پيئِينءَ هيتِري، ويئِينءَ جي سيٽانِ،
مَڃَ پَسي ڪِئَن موتِئين، سَڙيئَن نہ لَءِ سيٽانِ،
واريءَ جِئَن وِجُري هِنئون، ڪِرڪي لَءِ ڪيٽانِ،
آئَنِ مُنهنجا اَنگَڙا، ڪالهُون پوءِ ڪيٽانِ،
چَپَرَ ڪَنديَسِ پَندَڙا، مُون پانيو سيٽانِ.
(ڪاهوڙي، ۳ ـ وائي ۱)

# ش

(۱)

شُڪُرُ گَڏِياسُون، سُپرِينَ! جِڙَي، جانِي يارَا!
وِينِي جن جي وَتِ ۾، ڪوڙين ٿيا قرارَ،
ڏِٺيمِ! ڪَرِ مَ ڏارَ، پاڙون تِنِ پرِيُنِ ڪان.
*(بروو سنڌي، ۳ ـ ۵)*

(۲)

شَمَعَ بارِيندي شَبَّ، پره باڪُون ڪِڍِيُون،
موٺ، مَران تِي، مِينڌرا! راتا! ڪارَڻ رَبَّ،
تنھنجِيءَ تاتِ طَلَبَّ، ڪانگَ اُڏايم ڪاڪِ جا.
*(مومل راڻو، ۴ ـ ۱)*

## وائي- ۱

شادِيءَ جو سِينگارُ،
آيَلِ! مَرڪُ مُنھنجو مُون پرِينَ.

آھي گِهُه گِچِيءَ جو، ڏِئِي ھالورا ھارُ،
آھي اُگھاڙِين ڪي، جانِبَ جو جِنسارُ،
آھِين ڪاچُ بُڪِينَ جو، تُون تان طَعامُ تيارُ،
اَعليٰ اَچو عِيدَ ۾، دوسِتاڻو ديدارُ،
حُسَنَ ھوتَ پُنھونءَ جي، ڪَڪورِيو ڪوھيارُ،
سُجَ ڪَيائِين سُرَھي، واسِيائِنَ وَٽِڪارُ،
چِپَرَ چاڻُون مُڪِيُون، عَطُرُ ٿِيو آوارُ،
ڪوڙِيين ٿِيا ڪيترا، نالي تان نِثارُ،
سَدا صلابَتَ جي، گولِي گِرفتارُ،
گھورِيان گھَرُ گھِتِيءَ تان، اَچِي جِئان آڌارُ،
اَدِيُونَ! عَبدُاللّطِيفُ چئي، مِليو مُون مَنٺارُ.
*(حسيني، ۲ ـ وائي)*

# ص

(١)

صاحِبَ! تُنهنجِي صاحِبي، عَجَبَ جهڙي آهِ،
وَڏي سَگهہ سَندياءِ، پاڻَ وَهيٽو آهيئين.
(ڏهر، ٢ ــ ٢٠)

(٢)

صاحِبَ! تُنهنجِي صاحِبي، عَجَبُ ڏِني سُون،
پَنَ ٻوڙين پاتالَ ۾، پَهَڻَ تارين تُون،
جيڪَرَ اَچِين مُون، تہ ميريائِي مانُ لَهان.
(ڏهر، ٢ ــ ١٩)

(٣)

صُبحَ سِگَـڙيُون ڪَـٽي، ويا ڏڪائي ڏُورِ،
تِيا ڏِينارِيان ڏُورِ، آئُون نہ جِئَندي اَنِ ري.
(رامڪلي، ١ ــ ١٦)

(٤)

صُبحَ سِگَـڙيُون ڪَـٽي، ويا وَڃائي وِيرَ،
ڏورِيان ڏُورِيان، نہ لَهان، تَن بيراڳِيُن ٻَهيرَ،
جن آسَنَ مَنجهہ عَنبِيرَ، آئُون نہ جِئَندي اَنِ ري.
(رامڪلي، ١ ــ ١٧)

(٥)

صَـبُرُ شاڪـِرَن، آهـي اوطاقُـن ۾،
جي واصِلُ تِيا وِصالَ ۾، سي ذرو ظاهِرُ نہ ڪَنِ،
وِيـيـتَ واهَرَ تَـرِنِ، هِنئَڙا، جَنّ هَـجِي وِيا.
(سهڻي، ٣ ــ ١١)

(٦)

صَبرَ ۽ شُڪرَ ڪي، ڪاڏي آئُون ڪَندي،
آهِيان جنهن سَندي، سو تہ گهرجي ساڻُ مُون.
(سسئي آبري، ١٠ ــ ٩)

(٧)

صَبرَ ۽ شُڪرَ ڪي، وَٺي آئُون ويٺي،
ڏُکيءَ سين ڏيٺي، ڪا ڪَج اَچِي ڪَڏهِين.
(سسئي آبري، ١٠ ــ ١٠)

(٨)

صَبرَ ۽ شُڪرَ ڪي، هَٿَ ڪيو مُون هاڻِ،
پريَمِ! اَچِي پاڻِ، پِـتيءَ ڪي پُڇِيج تُون.
(سسئي آبري، ١٠ ــ ١١)

(٩)

صُبُوحَ جو سُهاڳُ، مَڱَـڻهارَن ماڻيو،
ڏِناڻُون ڏاتارَ ڪي، وَڏيءَ ويرَ وهاڳُ،
وَسِ مُنهنجي ناهِ ڪا، سيڻَن هَٿَ سُهاڳُ،
پرِيَنِ سين پُهاڳُ، مان نِماڻيءَ نَصِيبُ ٿِئي.
(پرڀاتي، ١ ــ ١٦)

(١٠)

صَدا وِڌِيَمِ سُورَ جي، اَڳِيان ڪوهِياري،
جو نِجَسَ نِڪاري، سو پُنهون وِڌِمِ پاندَ ۾.
(سسئي آبري، ابيات متفرقہ ــ ٣)

(١١)

صُلحُ جِن سَجَڻَ سين، سيجَ ماڻيندا سي،
"اَلَّذِيْنَ آمَـنُـوْا وَكَانُوْا يَتَّقُوْنَ"، اِنَ پَرِ اُيا جي،
نيئي نُونڊين تي، ڏِکي چِٽي چاڙهيا.
(آسا، ٤ ــ ٤٥)

(١٢)

صُورَتَ سَنديَن سالَ، پاڻَ مُصاحِبَ، سُپرين!
مؤلا ڏِنَنِ مُنهَن ۾، نُوري نيڻَ نِهالَ،
سَندي خوابَ خيالَ، مُون مَنُ مَستانو ڪيو.
(بروو سنڌي، ١ ــ ٢١)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٣)

صُورَتَ سوجهہ مَ تَنهنجي، پيُ پُڇين تو جو،
سُخُنُ آهي سَو، جو مُنهَن مُقابِلِ نہ ٿئي.
(آسا، ١ ـ ١٥)

(١٤)

صُورَتَ گهٽو سُهٽا، ٽاٽا سَندَن ٽوَہ،
ريلو ڏِئي روحَ، جو ڪاٺِي، سو ڪامِي مَري.
(بروو سنڌي، ١ ـ ٢٠)

(١٥)

صوفِي چاٺين، سَڏّ ڪرين! صُوفين اِيَ نہ صلاحَ،
ڪاتي رَڪُ ڪُلاہَ، وِجهُہ اُچِلِي آڳِ ۾.
(يمن ڪلياڻ، ٥ ـ ٦)

(١٦)

صوفِي سالم سي ويا، جي اَڪثر سين آڏيارَ،
بازي بازِندن ڪي، آهي اَويسارَ،
پِريان سين پَهڪارَ، رنديءَ رساٽي ڪيا.
(يمن ڪلياڻ، ٥ ـ ١)

(١٧)

صوفِي لا ڪوفِي، ڪونَ ڀانئيس ڪيرُ،
منجهيان ٿِي مَنجهہ وڙهي، پڌر ناهِس پيرُ،
جنين ساڻس ويرُ، ٿئي تنين جو واهَرُو.
(يمن ڪلياڻ، ٥ ـ ٤)

(١٨)

صوفِيءَ سيرُ سپين ۾، جڻن رڱن ۾ ساهُ،
سا نہ ڪري ڳالهڙي، جڻن پويون پروڙي پساهُ،
آهِس اِيُ گناہُ، جي ڪا ڪري پڌري.
(يمن ڪلياڻ، ٥ ـ ٢)

(١٩)

صوفِيءَ صاف ڪيو، ڏوئِي ورق وُجُودَ جو،
تِهان پوءِ ٿيو، جيئري پسڻ پرينءَ جو.
(يمن ڪلياڻ، ٥ ـ ٥)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ط

(١)

طالبُ ڪَـٿَرَ، سونهن سَرُ، اِيَ روميءَ جي اوطاقَ،
جي پيچي دَرُ فراقَ، تہ مَنجهين مُشاهدو ٿئي.
(يمن ڪلياڻ، ٥ ـ ١٥)

(٢)

طالبُ ڪَـٿَرَ، سونهن سَرُ، اِيَ جي روميءَ جي راحت،
جنين ڏٺي سَتَ، تنين ڪُڇيو ڪين ڪي.
(يمن ڪلياڻ، ٥ ـ ١٤)

(٣)

طالبُ ڪَـٿَرَ، سونهن سَرُ، اِيَ روميءَ جي راءِ،
ماڙهوُ اِتِ ڪياءِ، مَنڊُ نہ پسين مَنڊيو!
(يمن ڪلياڻ، ٥ ـ ١١)

(٤)

طالبُ ڪَـٿَرَ، سونهن سَرُ، اِيَ رومي جي روُءِ،
جنين ڏٺي جوُءِ، تنين ڪُڇيو ڪِينَ ڪِي.
(يمن ڪلياڻ، ٥ ـ ١٠)

(٥)

طالبُ ڪَـٿَرَ، سونهن سَرُ، اِيَ روميءَ جي رِهاڻ،
پهرين وڃائڻ پاڻ، پوءِ پسڻ پرينءَ ڪي.
(يمن ڪلياڻ، ٥ ـ ١٣)

(٦)

طالبُ ڪَـٿَرَ، سونهن سَرُ، روميءَ ڇيو آهي،
تاڙِي جي لاهي، تہ مَنجهين مُشاهدو ٿئي.
(يمن ڪلياڻ، ٥ ـ ١٢)

# ظ

(١)

ظاهر ۾ زانِي، فِڪَرَ منجهہ فنا ٿيا،
تنين ڪي تعليم جِي، ڪُڙه اَندر ڪانِي،
حرفُ حَقّانِي، ڏورُ ڪيائون دل ۾.
(يمن ڪلياڻ، ٥ ـ ١٦)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ع

(۱)

عاشق اِئن نہ هُونِ، جئَن تون سَجي اَکَڙين،
وِجي دَرِ دوستَنِ جي، رَتُ ڏهائِي رُونِ،
بِيَ پَرِ ڪنهين نہ پونِ، ماڪُرِ محبوبَنِ سين.
(يمن ڪلياڻ، ٧ ـ ٣)

(۲)

عاشِقُ پائِي اِيئَن، تہ آڻُون سڪَ ڪَنهن کي نہ سَلان،
وِچِ رَهندي ڪِئَن؟ وَهَن اَکِيُون، وِرچِي هِنئون.
(آسا، ۴ ـ ۲۸)

(۳)

عاشق ڇَو مَ اُنَ کي، مَ ڪِي ڇَو معشوق؛
خالِقُ ڇَو مَ خامَ تون، مَ ڪِي ڇَو مخلوق؛
سَلِج تنهن سُلوڪ، جو ناقِصئا نِگِيو.
(ڪلياڻ، ۱ ـ ۱۴)

(۴)

عاشق زَهَر پِياڪَ، وِهُ ڏِسي وِهُسَنِ گهڻو،
ڪَڙِي ۽ قاتِلَ جا، هميشہ هيراڪَ،
لَڳِينِ لَنئو، لطيف چئي، فَنا ڪيا فِراقَ،
توڻي چِڪَنِ چاڪَ، تہ بہ آہ نہ سَلِنِ عامَ کي.
(ڪلياڻ، ۲ ـ ۲۳)

(۵)

عاشِق، شَهَرَ فَقِيرَ، دَرِ دَرِ هَٿَن سَينَ،
”مَنۡ عَرَفَ اَللهُ ڪَلَّ لِسانُہٗ“، اَهڙا ئي اَمِينَ،
جِتي پَسَنِ ڪِينَ، تِتي ڪَنِ تَڪِيا.
(رامڪلي، ۹ ـ ۲۹)

(٦)

عاشق عَزازِيل، پِيا مڙيئي سَڌَڙيا،
منجهان سِڪَ سَبِيلَ، لعنتي لالُ ٿِيو.
(يمن ڪلياڻ، ۵ ـ ۲۴)

(۷)

عاشقَ! معشوقن جو، وَنِي وِيهجُ دَرُ،
اَچي پَچِنديءَ سُپرين، لهنديءَ سار سَپِرُ،
پِلائيءَ جو پَرُ، رهبرُ ٿينديءَ راهَ ۾.
(يمن ڪلياڻ، ٧ ـ ١١)

(۸)

عاشقَ! معشوقن جو، وَنِي وِيهُ دُڪانُ،
پئج پيش پرينِ جي، پَٽِيءَ وجهي پانُ،
تہ تون تنين سانُ، سدا رهين سُرخُرو.
(يمن ڪلياڻ، ٧ ـ ١٢)

(۹)

عاشقَ! معشوقن جو، وَنِي وِيهج رَندُ،
پِيارينديءَ پاڻهين، مَيخاني جو مَنڌُ،
ڪِيمَ ڪِڍج ڪَنڌُ، اوڏو ٿِي اُنِ کي.
(يمن ڪلياڻ، ٧ ـ ١٤)

(۱۰)

عاشقَ! معشوقن جو، وَنِي وِيهج سَيرُ،
اَچي پَچِنديءَ پاڻهين، پرينِ پِري پيرُ،
پِلائين سندو پِيرُ، رهبرُ ٿينديءَ راهَ ۾.
(يمن ڪلياڻ، ٧ ـ ١٠)

(۱۱)

عاشقَ معشوقن جو، وَنِي وِيهج گهٽُ،
جَمَ وِرچِي چِڏئين، موڪيءَ سندو مَٽُ،
ڪري سِرَ جي سَٽُ، پِيجَ کي پِياليُون.
(يمن ڪلياڻ، ٧ ـ ١٣)

(۱۲)

عاشقَ! معشوقن جي، وَنِي وِيهُ ڳَرِي،
جَمَ ورچِي چِڏئين، سَندي دوست دَرِي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيندا ٻُڪِي ٻاجھ جِي، ويندءِ ٿَڃَ ٿَرِي،
اَسان تان نہ سَرِي، تہ ڪِئَن سَرِي سپرين؟
(يمن ڪلياڻ، ٧ ـ ٩)

(١٣)
عاشقن آرامُ، ڪڏھن تان ڪونَ ڪيو،
طَعني ڪيا تمامُ، حبيباڻي ھيڪڙي.
(يمن ڪلياڻ، ٧ ـ ٢)

(١٤)
عاشِقَنِ اَللهُ، ويـروتارِ نہ وسري،
آهَ ڪَرِينِدي ساهُ، ڪڏھن ويندو نڪري.
(يمن ڪلياڻ، ٧ ـ ١)

(١٥)
عالَمِ آئُون ساڻُ، پَرِيو تہ پِيرَ ڪري،
پاڻُ نہ آھي ڄاڻُ، مانديءَ مَنڍُ پڪيڙيو.
(يمن ڪلياڻ، ٥ ـ ٩)

(١٦)
عَددُ ناہِ عِشقَ جو، سُٽِي ٿِيُ ساٽِي،
ڪانهي پُڄاڻِي، مَهَندان، مُنڍَا! ميهارَ جِي.
(سھڻي، ٩ ـ ١٤)

(١٧)
عَشقُ اَهڙِي ذاتِ، جو مانجهِي مُنجهائي مَيَنِ کي،
ڏينهان ڏورَڻُ ڏونگرين، روئَڻُ سَجِيائِي راتِ،
اَٿي ويني تاتِ، مِيان! مَحُبُوبَنِ جِي.
(بروو سنڌي، ٣ ـ ١)

(١٨)
عِشقُ جِنين کي آکِرو، ٿُرَھو مٿي تَنِ،
جي ساھَڙَ کي سِڪَنِ، تِنين جَرُ جَنڊُ ٿئي.
(سھڻي، ١ ـ ٣٢)

(١٩)
عشق نہ آھي راندِ، تہ ڪي کَنسِ ڳِيرُو،
جِيَ جُسي ۽ جانِ جِيَ، پِڃي جو ھيڪاندِ،
سِسِي نيزي پاندِ، اُچِلِ تہ اَڏَ ٿئي.
(يمن ڪلياڻ، ٦ ـ ١٩)

(٢٠)
عَلاؤالدِينُ آئِيو، تَنهنجي ھاٿيءَ ھاڪَ ھَنئي،
آرَڻِ ٻَڌي اَبڙي، ٿي رِڻَ ۾ رُڪَ رَئي،
تيغين تاءُ تِکو گهٽو، سَگهي ڪونَ سَهي،
”رَبِّ هَبْ لِيْ اُمَّتِيْ“، چَڙهيو جامُ چَئِي،
سَمي سامَ کَنئي، سَرَٽِيَنِ جو سُکُ ٿِيو.
(بلاول، ١ ـ ١٢)

(٢١)
عَلاؤالدِينُ آئِيو، کَٽِي چَلِ چُڳيرُ،
کَنهِين کِينَ هِمَٿِيو، ڪانَ جَهلِيندو ڪيرُ؟
سُومِرِيُنِ سامَ کَنئِي، اَبڙي کَيو اُٿَ پيرُ،
هو مُهانئِين مِيرُ، پر مَستُوراتِنِ مارِيو.
(بلاول، ١ ـ ١٣)

(٢٢)
عِلَّتِيءَ آرامُ، پَسي عِلَّتَ آئِيو،
حُسُنُ جو حَقَّ جو، سو خامي! پانئِيين خامُ،
اَچِي ٿِيا اِسلامُ، ڪُفرُ ڪافَرُ پاڻَ ۾.
(آسا، ٤ ـ ٣٧)

(٢٣)
عُمَرَا! اَڄُ گَڏِيامِ، ڏوٿي اُنهِينِ ڏيہَ جا،
پارايا پِرِيُنِ جا، اُپِي اُن چِيامِ،
لَهِي لوهَ پِيامِ، لُطفَ ساڻُ، لَطِيفُ چئي.
(مارئي، ١١ ـ ٩)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۲۴)

عُمَرَ! آچا ڪَپِڙا، ڪاٽياريُون ڪِئَن ڪَنِ؟
جِنِين جا تَـرَن ۾، وَرَ تا وِينَ سَهَن،
هُوءِ جي حَـقَ پَچَنِ، سي ڪِئَن سَتيُون؟ سُومرا!
*(مارئي، ۳ – ۱۲)*

(۲۵)

عُمَرَ! ٻَنِ جِيو! ڪوءِ مُنهنجو! سُومرا!
جا پَرِ نـہ پَنوهارَن جي، مُون سين تِئَن ٿِيو!
وَنِي مُنهَن ڪِهو، وَڃان وَطَنَ سامُهين؟
*(مارئي، ٦ – ۷)*

(۲٦)

عُمَرَ! تِيَم آپارَ، وِرهُ وَٽِيان ڪِنِ سين؟
ڏوٽِيَڙا ڏُورِ ٿِيا، ٽَڳان جِنِ تنوارَ،
سِٽائُون سَنگهارَ، ڪُوهَنِ تان ڪَٽِي وِيا.
*(مارئي، ۸ – ۱۷)*

(۲۷)

عُمرِ سَـپِ عِشقَ سين، پُنهون جي پُـڄَنِ،
رِيسَ رِيڏاليُون تن سين، ڪُجاڙي ڪي ڪَنِ؟
مارَڳِ جي مَرَنِ، وڏو طالعُ تِنِ جو.
*(سسئي آبري، ۷ – ٦)*

(۲۸)

عناتا! اُتاهِين، جاني جَـڙي بَنڌُ،
آهي گهٽو اَهڪو، فَقيريءَ جو فَنڌُ،
چِڪِين تـہ چِريو ٿِئين، مِيخاني جو مَنڌُ،
ڪِينَ ڪِڍيو ڪَنڌُ، مَنجهان سَگ، سَيَڏُ چئي.
*(سسئي آبري، ۴ – ۱۱)*

(۲۹)

عينُ شِرڪُ اِيُ، جِئَن بي شَرڪُ پائِيين پانَ کي،
وِڃائي وُجُودَ کي، پاڻان پاسي ٿِيُ،
هَڏهن ڪونهي هِيُ، هُو پڻُ ڪونهي هِنَ ري.
*(آسا، ۱ – ٦)*

## وائي- ۱

عشق تمام، برہ تمام، ووا! مُئن لُوني يارَ لوڪوا!
سيجَ سُتي نُون جهپَ نہ آوي، نيٽين ننڊ حَرامُ،
راتيان جاڳُنَّ، صاحبُ سنڀالَنُ، اِيُ فقيران دا ڪامُ،
مَتِ عقلَ ڍِي مُنجهہ ڳِئي، آيا عشق اِمامُ.
*(يمن ڪلياڻ، ٦ – وائي)*

## وائي- ۲

عُمَرَ! آئُون مَري تان نہ ڇڏِيندي، لوا!
مَٿي مارُوئڙَن جي.
مِينهين اُٿي مارُئين، لالَنَ ساڻُ لڏِيندي،
سِري مُنهنجي، سُومرا! ٿَرَن ڪِينَ ٿڪِيندي،
هَميراتا هَٿڙا، مَهري ڪِينَ مَچِيندي.
*(مارئي، ٦ – وائي)*

## وائي- ۳

عُمَرَ! آئُون ويندَڙو پُڇان ڪوءِ،
جِتي مارُو، تِتي پانڌي، اَلو!
مَتي ماڙيءَ مارُئي، رُئاري ۾ روءِ،
پَنڌان ڪاريو پهيَڙا، ڪي جو اُپري چوءِ،
سارِيو سانپيَڙَنَ کي، رُوحُ مُنهنجو روءِ،
پانڌي پَنوهارَنَ جو، ڪالهہ نہ آيو ڪوءِ،
راڄَ پَرتو رَبَّ کي، سُومرا! سَندوءِ.
*(مارئي، ۲ – وائي)*

## وائي- ۴

عُمرِ سَپَ عَبَٽُ، ويلَ وڃايَم، وقتَ وڃايَم پانهنجا!
وِيني لڪيو لوڙِيان، جيڪي ڪَيَڙو مَسُ!
اَچي آياڳِين کي، راسِخَ! اَچي رَسُ!
حالَ منهنجو هَهڙو جهڙو، تان تُون پريَم! پَسُ،
قَلبُ جو ڪارو ٿيو، ڪاتِبَ! لاهِئين ڪَسُ!
*(سريراڳ، ۵ – وائي)*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# غ

(١)

غافِلِ! غَفِلَتَ چوڙِ! توُن ڪِيئَن، آَٺاسيِ! اوجهرِين؟
چُپاتَا چَـٽِهيِ ويا، وِيِي پُهتا توڙِ،
نيٽِين نِندَ اُڪوڙِ، جِمَ وَرَنِ ۾ واڪا ڪَرِين.
*(ڪوهياري، ١ ـ ٥)*

## وائي- ١

غَفِلَتَ يارُ گَنوايو، ٻَـٽِي! جيڏِيُون!
ڪيئَن ڪَريان آئُون! ڪُوهُ ٿيو؟
سُتِيَسِ تان ساٿُ وِيو، اُٿِيَسِ تان ڏُکُ آيو،
پُچان پوءِ پُنهونءَ ڪَي، عَبَثُ تان اَنُ ڪائِيو،
هوتَ هَلندي جا ڪئِي، سا مون ڳالهہ سُٽائِيو.
*(سسئي آبري، ٣ ـ وائي)*

# ف

(١)

فانِي نِي فانِي، دُنيا دَمُ نہ هيڪِڙو،
لَڳي لوڙهُ لَٺِن سين، جوڙِيندَءِ، جانِي!
ڪوڏِرِ ۽ ڪانِي، آهي سِرِ سَيِڪَنهِين.

(بروو سنڌي، ٢ ـ ٨)

(٢)

فردا مُندَّ ڦِٽي ڪئِي، نقَدُ ڪنيو نارِ،
هِيَ جا واڳَ وِلهيءَ جِي، ويرَمَ ڏي مَ وارِ،
جانڪِي مُنِيءَ مارِ، جانڪِي ميڙِ مُنِيءَ ڪي.

(معذوري، ٦ ـ ٢)

(٤)

’فَيَڪُونُ‘ فِدا ڪَري، ڪَهائِين سين ’ڪُنَّ‘،
تَعَظِيماً تَمامُ ڪَري، پوءِ پَٽريائِين پُنُ،
مارُو تِئائِين مُنُ، پيِنَرُ! ياڳِي آيو.

(مارئي، ١ ـ ٤)

# ڦ

(١)

ڦِريا پَسِي ڦِيڻُ، ڪَرِيَنِ ڪيرُ نہ چَڪِيو،
دُنِيا ڪارَڻِ دِينُ، وِڃائي وِلَها ٿِيا.

(ڏهر، ٣ ـ ٣٠)

(٢)

ڦِري آءُ، فِراقَ! مُون ڪي وِصالان وِڃُ پِيو،
جي ٿي چِڪِيَمِ چاڪَ، سي پِرِينءَ ڳَڏجي پُورِيا.

(حسيني، ٥ ـ ١٢)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ق

(۱)

قاتَل ڪمائِي ڪري، وهُ ماڪِي جي ڪَنِ،
وٽان ويهي ٽَنِ، پِيڄ ڪي پيالون.
*(يمن ڪلياڻ، ۴ ـ ۲)*

(۲)

قافُٺون ڪاهِينديـاسِ، موٽان، تان ڪُر ميهَٽُو،
بانهي پاروچَنِ جي، سَڳُ نہ ساهِينديـاسِ،
'اَلفِراقُ اَشَدُّ مِنَ اَلمَوتِ'، هتي نہ هُونديـاسِ،
آهَ نہ لاهِينديـاسِ، جِٿَري جَٿُ ڏِسي مَران!
*(سسئي آبري، ۵ ـ ۹)*

(۳)

قَدُ ٻَڍِي، تُون ڪِينَ، پَهُچندِينءَ پُنهونءَ سين،
جٿَن سِينو ساهِئين سَٿُئي، ٿَئِين ٿَهوارُون تين،
مُنِي! ٿِيُ مِسڪِين، هِمَّتَ هوتُ وِڃائِيو.
*(سسئي آبري، ۷ ـ ۱۸)*

(۴)

قَدَمَ ڪاپَڙِيَن جا، لَڳا ۾ لاهُوتَ،
جِنِين سين ياقُوتَ، آئُون نہ جِٿَندي اُنِ ري.
*(رامڪلي، ۱ ـ ۷)*

(۵)

قَرقُلَ، قوتا، پارچا، پاٿِيَتَ پاتائُون،
ڪوٺِيُون قِيمَتَ سنديُون، تَرَ ۾ تاڪِيائُون،
لاڄِنِ منجهہ، لطيفُ چئي، بِيڙا ٻَڌائُون،
نَذرُ نَبِيءَ جامَ جو، چڙهندي چِيائُون،
جي چوُهي چوڙِيائُون، سي بيڙيون رکين ٻاجهہ سين!
*(سريراڳ، ۵ ـ ۱۱)*

(۶)

قَرِيبَن جو ڪانگَڙو، مَٿي تارَ ٽِلي،
ڪَٽيو ڪَنياتو خَبَرُون، ڪِيرُون ڏِيو ڪِلي،
لائِي جَنهِن لالَنَ سان، مُنهِنجي باتِ ٻَلي،
سو وَرُ چَشمَنِ تي چَلي، جو دَرٻاري دوسَ جو.
*(پورب، ۱ ـ ۲۷)*

(۷)

قِسمَتَ آنديُون ڪُونجَڙِيُون، وَطَنُ سَندُن روهُ،
ڪَنهِنجو ڪونهي ڏوهُ، رِزقَ رازِقَ هَٿَ ۾.
*(ڏهر، ۴ ـ ۷)*

(۸)

قِسمَتَ قَيدُ قَوِيُ، ناتَ ڪيرَ اَچِي هِنَ ڪوٺَ ۾؟
آٿي لِکِئي لوحَ جي، هَندُ ڏيکارِيُم هِيُ،
پَرچِي ڪِينَ پَنوهارِ ريءِ، جانِ، جُسو ۽ جِيُ،
راڄا! راضي ٿِيُ، تہ مارُنِ مِلي مارُئي.
*(مارئي، ۱ ـ ۸)*

(۹)

قِسمَتَ قَيدِ ڪَياسِ، ناتَ ڪيرَ اَچِي هِنَ ڪوٺَ ۾؟
'وَنَحنُ اَقرَبُ اِلَيهِ مِنَ حَبلِ اَلوَرِيدِ'، وَطَنِ آنَ ويندِياسِ،
مارُنِ کي مِلَندِياسِ، ڪوٺِيُون ڇَڏي ڪَڌهِين؟
*(مارئي، ۱ ـ ۹)*

(۱۰)

'قَيدُ المَاءِ' ٽِيومِ، هت آڙانگي گهارِيان،
'هُنا ڪَجِسمِيَ وَالفُوادُ لَدَيکُم'، هِنٿون هُتَ سَندومِ،
قادِرُ شالَ ڪَندومِ، ميڙائو سين مارُئين!
*(مارئي، ۱ ـ ۱۰)*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۱۱)

'قَيَدُالماءِ' كَنهن جو، سو مُون پاندِ پيو،
'جَفَّ القَلَمُ بِمَا هُوَ كائِنٌ'، وَهِي قَلَمُ وِيو،
اِيُ قَضا كَمُ كَيو، جِئَن ٿِرِ مارُو، آنَ مازِٺين!

*(مارئي، ۱ ـ ۱۱)*

(۱۲)

ڦُوتَ ڪَڙايا ڪاپَڙي، ٻُکَ چَکِياڻُون ٻُوءِ،
وِيا نيرانا نِڪري، جوڳِي مَنجهان جُوءِ،
اَوسَرَ آجا اُوءِ، اُتي گُوندَرَ گَڏِيا.

*(رامڪلي، ۷ ـ ۳)*

(۱۳)

قُوتَ ڪَڙايا ڪاپَڙي، طعامَ نہ طاماعُو،
سَئِنَ هَنياڻُون سُجَ ۾، پَهَر نہ پنياڻُو،
اَوسَرَ آساڻُو، اُتي گُوندَرَ گَڏِيا.

*(رامڪلي، ۷ ـ ۱)*

(۱۴)

ڦُوتَ ڪَڙايا ڪاپَڙي، طَعامَ نہ طَمَعَدارَ،
سَئِنَ هَنياڻُون سُجَ ۾، جوڳِي ڪَنهن نہ يارَ،
اَوسَرَ جي آڌارَ، اُتي گُوندَرَ گَڏِيا.

*(رامڪلي، ۷ ـ ۲)*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪ

(۱)

ڪاتِبَ! لِکِين جِئن، لايو لامُ اَلف سين،
اَسان سچِنُ تِئن، رهيو آهي روح ۾.

*(يمن ڪلياڻ، ۵ ـ ۳۱)*

(۲)

ڪاتي تِکِي مَ ٿِئي، مَرُ مُنِيائي هوءِ،
مانَ وِرمَنَ توءِ، مُون پِريان جا هٿڙا.

*(ڪلياڻ، ۲ ـ ۱۲)*

(۳)

ڪاتي جا قَرِيبَ جي، سا هَڏُ چِيري چَمُ،
عاشقن پنهنجو اَنگُ، الله ڪارڻ وڍيو.

*(ڪلياڻ، ۲ ـ ۱۳)*

(۴)

ڪاتي جن ڳَري، مان لَنؤ لڳي تن سين،
محبت جي ميدان ۾، وِجان پيرَ پَري،
اَڌِيءَ سِرُ ڌري، مانَ ڪُهَنئُون سُپرين.

*(ڪلياڻ، ۲ ـ ۱۴)*

(۵)

ڪاتِيءَ تان نہ ڪُنو، ماءَ! مُنهنجو جِندڙو،
جِنين ماءِ! مُنو، سي جَتَ نہ پَسان جُوءِ ۾.

*(حسيني، ۹ - ۲)*

(۶)

ڪاتِيءَ تان نہ ڪَنهين، مَنُ وِجهلَنَ وَڍيو،
مارِيَس سُوَرَ تَنهين، جو نہ جِٺاري، جيڏِيُون!

*(حسيني، ۹ - ۱)*

(۷)

ڪاتِيءَ ڪونهي ڏوهُ، ڳَنُ وڍيندڙ هٿَ ۾،
پَسيو پَرِ عجيب جي، لِچيو وِجي لوهُ،
عاشقن اَندوهُ، سدا معشوقن جو.

*(ڪلياڻ، ۲ ـ ۱۱)*

(۸)

ڪا جا آندي ڪيچِيين، وَٽِڪاران وائي،
سُٽي مُون سائي، نيٽين نِندَ وِهُ ٿِئي.

*(حسيني، ۸ - ۱۶)*

(۹)

ڪا جا پَرِ پِريَن، نہ سا سُئي نہ ٻُڌي،
مَتيُون سَڀِ مُنجهِن، اَهڙِي ڏِني قَضئي.

*(آسا، ۳ ـ ۲۵)*

(۱۰)

ڪا جا ڏِري ڏِنگِري، ڪو جو وَرِيو واءُ،
عَلِيءَ شيرَ وِياءُ، رِڻَ ۾ پِيَنِ راتڙي.

*(ڪيڏارو، ۴ ـ ۱)*

(۱۱)

ڪا جا ڪُنَ ڪَرِين، پِنِيءَ پُٺ جهُڻ پاڻ ۾،
اَڪيُون تنهن آبَ ڪي، آڏِيءَ اُڪيرِين،
توٽي تِڪُون ڏِين، تہ بہ اُڃَ اُنِيَن ڪي نہ لِهي.

*(سهڻي، ۵ ـ ۱۶)*

(۱۲)

ڪا جا ڪَياڻُون، وائي واري وِنگڙي،
آيَلِ! تنهن آئُون، پولِيءَ پاتاڙي ڪَئي.

*(حسيني، ۸ ـ ۱۴)*

(۱۳)

ڪا جا ڳالهہ ڳري، ٻيجَليا! ٻُڌاءِ مُون،
پيئنين جَنِّ ڳرنارَ ۾، تنڊُن تانُ ڪَري،
ڪِ تو پَنڌُ پَري؟ ڪِ مَگَّ جهلِيندين؟ مَگَّتا!

(سورٺ، ۲ ـ ۱۱)

(۱۴)

ڪاڇي پيئي ڪُوڪَ، سَچُ ڪِ سَنگهارَن لَڌِيو؟
مادِرَ! اُوءِ مَلُوڪَ، اُنئي وِيَتڙا اُڪري.

(ڏهر، ۴ ـ ۲۴)

(۱۵)

ڪاڇي ڪاهِياڻُون، سَچُ ڪِ سَنگهارَن لَڌِيو؟
مان تَنُ مارِياڻُون، پاٽا وِجهي گُونڌَرين.

(ڏهر، ۴ ـ ۲۳)

(۱۶)

ڪاڇو ۽ ڪوهِيارُ، ڏُونگرُ سَنڌُن ڏيهَڙو،
ساجُهَر نَهي بارُ، ڪوهُ نہ وِيئِينءَ اُن سين؟

(ڏهر، ۴ ـ ۲۵)

(۱۷)

ڪاڏي مُنهُن مَڪرانَ جو؟ ڪاڏي پَريون پارُ؟
ليڙَن جو، لَطِيفُ چئي، سُونهون ٿِيو سَردارُ،
جو مُلِڪَ جو مَهندارُ، سو مولِيٰ مُون کي ميڙَئين.

(ديسي، ۳ ـ ۱۹)

(۱۸)

ڪاڏي مُنهُن مَڪرانَ جو؟ ڪاڏي ڪيچُ ٿِيو؟
هِتڙو ساٿُ پَنهُورَ تان، ڪَڏهين ڪونہ پيو،
ڪوهيارو ڪامَ هٿي، چوري چِٽُ وِيو،
جِنين جَتُ نِيو، تِنِ اُٺنِ گهوري آهِيان.

(ديسي، ۳ ـ ۱۸)

(۱۹)

ڪاڏي وِجان؟ ووءِ! جَنِّ وَهَڻُ وِچارَن مَٿيو،
ڏوڏي پُڇي ڏيہَ جا، جَرَ سِرِ اُپِي جوءِ،
شِڪَستي، سَيّدُ چئي، چيهان ڪَريو چوءِ:
"ساهَڙ! سانگُ سَندوءِ، اَچي اوراهون ٿِئي."

(سهڻي، ۵ ـ ۱۱)

(۲۰)

ڪارا ڪَرايُنِ ۾، سونُ آسان کي سوءَ،
وَرُ جيڏِيُنِ سين جُوعَ، فاقو فَرحَتَ پائِيان!

(مارئي، ۳ ـ ۱۰)

(۲۱)

ڪارا ڪُنَ، ڪاري تُڳِي، جت ڪارِيهَر ڪَڙڪا،
مَئي مَتي مِهرانَ ۾، اَچِنِ دُپارا دَڙڪا،
ويندي ساهَڙَ سامهان، جهولَ ڏِنس جهَڙڪا،
ڪِرڪَنِ جا ڪَڙڪا، سُونهان ٿِيڙَس سِيرَ ۾.

(سهڻي، ۴ ـ ۴)

(۲۲)

ڪاراَيَلَ جي ڪوڏَ، مُون ڪنجُهرُ سَڀِ نِهارِيو،
وَري واهِيري نہ وَريا، لَلا لاڪيٽِيءَ لوڏَ،
هِنئين جِنين هوڏَ، سي هَنجڙا سَڀ هَلي وِيا.

(ڪاراَيل، ۲ ـ ۲)

(۲۳)

ڪاري راتِ، اَچو ڏِينهَن، اِيَّ صِفَتان نُورُ،
جِتي پِريِنءَ حُضُورُ، تِتي رَنگُ نہ رُوپُ ڪو.

(ڪاموڙي، ۳ ـ ۱۵)

(۲۴)

ڪاري راتِ، ڪَچو گهَڙو، اُٿِنيہَ اُونداهِي،
چَنڊُ نالو ناهِ ڪو، دَرياهَ ڏَڙ لائي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساهَڙَ ڪارَڻ سُھڻي، آڏيءَ تِي آئِي،
اِي ڪَرُ اِلاھِي، ناتَ ڪُنَنِ ۾ ڪيرَ گھڙِي؟
(سهڻي، ٦ ـ ١٣)

(٢٥)
ڪاري راتِ، ڪَڇو گھڙو، مٿان وَسي مينھُن،
ھِڪو يَوُ بيراھَ جو، ٻيو سانپارا سِينھُن،
شالَ مَ ڇُڄي نِينھُن، گِھڙان، گھوريو جِندڙو!
(سهڻي، ٦ ـ ١٥)

(٢٦)
ڪاري راتِ، ڪَچو گھڙو، نڪا سيٺَه ساٿُ،
وجھي ويرَمَ نہ ڪري، ٻريان ڪارَڻ پاڻُ،
مُحبَتَ ڪي مَھراڻُ، سُڪِي سَيُ پَٽُ ٿيو.
(سهڻي، ٦ ـ ١٤)

(٢٧)
ڪاري ڪَڪَرَ هيٺِ، مُون جھيڙينِدا ڇَڏِيا،
ڪارا ڪُنڌَ هٿِنِ ۾، اَڙَلَ وَچِيڙا هيٺِ،
تي تِنين سين ڏيٺِ، موتَڻُ جنين ميھٽو.
(ڪيڏارو، ٣ ـ ٢)

(٢٨)
ڪارِيون، ڪوجھيون، ڪُوڙِيون، مُور نہ موچارِيون،
وَنِي وِينِيُون واتَ تي، ڪِڪِيءَ جُون ڪارِيون،
اُنِين جُون آريون، سَمي ريَ ڪيرُ سَھي؟
(ڪاموڏ، ١ ـ ١١)

(٢٩)
ڪاڪِ ڇَڏِيائُون ڪُنڌَ تي، پاٽا ويا پَري،
تن ڪي ناتَرِ ڪوهُ ڪَري؟ جي لُڏُوٽيان لَنگھي ويا.
(مومل راڻو، ٣ ـ ١٤)

(٣٠)
ڪاڪِ ڇَڏِيائُون ڪُنڌَ تي، پاٽا ويا پَٽِي،
لوڏِيَڙُن، لَطِيفُ چئي، سوڍو ڪِيو سَھي،
مُومَلِ ماڪِ رَھي، ٿِيو مڙوئي ميندِرو.
(مومل راڻو، ٣ ـ ١٣)

(٣١)
ڪاڪِ ڪَڙھِي، وَڻَ ويا، ٻَريا رَنگَ رَتولَ:
تو پُڄاڻا، سُپِرين! هنئڙي اَچِنَ هولَ،
جي مُون سين ڪَيءِ قولَ، سي سِگھا پارِج سُپرين!
(مومل راڻو، ٥ ـ ١٤)

(٣٢)
ڪاڪِ ڪَڙھِي، وَڻَ ويا، ٻَريا مَحَلَ ماڪَ:
سوڍِي جي، سَرَتِيُون! وڏِيَس وَهِ ويراڪَ،
سُورَنِ لائِيا سانگَ، سِگھو موٽِج، سُپرين!
(مومل راڻو، ٥ ـ ١٣)

(٣٣)
ڪاڪِ ڪَڙھِي، وَڻَ ويا، جَلِي مُنھنجي جانَ:
رَڪِي ڪامَ ڪَٽِڪيو، مارِيَس، تنھن گُمانَ،
هَڏِ نہ جِٺان هاڻ! سِگھو موٽِج، سُپرينَ!
(مومل راڻو، ٥ ـ ١٢)

(٣٤)
ڪاڪِ ڪَڙھِي، وَڻَ ويا، لُوڻو لُڏاڻو:
تو پُڄاڻا، سُپِرين! آتَڻُ اُجھاڻو،
مُيِنِ سين ماڻو، مُناسِبُ نہ، ميندِرا!
(مومل راڻو، ٥ ـ ١٥)

(٣٥)
ڪاڪُلَ ڪُنِي جا، ڪَفَنَ تنھن ڪِينَ ٿئي،
منجھِ شھادَتَ سا، لُڏِي ءِ لاڏَ ڪري.
(سسئي آبري، ٦ ـ ٦)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٣٦)

ڪاڪ نہ جھليا ڪاپڙي، موھيا ڪنھن نہ مالَ،
سوڍيون سجھائي ويا، ھھڙا جنين حالَ،
جي چورين ڏنا چالَ، تَپِ لاھوتي لنگھي ويا.

*(مومل راڻو، ٣ ـ ١٧)*

(٣٧)

ڪاڪ نہ جھليا ڪاپڙي، موھيا نہ محلنِ،
باين ۽ بانھين جي، بندڻ ڪين بجھنِ،
لکين لاھوتينِ، اھڙيون اوريان ڇڏيون.

*(مومل راڻو، ٣ ـ ١٥)*

(٣٨)

ڪالھ ڪلاچيءَ ويا، ڇتيون ڪٽي ڇڳير،
پاڻُرن پيرو نہ ڪيو، اَدن ڪي اويرَ،
اھڙي خاصي ڪيرَ، ڪُنَ ورائي جھلئي.

*(گھاتو، ١ ـ ٤)*

(٣٩)

ڪالھ ڪلاچيءَ ويا، گھاتو ڪري گھورَ،
مادرِ! ملاحن جا، ويٺي سھان سورَ،
مون ڪي ڪري ملورَ، اونھي ويا اوھري.

*(گھاتو، ١ ـ ٧)*

(٤٠)

ڪالھہ گڏيوسون ڪاپڙي، بابو بانَ بري،
سائي سالَ ڪُلھن ۾، ساميءَ سونَ سري،
خبرَ ڏي ڪري، مومل جي مجازَ جي.

*(مومل راڻو، ١ ـ ٤)*

(٤١)

ڪالھہ گڏيوسون ڪاپڙي، بابو بيڪاري،
ساميءَ سيلو سرَ تي، مالا موچاري،
ڏيئي ڏيڪاري، ڦٽي دل فقير ويو.

*(مومل راڻو، ١ ـ ١)*

(٤٢)

ڪالھہ گڏيوسون ڪاپڙي، بابو رنگ پيوٽُ،
سريو سون سُڪوٽُ، جوڳيءَ سنديءَ ذاتِ ڪان.

*(مومل راڻو، ١ ـ ٥)*

(٤٣)

ڪالھہ گڏيوسون ڪاپڙي، پھر سڄ ڪان پوءِ،
پسو سونھن ساميءَ جي، رت ورنو روءِ،
جو منھن مومل جي پوءِ، موٽڻ تنھن مس ٿئي.

*(مومل راڻو، ١ ـ ٣)*

(٤٤)

ڪالھہ گڏيوسون ڪاپڙي، جھڙو ماهُ منير،
فيضُ، فراقُ، فقيرُ، جوڳي جاڳائي ويو.

*(مومل راڻو، ١ ـ ٢)*

(٤٥)

ڪالھہ وڏائين ڪُنَ ۾، جاڏا جُنگَ جھازَ،
تنھنجي اڄ تراز، آھي آر آڪين ۾.

*(سريراڳ، ٥ ـ ٤)*

(٤٦)

ڪالھوڪو ڪاڏي گيو، سندو جوڳين جوشُ؟
پسي تنھين پٽ ڪي، ھَڏِ نہ رھيو ھوشُ،
آسَ منجھہ افسوسُ، آئون نہ جيئندي اُن ري.

*(رامڪلي، ١ ـ ٣٥)*

(٤٧)

ڪاملَ ڪربلا ۾، اھلِ بيت آئيا،
ماري مصرين سين، تن ڪافر ڪنبايا،
سڄ ڪِ بيبيءَ جايا، ھھڙا سوره سپرين.

*(ڪيڏارو، ٢ ـ ٥)*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٤٨)

ڪامِلَ ڪَربَلا ۾، آيا اَڄُ اَميرَ،
ويھي ويرِيُن سامُھان، تِکا ھَنياٿُون تِيرَ،
ھُئي اِيَ تَقدِيرَ، اِمامَنِ سين اَڳھين.
(ڪيڏارو، ٢ ـ ٩)

(٤٩)

ڪامِلَ ڪَربَلا ۾، آيا جُنگُ جُوانَ،
ڏَرتِي ڏُبي، لَرزِي، ٿَرٿليا آسمانَ،
ڪَرِهِ ھُئي ڪانَ، ھو نَظارو نينھَن جو.
(ڪيڏارو، ٢ ـ ٧)

(٥٠)

ڪامِلَ ڪَربَلا ۾، آيا سَيّدَ شيرَ،
ماري مِصرِيُن سين، ڊُونڌَ ڪَياٿُون ڍيرَ،
دَھليا اُتِ دِليرَ، ڀَسي حَملو ميرَ حُسينَ جو.
(ڪيڏارو، ٢ ـ ٦)

(٥١)

ڪامِلَ ڪَربَلا ۾، پانَ آيا پيھي،
پَہُ ڪَياٿُون پانَ ۾، مُقابِل ويھي،
قَضا ھيءَ ڪيھي، ھَيءِ! ھَيءِ! تي حُسينَ سين؟
(ڪيڏارو، ٢ ـ ٨)

(٥٢)

ڪامُون مُجيجاهُ، گهٽيُون گُهرجَن آن، اوٺيا!
ھي وَٺَ نہ لَھنداهُ، ھُو وَٺَ اوڏانھين گھٽا.
(سسئي آبري، ١١ ـ ٧)

(٥٣)

ڪاناريا ڪُٺڪَنِ، جنين لوهُ لڳَنِ ۾؛
محبتَ جي ميدانَ ۾، پيا لالَ لُڇَنِ،
پاٺھين ٻَڌَنِ پَٽيُون، پاٺھين ڇِڪيا ڪَنِ،
وٺان واڍوڙِيَنِ، رھي اَڇجي راتڙِي.
(يمن ڪلياڻ، ١ ـ ١٢)

(٥٤)

ڪانڌَ ٻِيُن ڪيترا، مُون وَرُ وَڏي جُوءِ،
لوڪَ نہ آچي اُوءِ، جي ڏِسي عيبَ اَکِيُن سين.
(ڏھر، ٣ ـ ٤)

(٥٥)

ڪانڌَ ٻِيُن ڪيترا، مُون وَرُ وَڏي ذاتِ،
لوڪَ نہ آچي واتِ، جي ڏِسي ڏوهَ اَکِيُن سين.
(ڏھر، ٣ ـ ٦)

(٥٦)

ڪانڌَ ٻِيُن ڪيترا، مُون وَرُ وَڏي ڪاندِ،
پاٽا ڍَڪي پاندِ، جي ڏِسي ڏوهَ اَکِيُن سين.
(ڏھر، ٣ ـ ٥)

(٥٧)

ڪانڌَ ٻِيُن ڪيترا، مُون وَرُ وَڏي وَٿُ،
مَٿان ڏيئي ھَٿُ، جَنھن عيبَ مُنھنجا ڍَڪيا.
(ڏھر، ٣ ـ ٣)

(٥٨)

ڪانڌَ تُنھنجي پاندَ ري، سَنجھي سِيءَ مَران،
ڪامِلَ! ڪَپاھُنِ ۾، پيئي نارَ ٺران،
تاريءَ تو ٺران، جِنَّ وَرُ وِھاٽيءَ وارئين.
(سارنگ، ٣ ـ ١١)

(٥٩)

ڪانڌ! تُنھنجي پاندَ ري، سِيءَ مَران سَڀِ راتِ،
ڪامِلَ! ڪَپاھُنِ ۾، جَھپَ نہ اَچي جھاتِ،
اَچِين جي پِرِياتِ، نہ آئُون سِيُ نہ سارِيان.
(سارنگ، ٣ ـ ١٢)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٦٠)

”ڪانڌ! ڪَلارين ڪَپڙين، وَرَ! وَناهِيو آءُ،
جِتَ سانگِيُن جي سَٿَ وَهي، اُتِ وڪَ وَڌَندي پاءِ،
تان تان پِئُو مَ پاءِ. جان جان نوڌَين نہ چِڙهين.“
(ڪيڏارو، ٣ ـ ١٠)

(٦١)

ڪانڌَ! مَ وِڪڻُ ڪُنڍِيُون، ڏَنُ سِپوئي ڏارِ،
اَيرِيُون. سَپِرِيُون پانهنجُون، سَسِيُون، سَپِ سَنيارِ،
بَنَ چِڏِي، چَنَ پَئي، وَجي وَلهارَنِ وارِ،
تہ اَچِي اَڳِتا بَهارِ، سَرِلا ڪَندي سَڌَڙا.
(سارنگ، ١ ـ ٣١)

(٦٢)

ڪانڌُ نہ ڪَنديَسِ ڪو بيو، ڪَٿيرو ئي خُوبُ،
ميروئِي محبُوبُ، اَسان مارُو مَنَ ۾.
(مارئي، ابيات متفرقہ ـ ١٥)

(٦٣)

ڪانڌي ڪَنگَ ٿياس، وَهَٽُ جَنازو سُهٽي،
بَگها جي بيٺَنِ جا، ڪُلها تن ڏناسِ،
اَڪِئين مَلَڪَ ڏِناس، توءِ مَنَ ڪادِو ميهارَ ڏي.
(سهڻي، ٧ ـ ٣)

(٦٤)

ڪاندين، ٿاندين، ٻاٻُرين، پَچان مَرُ پيئِي!
جيرا، جِگَرَ، ٻُڪيُون، سيخُنِ ۾ ٿيئي!
ويَچِنئُون ويئِي، ٿي وَهِيٽِي سَڄَٽين!
(يمن ڪلياڻ، ٣ ـ ٣)

(٦٥)

ڪانگَلَ! نيئِي ڪانگِ. مُنهنجِي ڏي مَحِبُوبَ ڪي،
”لالَنَ! لايَـئِي ڏِينهَڙا، ڪَنهِن سَٿاٽي سانگِ،
آوان رِءَ اَڙانگِ، وينِي وِرِهَ وسَائِيان“
(پورب، ١ ـ ٢٤)

(٦٦)

ڪانگَلَ تُنهنجِيءَ چانگَ، جَڏو جِيُ جِئاريو،
مَٿان لامُنِ لَتَ ڏِيو، ٻولِئين سِرِ ٻيلانگَ،
اُڏِرُ مَٿان ڦانگَ. تہ گهِرِ آوَنِ سُپرِين.
(پورب، ١ ـ ٢٣)

(٦٧)

ڪانگَلَ! سي ئِي ڪوٺِ، پِرِين جي پَرَڏيهِ وِيا،
جنين رِءَ جهانَ ۾، اَکَڙِيُنِ اَروٺِ،
اَللهَ لَڳِ، لَطِيفُ چئي، ڪَج ڳاراچو ڳوٺِ،
جي ڏمَرِيا ڪَنهِن ڏوٺِ، سي اُڏامِي آڻِ پِرِين.
(پورب، ١ ـ ٧)

(٦٨)

ڪانگَلَ قَرِيبَنِ جا! اَچِي وائِيءَ وَٽُ،
تو ۾ ٻُوءِ بَهارَ جي، مُشِڪَ ڪَٿُورِيءَ مَٽُ،
اَچِي عَجِيبَنِ جو، اورانگهِج اَڳَٽُ،
توکي پَسِي تَٽُ، سُوَرَنِئان صافُ ٿِئي.
(پورب، ١ ـ ١٩)

(٦٩)

ڪانگَلَ! ڪوهُ ٿِيوءِ، پيو آهِين پَٽَ ۾؟
اَڳِي اُسَ تَڙِڪو نہ سَهِين، اَڄُ سارو ڏِينهُن سَنوءِ،
پَسِي حالُ سَندوءِ، ڪانگَنِ ڪانگورو ڪَيو.
(پورب، ١ ـ ٢١)

(٧٠)

ڪايو ڪَمايومِ، موتي مون نہ وَٽِجِيا!
سِيهِي جو سَيَدُ چئي، وَکَرُ وِهايومِ!
هِهڙو حالُ سندومِ، توهَ تنهنجي اُبَهان!
(سريراڳ، ١ ـ ٧)

(٧١)

ڪُتا ڪِيَنئي ڪيچَ جا، سَندا جي پُنھونءَ
اَڳھين ھُوندَ اَسُونھَن! جي جانارَن يادِ پَئين.

*(معذوري، ١ - ٢)*

(٧٢)

ڪَتِن ڪَرَ موڙيا، تيڙڙُ اُيا تيئي،
راڻو راتِ نہ آئيو، ويلَ ٿَري ويئي،
ڪوءِ سا ڪاٽي راتِڙي! پِرين رِيَ پيئي،
مُون ڪي ڏِنءِ ڏيئي، وَجِي ڍولو ڏِٺ قَرارِيو.

*(مومل راڻو، ٤ ـ ٥)*

(٧٣)

ڪَتَنَ جي ڪانہ ڪَرين، سُتي ساھين ھَڏُ،
صُباحَ اِينَدءِ اوچتي، عيدَ اُڳھاڙَن ڳَڏُ،
جتِ سَرَتيُون ڪَندَءِ سَڏُ، اُتِ سِڪَندينءَ سينگارَ ڪي.

*(ڪاپائتي ١ ـ ٦)*

(٧٤)

ڪُتو جي ڪانءِ، پِريان سَندي پارَ جو،
اُنِھين مَٿان آنءِ، ڪوڙين قُرباني ٿِيان.

*(پورب، ١ ـ ٢٨)*

(٧٥)

ڪُتو چئي قَريبَ جا، آھيُون ساڏ سَھي،
پَھرين باتِ بَھي، پُڇُون پوءِ پانڌِيَن ڪي.

*(معذوري، ١ ـ ٦)*

(٧٦)

ڪُتو طالِبُ ڏِوُنڌَ جو، اَسين ڪُتي ڪيڙ،
ڇُھتي آھي ڇيڙ، ڪاراڻي جي ڪَنَ ۾.

*(معذوري، ١ ـ ٨)*

(٧٧)

ڪُتو ڪُرتي ھَڏيُون، جوانمَردُ جِگرِ ڪاءِ،
'اَلدُّنيا جِيفَةٌ وَطُلّا بِھا ڪِلَابُ'، اِيَ ھِنئين سين لاءِ.

*(معذوري، ١ ـ ٩)*

(٧٨)

ڪَتي ڪَتي ڪالھہ، اَڄُ نہ آتَڻِ آئيُون،
اَرَتَ اُڪِلي مالھہ، پُوري ويئيُون نِجُھرا.

*(ڪاپائتي، ١ ـ ٢٦)*

(٧٩)

ڪتي مَٽي آئيُون، ڪَري تَندُ تيارُ،
اُٽَلَ اوڏانھين ٿِئي، جيڏانھَن پرينءَ پارُ،
ڪاپائتيءَ قَرارُ، مَنجھان پُوٽيءَ آئيو.

*(ڪاپائتي، ١ ـ ٢٨)*

(٨٠)

ڪِتي تيو ميھارُ؟ ڪِتي تو ڳھنڊُ ڳُڙي؟
ڪِتي دُونھي دوستَ جي؟ ڪِتي پَريون پارُ؟
جُہ مُون سَڀِ جَمارَ، جَرَ ۾ جھوتُون ڏنيون.

*(سھڻي، ٤ ـ ١١)*

(٨١)

ڪَتارو ۽ ڪوسُ، اَڱڻ آريءَ جامَ جي،
ڏِيَتَ آھي دوسُ، مارَڳ ۾ مِينِ جي.

*(سسئي آبري، ١١ ـ ٦)*

(٨٢)

ڪَٿُ ڪڙھي، لوھ ٻري، ڏُوڏا جت ڏَڳِنِ!
مترڪن مُنھن ڪڍيا، سانداٽيون سَڪَنِ،
اَڄ پِٽَ آڳَڙين، ميڙو آھي مَڃ تي!

*(ايمن ڪلياڻ، ٣ ـ ٢٦)*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۸۳)

ڪُنِيس ڪُوِيچَنِ، تَنَ طبيبَ نہ ڳڏيا،
ڏيئِي ڏنيَ ڏڏَنِ، پاٽان ڏيلَ ڏڪوئيو.

*(يمن ڪلياڻ، ۲ ـ ۱۶)*

(۸۴)

ڪُپيرِيان پَري تِيا، اَبُڏي ٻُڌائُون،
اُنِين ڪي آئُون، هِنئَر ڏِسي آئِيو.

*(ڪاهوڙي، ۳ ـ ۵)*

(۸۵)

ڪُپيريءَ ۾ پِيرُ، ڪَنهين پاتو پيريين،
جيان مُنجهڻَ مازُهِئين، سَجَڻَ تِيان ئِي سِيرُ،
اَنَ پِوَن سَندو پيرُ، ڪوڙِنِ مَنجهان ڪو لَهي.

*(ڪاهوڙي، ۳ ـ ۴)*

(۸۶)

ڪجي پَنڌُ، پُڇان تو، ڪيچِيُن ڪارڻ ڪيئن؟
بيخود هَلِج بَرَ ۾، آئُون تو چوان اِيئن،
سِڪَڻُ ساڃَنَ سِيئَن، مَتان، مُنِي! ڇڏِيئن.

*(سسئي آبري، ۳ ـ ۱۶)*

(۸۷)

ڪَجي جِئَن ڪيچِيُن لَءِ، سو تان ڪِينَ ڪَيوءِ،
وِيجها ئي وِڏوءِ، وِڪَ نہ ڪَنيَءِ هيڪِڙي.

*(حسيني، ۱۰ ـ ۲۹)*

(۸۸)

ڪُجاڙِيا ڪاهي، شُتَر اُن سِينگارِيا؟
ٿَلِيُون، ٿَوُنرَ، هَلَوِيُون، وِيا ڇيرِيُون ڇمڪائي،
لَنگهِيا لَڪَ، لَطِيفُ چئي، وِيا ڪَرهَلَ ڪُڏائي،
بانِيَڙَ ڪي بَروچَ جو، آسِرو آهي،
واڳُون وَرائي، ڦيرِينِ مانَ فَقِيرِ تي!

*(ديسي، ۷ ـ ۲)*

(۸۹)

ڪَڄُ ڪَمايوم ڪُوڙُ، پَڳُمِ عَهدَ الله جا!
پيرو جو پاپِن جو، سو چوٽيءَ تائين چوُرُ!
معلومُ اَٿيئي مونُ، ڳوڙها! اِنهيءَ ڳالھ جو.

*(سريراڳ، ۱ ـ ۸)*

(۹۰)

ڪَچو، تان ڪوهُ؟ پَڪو نَظَرُ پِرِيَنِ جو،
ساهَڙُ منهنجو سُپِرين، ڏمَ ڏنيئِي ڏوهُ،
جي چِٽو جي چوهُ، تہ پُورِينِديَس پارِ مَٽِي.

*(سهڻي، ۸ ـ ۱۲)*

(۹۱)

ڪَچو ڪان ڪُنيارَ، اوڳِي! ڳِنيو اُٿِئين،
ڪِ تو ڪَنين نہ سُئي؟ پيلي تي پِلڪارَ،
لوڙهيا لَڪَ، لطِيفُ چئي، ڪوڙِيينِ ڪارُونِيارَ،
اُڪارِئين، آڏارَ! آران آڪي وارِئين.

*(سهڻي، ۸ ـ ۶)*

(۹۲)

ڪَچي ساڻُ ڪَهي، پَڪو پُڇي نہ سُهِڻِي،
لَنگهيو لُڙُ، لَطِيفُ چئي، وَچارَن وَهي،
سا ڪِئَن نِينهَن نَهي؟ جنهن کي نِينهَن نَڏو ڪَٽِي.

*(سهڻي، ۸ ـ ۷)*

(۹۳)

ڪَچي ڪاني ڪانهَن، ٻُڏا ڪَڍِي پارِ مان،
يا لنگهائي، لَطِيفُ چئي، يا ڏُرِيان ڪري دانهَن،
ڪَماحَقَہٗ ڪَڪَنِ جي، آهي ڳالھ اَڳانہَ،
يا ٻُڏَنِ ڏِيَنِ پانهَن، ناتَ ساٿِنِ وِجنِ سِيرَ ۾.

*(سهڻي، ۸ ـ ۲)*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۹۴)

ڪَچي ڪَٿُ نہ جَهليو، پيلو پيو پَچي،
ماهِيَتَ مَلَڪَ اَلْمَوتَ جي، مَنجِهہ وُجُود وَچي،
ساهَڙَ ڪي سَچي، آڪي جي اَحوالَ جي.

(سهڻي، ٨ ــ ١٦)

(۹۵)

ڪَچي ڪَٿُ نہ جَهليو، پيلو پيو پُري،
سارَ ڇِڊِيائين سِيرَ ۾، بانهُنِ ڪان ٻُري،
لَٿي لَهرِيُون ويئِيُون، چوڌاري چُري،
هِنئڙي منجهہ هُري، ماهِيَتَ مَلَڪَ اَلموتَ جي.

(سهڻي، ٨ ــ ١٥)

(۹۶)

ڪَچي ڪَٿُ نہ جَهليو، پيلو سَهي نہ پَرُ،
هَٿين، پيرين، آڱرئين، بانهُنِ ڇڏيو ٻَرُ،
ساهَڙَ! سِگهو وَرُ، پِيَيِسِ مُنهن مَهرانَ جي.

(سهڻي، ٨ ــ ١٧)

(۹۷)

ڪَچي ڪاچوٽي، نانگَنِ ٻَڌِي نينهَن جي،
جهڙا آيا جَڳَ ۾، تَهڙا ويا موٽي،
اُنين جي چوٽِي، پُورَبَ تِيندِي پَڌِري.

(رامڪلي، ٩ ــ ٦)

(۹۸)

ڪَڏهن تان ٻاجهہ پَئِي، ساجَنَ! مُنجُ سَلامُ،
سِڪَ تُنهنجِيءَ، سُپرين! ڪيو تَنُ تَمامُ،
هَٿين هاجَ وَهُ تِي، نيٽين نِنڊَ حَرامُ،
دوسَ! نہ سَهان دامُ، تُون وِندُرِ تو ويلا ڪَرِين!

(ديسي، ٧ ــ ٦)

(۹۹)

ڪَڏهِن پَئجي ڪَنُ، ڪَڏهِن تِيجي واٽُ،
ڪَڏهِن تِيجي ڪاٺُ، ڪَڏهِن تِيجي ٻَڪِرو.

(سسئي آبري، ١١ ــ ٥)

(۱۰۰)

ڪَڏهِن طاقِيُون ڏِين، ڪَڏهِن ڪُلَنِ دَرَ دوسِتَنِ جا،
ڪَڏهِن اَچان، اَچَڻُ نہ لَهان، ڪَڏهِن ڪوٺِيو نِين،
ڪَڏهِن سِڪان سَڏُ ڪي، ڪَڏهِن ڳُجهاندَرَ ڳَرهِين،
اَهڙا ئِي آهِين، صاحِبَ مُنهنجا سُپرِين.

(بروو سنڌي، ١ ــ ١٨)

(۱۰۱)

ڪَڏهن ڪَڏهن، جيڏِيُون! ڪو پَہُ اَچيو پوءِ،
سو پڻ ساڙو هوءِ، هِيُ جو ساهُ سَرِيرَ ۾.

(حسيني، ١٠ ــ ٢٨)

(۱۰۲)

ڪَڏهن ڪونہ ڏِيوم، آثارو تَنهن عِشقَ جو،
مَحبُوبَنِ مِنٿُون ڪَري، سِڪَڻُ سيکارِيوم،
تِهان پوءِ ڏِيوم، پَسَڻُ سُپيرِيُنِ جو.

(بروو سنڌي، ١ ــ ٢٢)

(۱۰۳)

ڪَڏهين مَڙهہ مُقامَ ۾، ڪَڏهين ڳاڙهو گهوٽُ،
سَندو وارِيءَ ڪوٽُ، اَڏيو اَڏبو ڪيترو؟

(ڏهر، ٤ ــ ٥٢)

(۱۰۴)

ڪَڍِ پُنهونءَ ڏي ڪاهي، ڇاتيءَ رُوحُ ڇَريو ڪيو،
اُتي ويـنـي اوڏهين، سُتي پڻ ساهي،
'اَلْعِشقُ حِجابٌ بَيْنَ الْعَاشِقِ وَالْمَعْشُوق'، لاشڪُ تِيُ لاهي،
آرياڻي آهي: پيو سَرَتِيُون! سُجي ڪِينَ ڪي.

(سسئي آبري، ٥ ــ ١٧)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٠٥)

ڪِديا جي ڪُلالَ، سي پَسِي خالَ خوش ٿِئي،
پاتِيءَ چِتَ پُسائِيا، ڏاءَ نہ جھلي ڏَمالَ،
سُپِڪَ پانيا سُھٽِيءَ، جوبَنَ جي جَمالَ،
آڪي جا اَحوالَ، مَعلُمُ تيا مِهرانَ ۾.

(سھڻي، ٨ ـ ١١)

(١٠٦)

ڪَڍي، ڪانگا! تو ڏِيان هنئون سانُ هَٿَنِ،
وَڃِي ڪاءِ وِلاتِ ۾، اَڳِيان عَجِيبَنِ،
پِرِين مانَ چَوَنِ، تہ هِئَن قُربانُ ڪيرَ ٿِئي.

(پورب، ١ ـ ١٢)

(١٠٧)

ڪَڍِي ڳَھل ڳَھران، صُلحُ ڪَرِ سُلطانَ سين،
تہ تُون تَنِهن دَران، ڏِيهاڻي ڏانُ لَهِين.

(بلاول، ١ ـ ٢)

(١٠٨)

ڪَراڻِ ڪَڙُورِ جا، چُوڙا ڪوڙا جَنِ،
سو مَرِڪُ مارُوئڙَنِ، جِتان لوڪَ لَڄَ ٿِئي.

(مارئي، ٣ ـ ٩)

(١٠٩)

ڪَربَلا جي پِڙَ ۾، خيما ڪوڙِيائُون،
جهيڙو يَزِيدَ سامُھون، جُنبِي جوڙِيائُون،
مُنھَن نہ موڙِيائُون، پَسِي تاءُ تَرارِ جو.

(ڪيڏارو، ٢ ـ ٤)

(١١٠)

ڪَربَلا ڪَڪوري، دُلدُل رَتا پيرَ،
سَٿُون ڏِيندي شيرَ، مَٿان سَڄُ مُرڪيو.

(ڪيڏارو، ٥ ـ ١١)

(١١١)

ڪَربَلا ۾ ڪُوڪَ، ساڄُھر شَھزادَن جي،
عالَمَ جا مَلُوڪَ، رُڪَ روھي جَھلِيا.

(ڪيڏارو، ٣ ـ ١١)

(١١٢)

ڪَرڙا ڏُونگَر ڪَہ ڳھٽِي، جِتِ بَرپَٽَ، سُڃَنَ بيرانُ،
ڏاهَنِ ڏاهَپَ وِسرِي، تِيا حَرِيفَ ٿِي حَيرانُ،
سَسُئِيءَ لَنگھيو، سَيَدُ چئي، مُحَبَّتَ سين مَيدانُ،
جنھنجو آرِياڻي اَڳوانُ، تَنھن کي ڪانھي باڪَ بَھيرَ ۾.

(ديسي، ٦ ـ ٨)

(١١٣)

ڪَرڙا ڏُونگَر، ڪَہ ڳَھٽِي، جِتِ جَبَلَ ڳُونا ڳُونِ،
لِيڙَن جُونِ، لَطِيفُ چئي، تَنگ تَنوارُون پُونِ،
جن ڏِٺو پيرُ پُنھونءَ جو، سي نہ ڪي رُونِ نہ چُونِ،
هُوندَنِ مَٿي هُونِ، لاڳاپا هِنَ لوڪَ جا.

(ديسي، ٦ ـ ١٠)

(١١٤)

ڪَرڙا ڏُونگَر، ڪَہ ڳَھٽِي، جِتِ رِڻُ، تَتو رائو،
تِتَرُ ٿِئي مَ تن ڪي، ڏُونگَرَ ۾ ڏائو،
جَڏھن جامُ پُنھون جائو، تڏھن تي وَسَ وَٽِڪارَ ۾.

(ديسي، ٦ ـ ١٣)

(١١٥) •

ڪَرڙا ڏُونگَر، ڪَہ ڳَھٽِي، جِتِ ماڻُرِ مَٿاهِين،
سُڃَن تا، سَيَدُ چئي، اُتِ مِرُون مَھائِين،
تُون، آرِياڻي! آهِين، مَنھن مَعذُورِن جي.

(ديسي، ٦ ـ ١١)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١١٦)

ڪَرڙا ڏُونگر، ڪَهَ گُهٽي، جِتِ مينهَن وَسَن ماڪُون،
سُجَن تِيئُون، سَيَّدُ چئي، هاڙهي جُون هاڪُون،
جِتِ اَنڌيُون اوطاقُون، تِتِ ڪاهي رَسِج، ڪارِّئي!

(ديسي، ٦ ــ ١٤)

(١١٧)

ڪَرَڙا ڏُونگر! ڪَهَ گُهٽي، جِتِ واٽُن تي واري،
آڏا لَڪَ، لَطِيفُ چئي، بَرَ سُجَن باري،
جا مَنزِلِن ماري، سا، قادِرَ! ڪيچ رَساٽِئين!

(ديسي، ٦ ــ ٩)

(١١٨)

ڪَرڙا ڏُونگر، ڪَهَ گُهٽي، جِتِ وِيا روڏا رِنگائي،
ساڳاپي سيٽَن جي، تِي وِندُرِ واجهائي،
رَهيَس رَسُ، لَطِيفُ چئي: تنهن ڪَميٽِيءَ ڪاهي،
آرِياٽِي آهي، مَنهن مَعذُورِن جي.

(ديسي، ٦ ــ ١٢)

(١١٩)

ڪَر طَرِيقَت تَڪيو، شَرِيعَتَ سُجاڻُ،
هنئُون حَقِيقَتَ هير تُون، ماڳُ مَعرفَتَ جاڻُ،
هوءِ ثابُوتِيءَ ساڻُ، تہ پُسَّان پالهو رَهين.

(آسا، ٤ ــ ٤٠)

(١٢٠)

ڪَر ڪا ويهي ڳالهہ، ڪَنڌا! ڍورَ ڏٽِين جي،
هِهڙي اَڄ حالَ، ڏِکيا ڏِينهَن گُذارِئين!

(ڏهر، ١ ــ ٢)

(١٢١)

ڪَر ڪو پيرو ڪانڌ! مُون نماٽِيءَ جي نِجُهري،
پرِين! تُنهنجي پاندَ، ڍولا! ڍَڪي آهيان.

(ڏهر، ٣ ــ ١)

(١٢٢)

ڪَر ڪو واڪو وَسُ، وهُ مَ مُنڌَ پَنپورَ ۾،
چَڙهي ڏاڍين ڏُونگرين، پيرُ پُنهونءَ جو پَسُ،
ڏورَڻَ مَنجهان ڏَسُ، پَونڌءِ هوتَ پُنهونءَ جو.

(سسئي آبري، ٨ ــ ١٥)

(١٢٣)

ڪَر ڪي ڳالَهڙيُون، ڪَنڌا! ڍورَ ڏٽِين جُون،
ڪِئَن سي راتَڙيُون، ڪَنهن پَرِ ڏِينهَن گُذارِئين؟

(ڏهر، ١ ــ ١)

(١٢٤)

ڪَرَ ڪَنيو ڪانگُ لَنئي، مُنيءَ تي مَضبُوطُ،
آئيو ڏي آتَڻَ ۾، سَنيها ثابُوتُ،
ڪانگـل! آڻُون قُوتُ، پيغامَ پرِيَن جا.

(پورب، ١ ــ ١٠)

(١٢٥)

ڪَرَ ڳَلَ ڪوچَ ڪُنَ گهٽا، جِتِ جَرَ واڳُو جِئائين،
پاڻُ اُڇلي آبَ ۾، وَهَ سِر وِڏائين،
لَهريُون لَنگهِيائين، لُطفَ ساڻُ، لَطِيفُ چئي.

(سهڻي، ٢ ــ ١)

(١٢٦)

ڪَرَ ڳَلَ ڪوچَ ڪُنَ گهٽا، جِتِ ڏَڙڪو مَنجهہ دَرياہَ،
اَچيو اُتاهِين گهڙي، سانگو ڪري نہ ساہَ،
ساهَڙَ جي صَلاحَ، پارِ لَنگهيايَس پاڄهہ سين.

(سهڻي، ٢ ــ ٢)

(١٢٧)

ڪَرَها! توکي ڪامَ، مون سچو پَسي سَچي،
مانَ پروڙي مامَ، ساڱاهي سَنئِينءَ وَهين.

(ڪنيات، ٢ ــ ٣٣)

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

(١٢٨)

ڪَرَها! ڪارَڻ ڪاهَ، توکي ڏٿيُن ڏاريو،
ساري ڏيج، سَيّدُ چئي، لُڏائي تان لاهَ،
مُقابِلو مُومَلِ سين، ٽيندو سَنجهه صُباحَ،
سوڍي جيءَ صَلاحَ، ڪَوِنرَ چَرَندين ڪاڪِ جا.
(مومل راڻو، ٢ ـ ١١)

(١٢٩)

ڪَرَها! ڪاڪِ چَڙهي، وَنءُ وَٽاڻُون نِڪري،
لُڏُوٽِيان، لَطِيفُ چَئي، آيو ڪونہَ وَري،
گھٽا اِتِ گِهڙي، وَڳَ وساري هَليا.
(مومل راڻو، ٢ ـ ١٤)

(١٣٠)

ڪَرَها! ڪُرُ سجاڻُ، پيَڪو ۽ پانهنجو،
اَصل آهي اوهان جو، ناليرو نِڌاڻُ،
ڪَرَها! اَسان ساڻُ، ڪي چانگا! ڪج چڱائيون.
(ڪنياتِ، ٢ ـ ١٧)

(١٣١)

ڪَرَها! ڪَسَرَ ڇڏِ، وِڪَ وڌندي پاءِ،
منهنجو هلڻ اُتهين، جتي جانِبَ جاءِ،
توکي چَندَنُ چاريان، پيو وَڳُ، لاٽِي ڪاءِ،
اِئين اَنَ! اُناءِ، جيئن هونديءَ رات هُتِ مڙُون.
(ڪنياتِ، ٢ ـ ١٥)

(١٣٢)

ڪَرَها! ڪَسَرَ ڇڏِ، وِکُون وجهہ وڌنديُون،
هيڪَرَ حبيبن سان، مون کي نيئي گڏ،
مَچڻُ پونئي هَڏِ، آهُون اُڪَنڊِين جُون.
(ڪنياتِ، ٢ ـ ١٤)

(١٣٣)

ڪَرَهو ڪَميِٽِيءَ تي، سوڍا! وارِ سُڃاڻَ!
ڪُہُ ڪَرِيان ڪاڪ ڪي؟ تَنَ توهين ڏي تاڻَ،
لاهي غَيرَ گُماڻَ، اَڱڻِ آءِ اُڪَنڊِيين.
(مومل راڻو، ٦ ـ ٣)

(١٣٤)

ڪَرَهو نہ ڪيڪاڻُ، پيرين آئُون نہ پُڄٽي،
جو مون رات رَساٽي، نيئِي ساڄَنَ ساڻُ،
مون نہ وَهيٽو پاڻُ! ويني نيڻَ نچوئيان.
(ڪنياتِ، ٢ ـ ١٣)

(١٣٥)

ڪَرهَي کي ڪِئين، وِڌمِ پئد پَلَنَ جا،
ليڙو لاٽيءَ کي چَري، نِيرَ ساڻ نَئين،
چانگي سَندي چِتَ ۾، صاحبَ وجهہ سَئِين،
اوباهيوس اَئين! لُطفَ ساڻُ لطيفُ چئي.
(ڪنياتِ، ٢ ـ ٣٢)

(١٣٦)

ڪَري آسَ اَپارَ، پاريءَ جَهليو نہ رَهي،
پيلي ۽ ڪِرنارَ، اُتو گَنگا جَرُ جَکرو.
(بلاول، ٤ ـ ١٤)

(١٣٧)

ڪَري، ڪانگا! ڪُرنشُون، پيرين پرِينءَ پَئيج،
آئُون جو ڏينَئي سَنيهو، وِچ مَ وساريج،
اللهَ لَڳِ، لَطِيفُ چئي، ڳُجهو ڳالهائيج،
چُئان تِئَن چَئيج، تہ ڪنياتا! خوش هُئين.
(پورب، ١ ـ ١)

(١٣٨)

ڪَري موٽَ ميندِرو، جي لُڏُوٽِيان لالُ،
گهرُ مڙوئي گهورِيان، هُوندَ پنهنجو حالُ،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رائي ڏاران راڄ ۾، مُون نہ گهرجي مالُ،
سوڍي کي سُوالُ، ڪَريان تي قُربَ جو.
(مومل راڻو، ٦ ـ ٧)

(۱۳۹)

ڪَريو مُهاڙَ مَليرَ ڏي، اُپيائي آهي،
جا مَتي ڏِنيَس مارُئين، سا لوئي نہ لاهي،
سُومِرا! ساهي، سَتيءَ وِجهہ مَ سَنگهرُون.
(مارئي، ۴ ـ ۹)

(۱۴۰)

ڪَريو مُهاڙَ مَليرَ ڏي، روءِ اُپي چوءِ:
”سُهڄُ سُوري پائيان، سُومِرا! سَندوءِ،
مِلڪَ مارُوءَ جي آهيان، جورِ نہ ٿِيان جوءِ،
سو قَلبُ ڪوٽِ نہ هوءِ، جو هُتيجَن هَٿ ڪيو.“
(مارئي، ۴ ـ ۸)

(۱۴۱)

ڪَڙ ڪَڙ، ڪُنَ! مَ وَڄُ، پانڌي پوڙَ مَ پارِ ۾،
مون تي جا ميهارَ جي، سا ڪيئَن ڏُنان ڏڄُ؟
توءِ گهڙندَيس اَڄُ، جي اُبتا آرَ ڪَرئين.
(سهڻي، ۳ ـ ۲۱)

(۱۴۲)

ڪَڙو مَنجهہ ڪَڙي، جيئَن لُهارَ لَپيٽيو،
مُنهنجو جِيُ جَڙي، سُپيريان سوگهو ڪيو.
(بروو سنڌي، ۲ ـ ۵)

(۱۴۳)

ڪَڙهُ پڻ ڪيڄ ڏَٺِيُن لَءِ، ڪَڙ پڻ پيرَ سَندانِ،
اِنهيءَ پَرِ اُتانِ، پوندِينءَ، مُنڌ! پهاڙَ ۾.
(سسئي آبري، ۷ ـ ۱۲)

(۱۴۴)

ڪَڙهي ۽ ڪَڙي، پَرِ ۾ پيرُ پُنهونءَ جو،
سِڪَ پَڌائين سَندرو، جانبَ لَءِ جَڙي،
لَڪَن سِرِ، لَطيفُ چئي، مُنڌ جهيڙي ۽ جهڙي،
پَٽيءَ تان نہ پَڙي، جي عُمرِ سَڀِ اِئَن ڪَري.
(سسئي آبري، ۷ ـ ۱۰)

(۱۴۵)

ڪَسَرَ ڇڏ ڪنواتَ! وِڪُون وجهہ وڌنديُون،
سَنئين سُپيرين جِي، وِنگي پاڻ مَ واٽَ،
ڇڏ جهوري، ڏي جهاٽَ، تہ هونديءَ راتِ هُتِ مڙُون.
(ڪنڀات، ۲ ـ ۱٦)

(۱۴٦)

ڪُسَرِ ڪَنگَڻِ قَبُرون، سُسَرِ ساڳاهيڄ،
هَنجَ! هِتيجي ڳالهڙي، ٻَگهن مَ ٻوليڄ،
ماڻي، تُون مُڙيڄ، چَڄ مَ ڪَنهين ڇُهنجَ سين.
(ڪارايل، ۱ ـ ۱۵)

(۱۴۷)

ڪَشي چيلهہ ڪَشا، ڏِيلَ ڪَيائُون ڏُبرا،
لاهُوتي لَطِيفُ چَئي، تَنَ کي ڏِيَنِ تَسا،
ڳُرُوءَ جي ڳسا، پاسي ڪَنِ نہ پاڻَ کي.
(رامڪلي، ۷ ـ ۱۱)

(۱۴۸)

ڪَشي ساڻُ ڪَشَنِ، ڏِيلَ ڪَيائُون ڏُبرا،
پيٽ نہ هيريائُون پاڻهنجا، چوري ساڻُ چِسَنِ،
اَهڙيءَ راهَ رَسَنِ، ڪاپڙي ڪابُلَ کي.
(رامڪلي، ۷ ـ ۹)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٤٩)

ڪَشي سانُ ڪَشي، ڏِيلَ ڪَيائُون ڏُبِرا،
پيٺُ نہ هيرِيائُون پَنهنجو، چوري سانُ چَسي،
ويراڳِيُنِ وَسي، رامُ سَدائِين رُوحَ ۾.
(رامڪلي، ٧ ـ ١٠)

(١٥٠)

ڪَڪَرُ ڪَيائِينمِ ڪاڪِ جو، ڏيئي لاڙيءَ لِڪَ،
هاٿي مَٿي ڏِڪَ، چَڙهيو ٿي، چاڳَ ڪَرِيان.
(مومل راڻو، ٨ ـ ١٢)

(١٥١)

ڪَڪَرَ مَنجهِ ڪَپارَ، جُهڙُ نيٽَنِئُون نہ لَهي،
اَڄُ مُنهنجي چِتَ ۾، اُنا پرِين اَپارَ،
آءُ، سَجَڻَ! لَهُ سارَ، وِرِهَ ويڙهِي آهِيان.
(رپ، ١ ـ ١٦)

(١٥٢)

ڪَڪَرَ مَنجِهہ ڪَپارَ، جُهڙُ نيٽَنِئُون نہ لَهي،
جَهڙا مُنهنجا سُپرِين، تَهڙا ميگهہ مَلارَ،
ڪَڙُ اَڪِيُون، ڪِلُ يارَ! وَڃَنِ سُورَ سَنڌا ڪَيو.
(سارنگ، ١ ـ ٢١)

(١٥٣)

ڪَڪوري ڪاڪِ وَهي، راڻا! پاڻءِ مَ رَٽُ،
سوڍا! اِيُ شَربَتُ، نِسورو ئي نِينهَن جو.
(مومل راڻو، ٣ ـ ٢٢)

(١٥٤)

ڪِ ڪي ڪَڙيان پيرَ؟ ڪِ ڪَڙهان ڪيچَ ڏَٽِيُنِ لَءِ؟
اِيُ ڏَنءُ ڏيئي ڏيرَ، پاٽا پَرانهان وِيا.
(سسئي آبري، ٧ ـ ١١)

(١٥٥)

ڪلالنئون ڪاءِ، مَتِ نہ سکين مون هِنئان!
روئندي رات وِهاءِ، چِڪائيندي بنيون!
(يمن ڪلياڻ، ٤ ـ ٢٣)

(١٥٦)

ڪُلهي ڦاٽو ڪَنجُرو، مَٿو اُگهاڙو،
پيٽَرُ! ڪُڄارو، مُنهنجو هِنَ پَنيورَ ۾؟
(حسيني، ١٢ ـ ٤١)

(١٥٧)

ڪلِي ويرَ ڪَنَّڪَ ۾، پاڪَرَ جو پائي،
اَچا اُنَ ڪي جِنَّ جو، آسانگو آهي،
سُورِهُ سو چائي، جو رُڳوئِي رِڻَ گهڙِي.
(ڪيڏارو، ٥ ـ ٤)

(١٥٨)

ڪِلي ويرَ ڪَنَّڪَ ۾، سائُو سَپِ نہ هُوَنِ،
پِڙَ تي سيئي پُوَنِ، موٽَڻُ جنين ميهِڻو.
(ڪيڏارو، ٥ ـ ٣)

(١٥٩)

ڪِلي ويرَ ڪَنَّڪَ ۾، هَيءِ! جي حَسَنُ هو،
پيڙو پيڙو پَنهنجي پاءُ سين، پَتَنگَ جِئَن پيو،
آهي ڪيرُ پِيو، جو ڪَري هَلان ميرَ حُسينَ تان؟
(ڪيڏارو، ٥ ـ ٢)

(١٦٠)

ڪَم قَرابَتَ جن جي، هِتي آيَمِ هيئَن،
رَفاقَتَ راڪَنِ جي، پُهتِيَسِ، پاهَڙَ سيئَن،
مازُهو مُلاحِظو تن جو، ڪيچ نہ ڪندا ڪيئَن؟
ذاتِ نِسورِيائي نِيئَن، پَرَ سَڌَرَ سين سَڱ ٿيو.
(معذوري، ١ ـ ١٣)

(١٦١)

ڪَميِٽيُن هَٿان، ٿيِن مُور اِئين مَديُون،
تُون ڪَرِ پاڻَ وَڙان، موٽُ، سَباجها سُپرين!

(حسيني، ١١ — ١٦)

(١٦٢)

ڪَنُ ٿيُ، ڪيچيُن ڪُڇيو، ڪُڇُ مَ تا ڪُڇَنِ،
اشارَتُون اُنِ جون، سُڪُوتان سُڃَنِ،
وَٽان ويهي تَنِ، سُڻُ تہ سوزُ پرائيين.

(سسئي آبري، ١١ — ١)

(١٦٣)

ڪَنُ ٿيُ، ڪيچيُن ڪُڇيو، ڪُڇُ مَ، ڪُڇياتُون،
رَهي نہ رَتيءَ جيتري، اُنين وَٽ 'آتُون'،
وَڃي وِڌاتُون، هُو جو وَٽُ 'هُئَڻَ' جو.

(سسئي آبري، ١١ — ٤)

(١٦٤)

ڪَنجهي ڪيرتِ ڪينَرو، واڃو وِلاتي،
هنئي تَندُ حُضُورَ ۾، تنهن پارِسَ پيراتي،
ڏسنديئي ڏِياچَ ڪي، ظاهرُ ٿيو ذاتي،
ڪَڍي تنهن ڪاتي، وِڌو ڪَرِٺُ ڪَپارَ ۾.

(سورٺ، ٤ — ١١)

(١٦٥)

ڪَنڊ ڪَٽارو، مُنهن وَٽي، عادت سنديَن اِيَّ،
تنين تِڪُون ڏنيون، جُنبي منجهان جيَّ،
سرو تِنِ سَبيَّ، جَنِ حاصلَ ڪيو حال ڪي.

(يمن ڪلياڻ، ٤ — ١٨)

(١٦٦)

ڪَنڌُ مَ قيرج ڪيڏهين، وَنيو وَڃج راهَ،
اَڄُ ڪِ سَنجهہ صُباحَ، نيئي ڏَريندءِ ڏوڙ ۾.

(مومل راڻو، ٥ — ٣)

(١٦٧)

ڪَنڌَنِ ۾ ڪوهُ ڪَرئين؟ ڳَسَنِ ۾ مَ ڳُذارِ،
وَڃي وَحدَتَ ويَّ ۾، ڳُهٽُون ڇَڏي ڳهارِ،
شَريعَتَ جو سَرُ لَهي، تَنُ تيائِين تارِ،
حَقيقَتَ هَنجَنِ سين، طَريقَتَ تَنوارِ،
مَنجهان مَعرفَتَ سين، اَندَرَ تُون اُجارِ،
هدايَتَ جي هُوءِ ۾، ڇُٽيو تُون چانگارِ،
تہ پاڙهيري اِنَ پارِ، ڪونَ ڏِسين تُون ڪَڏهين.

(ڪارايل، ١ — ٢٤)

(١٦٨)

ڪَنڌيءَ اُبيُون ڪيتريُون، "ساهَڙُ ساهَڙُ" ڪَنِ،
ڪِنين سانگو ساهَ جو، ڪي 'گهوريَسِ' ڪيو گهڙَنِ،
ساهَڙُ سَندو تَنِ، گهاگهائي گهڙَنِ جي.

(سهڻي، ١ — ٩)

(١٦٩)

ڪَنڌيءَ جَهليو ڪانهَن، عاشِقُ اُبو آهوُن ڪري،
تو ڪيئَن پوڙي سُهڻي؟ ٻيلِي! منهنجي بانهَن،
دَرياهَ! توتي دانهَن، ڏِيندُسِ ڏينهَن قِيامَ جي.

(سهڻي، ٧ — ٧)

(١٧٠)

ڪَنڌا! تُون ڪيڏو، جَڏهِن پَريو ڊورُو وَهي؟
جَسودَنِ جيڏو، تو ڪو ڳَڏِيو پَهيَڙو؟

(ڏهر، ١ — ٦)

(١٧١)

ڪَنڌا! تو وَٽان، سَچُ ڪِ سيٽَن لَڌيو؟
مَجَرَ تو مَٽان، ڇَٽيو پَوَن، ڇُڳا ڪيو!

(ڏهر، ١ — ٣)

(۱۷۲)

ڪَندا مُون پيرَن ۾، توڙي لَکَ لَڳَنِ،
آڳُر، آڱُوٺي نہ مِڙي، ڇِپُون پير ڇِنَنِ،
ويندي ڏانهن پِرينِ، جُتي جاتِ نہ پائيان.

*(معذوري، ۳ ــ ۱۰)*

(۱۷۳)

ڪَندِ لَنگهيندي ڪاڻ، پِيَمِ پَنوهارَن سين،
اُتي عَبدُاللّطِيفُ چئي، رُنو سَڀَ رهاڻ،
هِنَ هِيٺائي هاڻ، مُنهن مَتانهون نہ ڪَٽان.

*(مارئي، ۸ ــ ۱۹)*

(۱۷۴)

ڪُنڊي ڪَلين وِچَ ۾، جَڏهِن هَنئي جَنِ،
موتي مُون پِرينَ، ڪَڏَنَّ جي ڪانَ ڪَئي.

*(ڏهر، ۱ ــ ۱۵)*

(۱۷۵)

ڪُنڊي ڪَلين وِچَ ۾، جَڏهن هَنيائُون،
موتِ نہ مارِيائُون، ڏورِ ڏيئي وِيا ڏُکَ جي.

*(ڏهر، ۱ ــ ۱۶)*

(۱۷۶)

ڪَنَ ڪَٽَ، ڪاپَٽَ، ڪاپَڙِي، ڪَنَ جي ڪَتائين،
لاهُوتي، لَطِيفُ چئي، ماڳُ نہ مَتائين،
جي خوديءَ کي ڪائين، هَلو! تَڪِيا پَسُون تَنِ جا.

*(رامڪلي، ۳ ــ ۷)*

(۱۷۷)

ڪَنَ ڪَٽَ، ڪاپَٽَ، ڪاپَڙي، ڪَنوتِيا، ڪَنَ چِيرَ،
سَدا وهَن سامُهان، عاشِقَ اُتَر هِيرَ،
تَسا ڏيئي تَنَ کي، سازِيائُون سَرِيرَ،
جي فَنا ٿِيا فَقِيرَ، هَلو! تَڪِيا پَسُون تَنِ جا.

*(رامڪلي، ۳ ــ ۶)*

(۱۷۸)

ڪَنَ ڪَٽَ، ڪاپَٽَ، ڪاپَڙِي، ڪَنوتِيا، ڪَنَ ڏارَ،
هَلَنِ جي هنگلاجَ ڏي، بابُو ڇَڏي بارَ،
جي ڪِينَ قَبولَڻهارَ، هَلو! تَڪِيا پَسُون تَنِ جا.

*(رامڪلي، ۳ ــ ۱۰)*

(۱۷۹)

ڪَنَ ڪَٽَ، ڪاپَٽَ، ڪاپَڙِي، ڪَنوتِيا، ڪَنَ ڪَٽَ،
ڏُونهان جِنِ ڏُکائِيا، هَلي مَٿي هَٽُ،
خاڪِ جِنين جي کَٽَ، هَلو! تَڪِيا پَسُون تَنِ جا.

*(رامڪلي، ۳ ــ ۸)*

(۱۸۰)

ڪَنَ ڪَٽَ، ڪاپَٽَ، ڪاپَڙِي، لانگوٽِيا لالَ،
لاهُوتي، لَطِيفُ چئي، موهِيا ڪَنهن نہ مالَ،
هَهڙا جِنين حالَ، هَلو! تَڪِيا پَسُون تَنِ جا.

*(رامڪلي، ۳ ــ ۹)*

(۱۸۱)

ڪَنَ ڪورائي، ڪاپڙي، جِندا! ٿِيُ جُوانُ،
ڪاهِ تہ لَڳِيئي ڪانُ، نانگَنِ هَٿان نِينهَن جو.

*(رامڪلي، ۴ ــ ۱۹)*

(۱۸۲)

ڪَنَ ڪورائي، ڪاپَڙي، جِندا! ٿِيُ مَر جوءِ،
سِرَ سِپاهِيُن وِڪِيا، سوڪ نہ، سامِي! سوءِ؟
جيڪي پُڇين، پُڇُ سو، گُنگا نِيَنِ نہ گوءِ،
وَڃُ، لاهُوتِي! لوءِ، عِجزَ کي آڏو ڪَري.

*(رامڪلي، ۴ ــ ۱۸)*

(۱۸۳)

ڪَنَ ڪورائِيين، ڪاپَڙي! اِيُ زَنانو جوڳُ،
سامي! سُڃاڻُ تو پِيو، هِڪُ ڏهي، پِيو دوڳُ،
جِنين پانيو قوڳُ، رامَ تِنين کي رِيبيو.

*(رامڪلي، ۴ ــ ۲۱)*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۱۸۴)

ڪَنهن تَڙ ڏيهائي؟ ڪِٿي اُنَ مينهَڙا؟
مُون وَٽ مُون پرِيَن جي، ويهي ڪَرِ وائي،
آئُون آڳ ڏائي، سَنيهو سُٽي جِئان!
(مارئي، ١١ ـ ٣)

(۱۸۵)

ڪَنهن پَرِ رُئان پِرينءَ ڪي؟ اَندَرِ ناهِ اُساٽَ،
لوهُوڪا لَڪَنِ ۾، ويري مَٿي واٽَ،
ڇِپَرَ ۾ چُونچاٽَ، ڏِنَـرِ ڏِکوئِنَ جا.
(ڪوهياري، ٦ ـ ٢)

(۱۸۶)

ڪَنهن پَرِ رُئان پِرينءَ ڪي؟ پارُ نه چاڻان پَنڌُ،
ڪِيچَنِ ڪارڻ ڪَنڌُ، نايو تي، نَعرو هَڻان.
(ڪوهياري، ٦ ـ ۴)

(۱۸۷)

ڪَنهن پَرِ رُئان پِرينءَ ڪي؟ پارُ نه چاڻان پيرُ،
پَنَڌُ مُون پيڙو ٿيو، سُورَن لايو سيرُ،
آريءَ لَءِ اُليرُ، رَقصُ پاڳي رَنَ جي.
(ڪوهياري، ٦ ـ ۵)

(۱۸۸)

ڪَنهن پَرِ رُئان پِرينءَ ڪي؟ پَچَڻُ ناهِ پَچارَ،
اَندَرِ تِي آهُون ڪَريان، ڪاٽِي مَنجهه خُمارَ،
گِريي جي گُفتارَ، ٻِيءَ پَتِ پاروچَنِ ۾.
(ڪوهياري، ٦ ـ ٣)

(۱۸۹)

ڪَنهن پَرِ رُئان پِرينءَ ڪي؟ روئي نه چاڻان،
مَٿي ڪَيو پُٺَانِ، هَنجَنِ هاٿا هَـٿَڙا.
(ڪوهياري، ٦ ـ ١)

(۱۹۰)

ڪَنهن پَرِ رُئان پِرينءَ ڪي؟ رُنَڻُ مُون رِياءُ،
ٻَرَنِ مَنجهه ٻُڪاءُ، ٻِيءَ پَتِ ٻُڌَمِ، جيڏِيُون!
(ڪوهياري، ٦ ـ ٦)

(۱۹۱)

ڪَنهن جَنهن پُورَ پَچائِيا، پَنجين ڏينهن پَئِي،
اَندَرِ آديسيُنِ ڪي، سُورَنِ شاخَ ڪَئِي،
مُحَبَتَ جي مَيدانَ ۾، لاشَڪُ پِيا لَهِي،
تن ڪي ساري راتِ، سَيَدُ چئي، گُونڌَرَ ساڻُ گَئِي،
ڪَرِيو سيڻَ سَهِي، لِڪا پُٺَنِ لوڪَ ۾.
(رامڪلي، ٢ ـ ۵)

(۱۹۲)

ڪنهن جنهن ڏُکان ڏي، پاراپا ڪي پانڌِئين،
سُورَ پَرِيائِين سي، ڳالهه ڪَيائِين جن سين.
(معذوري، ٦ ـ ١٧)

(۱۹۳)

ڪَنهن جَنهن سَناسي سُورَ، جي وَتَنِ ۾ وَهلُورَ،
ٻَهَرِ ٻولي ٻي قِري، گهٽَ ۾ گهايَلَ گهورَ،
چِٽَ جِنين جا چُورَ، هَلو! تَڪِيا پَسُون تَنِ جا.
(رامڪلي، ٣ ـ ٢)

(۱۹۴)

ڪَنهن جَنهن سَناسي سُورَ، جي وَهلُورُ وَتَنِ،
اَنئي پَهَرَ آلڪَ جو، ڪو وَڏُ ويراڳِيَنِ،
سَدائين صاحِبِ پَرِ، تا ڪاپَڙي ڪَنبَنِ،
جي راتو ڏِينهن رَمَنِ، هَلو! تَڪِيا پَسُون تَنِ جا.
(رامڪلي، ٣ ـ ١)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۱۹۵)

ڪَنهن جنهن ڪُنا ڪاتِ، جِئَن سامي مورُ نہ سَنَرا،
ڏِينهان ڏُکي ڏِيلَ ۾، سورُ سَجائِي راتِ،
سَندِي جوڳِيان ذاتِ، جيجان! هوءِ جَڏائُڙي.
(رامڪلي، ٦ ـ ١)

(۱۹٦)

ڪنهن جنهن گهيڙَ گهِڙي، جِئن اَوتَڙان تَڙُ ٿِيوس،
سالِمُ ويئِي سُهٽِي، ڪُنَن ڪِينَ ڪَيوسِ،
اُهسُ اَڪَڙِيُن ۾، پِريان جو پِيوسِ،
حَقان حَقُّ ٿِيوسِ، هُئِي طالِبِ حَقَّ جِي،
(سهڻي، ٣ ـ ٥)

(۱۹۷)

ڪنهن جنهن نينهَن نَنڍاهُ، جي مون واجهائِيندي نہ وَرو،
جيڪِي مُئِي ڪَنداهُ، سو، جانِبَ! ڪَرِيو جِئَري.
(حسيني، ١٠ ـ ٢٣)

(۱۹۸)

ڪَنهن ڪَنهن ڪارِيءَ ذاتِ ڪِي، مورَ بہ مَٽائِين،
جي چَٽُرا چَکِيا ڪَري، نہ وَڳَ وَرائِي ڏِينِ،
ساڻَ سَمُورا نِينِ، جي مَنين پائِي موتِيا.
(ڪارايل، ٢ ـ ٧)

(۱۹۹)

ڪَنِيزَڪَ ڪيچِيُنِ جي، ٻانهوتِي ٻانِهي؛
سي ڪِئَن وَڃَن وسِري، جي جيءَ اَندِرِ جاني؟
اَڱَڻِ اَماني، شالَ ڪيچِيُنِ جي ڪامَ ٿِئِي!
(ڪوهياري، ٣ ـ ١١)

(۲۰۰)

ڪَنِيزَڪَ ڪيچِيُنِ جي، ٻانِهي، ٻانَهوتِي؛
ٻَئِي ٻاروچي هَٽَ ۾، چَڱِن سِرِ چوتِي،
ٻانيڻِ ڪي موتِي، پاٽِهي پُڇَندو پَبَ ڏٽِي.
(ڪوهياري، ٣ ـ ١٠)

(۲۰۱)

ڪنين ڪامَڻَ ڪياءِ؟ ڪيئن پنپولئين؟ ڪَرَها!
اَڪين مٿي اَکيا، پِڙَ ۾ پيرَ ڳَنڍاءِ!
وَڳَ ڪِ وِسَرِياءِ؟ ٻَڌو جِئن گهاٽي وَهِين!
(ڪنڀات، ٢ ـ ٣٨)

(۲۰۲)

ڪِنين ڪِنين ماڙهين، پِيئِي ڪَلَ ڪائِي،
رَسِيا جي رَمزَ ڪي، تن پارِسي پائِي،
”الاُنسَانُ سِرّيِ وَ اَنَا سِرُّہٗ“، وَرتي اِيَ وائِي،
راجا راڳائِي، هَرِدو ئِي هيڪ ٿِيا.
(سورٺ، ٢ ـ ٥)

(۲۰۳)

ڪِنين ڪِنين ماڙهين، ڳُوندَرُ وڌي وَٿُ،
ٻَڌي ڳوڏِ ڳَرَٿُ، ساٿو ڪَجي سُورَ جو.
(حسيني، ٦ ـ ٣)

(۲۰۴)

ڪِنين ڪِينَ پرائيو، ڪِيني منجهان ڪِينُ،
جي هوءَ سَٽاٽي سِيڳُ، تہ رَهَ چِني جوکو ٿئي.
(يمن ڪلياڻ، ٨ ـ ١٨)

(۲۰۵)

ڪُٽڪَنِ ڪانڌُ چِت ڪَيو، جُهڙُ پَسِيو جِهجَنِ،
وَرَ رِءَ وانڍِيُنِ اَڏِيا، پَکا سي مَ پُسَنِ،
اُتَرُ ڍاهي اُنِ جا، تہ ڪَنهن ڪي ڪارُون ڪَنِ،
وارِثُ وَري تَنِ، اَچِي شالَ اولو ڪَري.
(سارنگ، ٢ ـ ٧)

(۲۰٦)

ڪُٽڪَنِ ڪانڌُ چِت ڪَيو، جُهڙُ پَسِيو جُهٽڪَنِ،
سُٽِيو رَڙِ رَعدَ جي، ڪَلِيُون ٽِيُون ڪَنبَنِ،
ڪَلِيُون ڪِينَ ڪُڇَنِ، ويچارِيُون وَرَن ريَ.
(سارنگ، ٢ ـ ٨)

(۲۰۷)

ڪونهُ قريبن جو، عينُ تنڙنُ آهِ،
اِيَ اُلٽي ڳالهڙي، سڪَ ورندي ساهِ،
آسَرَ هَڏِ مَ لاهِ، ڇِنَنُ ڳنڍڻُ اَن جو.
(ڪلياڻ، ۳ ـ ۱۸)

(۲۰۸)

ڪوئي ڪُنائُون، اَڄُ پڻ اَڪَرَّيُن سين،
ماسُ وراهي هَليا، ڪَرَنگَلُ ڇَڏيائُون،
”وَتَوَاصَوْا بِالحَقّ وَتَوَاصَوْا بِالصَّبرِ“، لِئين اَتائُون،
مُئي مارِيائون، ڪِلي ڳهائيو سَڄَڻين.
(ٻروو سنڌي، ۱ ـ ۱۳)

(۲۰۹)

ڪوئي ڪُهي سُپرين، ڪوئي ڪُهڻَ ساڻُ،
نيزي هينان نينهَن جي، پاسي ڪَرِ مَ پاڻُ،
جُلِ، وِڃائي جانُ، عاشقَ! اَجَلَ سامُهون.
(ڪلياڻ، ۳ ـ ۱۷)

(۲۱۰)

ڪوپا ڪلي ڪوڙيا، راوتَ ڪين رَهَنِ،
سائِنِ سِرَ فدا ڪيا، اڳيان امامَنِ،
”يُجَاهِدُونَ فِيْ سَبِيْلِ الله“، ڪَمُ اِهوئي ڪَنِ،
حُورُون هارَ ٻَڌَنِ، سِهرا شهيدَنِ کي.
(ڪيڏارو، ۲ ـ ۱۰)

(۲۱۱)

ڪوپا ڪلي ڪوڙيا، ساٿُو سِلحدارَ،
هڪُ پائُرَ، ٻيا پائِتيا، تيان جاني جِگَر يارَ،
اَرڙَنِ ۾ احسانَ سين، سويا ٿيا سَردارَ،
حُورنِ ٻَڌا هارَ، سِهرا شهيدَنِ کي.
(ڪيڏارو، ۲ ـ ۱۱)

(۲۱۲)

ڪو جو اُنسِ مينهُن، آريءَ جي اُڪِيرَ جو،
پاروچاڻو نينهُن، مَنان ماٺو نه ٿِئي.
(حسيني، ۱۱ ـ ۹)

(۲۱۳)

ڪو جو آهِس ڪوڏُ، پاروچاڻيءَ ذات سين،
جي هُو چوَنِس ’پوڏُ!‘ ته جِيُ، سُٽائي جَڳَ کي.
(حسيني، ۱۲ ـ ۳۲)

(۲۱۴)

ڪو جو قَهَرُ ڪَلاچَ ۾، گهڙي سو نئي،
خَبَرَ ڪونَ ڏِئي، ته رَچ ڪُجاڙي رَنديا؟
(گهاتو، ۱ ـ ۳)

(۲۱۵)

ڪو جو ڪامَڻُ مي، آهي اَڪَرَّيُن ۾،
تَنُ تماچِيءَ جامَ جو، نايُون پايو ني،
عِشقُ اِئَن ڪَري، جِئَن چارو جامَ ڪُلهي ڪيو.
(ڪاموڏ، ۲ ـ ۱۳)

(۲۱۶)

ڪو جو لَڳُس ڪانُ، ڪيچِيُن جي قُربَ جو،
تي نِماڻي نيشانُ، ڇَڏي سانگو ساهَ جو.
(حسيني، ۱۱ ـ ۲)

(۲۱۷)

ڪو جو وَديءَ وَڍُ، جِئَن وِنَ وَديائين وَڍَ سين،
ڏُکُ ڏکيءَ کي ڏِيُ، جن ڏِني سي ڏُکيا ٿيا.
(معذوري، ۲ ـ ۱۸)

(۲۱۸)

ڪو جو وَريو واءُ، جيئَن پَرُ پانهُن ڇڏيو،
آڳي اِن تَڙاءُ، اونداهيان ٿي اُڪران.
(سهڻي، ۸ ـ ۲۰)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۲۱۹)

ڪو جو وَهُ ڪاپائِتِيَن، ڪَنبِن ۽ ڪَتَن،
ڪارَڻ سُوڌَ سَوارِيُون، آتَڻَ مَنجهه اَچَن،
اُن جيءَ سُونَهَن، سَيَدُ چئي، صَرافَ ئي سِڪَن،
اَگهِيا سَٿَ سَندَن، پائي ترازِيءَ نہ توريا.
(ڪاپائتي، ۱ ـ ۱۸)

(۲۲۰)

ڪوڏِر نہ ڪاتي، جنهن سين ٽَڪَرُ تاڪِيان،
جيڪو جَبَلُ لَنگهيان، سو هَيبَتَ جو هاتي،
پرِيَن جا پاتي، سا جَڙَ جيئري نہ لهي.
(ديسي، ۲ ـ ۷)

(۲۲۱)

ڪو ڏِينهَن آهِئين ڪوٽَ ۾، لوئي هَڏِ مَ لاهِ،
ڪامِڻ! اَهِجي ڪُرَ جي، آڏِ وَڏائي آهِ،
هِتِ مَ پاڙِج هيڪڙو، پاڙُر جي پَساهِ،
سَتي! سِيلُ نباهِ، مَليرِ ويندينءَ مارُئي!
(مارئي، ۱۰ ـ ۵)

(۲۲۲)

ڪو ڏِينهَن ڪِنجهَرَ ڪَنڌِيين، تون تماچي! تَڳُ،
اُوچو تِيومِ اَڳُ، مُون ڪَرُ ملاحَن ۾.
(ڪاموڏ، ۲ ـ ۲)

(۲۲۳)

ڪُوڙَ ڪَمايُءِ ڪَڄُ، اُتي اوڙِ الله سين،
ڪَڏِ تون دَغا دل مان، صاحِبَ وٽي سَچُ،
محبتَ سندو مَنَ ۾، ماڻڪَ! پارج مَچُ،
اِنَ پرِ اُتي اَچُ، تہ سُودو ٿئيئي سَفرو.
(سريراڳ، ۱ ـ ۹)

(۲۲۴)

ڪُوڙو تُون ڪُفرَ سين، ڪافرُ ۾ ڪوتاءِ،
هندوُ هَڏَ نہ آهئين، جَٽيو تو نہ جُڳاءِ،
تِلَڪُ تِنين کي لاءِ، سَچا جي شِرڪَ سين.
(آسا، ۴ ـ ۱۵)

(۲۲۵)

ڪُوڙي ڪَج مَ ڪَڌهين، ڦِڪي پائيج ڦانگ،
ساري سَناسِيُن جِنَ، لائِقَ! رَکِج لانگ،
تہ چارئِي چُنِيءَ پاندَ، اوسا گِنهي اُڪرين.
(آسا، ۴ ـ ۴۱)

(۲۲۶)

ڪوڙين تُنهنجُون ڪامِٽيُون، تُون ڪوڙِيَن سَندو ڪانڌُ،
مُون کي ڇَڏِ مَ داسَڙا! تہ وَڃان نہ وِٽواندُ،
مُون پُڇِيءَ ۾ پاندُ، تو چَنيسَرا! هَٿُ ۾.
(ليلا چنيسر، ۳ ـ ۱۲)

(۲۲۷)

ڪوڙين ڪايائُون تُنهنجِيُون، لَکَ لَکَ هزارَ،
جيءُ سِيکَنهن جيءَ سين، دَرسن ڏارون ڏارَ،
پريَم! تُنهنجا پارَ، کهڙا چَئِي ڪيئن چوان.
(ڪلياڻ، ۱ ـ ۲۱)

(۲۲۸)

ڪُوڙيُون پُڇَن ڪيچُ، هوتُ نہ پُڇَن هِتَهين،
جن پُنهونءَ سين پيچُ، تن پيرين پَنڌُ وِسارِيو.
(سسئي آبري، ۳ ـ ۱۰)

(۲۲۹)

ڪُوفِيُن قَهرُ ڪيو، تِيا جَماتِي يَزيدَ سين،
پَلِيتَن کي پِڙَ ۾، وَرِنَهُ وَرِ پِيو،
سَڌَرِ هونِ سِهو، شِيرُ شَهادَتَ رَسِيو.
(ڪيڏارو، ۴ ـ ۵)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۲۳۰)

ڪُوفِيُنِ ڪاغَذُ لِکيو، وِچ وجهي اَللهُ،
”اَسين تابِعَ تُنهنجا، تُون اَسانجو شاهُ،
هيڪَرَ هيڏي آءُ، تہ تَختُ تابيني تُنهنجي“.

(ڪيڏارو، ۴ ـ ۶)

(۲۳۱)

ڪُوفِي ڪَربَلا ۾، پاڻِي نہ پيارِين،
اُتي عَلِيءَ شاهَ کي، شَهزادا سارِين،
نِڪرِيو، نِهارِين؛ چَڙهُ، ميرَ مُحَمَّدَ عَربِي!

(ڪيڏارو، ۴ ـ ۷)

(۲۳۲)

ڪو گُهمَندي گهورُ، آيُم پاروچَن جو،
ڇَڏِينديس پَنيورُ، هِنئُون هِتِ نہ وِندُري.

(حسيني، ۳ ـ ۱)

(۲۳۳)

ڪو مُنهن ڪُنَلِ آئيو، ناهِ ويچاري وَسِ،
هوت! تُنهنجي هٿ ري، گولي ٿِئي مَ گَسِ،
ڏُکُ ڏُکيءَ کي ڏَسِ، تہ مُوڙهيءَ ڪو مُنهُن ٿِئي.

(ديسي، ۷ ـ ۵)

(۲۳۴)

ڪو مُنهن ڪُنَلِ آئيو، وَسِ نہ ويچارِي،
هوتَ! تُنهنجي هَٿَ ريَ، پَهُچي نہ پارِي،
اَچِين جي، آرِي! تہ پاندَ پُڄِي، لَڪُ لَنگهيان.

(ديسي، ۷ ـ ۴)

(۲۳۵)

ڪُونجَڙِيءَ ڪالهہَ لَنئي، سَڄَڻَ وِڌم چِتَ،
آئُون جنين رِءَ هِتِ، گهنگهرُ گهارِيان ڏينهَڙا.

(ڏهر، ۴ ـ ۱۰)

(۲۳۶)

ڪُونجَ! نہ پَسين ڪَڪَ، ڏِٻُ جَنهن سين ڏِٺيو،
ماريءَ ماري لَڪَ، وَڳَرَ هَٿِي ويچُون ڪيا.

(ڏهر، ۴ ـ ۱۷)

(۲۳۷)

ڪُونجَ نہ لَکيو پاڻُ، جو ماريءَ سَندي مَنَ ۾،
اوچتي پَريانُ، وَڳَرَ هَٿِي ويچُون ڪَيا.

(ڏهر، ۴ ـ ۱۶)

(۲۳۸)

ڪُونجون ٿِيون ڪُٽڪَنِ، جيڪُسِ هَلَڻَ هاريُون،
ٻَچا پوءِ اَٿِنِ، وَڃَنِ واندا ڪَنديُون.

(ڏهر، ۴ ـ ۱۲)

(۲۳۹)

ڪَوَنرَ پاڙُون پاتارَ ۾، پَونرُ پِري آڪاسِ،
پِنين سَندِي ڳالهڙِي، رازِقَ آندي راسِ،
تَنهن عِشقَ کي شاباسِ، جَنهن مُحبَتي ميڙِيا.

(ڪارايل، ۱ ـ ۲۲)

(۲۴۰)

ڪَوَنرَ پاڙُون پاتارَ ۾، پَونرُ پِري ۾ سُجَ،
پِنين سَندِي ڳالهڙِي، عِشقَ اِئُ اُهُجَ،
توءِ نہ لَهِينِ اُجَ، جي پِيو پِيَنِ پاڻَ ۾.

(ڪارايل، ۱ ـ ۲۳)

(۲۴۱)

ڪَوَنرَ، ڪلي جا ڪوڏِيا! جانڪِي تائين جِيُ،
مَٿان اَڙَنِ اُسرِي، رُڪَ پيالو پِيُ،
ڳاهُ ڳُجهنِ جو ٿِيُ، ويني جن وَرهَ ٿِيا.

(ڪيڏارو، ۲ ـ ۱)

(٢٤٢)

ڪونهي اُت ڪوهيارُ، جت تو، پوري! پانئيو،
پَنڌُ مَ ڪَرِ پهاڙَ ڏي، وُجوُدُ ئي وَٽڪارُ،
ڏارِيا پائنج ڏارَ، پُڄُ پريان ڪَرَ پانءُ تو.

(سسئي آبري، ٣ ـ ٣)

(٢٤٣)

ڪونهي آڳهُ آهڙو، جهڙي مُحبتَ مَنِ،
اُپيوُن اورئين پارَ ڏي، ڪُوڙيُون ڪَکَ پُڄَنِ،
نَدِي تن نيڙُ ٿئي، جي رِيءَ ٿُرهي تَرَنِ،
سِڪَ رَسائي، سُهڻي! اَصلِ عاشقَنِ،
سي جهَليُون ڪِينَ ڪُنَنِ، پُڄَنِ جي ميهارَ ڪي.

(سهڻي، ١ ـ ٣٠)

(٢٤٤)

ڪونهي قادرُ ڪو پيو، اُنين جو اَپاڳُ!
"قُلْ لَنْ يُصِيبَنَا اِلاَّ مَا كَتَبَ اللهُ"، اِيُ مَعذرَتَ ماڳُ،
سَپوئِي سَپاڳُ، مارُئِيءَ مُساوي ٿيو.

(مارئي، ٥ ـ ١٢)

(٢٤٥)

ڪوه تو ڪاڳر ڪورئين؟ وينو وڃائين مَسُ،
ڏورِ تيائين ڏَسُ، اَڪَر جيائين جُڙيا.

(يمن ڪلياڻ، ٥ ـ ٣٢)

(٢٤٦)

ڪوهُ نہ جُهارئين جَڪرو، جَنهن ڏيہَ ڏِيا ڏيئي؟
جي لُڏيا ٿي لينگهِن ۾، شالِن ۾ سيئي،
سَمي سِپيئِي، طاماعُو تارِ ڪَيا.

(بلاول، ٣ ـ ١٠)

(٢٤٧)

ڪوهيارو تي ڪاٺ، مُيون مارَڻَ آئيو!
هوءِ مَرُ هوتُ حَياتُ! آئُون مُيائي گهورئي!

(حسيني، ١٠ ـ ٥)

(٢٤٨)

ڪوهيارو ڪاري، پَنڌُ اَڙانگا پَٽِيين،
سي ڏيہَ ڏيڪاري، جي اَڳُ نہ ڏِٺا ڪَڏهِين.

(حسيني، ١٢ ـ ٣٩)

(٢٤٩)

ڪوهِيارو ڪيٽانِ، ڪيڻ وڃي، ڪاڏي وَڃان؟
مُون پانيو سيٽانِ، ڇپَر ڪُنڊِيَس پَنڌڙا.

(حسيني، ١٢ ـ ٣٨)

(٢٥٠)

ڪَهان، تان ڪيچان پَري! سُمهان تان سِرَ هيٺِ!
پاروچي سين ڏيٺِ، جيڏِيُون! جيهيءَ پَرِ ٿي.

(حسيني، ٣ ـ ١٢)

(٢٥١)

ڪَهان، تان ڪيچان پَري! وهان، تان وَٽِ مُون!
پُلِي ڏوريِمِ پون، عَبَٿُ آريءَ جامَ ڪي.

(حسيني، ٣ ـ ١١)

(٢٥٢)

ڪُه جاٽان؟ ڪُه ٿيو؟ ڪيڏانهن ٿي وَڃان؟
هَٿَ، ڪَراپُون، آڳُريُون، موڙيو سَپ پِچان،
پِيُن گهرِ گهجان، مُون هاريءَ هوتُ وڃائيو!

(حسيني، ١٢ ـ ٢١)

(٢٥٣)

ڪَهڙو اَتيئي ڪامُ، گَنجي ڏُونگرَ گامَ ۾؟
پَسِي تنهن پاهڻَ کي، اَچي نہ آرامُ،
مَتان ڏُونگرَ ڏورِئين، اُجهين ڪُهُ عوامُ؟
هَرا ڪَري حرامُ، ڪامُ نہ ڪاهوڙي ٿِئين.

(ڪاهوڙي، ٢ ـ ٨)

(۲۵۴)

ڪَهڙِي پُڇِين ڪالَهہ، ڪَرِ نَڪا اَڄُ صُباحُ،
وَنئُن تِنين سي واڳيو، جيڪي پَسِين مَنجِهہ پَساهَ،
رَمُ رَبانيءَ راهَ، مَٿي حالَ هوشِيارُ ٿي.
(رامڪلي، ۵ _ ۲۲)

(۲۵۵)

ڪُهَنّ تان ڪَرَ لَهَنِ، ڪَرَ لَهَنِ تان ڪُهَنّ،
سيئي، ماءِ! مُهَنّ، سيئي راحتَ روحَ جِي.
(ڪلياڻ، ۳ _ ۱۹)

(۲۵٦)

ڪُهَنّ ءِ ڪوٺينِ، اِيَ پَر سنديِ سَڄَڻين،
سُوريءَ چاڙهيو سُپرِين، ڏَنيَ ڏِهاڙي ڏِينِ،
وينا وِرهُ وَٺِينِ، آءُ واڍوڙِيا! وِهاءِ تون.
(ڪلياڻ، ۳ _ ۲۱)

(۲۵۷)

ڪُهَڻُ تہ ڪچائي، سُورَ نہ سانديڻُ سٿرا،
اَچا تہ آئي، ڏِيلَ مُنهنجي ڏُکَ سين.
(رپ، ۱ _ ٦)

(۲۵۸)

ڪَهي جا ڪِينَ ڪٽِي، پرينءَ پَهُتي سا،
وِهي ويڙهِجي جا، وَصُلَ تنهن وِڃائِيو.
(معذوري، ۲ _ ۵)

(۲۵۹)

ڪُهي سو ڪَرَ لَهي، ڪوٺي سو قَريبُ،
اِها عادتَ سِکيو، هَرِ زمان حبيبُ،
تِجي سو طبيبُ، سوئي راحتَ روحَ جِي.
(ڪلياڻ، ۳ _ ۲۰)

(۲٦۰)

ڪُهين، تہ آپُ ڪُهُ: ڏَسِ مَ ڇُهڙِيان،
سَندا آهيڙِيان، آئُون نہ سَهَندي هَٿڙا.
(معذوري، ۱ _ ۷)

(۲٦۱)

ڪِئان سِکئين سُپرِين، ڪاسائڪِي ڪارِ؟
تِکِي ڪاتي هَٿِ ڪَري، مُنيءَ سين مَ مارِ،
چوري چاڪَ نِهارِ، سورَنِ سانگهيڙا ڪَيا.
(بروو سنڌي، ۳ _ ۱۰)

(۲٦۲)

ڪِئَن ڏُٺارِيان ڏَٻَڙا! وينديَس ڪَنهن نہ وهاءِ،
مُون مُلِ مارُو ناهِ، اَچا اوڍِيان ڪِنِ ڪَي؟
(مارئي، ابيات متفرقہ _ ۱۳)

(۲٦۳)

ڪي اوبِينِ عَربَ ۾، ڪي ڪابُلَ مَنجهہِ ڪَتَنِ،
سُٺُ اُنِ جو سَڦُرو، مَٿيو ماٽِڪَنِ،
قادُرَ ڪِيمَ ڪَڍَنِ، ٿيلهي ٿُلهي وارِيُون.
(ڪاپائتي، ۱ -۲۱)

(۲٦۴)

ڪي اوڏائِي ڏُورِ، ڪي ڏُورِ بہ اوڏا سُپرِينِ،
ڪي سَنِيرِجَنِ نہ ڪَڏهِين، ڪي نہ وِسرَنِ مُورِ،
جِئَن مينهِن ڪُنڍِيءَ پوُرِ، تِئَن دوسِتَ وَراڪو دِلِ سين.
(بروو سنڌي، ۱ _ ۱۲)

(۲٦۵)

ڪَيا ويچاريءَ وَسَ، ڪارَڻُ ڪوهِياري گَهٽا،
گَهٽو پُڇِي پانڌِيين، سَندا ڏيرَنِ ڏَسَ،
لَمُون ڏوري لَسَ، سُتي سَڳَرَ پٽِيين.
(حسيني، ۱۰ _ ۱۲)

(۲٦٦)

ڪَيائِين ڪيچِين لَءِ، جُسو جَلاوَت،
ڇَڏي پيئِي ڇَپرين، هاري سَڀ حُجَتَ،
هُئِي نماڻِي نِستَ، پَنڌَ وِڌائين پاڻ تي.
(معذوري، ۵ ـــ ۱۰)

(۲٦۷)

ڪي تَران ڪي تار مون، ڪي سَگهان ڪي سَگهُه،
آڏو ڏيـج مَ لَڳُ، مون هيڪلِيءَ، وَلَها!
(سهڻي، ۹ ـــ ۱۹)

(۲٦۸)

ڪي جو ٻيجل ٻوليو، پِنيءَ ويهي پانَ،
راجا رَتولِن ۾، سيباڻو سُلطانَ،
”آءُ مَٿاهُون، مَگَڻا! مُقابِل مَيدانَ،
گهوريان لَکَ، لَطيفُ چئي، تُنهنجي قَدَمَن تان قُربانَ،
مَتو هِيُ مِزمانَ! هَلِي آءُ تـہ هِتِ ڏينءِ“.
(سورٺ، ۳ ـــ ۱)

(۲٦۹)

ڪِي جو ڏِٺائُون، ڏُهَڪجي ڏُور ٿيا،
وِهَڪَ نـہ ڪَيائُون، اُپِيڪَ عَيبُ اَنَ جو.
(رامڪلي، ۹ ـــ ۵۲)

(۲۷۰)

ڪي جو زاغَ زَبانَ سين، لَنيو مَٿي لامَ،
پُهچايائين پرينءَ جا، سَرَتِيُون! راتِ سَلامَ،
ڪاڪِيُون! ڪَتَي ڪامَ، تـہ ڪَهيو سُڻان ڪانگَ جو.
(پورب، ۱ ـــ ۱٦)

(۲۷۱)

ڪي جو ڪُنيارَن، مَٽيءَ پائي مَنيو،
تَنهن مان تـرَ جيتري، جي پَئي خَبَرَ ڪَرَن،
هي تان هُوندَ مَرَن، هُنِ اَگَڻَ اوراتو ٿِئي!
(رب، ۲ ـــ ۱۷)

(۲۷۲)

ڪي جو ڪَنهين پارِ، اَکِيُون پَسي آئِيُون،
تِيُون ديوانِيُون دِلِ ۾، اَپرِ لَڳِيَن آرِ،
تِهان پوءِ قَرارِ، سُتِيُون ڪِينَ، سَيَّدُ چئي.
(آسا، ۲ ـــ ۹)

(۲۷۳)

ڪي جو ڪيڏانهين، اَکِيُون پَسي آئِيُون،
تِيُون تاڻـِنِ تيڏانهِين، پيئُون پاڻ مُهاڙِيُون.
(آسا، ۲ ـــ ۸)

(۲۷۴)

ڪي جو ڪيڏانهِين، چانگو چَڪي آئيو،
تاڻيو تيڏانهِين، نيٺَ چنايو نِڪري.
(ڪنيات، ۲ ـــ ۳۱)

(۲۷۵)

ڪي جو وَجي اَڄُ، اَکِيُون پَسي آئِيُون،
سيڻَنِ ڪَيو سَهَجُ، لالُون تِيُون، لَطِيفُ چَئِي.
(آسا، ۲ ـــ ۱۰)

(۲۷٦)

ڪي جو وَجي ڪالَ، اَکِيُون پَسي آئِيُون،
لالُون ڪَيُون، لَطِيفُ چَئِي، جانِبَ جي جَمالَ،
تِيا نينَ نِهالَ، جِنين دِلَبرُ ديکِيو.
(آسا، ۲ ـــ ۱۱)

(۲۷۷)

ڪي جي ڪَڍيا پارَ، ڏُکِيءَ ڏُونگَرَ پاڻَ ۾،
سُٽِي سا تَنوارَ، مِرُوَن پيا مامِري.
(ڪوهياري، ۲ ـــ ۱۳)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۲۷۸)

ڪيچان اوري ڪِـٿهين، وَڻُ نہ ويسانهين،
ڪَميٽي! ڪِيچيُن لَءِ، پُورِج پَرانهين،
تاٽِـج تيڏانهين، وارِج ڪامَ وَرَنَّ جي.

(ديسي، ۳ ـ ۳)

(۲۷۹)

ڪيچان اوري ڪيتِريُون، مَعذُورِيُون مُيُون،
واتُون وِيہَ تِيُون، ڪُہ چاٽان ڪيهي ويا؟

(ديسي، ۳ ـ ۴)

(۲۸۰)

ڪيچان آيو قافِلو، پَليرو پايان،
پَٽي جا پيرَنِ جي، لِگَنِ ڪي لايان،
چَنبيلي چايان، جي مُون نِيو پاڻَ سين.

(ديسي، ۳ ـ ۷)

(۲۸۱)

ڪيچان آيو قافِلو، راتِ موچاريءَ رُوءِ،
بوتي ۽ بَلوچَ جي، رِڙهي پَسان رُوءِ،
لَنگهي لَڪَ، لَطِيفُ چئي، پُچان ڪيچيُن ڪُوءِ،
گُولي ٿِيا گُلبُوءِ، جي مُون نِيو پاڻَ سين.

(ديسي، ۳ ـ ۲)

(۲۸۲)

ڪيچان آيو قافِلو، جُنگُ سُونهاريءَ جوڙ،
تَليارا توڏَنِ ڪي، ڪِچِيءَ سُونهَن موڙ،
دَوْلَتَ چايان دوڙ، جي مُون نِيو پاڻَ سين.

(ديسي، ۳ ـ ۹)

(۲۸۳)

ڪيچان آيو قافِلو، جامَنِ سَندو جامُ،
پَسندي پُنهونءَ کي، اَکِيُن ڪِيو آرامُ،
ناتَرِ چايان نامُ، جي مُون نِيو پاڻَ سين.

(ديسي، ۳ ـ ۸)

(۲۸۴)

ڪيچان آيو قافِلو، ساٿَ ڏٽي سَرواڻُ،
وارَ وَڍِي واڳُون ڪَريان، پُٺان هُوند پَلاڻُ،
جهڙو پُنهون پاڻُ، تهڙي سِٿا ساٿَ جي.

(ديسي، ۳ ـ ۱۱)

(۲۸۵)

ڪيچان آيو قافِلو، طَرَحَ موچاريءَ توڏَ،
سِينگارِيائُون، سَيَّدُ چئي، ڪَرَها مَنجهان ڪوڏَ،
لَڪُ لَهي ٿي لوڏَ، جيجان! تن جَتَنِ جي.

(ديسي، ۳ ـ ۱۰)

(۲۸۶)

ڪيچ مَ خَبَرَ هوءِ، هِـنَ مُنهنجِيءَ ذاتِ جي!
مَتان پُنهونءَ پوءِ، لَجَ مُنهنجِي لوءِ ۾!

(حسيني، ۱۱ ـ ۱۸)

(۲۸۷)

ڪيچُ نہ جُنبَنَ جاءِ، تہ ڪا هَلي هوتَ ڏي،
مون سين هَلي سا، جا جِيَّ مِنو نہ ڪَري.

(سسئي آبري، ۴ ـ ۳)

(۲۸۸)

ڪيچي ڪالهَ ڪَهي ويا، اَڊِيُون! آڏيءَ راتِ،
جاڳان تان جيڪي ٿِيو، وِهاٽيءَ پِرِياتِ،
ڦوڙائو فَقِيرِ ڪي، ڏِنو جَتَنِ ذاتِ،
'رَفِيعَ الدَّرجَاتِ'!، پَـرَمَلُ پُنهون ميڙئين!

(ديسي، ۳ ـ ۱۴)

(۲۸۹)

ڪيچِيِيُنَ ڪارَڻَ ڪالَ، نينَ نِهارا مُون ڪَيا،
اِيندا پَسان شالَ! اُني آريءَ جامَ جا.

(ڏهر، ۲ ـ ۱۰)

(۲۹۰)

ڪي ڏَرتَـنِي، ماءِ! ڪي ڄَرَ سَندي سَڄَـڻين،
هَلي ۽ واجهاءِ، ٻِنين ڄيرن وچ ۾.
*(حسيني، ۲ ـ ۱)*

(۲۹۱)

ڪيڏانهن ڪاهيان ڪَرهو؟ ڇَناٽو ڇوڏار،
مَنجهين ڪاڪِ ڪَڪوري، مَنجهين باغ بَهارَ،
ڪانهي ٻِي تَنوارَ، ٽِيو مِڙوئِي ميندِرو.
*(مومل راڻو، ۹ ـ ۷)*

(۲۹۲)

ڪيڏانهن ڪاهيان ڪَرهو؟ ڇوڏِس ڇَناٽو،
مَنجهين ڪاڪِ ڪَڪوري، مَنجهين لُڏاٽو،
راڻو ۽ راڻو، رِءَ راڻي ٻِيو ناهِ ڪو.
*(مومل راڻو، ۹ ـ ۲)*

(۲۹۳)

ڪيڏانهن گِهندَ گُڙَنِ؟ ڪيڏانهن اُٺي ويئيُون؟
تيڏانهن ٿيون ڇَرَنِ، جيڏانهن پُٺِ ميهارَ جي.
*(سهڻي، ۴ ـ ۱۰)*

(۲۹۴)

ڪيرَ ڪَريندي ريسَ، آيَل! سَنگهارَن سين،
جنين جي خَميسَ، وارِيوُن واري ڇَڏِيوُن.
*(ڏهر، ۴ ـ ۲۲)*

(۲۹۵)

ڪيرَ ڪُنَ؟ آڻون ڪيرَ؟ ڪيرَ ڏَمَرَ سَهي ڏَمَ جا؟
قَضا رِءَ ڪيرَ ڏري؟ مَـٽي پاڻيءَ پيرَ،
پيـنَـرُا! پِنيءَ ويرَ، لِڏو تي ٿي لوڙِيان.
*(سهڻي، ۵ ـ ۱۸)*

(۲۹۶)

ڪيڙِي ڪيچاين، گوُرا گَسِ هَلائيا،
لَڙيو، چَڙهيو چوٽِئين، ڪريو ڪوهَ ڪَڙَن،
سُونهَن جي سَردارَ سين، سي توڏَ مَ ترِيَجَنِ!
لُطفُ ساڻُ، لَطِيفُ چئي، لَنگهيو بَرُ بوتَنِ،
تَن ڪَهڙو غَمُ گُنگَنِ؟ هوتُ حِماتي جن جو.
*(ديسي، ۲ ـ ۲)*

(۲۹۷)

ڪي سُمهُ، ڪي جاڳُ، ننڊَ نه ڪَجي ايتري،
اِيُ مانجهاندي جو ماڳُ، جو تو ساٽيهُ پاڻيو.
*(ڏهر، ۳ ـ ۹)*

(۲۹۸)

ڪي ڪو، ڪاهوڙِي! ڇپَرَ ۾ سَڏُ ٿيو؟
آڳي ٿي سُئي، اُنين سَندي ڳالهڙي.
*(ڪاهوڙي، ۱ ـ ۱۲)*

(۲۹۹)

ڪَيمِ ڪاپَـڙِيُن جي، پهرئين ڏينهن پرُوڙَ،
سَگها ساعَتَ نه هيڪڙِي، چارَئي پهرَ چوُرَ،
سَدائين، سَيّدُ چئي، هون سَناسي ۾ سوُرَ،
جوڳِي ساڻُ ضرُورَ، لِڪا پُٽَن لوڪَ ۾.
*(رامڪلي، ۲ ـ ۱)*

(۳۰۰)

ڪَيمِ مُهاڙَ مَليرَ ڏي، مَـٽي ڪوٽَ چَڙهي،
نٿُ نهاري ڏيهَ ڏي، گوڙها پيمِ ڳَڙي،
نَڳي ڪُوڪَ قَلبَ مان، مَنجهان رُوحَ رَڙي،
ويڙِيچَنِ وَري، ڪَرَ نه لَڏي ڪَڏهين!
*(مارئي، ۴ ـ ۱۰)*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٣٠١)

ڪِينَ ساڱاهِيُمِ، سُپِرين! جاڙُون ڪَيَمِ جالَ،
سوڍا! مُون ڪي ڪالَ، موتِي مُنهَن ۾ آئِيُون.
(مومل راڻو، ٨ ــ ١)

(٣٠٢)

ڪِينَ ساڱاهِيُمِ، سُپِرين! جاڙُون ڪَيَمِ جِتِ،
سوڍا! مُون ڪي تِتِ، موتي مُنهَن ۾ آئِيُون.
(مومل راڻو، ٨ ــ ٢)

(٣٠٣)

ڪِينَ ساڱاهِيُمِ، سُپِرين! جاڙُون ڪَيَمِ جي،
سوڍا! مُون ڪي سي، موتي آئِيُون مُنهَن ۾.
(مومل راڻو، ٨ ــ ٣)

(٣٠٤)

ڪِينهِن طالِبَ تاتِ جا، نہ تہ آهي تاتِ تيارُ،
ڏورِيان، پيو ڏُڪارُ، گهورِندڙَ ڪٽِي ويا.
(حسيني، ١٠ ــ ٢١)

(٣٠٥)

ڪويو ڇڏين ڪانُ، هَڏ نہ هَٽائين تا،
تِيا جي نيشانُ، تہ پهرئين سان پورا ٿئا.
(يمن ڪلياڻ، ٦ ــ ١١)

(٣٠٦)

ڪيو مُطالع مون، هو جو وَرَقُ وصال جو،
تنهن ۾ تُون ئي تُون، ٻي لات نہ لحظي جيتري.
(يمن ڪلياڻ، ٥ ــ ١٩)

(٣٠٧)

ڪيهي ڪامَ ڪاپَڙي، تا اَهڙي رَوِش رَوَن؟
نَڪا دِل دوزَخَ ڏي، نَڪي بِهشتُ گهُرَن،
نَڪو ڪَمُ ڪُفارَ سين، نَڪا مُسلماني مَنِ،
اُيا اِيئَن چوَن، تہ پِرين ڪَجو پانهنجو.
(رامڪلي، ٥ ــ ١٢)

(٣٠٨)

ڪيئَن آڙايءِ پانڌُ، پَلئُ پَرَڏيهِيُن سين؟
مَتيُون مُوڙهيءِ، سَسُئي! ڪَيءِ ڪوهِيارو ڪانڌُ،
رُلِي! يانيئِي راندِ، پانيڻَ! عِشقُ پَروچَ جو!
(حسيني، ٥ ــ ٨)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## وائي- ۱

ڪاپڙي ڪَنَ چيرَ، وِيا ويراڳي نڪري.
دل هَٿي وِيا دَلَق سين، ڦورو هُٿڙا فَقِيرَ،
هَٿي وِيا هِلمِ سان، سِڱيئون مَنجهه سَرِيرَ.
(رامڪلي، ٨ ـ وائي ١)

## وائي- ۲

ڪا جا ڳالهه هُئي، سا جي لوڪَ سُئي،
لو! پاروچي جي مَنَ ۾.
سِرِ سَڱرِ پُرُ پيچري، ٿون جا لوڪَ سُئي،
سَسُئي سَڱرَ پَٽيين، ڪيرُ چوندو مُئي؟
پَنڌُ ڪريندي پريِنءَ ڏي، ڪَڏهن ڪانَ ڪُهي،
آن ڪا ڏٺي، ڏوٿيا! ڪيرِن پاسِ ڪُهي؟
(سسئي آبري، ابيات متفرقه ـ وائي ٩)

## وائي- ۳

ڪارُون وَسَ ڪَيامِ، ڙَي!
هَيءِ! هَيءِ! ووا لَڏي ڏورِ ويامِ!
مُنهنجو هوتُ نہ موٽيو! ووا ڪارُون وَسَ ڪَيامِ.
بَنڌَنَ پاروچَنِ جا، پينگهي مَنجهه پيامِ،
ڪَئين قاصدَ ڪيچ ڏي، مُحبَنِ لاءِ مُڪامِ،
سَدا سُپيرِيُن جا، ساندِڻَ سُورَ پيامِ،
هوتَ هَلندي جي ڪَيا، نہ سي سَڌَ سُيامِ،
اَديُون! عَبدُاللَطِيفُ چَئي، آرِياڻي اِيندامِ.
(حسيني، ١٢ ـ وائي)

## وائي- ۴

ڪا هِنئين سين لاءِ، پوري! ڪا هِنئين سين لاءِ.
تُنبئي تاڪيدَ سين، جن پچايو پاءُ،
لَسِي تَندُ، لَطِيفُ چَئي، هَلي تن هَٿاءُ،
پَهيُون تُهنجيُون جهرڪَنِ جهوريُون، پيُون اُڏايُون واءُ،
اَرَڻَ پاسي اوجهرينِ، توکي سُمَهَڻَ آئيو ساءُ،
آڏيءَ، عَبدُاللَطِيفُ چَئي، روئي ريجهائج راءُ.
(ڪاپائتي، ١ ـ وائي)

## وائي- ۵

ڪَرَها مَ ڪاهيو، مِيان! ڪيچي!
آٿُون آرياڻي عَرضُ چوندي.
ڪَري، هوتُ! هَلَڻَ جي، لوٽيءَ ڪي مَ لَڄايو،
وَسِيلو وِلهيءَ جو، آڳاندو لَٿين آهيو،
پاسي ۾ پَرِيَتِ جي، جهيڪي اَنَ جُهڪايو،
ولهيءَ جي وهانءَ ۾، واڄَٽ سَبِ وَڄايو،
اَڱهاڙيُون آتَڻَ ۾، پَنهنجُون پاڻَ پَراهيو،
سائينءَ ڪارَڻ، سُپرِين! صُورَتَ ڪي مَ سڪايو،
ساڪِنَ تي شَهرَ جا، مَعذُورِ ڪي مَرڪايو،
پُنهون جامِ! پَرِتِ سين، ويهي سُورَ وراهيو،
لاهي بارُ پَنيورَ ۾، ويندو گهوٽُ وَناهيو،
پُنهونءَ جاجيئڙَن ڪي، رَڏي ڪِيَڻَ ڪارايو،
پَرٽائي، پُنهونءَ ڪي، نيڪيٽي نڪڙايو،
پيلي تي پانيڙَ سين، ڏِڪيءَ ڏيجُ ڏيکاريو،
اَديُون! عَبدُاللَطِيفُ چَئي، سَڄَڻَ ڪي ساراهيو.
(سسئي آبري، ابيات متفرقه ـ وائي ٣)

## وائي- ٦

ڪَرَهَلَ پائي لَڄُ، ڪُهُ نہ ويينءَ اُنَ سين؟
اُجاريائُون اوليُون، ڏُٺاريائُون ڏڄُ،
مَتان وهين، ويسري! اُٿي پورلَ! پَڄُ!
سيٽَنِ ساجُهرُ لَڏيو، تون آئي! نِهارين اَڄُ،
ڪالهه سَباءِ ڪَنجِرو، اَنگُون پاتيءَ اَڄُ،
ڪيرُ سُٽندو تنهنجون اَدورائون اَڄُ؟
(سامونڊي، ٢ ـ وائي ٢)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## وائي- ٧

ڪُلَہِتي آئِيا، هو ماءِ! آئُون هَلندي اُن سين.
حرصَ هَوائي جِنِ جا، سُڪين تان نہ سَڏائيا،
تَنَ تَڪيا تاڪي چِڏِيا، جي ايهيءَ وِرُونهن وَڏائِيا،
تَوشڪُون ۽ تَڪِيا، وهاڻي جِنِ وراهيا،
هَلو! تہ پِسُون تِنِ کي، جِنَ لُنگَ لاهُوتِيَنِ لائِيا،
اَديُون! عَبدُاللّطِيفُ چَئي، اَگَڻ مُون آئِيا.

*(رامڪلي، ٢ ــ وائي)*

## وائي- ٨

ڪنڌِي سارِيان ڪانَ، يا اَمَنُ! اَمانَ!
يا اِلاهِي! پاڃهہَ بِلاتِي پانئيان.
ڳُنَہَ ڳاٽيئو ناہ ڪو، اَپَر ٿيا عِصيانَ،
خَبرَ ناہ قَبر جي، نَسورا نسيانَ،
والِي! رَسج وَهلو، اَرڪ ٿيا انسانَ،
سُڻُ سَباجها سُپرين، نَعرو نِگهبانَ!
مَدِيُون پَسِي منهنجون، شَرمايا شيطانَ!
هن منهنجي حالَ تي، هيءِ هيءِ ڪن حَيوانَ!
سائِين! سُڪاتِي آهِئين، سامُونڊِيَ، سُبحانَ!
تُرهو چِنُم تارِ ۾، رَسج تون رَحمانَ!
پيلِي جو پُڌَنِ جو، مون تي موتي مانَ،
وِينُو پني پَنَتُو، ڪر پيرو مٿي پانَ،
خالِقَ تَانَ خوبُ ڪيا، گولَنِ جا گذرانَ،
آئُون پڻ اَنڌو اُن ۾، وينو پِنان پانَ،
سڀِ سُوالي سَمَڪِيا، داتا ڏيئِي دانَ،
ولها سڀِ وَلْهيا ڪيا، تنهنجي جُوڌَ، جُوانَ!
مَتان مُونکي چِڏئين، پيلِي سندا پانَ!
ويرَا! وسيلو آهِئين، دارُوُ ۾ ديوانَ،
لَاءِ ڏهارين ڏينهن کي، خيمو اَڏيو خانَ،
اُتي عبداللطيفُ چئي، سُتَج ڪا سُلطانَ!

*(سريراڳ، ٢ ــ وائي)*

## وائي- ٩

ڪوهِياري جي ڪاڻِ، مارِينديَمِ، ماءِ!
جا مَنَ اَندر ڳالهڙي.
چِڙهان ڏُونگَرَ چوٽِيين، سُپيرِيان جي ساءِ،
نِهارِينديَسِ نِڪري، هاڙهو هوتَنِ لاءِ،
پانڌِيَــڙا! پيرَ پَرِي، پِرِيان کي پَهُچاءِ،
مؤلا! مُون کي ميڙئين، سَنديءَ جانِبَ جاءِ،
هوتَ هَلَنِ، آئُون وِهان، تہ ڪا اِئَن جُڳاءِ؟
سَسُئيءَ جيءَ سِريءَ کي، اوڏانهين اُٺاءِ،
پيراندِيءَ پُنهونءَ جي، مُنهنجو لوڙَهُ لَٽاءِ،
آلا! عَبدُاللّطِيفُ چَئي، اِها آسَ پُڄاءِ.

*(حسيني، ٦ ــ وائي)*

## وائي- ١٠

ڪُہُ جاڻان ڪيڏاهِين؟ منهنجو تَنُ تَتِي تيڏاهِين،
سائِين نيٽين نِينهَڙو لَڳائِي ويَڙا.
جيڏانہ عالَمَ آسرو، مُون پڻ آهي اوڏاهِين،
ڏُونهين دوستَ ميهارَ جي، ڏِيئي جنءَ ڏنائِين،
ساري سُپيرِينِ کي، رَہَ پَرِ رَٿُ رُنائِين،
دامَنَ تيڏِي، چَنگُلُ ميڏا، روزَ قِيامَتَ تائين،
پيرُ اَساندڙا حَضرتُ مِيران، ڪُلَ دي آسَ پُڄائِين.

*(سهڻي، ابيات متفرقہ ــ وائي ١)*

## وائي- ١١

ڪَهڙو سَگَ سِياڪو؟ هاريءَ مون هوتَنِ سين.
آئُون هِيڪلي حَبَ ۾، نہ مون مٿ نہ ڪاڪو،
مُنڌ پياري، پَنڌُ گهٽو: نہ مون اُٺُ، نہ ناقو:
چِڙهي نہ سَگهان چوٽِين، ڏُونگَرَ ڪونهي ڏاڪو،
پِرِين پُڄَندِيَسِ پَبَ ۾، وَڻ وَڻ وِجهنديَسِ واڪو،
هوءَ جا پِڪَ پُنهونءَ جي، چَنِيانَ تنهن چُٽاڪو.

پَسَنَ ڏاران پرينءَ جي، فَقِير پوءِ مَ فاقو،
وِڃُ مَ پوءِ وِصالَ ۾، لِکَ مَ پوءِ لِياڪو،
آتَڻُ وجهي آڳِ ۾، پُڇَنديس پوءِ پَهاڪو.

(سسئي آبري، ابيات متفرقه — وائي ۵)

### وائي- ۱۲

ڪهڙي مَنجهه حسابَ؟ هُتَّنُ منهنجو هوتَ ري، لا!
گولِي! پَڄَ گُناهَ ڪان، ڪونهي سوُلُ ثَوابَ،
نَڪِي تَفاوَتَ ۾، نڪي مَنجهه رَبابَ،
خُديائِي خوبُ ٿئين، لائين جي لُعابَ،
پَلِيتُ ئي پاڪُ ٿِئي، جُنبيو مَنجهه جَنابَ،
سو نہ ڪُنهن شيءِ ۾، جيڪي مَنجهه تُرابَ،
هُوءِ جي جَرڪيا جَرَ تي، سي تان سَڀِ حُبابَ،
هاديءَ سين هُنَ پارَ ڏي، رڙهين ساڻُ رڪابَ،
چَنبو وجهي چورَ کي، آءُ جهل، عُقابَ!
ديدُ وجاءِ مَ دوسَتَ جو، هلي مَنجهه حِجابَ،
ڪَسرَتَ آهي قُربَ ۾، اِدْغامَ ۾ اِعرابَ،
فَنا وجهي فَمَ ۾، ڪارَڻ ٿِيُ ڪَبابَ،
ڏي طَهورا تن کي، جي سڪَن لاءِ شَرابَ،
مُنيءَ ڪيا مرضَ ۾، جاوا سَڀِ جَوابَ.

(سهڻي، ۱ — وائي)

### وائي- ۱۳

ڪٿَن ڪَريان؟ ڪاڏي وَڃان؟
مُون کي سودو سَجُهه نہ ڏئي.
راٿو رات رُسي ويو، ڪَرَ تي ڪُلَ مَتي،
اَچيو آتَنَ وارِيُون، طَعنا ڏِينَمِ تي،
پَـتَر وارَ وِڃائيان، رِيجهي راٿي کي،
ڪارَاَيان ڪِيرَ وليُون، چارِيان چانگي کي،
اَدِيُون! عَبدُاللّطِيفُ چَئي، اِيندَمِ هوتُ هتي.

(مومل راڻو، ۷ — وائي)

### وائي- ۱۴

ڪِي اُنهين مَنجهه آهي، هُو جي جهوُنا پَسجَن جهوُپڙا،
اِنَ دَرِ سيئِي آگهِيا، جن ڪي ڪون چِتائِي،
ڏاريا ياٿِنِ ڏاريو، پاڻُ پِريان سين ڪائِي،
"اِنَّ اَوْلِيَائِي تَحْتَ قَبَائِي"، پَنهنجا پاڻَ پَهرائِي،
"لَا يَعْرِفُهُمْ غَيْرِيْ"، پَـرَکِي ڪِينَ پَسائِي،
پَنهنجِي چِڏِي پَٽَ ۾، رِڙهُ اُنين جي رائي،
خِذمَتَ ڪَر خُلْقَ سين، پانڌُ پِڇِيءَ ۾ پائِي،
اَديوُن! عَبدُاللّطِيفُ چَئِي، اِتاهِين ڪِي آهي.

(آسا، ۴ — وائي)

### وائي- ۱۵

ڪي جو ڪاڪ ٽَڙاءِ، چانگي چَرَهو چَڪيو.
ڪَرَهو سَرَهو ڏِيهَ ۾، نہ تنهن ڏَبُ نہ ڏاءِ،
پاهُ پِرائي آيو، لالي لُڏُوٽياءِ،
ڪَرَهي ڪانيتا رَتا، نائي ناڪيلاءِ،
وَڳُ واسيائين پانهنجو، سَڀَ ئي سُراهِياءِ،
تُون ڏاتي، ڏِٺَ ڏَتي، تُون راٿو، تُون راءِ،
مُومَل مُحَتاجِيُون ڪَري، عاجِزِيُون آڳِياءِ،
آءُ تُون عَبدُاللّطِيفُ چَئي، موٽي هِنَ مَحَلاءِ.

(مومل راڻو، ۹ — وائي)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪ

(۱)

ڪاڄُ جنين جو ڪِڪِيُون، مالَ جنين جا مَڏَ،
سَمي سيئي سِينَ ڪَيا، هِينَ جنين جا هَڏَ،
جامَ! پِرتِيءَ لَڏَ، سانگِيُن جي، سَيَّدُ چئي.
(ڪاموڏ، ۱ ــ ۸)

(۲)

ڪارا، ڪَپَڙَ ڏيهَ ۾، پيا واريءَ مَنجهه وَٿانَ،
ساٿِيُن ڪي، سَيَّدُ چئي، پَريو ڏِيَن پانَ،
عُمَرَ! اِيَ اُمانَ، ثابتُ رَکِج، سُومرا!
(مارئي، ۳ ــ ۱۷)

(۳)

ڪاروڙيان ڪَٽي، ويڙيچَهپ ويا،
سِينَ مُنهنجا، سَيَّدُ چئي، هاٿي هت هُيا،
پَسي پَدَ اُنين جا، لَڙي لُڙڪَ پيا،
ڏيهي ڏُورِ وِيا، ڏِيان ڏوراپو ڪِن ڪي!
(مارئي، ۹ ــ ۹)

(۴)

ڪاري ڪيڙائُو، مٿي مِني موتيا،
سودو ڪَن نه سونَ جو، وَڏا وهائُو،
موتِي جي مَهرانَ جا، تن جا طاماعُو،
سامُونڊي سائُو، لَنڪا لوپي آئِيا.
(سامونڊي، ۳ ــ ۹)

(۵)

ڪامان، پَچان، پَجران، لُچان ۽ لوچان،
تَنَ ۾ تَوُنسَ پرِيَن جي، پِيان نه ڍاپان،
جي سَمُنڊَ مُنهن ڪريان، توءِ سُرڪِيائي نه ٿئي.
(سهڻي، ٦ ــ ۱۱)

(٦)

ڪامان، پَچان، نه مَران، سَڙان ساري راتِ،
پَنِ پِيائيءَ ڪي وِجهي، ڪَرِ پريان جي تاتِ،
سِيخُون سَنديُون سَجَّنين، اُپَرَن آڏيءَ راتِ،
نڪي هَٿِ نه ساٿِ، ڏِيهاڙيو چَنگ چڙهان.
(سهڻي، ٦ ــ ۱۲)

(۷)

ڪاٽي ڪيرن هيٺِ، ويني روئي رَتَ ڦڙا،
ڪا مُون ٽِيندي ڏيٺِ، پيهَرَ پاروچَن سين؟
(حسيني، ۹ ــ ۱۴)

(۸)

ڪاٽيُون، لُوٽيُون، اَڪِيُون، ڪُنيُون ڪِينَ ڪُڇَن،
مُنيُون ماٺِ نه ڪَنِ، هَنيُون رَهَنِ نه هوتَ ري.
(حسيني، ۹ ــ ۱۰)

(۹)

ڪاٽيءَ ۾ ڪانيو، مُنيءَ مَنگرُ ۾ ڏِيو،
هيڪَڙَ اُجهايو، ڏيئي پُرَ لُهارَ جِئَن.
(حسيني، ۹ ــ ۱۳)

(۱۰)

ڪاهوڙي ڪِجَن، پَسِيو پورهيَتَ ويسرا،
ڏوتِيَڙا ڏُورِ ويا، رُجَن مَنجِهه رَهَنِ،
ڪا مِلَ آهي تَنِ، مُون پرِيان جي ڳالَهڙي.
(ڪاهوڙي، ۱ ــ ۹)

(۱۱)

ڪاهوڙي ڪَرا، سُوڌي خَبَرَ پَڪيا،
سوجهي جن ڪَيا، مَٿي اَڳَڻ آهِرا.
(ڪاهوڙي، ۳ ــ ۱۹)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۱۲)

ڪاهوڙيُن خفيءَ سين، سوجهي لڌو سُبحانُ،
عاشقَ اَهڙيِ اَڪرين، لنگهيا لامڪانُ،
'هوءِ' ۾ گڏجي 'هو' ٿيا، بابُو جي برِيانُ،
سَپوئي سُبحانُ، آيو نظرُ اُنَنِ جي.

*(ڪاهوڙي، ۱ ـ ۱)*

(۱۳)

ڪاهوڙيُن ڪٿي، ساجُهر پڌا سَندرا،
ڏوريندي ۾ ڏونگرين، ڪيائون پاڻُ پٽي،
ڏڪَنِ ڏيلُ هٽي، جيهُ لڌائون چيرين.

*(ڪاهوڙي، ۱ ـ ۲۱)*

(۱۴)

ڪائي نہ ڪنٿهارَ، چِندَنَ جا چوپا ڪري،
اَگرَ اوڏو نہ وڃي، سِرڪنڌَ لهي نہ سارَ،
لاٽيءَ جي لغارَ، مَيو متارو ڪيو.

*(ڪنيات، ۲ ـ ۴۱)*

(۱۵)

ڪُٺيءَ لَءِ، ڪاٽي! رَکِيءِ پِرتِ پُنهونءَ سين،
سُهيو سُڪيو چِندُڙو، وڏءِ چيري ۾ جاٽي،
توسين هاجو هوتاٽي، صُباحَ ڪندا، سُئي!

*(حسيني، ۱۲ ـ ۴۲)*

(۱۶)

ڪپَرا! گاروڙيُن سين، وَڏو وڏءِ ويرُ،
نانگَ نہ ويندين نِڪري، تو ڏر مَتي پيرُ،
هِي تنين جو ڏيرُ، جن جهونا ڳڙه جلائيو.

*(ڪارايل، ۲ ـ ۹)*

(۱۷)

ڪَران وجهه مَر وات، ڍولَ! مُنهنجي ڳالهڙي،
مَچُڻ رَتيءَ راتِ، اورَنَ ۾ اُونهي ٿئي.

*(آسا، ۳ ـ ۱۶)*

(۱۸)

ڪَرَ جا ڪَڏ ڪنئي، پَوَنَ ڪارَڻ پرينءَ جي،
تنهن ۾ پاڻَ پئي، غيبتي غارُ ٿيو.

*(آسا، ۳ ـ ۱۹)*

(۱۹)

ڪَرَا! خراب ٿئين، هَيا! هَچارا!
پُوراڻيءِ پِريُن جا، چوڏاري چارا،
مَرين، مُنهَن ڪارا! سَڙي، اِنهيءَ سُورَ ۾.

*(آسا، ۳ ـ ۲۳)*

(۲۰)

ڪَرڪِنِ خوش ڪياسِ، مُحَبتيءَ ميهارَ جي،
پَسَنَ ڪارَڻ پرينءَ جي، آڏيءَ اُتياسِ،
سُتي جاڳاياسِ، سانپَرَ سُپيرِيُن جي.

*(سهڻي، ۴ ـ ۵)*

(۲۱)

ڪَرڪَٽا لاهي، سُڪُ نہ سُتا ڪَڏهِين،
اوسيڙو آهي، ڪاهوڙيُن کي پَنڌَ جو.

*(ڪاهوڙي، ۱ ـ ۲۴)*

(۲۲)

ڪَرُ ڪاريندو سي، مانُو جن پريتَّو،
جوشَ جَلايا جي، ماري تن ماٿَ ڪيو.

*(آسا، ۳ ـ ۲۱)*

(۲۳)

ڪَرَ کي ڪپُرُ ڪاءِ، نانگُ مَٽيارو نِڪري،
اُيو جو اوناءِ، سُرِپُرِ سَنڌي سَجُٽين.

*(آسا، ۳ ـ ۲۲)*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۲۴)

ڪَـڙهَ اَڳيان ڪپُ، ڏِهاڙي ڏاتارَ جي،
لَنگها! لاهِ مَ لِڪَ سيئَن، مَٿان چانئُٺِ چپُ،
مَگَّٽهارَنِ مَپُ، ڪونهي ٻيو ڪِيرَتَ ري.

(پربِاتي، ۱ ـ ۲۰)

(۲۵)

ڪِڪِيءَ هاٽِيُون ڪارِيُون، ڇِڇِيءَ هاٽا ڇَڄَ،
پانڌُ جنين جي پاندَ سين، لُڳو ٿِئي لڄَ،
سَمو جامُ سُهَجَ، اُپو ڪَري اُن سين.

(ڪاموڏ، ۱ ـ ۱۰)

(۲۶)

ڪِلي جان ڪِنڪارِيان، تان ساٿِي سَڳُ نہ ڪَنِ،
وارِيو وَهِٺَ وَجَنِ، ڪِنِ سَياڳِنِ سامُهان.

(گهاتو، ۱ ـ ۹)

(۲۷)

ڪَمُ! ڪَمَندَنِ ڪَٿِيو، هارايو هوڙَنِ،
چَڪِيو نہ چوندَنِ، هو جو ساءُ صبرَ جوَ.

(يمن ڪلياڻ، ۸ ـ ۱۴)

(۲۸)

ڪمندڙَنِ گهَر ڪِينَ، چوندڙ چڱا نہ ٿيا،
ويٽُنِئُونَ، ويڌُ پئي، هِٿِ نہ اَچي ڪِينَ.

(يمن ڪلياڻ، ۸ ـ ۱۵)

(۲۹)

ڪَنياتِڙِي تَڙِ وري، اُپِي تَڙِ واجهاءِ،
مانَ اَچِهُون ڪاءِ، سُواڏائي سجڻين.

(ڪنيات، ۲ ـ ۳۴)

(۳۰)

ڪَنيَ ڪُسَنِئي، ڳِجهڙِي! لِڳين پَوَئي واءُ،
اَمِيرَنِ مَٿاءُ، جِئَن تو ڦُلين چانئُون نہ ڪَيُون.

(ڪيڏارو، ٦ ـ ۸)

(۳۱)

ڪِنوڻِ ڪِنوايو، آيَءِ ننڍَ اَياڳَ جي!
جنِين نہ پِئُو پانيو، ڪري تَوائِي تن ڪي.

(سريراڳ، ٦ ـ ٦)

(۳۲)

ڪَنـائُون ڪاٺُـرَ ڏي، ساري هاجَ هِيا،
لاهي لَـڏُ، لَطِيفُ چئي، پَرئين ٿَـرِ ٿِيا؛
چِڏي ڳُڻَ وِيا، مارُوئَڙا مَلِيرَ ۾.

(مارئي، ابيات متفرقہ ـ ۳۴)

(۳۳)

ڪَٽُ گودَڙُ، ٻَنِ گَبرِيُون، ڪانءِ مَ ڪدائُون،
جِندا! وَڃي جوڳَ سين، لَهِج ڪي لائُون،
لِئَن ڪُهُ اُتائُون، سِڱِيُون شُومَتَ هَٿَ جُون؟

(رامڪلي، ۹ ـ ۳۹)

(۳۴)

ڪَٽَنِ نہ ڪَيڪانَ، پَنڌُ پَراهين هَلِيا،
ڏوٽِيَڙا ڪَنهن ڏُٿَ ڪي، جُنبِيا ڏنهُن جابانَ،
ڪاهوڙِيُنِ اُهُڃانَ، اَنگِ نہ سَٻِي اَڳِـڙِي.

(ڪاهوڙي، ۱ ـ ۲۳)

(۳۵)

ڪٽِي نيڻَ خُمارَ مان، جان ڪيائون نازُ نَظَرُ،
سُورَجَ شاخُون جَهڪيُون، ڪُوماٽو قَمَرُ،
تارا ڪَتِيُون تائِبَ ٿِيا، ديکيندي دلبَرُ،
جَهڪِ ٿِيو جَوَهَرُ، جانِبَ جي جَمالَ سين.

(ڪنيات، ۱ ـ ۱۹)

(۳۶)

ڪَٽِيو تَڪَبُرَ تَڪِيا، حيلا ڪَيو هَلَنِ،
مُوڙها تا نہ لَهَنِ، لَمي راهَ، لَطِيفُ چَئي.

(رامڪلي، ۵ ـ ۲۳)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٣٧)

ڪوڙ ڦناڻون ڪاڪِ ۾، راڻا ويهُ رَهِي،
ماڙهُو جي مَحلاتَ جا، سودا! ڪَج سَهي،
ويندي ۽ ڳالهِ وَهِي، وِڪَر پَوَندين، وَلَهَا!
(مومل راڻو، ٦ ـ ١٧)

(٣٨)

ڪوڙي، ڪَڻُ مَ سُپِرين! ڪَنيئي تان ڪوڙ،
عادَتَ جا اَکِين جي، سا نيئي نِباهِج توڙ،
مُون ۾ عيبَن ڪوڙ، تُون پاڻُ سُڄاڻج، سُپِرين!
(بروو سنڌي، ٣ ـ ٦)

(٣٩)

ڪُوها ڪالهہ ڪِئِي، اُنِ وڏا اُتَرَ آسَري،
اَلا! جُهري مَ اُن جِي، اوليءَ جي آئِي،
وِڻجارَنِ وَئِي، وَکَرُ وِڏو ويڙهيين.
(سريراڳ، ٣ ـ ١)

(٤٠)

ڪُوهَر، ڏُوهَر، ٿَر: جِتِ سانيڪا ۽ سَڻيُون،
چارِنِ اُتِ چاهَ مَنجهان، پاسي ڦوڳَنِ ڦَرَ،
ڪِئَن لَهندَمِ ڪَرَ؟ جِتَن مارُو پاڻَ اَپاريا.
(مارئي، ٨ ـ ١٦)

(٤١)

ڪُوهَن سِرِ وانڍَيُون، وانڍِيَنِ سِرِ ڳِنڍَ،
ڪيڙي ڪيڙي ڪنڍَ، ماءِ! سامُونڊي آئيا.
(سامونڊي، ٢ ـ ٢١)

(٤٢)

ڪوءِ ٻولي! ٻَن ٻَروچ! گهوري ذاتِ جَتَن جي!
مُون ڪي چَئِي 'لُوچ'، پيهي ويا چِپَرين.
(حسيني، ٢ ـ ١٣)

(٤٣)

ڪوءِ سَمِيُون! ٻَن سُومريُون! جي آچَنِ اُوچي ڳاٿِ،
وَرُ سي ڪَنجُهر چائِيُون! جن تَماچِيءَ جي تاتِ،
راتِيَنِ مُلان راتِ، ماڻِڪُ مي پرائِيو.
(ڪاموڏ، ١ ـ ٢٦)

(٤٤)

ڪوءِ ڪَتَڻُ، ٻَن ڪَپاهُ! ڪوءِ آتَڻُ! ٻَن جيڏِيُون!
ساڄَنُ مُنهنجو ساهُ، هاجي مَنجهِ هَٽِي ويو.
(حسيني، ٢ ـ ١٠)

(٤٥)

ڪوءِ ڳوڏَڙا! ٻَن ڳَبَريُون! نيئِي ڪڏائُون ڪانءِ؛
جيڏاهين جوڳِ ويو، نيڻَ تيڏانهين نانءِ،
پُٺو اِيئَن پانءِ، تہ سِڱِيُون شُومَتَ هَٿَ جُون.
(رامڪلي، ٩ ـ ٣٨)

(٤٦)

ڪوءِ هاڙهو! ٻَن هوتُ! ڪوءِ پُنهون، ٻَن پريَتَمُو!
مادَرِ! مُون مَوتُ، پَسَّان ئي پرائِيو.
(حسيني، ٢ ـ ١٢)

(٤٧)

ڪُهج مَ، اُجها ڪيہَ، گَردَ پَسُ ڳُنگَنِ جِي،
ڏُکِي! مَنجهان ڏيہَ، نِڪِرُ ناه ڪُلهي ڪَري.
(سسئي آبري، ٩ ـ ٥)

(٤٨)

ڪُهي جا ڪَنيائِين، وِکَ تَنهين ويجهي ڪَئِي،
ڇِڪِيءَ ڇِنائِين، پَنڌُ مِڙوئِي پَٻَ جو.
(سسئي آبري، ٩ ـ ٨)

(٤٩)

ڪيڙائُن ڪارو، سَنجهيئي سارِيو،
آيَلِ! اُمارو، آهِينِ پَرئِين پارَ جو.
(سامونڊي، ٣ ـ ٨)

www.sindhsalamat.com　books.sindhsalamat.com

## وائي- ١

ڪَـتـيءَ مَنجهہ ڪَتياڻِين، مارُو جامُ مَلِيرَ جو.
پَرچي پَنوَهارَن سين، لوئي ڏيجُ لَڏائِين،
سيلُ نِباهي، سُومِرا! پَنهنجو پيُّ پُڇيائِين،
جُهوپو جهانگِيڙَن جو، مارُيءَ سان مَتيائين،
سِڱَرَ ساهيڙِيُن سين، ڪاٺُونبا ڪاڏائِين،
مارُوءَ پاس مَلِيرَ ۾، چَسا سَڀِ چَکيائِين،
اُتي، عَبدُاللّطِيفُ چَئِي، شَرَمُ رَکِين رَبَّ سائِين!

*(مارئي، ١١ ـ وائي)*

## وائي- ٢

ڪَرُ مَرُ ڪامي پَچي، آئُون ويندي دَرِ دوستَنِ جي،
جيائِين ڏُجَنَ تَڪِيو، سَجَڻُ تيائِين اَچي،
نُورا پايو نِينهَن جا، دَرِ پِلي جي نَچي.

*(سارنگ، ٢ ـ وائي)*

# گ

(۱)

گامَ گُندِيءَ گَنجَ، آبَرَ ۾ اُهاءُ ٿيو،
پَسي پَرِ پِرِينِ جي، ڏُورِ ٿِيا سَڀِ ڏُنجَ،
شالَ وَسَندو سَنجَ، عاشِقَ تي اوهيڙا ڪَري.
(سارنگ، ۱ ـ ۲۳)

(۲)

”گُجَرِ ڪي گَجِميلَ جوُن، تارَنِ ۾ تَبرُون،
هَٿي حاڪِمَنِ ڪي، زورَ پِريوُن زَبرُون،
ڪاڪِ ڪَنڌيءَ قَبرُون، پَسو پَرَڏيهِيُنِ جوُن“.
(مومل راڻو، ۲ ـ ۲)

(۳)

گُجَرِ گاروڙِيُنِ، اَچيو آڏِي اُڀِي،
مَٺانَ پيئِي تِنِ، ٻَڏا بانَ هَٿَنِ جي.
(مومل راڻو، ۲ ـ ۳)

(۴)

گُجَرَ کَهَٽا گهائِيا، پاٽا لَڱُسِ گهاءُ،
مينڌِري مُلاءُ، لَڱُسِ ڪانُ ڪَپارَ ۾.
(مومل راڻو، ۳ ـ ۹)

(۵)

گَڏِيو ڏوٻِيُنِ ڏوءِ، پُنهونءَ پارِچو هَٿَ ۾،
اُتي آرِيءَ چامَ جو، قاصِدُ آيُسِ ڪوءِ،
اِيُ، ڪامِلَ! ڪَمُ نہ سَندوءِ، جِئَن پَهَسَ پَچارِئين پوتِئين.
(ديسي، ۴ ـ ۱۷)

(٦)

گُذَرَ گَئِي گُذِرانُ، ڪِينَ قَبُولِج ڪاپَڙِي،
عَلِيءَ جو مَيدانُ، سَڪَرُ سناسِيُنِ ڪي.
(رامڪلي، ۹ ـ ۳۰)

(۷)

گُلُ چِنو گِرنارَ جو، پِٺِڻ ٽِيُون پٽِين،
سَهَسِين سورَٺِ جَهڙِيُون، اُپِيُون اوسارِين،
چوٽا چارَڻَ هَٿَ ۾، سِرُ سِينگارِيو ڏِينِ،
نارِيُون ناڏُ ڪَرِينِ: ’راڄا راتِ رَمگِيَو‘.
(سورٺ، ۴ ـ ۱۲)

(۸)

گُلَ گُلَ پَسي، گودَڙِيا! گَهِٽا مَ پائِيج،
سوئِي سُجاٽيج، هِيُّ هُو آهي هيڪِڙو.
(رامڪلي، ۹ ـ ۴۵)

(۹)

گَنجو ڏُونگَرَ گامَ، پيهي جن پَرُوڙِيو،
ڪَري تَنُ تَمامُ، لوچي لاهُوتي ٿِيا.
(ڪاهوڙي، ۲ ـ ۷)

(۱۰)

گَندَ جِن جِيءَ گوڏِ ۾، پاٻوڙا پوشاڪَ،
اُنِين جِيءَ اوطاقَ، راڄا رِيجهِي آئِيو.
(ڪاموڏ، ۱ ـ ۱۳)

(۱۱)

گَندَ جِن جِيءَ گوڏِ ۾، پاٻوڙا پِينامُ،
اُنِينِ ڪي اِنعامُ، مَيَرُ مِڙوئِي ٿِيو.
(ڪاموڏ، ۱ ـ ۱۴)

(۱۲)

گَندَ جِن جِيءَ گوڏِ ۾، مَٿِنِ تي مُوڙِيُون،
اَچَنِ سَنپُوڙِيُون، سَمي جي سَلامَ تي.
(ڪاموڏ، ۱ ـ ۱۵)

(۱۳)

گُندِيءَ نِينهُن نہ سَپَجي، تُہَ نہ پَچي ماهُ،
ڪَچِيءَ پَرِ ڪِئاءُ، ٿِئي سَماجوڳُ سَجَٽين؟
(آسا، ۴ ـ ۳۵)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۱۴)

گَنيـرَ گَتِ سِکَنِ، چِلَڻَ جي چاهَ پَـئِي
هِندِوا حَيَرتَ ۾ پيا، لالِي کِي لَبَنِ،
چِمکَنِ چوڏَس چَندَ جِئَن، وِچڙيُون وَهسَنِ،
لوچَنِ ٿا، لَطِيفُ چئِي، پَسَڻَ لَءِ پرِيَنِ،
کَيسَرَ قَرِيبَنِ، سَنباهِي ساڻُ کَنيا.
(سارنگ، ۳ـ ۱)

(۱۵)

گورا وَجَنِ گامَ، ڏيرَن سَندا ڏيهَ تي،
تـوڏَن جو تَـڙَ پيـڙَ ۾، تِريُون تِرکَنِ تان مَ!
اونِيڙا آرامَ، لَنگهي پَبُ: پَري ٿِيا.
(ديسي، ۱ ـ ۲۳)

(۱۶)

گولا جي گِراهَ جا، جوُنا سي جوڳِي،
ڦِڻَلَ سي ڦوڳِي، جِنِ شِکَرَ سانڍِيا.
(رامڪلي، ۴ ـ ۱۶)

(۱۷)

گوُنڌَرَ کَيو غَرَقُ، ماءُ! مُنهنجو جِنڊُڙو،
ڏُکويُنِ مَرَکُ، مَٿي سَڳَـرَ پَـنڊُڙو.
(رپ، ۱ ـ ۱)

(۱۸)

گوُنڌَرَ گَـڏِياسِ، صِحَتَ نِيڙيَـمِ سَڄَڻين،
مادَرِ! ماريِاسِ، ڦوڙائي پِرِيـنءَ جي.
(رپ، ۱ ـ ۲)

(۱۹)

گوُنڌَرَ هَٿَ نـہ پيرَ، وِرِهُ مَنجهِينِ وَهَٽو،
ڪُڙِهِ ۾ ڦَطارُون کَري، سوُرَنِ لايا سيرَ،
موُن جِئَن گهاري ڪيرَ، هيڪِلِي رِءَ سَڄَڻين؟
(رپ، ۱ ـ ۳)

(۲۰)

گَوني ءُ گوُنِي، پِرِين پَـٽائين گَجَ جِئَن،
جي مَنَ مَجوُنِي، سي ڪِئَن وَجَنِ وِسِري؟
(رپ، ۲ ـ ۷)

(۲۱)

گَهَ سِرِ ٿِئي مَ گُسَ، پَٽي پوءِ مَ پرِينءَ تي!
جنهن سِرِ ساڄَنُ سُپِرِين، تنهن اُٿَ مَ لَڳِي اُسَ!
پُنهون پاکَ پُرِسَ! هوتَ نـہ کَجَنِ هيڏِيوُن.
(ديسي، ۱ ـ ۲۴)

## وائي

گِلا کامَ کَري، لِکِيو تان نـہ ٽَري،
ٻَـڙي! جيڏِيُون! مُنهنجي، ووا! شَهَرَ ڀَنبورَ ۾.
جو سِينگارُ سَرَتيِن، سو مُون ناهِ ڳَري،
جَهڙِي تَهڙِي حالَ سين، وَڃان پيرَ ڀَري،
جنهن وَڻَ هيٺان هَلِيا، سَڄَڻَ سانگُ کَري،
لامُون تنهن وَڻَ سَنديُون، لوڏِيان، لايان ڳَري،
قَضا جا کَرِيمَ جي، کَنهن تان کِينَ ٽَري،
جيکي لِکِيو لوحَ ۾، پاڙِيان، سو پَـڙي،
اَديُون! عَبدُاللَطِيفُ چئي، شَلَ قادِرُ کَرَمُ کَري!
(کوهياري، ۱ ـ وائي)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# گ

(۱)

ڳالھ پريان جي ڳُجھ جي، ڳالھ مڙيا ئي ڳُجھ،
ھِنئَڙا! اُجھ مَ مُنجھ، تہ پريَنئُون پرين ٿِئين.
(آسا، ۱ ـ ۱۴)

(۲)

ڳالِھيُون پيٽَ وَرَن ۾، وَڏِي وَڻَ تِيُون،
پَـرَ سين مُون نہ ڪيُون، گوشي پِرين نہ گَڏِيا.
(رپ، ۲ ـ ۲)

(۳)

ڳائُو ڳُجھ نہ ڪاءِ، ميھي ماسَ نہ ھيرَئِين،
تِنين لَءِ واجھا، ڪَلَنگِيُون جن ڪَپارَ ۾.
(ڪيڏارو، ٦ ـ ٦)

(۴)

ڳائو، نہ وائو: اَڊِيُون! آريچَن جو،
لَنگھي پَبُ پَري ٿيا، چَڙِي رِڻُ، رائو:
ڏيئي قوڙائو، وِيا ويچاريءَ سُپرين.
(ڪوھياري، ۴ ـ ۱)

(۵)

ڳائي، نہ وائي: اَڊِيُون! آريچَن جي،
ڪنھن پَرِ ڪھي لَنگھيان، جَبَلَ جھاجھائي؟
جيڪُسِ واجھائي، ھاتي مَرَنديَس ھوتَ لَءِ!
(ڪوھياري، ۴ ـ ۲)

(٦)

"ڳُجھہ پَنھنجي ڳُجھَہ سين، رِندَا! رَسائي لاءِ،
اَجَلُ اُيو آہِ، پُنيءَ تو پَلاٽيو."
(سورٺ، ۴ ـ ۸)

(۷)

ڳِجھڙِيُن ڳارو، راتو ڏِينھان رڻَ ۾،
پُٽِيو پُڇَن پاڻَ ۾: "ڪَنھن مُنھَن ڪيڏارو"،
ڪائـنِ ڪَڳِمارو، ڪائنِرُ پِيو ڪِنو ٿِئي.
(ڪيڏارو، ٦ ـ ۵)

(۸)

ڳِجھن ويني ڳاڙِيا، ڏِجھا ڏُڪَ گھٽا،
تَنگي لَٿِيَن تُوڻَ جي، سُورِهَ ساماٽا،
ڪَندا راماٽا، ڪَؤنرَ ڪِلي جا ڪوڏِيا.
(ڪيڏارو، ٦ ـ ٩)

(۹)

ڳِجھُون ڳوٺِ نہ ھُوَن، وَتَن ڪِلي ڪوڏِيُون،
حَسَنَ، مِيرَ حُسينَ ڪي، لَميو لاٿُون ڏِيَن،
ڳِـتا اُڪوڙِين، چوتا چُوڙِيَـرَن جا.
(ڪيڏارو، ٦ ـ ۴)

(۱۰)

ڳِڇيءَ پايو ٻانھَن، ويني روءِ وَڇِن سين،
لائيان لالَ لِڱَن ڪي، اَئين جي چَرو ڪانھَن،
آئُون اوھان جيءَ دانھَن، سَدا پُٽَان سَنَري.
(سھڻي، ۴ ـ ۱۴)

(۱۱)

ڳِڇيءَ ڳانا لوہَ جا، زيريُون ۽ زَنجيرَ،
پيڪَڙا پيرَن ۾، ڪوٺِيُن اَندرِ ڪيرَ،
چارِي چَؤگانَن ۾، واھيَتَ ڪَنِ وَزيرَ،
چَن نہ چَجي آھِيان، اَھَڙِيءَ سِتَ سَريرَ،
مارُو جامَ مَليرَ! پُڇج ڪِي پَنوھارِ ڪي.
(مارئي، ٦ ـ ۱۵)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٢)

ڳَرنِ ۾ ڳَرهيج، روئي ڪَجِ مَ پَڌرا،
تان سُوراٽي سَهيج، جان لاهِيندڙ ڪو لَهين.

(رپ، ١ ـ ٩)

(١٣)

ڳَـرَ ۾، ڳُجهو روءُ، پَڌرِ وجهُ مَ پرينءَ ري،
سُورَنِ سُپِرُ هوءُ، هِنئڙا! ڪَرُ ڪَنَنِ جئن.

(رپ، ١ ـ ١٠)

(١٤)

ڳَريو جهليو روءِ، مَٿي مُهري هَنئڙا،
ڪوءِ! سودو سَندوءِ، جو تون، ڏوليا! سِکيو.

(سامونڊي، ١ ـ ٢٠)

(١٥)

ڳَلِ ڳانا ياقُوتَ جا، موتي مَنجهه مَهارَ،
چانگا! چَندَنُ چارينءِ، اَئي پَهرَ اَپارَ،
سَنديءَ پِيَ پَچارَ، جي مون رات رساٽئين.

(کنيات، ٢ ـ ٢١)

(١٦)

ڳَلِ ڳانا ياقُوتَ جا، موتينِ ڳُتيس مالَ،
ڪَديفي جي ڪَرَها! هيدي پاينءِ حالَ،
چَندَنُ چارِيَنءِ جالَ، جي مون رات رساٽئين.

(کنيات، ٢ ـ ٢٠)

(١٧)

ڳُؤرا بئي پارَ، هِنئون حَيرتَ ۾ پيو،
وهان تـہ وَيرمَ ٿئي، نِينهَن ۾ پوءِ نِهارَ،
وچان تـہ واڪو ٿئي، پاڙي پوءِ پَچارَ،
هُتِ تي وَعدي وارَ، هِت سُوٽُون ڏِيَنِم سَرتيُون.

(سهڻي، ٥ ـ ٢٢)

(١٨)

ڳوليان ۽ ڳُنڌيان، ويا ويراڳي نڪري،
صُحبَتَ جا سَنديانِ، آئُون نـہ جِئَندي اُن ري.

(رامڪلي، ١ ـ ٤)

## وائي-١

ڳالهِيُون هوتَ پَروچي سانڻ،

ووا منهنجي جيءَ جُون، جيڏِيُون!
ڇُلي پيِنيَس ڇِپَرين، سَگ تُنهنجي سانڻ،
ڇهري ڏاڍين ڏونگرين، پُرزا ڪَنديَس پانڻ،
رُلي ڇُلي ڇِپَرين، جامر! وچايُم جانڻ،
هَتان هَڏ نـہ ڇَڏيان، سَندو نِينهَن نڌانڻ،
نَصِيبُ ڪَرِ نَسُئيءَ ڪي، پُنهونءَ اُتَ وَتانڻ.

(سسئي آبري، ابيات متفرقہ ـ وائي ١)

# گهه

(۱)

گهٽن ۾ گهٽڪن، وٽيون پيئن وه گاڏيون،
برخيز بده ساقي! پيار کي پرين،
پڪين نہ پرچن، مَٽ ٽڪيائون منجهيان.
*(يمن ڪلياڻ، ۴ – ۹)*

(۲)

گهر، نہ ور، نہ وٽ ڪا، آهه مَن ميهار،
اِن اوسيڙي اُتيان، سنجهي ڪري سينگار،
پرين! تنهنجو پار، پسان مانَ پر ڪنهين.
*(سهڻي، ۹ – ۲۴)*

(۳)

گهٽن واريون، تٽن تي، گهٽن گهٽيئي،
سيڪا چئي "آئون سهڻي، لِيءِ پريان پيئي"،
صُباح سِپيئي، پسبيون پاتار ۾.
*(سهڻي، ۱ – ۸)*

(۴)

گهڙو ڀڳو تہ گهوريو، آسَرَ مَ لاهيج،
'لاَ تَقنَطُوا مِن رَحمَةِ الله'، تُرهي اِن تريج،
حَبيباڻي هيج، پسين مُنهن ميهار جو.
*(سهڻي، ۱ – ۲۱)*

(۵)

گهڙو ڀڳو تہ گهوريو، تان ڪي تَر، هنيان!
اَدَبُ اَڪَڙين کي، ڏيهاڻي ڏيان،
ميهارن ميان، سنئون سونهاير پيچرو.
*(سهڻي، ۱ – ۲۰)*

(۶)

گهڙو ڀڳو تہ گهوريو، پاڻان هو حجاب،
واجٽ وڃي وُجوُد ۾، رهيو رُوح رَباب،
ساهڙ ريءَ صواب، آئون گهٽو ئي گهوريان.
*(سهڻي، ۱ – ۱۹)*

(۷)

گهڙو ڀڳو تہ گهوريو، مَر پيڙ ٿئي پانهين،
'طالبُ المَولَي مُذَڪَرُ'، اِيَ پر اسانهين،
پُٺان مَ پاهين، مُون ميهارُ مَن ۾.
*(سهڻي، ۱ – ۱۸)*

(۸)

گهڙو ڀڳو تہ گهوريو، مَر چُور ٿئي چوڙو،
'طالبُ المولَي مُذَڪَرُ'، اِيُ بُڏندن بوڙو،
ڪوڙهيو ڏمر ڪوڙو، مون ميهار مَن ۾.
*(سهڻي، ۱ – ۱۷)*

(۹)

گهڙو ڀڳو، مُنڌ مُئي، وَسيلا ويا،
تنهان پوءِ سُئا، سُهڻيءَ سڏ ميهارَ جا.
*(سهڻي، ۱ – ۲۳)*

(۱۰)

گهڙو ڀڳو، مُنڌ مُئي، ويا وَسيلا،
سارَ ڇڏيائين سيرَ ۾، هَيُ! رهيا حيلا،
سُهڻيءَ جا سيلا! وَحدَتَ سڀ وڃائيا.
*(سهڻي، ۱ – ۲۲)*

(۱۱)

گهڙيا سي چڙهيا، اِئين اَٿيئي،
مَئي مَتي مهراڻ ۾، پئو ٽپو ڏيئي،
تہ ميهارُ مليئي، سَنيوُڙو سيٽاهه سين.
*(سهڻي، ۵ – ۴)*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٢)

گهڙي گهڙو هٿ ڪري، اِلاهي ٿُهارَ!
جَنگهه جِرڪي واتَ ۾، سِسِي ڪي سيسارَ،
چوُڙا ٻيڙا چڪَ ۾، لُڙ ۾ لُڙهيَس وارَ،
لَڪين ڇُهتيسِ لوهِٽيُون، ٽيلهيُون ٽرِنئُون ڏارَ،
مِڙيا مَڇَ هزارَ، ياڳا ٽيندي سُهڻِي!
(سهڻي، ١ ـ ١٥)

(١٣)

گِهڙي گهڙو هَٿِ ڪري، ٻوڙِيائين ٻانهُون،
ويچاريءَ وَڏِيُون ڪيون، وِچ دَرياه دانهُون،
موٺُ، مُحِبَ! پاهُون، تاڪَنِ تَڪي آهيان.
(سهڻي، ١ ـ ١٤)

(١٤)

گِهڙي گهڙو هَٿِ ڪري، ٻَهُون نِهاري ٻَنگُ،
”سر در قدمِ يار فداشدچه بجاشد“، وَصلَ اِهوئِي وَنگُ،
راتِ جنِين جو رَنگُ، آلا! سي اُڪارِئين.
(سهڻي، ١ ـ ١١)

(١٥)

گِهڙي گهڙو هَٿِ ڪري، ٻَهُون نِهاري ٻَنگُ،
’وَ امَّامَنْ خَافَ مَقَامَ رَبِهٖ‘، اِيُ لَنگهيائِينَ لنگهه،
سِڪَنديَنِ ڪي سَيَدُ چَئي، ڪِين جهَلِيندو جهنگُ،
راتِ جنِين جو رَنگُ، آلا! سي اُڪارِئين.
(سهڻي، ١ ـ ١٢)

(١٦)

گِهڙي گهڙو هَٿِ ڪري، چيلهه ٻَڌي چوتو،
منهنجو مَنُ ميهارَ ڪي، پارِ وڃي پهتو،
گهوتي ۾ گهوتو، مونکي مُحِبَّ ميهارَ جو.
(سهڻي، ١ ـ ١٣)

(١٧)

گُهندِنِ پاسي گهندِ، گَڏُ گُڏارِينِ گودَڙِيا،
پَليتِيءَ ڪان پانهَنجا، پاڪُ رَکِيائُون پِنڊَ،
نانگا ڪَنِ نہ نِنڊَ، وَڃَنِ رُوندا رامَ ڏي.
(رامڪلي، ٦ ـ ١١)

(١٨)

گَهنگَهريا گَهڻَ ڄاڻَ، موڙهِي مَتِ مَهائِيِين،
ويا گَڏِجِي وِير ۾، پِيا مُنهن مَهراڻَ،
اَڳِيان پويان ٽاڻَ، وِيا ويچارَنِ وِسرِي.
(گهاتو، ١ ـ ١)

(١٩)

گهورِيندي گهورِ پِيا، اَگهورِ گهورِيائُون،
مَيڪَرُ مارِيائُون، مَلاحَنِ مُنهَن سَنَرا.
(گهاتو، ١ ـ ١٥)

(٢٠)

گهورِيو سو سُهاڳُ، جنهن ۾ پَسين پاڻَ ڪي!
ڏوري لَہُ ڏُهاڳُ، جنهن ڪَرَلاهُو داسَڙو.
(ليلا چنسر، ٢ ـ ١٢)

(٢١)

گهوڙا! گَهٽيءَ پُون، ووءِ! ووءِ! وَڃَن نِڳيا،
مادَرِ! مَٿان مُون، ڪانگَ لَوندا ڪَڏهِين؟
(حسيني، ١٢ ـ ١٤)

(٢٢)

گهوڙَن هَنيُون گَهٽِيُون، اُتَنِ هَنئي آنءُ،
جا نِينهَن ڳَنهَندي نانءُ، سا مُون جِئَن پوندي مامِري.
(حسيني، ١١ ـ ١٢)

(٢٣)

گهوڙَن ۽ گهوٽَن، جِئَنَ ٽورا ڏِينهَنڙا،
ڪَڏهِنَ مَنجِهه ڪوٽَنِ، ڪَڏهِن راهِي رِڻَ جا.
(ڪيڏارو، ٣ ـ ٧)

(٢٤)

گهوڙو گهوٽ پلاڻيو، مَتِسِ زينَ ڌري،
علي شير پُٺِن کي، اِيو سَڌَ ڪري،
قضا ڪيئَن ٿري، جِئَن اَمرُ الاهي آئيو.
(ڪيڏارو، ٣ ـ ٨)

(٢٥)

گهيڙان ڪَري نہ گهورَ، تڙُ تڪڙ ڪان نہ لهي،
جنهن کي سِڪَ ساهڙَ جي، پُورَن مٿي پُورَ،
ڪارِيءَ راتِ ڪُنَنِ ۾، وَهمَن کي وَهلُورَ،
جنهن کي ساڻُ پِريان جا سُورَ، تنهنکي نَدِي ناهِ نگاهَ ۾.
(سهڻي، ٣ ـ ٢)

(٢٦)

گهيڙَ لَنگهيو گهاري، ميثاقان ميهارَ ڏي،
اَلَستُ بِرَبِّکُمۡ؟ قَالُوٓا بَلٰي، پَرِ اِها پاري،
ڏِسيو ڏيکاري، پِرتِ پِريان جو پيچرو.
(سهڻي، ٦ ـ ٣)

## وائي - ١

گُهمان جالَ جَبَلُ، مِيان! جيڏِيُون! جانِبَ جَتَ لَءِ.
ڏوريندِيَسِ ۾ ڏُونگرين، ڪنديَسِ آئُون اُڄَلُ،
هيڏي شَهَرَ پَنيورَ ۾، رَهان نا هِڪُ پَلُ،
پُنهون پاڻَ نہ وَڃڻو، ڪو مُنهين ۾ وَلُ،
اوڏي ٿي، عَبدُاللّطِيفُ چئي، هوتَ ڪارَڻ هَلُ.
(ديسي، ٦ ـ وائي ٢)

# ل

(١)

لاڄُو ٿا لَوَنِ، اَڇَنِ سِڙهَ اُپِٽيا،
ڪارَڻِ تن پِريَنِ، ويني واٽَ نِهاريان.

(سامونڊي، ٢ ـ ١٢)

(٢)

لاکا! لَڄَ سَندياءِ، اوڏِ اَگَليِ آهيان،
پَکا سي پَرتاءِ، جي اَجهي تُنهنجي آڏيا.

(ڏهر، ٤ ـ ٤٨)

(٣)

لاکا لَکَ سُڄَنِ، ڦُلاڻيءَ پيرُ پِيو،
جَنهن پِرِ راڻا، راڄِيا، ڪوٽَنِ مَنجهه ڪَنبَنِ،
جَنهن جو جاڙيجَنِ، سُتي سَنچو نہ لَهي.

(ڏهر، ٤ ـ ٤٣)

(٤)

لاکا لَکَ هُئا، ڦُلاڻيءَ پيرُ پِيو،
آجا اوڏَ ٿِيا، پَليءِ لَڳِي جَنهن جي.

(ڏهر، ٤ ـ ٤٤)

(٥)

لاکو لَکِيءَ تي چَڙهي، لَکِي لاکي هيٺِ،
سونهارِيُون سِرِ ڪَيو، پيڙي پَڏي پيٺِ،
ڪَندو ڏَمَرَ ڏيٺِ، صُباحَ سانُ سَپَڪَنهِين!

(ڏهر، ٤ ـ ٤٥)

(٦)

لاکي لَڄَ ڪَنئي، آسان اوڏَڙيَن جي،
ڪَندو ڪانَ پِئي، اَڳ وِسوڙَلَ آهيُون.

(ڏهر، ٤ ـ ٤٦)

(٧)

لالَ ڪي لالُ ٿيا، لالُ لَنگهيو جِن،
عَدَمَ جي اوڙاهَ تي، ڪَيا آسَڻَ آڏوتِيَن،
گِردانيو گُنگَنِ، گِردابَ ڪي گِيانَ سين.

(رامڪلي، ٥ ـ ١٩)

(٨)

لانگوٽي لاهي، واڻءُ ويراڳِيَن سامُهون،
پَڌُ سُورَن جو سَندِرو، مَنجهان سڪَ ساهي،
اُنين وَٽِ آهي، اوڄَڻُ ڳالهہ اُگهاڙَ جي.

(رامڪلي، ٧ ـ ١٤)

(٩)

لاهہ مَ پَچاران، سُڪ مَ سُمُہُ، جِندُڙا!
ڪَرَ جهوري ڪيٽانِ، ڪالهُوٽيان اَڄُ گهٽئي.

(رپ، ١ ـ ١١)

(١٠)

لاهُوتي، لَطِيفُ چئي، سَڏُ نہ ڪَنَنِ سانُ،
اِئُ آديسِيُنِ اُهڃاڻُ، جِئَن تَعَلُّقَ ڇَڏِياڻُون تَڪِيا.

(رامڪلي، ٧ ـ ١٩)

(١١)

لاهِيان جي نہ چِتان، آلا! اُنَ مَ وِسران!
مَڙهيو مَنجهاران، جِئُ مُنهنجو جن سين.

(سامونڊي، ٢ ـ ٤)

(١٢)

لاهِيندا ئي ڪَنِ، ڳالهيون هَلَڻَ سَنديُون،
ڏِيندا مُون ڏُکِن، وَهَ وجهندا جِندڙو!

(سامونڊي، ١ ـ ٣٢)

(١٣)

لائِي جو وِيا، سو مَنجهين تو مَڄ ٻَري،
سو اُجهائي ڪِئان، جنهن سورِينڊَڙ سُپرين؟

(رپ، ١ ـ ٥)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٤)

لائي خَنجَرُ 'لا' جو، هَيءِ! خَچَرَ کي هَڻُ،
سَڏَن جُون، سَيَدُ چئي، وَتُون سَڀِ وَڪڻُ،
پيرُ پَرُوڙِي کَڻُ، تہ هَلَڻَ ۾ هوري وَهين.

(معذوري، ٢ ـ ٨)

(١٥)

لَتو کَرُ ڪيچِيُن جو، ڇَڏي هَليا مُون،
اَللهُ! آهِئين تُون، هوتَن تان هيڏي ڪَئي.

(حسيني، ١١ ـ ١٩)

(١٦)

لَجايا مُونهان، ساجُهر تي سيڻَ ويا،
پيَن پَنيوران، سُڌِ مُنهنجيءَ ذاتِ جي.

(حسيني، ٤ ـ ١)

(١٧)

لُڇَڻُ نہ لاهين، گُونڌَرَ هِنَ غَريب تان،
پَرِ ۾ پَچائين، جيجان! جوش جَتَن جا.

(حسيني، ١١ ـ ١٤)

(١٨)

لُڇي، ڪِينَ ڪُڇي، آتي مُنڌَ اَندوهَ ۾،
پَرِ ۾ پيرُ پُڇي، لالَنَ جو، لَطيفُ چئي.

(سسئي آبري، ٧ ـ ١٦)

(١٩)

لَڏيندي لِباسُ، جَتَن جيڏو ئي ڪيو،
اَچي آريءَ ڄامَ جو، وَڃَ وَڃَ مَنجهان واسُ،
مِرُون ڪِينَہِ ماسُ، هَڏَ هَلندا هوتَ ڏي.

(ديسي، ١ ـ ٢٦)

(٢٠)

لَڏيو لَطيفَن، پَلاٽي پَنڌَ پيا،
هَتان حَبيبَن، ڪَڏهن ڪونہَ ڏکوئيو.

(مومل راڻو، ٥ ـ ٥)

(٢١)

لُڏُوٽيان، لَطيفُ چَئي، ڪَٺُون ڪَنياڻُون،
ڇَڏي حِيلا هَليا، مُومَل مارياڻُون،
پيرو پَڳاڻُون، آسَڻِ آرامي ٿِيا.

(مومل راڻو، ٧ ـ ٣)

(٢٢)

لُڏُوٽيان لوڏي ٿِيا، وَتَن مَنجهہ وِصالَ،
اَڄُ اَرتو اَڪيين، ڪاڪِ پيتاڻُون ڪالَ،
ويئي ويچارَن وِسري، صُباحَ جي سَنڀالَ،
پَريءَ ڪان پاسي ٿِيا، مامويُن مِثالَ،
جانِبَ جي جَمالَ، رَڳي، پَسُ! ريتو ڪَيا.

(مومل راڻو، ٣ ـ ٥)

(٢٣)

لُڙَ، لَهريُون، لَسَ، ليٿَ، جتي اَنتُ نہ آبَ جو،
اللهُ! اُتِ مَ اولِئين، پيڙا مٿي پيٿَ،
جوکو تَـئي مَ جَهازَ کي، ڦَرهي اچي مَ ڦيٿَ!
لِڳي ڪا مَ لَپيٿَ، هِنَ غاريبي غُرابَ کي!

(سريراڳ، ١ ـ ١١)

(٢٤)

لَـڙُ مَ، لاڙائُو ٿِيو، گُهٽُون گوهيُون ڇَڏِ،
لاهِ مَ لَـڏو، لَـڏِ: تہ ڳاڙهي سِڄ ڳالهہ مِڙين،

(حسيني، ١ ـ ١)

(٢٥)

لَـڙُ مَ، لاڙائُو ٿِيو، وَرَ چونڊيندي وَڄُ،
آهي اِيُ اُهڃُ، هاڙهي هَلَنديُن جو.

(حسيني، ١ ـ ٣)

(٢٦)

لَڙُ مَ، لاڙائو تيو، هَلي کَرِ همَٿَ،
سِڄُ سامُهون مُنهَن ۾، مَتان کَرئين کَٽَ،
سُپيريان جي سَٽَ، ڳاڙهي سِڄ ڳالهہِ مڙين.
(حسيني، ١ ـ ٢)

(٢٧)

لَکِڙياريُون آڱريُون، پاروچاٽو پيرُ،
اَچي پَسو، جيڏِيُون! تازو پُنهونءَ پيرُ،
ويچاريءَ سين ويرُ، جَتَنِ جيڏو ئي کيو!
(حسيني، ١١ ـ ١٣)

(٢٨)

لَکِيُون! آن يَرِ لکَ، کي وهيارا ورميا؟
جِنين سَنديءَ سِکَ، رُنَمِ راتِ رَتَ ڦُڙا.
(حسيني، ١١ ـ ٤)

(٢٩)

لَکيون! آن لَڳا، کي پَلَءَ پانڌيڙَن جا؟
توهان گهَٽيرو، ماءِ! رُوندا اُوءِ رَتُ وِيا.
(حسيني، ١١ ـ ٥)

(٣٠)

لَکِ لاکيٽو کَرهو، کوڙين ڏيئي چوڙِ
اِها سَتِ سَيِّدُ چئي، جنهين تنهين جوڙِ،
ترتُ رسائي تورِ، جُ پَلاٽيو تہ پرينءَ مڙي.
(کنيات، ٢ ـ ٤٧)

(٣١)

لَکِ لاکيٽو کَرهو، کوڙين ڏيئي کاهِ،
ايلاچيون آهَرَ ۾، پُوجَ مَيي کي پاءِ،
کَٽَ نہ کند کاءِ، جُ پَلاٽيو تہ پرينءَ مڙي.
(کنيات، ٢ ـ ٤٨)

(٣٢)

لَکَ لاکيٽو کَرَهو، کوڙين ڏيئي ڳَڌوم،
اَکين سُونهن تيوم، مُلهہ مهانگو مَ چئو.
(کنيات، ٢ ـ ٤٦)

(٣٣)

لَکَنَّ کيمَ لَکيج، جِتَن مُوراهين ناهِ مُون،
مُون کي مَلهائيج، وارو ڏيئي، وَلَها!
(ليلا چنيسر، ٣ ـ ٨)

(٣٤)

لَکين سَئين مَهرانَ، آئي سَڀِ اُڏَميا،
سَڙان مَنجهين مانَ، ٻَهرِ ٻاڦَ نہ نِکري.
(آسا، ٤ ـ ٣٠)

(٣٥)

لکين کَيا لِسانَ سين، لاهُوتِيُنِ لوڙا،
گهوڙا! ڙي، گهوڙا! آئون نہ جِتَندي اُنِ ري.
(رامڪلي، ١ ـ ٣)

(٣٦)

لَکين لوڙائو، سَهَسين آهِنِ سُڄَ ۾،
بَـرَ ۾ بورائو، کَڙُ، پِيادِي! پانَ سين.
(حسيني، ١٢ ـ ٢٥)

(٣٧)

لَکِيو جو نِراڙِ، سو آنگُ کياڙيءَ نہ ٽَئي،
پاڙيو وينِي پاڙِ، جيکي لالَنَ لَکِيو لوحَ ۾.
(معذوري، ٥ ـ ٨)

(٣٨)

لَکي ۽ لاکو، ٻَئي مُئا، پاڄهَ تي،
قادرُ لاتو کَڄَ تان، اَديُون! اولاکو،
واندِن ۾ واکو، ريباري رَهي وِيا.
(ڏهر، ٤ ـ ٣٧)

(۳۹)

لَڳِم ٻاڻُ ٻَروچَ جو، اَمڙ! پَلِ مَ مُون،
سَڀِ رَڳِينديَسِ رَتَ سين، ڪيچان اوري پُون،
مادَرِ! مَٽان مُون، لَڪَنِ لوڙُون لائِيُون.

(حسيني، ٦ — ١٥)

(۴۰)

لَڳِم ٻاڻُ ٻَروچَ جو، ڪَرَها ٿيا قَضاڪَ!
اَهڪِي جا اُنِ ڪي، سا مَيَن پوءِ مَ ماڪَ!
اَڪَڙيِن خوراڪَ، پَسَڻُ پَرڏيهِيَن جو.

(حسيني، ٦ — ١٤)

(۴۱)

لَڳِي اُتَرَ اوهِريا، واهُوندي وَرَن،
آئُون گهٽُوئِي گهورِيان، سؤدو سامُونڊِين،
اَگَنِ جن اَچِن، عِيدَ وَرتي اُنِ ڪي.

(سامونڊي، ٢ — ٩)

(۴۲)

لَڳِي اُتَرَ هِيرَ، سامُونڊين سڙَهَ سَنباهِيا،
نَنگَرَ ڪٽي ناڪُئا، ٿِيا سَٽاوا سِيرَ،
هِنئَڙي نِتُ اُڪِيرَ، ڪاري ڪيڙائُنِ جي.

(سامونڊي، ٢ — ٨)

(۴۳)

لَڳِي ڪوسو واءُ، لوڪُ مِڙُوئِي لَهسِيو،
اُپَنِ منجهان آئيو، هَيءِ! هَيءِ!' جو هُڳاءُ،
طِيُورَن تَنواريو، پُنهونءَ پُڄاڻاءُ،
رَسيو سوز شَبانَ ڪي، وُحُوشَن وَتاءُ،
مِروئَن موتُ قَبُولِيو، اَپَرِ اَفسوساءُ،
ٻَرَ پَرَ ڪَنِ ٻڪاءُ، اُڪَنڊيا آريءَ لَءِ گهڻو.

(بسنتي آبري، ١ — ١١)

(۴۴)

لَڳِي لاڳاپي، پوري مُنڌَ پَنهِوَرَ جي،
پِرِين وِڃايو تي، ڏُکي ڏوري ڏُونگرين.

(حسيني، ٣ — ٨)

(۴۵)

لَڳِي مُون کي لُوهَ، وِرهَ واٺُون لائِيُون،
راڙُ جنهن سين رُوحَ، سو ڪوهيارو ڪيچ وِيو.

(حسيني، ٢ — ٥)

(۴۶)

لَڳِيءَ جو، لَطِيفُ چئي، نه ڪو قال نه قِيلُ،
لِڪئي لامُون ڪوڙيُون، نيٽين وَهي نِيرُ،
هِنئَڙا! ٿِيُ سُڌِيرُ، ڪالهه قَرِيبَن لَڏِيو.

(ابرو سنڌي، ١ — ٨)

(۴۷)

لَنڪا لَنڪا ڪَنِ، لَيءِ لَنڪا جي اوهِريا،
سُٽي سونُ لَنڪا جو، سُکُ نه سامُونڊِينِ،
پِرهَ پَکِّيَ چوڙِيا، ڪاري ڪيڙائُنِ،
وَڏِي ياڳَ پِڙَنِ، جي ڪَهيا ڪارُونپارَ ڏي.

(سامونڊي، ٣ — ١٠)

(۴۸)

لنگُ ڪَڍيائُون لانگَ، موٽي ڪَنِ نه مَسَحُو،
جا اِسلامان اَڳي هُئِي، سا سُڻائُون ٻانگَ،
سامِي ڇڏي سانگَ، گَڏيا گورَکناٿَ کي.

(رامڪلي، ٧ — ١٥)

(۴۹)

لَنگهه لاهُوتان، ڪاپَڙي! ڏُونهين ڪا مَ ڏُکاءِ،
اوري ڪَر مَ آسرو، پَري پِيرُ مَ پاءِ،
جِنِ جي جاءِ نه ماءِ، وَنءِ تِنين سين واڳيو.

(رامڪلي، ٩ — ٣٢)

(۵۰)

لِنگَڙِيارِي لوءِ ۾، جنين لَءِ ٿِياسِ،
تنين تـَـرَ جيترو، پَلَڪُ نہ پُڇِياسِ،
جَهروڪَنِ جهوريو هنئون، کوٺِيُنِ آئُون کَنياسِ،
مارُنِ مُنجهہَ مُياسِ، ناتَ مارُنِ مارِيَسِ کين ڪِي.

(مارئي، ۴ ـ ۱۳)

(۵۱)

لُونِّيسِ لُڏائِي، پَسو! جو پِرِيَنِ ري،
جيڏِيُون! جيهائي ڪَئي، راتِ رُسِي راتِي!
هَلِيو هاٽِي، ويرا: ڪاڪِ وِهُ ٿِئِي.

(مومل راڻو، ۷ ـ ۱۸)

(۵۲)

لوچان ٿِي لاحَدَ ۾، هادِيءَ لَهان نہ حَدَّ،
سُپيرِيان جي سُونهَن جو، نَڪو قَدُ نہ مَدُّ،
هتِ سِڪَڻُ بي عَدَدَ، هُتِ پِرينءَ پَروا ناهِ ڪا.

(آسا، ۱ ـ ۱)

(۵۳)

لوڏي لَڪَ اَچَنِ، رُوءِ راتِي جي ناهِ ڪو،
هڪُ اَکِيُون، بِيا اَکَڙا، پَرِ ۾ تا پَچَنِ،
سي ڪِئَن، ميندَرا! مَچَنِ؟ جي تو سُورِيءَ چاڙِهيُون.

(مومل راڻو، ۲ ـ ۹)

(۵۴)

لورِي جت لَڳُوم، اُتِ اُيو ئي آهيان،
سورهُ پِرين سَندوم، مانَ ٻاجهائي پِيو هَٽِي!

(يمن ڪلياڻ، ۲ ـ ۱۲)

(۵۵)

لوڪان لِڪِي سِپڪو، لِڪان لِڪِي ڪونَ،
اُتِي وينِي اونَ، اِنَ اَلَنيءَ ڳالِهہ جِي.

(آسا، ۴ ـ ۲)

(۵۶)

لوئَڙِيارِي آهيان، وارِيان تان نہ وَرَقُ،
سانڍيُمِ سُپيرِيُنِ لَءِ، لوئِيءَ اَندَر لَڪُ،
ڪَنڌَ ڪاسو، پَٽِ پاسو، ڏِنُمِ تَنَ تَرَڪُ،
سَندو مارُوءَ حَقُ، جان جِئان تان پارِيان.

(مارئي، ابيات متفرقہ ـ ۵۴)

(۵۷)

لَهر مِڙوئي لالُ، وَهَنُ ڪَتُورِيان وِتَرو،
اوبِهارا عَنبيرَ جا، جَـرَ مان اَچن جالَ،
ڪُنَنِ گهِڙِي ڪالَ، سِڪَ پِريان جي سُهڻِي.

(سهڻي، ۵ ـ ۲۰)

(۵۸)

لَهرُن لَکَ لِباسَ، پاٽِي پَسَنُ هيڪِڙو،
اُونهي تنهن عَمِيقَ جِي، واري چِڏِ وماسَ،
جِتِ ناهِ نِهايتَ نِينهَن جِي، ڪوءِ اُتِ پِنهنجِي ڪاسَ،
تَڙَن جِي تَلاسَ، لاهِ تہ لالَنَ لَڳِ ٿِئِين.

(سهڻي، ۹ ـ ۳)

(۵۹)

لَهرين ليڪو ناهِ ڪو، جتِ ڪَپَرَ ڪُنَ ڪارا،
آچاڙا عَمِيقَ جا، اَچَنِ اويارا،
اُتِي اَسارا! وِيرِ وِڙهنديءِ ويسرا!

(سريراڳ، ۵ ـ ۲)

(۶۰)

لَيا ڏِنُم لارَ، سانِيارا ساهَڙَ جا،
هِنئون هِتِ نہ وندُري، ڏرازِئُون ڏارَ،
منهنجو مَنُ ميهارَ، پَڳِهيو پاڻ ڳَري.

(سهڻي، ۷ ـ ۱۵)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٦١)

ليبي لَعنَتيءَ کي، جو آتيءَ ۾ آهي،
اَنڌو مُون عَليلَ سين، سِينو تو ساهي،
عَلي شاهَ! اَچيج تُون، تَنهن ڪافِرَ تي ڪاهي،
لَٽي وِجهُه لاهي، مَٽو مَجوسيءَ جو.
(بلاول، ٣ ـ ١)

(٦٢)

ليڙن لَنگهي لَس، مانباٽيان مَٽي ويا،
وَني وَرُ واتَ ٽيا، پُنهون جامُ پَهَس،
هُئا وَڏي وَس، پاروچا پَنيورَ ۾.
(حسيني، ٥ ـ ١)

(٦٣)

ليلا! پُوري نہ پَئين، ڇَڀي چَنيسَرَ سانُ،
تو جو پانيو پانهنجو، سو رِيساٽو راڄانُ،
پاٽان ڏارَ پِريانُ، ڪانڌَ ڪَنهنجو نہ وَٽي.
(ليلا چنيسر، ٢ ـ ١٧)

(٦٤)

لِيلا! جِمَ لَڪائِيين، ڇَڀي چَنيسَرَ سانُ،
وَرَ سين وِڙهيو اُٿئين، مُوڙهي! مُٺَءِ پانُ،
پوري! ڪَئَيُءِ پانُ، تي آيُءِ ڏَنءُ ڏُهاڳَ جو.
(ليلا چنيسر، ٢ ـ ١٥)

(٦٥)

لِيلا! جِمَ لَڪائِيين، سوپِي سانُ سُڄانَ،
آهئين گَهٽو اَڄانَ، مَڇُڙِ پُوري نہ پَئين.
(ليلا چنيسر، ٢ ـ ١٦)

(٦٦)

لِيلا! حيلا ڇَڏِ، جي تُون، سوپِي! سِڪئين،
پائي پانڌُ ڳِچيءَ ۾، پانُ غَريبيءَ ڳَڏِ،
هَڏِ نہ چَوَنڊِءِ لَڏِ، جي ڪارُون آڻين ڪانڌَ کي.
(ليلا چنيسر، ٢ ـ ٢٠)

(٦٧)

لِيلا! لُڄُ مَ ايترو، اُٽي اَڱڻُ سورِ،
اَبو، ڏاڏو گهورِ، پانَ سُوڏو پِرينءَ تان.
(ليلا چنيسر، ٣ ـ ١٤)

(٦٨)

لِيلا! لُڄُ مَ ايترو، اُٽي سورِ، بُهارِ؛
ڊولو اَڱڻِ پارِ، ڪانڌُ ڪَميٽيءَ آئِيو.
(ليلا چنيسر، ٣ ـ ١٥)

(٦٩)

لَيلَ نہ جاڳينءَ لِڪَ سِيئَن، سُتينءَ راتِ سَڄي،
هِتان هوتاڻيُن جُون، ويٺُون خُرزينُون ڪَڄي،
پوري! تُون نہ پَڄي، سَبَبِ ڪَنهن ساٿَ مِڙين؟
(ڪوهياري، ١ ـ ٣)

(٧٠)

لَيلَ نہ جاڳينءَ لِڪَ سِيئَن، شامَ سُتيءَ سَيَ راتِ،
اوڳي! اونيُڙن جا، تي پَہَ پُڇِين پِريات،
تِيُ سَگِرُ تن جي ساٿِ، تہ پوري! ڪَنهن يالَ مِڙين.
(ڪوهياري، ١ ـ ٢)

(٧١)

لَيلَ نہ جاڳينءَ لِڪَ سِيئَن، ڪُلَي نَوَمُ ڪَياءِ!
قُمر تِي، پَهُچُ قَريبَ ڪي، اِجَلَسَ تو نہ جُڳاءِ،
مُنِي! مَهمانَن سين، ويهي راتِ وهاءِ،
جيلان نِندَ ڪَياءِ، تي روزُ رَهين تِي راهَ ۾.
(ڪوهياري، ١ ـ ١)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## وائي- ١

لالَنُ آيـڙو پيهي، ويڙا سُورَ سپيئي،
جَنِس! جيئَس! ووا جيڏيُون! مُنهنجو لالَنُ آيو پيهي.
ڳالهيُون ڪنديَسِ ڳُجهيون، مُنهن مُقابِل ويهي،
ڪَشُوريءَ بارُ پَري، آيو ڏونگَرَ ڏيهي،
سَرڪَشي سَردارَ سين، مُون ڪَميٽيءَ ڪيهي؟
هُئي شِڪَستي سَئُي، رازَ پُنهونءَ جي ريهي،
اِديُون! عَبدُاللّطِيفُ چئي، سَجَڻَ آيَمِ سيئي.
*(ديسي، ٢ ـ وائي)*

## وائي- ٢

لايئي جا وَرَنَ کي، سا ڪانڌا! مُنهنجي ڪورا.
ماءُ! مارِيندَمِ ڪَڏهين، هِنَ پِريَنءَ جا هورا.
اَچِن پرين پَبَکيا، ڪَرَ بابيهو جِئَن مورا،
سيٽين سرڪَندُ سَپَجي، پيو عَطَرَ پرين اَتورا،
چِپَرُ ڪَتُوري تِيو، بِي تازي قُلَنِ قورا،
اَلا! عَبدُاللّطِيفَ کي، سانوَلَ ميڙ سَنيوُڙا.
*(ڏهر، ١ ـ وائي)*

## وائي- ٣

لَڙڪي لَنءُ نہ سُجاتو، راند پانيائين رازَ کي،
اَنڌو اُلُو هيبَتَ کان، آهي اِيُ اُماتو،
صُباحَ سو نہ شُمارَ ۾، ليکيان جو اَجُ لاتو،
پيبس ڪاڻِ ڪَريمَ سين، تِيُس نِمُرودي ناتو.
*(سهڻي، ابيات متفرقہ ـ وائي ٣)*

## وائي- ٤

لکَ سيئَن لَلو پـتو، ڪُوڙي راند، ڪُوڙو چِتڪو.
لَنيو جِئَن لامين چڙهين، ڪَريو، ڪارايَلَ! ڪَتڪو،
ڪِ تو ڪَنين نہ سُئو، شَهبازَ جو سَتڪو؟
*(ڪارايل، ٢ ـ وائي)*

## وائي- ٥

لَڳَڙي آهي لَغارَ، ووا يارا لُنءَ لُنءَ ۾ لالَنَ جي:
سَنڌَ سَنڌَ ۾ ساڄَنَ جي.
آئُون سُتي، هُو هَليا، سَنجهي تيَزا سُوارَ،
جيڪي اورَنُ پِرينءَ سين، جيڪي پِرينءَ پَچارَ،
ڪوءِ سي جَنُّ ڏينهَڙا، جي پَون پِريَنئان ڏارَ!
لَڳِي آهي، نہ لَهي، سَندي عِشقَ پَچارَ،
گهٽو اُڪَندي آهيان، تن جَتَنِ جي جِنسارَ،
ڳَڏي ويندَيَس ڳَسَ ۾، ڪاڪِيُون! سانُ قطارَ،
ميخُون مُحَبَتَ سَنديُون، هنئَڙي مَنجهہ هَزارَ،
ڪانگَنِ قَطارُون ڪَيُون، چُڪيءَ کي چَوڏارَ،
آئُون نِماڻي نِڪَتي، دَمِ تُون، دِلِدار!
*(ديسي، ٧ ـ وائي ١)*

## وائي- ٦

لَڳو مَنجهہ لَکَنِ، آيَل! تازو پِيرُ پُنهونءَ جو.
نہ ڪنهن واءَ وڃائيو، جهوريو تان نہ جهڪَنِ،
ڪَہ ڪَشُوريانَ اَڳِري، هاٿي جا هوتَنِ،
بورائو بَرَن جو، رِڙهيو مَنجهہ رَندَنِ،
لُطِفَ سانُ، لَطِيفُ چئي، ڪندو وَرِ ولَهَنِ.
*(حسيني، ٣ ـ وائي)*

## وائي- ٧

لوئيءَ ۾ لائُون، مُون مارُوءَ سين لَڌيُون.
سونَ بَرابَر سَڳِڙا، پانهُنِ پَڌائُون،
سو ڪِئَن پَٽُ پَرَهيان، سُومرا! گهوريو عُمَرَ جو! آئُون!؟
ڪـاڄُ ڪَتيرِيُن سَفَرو، سَڳَـرُ ۽ سائـُون،
سا ڪِئَن ڪَلَٽي ڪارِڪُون، جنهن کي ڏؤنرا ڏيجُ ڏِنائُون؟
ڪَہ، مانڊائو، مَکٽي، قُوتُ جنين جو سائُون،
عُمَرُ تي جورَ ڪَري، جيلانہَ راجو اَڳاهُون.
*(مارئي، ٣ ـ وائي)*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# م

(۱)

ماٺ مارينديءَ پرينءَ جي، مَڇُڻ، رُئين رَتُ!
ڇوري! ڇڏِ مَ سَتُ، هِمَتَ هوتُ وڃائيو.
(حسيني، ۱۲ ـ ۱۵)

(۲)

مارِ مَ مُطيعَ کي، مَجُوسيءَ کي مارِ،
وَڏي جَنگِ مَ وِسارِ، نَنڍيان نَفعو ناهِ ڪو.
(بلاول، ۳ ـ ۲)

(۳)

ماروءَ پاسِ مَليرَ ۾، ڏوئي مَرُ مَران!
پاٽِي واري پانهنجو، وينديائي وَران!
ٿورو مَنجِهه ٿران، هُند لَڳي لوئڙياريين!
(مارئي، ابيات متفرقه ـ ۱۰)

(۴)

ماروءَ پاسِ مَليرَ ۾، هَميشه هُئان!
پيرين تَنهن پُئان، نَيَ وهاٽيءَ نُورَ سين.
(مارئي، ابيات متفرقه ـ ۱۱)

(۵)

مارُئي ناهِ مَلِرَ ۾، نَڪا وَتِ هَميرَ،
پُنهُون ڪونهي ڪيچَ ۾، نَڪي سَنڌُ اَميرَ،
مُومَل ڪانهي ماڙيين، گَنجي ناهِ فَقيرُ،
وَرُ ڇَڏِيو واهڙُ تري، ساهڙُ مَنجِهه سَريرَ،
قُبَنِ ڪينهَنِ پيرَ، مُرشِدَ مَساڻَنِ ۾.
(مارئي، ابيات متفرقه ـ ۳۰)

(۶)

مارِي، مَرين ڇالَ! ڏِبَ وَڃِنئي ڏِيِهُون،
جِئَنِ تو اَڇي ڪالَ، وِڏو وِچُ وِرهَنِ ڪي.
(ڏهر، ۴ ـ ۱۹)

(۷)

ماريو جي مَعذُورِ، تہ هيڪاري هورُ لَهي،
ساڄَنَ! اَهنجي سُورِ، ڪِينَ ڄِڻان ٿي، ڪيڇيا!
(حسيني، ۹ ـ ۱۷)

(۸)

ماڙهوُ ڏيئي مِهڻا، مُون کي ڪَندا ڪوهُ؟
جنهن ڇوريءَ ۾ ڇوه، سا پِٽُون ٿيندي پيرَ تي.
(معذوري، ۵ ـ ۱۴)

(۹)

ماڙهوُ ڪُهَرَن مالُ، آئُون سَڀ ڏِينهَن گُهران سُپرين،
دُنيا تَنهن دوستَ تان، فِدا ڪَريان فِي الحالُ،
ڪَيَسِ نامَ نهالُ، پَسَنُ تان پَري ٿِيو.
(بروو سنڌي، ۱ ـ ۱۴)

(۱۰)

ماڙِيُنِ ماريُسِ ڪِينَ ڪي، مُيَسِ مارُنِ لاءِ،
ڪَرَ لَهَندا ڪَڏهِين؟ مُنهنجي اَڇي، ماءِ!
سانپيڙَنِ سَداءِ، وينو واجَهه وِجهي هِنئون.
(مارئي، ۴ ـ ۱۴)

(۱۱)

ماڪَ پِجايَنِ مولهيا، مَٽان راتِ پَئِي،
اولِيُون اَوجهَڙَ لَڳِيُون، وِيا وَنجَهه وَهِي،
ڪَلاچِيان ڪَهِي، ڪَڏهِن ڪونَ آئيو.
(گهاتو، ۱ ـ ۲)

(۱۲)

ماڳهين جي مُئي، تہ هُوندَ نہ پيئي مامري،
ڇَڏيو جي ڪُهي، تہ هيڪاري هورُ لَهي.
(حسيني، ۱۲ ـ ۱۹)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۱۳)
مانَ پُڇنئي سُپرين، ڇتان ڇڙَ مَ لاهِ،
پِرينِ اَڳيان پاءِ، پَلؤ مَڱڻهارَ جئن.
(سريراڳ، ۱ ـ ۲)

(۱۴)
مانَ پُڇنئي سُپرين، ڇتان لاهِ مَ ڇڙَ،
اُنين جا اُمرَ، ڪَڏُ تہ خالي نہ ٿئين.
(سريراڳ، ۱ ـ ۱)

(۱۵)
مانَ پُڇنئي سُپرين، ڇتان لاه مَ ڇورُ،
ڪِدي ڇڏِ قَلَبَ مان، ماري ڪوڙُو ڪورُ،
هُنَ پِرِ سندو هورُ، مٿان تو معافُ ٿئي.
(سريراڳ، ۱ ـ ۵)

(۱۶)
مانَ پُڇنئي سُپرين، ڇتَ ۾ ڇيتاريج،
ڪِديج ڪائي ڪَچَ ڪي، ڪُوڙُ مَ ڪمائيج،
وَٺج وِهائيج، سَڀُ سوداگرَا! سَچَ جو.
(سريراڳ، ۱ ـ ۴)

(۱۷)
مانَ پُڇنئي سُپرين، ڇَتَ ۾ رکج ڇيٽُ،
سِڙهُ ڏُٺاري صاف ڪَر، صابُڻَ ساڻ سُپيٽُ،
سامونڊي! سُڇيٽُ، ٿِيُ تہ پهچين پارَ ڪي.
(سريراڳ، ۱ ـ ۳)

(۱۸)
مانَ پُڇنئي سُپرين، ڇيتاريج ڇٽُ،
دائما دُوربِيءَ ۾، پَسين ولاتن وٽُ،
نيهَ نيڪاري نٽُ، ملاحَ! گَڏُ مُعلمَ سين.
(سريراڳ، ۱ ـ ۲)

(۱۹)
ماڻڪَ ڇُوٽو جن جو، هَنجَ حُضُوري سي،
ڇلُرَ ۾ ڇهنبَ هَٽي، مَڇي ڪِيَنَ نہ اِي،
لوڪَ نہ لَکيا تي، جيلان پُوٽِنِ پَکَهنِ گَڏِيا.
(ڪارايل، ۱ ـ ۲۶)

(۲۰)
ماڻڪُ مِٽُ سَندومِ، اونداهِيءَ ۾ سوجهرو،
حَشَرَ ويلَ حِسابَ ۾، ڇَڏِي نہ ويندومِ،
سارِيو سَڏُ ڪَندومِ، ڪوهِيارو ڪيچ ڏٽي.
(ديسي، ۲ ـ ۱۶)

(۲۱)
ماڻڪُ، مُنڌَ هَٿان، پيتِيءَ ۾ پُرزا ٿيو!
سَچو تان، سَيّدُ چئي، لَهي لَکُ سَوا،
پيکِي پُڇاڻا، پَدَمان پَري ٿيو.
(سريراڳ، ۴ ـ ۱۷)

(۲۲)
ماءُ! ڪاهوڙِي هَليا، ڏُڪائي ڏُونهان،
ڇِپَرَ جا سُونهان، ڏوٿِيُن ڏِٺُ ڇيتارِيو.
(ڪاهوڙي، ۱ ـ ۲۲)

(۲۳)
مائٽَ مُنهجا، سُومرا! مارُو نہ ميرا،
اُتِيو ڏِيَنِ اَسُورَ جو، پِٽُنِ پِرِ پيرا،
پَنوَهارَنِ پيرا، وِڙهُ مَ ويڙهيچَنِ سين.
(مارئي، ابيات متفرقہ ـ ۱۲)

(۲۴)
ماءُ! مُنهنجو ڇندڙُو، ڪَنيو خيالَنِ،
ڪُوڙَنِ ڪَذابَنِ، ڏاگهنِ ڏِدي آهيان.
(ڪوهياري، ۲ ـ ۲۱)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۲۵)

ماءِ! وهاٽو وارِ، ڪَڻُ پـٽـراٽي پانھنجي،
جيڪي ڏِنُءِ ڏيجَ ۾، سو سَيوئي سارِ،
وَجان ٿي وَٽِڪارِ، ڏِٺم پيرُ پُنھونءَ جو.

(حسيني، ۵ ـ ۴)

(۲۶)

مَتارا مري ويا، موڪِي! تون پِي مَرُ،
تنھنجو ڏوسُ ڏمرُ، ڪونَ سھندو ان ري!

(يمن ڪلياڻ، ۴ ـ ۱۵)

(۲۷)

مَتارا مري ويا، موڪي! تون نہ مَرين!
ڪيھيءَ پَرِ پَرين، ڏُکِي! ڏاتارن ريَ؟

(يمن ڪلياڻ، ۴ ـ ۱۴)

(۲۸)

مَتان ٿِئين مَلوُرُ، ڪِينَ آگاھوُن آھيان،
ڏِسَنَّ ۾ ڪَرَ ڏوُرُ، حَدَ بِنين جِي هيڪڙي.

(حسيني، ۱۰ ـ ۲۴)

(۲۹)

مَتان ڪا، ٻَـڙيِ! ٻولَ ٻاروچي وِسَھي،
هوُندَ نہ سُتيَس، سَرتيوُن! ويھي رَھيَس وَڙي،
جَتَ پَنھنجي جوءِ ۾، گھارين مانَ گھڙي!
ڪيچِيُنِ آئوُن نہ ڪَڙي، ڪنھن ڏُکيءَ ڏاوَڻُ ڏائيو.

(ديسي، ۷ ـ ۱۳)

(۳۰)

مَتان گِھڙين، سُھڻي! اَجُ دَرياهَ ۾ دَمُ،
ڪاريءَ راتِ ڪُنَن ۾، ڪھڙو آتيئي ڪَمُ؟
مَتان جاڳي ڏَمُ، پُڇي پاڙي واريوُن.

(سھڻي، ابيات متفرقہ ـ ۶)

(۳۱)

مَتان، مُني! ڇَڏِئين، پاٽان پريتَٽو،
ڪَٽوُريءَ ڪَٽو، مَڙهي مَڙهج مُنھَنَ ۾.

(سسئي آبري، ۳ ـ ۱۸)

(۳۲)

مَتان، مُني! ڇَڏِئين، پريتَٽو پاٽا،
چاپَنِ جَٺَن چاٽا، تون پڻ هوئِج تـن جَٺَن.

(سسئي آبري، ۳ ـ ۱۷)

(۳۳)

مَتو آهين، مَڇ! ٿُلھو تو تُونا هَٽين،
جا تو ڏِٺي اَڄ، تَنھن پاٽِيءَ پُنا ڏينھَڙا.

(ڏهر، ۱ ـ ۱۴)

(۳۴)

مَتا موءِ تِيانِ، سَدا سُوئيتا ڪاپڙي،
ڪوتي ڪَنھن نہ پُڇيا، ڪِي اَندَرِ اندوهيانِ،
جيڪا ڄَمارانِ، سا مَنجھہِ گُوندَرَ گُذري.

(رامڪلي، ۶ ـ ۴)

(۳۵)

مَتان جيُ جَتَنِ، گھوريو، گھوري سَسُئي،
پاڙي جي پُنھونءَ جا، ڪارُون ڪَري تَنِ،
ڪيچ مَـتان ڪا ڪَنِ، بي شُڪري پَنيورَ جي.

(حسيني، ۹ ـ ۲۳)

(۳۶)

مَتان مَنھَن مُنھنجي، ڪَنھن اُڏايو ڪانءُ؟
ڳِنھي آيو ڳالھڙي، سَندي سُپيريانءُ،
جيڏِيُون! جاڙ ڪِئانءُ؟ سُٺُمِ هُوندَ سَنيھَڙو.

(پورب، ۱ ـ ۱۱)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٣٧)

مَتِنِ ٹُـبَڪَ ٹُـبڪَڙا، چِڪندَڙا اَچَنِ،
کُـڙيُون ڪيہَ پَـڪُليُون، پَـگَهرُ سِرِ پيرَنِ،
اِي وَڙَ ويڙيچَنِ، مُون لوڏان ٿِي لَکِيا.

(مارئي، ٧ ـ ٨)

(٣٨)

”مَتو مَتائين گهوريان، مَتو تو مَتان،
سو مُون تِئِي نہ هَتان، جَنهن تُون لائِق، مَگُّتا!“

(سورٺ، ٣ ـ ٩)

(٣٩)

”مَتو مَتائين گهوريان، مَتو تو مَتاءِ،
هَڏو هِيُ هَٿَ ڪَرِي، جاجڪَ! وَهلو جاءِ،
تُون سين اَنيراءِ، جمَ واچا ۾ وِلهو وَهين“.

(سورٺ، ٣ ـ ١٠)

(٤٠)

”مَتو مُورِ نہ پاڙيان، تُنهنجيءَ تَندُ تَنوارَ،
سِرَ ۾ سَجَڻُ ناهِ ڪِي، موٽُ مَ، مَگُّتهارَ!
ڪِينهي مَنجِهہ ڪَپارَ، لَچِيندو تو لاهيان“.

(سورٺ، ٣ ـ ١١)

(٤١)

”مَتي اُتي مُنهنجِي، جي ڪوڙين هُون ڪَپارَ،
تہ واريو واريو وَڍِيان، سِسِيءَ ڪي سَوَ وارَ،
تہ پِڻ تَندُ تَنوارَ، مُوهان مَتائُون، مَگُّتا!“

(سورٺ، ٣ ـ ١٤)

(٤٢)

”مَتي اُتي مُنهنجِي، جي هُوا سِرَن سَوَ هَزارَ،
تہ تُنهنجيءَ تَندُ تَنوارَ، هَرَ هَرَ وَڍِيمِ هيڪِڙو“.

(سورٺ، ٣ ـ ١٣)

(٤٣)

مَتيان مَتي مَچُ، بَرِيمِ پاروچَنِ جو،
مُون کي طَعنا تي ڏَئِينِ، جِتَن نہ پَروُڙِئِينِ سَچُ،
اَمڙَ! اوري اَچُ، تہ سِٽَ سُٽاءِنَءِ سُوَرَ جي.

(حسيني، ٢ ـ ٢)

(٤٤)

مَتِي تَـرَ رَهِي، وِيا گُذاري ڏِينهَڙا،
ڪَڏهِن ڪونَ آيو، تِنِ پَنوهارَنِ پَهِي،
وِيڙا سي وَهِي، جَنَبُ گُذارِيمِ جن سين!

(مارئي، ٩ ـ ١١)

(٤٥)

مَتِي راهَ رَوان ٿِيا، پُورَبِ پُورِيائُون،
هِي گَهرُ گهورِيائُون، آڳانڊِيائُون اَڳِيان.

(پورب، ٢ ـ ٨)

(٤٦)

مَتي مَنجهان مِينهُن، پَسو! پاٽِيءَ جِتَن وَهي،
مُون پانيو نِينهُن، ڇِپِيُون چِيري سَنڍِيُون.

(حسيني، ٢ ـ ٣)

(٤٧)

مَتي واٽڙِيَن، نيڻَ نِهارا مُون ڪَيا،
اِيندا مانَ پَسَنِ، مَتان سَگَرَ سُپِرِين.

(ڏهر، ٢ ـ ٩)

(٤٨)

مَتايان مِنو گهٽو، ڪَڙو ناهِ ڪَلامُ،
سُڪُوتُ ئي سَلامُ، پِريان سَندي پارَ جو.

(ڪلياڻ، ٣ ـ ١٠)

(٤٩)

مُٺ مُٺ سُورَن سِپَڪَنهين، مُون وَٽِ وَٿاڻَ،
پِرِيُون ڪيو پُٽاڻ، وِيا وِهائُو نِڪرِي.

(حسيني، ٦ ـ ٣١)

(۵۰)

مِنو جِنَن نالوءِ، تِنَن مُون وَڏو آسرو،
ڪو ڏَرُ ناهِ ڄھوءِ، مُون پِيا ڏَرَ ڳهٽا نِھاريا.
(ڏهر، ۲ ـ ۲۲)

(۵۱)

مُنِي تِي مُدعا گُھري، موتُ تِيو موجودُ،
اچِين تہ اَڄُ ڪَريان، صُباحَ جو سُجوُدُ،
جانڪِي ني وُجوُدُ، جانڪِي مِيڙ مُنِيءَ ڪي.
(معذوري، ٦ ـ ۳)

(۵۲)

مُنِيَسِ! جَهلِ مَهارَ، ڪُنِيَسِ! ڪاهِ مَ ڪَرهو،
مُون نماٽيءَ جي نِجُهري، پِيرو ڪَڄ، پَـتارَ!
ساڄَنَ! توهان ڏارَ، ڏِنُمِ ڏِينهُن قيامَ جو.
(ديسي، ۱ ـ ۱)

(۵۳)

مِنيُون لهي مُهان، جي تو، چانگا! چِنيُون،
وَلِڙيُون وِهَ ساءِ، آڇا تو مُهَنديُون.
(ڪنيات، ۲ ـ ۲۹)

(۵۴)

مَجازِي مَ مِٽَ ڪَرِ، پَنِيپيُون اِئَن نہ پِيرِ،
پُڇِي تِئين نہ پِيرِ، هارِي! حَقِيقِيءَ جي.
(آسا، ۳ ـ ۴)

(۵۵)

مَجازِي موهي، ڪَڏهِن ويندءِ نِڪري،
اَڪَـڙيُون تو هي، جِمَ وِهِين وِسَهي.
(آسا، ۳ ـ ۲)

(۵٦)

مَڃُڻ ياڳِ يَرِ ڏئين، ڪٽُ، ڪَنبَندي آءُ،
جَڏهِن تَـڏهِن، ماءُ! پيرِن پيرَمَ واريُون.
(ڪاپائتي، ۱ ـ ۱۵)

(۵۷)

مَڃُڻ، وَرَا! وِسارِئين، آري! لَڳِ اَللهَ،
توکي سارِيو ساهُ، اُڪَنڊِيو آهُون ڪَري.
(سسئي آبري، ۱۰ ـ ٦)

(۵۸)

مَڃُڻ، وَرَا! وِسارِئين، صَبُرُ نہ سارِيان،
توکي نِھارِيان، آءُ، منهنجا سُپِرِين!
(سسئي آبري، ۱۰ ـ ۷)

(۵۹)

مُحَبَّتَ پائي مَنَ ۾، رَنڌا روڙِيا جَنِ،
تَنِ جو صَرافَنِ، اَنَّ تورِئو اَگهائِيو.
(ڪاپائتي، ۱ ـ ۱۷)

(٦۰)

مُحَبَّتَ جن جي مَنَ ۾، تن تشنگِي تارِ،
پِي پيالو اُڄَ جو، اُڄَ سين اُڄَ اُتِيارِ،
پُنهون پاڻَ پِيارِ، تہ اُڄَ سين اُڄَ اُجهائِيان.
(سسئي آبري، ۱ ـ ۵)

(٦۱)

محبّت جي ميدان ۾، آچي پير پيان،
سِرَ وِڏِ، ڏَڙَ ڏارَ ڏرڻُ، سي سينگار سَندان،
ڏِيندا مون ڏِتانِ، مَتّا محبوبنِ لَيءِ.
(يمن ڪلياڻ، ٦ ـ ۱۴)

(٦۲)

محبّت جي ميدان ۾، سِرَ جو سانگُ مَ ڪر،
لاهي سِرُ لطيف چئي، اَڳيان دوستن ڌَرِ،
عشق نانگ اَپَرِ، خبر ڪاڏَنِ ڪي پوي.
(يمن ڪلياڻ، ٦ ـ ۱٦)

(٦٣)

محبت جي ميدان ۾، سِرَ جو ڪَرِ مَ سانگُ،
سوريءَ سُپيرين جي، چَڙهُ تـہ ٿئين چانگُ،
عشق آهي نانگُ، خبر ڪاڏنِ کي پوي.

*(يمن ڪلياڻ، ٦ ــ ١٧)*

(٦٤)

محبّت جي ميدان ۾، عاشق! ٿِيُ آچارُ،
سَمُهان سَلَ، سيّد چئي، ڪَنڌَءِ تير تمامُ،
ڪَهج ڪومَ ڪلامُ، جِمَ دوسَتڻون دُورِ ٿئين.

*(يمن ڪلياڻ، ٦ ــ ١٣)*

(٦٥)

محبّت جي ميدان ۾، ڪُڏي پَؤ ڪاهي،
ڇڏ آسانگا اَرواح جا، لاهوتي! لاهي،
عشق نانگ آهي، خبر ڪاڏنِ کي پوي.

*(يمن ڪلياڻ، ٦ ــ ١٨)*

(٦٦)

محبّت جي ميدان ۾، ڪر پَڙاڏو پَٽُ،
سِرُ سوريءَ، ڏڙ ڪُنگرين، متان ڪُڇين ڪَٿُ!
عشق، نانگ نِپَٽُ، خبر ڪاڏن کي پوي.

*(يمن ڪلياڻ، ٦ ــ ١٥)*

(٦٧)

مُحَبَّتَ سَندو مَنَ ۾، پُر پيالو جن،
پِيَنَّ پَـرَچاءُ ناهِ ڪو، ڪنهن جنهن ڏاهِ ڏِيَنِ،
تنهن نِهايَتَ ناهِ ڪا، جنهن سُڃا سُڃَ وڃن،
تيلان اُڃَ مَرَنِ، سَدا سائِرَ سيرَ ۾.

*(سسئي آبري، ٦ ــ ١)*

(٦٨)

مُحَبّتي ميهارَ جون، دِلِ اَندرِ دُونهيُون،
آٽيو وجهي آرَ ۾، لُهاٽو لُوهيُون،
جي ساهـڙ جون سُونهيون، سِيرَ سِرازو تن کي.

*(سهڻي، ٣ ــ ٢٣)*

(٦٩)

مُحبَّ مَنهنجا سُپرين! آٽيئي اَللهُ،
توکي سارِيو ساهُ، اُڪَنڊيو آهُون ڪَري.

*(سارنگ، ٣ ــ ٧)*

(٧٠)

مُحَرَّمُ موتِي آئِيو، آئِيا تان نـہ اِمامَ،
مَدِينِي جا جامَ، مؤلا! مُون کي ميڙئين!

*(ڪيڏارو، ١ ــ ٣)*

(٧١)

مُحَرَّمُ موتي آئِيو، موٽِيا نـہ اَمِيرَ،
مَدِيني جا مِيرَ، ڏاتـرا! مُون ڏيکارِئين.

*(ڪيڏارو، ١ ــ ٤)*

(٧٢)

مَحرُومَ ٿِي مري وِيا، ماهِرَ ٿِي نـہ مُئا،
چـڙيءَ جـئن چُهنجَ هَٽِي، لَـڏِيائون لُئا،
حُبابَ ٿِي هُئا، اِنهيءَ واديءَ وِچَ ۾.

*(آسا، ٤ ــ ٣)*

(٧٣)

مَحَلين آيو مَڱَڻو، سازُ ڪَٽي سُرَندو،
سِرَ جي صَدا سُرَ ۾، گهورَ هَٽي گهرَندو،
مَٿي رِءَ مَلُوڪَ جي، چارَڻُ نـہ چُرَندو،
جهونا ڳڙهہ جهرَندو، پُوندي جهانءِ جهروڪَ ۾.

*(سورٺ، ٣ ــ ٣)*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٧٤)

مَحلين آيو مڱڻو، ڪَڀِي ساز سِري،
لِڳي تَندُ تُنبيرَ جي، پِيا ڪوٽَ ڪري،
هَنڌين ماڳين هوءِ ٿِي، تُنهنجِي پيچَلَ! دانهَن پِري،
سِـي تَنهن سُلطانَ ڪان، اَچِي گهوٽَ گهُري،
جُهونا ڳَڙه جُهري، پُوندي جهانءِ جهروڪَ ۾.
*(سورٺ، ٣ ـ ٤)*

(٧٥)

مَحَلين ماندي مارُئِي، ڏِٺيمِ مُنهَن مَلُورَ،
اَڱيا سَڀِيا نـه ڪري، سُونهَن وڃايَس سُورَ،
پِيَس لوهَ، لَطيفُ چئي، لَـٿُس ڪوڏَ ڪَپُورَ،
چِتَ جنين جا چُورَ، سي مَکي مَرَڪُ نه ڪَنديُون.
*(مارئي، ٤ ـ ٧)*

(٧٦)

مَدِيني جا جامِ! سُڻُ مُنهنجا سَڏڙا،
آهيان تُنهنجي سامَ، سِگهو رَسِج سيرَ ۾.
*(ڏهر، ٢ ـ ٦)*

(٧٧)

مَدِيني جا ڏٿي! سُڻُ مُنهنجا سَڏڙا،
تُنهنجي آهِ تَـٿي، ٻي ڪَنڌي سارِيان ڪانَ ڪا.
*(ڏهر، ٢ ـ ٢)*

(٧٨)

مَدِيني جا شاهَ، سُڻُ مُنهنجا سَڏڙا،
ڪارَڻِ لَڳِ اَللهَ، سِگهو رَسِج سُپِرين!
*(ڏهر، ٢ ـ ٤)*

(٧٩)

مَدِيني جا شيرَا! سُڻُ مُنهنجا سَڏڙا،
پِرِ مُبارَڪَ پِيرَ، عاصي تُنهنجي آسِري.
*(ڏهر، ٢ ـ ٥)*

(٨٠)

مَدِيني جا گهوٽَ! سُڻُ مُنهنجا سَڏڙا،
ڪَج، مُحَمَّدَ! موٽَ، عاصي تُنهنجي آسِري.
*(ڏهر، ٢ ـ ٣)*

(٨١)

مَديني جا ميرَا! سُڻَ مُنهنجا سَڏڙا،
سَرَڻِ تُنهنجِيءَ سِيرَ، تُون پارِ لَنگهائِيين پيَڙا.
*(ڏهر، ٢ ـ ١)*

(٨٢)

مَران، مَتو پِٽِيان، نِهارِيان نيٽان،
سُخَنَ جي سَندانِ، آڻون نـه جَـٺَندي اُنِ ري.
*(رامڪلي، ١ ـ ٥)*

(٨٣)

مَرُ تـه آئين، مَڱڻا! مامَ پَروڙي مون،
جيڪا ڳاهَ ڳالهائِيين، سا سَڀِ سَمجهِيسُون،
تَنهن ۾ تُسِج تون، جيڪي پَريئِي پَٽَ ۾.
*(سورٺ، ٤ ـ ١)*

(٨٤)

مَرُ تـه موچارِي ٿِئين، اَجلان آڳي اَڄُ،
جان ڪي هُئين جُٿري، تـه مُنڌا! پِنِيوران پَڄُ،
پُنهونءَ ساڻُ پَهڄُ، تـه مَلَڪَ اَلموتُ ماٿِئين.
*(معذوري، ٤ ـ ٢)*

(٨٥)

مَرُ تـه موچارِي ٿِئين، جِتَنُ آڏو جَتَ،
هاري! ڪَرِ هِمتَ، تـه ڏيئي دَمُ دوسُ لَهِين.
*(معذوري، ٤ ـ ٣)*

(٨٦)

مَرُ تـه موچاري ٿِئين، ويهي جِيُ مَ، جوءِ!
مُنڌا! مَرَٽان پوءِ، پَڇهنديِنءَ پُنهونءَ کي.
*(معذوري، ٤ ـ ٥)*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۸۷)

مَرُ تہ موچاري ٿئين، ويهي وجهہ مَ ويرُ،
دل ۾ آڻ مَ ڏورُ ٽُون، قُرنَ سَندو ڦيرُ،
تَوٽي لَهين نہ پيرُ، توءِ راحَتَ آهِ رِڙهَڻَ ۾.

*(معذوري، ۴ ــ ۴)*

(۸۸)

مَرج وَتِ ميهارَ، مَتان موٽِين، سُهڻي!
ساهَڙَ جا سِينگارَ، مَتان ڏَمَر ڏيکارِئين.

*(سهڻي، ۹ ــ ۴)*

(۸۹)

مَرُ، مَٿا ڏيئي، پُنهونءَ كارَڻ پَبِ ۾،
تہ سَرَتيُون سِپيئي، واكاٽِينئي ويٺيُون.

*(حسيني، ۹ ــ ۲۱)*

(۹۰)

مَرُ مَرِين، آئُون رُنَءِ! موٽي آءُ مَ، كانڌ!
ڪَچَنِ وَڏا پاندَ، جِتَنَ تورا ڏينهَڙا.

*(کيڏارو، ۳ ــ ۱۵)*

(۹۱)

مَرُ مَرِين، آئُون رُنءِ! موٽي، كانڌ! مَ آءُ،
مَچُڻِ تو پُٺاءُ، ڪَچا ڪَنِرِ جيڏيُون.

*(کيڏارو، ۳ ــ ۱۶)*

(۹۲)

مَرڻان اَڳي جي مُئا، سي مَري ٿِيَنِ نہ مات،
هوندا سي حَيات، جِتّان اَڳي جي جِئا.

*(معذوري، ۴ ــ ۷)*

(۹۳)

مَرَڻُ مُسَلَّمُ جِنِ، واحِدُ تِنِ نہ وسري،
مَٿي سَگَرَ كاپڙي، ڪا نانگا نندَ نہ ڪَنِ،
نيڻَ سَدائين تِنِ، اوجاڳَنِ اُجاريا.

*(رامڪلي، ۹ ــ ۱۸)*

(۹۴)

مَرُ هيڪاندا هُون پرين، سانگ مَ وجن سيڻ!
رهيا آهين روحَ ۾، نتُ جنين جا نيڻَ،
وِماسِيا جن ويڻَ، تو تاريءَ تَڳي تِنِ هِنئون.

*(ڪنڀات، ۱ ــ ۴)*

(۹۵)

مَري تان مَ ميهارُ، وِتانُ وِلَهو مَ ٿئي،
وَڃِن جي وَڃارَ جو، ونگو ٿئي مَ وارُ،
ساهَڙُ مُون سِينگارُ، ماڻُهنِ ليکي مِهڻو.

*(سهڻي، ۴ ــ ۱۸)*

(۹۶)

مَري ٿِينديس مُڃَ، جَتَنِ كارڻَ، جيڏيُون!
ڪَري كوهيارو سُڃَ، ويو ڇُلائي ڇَپَرِين.

*(حسيني، ۱ ــ ۱۲)*

(۹۷)

مَري، جيُ، تہ ماٽئين، جانبَ جو جمالُ،
ٿِئين هُوندَ حَلالُ، جي پَندِ اِهائي پارِئين.

*(معذوري، ۴ ــ ۱)*

(۹۸)

مڙئي مُندَ ڏي آئيُون، ساهيڙيُون سَهجان،
'اَلسَّفَرُ قِطعَةٌ مِنَ النَّارِ'، هاري! موٽُ هتان،
سَگَ 'صِراطَ الْمُسْتَقِيمَ' جو، اَٿيئِي تان اَڳيان،
سي ڪيچِي نيندَءِ ڪِيان؟ تُنهنجو نينهن نِفاقَ سين.

*(ديسي، ۲ ــ ۲)*

(۹۹)

مزمانَنِ مَهري، آٽي جهوڪيا جهوڪَ ۾،
چاڙِتي چَنبَنِ ۾ ويا، جڻن بازُ سَٽي بَحري،
كوهيارو ڦَهري، وِيو نِهوڙي نِندَ ۾!

*(ديسي، ۳ ــ ۱۳)*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٠٠)

مُسافِرنَئُون، ماءِ! وِرهُ وهايُـمِ وتَرو،
اَچي تَيَمِ اوچِتي، تن سانگِيَن سين ساجاءِ،
جيجان! جَهَلَ مَر پاءِ، هِنئُون هوتَ هَٿي وِيا!
(حسيني، ۵ ـ ۷)

(١٠١)

مَر سَپَني مارُئي! مُئي! مَر جائي!
جنهن اَچي اَمَرڪوٽَ ۾، لوئي لَجائي!
جا سانگِيَن سِيڏائي، سا ڪِينَ مَرڪي ماڙيين!
(مارُئي، ٦ ـ ٨)

(١٠٢)

مُسَنِ مُنهَن سَنرا، ڪَريا گهٽو ڪلَنِ،
سي تان وِسرِيَنِ، آيا جن ڪَمَنِ لَءِ.
(ڏهر، ٣ ـ ١٩)

(١٠٣)

مَر ڪَرِ ڍولَ! ڍِلو، ناتو نماڻيءَ سين،
ڪونهي ڪَميڻيءَ جو، بِگَر تو بلو،
تُنهنجو نانءُ نِلو، وَنيو ويني آهيان.
(ڏهر، ٢ ـ ٢٤)

(١٠٤)

مَر ڪَرِ سَڏَ سَري جي، جي تون ٿارئين ٿَوهُ،
پيتي جنهن پاسي ٿئي، منجهان رَڳِنِ روحُ،
ڪاتي چَڪُ ڪَڪُوهُ، لاهي سِرُ، لطيف چئي.
(ڪلياڻ، ٢ ـ ٢٤)

(١٠٥)

مَر ڪي روءُ، مَر رَڙ ڪي، مَر ڪي ڪَر داهُون:
سُتي لوڪَ، لَطيفُ چَئي، پيئي ڪَـٽـج پانهُون،
لَڏيءِ جِتِ لاٽُون، سو ڏيهُ پَسَنديِنءَ مارُئي!
(مارُئي، ابيات متفرقه ـ ۵٢)

(١٠٦)

مَر ڪي روءُ، مَر رَڙ ڪي، مَر ڪي ڪَر ڪِيهُون:
اُٺي اَچِنِ اُتَهين، واندِنِ جُون وِيهُون،
ميڙِيندوءِ ميُون، مِينهين اُٺين، مارُئي!
(مارُئي، ابيات متفرقه ـ ۵٣)

(١٠٧)

مَر ڪي روءُ، مَر رَڙ ڪي، مَر ڪي هَنجُون هارِ:
جهڙا اَچَنِ ڏينهَنڙا، تهڙا ويني گهارِ،
ڏُکَن پُنيان سُکڙا، سِگها ٿيَنِ، سَنگهارِ!
لَٿا لوهَ، لَطيفُ چَئي، پَـرُوڙج، پَنوهارِ!
بيڙيُون نيئي بارِ، تو تان بَندُ بِدا ٿيو.
(مارُئي، ابيات متفرقه ـ ۵١)

(١٠٨)

مَر ڪي روءُ، مَر رَڙ ڪي، هَنجُون هَڏِ مَر هارِ:
توتان بَندُ بِدا ٿيو، بيڙيُون نيئي بارِ،
پَهُچَنديِنءَ، پَنوهارِ! سِگهي سَنگهارَنِ ڪي.
(مارُئي، ابيات متفرقه ـ ۵٠)

(١٠٩)

مَر ڪي هيج مَر هوج: تَرسُ مَر، تانِ جهازَ ڪي،
چَؤ ڪَلمو مُحَمَّدَ تي، تہ اَگيان اَچيئي اوجَ،
سَهُڪيءَ پِٽِ، سَبوجَها! تُنهنجي مَڪي ڍُڪي مَڪَڙي.
(سريراڳ، ٦ ـ ١٠)

(١١٠)

مَڱ تَنهين ڪان، مَڱَتا! جو ڏيهاڙي تو ڏِئي،
ڪُوڙا دَرَ دُنيا جا، جاچِڪَ! مَڱين جي،
سُيان توهين ڪي، موتِي ڏيندا مُنهَن ۾.
(پرڀاتي، ١ ـ ١٩)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١١١)

مَڱَ نہ ٿُسي مَڱڻُو، نہ مِلڪَ نہ مال،
ڏانَنِئُون ڏُورِ ٿِئي، ڪا جا ڳِنسِ ڳالِ!
آهي اِنَ خيالِ، تہ ڏيني ٿِيان ڏاتارَ سين.
(سورٺ، ٢ ــ ١٣)

(١١٢)

مَڱَ نہ جَهلِيان مُورِهِين، نہ مُون پَنڌُ پَري،
ڳِٽِي آيُسِ ڳالَهڙِي، ڳُجهي تو ڳَري،
سا سَمجِهج، سورَٺِ وَرَا! ويندُسِ ڪِينَ وَري،
پَريان پيرَ پَري، تولَءِ آئِيو آهِيان.
(سورٺ، ٢ ــ ١٢)

(١١٣)

مُلاحِظو مَهرانَ جو، مُورِ مَ لاهِ مَناءُ،
سامُونڊِي! سَنڀالِ ڪي! سُمهڻَ آيُءِ ساءُ،
جاڳِي جَرَ مٿاءُ، تاري وانءُ تَرازَ ڪي.
(سريراڳ، ٥ ــ ٦)

(١١٤)

مَ لَنئُن ڪُونجِي! ماٺِ ڪَرِ، چورِ مَ هَنئِين چاڪَ،
ڦَٽِيُون جي فِراقَ، سي ڳَهَرِ ڳهارِينديُون ڪيتِرو؟
(ڏهر، ٤ ــ ٨)

(١١٥)

مَ لَنئُن ڪُونجِي! ماٺِ ڪَرِ، چورِ مَ هَنئِين سَلَ،
ڳوڙها مَٿي ڳَلَ، جِمَ وِهاٽيءَ وَهائِيين.
(ڏهر، ٤ ــ ٩)

(١١٦)

مُلهہ مَهانگو قَطرو، سڪَڻُ شَهادتَ،
آسان عِبادتَ، نَظَرُ نازُ پِرينَ جو.
(ڪلياڻ، ٢ ــ ٣٢)

(١١٧)

مَلِيران مارُو، پَکي پيهي آئِيو،
وَرِيا واهرُو، هاٽُوُ سَپِ هِيٺا ٿِيا.
(مارئي، ١١ ــ ١)

(١١٨)

مَنجهان پَنءُ پَرُوڙِ؛ سَپَ مَ پُڇج، سَسُئِي!
ويهي وَڏي ڍِڳَ مان، ڏُٽِي وِجهج ڏوُڙِ،
تہ تُون ماٽِئين مُوڙِ، جي پَنَدِ اِهائِي پارِئين.
(سسئي آبري، ٧ ــ ١٥)

(١١٩)

منجهان پيئِي مَڪُڙِيءَ، ڪا جا پاٽِيءَ بوُند،
سيئِي ڏِنم روُند، وَڪَرُ جن وِڃائِيو.
(سريراڳ، ١ ــ ١٥)

(١٢٠)

منجهان پيئِي مَڪُڙِيءَ، ڪا جا پاٽِيءَ پڪَ،
وَکَرُ هٽِي وَنَڪَ، ڪَٽِجي ڪارو ٿِيو.
(سريراڳ، ١ ــ ١٤)

(١٢١)

مَنجهان مُنهنجي روُحَ، جي وَڃي ساڄَنُ وِسرِي،
تہ مَرُ لَڳِي لوُهَ، ٿَرَ ٻاٻِيهو ٿِي مَران!
(حسيني، ٢ ــ ٤)

(١٢٢)

مَنجِهہ مُحَبَتَ مَڇُ، ٻَهَر ڏُوڏا ڏوُڙِ سين،
ڇَڏِيائُون ڇُرَ لَهِي، ڪوُڙُ، ڪُلَڪَڻُ، ڪَڄُ،
اَوَڳُڻَ اوڏا نہ ٿِيا، ڳُڻُ ڪَيائُون ڳڄُ،
جَنَ سَڙَنِ، تِنَ سَڄُ، جَنَ سَڙَن، تَنِ سَنَرا.
(رامڪلي، ٥ ــ ٨)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٢٣)

مُندَ ٿي مَندَلَ مَنديا، آيو جُھڙُ جھاتي،
ھِڪ اَرزان اَنُّ ٿِيو، ٻِيو مَڪَڻُ مَنجھ ماٿي،
ڪَلمي سين ڪاٿي، لاٿِمِ ڪَسُ قُلُوبَ تان.
(سارنگ، ٣ – ٤)

(١٢٤)

مُندَ ٿِي مَندَلَ مَندِيا، تاڙِي ڪِي تَنوارَ،
ھارِيُنِ ھَرَ سَنباھِيا، سَرَھا ٿِيا سَنگھارَ،
اَڄُ مُنھِنجي يارَ، وسَڻَ جا ويسَ ڪَيا.
(سارنگ، ٣ – ٣)

(١٢٥)

مُندَ ٿِي مَندَلَ مَندِيا، ڪِي اوھيڙَنِ اوڪَ،
چاڇَرِ ٿِي ڇَنَنِ ۾، مينھيُون چَرَنِ موڪَ،
سَرَھيُون ٿِيُون سَنگھارِيُون، پويو پائَنِ طَوقَ،
ميھا، ڇِيڙَ، ڦُنگِيُون، جِتَ ٿِيَنِ سَيپِئي ٿوڪَ،
لاھِئين مَٿان لوڪَ، ڏُولائي جا ڏِينھَڙا.
(سارنگ، ٣ – ٢)

(١٢٦)

مُنڌَّ! مَ مَنَھن ويہُ، اُپِي اوسِرُ اُسَ ۾،
تو سيئِي سِيڻَ ڪيا، ڏُورِ جنِين جو ڏيہُ،
پاڙِي پاڙِي پيہُ، وَٽُ پُڇندِي پرينءَ ڪي.
(سسئي آبري، ابيات مُتفرقہ – ٨)

(١٢٧)

مُنڌَّ نہ مَنجھان تِنِ، پَسِي لَڪَ لُڏَنِ جي،
جا پَرِ ڪاھوڙِينِ، سا پَرِ سِکِي سَسُئِي.
(سسئي آبري، ابيات متفرقہ – ٧)

(١٢٨)

مَنڌِيُون مَٽ گُڙَنِ، جھوڪَ ٻہ سُونَھِنِ پَھيَڙا،
سَندِي سَنگھارَنِ، جوءِ جِٺاري جَڏَڙين.
(ڏھر، ٤ – ٣١)

(١٢٩)

مُنُڪَرَ ۽ نَڪِيرَ ڪي، جڏھن ڏِٺائِين،
اَڳِيان اُٿِي اُنِ ڪي، پُنھون پُڇيائِين،
اَدا! اِٿائِينِ، ڪو وِيو ساٿُ سَڄَڻَ جو؟
(سسئي آبري، ٨ – ٩)

(١٣٠)

مَنَ مُرادُون پُنِيُون، پارِھين ڏِينھن ٻِئِي،
جوڳِي اِنَ جاٽا ڪي، ٿي سِڪِيا سَيپِئِي،
سَمانا سيئِي، جي گُرَ گَڏِجي آئِيا.
(رامڪلي، ٢ – ١٢)

(١٣١)

مُنھُن تہ آھيرِيان ٿِي اُجِرو، قَلَبَ ۾ ڪارو،
ٻَھران زيبُ زِبانَ سين، دِلِ ۾ ھَچارو،
اِنَ پَرِ ويچارو، ويجھو ناہِ وِصالَ سين.
(آسا، ٤ – ١٨)

(١٣٢)

مُنھُن تہ مُوسيٰ جَھِڙو، سِيرَتَ شَيطاني،
بازِي بيراني، ڪَڍِي ڪوہُ نہ ڇَڏِئين؟
(آسا، ٤ – ١٧)

(١٣٣)

مُنھُن تہ مُوسيٰ جَھِڙو، عادَتَ ۾ اِبلِيسُ،
اَھڙو خامُ خَبِيثُ، ڪَڍِي ڪوہُ نہ ڇَڏِئين؟
(آسا، ٤ – ١٦)

(١٣٤)

مِنھِن جنھنجي مُون، ڏٺو مُنھن ميھارَ جو،
آھيمِ ساہَ سڱُون، سو ڪيئَن گھڙُو گھورِيان؟
(سھڻي، ١ – ١٦)

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

(١٣٥)

مُنهنجو تُـورُ تَلِيُنِ ۾، آئُون هِتِ بَندِياڻي،
مُون ڏاڏاڻي ڏيہَ ۾، قِرهُ ۽ لاڻي،
ڪَنديَسِ رِهاڻي، مارُوءَ پاسِ مَلِيرَ ۾.

(مارئي، ٣ ـ ٢٠)

(١٣٦)

مُنهنجو تُـورُ تَلِيُنِ ۾، چِيها تو چاري،
ڊِئي ڍَٿَ ڏاري، آهِمِ اُتي مِينهَنڙي.

(مارئي، ٣ ـ ١٩)

(١٣٧)

مُنهنجو پاڙيچَنِ، ڪَچو ڪونہ ڊِڪِيو،
پاسي چَڙهي پُنهونءَ جي، ذاتِ سَلِتي جَنِ،
تيلان باروچَنِ، نِڏرِ چِڏي نِنڊ ۾.

(حسيني، ٥ ـ ٩)

(١٣٨)

مُنهنجي مَدايُنِ جي، ڪَلَ پِرِيان پيئي،
ڪَڏِهن ڪوسا نہ ٿِيا، ڏوراپو ڏيئي،
ساڃَنَ سَپيئي، ڍَڪِيَمِ ڍولَ ڍِلائِيُون.

(بروو سنڌي، ٣ ـ ٨)

(١٣٩)

مُنُهن ڪَرِ مَنجهاران، ٻَهَران، ڍُونڊِ مَ ڍورَ جِتَّن،
جي اَڪَڙِيين آران، تہ ڪَنڌيءَ اَچَنُ ڏاڪِڙو.

(آسا، ٣ ـ ١١)

(١٤٠)

مُنهَن مَٿاهان جَن جا، سي پِٽِيو، ڪَڏَنِ پارَ:
جيڏِيُون! هِنَ جهُنجهارَ، اُجاري سَڀِ اَڃا ڪَيا.

(ڪيڏارو، ٣ ـ ١٤)

(١٤١)

مُنهُن مِحرابُ پِرِينءَ جو، جامعَ سَڀَ جَهانُ،
فَرَهِيءَ تان فُرقَانَ جي، ڪاتِيائُون قُرآنُ،
اُڏامِي اُتِ وِيو، عَـقُلُ ۽ عَرفانُ،
سَپوئي سُبُحانُ، ڪاڏي وِڃِي نِيتِيان.

(رامڪلي، ٥ ـ ٥)

(١٤٢)

مُنهُن مُنهنجو، سُومِرا! مَرُ مِيروئِي هوءِ!
مَتان مارُوُ چوءِ، تہ ڏوتوءِ ڏوراٽِن ۾.

(مارئي، ابيات متفرقہ ـ ١٦)

(١٤٣)

مَنِئان مارُوئَڙن، هَڏِ نہ ويئي وِسري،
قَيد ڪَيَسِ ڪوٽَ ۾، ڏاڍَ سين ڏاڍَن،
لوءِ پَلِيو پَنوَهارَنِ، سوسُ مُنهنجو، سُومِرا!

(مارئي، ابيات متفرقہ ـ ٤٤)

(١٤٤)

مَٿِئي تي موهِجِي، موُڙهِي ڪَيُءِ مَرَڪُ،
چَئِي چَنسَرَ چِامَ سين، وِڌو تو فَرَقُ،
وَرِي وِيو وَرَقُ، آيُءِ ڏَنءُ ڏُهاڳَ جو!

(ليلا چنيسر، ١ ـ ٥)

(١٤٥)

مَٿِئي تي موهِجِي، هاري! گِيَڙُءِ هارُ،
ڪوڙيين ڪَيا، ڪيتِرا، اِنَهين خَرَّ خُوارُ،
پِري وِيو پَـتارُ، آيُءِ ڏَنءُ ڏُهاڳَ جو!

(ليلا چنيسر، ١ ـ ٦)

(١٤٦)

مَٿِئي مٿي جي هُئا، تن چِتَّن ڦيريُمِ چِٽُ،
هارُ ڪَنِّيندِيَسِ هوڏَ ۾، نِيبَهُ تِينَدُمِ نَٽُ،
ڪَؤنَروُءَ جو ڪِرٽُ، مُونهان مَٿاهونَ ٿِيو.

(ليلا چنيسر، ١ ـ ٧)

(١٤٧)

مَتِيو ناهہ مَتِيُون، جو تُون پَسِي هارُ هرڪِئين،
اَصل آهي اَڳِهين، سَنديُون ڪُوڙ ڪَتِيُون،
اِنَ گهوڙَنِ هَنئي گهِتِيُون، دوسَتِئان دُورِ ڪيون.

(ليلا چنيسر، ١ ـ ٨)

(١٤٨)

مَتِيو وِجهان مَچَ ۾، هائيءَ هَٿان هارُ،
پِري جي پَتارُ، تہ ميريائي مانُ لَهان.

(ليلا چنيسر، ١ ـ ٢)

(١٤٩)

مَتِيو وِجهان مَچَ ۾، هائيءَ هَٿي هارُ،
سوپي! سُکُ، سَيدُ چئي، ڪَرئين ڪوهُ قرارُ؟
راجا ريساٽو گهٽو، سَتاٽو سَردارُ،
چَوڏِسِ چَنسَرَ جامَ جو، ڏيهان ڏيهِ ڏهڪارُ،
ناڪُرُ اَکِيينِ ٿارُ، مَتِئي تي تِي مَتِئين!

(ليلا چنيسر، ١ ـ ٣)

(١٥٠)

موتِنَ جا مَذڪُورَ، جان ڪي ڇِيَس جيڏِئين،
پَريتِ پَهرئين پُورَ، نيئي پَهچائي پُنهونءَ ڪي.

(سسئي آبري، ۴ ـ ٢٢)

(١٥١)

موتِنَ جي مَصلحَتَ، مُون ڪي ڏيوَرَ، جيڏِيُون!
نهارِينديَس نِڪري، آرياڻي اَلبَتَّ،
ڪَنديَسِ اوتَ، عيبَ جي، لَڪَنِ ڏيئي لَتَ،
سَرتِيُون! شَريڪَتَ، آڻون ڪيئَن آڳَن سين ڪَريان.

(سسئي آبري، ۴ ـ ٢٣)

(١٥٢)

موتِي آيو مُنهَن ۾، سوڍا! شَرمُ جَنَ،
سي لَڄايُون لَڄَنِ، پَسِيو عيبَ اَڳِيان.

(مومل راڻو، ٨ ـ ٢٢)

(١٥٣)

موتِي مانداڻ جا، پَري ڪَيائِين پَرَ،
وِجُون وَسَنَ آئِيُون، ڪوڏا ڪَٽي ڪَرَ،
مينهيُون پاڻَ مُرادِيُون، تَڏا ڇَرَن ٿَرَ،
وَڏي اوهَ آئِيُون، پُنيءَ لائي قَرَ،
ساري آڇيو سامِهيُون، ڏِيَنِ سَنجهي ڪِيرَ سَجَرَ،
ساڻُ وانڍِنِ وَرَ، پَرِيُون پَرچِنَ جُون ڪِيُون.

(سارنگ، ۴ ـ ١٥)

(١٥٤)

موتِي مانداڻ جِي، پَري ڪَيائِين پيچَ،
وِجُون وَسَنَ آئِيُون، سارَنگُ چَڙهيو سيجَ،
تَنهن نُورِيُون نَوازِيُون، ڏيئي ڏُوٽا ڏيجَ،
بِجَ ڪَٽي پَتِ هَليا، هاري مَنجهان هيجَ،
راضي مَنجهان ريجَ، عالَمُ سَڀُ آبادُ ٿِيو.

(سارنگ، ۴ ـ ١٣)

(١٥٥)

موتِي مانداڻ جِي، جُڙي ڪَيائِين جوڙَ،
وِجُون وَسَنَ آئِيُون، ٻَہ ٻَہ ٻَڌائُون ٻوڙَ،
اَننِ جا عالَمَ ۾، لَکِين ٿِيا ڪوڙَ،
سارَنگَ لاٿي سوڙَهہ، ساندَهہ سُهائو ٿِيو.

(سارنگ، ۴ ـ ١۴)

(١٥٦)

موتِي مانداڻ جِي، واري ڪيائِين وارَ،
وِجُون وَسَنَ آئِيُون، چَوڏِسِ ۾ چوڌارَ،
ڪي اُتي وِئِيُون اِستَنبولَ ڏي، ڪي مَتِيُون مَغرَبَ پارَ،
ڪي چِمڪَنِ چِينَ تي، ڪي لَهَنِ سَمَرقَندِيُن سارَ،
ڪي رَمي وِئِيُون رومَ تي، ڪي ڪابُلَ، ڪي قَندَارَ،
ڪي دَهلِيءَ، ڪي دکَنِ، ڪي گُڙَنِ مَٿي گِرنارَ،

ڪنهين جُنبي جيسَلميرَ تان، ڏِنا بيڪانير بَڪارَ،
ڪَنهين پُڄُ پِجائِيو، ڪَنهين ڏِٺَ مَٿي ڏارَ،
ڪَنهين اَچي اَمَرڪوٽَ تان، وَسايا وَلهارَ،
سائنيمِ! سَدائين ڪَرين، مَٿي سِنڌُ سُڪارَ،
دوسَ! مِنا دِلدارَ! عالَمُ سَڀِ آبادِ ڪَرين.
(سارنگ، ۴ ـ ۱۲)

(١٥٧)
موتِي مَران مَر، ماءِ! موتَنَ ڪان اَچي مَران!
لِڇي لالَنَ لاءِ، شالَ پَونديسِ پيرَ تي!
(سسئي آبري، ۴ ـ ۲۴)

(١٥٨)
موتِي، مَڱڻهارَ! شالَ مَر اَچين ڪَڌِهين!
اَنئي پهَرَ اَجَلَ جو، ڪُنڊو مَنجهه ڪَپارَ،
جَنهن تو سَڀِ چمارَ، هَنيا چِٽَ پَٽَنِ سين.
(سورٺ، ۲ ـ ۱۵)

(١٥٩)
مورَکَ مامَرَ نہ بُجهڻا، هيڏانهن هوڏانهن ڪَنِ،
سي ڪِئَن پِرين پَسَنِ، ڪَنَرَ جن اَکِيُنِ ۾؟
(آسا، ۳ ـ ۱۲)

(١٦٠)
موري مُنهَن وَڏا ٿِيا، وَڏِيا، تان نہ وَڃَنِ؛
اَديُون! آٿاسَنِ، تن ڪوجهَنِ کي ڪِئَن ڪَريان؟
(مومل راڻو، ۸ ـ ۲۴)

(١٦١)
مُوڙهو پُٺِين، مَڱڻا! ڪيڏانهن هُئين ڪالَ؟
لَنگها! چِڏِ، لَطيفُ چئي، اُجهَنَ جا اَفعالَ،
سَپَڙَ دَرِ سُوالَ، ڪَرِ تہ قيمَتَ آٿئين.
(پرڀاتي، ۱ ـ ۵)

(١٦٢)
موڪِي چوڪِي نہ ٿئي، اصل اوچِي ذات،
وَٽيون ڏيئِي واتِ، مَتارا تنهن ماريا.
(يمن ڪلياڻ، ۴ ـ ۱۳)

(١٦٣)
موڪيءَ مَنو نہ گهُريا، وهُ نہ وهاٽيا،
سُرڪيءَ ڪاڻَ، سيڌُ چئي، اُتي ٿِي آٽيا،
جي ڳالهين ڳَنگاٽيا، تِنِ ٻَنِ پاسي ٻُنيون.
(يمن ڪلياڻ، ۴ ـ ۱۹)

(١٦٤)
”مُومَلِ کي مَجازَ جا، اَکِيُنِ ۾ اَلماسَ،
نہ ڪا عامَ نہ خاصَ؛ جي وِيا، سي وَڍِيا.“
(مومل راڻو، ۲ ـ ۴)

(١٦٥)
”مُومَلِ کي مجازَ جا، اَکِيُنِ ۾ اَنبورَ،
هَٽي حاڪِمِيَنِ کي، پَٽَ نِهاري پُورَ،
گهوٽَ پَهرِينءَ گهورَ، جي وِيا سي وَڍِيا.“
(مومل راڻو، ۲ ـ ۵)

(١٦٦)
”مُومَلِ ماري مِيرَ، آهيڙِيُنِ کي آڪِري،
سوڍِيءَ گهٽا سِڪائِيا، پَڙهيا، پَٽَتَ، پِيرَ،
هَٽي تن کي تيرَ، مَٽيو جن مَٽَنِ ۾“.
(مومل راڻو، ۲ ـ ۶)

(١٦٧)
مُومَلِ ناهي مينڌِرو، توٽي مَنجهه نَصيبَ،
مُون کي، مُون حَبيبَ! طعنو ٿِئي تُنهنجو.
(مومل راڻو، ۳ ـ ۱۹)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٦٨)

مُومَلِ وينِي مينڌِرو، سَدائِين ساري،
وَلِيُون واسَ وَرَنِيُون، چانگِي کي چاري،
جَڏهِن تَڏهِن سُپِرين، اِيندُمِ اوتاري،
سوڍِي سين ساري، ڳالهِيُون ڪَندِيسِ ڳُجهه جُون.

(مومل راڻو، ٦ ـ ١٠)

(١٦٩)

مون اُيي تَڙ پاسِ، پرين پَڳهَ چوڙيا،
هو الله هارَ اُهِريا، آئُون دَمِ دَمِ دُعا ڪَندِياس،
آسَ نہ لاهِينديَاس، موٽي ايندا مان ڳري.

(ساموندي، ٣ ـ ٧)

(١٧٠)

مُون اُيي تَڙ جَهلَ، پرين پَڳهَ چوڙيا،
ڪا مُونهِين ۾ اَلَ، ناتَ سَجَڻَ سَباجها گهڻو.

(ساموندي، ٣ ـ ٦)

(١٧١)

مون اُيي تَڙ وَتِ، پريُن پَڳهَ چوڙيا،
ڪا مُونهِين ۾ گهَٽِ، ناتَ سَجَڻَ سَباجها گهڻو.

(ساموندي، ٣ ـ ٤)

(١٧٢)

مُون اُيي تَڙ هيٺِ، پرين پَڳهَ چوڙيا،
ڪا مُونهِين ۾ ڏيٺِ، ناتَ سَجَڻَ سَباجها گهڻو.

(ساموندي، ٣ ـ ٥)

(١٧٣)

مُونا جن محرابُ، جُسو جامعَ تن جو،
قِبلي نُماءُ قَلبُ ڪَري، تَنَ کي ڪَيائُون طَوافُ،
تَحَقِيقَ جي تَڪبيرَ چئي، جسمان ڪَيائُون جوابُ،
تِنِ کِهڙو ڏوهُ حِسابُ، جن هِنئڙي هادي حَلُ ٿِيو.

(رامڪلي، ٥ ـ ٤)

(١٧٤)

مُون اُڏاريا مَچَڙا، اَللهُ! گهاتُو آڻِ،
مِيان! مُدارَن سين، مُون کي، قادرَ! وِجهه مَ ڪاڻِ،
هَٿَ مُنهنجي هاڻِ، قُدرُ لَڌو جِن ري.

(گهاتو، ١ ـ ١٢)

(١٧٥)

مُونا طُور سِينا، سَندا سَناسِيُن،
پُورَبِ ڪَنيو نہ پاڻَ سين، بُودُ بيراڳِيُن،
رِدا آهي رازَ جي، اوچَڻُ آديسِيُن،
قُربُ ڪاپَڙِيُن، نَهَن چوٽِيءَ سيئَن ڏِکيو.

(رامڪلي، ٥ ـ ٢)

(١٧٦)

مُونا طُور سِينا، سَندا سَناسِيُن،
سجدَه ۾ سَيّدُ چئي، گوڏا گودڙِيَن،
"فَكَانَ قَابَ قَوسَينِ اَوْ اَدْنىٰ"، تا نانگا اُئين نَمَن،
"كُلُّ مَنْ عَلَيْهَا فَانٍ"، باقي ڪِينَ بچَن،
"اَللهُ وَلِيُّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا يُخْرِجُهُمْ مِّنَ الظُّلُمٰتِ اِلَى النُّوْرِ"، تا اَهڙيءَ پر پرَن،
"وَخَرَّ مُوسىٰ صَعِقًا"، جوڳي جُنگَ جَلَنِ،
"مَا زَاغَ الْبَصَرُ وَمَا طَغىٰ"، اَهڙيءَ رَوِشِ رَوَن،
مُشاهِدو مَحبُوبَ جو، اُتي آديسِيَن،
ري پَسَنَ، ري سُڻَنَ، بي وِصالَ وهَن،
ري پُرَنَ، ري بولَنَ، تا اَهڙيءَ چالِ چَلَنِ،
سَيّدُ چئي سَندِيَن، ڪَلَ پُڇِين تُون ڪهڙِي؟

(رامڪلي، ٥ ـ ١)

(١٧٧)

مُونا طُور سِينا، سَندا سَناسِيَن،
"طالبُ الْمَوْلىٰ مُذَكَّرٌ"، اِيُ ڪَلامُ ڪَيائُون ڪَنِ،
سُکَنِ کي سِيپين پرين، بُجهي ڏِناٿُون ٻَنِ،
اَلِفُ آديسِيَن، چوري رکيو چِتَ ۾.

(رامڪلي، ٥ ـ ٣)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٧٨)

مُون ڀانيو مِزمانَ، هَميشهَ هُوندا پرين،
کُهي کَميٽي هَليا، کَهلَ ڪَيائُون ڪانَ،
ڏيئي ويا ڏاهه کي، سُورَن جا سامانَ،
جورو راتِ جُوانَ، جيڏيُون! جَتَ ڪري ويا!

*(ديسي، ٣ — ١٦)*

(١٧٩)

مُون ڀانيو مُون وٽِ، هَميشهَ هُوندا پرين،
ويڙهو ڏيئي ويڪرو، ڀِهري ويا ڀَٽ،
ساهُ جنين جي سَٽ، وِڪِيُم تي وَٽِڪارِ ۾.

*(ديسي، ٣ — ١٥)*

(١٨٠)

مُون تان لاهِ مَ، سُپرين! اکِيُن جا آگَمَ،
ڪَري مَلارُ مينهَن جَئَن، وَسي لاهِ وَهَمَ،
تو ڏِني مُون غَمَ، ڏِينهَن جا ڏُورِ تيا.

*(رپ، ٢ — ٤)*

(١٨١)

مُون تان لِڪائِي گهڻو، روشَنَ ڪِي روشَنُ،
رَسيو ريزالَن کي، مَنجهان زَرديءَ ظَنُّ،
ويري مُون وَرَنُ، ڳالهِ ڪَيائين ڳُجهه جي.

*(آسا، ٤ — ٢٧)*

(١٨٢)

مون تي ڇُيءِ، ڪانڌ! پُتي ياڙ مَ مَڪُڙي،
سِڙهَ پُراڻا پاندَ، لَهريُون سَهي لَڳنديُون.

*(سريراڳ، ٥ — ١)*

(١٨٣)

مُون جهڙُ ڏِٺو اُپَ ۾، ديوليا! لَڏَ مَ لاهِ،
اَچِنَ آبَ اَکئين کِيو، وڄُون اُتَرَ واءِ،
ڇَنَ ڇِڏي پَٽِ پاءِ، اَڏَ اُتاهين پَکڙا.

*(سارنگ، ٣ — ٦)*

(١٨٤)

مُون سارِيندي، سُپرين! اَچِين جي تُون هاڻ،
ڪَريان رُوحَ رِهاڻ، لَکَنَ مَنجِهه، لَطِيفُ چئِي.

*(بروو سنڌي، ١ — ٧)*

(١٨٥)

مُون سَڏِيندي سَڏڙا، ساٿِي سَڏُ نہ ڏِين،
وَلَهيءَ جي وَٽانَ تي، توڏُ نہ تنوارِين،
هيڏا هاڃا ٿِين، بُري هِنَ ڀَنڀورَ ۾!

*(حسيني، ٤ — ١٠)*

(١٨٦)

مُون سي ڏِٺا، ماءِ! جنين ڏٺو پرينءَ کي،
رَهي اَچِجي راتِڙي، تن جُنگِن سَنديءَ جاءِ،
تنين جِي ساڃاءِ، تُرهو تِئي تارِ ۾.

*(ڪاهوڙي، ١ — ٣)*

(١٨٧)

مُون سي ڏِٺا، ماءِ! جنين ڏٺو پرينءَ کي،
ڪَري نہ سَگهان ڪاءِ، اُنين سَندي ڳالهڙي.

*(ڪاهوڙي، ١ — ٢)*

(١٨٨)

مُون سين مارُوئَڙيُون، ڪَهڙيءَ رِيتِ رُسَنديُون؟
چوٽيءَ ۾ چيڻُ پيو، پيَنِ رَتَ ڇيُون،
نيٽين نِندَ وهُ تي، ساري ساڏوهيُون،
هِتي جي هيُوَن، تہ سُڌِ پيَنِ سيلَ جي.

*(مارئي، ١٠ — ١٠)*

(١٨٩)

مُون ڪاهوڙي لَکِيا، آيِنَ نہ آرامُ،
ڪَيائُون تَنُ تَمامُ، جه ڏوتي ڏُٺ ڳَڏُ تيا.

*(ڪاهوڙي، ١ — ١٧)*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٩٠)

مُون ڪاھوڙي لَڪيا، سُمَھَن ڪِينَ پَئي،
سَمَرُ ڪَياڻُون سُجَ ۾، ڏوري ڏُٺ لَھي،
وِيا اُتِ وَھي، جِتِ نِھايَتَ ناہِ ڪا.

(ڪاھوڙي، ١ ـ ١٩)

(١٩١)

مُون ڪاھوڙي لَڪيا، گھَرين نہ گھارِين،
واحِدَ لَڳِ وِلِھَن ۾، رويو جَرُ ھارِين،
گُونڊرِ گُذارِين، جُ ڏوتي ڏُٺ گَڏُ ٿيا.

(ڪاھوڙي، ١ ـ ١٦)

(١٩٢)

مُون ڪاھوڙي لَڪيا، ويھي نہ ويرَمَ ڪَن،
ڏِينھَن تَتي ۾ ڏُونگرين، ڪارَڻ قُوتَ ڪَھَن،
جَنگَلَ ۾ جُھٽڪَن، جُھ ڏوتي ڏُٺ گَڏَ ٿيا.

(ڪاھوڙي، ١ ـ ١٨)

(١٩٣)

مُون ڪي اَڪَڙيَن، وَڏا تورا لائيا،
نہ پِڻُ پِرِين پَسَنِ، ڪَنان جي ڪَرَ سامُھيُون.

(آسا، ٢ ـ ٣)

(١٩٤)

مُون ڪي يانئي ياجَ، ڏيرَ ڏُوراٽا ھَليا،
اڳِيان اُتي اُنِ جي، خُوبُ نہ پَڪَمِ ڪاجَ،
ميڙي آپَ سَرَتيُون، نَڪي ڳايَمِ ڳاجَ،
سا مُون ھَتان نہ ٿي، جيڪا رَسَمَ راجَ،
آيَلِ! آئُون اَڪاجَ، ٻولُ ٻَروچي وِترو.

(سسئي آبري، ٤ ـ ١٢)

(١٩٥)

مُون ڪي جِنين مارِيو، آن ڪي گَڏِيا سي؟
تَنَ ۾ طاقَتَ ناہِ ڪا، اَدا! اُنين ري،
سُورُ سَلِٿَمِ تي، جيلان ڳالھ ڳُري ٿئي.

(ڪوھياري، ٤ ـ ٦)

(١٩٦)

مُون ڪي جِنين مارِيو، سُجاتَمِ پاٽا،
لوھُو لِڱَن ناہِ ڪي، سَنڌ مِڙئي ساٽا،
دارونءَ جا داٽا، ڏِنَمِ ھوتَ ھَٿَنِ سين.

(ڪوھياري، ٤ ـ ٨)

(١٩٧)

مُون ڪي جِنين مارِيو، سُجاتَمِ سيئي،
پُنھونءَ پيڪانَ پَچَنڊِيا، بِلَنِ تان بيئي،
ويجَنِئُون ويئي، تِي وَھيِّي سَجَٽين.

(ڪوھياري، ٤ ـ ٧)

(١٩٨)

مون ڪي جِياريو، پِريُن جي ڳالھ ڪري،
ڏِنو اَڄُ اَڏيو، ھِنئَڙو ڪوٺَ ٻُرجَ جِئَن.

(سامونڊي، ١ ـ ٣٣)

(١٩٩)

مُون ڪي ڇَڏِ مَ ڇَپَرين، پوءِ رَھايَسِ 'پاڻ'،
جي پُلايُون پاڻ، تَنِ ڪي رَسُ، رَسيلا! راہَ ۾.

(ڪوھياري، ٣ ـ ٥)

(٢٠٠)

مُون ڪي ڇَڏِ مَ ڇَپَرين، ھاتِڪَ ھوتاڻي!
توھِين لاءِ ڪاٽي، ڏُکي ڏوري ڏُونگرين.

(ڪوھياري، ٣ ـ ٤)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٢٠١)

مُون کي ڇڏِ مَ ڇپرين، هِتَ، هوتاڻي! هاڻ،
اوڏي مُنڌَ اُنَنِ کي، اَللهَ کارڻ آڻ،
پورِهيو ڪنديَسِ پاڻ، اَڳيان آريچَنِ جي.

(ڪوهياري، ٣ ـ ٢)

(٢٠٢)

مُون کي ڇڏِ مَ ڇپرين، هوتاڻي! هِنَ هَنڌِ،
تو سين پَونديَسِ پَنڌِ، ڏينديَسِ ٻاهِ پَنيوَرَ کي.

(ڪوهياري، ٣ ـ ٣)

(٢٠٣)

مُون کي ماءِ! مَجازَ، پيچاري ڄَڻَن پِڇيو،
هَٿَنِ ڇَڏي هاجَ، ويئي سارَ سَنڌَن مان.

(آسا، ٣ ـ ٥)

(٢٠٤)

مُون کي مُون پِرين، ٻَڌي وڌو ٻارِ ۾،
اُيا ايئَن چَوَنِ، مَچُڻ پانڌُ پُسائين.

(آسا، ٤ ـ ٣٨)

(٢٠٥)

مُون کي نَتا نِينِ، جَتَ مُلڪِ پانهنجي،
جي گهگهيرِيُن گڏِينِ، تہ پِيُن ڪان پيٽو ڪَريان.

(حسيني، ١٢ ـ ٣٦)

(٢٠٦)

مُون گهَرِ اَچي جي ٿِئي، مينڌرو مِهمانُ،
آٽي جُهوڪيان آڳِ ۾، ڇيري وجهان ڇانُ،
تاٽي تَنوُرَن ۾، پيري هَٿان پانُ،
پيڪَنِ سوُڌو پانُ، گهَرُ تَڙُ گهوريان پِرَ تان.

(مومل راڻو، ٦ ـ ١٣)

(٢٠٧)

مُون مارُوءَ سين لَڏِيُون، لوئي ۾ لاٿُون،
سونَ بَرابَر سَڱُڙا، مُون کي پانهِن پَڌائُون،
عُمَرَ جو آٿُون، پَٿُ ڪِئَن پَـرَهيان؟ سُومِرا!

(مارئي، ٣ ـ ٦)

(٢٠٨)

مُون ماڙيءَ جو، سُومِرا! ٻِنِين پارين ڏُکُ!
هِتِ عُمَرَ جو آهُکُ، هُتِ مارُو ڏِينِمِ مَهٽا!

(مارئي، ٨ ـ ١٨)

(٢٠٩)

مُون مَنجهيئي مِينهُن، ڪوهُ ڪَرِينديَسِ ڪَکَرين؟
سَرَلو سارو ڏِينهُن، مُون پِريان جو نہ لَهي.

(رپ، ١ ـ ١٧)

(٢١٠)

’مُون‘ مُونهين ۾ سَپَجي، مُون کي ’مُون‘ جُڳاءِ،
مُونهين مَنجهان ’مُون‘ ٿَئي، مُونهين جي ساڃاءِ
اُنهين اِئَن جُڳاءِ، آن کي اِئَن نہ ڇوٽو.

(آسا، ٤ ـ ٣٣)

(٢١١)

مُونهان مَهندِ ٿيا، سُورَنِ ٻَنڌو سَندِرو،
هَلو تہ ڏوريُون اُن کي، وندُرِ جي ويا،
ڪَنديَسِ ڪِينَ ٻِيا، هوتَ مَٿائي اَڳيان.

(حسيني، ١٠ ـ ١٨)

(٢١٢)

مُهاڻيءَ جي مَنَ ۾، نہ گيرَبُ نہ گاءُ،
نيٽَنِ سين نازُ ڪَري، ريجهايائين راءُ،
سَمو سَپِنِ مُلاءُ، هيرِيائين حِرفَتَ سين.

(ڪاموڏ، ١ ـ ٢٠)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۲۱۳)

مَهندِ مُحتاجِي ڪري، پُنِيءَ پِيرُ ڪَٽيج،
ڪُپيلياٽِي! ڪيچَ ڏي، حُجَ مَ هَلائيج،
پاٽا ڏارَ پريتڙو، سَسُئي! ساڱُ ڪَٽيج،
اوڏي عَزازيلَ ڪي، ويجهي تان مَ وَڃيج،
نااُميدِي نيج، تہ اوڏي ٿِئين اُميدَ ڪي.
*(سسئي آبري، ۱ ـ ۱۲)*

(۲۱۴)

مَهندِ مُحتاجِي ڪري، حُجَ وِڃائي هَلُ،
عُذرَ خواهِيُون، عاجزِيُون، سَسُئي! ڪنهن مَ سَلُ،
ڏونگرُ ڏورَڻُ ڏاڪَڙو، لَنِئُ ري ڪونهي لَلُ،
اِيُ پَلائيءَ جو پَلُ، جڻَن پاسي ٿِيڻُ پاڻَ ڪان.
*(سسئي آبري، ۱ ـ ۱۳)*

(۲۱۵)

مُئي هاٿِيءَ تي مامِرو، اَچي ڪيو اَنڌَن،
مَناڙين هَٿَن سين، اَڪِئين ڪِينَ پَسَن،
"في اَلحَقِيقَتَ" فيلَ ڪي، سَچا سُڃاڻَن،
سَنڌي سَرَدارَن، بَصيرَتَ بِينا ڪَري.
*(آسا، ۳ ـ ۳۱)*

(۲۱۶)

مَيا! تو مَهارَ، سِڄي پايان سونَ جي،
چارِيَنِ چندَنَ چوٽِيُونَ، نايو ميندِيءَ ڏارَ،
سَنڌِيءَ پِيَ پَچارَ، جي مون رات رساٽئين.
*(ڪنيات، ۲ ـ ۲۲)*

(۲۱۷)

مَيا! مَچ منٿَ، اَچ منهنجي ڪَرَها!
جهاڳِيندي جَرِپٽِيُون، مَتان ڪرئين ڪَٽَ،
سُپيرِيان جي سَٽَ، مون کي نيئِي ميڙئين.
*(ڪنيات، ۲ ـ ۱۹)*

(۲۱۸)

مِيان ميندِرا! موٽُ، بَخشُ ڪَر بُجائِيُون،
تُون گهٽِنِ جو گهوٽُ، مُون وَرُ تُون ئي هيڪِڙو.
*(مومل راڻو، ۷ ـ ۱۱)*

(۲۱۹)

ميرا پَسي مَڱٽا، سَپَڙُ سَڏُ ڪَيا،
سَپوجَهنِ سُئا، اَپوجَهنِ آسِرو.
*(پرڀاتي، ۱ ـ ۲۲)*

(۲۲۰)

مِيرَ مَدينِئان نِڪِري، آئِيا نہ موٽِي،
ڪارا رَڱِج ڪَپڙا، آدا نيروٽِي!
آنَ تنين لَءِ لوٽِي، جي مِيرَ مُسافِرُ رانئِيا.
*(ڪيڏارو، ۱ ـ ۷)*

(۲۲۱)

مِيرَ مَدينئان نِڪري، ڏيرا ڏِنائُون،
ڪانئِيءَ، پاٽِيءَ، گاهَ ڪي، ماڙهُو مُڪائُون،
چِڙهندي چِيائُون، تہ ٿيندي ويڙهِ وَڏاندِري.
*(ڪيڏارو، ۱ ـ ۵)*

(۲۲۲)

مِيرَ مَدِينئان نِڪِري، رِڙهيا مَٿي رَندَ،
گهوڙا تِنِ گهوٽَنِ جا، پُريا مَٿي پَندَ،
جِتي رَهِيا راتِڙي، سي سُونهارا هَنڌَ،
ڪُلها، ڪَرَنگهرَ، ڪَنڌَ، جُهرَنِ جُهونجهارَنِ جا.
*(ڪيڏارو، ۱ ـ ۲)*

(۲۲۳)

ميڙيو پاڻُ پَرِيُون ڪيو، جوڳِي جَلائِين،
سامِي سِڱِڙِيُن سين، خودِيءَ ڪي ڪائِين،
هُو جي تارِ تَڳائِين، آئُون نہ جِئندِي اُن ري.
*(رامڪلي، ۱ ـ ۱۸)*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۲۲۴)

مُيَسِ! مَرُ مَران! سُيَسِ وِچ سَرَتِين،
پورهيَتِ تَي پَران، پاڙِي جامَ پُنهونءَ جي.
(حسيني، ۹ ـ ۱۲)

(۲۲۵)

مي مَجيءَ ۾ هَٿڙا، ويني ڪَري وَرَنَ،
راءَ اَکِهين رَڪِي، مُهاٽي مَنجهه مَنَّ،
تَماچيءَ جي تَنَّ، ڳالِهيُون ڇيِسِ ڳُجهيُون.
(ڪاموڏ، ۱ ـ ۲۲)

(۲۲۶)

ميندِا ڏوءِ نہ مارُئِي، آهِسِ مَن مَلِيرُ،
ڪَدِي تہ ڪاڻِ لَهي، هِتان هِيءَ هَمِيرُ،
ڪاٺُرِ پِيَنِ ڪِيرُ، جي اَمانَتَ اُتِ وَڃي.
(مارئي، ۴ ـ ۲)

(۲۲۷)

ميندِا ڏوءِ نہ مارُئِي، ٿِيَسِ ڪُرنُون وارَ،
سَتيءَ سيئي سارِيا، جي پاٿُرَ جا پَنوهارَ،
عُمَرَا! اُنِهُون ڏارَ، مُورِ نہ وِهي ماڙِيِين.
(مارئي، ۴ ـ ۴)

(۲۲۸)

ميندِا ڏوءِ نہ مارُئِي، پيسِ پَنهوَارِيُون چِتِ،
راڄَ رُئاري، هَنجوُن هاري، هِيءَ هُتيجي هِتِ،
آهِسِ پاٿُرَ پارَ جو، ڪِجَڻُ ۽ ڪَپِتِ،
وينگَسِ ويڙهِيچَنِ رِءَ، مَسَ سُتي ڪا مَتِ،
سُومِرا! سُپِتِ، ڪَرِ: تہ ڪوتِيان نِڪَري.
(مارئي، ۴ ـ ۱)

(۲۲۹)

ميندِا ڏوءِ نہ مارُئِي، ڪونهي اُنَ اوچاهُ،
عُمَرَ جي اِنصافَ جو، پِيُسِ ڪَنِّ پَڙاءُ،
ويني چوءِ اَللهُ، "مُون تي مِٽَ نہ موٽِيا!"
(مارئي، ۴ ـ ٦)

(۲۳۰)

ميندِا ڏوءِ نہ مارُئِي، مَحَلين مارُئان ڏارَ،
پايو ميٺُ مَلِيرَ ري، مُنڌَ نہ ويڙهي وارَ،
جا هُتيجَنِ هارَ، سا ڪِينَ وِهَندي ڪوٽَ ۾.
(مارئي، ۴ ـ ۵)

(۲۳۱)

ميندِا ڏوءِ نہ مارُئِي، نہ ڪَلي نہ ڪاءِ:
عُمَرَ جي اِنصافَ جا، ويني واساما ڳاءِ،
هيءَ جا ڪَيءِ هاءِ! سا، مَهَندا! ايندِيءَ مُنهَن ۾!
(مارئي، ۴ ـ ۳)

(۲۳۲)

مينڊو مينهَن پُسايو، سِري ٿيو سيلو،
پَکي پيهي آيو، رَحمَتَ جو ريلو،
ساڄَنُ سَويلو، پيچَ پِنيءَ گهر آيو.
(سارنگ، ۳ ـ ۱۳)

(۲۳۳)

مَيَنِ مَٿي سَمَرا، کُهيَنِ سَڌَ ڪرينِ،
ساٿُ نِباهِيو نِينِ، اِيَ پَرِ سَندي سَڄَڻين.
(سريراڳ، ۴ ـ ۵)

(۲۳۴)

مِينهان ۽ نِينهان، ٻَئِي اَکَرَ هيڪِڙِي،
جي وَسَڻَ جا ويسَ ڪَري، تہ ڪَکَرَ ڪَنِ ڪيهان،
بادَلُ تِي بِيهان، جي آگَمِ اَچَڻَ جا ڪَرِين.
(سارنگ، ۲ ـ ٦)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۲۳۵)

مينهُون هن ميهارَ جي، اَلا! سَپِ بَچَنِ،
وَچُون جي ڪِيرَنِ سين، سَدا تِيُون سُونهَنِ،
مونکي ماٽِڪين، تاٽي هَنيو تارِ ۾.

(سهڻي، ۴ ـ ۱۹)

(۲۳۶)

مينهُون هن ميهارَ جون، اَلا! سَپِ جِيَنِ،
ڪارِيُون، ڪَڪيُون، ڪُنڍِيُون، وارا ڪيو وِينِ،
جُوءِ جا جانارنِ جي، ٻيلا ٻَهَ ٻَهَ ڪَنِ،
اَچي ريلَ رَهَنِ، مون سانپيارا سُپرِين.

(سهڻي، ۴ ـ ۲۰)

(۲۳۷)

ميهاران مِرڪ، پِيتائين پريمَ جي،
تنهن مُنڍَ مَتوالِي ڪِي، سَنڌِيءَ ساءَ سُرِڪَ،
لَڳِيَسِ ڪامَ ڪِرِڪَ، لوهان تِڪِي لَطِيفُ چئي.

(سهڻي، ۴ ـ ۱۶)

(۲۳۸)

ميهاران مَهي، پِيتائِين پريمَ جي،
اُرِڪَ سُرِڪَ، سَيّدُ چئي، لَڳِيَسِ ڏُوٿُ ڏهي،
سَگهي تان نہ سَهِي، مِلِي جان نہ ميهارَ کي.

(سهڻي، ۴ ـ ۱۷)

(۲۳۹)

ميهارُ مَلاحَنِ کي، اُيو آچي اَچَ،
آئُون پڻ وِجهان هَٿڙا، لَئين پڻ وِجهو رَچَ،
سَنڌيءَ ڪُنَ ڪُٽِچَ، مانَ هُونِ سلامت سُپرِين.

(سهڻي، ۷ ـ ۵)

(۲۴۰)

ميهارُ مَلاحَنِ کي، اُيو ڪري سَڏُ،
اَدا! اُنَهين پارَ جا، موڙِي اَچو مَڏُ،
ويا جي وَهَ گَڏُ، هلو تہ ڏوريُون اُنِ کي.

(سهڻي، ۷ ـ ۶)

(۲۴۱)

ميءَ هَٿَ ۾ مَڪُڙي، چامَ هَٿَ ۾ چارُ،
سَچو ڏِينهُن شِڪارُ، ڪِنجُهرَ ۾ ڪالَهہ هو.

(ڪاموڏ، ۲ ـ ۷)

(۲۴۲)

ميَي ماڪائِي، وِڌو واٽُ وَليُنِ کي،
خبَر ٿِي ڪيٿَ ڏٿينِ کي، وِڏوڙا واهِي،
ڪَرهَي ڪاڪَتَ چِڏِي، وريس نہ وائِي،
چانگي چَرِيائِي، ويئِي ويچاري وِسرِي.

(ڪنيات، ۲ ـ ۲۸)

## وائي- ١

ماتامُ اِمامَنِ جو ڪَريو، ماتامُ شَهيدَن جو ڪَريو.
روئي روئي اَکِيُون، رَتَ سين چو نہ پَريو؟
جيڪي اِمامَنِ سين ٿِيو، سو پاڻَ ڏٺيءَ پيدا ڪيو.
(ڪيڏارو، ٦ ــ وائي)

## وائي- ٢

مَٿو مِ ڪنڪارَ، يارَ! ڏاڻَ ڏيندوسَنءِ، مَگٽا!
جاجِڪَ! جُهونا گُتڙَہَ مِ، هَلُ تہ تِيئُون يارَ.
مَٿان ڪا مُنهنجي ڪَرين، گَلا جي گُفتارَ،
مَٿي اُتي مُنهنجي، جي هُون سِرَ هَزارَ،
هَرَ هَرَ وَڍِيان هيڪڙو، تُنهنجيءَ تَندُ تَنوارَ،
لَڄيندي ٿو لاهيان، ڪِينهي مَنجِهہ ڪَپارَ،
اَڏيُون! عَبدُاللّطِيفُ چَئي، لَڳِيَس لَنؤ لَغارَ.
(سورٺ، ٣ ــ وائي)

## وائي- ٣

مَدَتَ ٿِيُ، ميهارَ! يارَ! ساهڙَا! سائرَ سِيرَ مِ.
اُونها ڪُنَ، اَتانگَ تَـڙَ، اولي هَنُ آڏارَ!
ڏِينهَن ڏهلا ڏَمَر سين، آهيانُ اوهان ڏارَ،
بِڄَل بانڊي بارِ ڪَري، اَتِ اَبـتا آرَ،
تَـتي گهڙَي سُهڻي، آڳَہَ رِءَ آڏارَ،
”ڪاري راتِ، ڪَچو گهڙَو“، توڏيءَ ڪي تَنوارَ،
سَنيُوڙو سِيڻاهِ سين، سِگهو رَسُ، سَنگهارَ!
اوراران آهُون ڪَريان، پَهچان شالَ پَرارَ،
سُٽيو جهانءِ جِهجي هنئون، سانيارا سَنيارَ،
آيم ريلِي ريءَ سين، اَللهُ! تو آهارَ،
تارِ تَرَنديس، لُڙَ لَنگهينديس، وينديسِ وَٽِ وَڃارَ،
پُورِينديس پارِ مَٿِي، سَهَسين جي سيسارَ،
گُولِي گهاگهائي گهڙي، جَڪَن ٿا جانارَ.
(سهڻي، ٣ ــ وائي)

## وائي- ٤

مڙِيَنئون موڪَلَ، ڪالَهہ ڪَندا ويا ڪاپڙي.
ڪَڏهِن اُتَرَ سامُهان، ڪَڏهِن ڏُونهين جَهلَ،
چِيري چَندَنَ ڪاٺَ جِئَن، سُورَ ڏِناٺُونمِ سَلَ،
بابُو ڪَن نہ بِڪيا، نَڪا وَلَن وَلَ،
آلا! عَبدُاللّطِيفُ چَئي، اِيندمِ شالَ اَمُلَ.
(رامڪلي، ٧ ــ وائي)

## وائي- ٥

مَعلوُمُ حالُ حَبيبَ! مُون کي دَردُ قَديمِي، ووا!
دَردُ جَديدِي، حُبَّ حَبيبِي.
آلُودِي آزارَ ڪان، تولَءِ تِيَسِ، طَبيبَ!
شادِي ڏِئين صِحَتَ جي، غَمِي لاهِ، غَريبَ!
اَهِڻان تِي آهُون ڪَريان، نَعرو مَنجِهہِ نَصيبَ!
ڪاهِلِ آهيان ڪُوڙي، رَسي لاهِ، رَقِيبَ!
حاذِقُ آهِئين هِنَ جو، اَچِين شالَ، عَجيبَ!
دَوا آهِئين دِلِ جي، پُڄ پُڄ رَهِيَس طَبيبَ،
آلا! عَبدُاللّطِيفَ کي، ڪوڙي لاءِ، قَريبَ!
(سسئي آبري، ٤ ــ وائي)

## وائي- ٦

مَنجِهہ رَهي مَليرَ، هاري! مُون ڪوهُ ڪيو؟
مُون هُتان، مُنهنجا ڏٺي! سَهَسين ٿِيا صَغِيرَ،
پَکي مَنجِهہ پَنوهارَ جي، ڪوڙِيين ڪِيمِ ڪَبيرَ،
تُون ڏِئين، تُون ڏٺي! دِلاسو دِلگِيرَ،
پُڙو لاهِ مَ پاجهہ جو، مُون تان، مُنهنجا پِيرَا!
ٿـڏِيُون وَلِيُون ٿـرَنِ مِ، ڪوڙِين ڪِرڙَ ڪَريرَ.
(مارئي، ٥ ــ وائي)

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## وائي- ۷

مَنڍ پئندي مون،
ساجَنُ سهي سُڃاتو،
پي پيالو عشقَ جو، سيڪي سمجهيو سُون:
پريان سندي پارَ جي، اندر آڳ اَٿُون،
جَنَ ناهي جَڳَ ۾، ڏينهن مڙيئي ڏُون،
اَلا! عبداللطيف چئي، آهين تُون ئي تُون.

(ڪلياڻ، ۲ - وائي)

## وائي- ۸

مُنهنجو ساهُ ويو سيٽان،
آيَلِ! آيَلِ! وهان ڪِئَن پَنيورَ ۾؟
مُون کي ويا نہ وسِري، نينهَن پَريا نيٽان،
سو ڪِئَن هنئَڙو جَهليان، جهجي جو ڪيٽانَ،
مادرِ! پايو مُنديُون، ڪُوڪيان وَرُ ڪيٽانَ،
اَديُون! عَبدُاللطِيفُ چَئي، وَجي مانَ مڙانَ.

(حسيني، ۱۱ - وائي ۱)

## وائي- ۹

مُنهنجو مَنُ، مِيان! واڳيو ويڙيچَن سين،
پاهي پاڪي پَنڙي، پِريَنِ سانُ پيان!
پيرُ نہ ڇڏيان پرينءَ جو، جَان سين تي جيان،
حرفَ لَنئي هيڪڙي، هِتي تان نہ هُتان!
ڪيرُون ڪَنئيرِيَنِ کي، وَجي ڏيہ ڏِيان!
آئُون ڪِئَن لوئي لاهيان، ڪارڻ پِن ڏِينهان؟

(مارئي، ۱۰ - وائي)

## وائي- ۱۰

منهنجُون سيپيئي، آيَل! ماءِ، مَنَ مرادُون پُنيُون.
جهڙي پريان ڳالهڙي، تهڙي ٻي نہ ڪاءِ،
ڪجي تَان ڪوڏُ ٿَئي، سُڃي تان سيباءِ،
ويہُ داتا جي دَرَ تي، شُڪُر جنهن جُڳاءِ،
ڪانهي حَدَ حَمَدَ جي، تہ ڪَريان لالَنَ لاءِ،
ڳَٽيو ڳَٽيان ڪيتريُون، وَڏيُون وَڏاياءِ؟
سو مُون هَتان نہ ٿئي، جيڪي تو جُڳاءِ،
تو سَڃيُون، تو سَنديُون، سِڪَنِ توهين ساءِ،
اُڃَ تنهنجي اُڃيُون، لوچَنِ توهين لاءِ،
دِلِ دانهُنِ ريَ نہ رهي، مون کي مانُ جُڳاءِ.

(سهڻي، ابيات متفرقہ - وائي ۶)

## وائي- ۱۱

مُنهنجو هِنئَڙو سَنگهارَنِ ساري،
هُوءِ جي ويچها رَهَنِ وَسَ ڪي.
آءُ، هَميرا! پيچُ زَنجيرَ، هِئَن نہ سَگهان گهاري،
قَلبُ مُنهنجو ڪوٽ ۾، گهايَلُ تو گهاري،
الاهي عِنايَتَ سين، شالَ ڪينءَ مَران ڪنڪاري!
وَجان شالَ وَطَنَ ڏي، پَرَ پڃاڻي پاري!
مَران شالَ مَلِيرَ ۾، گولَنِ ساڻُ گُذاري!

(مارئي، ۱ - وائي)

## وائي- ۱۲

مُنهنجي حُجَّتَ ناهي واتَ، ڪانهي واتَ،
جِيجان! تن جَتَنِ سين.
ڪاٿيءَ کي ڪانئي ٿي، جيري جي جَراتَ،
ڪَنديَسِ ڪيچ ڏَٿيُنِ لَءِ، لَڪَنِ ۾ لُولاتَ،
تازو پيرُ پُنهونءَ جو، لُڙيو مَنجهہ لُڙاتَ،
آهيمِ آريءَ جامَ جي، اَندَرَ مَنجهہ اُساتَ،
مارِيو ڪيمَ مُنيءَ کي، ڪيچي! ڪاهي ڪَنواتَ،
ڪَٽيو نينَ نهاريان، گوڙهَنِ پَريو ڳاتَ،
سَبَبَ تَنهن سُتِي ويا، جُهوتي ڏِنيَمِ جهاتَ،
ڏَنَمِ ڏُڪويَنِ جاءِ، چِپَرَ ۾ چُونچاتَ،
اَديُون! عَبدُاللطِيفُ چَئي، لَعلَ ڏِناٿِين لاتَ.

(حسيني، ۷ - وائي)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## وائي- ۱۳

مُنهنجي سَيَدُ سارُ لَهندو، مُون کي آهِ اميدَ اَللهَ مِر.
سَجدي پَئِي سُپرينءَ، زاريُون زورِ ڪَريندو،
اُمَتَ ڪارڻ اَحَمَدُ اُت، پَرمَلُ پاڪُ پِنَندو،
صُورَ ڏَڪاءَ ٿِيندو، اَڪيُون سَڀِ سِجُ ڪَڍندو،
ميڙو ٿِيندو مومِنين، اُتِ مُحَمَّدُ ميرُ مَلهندو،
نَفساً نَفسِي سِيڪو ڪَري، داتا دَرِ دوڙندو،
مُهَتُ ڏِيندُسِ مَولو، اُتِ بَدِيُون بَخشائيندو.

*(سارنگ ۱، — وائي)*

## وائي- ۱۴

مُنهَن مَنجهِ خَلِيلُ، اَندرِ آذَرُ آهِئين.
سَڏَ مَ ڪَرِ صِحَتَ جي، اَڃا تُون عَلِيلُ،
نالو ناهِ نِفاقَ جو، جِتي رَبُ جَلِيلُ،
مُنهَن ۾ مُسلمانُ تُون، قَلبُ تان قَلِيلُ،
والِيءَ جي وصالَ ۾، دوئِي ناهِ دَلِيلُ،
اَلا! عَبدُاللَطِيفُ چَئِي، سَچو رَڪائِجُ سِيلُ.

*(آسا ۳، — وائي ۱)*

## وائي- ۱۵

مؤتَ مُنَدَ نَ آهي، تائِبَ ٿِيو تَڪڙا.
”عَجِّلُوا بِالتَوبَۃِ قَبلَ اَلمَوتِ“، ويهُ تُون ويرَمَ لائي،
پِريان ڪارڻ پاڻَ کي، سِگهو ويهُ سَنباهي،
اَجَلُ اَسارَن کي، ڪامَ وَٺِي تُو ڪاهي،
وڏائين وَڏَنَ لَءِ، گُنُ کَهاڙِيءَ پاهي،
عِمارَتُون اَنڌَن جُون، ڊاهيو تُو ڊاهي،
نِبا گهوٽَ گهَرَن ڏي، ڪَنهن وَڏِيءَ ويرَ وَناهي،
اُتي، عَبدُاللَطِيفُ چَئِي، بِنا ڪَفَنَ پَراهي.

*(آسا ۳، — وائي ۲)*

## وائي- ۱۶

مَولو ڪَندو ماڙِ، مُنهنجي اَللهُ ڪَندو ماڙِ.
هادي! ڏِيئي هَٿڙا، اَچِي ڇِڪَڻُ مَنجهان ڇاڙِہ،
ڪِشتي ڪَميڻَن جي، اَللهَ لَڳِ اُڪارِ،
هُو جو ويري واٽَ جو، سو سائِين! نيئي ساڙِ،
ڪَرَمَ ساڻُ ڪَريمَ جي، سَڀِ لَنگهيندا پارِ،
اَلا! عَبدُاللَطِيفُ کي، ڏاتَرَ! ڏِيهَ ڏيکارِ.

*(ٻروو سنڌي ۲، — وائي ۱)*

## وائي- ۱۷

مُون اَنڌيءَ ڏي ايندا، هوتَ سلامَتَ سُپرين.
پَلِيءِ لائي پانهنجي، نِيَّ کي اُتِ نِيندا،
سَڳُ نَ ڪندا سُڪَ سين، سُورَ سَگهِيٽا ٿِيندا،
رَکِي ڳُلَ ڳَلَن تي، نِينهَن نِياپو ڏِيندا،
پَريتِ نِيندا پاڻَ سين، چوري تان نَ ڇَڏِيندا.

*(سسئي آبري ۶، — وائي)*

## وائي- ۱۸

مُون تي وَهَرَ وَري، وارو ڏِيندُم وَلَهو.
تَوکي ساري، سُپرين! آئُون پَوَنديَس ماڳِ مَري،
توکي سَري، سُپرين! اَسان تان نَ سَري،
اَسان تو رِءَ ناهِ ڪا، ڳُجهاندَرَ ڳَري،
اَديُون! عَبدُاللَطِيفُ چَئِي، مُحِبَن مِهرَ ڌَري.

*(ليلا چنيسر ۲، — وائي)*

## وائي- ۱۹

مون پاريچيءَ سارَ، آئُون جا ويندڙي وَتِ وَڃار.
ڏُمُ مَ جاڳِي، لوا! مون پاريچيءَ سارَ.
مونکي ٿَتي ميڙُئين، جِتِ ڪُنڍِن جي قطارَ.
پُرَنِ پيلاڻِ جا، سانپارا سَنپارَ،

وڄُ مَ پوءِ وصالَ کي، سَباجها سَتّارَ!
گھر گھر گِلا جا وَهي، پاڙي پَنڌِ پچارَ،
تاڪِنِ تَڪي آهيان، سِگھو رَسُ، سَهارَ!
(سهڻي، ٨ - وائي)

## وائي - ٢٠

مُون سين هوتَ نہ ڪَندڙا هيئَن،
ماءِ! جامَ نہ ڪَندڙا هئَن، اَلا! مُون نہ ڇَڏِيندا ڇپَرين.
هوتَنِ جي هيڪاندِ ڪي، آئُون رُوئان راتو ڏِينهَن،
چيڙي وڏيسِ ڇپَرين، پاروچاڻي نِينهَن،
لُڪُون لَڳَنِ ڪوسِيُون، ڏاڍا تَپَنِ ڏِينهَن،
مُون کي پرِيُنِ ميڙِئين، رُوجهڙيُون ميڙِئين مِينهَن،
اَلا! عَبدُاللّطِيفُ ڪي، ساجَنُ ميڙ، سَمِيعَ!
(ڏهر، ٣ - وائي)

## وائي - ٢١

مون کي تان جَهلَ مَ پايو،
وو! جيڏِيُون! آئُون هَلندي هوتَ ڏي.
هِيُ جو بارُ پَنهِوَرَ جو، لُوئيءَ تان سَپِ لاهيو،
آهي عاجِزنِ تي، پَسَنَّ سَندو ساعيو،
ڪِينَ وِهَندِيسِ ڪَنڌَ ۾، نہ مون پيُ نہ مايو،
وهاري وَطَنَ ۾، شُهديءَ کي مَ سِڪايو،
ڪُنَلِ ڪَچاڻَنِ ۾، چاڙهي هِيءَ هَلايو،
مُنهنجو پَنڌُ پُنهونءَ ڏي، ريبي تان مَ رَهايو،
اَدِيُون! عَبدُاللّطِيفُ چئي، مؤلا مُحِبَّ مِلايو.
(سسئي آبري، ابيات متفرقہ - وائي ٢)

## وائي - ٢٢

مُون کي ڇپرِ مَ ڇَڏيجا،
پاروچا! پَلَڪَ لَڳِي آهيان.
چورِي چِني آهِيان، نِينهَن نِباهي نيجا،
چورِي ڇَڏي ڇپَرين، ڪيڇي! ڪِيمَ وَڃيجا،
پُنهون مُنهنجو آن سين، سانُ سلامَتَ نيجا،
مُون تان وَڙُ وِڃائيو، اَئِين پنهنجو وَڙُ ڪَريجا،
جو ڳِيَڪو وِيَسُ ڪَري، سِگھڙي سارَ لَهيجا،
آرِياڻِي! عَبدُاللّطِيفُ چئي، مُون تي وَهلو وَرُ ڪَريجا.
(حسيني، ٨ - وائي)

## وائي - ٢٣

مونکي ڪامَ جهلي، سَپَڪا پاڻُ پَلي،
آئون وِڌڙي نِينهَن اُڇَلي.
ويندي آئُون پارِ پريان ڏي، مونکي ڪامَ جهلي،
تَنُ وڏائين تارِ ۾، آديءَ راتِ اُڇَلي،
پَسي ڏُونهيُون دوستَ جون، منهنجو جيُ جَلي.
(سهڻي، ٤ - وائي)

## وائي - ٢٤

مُون کي نِنڊَ نہ نيٽين نيٽين، ڪالهون پوءِ لَڪَنِ ۾.
موٽُ تُون آيَلِ! مُنهنجِي ماءُ! تان تو ڏُکُ نہ ڪيٽين ڪيٽين،
هوءِ نہ نينهِ پاڻَ سين، جا ويندڙي سيٽين سيٽين،
ڪالهوٽِيان اَڄُ گهٽِي، جهورڙي جهيٽين جهيٽين،
بيوُن سَڀُ واڳيُون وَرَن سين، آئُون جا واڳڙي ويٽين ويٽين،
هنئڙو ڏاڙهُونءَ گُلَ جئَن، روئي رَتڙو نيٽين نيٽين،
اَلا! عَبدُاللّطِيفُ چئي، مُحِبَّ اَسان تُون ميڙين ميڙين!
(ڏهر، ٢ - وائي)

## وائي - ٢٥

مون کي نِيندا سانُ، پاروچا پاجهہ پئي، اَلو! اَلو!
ڏيندا مُون ڏُکيءَ کي، اَللہ لَڳِ اهڃانُ،
'لاَتَقنَطُوا مِن رَحمَةِ اللهِ'، پريُنِ چِيو پاڻُ،
'اِنَّ اللهَ يَغفِرُ الذُّنُوبَ جَمِيعًا'، سچو اِيُ پريانُ،
اَدِيُون! عَبدُاللّطِيفُ چئي، اَهڙو آهي اَڳوانُ.
(ڪوهياري، ٣ - وائي)

### وائي- ۲۶

مون ۾ تون موجُود! آئُون آڳاهين آهيان!
آئُون! اَسُونهين آهيان!
آکيُون اَکڙيُنِ کي، سِکيو ڪن سُجُودُ،
تيلانهَ رَسيون بُودَ کي، جيلانهَ ٿيون نابُود،
ماڙهن جي موٽڻَ جو، صاحبَ هٿِ سُجُودُ،
اِن دَرِ سيئي آڳهيا، جن وڃايو وُجُود.
*(سريراڳ، ۱ _ وائي ۲)*

### وائي- ۲۷

مُون ۾ عَيبَ اَپارَ،
آئُون جا طامعَ آهِيان تُنهنجي.
هيڪُ وِڃايَمِ ويسِري، جاٽي سَڀِ جَمارَ،
هِنَ مُنهنجي حالَ جي، توکي سُڌِ، سَتارَ!
جيکي وَهي وُجُودَ ۾، تُون ڄاڻين، ڄاڻڻهارَ!
جيئَن سي گُلَ گُلابَ جا، ڪِرِيا ڪَنڊهارَ!
مون کي سِکَ، سَيِّدُ چَئي، آهي مَدِيني موچارَ.
*(بلاول، ۱ _ وائي ۷)*

### وائي- ۲۸

مُون مَ ڪَسيجاهُ، مُون مَ ڪَٽيجاهُ لوئي، مِيان عُمَرَ!
سانُ پُلاهَ نه پاڙيان، سَندي ڏؤنرن ڏوئي،
ڪانڌُ نه ڪَنديَس ڪو ٻيو، مُون وَرُ مارُو سوئي،
ڪوءِ سي طَعامَ تَيُنِ جا! وَرُ سا ڏؤنرن ڏوئي!
جهانگي جو جهنگَنِ جو، سينُ ڪَميٽيءَ سوئي.
*(مارئي، ۴ _ وائي)*

### وائي- ۲۹

مُون مَنُ ماروءَ جو، ماروءَ جو مُنهنجوءِ، مِيان!
مُنهن مُنهنجو، سُومرا! مَرُ ميرو ٿئي هوءِ،
ڏوتوءِ ڏورارن ۾، مَتان مارُو چوءِ،
لارُون جي لَڙڪَنِ جُون، ڳَٽي وَڃان توءِ.
*(مارئي، ابيات متفرقه _ وائي)*

### وائي- ۳۰

ميندِرا! مُون کي، راڻا! جِمَ وساري ڇڏِئين!
مُون کي طَعنا تُنهنجا، ڏيهُ مِڙوئي ڏِئي،
راڻي تي رِيسَ ڪَٽئي، ڪَرَ سين ڪِلِيمِ جي.
*(مومل راڻو، ۳ _ وائي)*

### وائي- ۳۱

مَيو تُون موٽاءِ، مُون رُندي رات وهاءِ،
سائينءَ ڪارڻ، سُپرين! لا! مَيو تُون موٽاءِ.
گهرَ مَهارا گهوريا، سُرَهو مُون نه سُهاءِ،
ڪاڪِيان وَڃڻُ ڪَڏهين، راڻا! تو نه رِهاءِ،
سَنمِ ساهيڙِيُنِ جا، طَعنا توهين لاءِ،
سوڍا! سُکِياتي ٿيا، پيرُ پَرچي پاءِ،
آسائِتيءَ کي، عَبدُاللطِيفُ چَئي، مؤلا! مُحبُ مِلاءِ.
*(مومل راڻو، ۴ _ وائي)*

# ن

(۱)

نااُميدِي آجڪو، اوڃڻُ آديسيَنِ،
سَدا سُکِ وَسَنِ، طالبَ اُوءِ تقدير تي.
(رامڪلي، ۵ – ۱۷)

(۲)

نااُميدي آجڪو، اوڃڻُ آديسيَنِ،
ڪَڏهين تازيءَ پُٺِ تي، ڪَڏهين هيٺِ هَلَنِ،
ساميڙا سَمُونڊَ ۾، تُنبي جِئن تَرَنِ،
جي واڳوءَ واتِ وَڃَنِ، تہ ڪُسَنِ، ڪُڇَنِ ڪِينَ ڪي.
(رامڪلي، ۵ – ۱۸)

(۳)

نابُوديءَ نيئي، عَبدَ کي اَعليٰ ڪيو،
مُورَتَ ۾ مَخفِي ٿيا، صُورَتَ پڻ سيئي،
ڪَبي اِتِ ڪيهِي؟ ڳالهِ پِريان جي ڳُجهہَ جي.
(آسا، ۱ – ۱۳)

(۴)

ناٿُ جنهين نِنڌِ، تِتِ پڻ نهاريو جوڳِيين،
سي سُويساهيا ڪاپڙي، پُريا پَراهين پَنڌِ،
هُو هُئو هِنَ هَنڌِ، هُنِ هِنگلاجان هَٿَ ڪيو.
(رامڪلي، ۹ – ۲۶)

(۵)

ناٿُ جنهين نِنڌِ، تِتِ نہ نهاريو جوڳِيين،
ڪي ڪُويساهيا ڪاپڙي، پُريا پَراهين پَنڌِ،
هُوَ هِنهين هَنڌِ، تي هُنهئين وِيا هِنگِلاج ڏي.
(رامڪلي، ۹ – ۲۵)

(۶)

نازَ منجهاران نِڪري، جَڏهن پِرين ڪَري ٿو پَنڌُ،
پُوَن پڻ "بِسمِ اَللّٰه" چئي، راهَ چُمي ٿي رَنڌُ،
اُپيُون گهٽي اَدَبَ سين، حُورُون حَيرَتَ هَنڌُ،
سائينءَ جو سَوڳَنڌُ، ساجَنُ سَيِّنئان سُهڻو.
(ابرو سنڌي، ۲ – ۶)

(۷)

ناسِيندي نِرتِ، پهرين ڪج پرين ڏي،
قَمَرَا! ڪَهِج قَرِيبَ کي، ساري سانُ سُرتِ،
پيو پروسو نہ پِتِ، اَکِيُون اوهانجي آسري.
(ڪنيات، ۲ – ۳)

(۸)

ناسِيندي نظرُ، پهرين ڪج پرين ڏي،
قَمَرَا! ڪَهج قَرِيبَ کي، نِستَ ۽ نِبرُ،
پي پيٽي ناهر پَرُ، اَکِيُون اوهان جي آسري.
(ڪنيات، ۲ – ۲)

(۹)

ناسيندي نگاهَ، پهرين ڪَجُ پرين ڏي،
احوالَ عاجزن جا، آکج لَڳِ اللّٰه،
روزُ نِهارين راهَ، اَکيُون اَوهانجي آسري.
(ڪنيات، ۲ – ۱)

(۱۰)

ناسيندي نِهارَ، پهرين ڪج پرين ڏي،
آئُون جي ڏِيَنءِ سَنيها، چئج چَنڊا! اَپارَ،
ساجَنَ! سَڀَ چَمارَ، اَکيُون اوهان جي آسري.
(ڪنيات، ۲ – ۴)

(۱۱)

ناڪُئو نِگهبانُ، مُعَلِمَ مُنجي خَبرُون،
جن ساري ڪنيو سَمنڊَ تي، سَفَرَ جو سامانُ،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لُطفَ سانڻ لَطِيفُ چئي، تن لنگھيو طوفانُ،
سَنياري سُبحانُ، وِجي عادَتئُون اُکتا.
*(سريراڳ، ٣ ـ ١٩)*

(١٢)

نامُرادي نِجُھرو، عَدَمُ اوتارون،
رَضا راڄ سَندون، مُورُ نہ مَڱن ڪي پيو.
*(رامڪلي، ٥ ـ ٢١)*

(١٣)

نانگا نانِيءَ هَليا، چيلهيا چيلھ پَڌن،
ھُو جي هُتِ هَلَن، آئُون نہ جِتَندي اُن ري.
*(رامڪلي، ١ ـ ٣٠)*

(١٤)

نانگا نانِيءَ هَليا، سامي سِپيئي،
وِهَڪَ مُون وِيئي، آئُون نہ جِتَندي اُن ري.
*(رامڪلي، ١ ـ ٢٨)*

(١٥)

نانگا نانِيءَ هَليا، لوڪان ڪَري لِڪَ،
وِيئي مُون وِهَڪَ، آئُون نہ جِتَندي اُن ري.
*(رامڪلي، ١ ـ ٣٣)*

(١٦)

نانگا نانِيءَ هَليا، هاءِ! مُنهنجي حالَ،
ھُو جي ڪَهيا ڪالَ، آئُون نہ جِتَندي اُن ري.
*(رامڪلي، ١ ـ ٣٢)*

(١٧)

نانگا نانِيءَ هَليا، هِنگلاجان هَلي،
ديکي تَن دُوارڪا، مَهيسِيُن مَلهي،
آڳَهُ جن عَلي، آئُون نہ جِتَندي اُن ري.
*(رامڪلي، ١ ـ ٣١)*

(١٨)

نانگا نانيءَ هَليا، ويچارا ويا،
ڪِينَرَ ڪاپَڙِيُن جا، صُبُحَ تان نہ سُئا،
ھُو جي هِتِ هُئا، آئُون نہ جِتَندي اُن ري.
*(رامڪلي، ١ ـ ٢٩)*

(١٩)

نانگَنِ ڪِينَ نَمايو، ناٿُ نَمايو نيڻهَن،
مَتُڙهِنِ اُنا مِينهَن، جوڳِيان سَنديءَ ذاتِ ڪي.
*(رامڪلي، ٦ ـ ٧)*

(٢٠)

ناٿي ناهِ ڪَکوُهُ، ڪي ملھ مهانگو مَنڊُ،
سنباهج، سيڏ چئي، ڪاتَڻ ڪارڻ ڪَنڊُ،
هِيُ تِنِيَن جو هنڊُ، مَتَن پاسِ مَرَن جي.
*(ڪلياڻ، ٢ ـ ٢٢)*

(٢١)

ناهِ جَمعيّتَ جانِ ڪي، پُنهونءَ پُڄاٽا،
سي مُون سيباٽا، جن ساءُ چَکايُم سِڪَ جو.
*(سسئي آبري، ١٠ ـ ١٤)*

(٢٢)

ناهِ جَمعيّتَ جان ڪي، هوتَ پُڄاٽا هاڻِ،
اَللهَ! سيئِي آڻِ، جن ساءُ چَکايُم سِڪَ جو.
*(سسئي آبري، ١٠ ـ ١٢)*

(٢٣)

ناهِ جَمعيّتَ جان ڪي، هوتَ پُڄاٽا هِتِ،
پنهونءَ جي پِرتِ، ساءُ چَکايُم سِڪَ جو.
*(سسئي آبري، ١٠ ـ ١٣)*

(٢٤)

نائين ڏِينهن نيٽانِ، اوجاڳي اُجاريا،
سَباجهي باجهہ ڪَئِي، سُجاڻي سيٽانِ،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جتي نَظَرُ ناٿَ جو، اُتي اوتاران،
اِهي اُهيجاتان، لِکا پِئَن لوڪَ ۾.
(رامڪلي، ۲ _ ۹)

(۲۵)

نہ خبَرَ، نہ خُوابُ، نَڪو اوني آيو:
هُتي جو هِتِ ڪَهين، ڏِنو ڪونَ جَوابُ،
هَميرَنِ حِسابُ، ڪُهُ جاڻان، ڪِئَن ٿيو؟
(مارئي، ۲ _ ۲)

(۲٦)

نِرتي تنَدُ نِيازَ سين، بُرائي بِيجَلَ،
راجا رَتولَنِ ۾، اوناڻي اَمُلَ،
رازُ ڪَيائين راءِ سين، ڪَنهن موچاريءَ مَهَلَ،
”اَنَا اَحْمَدُ بِلاَمِيمِ“، سينَ هَنئي سائِلَ،
ڪَنهن ڪَنهن پيئي ڪَلَ، تہ هَردو ٿِي هيڪُ ٿيا.
(سورٺ، ۲ _ ۴)

(۲۷)

نِرتي تنَدُ نِيازَ سين، بِيجَلَ بُرائي،
راجا رَتولَنِ ۾، وَرنائي وائي،
ڪوناياِئين ڪوٺَ ۾، بارِٿُ باجهائي،
راجا راڳائي، هَردو ٿِي هيڪُ ٿيا.
(سورٺ، ۲ _ ۳)

(۲۸)

نِسورو ٿِي نِينهَن جو، دِلِ ۾ دوڙُ ڏُکاءِ،
آٽي آڳِ عِشقَ جي، باري جانِ جَلاءِ،
جِندا! اِيئَن جُڳاءِ، جِئَن آتشان آبُ ٿئي.
(رامڪلي، ۴ _ ۲۰).

(۲۹)

نِسورِيائي ناهِ جي، دِلِ ۾ دُونهين دُکاءِ،
آٽي آڳِ عِشْقَ جي، لاهُوتي! تَنَ لاءِ،
جِندا! تِئَن جاڳاءِ، جِئَن آتَشِيان آبُ ٿئي.
(رامڪلي، ۹ _ ۱۷)

(۳۰)

نہ سي تَڙَ هوڙاڪَ، نہ وايُون وَڻجارَنِ جون!
سَرتيُون! سامُونڊين جا، اَڄُ پَٽَ چِڪِيمِ چاڪَ،
مارِينِمِ فِراقَ، پاڙيچيُون! پِرينَ جا.
(سامونڊي، ۱ _ ۹)

(۳۱)

نہ سي وَوَڻَ وَٽَنِ ۾، نہ سي ڪاتارِيُون،
پَسِيو بازارِيُون، هِنئَڙو مُون لُوڻَ ٿئي.
(ڪاپائتي، ۱ _ ۲۷)

(۳۲)

نَظَرُ نِزديڪون، سَهي نہ سَگهان ساعَتَ سِيئَن،
پَسَڻُ پَري سَندونِ، آئُون نالي ڳِيڙي نِجهُران.
(آسا، ۴ _ ۳٦)

(۳۳)

نَڪا اِبْتَدا عَبدَ جي، نَڪا اِنتَها،
سي وَڃَنَ ڪي وِيا، جن سُڃاتو سُپِرين.
(آسا، ۱ _ ۸)

(۳۴)

نَڪا بُوءِ بازارِ ۾، نَڪا چُلِرَ چِٽُ،
جِتي ڏُنِيرِيَنِ جي، اَڳِي هُئي اَڪُٽُ،
سي پِڙ پَسِيو پَٽُ، ماڙهُو وَڃَنِ موٽِيا.
(گهاتو، ۱ _ ۱۱)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۳۵)

نہ ڪا تاتِ، نہ تُوتِ ڪا، نہ ڪا تاتِ تَنوارَ،
ڪانھي پِرتِ پَچارَ، لَنؤ ويچاريءَ لَڏيو!

(حسيني، ۱۰ ـ ۲۰)

(۳۶)

نہ ڪاتِيءَ، نہ ڪانھَن، نڪو ڏوھُ قَلَمَ جو،
اَنگُ اُتيئِي لِکيو، جِتِ نہ رَسي پانھَن،
ڪنھن کي ڏيان دانھَن؟ قَضا قَلَمُ وَھائِيو.

(سھڻي، ۹ ـ ۹)

(۳۷)

نَڪا جھَلَ نہ پَلَ، نَڪو راڻُر ڏيہَ ۾،
آٽِيو وِجھَن آھُرين، روڙِيو رتَا گُلَ،
مارُو پانَّ اَملَ، مَليرون مَرڪَٽو.

(مارئي، ۷ ـ ۷)

(۳۸)

نَڪا جھولَ جَھليسِ، نہ تانگھو نہ تارِ ڪي،
ڏمُ ڏِھاڙي ڪيترو، پَرِ ۾ تو پَليسِ،
تان تان جِيُّ جَليسِ، مِلي جان نہ ميھارَ کي.

(سھڻي، ۳ ـ ۱۴)

(۳۹)

نَڪا 'ڪُنْ فَيَڪُونُ' ھُئِي، نَڪا مُورَتَ ماہَ،
نَڪا سُڌِ ثوابَ جِي، نَڪو غَرضُ گُناہَ،
ھيڪائِي ھيڪُ ھُئِي، وَحْدانِيَتَ واہَ،
لَکيائِين، لَطِيفُ چئِي، اُتِ ڳُجھاندَرَ ڳاہَ،
اَکِيِنَ ۽ اَرْواحَ، اُھا ساڃاءِ سُپرِين!

(مارئي، ۱ ـ ۷)

(۴۰)

نَڪا 'ڪُنْ فَيَڪُونُ' ھُئِي، نَڪا ھُونگ، نہ ھون:
سڄڻ انھيءَ ساعت ۾، پيئِي ڏِنو سون،
مُون تَنَ تَڏھانڪُون، مِلِي مُلاقاتَ ڪِي.

(مارئي، ۱ ـ ۵)

(۴۱)

نڪا "ڪُنْ فَيَڪُون" ھُئِي، نڪو لِڱُ لَحَمُ،
بنيو ھو نہ بُتَ ۾، آچا ڪي آدَمُ،
مُون توھين سين سڱُ، اُھا ساڃاءِ، سُپرِين!

(مارئي، ۱ ـ ۲)

(۴۲)

نڪا ھِتِ، نہ ھُتِ، ڪا ڳوريءَ سندي ڳالِ،
ڪِينَ پَھُتِي مالِ، حالِ پَھُتِي ھوتَ کي.

(معذوري، ۲ ـ ۱۳)

(۴۳)

نہ ڪُتا، نہ ڪُوڪارَ، نہ سي سَڌَ شِڪارِيين،
پِٽيو ڪَٽي پارَ، جھنگلُ آھيڙِيُنَ ڪي.

(ڪاھوڙي، ۳ ـ ۱۲)

(۴۴)

نِڪرُ ناہِ ڪُلھي ڪَري، ھو مَ ھُونَدَن جيئَن،
لاھُوتِي، لَطِيفُ چئِي، ھُونَ نہ آديسي اِيئَن،
سي ڪاپَڙي ڪِيئَن، جي ڏارِينِ تَعَلُقُ تَرَ جيترو؟

(رامڪلي، ۳ ـ ۵)

(۴۵)

نِڪرُ ناہِ ڪُلھي ڪَري، ھُوندَن جِئَن مَ ھو،
توکي ويسَ وِڃائِيو، ويسَ وِڃايو تو،
سامي آھي سو، جَنھن پاڻُ وِڃائي پوءِ ڪَيو.

(رامڪلي، ۳ ـ ۴)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۴٦)

نہ ڪَنهن ڄائو ڄامَ ڪي؛ نَڪو ڄامَ وِياءُ،
نَنڍيءَ وَڏيءَ گَندِريءَ، سَپِنِ آهِ سَياءُ،
”لَمْ يَلِدْ وَلَمْ يُولَدْ“، اِيُ نِجابَتَ نِياءُ،
ڪِبرِ ڪِبرِياءُ، تَختُ تَماچِيءَ ڄامَ جو.
(ڪاموڏ، ٢ ـ ١٠)

(۴٧)

نَڪو ايرُ، نہ پيرُ، نَڪو اوڻي آيو؛
مُون وَٽِ آيو ڪونَ ڪو، پاڻُران پَري پيرُ،
ڪِتابَـتُون ڪيرُ، آڻي ڏِيندُمِ اُنِ جُونِ؟
(مارئي، ٢ ـ ١)

(۴٨)

نَڪو ڊيگهہ نہ ويلُ، نَڪو مُنهُن نہ مُهاڙُ ڪا،
اِي اِهوئِي ڪيلُ، ڪُورُ پَروڙي ڪِينَ ڪي.
(آسا، ٣ ـ ٣٦)

(۴٩)

نَڪو سُڪ نَڪَتين، نہ ويساندِ نَئين،
جيڪا اَچِيئي سامُهين، پانئين سا سَنئين!
مُوڙي ڪوهُ مَئين؟ جِنُ سَڄِيُون راتِيُون سُمهين!
(سريراڳ، ٦ ـ ٨)

(٥٠)

نَڪو سَنڌو سُورَ جو، نَڪو سَنڌو سُڪَ،
عَدَدُ ناهِ عِشقَ، پُڄاڻِي پاڻَ لَهي.
(سهڻي، ٩ ـ ١٣)

(٥١)

نَڪو ڪيچُ پَنهورُ، نَڪو مائِٽُ مُنڌَ جو،
هورُ مِڙوئِي هِنَ ڪي، هوتَنِ ڪونهي هورُ،
زارِيءَ ڏاران زورُ، هَلي ڪونَ حَبِيبَ سين.
(ديسي، ۴ ـ ١٨)

(٥٢)

نَڪو ليڪو ئي ٽِپو، نَڪو تَتو ڏِينهُن،
تِهان اوري نِينهُن، چِنو آتَڻَ وارِئين.
(حسيني، ٢ ـ ١٦)

(٥٣)

نَڪي آهيُون ڇُهڙا، نَڪي آهيون چورَ،
هانگاما ۾ هورَ، ڪُتا! ڪَرِئين ڪِن تي؟
(معذوري، ١ ـ ٥)

(٥۴)

نَڪي ٽِيان سَڳَ ۾، نَڪي سَڳِيٽِي،
آهِيان ڪَميٽِي، ذاتِ پَروچِيءَ نہ جُڙان.
(حسيني، ١١ ـ ١٧)

(٥٥)

نَڪي تي جِئان! نَڪي مُئي آهِيان!
ساڄَنَ! ساهُ ڏِيان، توکي سارِيو، سُپِرين!
(حسيني، ٩ ـ ١٨)

(٥٦)

نَڪي رُنَڻَ واريُون، نَڪي اوسارِين،
مُنهِين ڪي مارِين، مُنهِين سَندا ڏُکَڙا.
(حسيني، ٦ ـ ١٩)

(٥٧)

نَڪي طَعامُ تُنبَڙِيِن ۾، نَڪي گَبَرِن،
مُون پڻ مُلان تـِن، حاصُلُ ڪي حالُ ڪَيو.
(حسيني، ٩ ـ ٥٣)

(٥٨)

نہ ڪي ڪَتَّنِ پاڻَ سين، نَڪو ساٿُن پاڻُ،
اَهڙو جن اُهڃاڻُ، آئُون نہ جِتَّندي اُنِ ري.
(رامڪلي، ١ ـ ٣٦)

(٥٩)

نَڪي نَمَنِ ناٿ ڪي، ناٿُ نہ نَمائين،
جاتا ڪَنِ نہ جوڳَ ڪي، جوڳُ نہ جُهارين،
آديسي آٿِينِ، اُهِجاتِيُون اَلماسَ جُوَن.

(رامڪلي، ٦ ـ ٨)

(٦٠)

نہ ڪي هو پانهَڙِيَنِ ۾، نہ ڪي ڳَرِ هُئومِ،
نہ مُوَن، سِينڌِ نہ سُرمو، نہ سِينگارُ ڪيومِ،
تيلانہُ ڪانڌُ سَندومِ، رُڪوئِي رَءِ ڳِڙِي.

(ليلا چنيسر، ١ ـ ١٠)

(٦١)

نہ ڪلَنِ، نہ ڪِينِ ڪِي، نَڪي ڳالهائين،
ڪَنهن جَنهن ۾ آهين، سا پَرِ پَـرُوڙَڻُ ڏاڪَڙو.

(رامڪلي، ٩ ـ ٣٩)

(٦٢)

نَنڍو، تان ڪوهُ؟ پَـرَ وڪين آهي وِترو،
وَجيو ڪاڪِ ڪَنڌِنِ ۾، پَهسَ پَڪيءَ جِتَن پوءِ،
اِنَ ڪُرَ سَندو ڪوءِ، مَيو مانُو نہ ٿِئي.

(مومل راڻو، ٢ ـ ١٣)

(٦٣)

نَنگا آهيُون نِڳِيا، اَسِين مارُو لوڪَ،
ٿَـرَ ڪي پانيُون ٿوڪَ، جو ڏِڪَ ڏاتِيَڙَن جي.

(مارئي، ابيات متفرقہ ـ ٣٢)

(٦٤)

نَنگَرَ جان نہ ڪٿِنِ، وانءُ وَهلي نِڪري،
مَڃُڻ ڏِيہ وجِن، نازِيُون پُوري ناڪِئا.

(ساموندي، ١ ـ ٥)

(٦٥)

نَنگَرَ ۽ نازِيُون، پَڳَہَ ڪٿِي پَنڌ ٿِيا،
بَندَرَ بازارِيُون، سُڃا سامُونڊين ري.

(ساموندي، ١ ـ ٦)

(٦٦)

نَنگَرِئُون نيٿين، مَنُ اولِيءَ نہ اوهري،
سَپاجهين سيٿين، پائي ڳُنَّ ڳِهيو هِنئُون.

(ساموندي، ١ ـ ٧)

(٦٧)

نہ گِندا، نہ گَبَري، نہ ڪَچِين ڪاچوٽي،
سامِيُنِ پاري سُڄَ ۾، بابُنِ باهوٽي،
جوڳِي جَبرُوتي، وَڃائي واٽَ ٿِيا.

(رامڪلي، ٩ ـ ٥)

(٦٨)

نہ گِندا، نہ گَبَري، نہ لانگوٽِي لِڪَ،
جيڏَنهن پِرِينِ وِڪَ، تيڏَنهن صاحِبُ سامُهون.

(رامڪلي، ٩ ـ ٢)

(٦٩)

نہ گِندا، نہ گَبَري، نہ لانگوٽي لِيڙَ،
جيڏَنهن ڪَرِينِ پِيڙَ، تيڏَنهن صاحِبُ سامُهون.

(رامڪلي، ٩ ـ ٣)

(٧٠)

نہ گِندا، نہ گَبَري، نہ لانگوٽي لِينگَ،
پُنگا جِنين پِينگَ، صاحِبُ تِنين سامُهون.

(رامڪلي، ٩ ـ ٤)

(٧١)

نِڳِيا ناسُوتان، مَتِيائُون مَلَڪُوتَ ڏي
جوڳِي جَبرُوتان، وَڃائي واٽَ ٿِيا

(رامڪلي، ٥ ـ ١٥)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۷۲)

نہ مُون ناناٺِيان ڪَٽيو، نڪي ڏاڏاٺِيان،
پِرين جي پاران، مُون سين وَڏائي وَڙ ٿيا.

(سهڻي، ابيات متفرقہ ـ ۱۲)

(۷۳)

نِمي ڪَمِي نهارِ تون، ڏمُر ڏولائو،
ٿِيءَ ساجائو، جي اُپٽين اِنهيءَ پيرَ ٿي.

(يمن ڪلياڻ، ۸ - ۱۲)

(۷۴)

نِمي ڪَمِي نهارِ تون، ڏمُر وڏو ڏُکُ،
منجهان صبرَ سُکُ، جي سنوارئا! سمجهين.

(يمن ڪلياڻ، ۸ - ۱۱)

(۷۵)

نَنڊيان نَفعو ناہ ڪو، وَڏي مَر وِساري،
مَجُوسي ماري، اَڪَبَرَ ڏي اَچيج تُون.

(بلاول، ۳ ـ ۳)

(۷۶)

نہ وارِثُ، نہ وَلهو، نہ سَڱُ، نہ سِياڪو:
تو پُڄاڻا سُپرِين! آيُر اولاڪو،
پانڌِيا! پاراپو، ڏِجان ڊاٺِيءَ ڊولَ کي.

(مومل راڻو، ۲ ـ ۱)

(۷۷)

نہ وَڊي، نہ وِڪِٽي: نہ ڪَٽي ۾ ڪاري،
اُهِجَ سُهجَ ساهِميُون، ڏُريان نہ ڏاري،
سا ئِي پَرِ پاري، جا گهَرِ سَمي جي سَپَجي.

(ڪاموڏ، ۱ ـ ۱۸)

(۷۸)

نہ وَڊي، نہ وِڪِٽي، نہ ماري، نہ ڏاري،
ڪارو وڏائين ڪُوہَ ۾، نِرتُون نِهاري،
سا ئِي پَرِ پاري، جا گهَرِ سَمي جي سَپَجي.

(ڪاموڏ، ۱ ـ ۱۷)

(۷۹)

نُورِيءَ جي نَوازِيو، ٿِيو تَماچِي تي،
گاڏِيءَ چاڙهي گَندِري، ماڙهو ڪَيو مي،
ڪِنجهرِ چوُندا ڪي، تہ سَچُ سَيائِي ڳالهڙي.

(ڪاموڏ، ۲ ـ ۸)

(۸۰)

نُورِيءَ جي نِيازَ جو، عَجَبُ اَجهلُ هوءِ،
سَمو سِرُ سَيِن ۾، مي مُورِچيو سوءِ،
اَچيو اُپِيَنِ پوءِ، حُجَّتَ پَڪِي راڻيين.

(ڪاموڏ، ۱ ـ ۲۱)

(۸۱)

نُوري ءِ نارِي، جوڳِيڙا جَهانَ ۾،
پَري جن پاري، آئُون نہ جِئندي اُن ري.

(رامڪلي، ۱ ـ ۱)

(۸۲)

نَـوَ نيرَ پائي، جان مون هِنئڙو جهليو،
وِيڙو چِنائي، پوئينءَ رات پِرينِ ڏي.

(ڪنيات، ۲ ـ ۳۹)

(۸۳)

نَـوَ نِيرَ، ڏهَ ڏاوَٽِيُون، پَنرهَن پِئڊ پِياسِ،
جڏهن سجڻَ ياد پِياسِ، چِرڪَ چِنائين هيڪڙي.

(ڪنيات، ۲ ـ ۴۰)

(٨٤)

نِھائِينءَ کان نِينھُن، سِکُ مُنھنجا سُپرِين!
سَڙي سارو ڏِينھُن، ٻَھرِ ٻاڦَ نہ نِکري.

(رپ، ٢ ـ ١٥)

(٨٥)

نَئون نِياپو آيو، راتي مُلان راتِ،
لَڌيسُون، لَطِيفُ چئي، کَنان ڏاتَرَ ڏاتِ،
کَھڙي پُڇين ذاتِ؟ جي آيا، سي آڳيا.

(مومل راڻو، ٩ ـ ٥)

(٨٦)

نيرانا ئي نينھَن، نيئي آڇ پِرِيَن کي،
سَتَرِ کاڏا کينھَن، جُ ڏِنو مُنھَن مَحبُوبَ جو.

(آسا، ٢ ـ ٥)

(٨٧)

نِيَرُ نہ لَھي نِينھَن جو، لَہَ جا لَھي ويا،
مارُن ڏاران ماڙِيين، ڏُھلا ڏِينھَن ٿِيا،
ڏيھي ڏُورِ وِيا، ڏِيان ڏوراپا ڪِنِ کي؟

(مارئي، ابيات متفرقہ ـ ٤٣)

(٨٨)

نِيَرُ نہ لھي نِينھَن جو، لَہَ جا ويا لَھي،
کُنجيُون جي قُفُلَنِ جُون، سيٽَن ھَٿِ سَھي،
وِيڙا راجَ رَھي، ڏِيان ڏوراپا ڪِنِ کي؟

(مارئي، ابيات متفرقہ ـ ٤٢)

(٨٩)

نينھَن مَ نالو ڳِنُ، پِريتَتي پِيرَ پِيا،
سُوَرَنِ ساڻُ مَ چِنُ، وِرہُ وھائج وِترو.

(حسيني، ١٢ ـ ٤٦)

(٩٠)

نينھُن نِھائينءَ جان، ڏِٺيو ڪوہُ نہ ڏِڪِئين؟
جَرَ جيري چَڏِي، تہ ڪِئَن پَچَندا ٿانءَ؟
سَندِي کُنڀاران، ڪَنِ ڪَريجا ڳالَھڙِي.

(رپ، ٢ ـ ١٣)

(٩١)

نينھُن نِھائينءَ جِئَن، ڏِٺيو ڪوہُ نہ ڏِڪِئين؟
جَرَ جيري چَڏِي، تہ رَڃَ پَچَندا ڪِئَن؟
تُون پڻ ڪَريج تِئَن، جِئَن کُنڀارَ ڪَرِن ڪَمَ سين.

(رپ، ٢ ـ ١٤)

(٩٢)

نينھَن جي نِھارِين، سي اَڄُ نہ اوٺي آئِيا،
ھَنجُوَن نہ ھارِين، پاٽي پُنھُوَنءَ جامَ ري.

(ڏھر، ٢ ـ ١٢)

(٩٣)

نينھَن سَقيلا سُپرين، پَنُورَ پِرُون پالا،
چِڪيا ڦَٽَ فِراقَ جا، اَندَرَ ھِ آلا،
سو يارُ ميڙائين پالا! جَنھنجيءَ صُحبَتَ ڪاڻِ سِڪي ھِنئُون.

(بروو سنڌي، ٢ ـ ٩)

(٩٤)

نينھَن نہ نِندُون ڪَنِ، پَگو آرِسُ اَکِيين،
اُجھامِيو پَرَنِ، توکي سارِيو، سُپرِين!

(رپ، ٢ ـ ٥)

(٩٥)

نينھَن نِھاري مُنھنجا، رَتُ ٿِيا روئي،
ڏُکَنِ جي ڏوئي، آھي ھَٿِ اَسُونھَن جي.

(ڏھر، ٢ ـ ١٥)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٩٦)

نينَ نِهاري مُنهنجا، روئي ٿيا رَتُ،
پُنهونءَ هوءِ پهَتُ، تہ پاري نيڻن پاڻَ سين.

*(ڏهر، ٢ _ ١٣)*

(٩٧)

نينَ نِهاري مُنهنجا، روئي رَتُ ٿيا،
جي هتان هوتَ وِيا، سي اَچن تان آجي ٿيان.

*(ڏهر، ٢ _ ١٤)*

(٩٨)

نينَ نِهائينءَ جان، سُتي لوڪَ ڏِکيان،
اُجهاميو ٻَران، توکي ساريو، سُپرين!

*(رپ، ٢ _ ١٦)*

(٩٩)

نيڻين نَظَرَ نينهَن، جَڙُون جِتِ جَڙن،
ساهُ اُنين تان صَدِقو، اَندَرُ سين عُضُبَن،
لاهي تَنَ، لَطِيفُ چَئي، اَنگَ پڻ آڇجَن،
قَلبُ قُرباني ڪريان، مَتان دِلِ دوسَن،
هِنئين ۽ اَکِيُن، ڦاهي ڪاڏي پرينءَ لَءِ.

*(آسا، ٣ _ ١٠)*

(١٠٠)

نَيو ٻَڌِيو روءِ: اَگڻ جهوڪيو ڪَرهو،
ڪو چنيسَرَ چوءِ: تہ ليلا وَڃي لَڏيو.

*(ليلا چنيسر، ١ _ ١٨)*

## وائي- ١

نهين نهين ميڏي وَس، ووا! بنا دِلبَرَ هِيءَ دل ماندي.
سِڪان تي سَنگهارَ ڪي، باب نہ منهنجي بَسِ،
مون کي مَتِ ميهارَ جي، ڪانَ اَچي ٻي ڪَسِ،
دَردَ دَسي آهيان، دَردُ مُهين جو دَسِ،
سُکُ نہ پُڇي سُهٽي، ڏُکُ ڏُکيءَ کي ڏَسِ.

*(سهڻي، ابيات متفرقہ _ وائي ٣)*

## وائي- ٢

نيئي نيئي ڏيج،
اي اَدا! آدا! ساٿي! پرينءَ سَنيهو.
پيرين وجهي هَٿڙا، زاريُون زورِ ڪريج،
ڪالهہ ڪُوماٽا گلڙا، سُڪا مَٿي سيجَ،
تو لَءِ هَنجُون هاريان، هي جي مَنجهان هيجَ،
جِتَن تو پيرو نہ ڪيو، تِتَن ماءَ مُئي سُٽيج،
نماٽيءَ جي نِجُهري، پيهي تُون پُڇيج،
اَهُڪيءَ، عَبدُاللطِيفُ چَئي، اَچي آڌَرَ ڏيج.

*(مومل راڻو، ٦ _ وائي)*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# و

(١)

واجَٿَ ويراڳِيُنِ جا، مون وَٽِ وَڏو مالُ،
مَقالان مَهَندِ ٿيا، ڪونهي وَٽِنِ قالُ،
حاصُلُ جنين حالُ، آئُون نہ جِئَندِي اُنِ ري.
(رامڪلي، ١ ـ ٩)

(٢)

واجَٿَ ويراڳِيُنِ جا، مون وَٽِ وَڏي وَٿُ،
سونُ سَپوئِي سِڱيُون، پَسي ڪِينَ مَ ڪَٿُ،
ويساهي ويلَ ڪَنهين، پُورَبِ ويندو پَٿُ،
هَلُ! ڪَنيائون هَٿُ، آئُون نہ جِئَندِي اُنِ ري.
(رامڪلي، ١ ـ ٨)

(٣)

واجهائي وَطَنَ کي، آئُون جي هِتِ مُياسِ،
گورَ مُنهنجِي، سومِرا! ڪَج پَنوَهارَنِ پاسِ،
ڏِج ڏاڏاڻي ڏيہَ جي، مَنجهان وَلَڙيُنِ واسِ،
مُيائِي جِياسِ، جي وَڃي مَڙهُ مَلِيرَ ڏي.
(مارئي، ٦ ـ ١٤)

(٤)

واجهائي وَطَنَ کي، ساري ڏِيان ساهُ،
بُتُ مُنهنجو بَندَ ۾، قَيدِ مَ ڪَريجاهُ،
پَرَڏيهِياڻي پِرينءَ ري، ڏارَ مَ ڏريجاهُ،
ٿَڌِي وَسائِجانءِ ٿَرَنِ جِي، مِٽِي مُئِيءَ مَٿاهُ،
جي پويون ٿِئي پَساهُ، تہ نِجانءِ مَڙهُ مَلِيرَ ڏي.
(مارئي، ٦ ـ ١٢)

(٥)

واجهائي وَطَنَ کي، ساري ڏِيان ساهُ،
هِيُ سِرُ سانڍيہَ سامُهون، مُنهِنجو نِج مِيان!
مُقامِياڻِي مارُئِين، وَڃِي ٿَرِ ٿِيان!
مُيائِي جِيان، جي وَڃِي مڙهُ مَلِيرَ ڏي.
(مارئي، ٦ ـ ١٣)

(٦)

وارو! مُون وَٽاهُ! ڪا سُڌِ سُونهَپَ جي نہ ڏيو؟
اِيَ اِهائي ڳالهڙي، شَجَرَ! سُٽيجاهُ،
چوتيءَ چاڙيجاهُ، تہ مُوڙهيءَ ڪو مُنهُن ٿئي.
(معذوري، ٣ ـ ٧)

(٧)

وارو! مُون وَٽَراهِ! ڪا سُڌِ سُونهَپَ جِي نہ ڏيو؟
وِجهي وَراڪَنِ ۾، مَعذُورِ کي مَ مُنجهاءِ،
مَنجهان پانَ پيادِيُون، هادِي ٿِي هَلاءِ،
پِرِيان کي پَهُچاءِ، تہ لَڳِي لوتو نہ ٿِئين.
(معذوري، ٣ ـ ٨)

(٨)

وارو! مُون وَٽِڪارَ! ڪا سُڌِ سُونهَپَ جي نہ ڏيو؟
آهي اَسُونهِيُنِ جي، مَٿي تو مَيارَ،
وِڙهيا ويراڳِڻِ سين، لَڪَنِ جا لِيارَ،
ڪَريان ٿي ڪُوارَ، ڪَنڊَنِ ڪانڊيرَنِ جي.
(معذوري، ٣ ـ ٩)

(٩)

وارو! وَڃَنِ تا، سيڻَ تُنهنجا، سَسُئي!
هَٿڙا پاروچا، ڪِينَ لَهَندِينءَ کي ٻِيا.
(حسيني، ٨ ـ ٩)

(١٠)

وارو! وَرُ وَٽِي وِيا، آريچا اَڳلامَ
آندائُون آرِيءَ جا، پُنهونءَ ڏي پيغامَ
پَہُ ڪيائُون پانَ ۾، مُنهان مخفِي مامَ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سَنيپُورا ساٿُ ڪَٽِي، ويساهي وَرِيامَ،
ڪاڪِيُونِ! راتِ قِيامَ، جيڏِيُونِ! جَتَ ڪَري وِيا!
(ديسي، ٤ ــ ١)

(١١)

وارو! وَرُ وَني وِيا، جابرَ ڪَري جورِ،
بيدي ٿيو پَنيورُ، حَشَرُ ڪَري هَليا!
(ديسي، ٤ ــ ٢)

(١٢)

وارو! وَرُ وَني وِيا، جوري سين جابرَ،
صَبُرُ ڪَئَن صابِرَ، اَچي عَجيبَن ري؟
(ديسي، ٤ ــ ٥)

(١٣)

وارو! وَرُ وَني وِيا، ڏاڙهِيءَ پَنيا ڏيرَ،
ڏيندِيَس ڏاڍِين ڏُونگرين، اُنين لَءِ اُلِيرَ،
ڪيچِ پهچي ڪيرَ؟ وِجنَ سين وَسَ ڪَرِيان.
(ديسي، ٤ ــ ٦)

(١٤)

وارو! وَرُ وَني وِيا، ڏيرَ ڪَري ڏورو،
ساڃَنِ رِءَ، سَرتِيُونِ! آتَڻُ آڌورو،
نِيَ سين نِسورو، حَشَرُ ڪَري هَليا!
(ديسي، ٤ ــ ٤)

(١٥)

وارو! وَرُ وَني وِيا، ڪَري ڏيرَ ڏَمَرُ،
هاٿي ٿيو حَشَرُ، پُنا قَولَ قِيامَ جا!
(ديسي، ٤ ــ ٣)

(١٦)

وارو! ويراڳِيُنِ کي، ويلَ مَ وساريج،
قَدَمَ ڪاپَڙِيُنِ جا، لِيلائي لَهيج،
پيرَتَ پَسِيو پَٽَ جي، وَڃَڻَ کي وَڃيج،
راتو ڏِينهَن رِڙهيج، آئُون نہ جِتَندِي اُن ري.
(رامڪلي، ١ ــ ٦)

(١٧)

واري، وَرائي: تو پنهنجا نہ ڪَيا؟
پوري! رَنجائي، هُوندَ نہ پيئِينءَ هيتِري.
(حسيني، ٨ ــ ١٠)

(١٨)

واقِف نہ وَٽِڪارَ جي، اَڳُ نہ ڏِيهُ ڏِٺومِ،
ڏُونگَرَ ڏوراپَن سين، ڪاتيءَ رِءَ ڪُٺومِ،
جيلان مُحبُ منومِ، تي چُلون ڪَريان چِپَرِين.
(سسئي آبري، ٢ ــ ٥)

(١٩)

واقِفِ نہ وَٽِڪارَ جي، باري سُڃَن بَرَ،
وَرُ، وَسِيلا! سُپِرِين! تَڪِيَسِ ڏوري ٿَرَ،
لَهِج، لَعَلُ! لَطِيفُ چئي، ڪانڌا! مُئِيءَ جِي ڪَرَ،
وِلهِي ڪري، وَرَا! مَچُڻِ مارَڳِ چِڏِئين.
(سسئي آبري، ٢ ــ ٤)

(٢٠)

واقُفُ نہ وَٽِڪارَ جي، پاٽي ڪَنيُمِ نہ پاءُ،
جَبَلُ جِلدايُون ڪري، تِڪَ ڏِيڪاري تاءُ،
لَڳِي لُڪَ، لَطِيفُ چئي، مَعذُورِن مَٿاءُ،
اُتي اوڏو آءُ، جِتِ، هوت! هيڪلي آهيان.
(سسئي آبري، ٢ ــ ٦)

(٢١)

واقُفُ نہ وَٽِڪارَ جي، جِتِ جَبَلُ جوراٽو،
اُتي عَبدُاللطِيفُ چئي، سُڃي سَفَرُ سَنَاٽو،
پَهريون ئي پاٽو، سَوَلو ڪَرِئين ساٿَ جو.
(سسئي آبري، ٢ ــ ٧)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۲۲)

واڪو هَڏِ مَ لاهِ، سَڏَن مَٿي سَڏڙا،
مانَ تُنهنجِي ڪاءِ، سَگَرَ ۾ سارَ ٿِئي!

(حسيني، ۱۰ ـ ۳)

(۲۳)

واڪِيو واڪِيو وِڪَ، پاپوهِيو پيرُ ڪـٽَي،
سي نـ چـَڙهندِيُون ڏِڪَ، موڙي پيرُ، مَـرَنِ جي.

(حسيني، ۱۰ ـ ۱)

(۲۴)

وانُـئـٽِيُون ٿيُون وَرڪَنِ، اَجا سِڙه نـ پَڏرا،
سيئي ٿِيون مَرڪَنِ، جنِين سَندا آئيا.

(سامونڊي، ۲ ـ ۲۰)

(۲۵)

وانءُ وِجي وائُـٽِ، هِنئڙا! ماڳُ پِرِيُنِ جو،
چُمِيو چُرُ چائُـٽِ: هوءَ جا سَندي سَجَـٽِين.

(سامونڊي، ۱ ـ ۳۴)

(۲۶)

واهُـڙَ! پِرَيُون مَ پاءِ، تو پڻ ليکو ڏيـٽو،
سَدا سانَونَ ڏِينهَڙا، هِئَن نـ هُونداءِ،
وِهاٽِيءَ وينداءِ، اويَـرَ اُتاهان لَهي.

(سهڻي، ۳ ـ ۱۹)

(۲۷)

واهُڙَ وَهَنِ نَوان، اَجا وَهُ اَڳِي ٿـيو،
گهَرِ وينِيون گهَٽا ڪريو، سَرَتِيُون! سَڱ سَنوان،
صُورَتَ جا ساهَـڙَ جِي، سا جي ڏِنِي آن،
هُونڌَ نـ پَليو مان، گهِـڙو سپ گهَڙا ڪٽي.

(سهڻي، ۱ ـ ۳)

(۲۸)

واهُڙَ! وَهِين مَ شالَ، سُڪي ٻِيلاٽِيُون ٿِئين!
پَسان تُنهنجي پيٽَ ۾، لاٽا، لُوٽَ، لِيارَ،
جنْهن تو سَپ ڄمارَ، آسائِـٽِيُون ٻوڙِيُون.

(سهڻي، ۳ ـ ۲۰)

(۲۹)

واهُندان وِڃُون ٿِيُون، ڪِـڙِيُون ڏنهن ڪَنِياتَ،
ڪُنڍِيُون ڪاهي گَسِ ڪَرِيو، وَڃُون ڪَرِيو واٽَ،
سَنگهارَن سُڪُ ٿِيو، لَٿي اُڄُ اُساٽَ،
جُهڙُ ڦُـڙُ ڏيئِي جهاٽَ، پُسائِيندِيُون پَٽِيُون.

(سارنگ، ۴ ـ ۲)

(۳۰)

واءَ! وِجاءِ مَ سو، پُنِيءَ جنهن پَنڌُ ڪريان،
ڇَـتا! ڇِپَرِ پرِينءَ جو، پيرُ پَرِنِيان تو،
بَرِ بورائو جَو: سو لَڳِي مَتان لَٽِئين!

(سسئي آبري، ۹ ـ ۳)

(۳۱)

واءَ وِجايُمِ ڪالَ، پُنِيءَ جنهن پَنڌُ ڪَرِيان،
وِجڻُ مُون وانٽي پيو، هوتَنِ ڪارَڻِ حالَ،
جَبَلُ ڏورِيان جالَ، ڪارَڻِ پيرَ پُنهونءَ جي.

(سسئي آبري، ۹ ـ ۴)

(۳۲)

وائي واري وِنگڙِي، ٻولي ٻِي نـ ڪَنِ،
اَلا! ڪيڄَ ڏَٽِيَنِ، مُون سين پوءِ مَ مامِرو!

(حسيني، ۸ ـ ۱۵)

(۳۳)

وٽُ وِيمي جوجي لَهين، تـ ٻِي ڪارِ نـ ڪَرئِين ڪا،
سا پَرُوڙِج ڳالهڙِي، وَٽجارَن وٽان،
موتِي جن هَٽان، آنڍءِ گهٽي اَدَبَ سين.

(سريراڳ، ۴ ـ ۶)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۳۴)

وَتِ سوريندي، وَلَھا! ويو تيلُ ٻري،
موٽُ، مُسافِرَ سُپرين! چانگي تي چڙھي،
راتي لاءِ رَڙي، ويئي وِھامي راتڙي.
*(مومل راڻو، ۴ ـ ۴)*

(۳۵)

وَتـِن وينِي آھيان، ڏِسيو ڪِينَ ڏِسانِ،
جَنھن جھوئي ناه ڪي، سا ڪا سُونھن سَندِيانَ،
پَسِيو ڪِينَ پَسانِ، آئُون نہ جِتَندي اُن ري.
*(رامڪلي، ۱ ـ ۲۴)*

(۳۶)

وَتَ وَتَ وتِيءِ مِر، مَتَ مَتَ مَنڊُ پيو،
قدر ڪيفَ ڪلال جو، پياڪَن پيو،
اَچن دُرسُ دڪان تي، ڪَنڌ قبول ڪيو،
سُرھا سِرُ ڏيو، چکن سُرڪ سيڌُ چئي.
*(يمن ڪلياڻ، ۴ ـ ۲۱)*

(۳۷)

وَتي سيٺَ سُوتَ، پاءِ پنھنجي ڪَرھي،
وَليُون واسَ وَرَنيُون، پهريُون مَٽي پَٽَ،
چانگي چَکي چَٽَ، تہ پوءِ نہ رھندو پٺد ري.
*(ڪنيات، ۲ ـ ۳۰)*

(۳۸)

وَنيِيو وَجِج واٽَ، ڪَنڌُ مَ قِيرج ڪيڏھين،
لوٽي قِيرَ لِپاٽَ، لَگَندِيءِ، لَطِيفُ چئي.
*(مومل راڻو، ۵ ـ ۲)*

(۳۹)

وَجائي واٽَ ٿيا، جوڳي جُڳائي،
هُئا جي ھاٽي، آئُون نہ جِتَندي اُن ري.
*(رامڪلي، ۱ ـ ۴۲)*

(۴۰)

وچڙيِن ويسَ ڪَيا، موتي آئي مُندَ،
آڪِيُون اَباڻَن ڏي، بَس نہ ڪَرن بُندَ،
هيئَن نہ ٿِيَس هُندَ، جي ڪَرَ لَڏائُون ڪَڏھين.
*(مارئي، ابيات متفرقہ ـ ۲۲)*

(۴۱)

وچُون وَسَنَ آئِيُون، سارَنگُ سِينگاري،
اُڃيا لَڪَّ، لَطِيفُ چئي، پَلَرَ پياري،
وِڇُڙيِن واري، ڪَٽي ڪعبي تي ڪَرَ نائيا.
*(سارنگ، ۱ ـ ۱۸)*

(۴۲)

وجھ واتاڙُن تي، ميخاني جي ماڪَ،
ٿيندي سُڌ سيڪنھين، هنڌ هنڌ پوندي ھاڪَ،
پرھ جا پياڪَ، جُہ سي اَڳُڻ آئيا.
*(يمن ڪلياڻ، ۴ ـ ۱۱)*

(۴۳)

وجھُ وَڏندي وڪَ، مَچُڻ لِڪَ لَڪائِيين،
ڏُکُ تنين کي ڏِکَ، حُبَّ جنِين کي هوتَ جو.
*(حسيني، ۱۰ ـ ۲)*

(۴۴)

وجان ڪِينَ وَري، هُونَدَ رِءَ چئي رَهِي رَهان،
ڏُونھينءَ پاسي دوسَ جي، ماڳُهين پَٽان مَري،
صُورَتَ نہ سُنھن ڪا، ڪَيَس چِتَ چَرِي،
وصالان فِراقَ جي، سُڄي ڳالھ ڳِري،
تيلاھين تَري، مُنھن ڳِنيو موتيو وجان.
*(سھڻي، ۹ ـ ۲)*

(۴۵)

وَجَن مَ وينجهارَ! پاٽيتَ جي پَرَڪٽا،
ڪَنيرُ پايو آڪئين، لَهَن سيڪنھن سارَ،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موتيءَ جي مِزاجَ جو، قَدرُ مَنجهه ڪِنارَ،
صَرافَنِئُون ڏارَ، ماڻڪَ مُلاحظو ٿئي!
(سريراڳ، ٤ _ ١٣)

(٤٦)

وَڃَڻُ تو واري، پُرَنُ پُنهونءَ پَٽَ ۾،
ڪَرَهَ ڪوهياري، سُتي تو سَڀِ وِيا.
(حسيني، ١٢ _ ٣٥)

(٤٧)

وَجو سَڀِ موتي، اَئين جي وَرَن واريُون،
ڪانَ هَلندي ڪيچَ ڏي، ڪَريو مَ ڪوتي،
ڪَڍيَمِ ڪاچوتي، وِڌمِ جوڳُ جتَنِ لَءِ.
(سسئي آبري، ٤ _ ٩)

(٤٨)

وجو سَڀِ وَري، اَئين جي وَرَن واريُون،
قوڙائي فِراقَ جي، سُڃي ڳالهہِ ڳَري،
ٻُنيان جنِ ٻَري، ڏُونگَرَ سي ڏُورِينديُون.
(سسئي آبري، ٤ _ ٨)

(٤٩)

وَجي رَسُ وَڃَڻَ ڪي، وَڃَڻُ پڻ وڃاءِ،
لوڪان پاڻُ لِڪاءِ، لِڪان پڻ لِڪيج تُون.
(آسا، ٤ _ ٥)

(٥٠)

وَڃين چو وَڻڪارِ؟ هتِ نہ ڳوليئين هوتَ ڪي،
لِڪو ڪِينَ، لَطِيفُ چئي، ٻاروچو ٻئي پارِ،
ٿِيُ سَتِي، ٻَڌُ سَندرو، پرتِ پُنهونءَ سين پارِ،
نائي نيڻَ نِهارِ، تو ۾ ديرو دوستَ جو.
(سسئي آبري، ٣ _ ٩)

(٥١)

وَڃين نہ پيهي، پٿنِ لَءِ پاتارَ ۾؟
ڪَنڌِيءَ ۾ ڪيهي، هاجَ تُنهنجي هَنجَڙا؟
(ڪارايل، ١ _ ٤)

(٥٢)

وڃيئي وِسري شال! جو تون سودو سِکيو،
اَجا آئين ڪالَ، پڻ تو سَفرِ سَنبهين!
(سامونڊي، ١ _ ١٩)

(٥٣)

وڃينءَ جان ويهي، جَرَ پلؤ پائيان،
"تَڙ پيڙا! گهرِ سُپرين!" اوسَہ اِيَ پيئي،
جئن وَڻجارو سيڻ وَڪَرين، سَرها سِيپئي،
حُرمَتَ ساڻُ حَبيبَ جي، سُونگيا نہ سيئي،
پاڻهين اُوءِ پيهي، ڪَنڌَ ڪيڙائُو آئيا.
(سريراڳ، ٥ _ ١٢)

(٥٤)

وڃينءَ وينا رَهَنِ، سانجهيءَ رَهَن سُمهي،
ٻُڪَ مَرَندي ٻِڪيا، ڪَنهن ڪان ڪِينَ گهُرَنِ،
پيٽَ نہ هيريائُون پانهنجا، چوريَ ساڻُ چَسَنِ،
ڦَڪِي فَقيرَنِ، ماڳيان پِني ماڻَ جِي.
(رامڪلي، ٧ _ ٨)

(٥٥)

وڃينءَ وينا هُونَ، سانجهيءَ رَهَنِ سُمهي،
مَهيسي مُنهُن پانهنجو، ڏاران ڏوڙ نہ ڏُونَ،
وهاٽيءَ واڻَنِ تي، پاسا ڪوڙيو پُونَ،
ڪَنهنڪي لِڱَن نہ چُونَ، تہ آسين آديسي آهيُون.
(رامڪلي، ٧ _ ٧)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٥٦)

وچينءَ ويراڳين جي، مٿي ڪٽچ ڪُوڪَ،
مُحبّتي مَلوڪَ، ساڙي سِڪَ سَنا ڪيا.

(پورب، ۲ ـ ۳)

(٥٧)

وَچِن سين ويٺي، سُورَ وِياچي سُهٽي،
آن ڪا تي ڏيٺي، مينهُنِ جي ميهارَ سين؟

(سهڻي، ۴ ـ ۱۲)

(٥٨)

وحدتان ڪثرت ٿي، ڪثرت وحدت ڪُلّ؛
حق حقيقي هيڪڙو، بوليءَ ٻيءَ مَ ڀُلّ؛
هو هُلاچو هُلّ، باالله سَندو سڄڻين.

(ڪلياڻ، ۱ ـ ۱۵)

(٥٩)

وَحدَہٗ جي وِديا، اِلّاالله آڏ ڪيا،
مُحَمَّدُ رَسُولُ چئي، مسلمان ٿيا،
عاشق، عبداللّطيف چئي، اِنهين پَہِ پيا،
تيلان ڏٺيءَ ڏٺا، جيلان ويا وحدت ڳڏجي.

(ڪلياڻ، ۱ ـ ۸)

(٦٠)

وَحدَہٗ جي وِديا، اِلّاالله سين اورين،
هِنيُون حقيقت ڳَڏيو، طريقت تورين،
معرفت جي ماڻ سين، ڏيساندَر ڏورين،
شَڪ نہ سُتا ڪَڏهين، ويهي نہ ووڙين،
ڪُلَهِنئُون ڪورينِ، عاشِق، عبداللّطيف چئي.

(ڪلياڻ، ۱ ـ ۷)

(٦١)

وَحدَہٗ جي وَديا، ڪيا اَلّاالله آڏ،
سي ڏڙ پَسي سَڏ، ڪنهن اَياڳيءَ نہ ٿئي.

(ڪلياڻ، ۱ ـ ۹)

(٦٢)

وَحدَہٗ لاشَرِيڪَ لَہٗ، اِهو وهائج وِيُ،
ڪَٿين جي هارئين، هنڌ تُنهنجو هِيُ،
پاٽان چونڊءِ، پِيُ، پِري جام جَنّت جو.

(ڪلياڻ، ۱ ـ ۱۱)

(٦٣)

وَحدَہٗ لاشَرِيڪَ لَہٗ، اِئُ هيڪڙائِيءَ حَقُ،
ٻيائِيءَ ڪي ٻَڪُ، جن وِڌو، سي وِرسيا.

(ڪلياڻ، ۱ ـ ۱۲)

(٦٤)

وَحدَہٗ لاشَرِيڪَ لَہٗ، ٻُڌءِ نہ ٻوڙا،
ڪِ تو ڪَنين نہ سُئا، جي ڳَهٽَ اَندر گهوڙا،
ڳاڙيندين ڳوڙها، جت شاهد ٿيندءِ سامُهان.

(ڪلياڻ، ۱ ـ ۱۰)

(٦٥)

وحدَہٗ لا شَرِيڪَ لَہٗ، جان تو چئين اِيئن،
تان مَڃ مُحَمَّدُ ڪارَڻي، نِرتُون منجهان نينهَن،
تان تون وڃيو ڪِيئَن، نائين سِرُ ٻين کي؟

(ڪلياڻ، ۱ ـ ۲)

(٦٦)

وَحدَہٗ لاشَرِيڪَ لَہٗ، جڏهن چيو جن،
تن مڃيو مُحَمَّدُ ڪارَڻي، هيجان ساڻ هِنيَن،
تڏهن منجهان تن، اَوَتَرُ ڪونہ اوليو.

(ڪلياڻ، ۱ ـ ۳)

(٦٧)

وحدَہٗ لاشَرِيڪَ لَہٗ، جن اُتوسين ايمانَ،
تن مڃيو مُحَمَّدُ ڪارَڻي، قَلبَ ساڻُ لِسانَ،
اُوءِ فائِقَ ۾ فرمانَ، اَوَتَرُ ڪنهن نہ اوليا.

(ڪلياڻ، ۱ ـ ۴)

(٦٨)

وَحدَہٗ وائِي، چَڙهندي چِيائين،
سو لُڙ لنگهيائين، جِتي پارڪ پَکيان.

(ڪارايل، ١ ـ ١)

(٦٩)

وَڏو ڪيمَ وَٽاهُ! اُونچا ڏُونگرا! مَ ٿيو.
تِمو مَ نيٽاهُ! تہ پيرُ نِهاريان پِرينءَ جو.

(معذوري، ٣ ـ ٦)

(٧٠)

وَڏا وَنَّ وِٽڪارَ جا، جِتِ جائُو جُمَرَ جَرَ،
ڪوسا تَپِن ڪَڪرا، ٻي دَمِ دَمِ تَپي ڏَرَ،
ويچاري ڏئي وَرَ، پيرُ نہ لَهي پِرينءَ جو.

(سسئي آبري، ٢ ـ ٨)

(٧١)

وَڏا وَنَّ وَٽڪارَ جا، جِتِ نانگَ سُڄَنِ نيلا،
اُتي عَبدُاللطيفُ چئي، ڪيا هيڪلِيُن حيلا،
جِتِ ڪُڙمَ نہ قبيلا، اُتِ رَسج، رَهبرَا! راهَ ۾.

(سسئي آبري، ٢ ـ ٩)

(٧٢)

وَڏ ڦُڙو ۽ واءُ، ڪَرَهي ڪاڏو ڪوڙيو،
ڪوءِ! ٻَنِ! ٻلاٽيان! اولاٽيو نہ اُٽيي.

(ڪنيات، ٢ ـ ١١)

(٧٣)

وَڏو طالعُ تو، جڻَن لَڱينءَ پيرِ پُنهونءَ جي،
سَسُئي! اِن سُتُونَ ڪي، رويو رويو رو،
ويني هِتِ مَ هو، هَلِين تہ هوتُ لَهين.

(سسئي آبري، ٧ ـ ٧)

(٧٤)

وَڏي تان اِنَ واٽَ ۾، ٻيلِپَ ٻِيائي،
آهي اُونداهيءَ جو، شِرڪَ سَهائي،
جِتي چِٽائي، اَلِفَ جي عَيِنَڪَ ۾.

(آسا، ٤ ـ ١٣)

(٧٥)

وَڏيري هُياسِ، چَنيسَرَ جي راڄَ ۾،
دائِيين، ٻائِيين، دَربانِيِن، پَرِ ۾ ٿي پُڇِياسِ،
ڏُهلين، دَمامين، نَقرين، ٿي وِچَ ۾ وهارِياس،
هُيَسِ دادُلي دوسَنِ جي، ڪَٽي هلڪي هارَ ڪياسِ،
تهان پوءِ ٿِياسِ، ڪانيارِي ڪانڌ جي.

(ليلا چنيسر، ٢ ـ ٩)

(٧٦)

وَڏيري هُياسِ، چَنيسَرَ جي راڄَ ۾،
ڏُهلين دَمامين نَقرين، ٿي پَلپَل پُڇياسِ،
ڏِولي ڏِيلِيِياس، ٿِيَسِ ڏُهاڳڻِ ڏيہَ ۾!

(ليلا چنيسر، ٢ ـ ٨)

(٧٧)

وَڏيري هُياسِ، مِيڙو مُون گهر سَرَتِيين،
هَٿَ چُهڻَ هارَ جي، ڪَڙي ڪانڌ ٿِياسِ،
ڏولي ڏِيلِيِياس، آيِمِ ڏَنءُ ڏُهاڳَ جو!

(ليلا چنيسر، ٢ ـ ٧)

(٧٨)

وَڏي سَگهہ سَندياءِ، ٻاجهہِن پَرِيو آهئين،
مُون تان مَهرَ مَ لاهِ، اَٿُون تُنهنجي آهيان.

(ڏهر، ٢ ـ ٢١)

(٧٩)

وَڏي وَسَ هُئا، ٻاروچا ٻَنيپورَ ۾،
وِڃي ڏُورِ پيا، سانگِيُن ٻُنيءَ سُپِرين.

(حسيني، ٥ ـ ٢)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۸۰)

وَڏي وَڳَر هيرُئِينِ، ڇُٽي نہ ٻِيَنِ گَڏُ،
ڪُونجَ ڪَرِيندي سَڏُ، ويئي وِهامي راتڙي.
(ڏهر، ۴ ـ ٦)

(۸۱)

"وَڍِ سِرُ، ٿِيُ سَرَهو، مَر ڪي آءُ، مَر ڳاءُ،
جاجِڪَ! تو مَٿاءُ، مُلڪُ مِڙيوئي گهوريان."
(سورٺ، ۴ ـ ۹)

(۸۲)

وَڍِي جِنِ وڍِياسِ، وَري ويجَ ٿِي سي ٿِيا،
تُرٽُ ٻَڌائُون پَٽِيُون، روز ڪيائُون راسِ،
هِينئڙا! تنين پاسِ، گهارِ تہ گهايَلُ نہ ٿِئين.
(يمن ڪلياڻ، ۲ ـ ۱۲)

(۸۳)

وَڍِيَل ٿي وايُون ڪَري، ڪُٺَل ڪُوڪاري،
هُنَ پَنَ پنهنجا سارِيا، هِيَ هنجُون هَڏَنِ لَءِ هاري.
(معذوري، ٦ ـ ۱۹)

(۸۴)

وَڍِيءِ سي وادوڙيا، رَٽُ نہ ڏِنو جِنِ.
موٽُ قبوليو تِنِ، ڏِنو جن ڏُکِيءَ کي.
(معذوري، ٦ ـ ۱٦)

(۸۵)

وَرُ اونداهي راتڙي، ڪُوءِ چانڊُوڻِيءَ چانڊاڻ،
اوري ميهاران، مُنهن مَر پَسان ڪو پِيو!
(سهڻي، ابيات متفرقہ ـ ۱۱)

(۸٦)

وَرُ اُهائي ويرَ، جِتَن ڏَٺُ تَسي تَڙ آيو!
سَرَتِيُن ڏٺُ سَبِيلَ ڪِيو، اَگَڻِ ڍوئي ڍيرَ،
هِنئون اُنِ جي هيرَ، تو جهجي جهروڪَنِ ۾!
(مارئي، ۸ ـ ۸)

(۸۷)

وَرُ سا سُجي ويڙهِ، جنهن ۾ سَڄَڻُ هيڪڙو،
سو ماڳ ٿي قيرِ، جِتي ڪوڙِ ڪُماڙُهئين.
(ڪاهوڙي، ۳ ـ ۱۳)

(۸۸)

وَرُ سا ڪاري راتِ، جنهن ۾ راهَ گُمُ ٿئي،
نہ ڪا هُنين جي تاتِ، هيءَ پڻ وَڃي وِسري.
(ڪاهوڙي، ۳ ـ ۱۴)

(۸۹)

ورَ سين وجهيو ڪاڻ، ڪَرَ سين ڪَلَٽُ پائِيين،
پوري! مُنڍَ اَجاڻِ، ڪَڻَ ڇَڏِيو ٿُـهَ ميڙِئين.
(ڏهر، ۳ ـ ۷)

(۹۰)

وَرُ سي وَطَنَ ڇائِيُون، صَحرا سَٿُرُ جَنَ!
گولاڙا ۽ گگريُون، اوچِـنَ اَبـاٽـنَ،
ويڙهيا گُهمَن وَلِيين، جهانگي مَنجهِ جهَنگَنِ،
مُون کي مارُوئـڙَنِ، سُڄَ ڳَٽائي سيجَ ۾!
(مارئي، ۳ ـ ۱۵)

(۹۱)

وَرُ لَکَنِ جي لوڏَ، گهوريا سُکَ پَنهورَ جا!
اَمَڙ! جي تُون آڇئين، سي ڪَمِ نہ اَچَنِ ڪوڏَ،
هِنئين مُنهنجي هوڏَ، ٻَڌي پارُوچَن سين.
(حسيني، ۱۲ ـ ۳۱)

(۹۲)

وَرَ ۾ ڪونهي وَرُ، ڏيرَنِ وَرُ وَڏو ڪيو،
نهاريندِيَس نِڪري، بوتَنِ ڪارَڻَ ٻَرُ،
آڏو ٿَڪَرَ ٿَـرُ، مَتان روهَ رَتِيُون ٿِئين!
(ڏيسي، ۳ ـ ۲۱)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۹۳)

وَرَا! مَرِ وساريج، آهيان تُنهنجي آسري،
ڏادو ڏُونگَر جو سُجي، سو لُطفؤن لنگهائيج،
اُسري اُتـهين، ويرَا! تُون، آري جامَ اَچيج،
نماڻيءَ کي نُورَ سين، لالَنَ! لَڏائيج،
ظُلمَتَ جا زمين جي، سا نِرمَلَ! نُورُ ڪَريج،
ڪامِلَ! ڪَنِ ڪَريـج، فَريادِيُون فَقيرِ جُون.

(ديسي، ۷ ـ ۱۶)

(۹۴)

وَرَ وَراڪا وِچَ ۾، لَڪين آڏا لَڪَ،
هُو جي آڏا حَقَ، سي ڪَندا ڪوهُ ڪَنديُن کي؟

(ديسي، ۳ ـ ۲۲)

(۹۵)

وَريتيُون! وَرو، آئُون نـہ وَرَندي وَرَ ري،
جاڏي هِنَ جَبَلَ جو، تانگهيندِيَس تَرو،
جـتَنِ ساڻُ ڏرو، نيڻهُن نِبيرَڻُ نـہ ٿئي.

(سسئي آبري، ۴ ـ ۷)

(۹۶)

وري پُڇُ ويٺيُن کي، سَندا پُنهونءَ پارَ،
ساڃَنُ سَڀُ ڄمارَ، ڏُکي! ڏُورِج ڏيلَ ۾.

(سسئي آبري، ۳ ـ ۲)

(۹۷)

وَريو ويراڳيُن جو، ڪارِهين ڏينهن ڪَرَمُ،
جوڳِيُن جاتائُون پُنيُون، هَلي ويا حَـرَمُ،
دائِمُ جهلِيو دَمُ، لِڪا پَنِّنِ لوڪَ ۾.

(رامڪلي، ۲ ـ ۱۱)

(۹۸)

وسريوم سبق! پهرين سٽَ نـہ سنيران!
اَجا هيءُ وَرَقُ، هيءَ! مُطالع نـہ ٿيو!

(يمن ڪلياڻ، ۲ ـ ۱۸)

(۹۹)

وَسَنِ ءِ وِهسَنِ، ڏيهاڙي ڏِسَنَ لَءِ،
جِنَّنِ جِنَّنِ پِرين پَسَنِ، تِنَّنِ تِنَّنِ نَشا نيڻهَن جا.

(آسا، ۲ ـ ۱۲)

(۱۰۰)

وَسَنِ ءِ وِهسَنِ، ڏيهاڙي ڏِسَنَ لَءِ،
ڏِسي ڏِسي آئيُون، تـوءِ تَلاشُون ڪَنِ،
ڍاپيو نـہ ڍاپِنِ، پَسَنَّ مَنجهان پرينءَ جي.

(آسا، ۲ ـ ۱۳)

(۱۰۱)

وَسَنُ اَکَڙيُن جِئَن، جي هُوندَ سِڪَئين، مينهَن!
تـہ هُوندَ راتو ڏينهَن، بَسِ بُوندَيَنئُون نـہ ڪَرين.

(سارنگ، ۱ ـ ۲۰)

(۱۰۲)

وسَهُ اِنَهين وينَ کي، جِنَّنِ دَعوتَ ڪي داتاَ،
مَضمَضَہ واتا، وِجهُہ تـہ ڏيئي واتَ ۾.

(بلاول، ۱ ـ ۱)

(۱۰۳)

وَسي تَڏهِن وَسَ، مُندَ مِڙوئي مينهَن جي،
ڪَـنَرِن ڪيتا ڇَڏيا، جي مِڙيُون تي مَسَ،
گاباَ مَتي گَسَ، ڏُکَ نـہ ڪَندا ڏُبِرا.

(سارنگ، ۱ ـ ۱۹)

(۱۰۴)

وَسي ساري راتِ، صُبحَ جو ساهُ کَٽي،
مَنجهيئي مِينهُن پريَنِ جو، جي تَنَ ۾ هُويئي تاتِ،
تـہ وِهاڻيءَ پِرِياتِ، هُوندَ باذَلُ بَسِ ٿئي نـہ ڪَري.

(سارنگ، ۴ ـ ۱۱)

(١٠٥)

وَسي، وساٽِيُون، رَتو روئي پرينءَ کي:
پيٺُون کَٽَن پَٻَ ڏي، نَظَر نماٽيُون،
سي ڪِئَن پيلِياٽِيُون؟ جن ويندو هوتُ نہ واريو.

*(حسيني، ٩ – ١١)*

(١٠٦)

وَسي، وَسي مِينهَن: جِئَن لَٽي وِيَيس کيہَ،
توءِ پِريان جي ڏيہَ، پيئي پُڇي خَبَرُون.

*(حسيني، ٩ – ١٢)*

(١٠٧)

وَصلُ تنهن وِجائيو، سينڌِ سُرمي سيئَن،
سا لُوڻي ليلان جيئَن، مَٽيو جنهن مِٽُ ڪيو.

*(معذوري، ٢ – ٦)*

(١٠٨)

وَطَنَ رِءَ ويهي، جي هِتِ ڳهاريَم ڏينهَڙا،
اُوءِ مارُو ڏينڌَم مُنهَن ۾، ڏاڏاڻا ڏيهي،
پَکِن ۾ پيهي، شَلَ مَحلَن جي مَرُ ڏُٺان!

*(مارئي، ١٠ – ١٨)*

(١٠٩)

وَطَنُ مُون مَليرَ، قَضا آنديَس ڪوٽَ ۾،
چانڪ پِئَنديَس پرينءَ سين، پاٽُر جو پَنيرُ،
هاجو ڪيو هَميرُ، بِاللہ نِئي تو بَندَ ۾!

*(مارئي، ابيات متفرقہ – ٣)*

(١١٠)

وَکَرُ ڏيرو ڏيرَ، پَرَ وهائُو ويسرا،
ڪِنين وهائي وَسُ ڪيو، وَکَرُ وڏيءَ ويرَ،
ڪِنين ڳُهمندي سيرَ، وَکَرُ وکامي ويو.

*(سريراڳ، ٣ – ٣)*

(١١١)

وَکَرُ سو وهاءِ، جو پَئي پُراڻو نہ ٿئي،
ويچيندي وَلاتَ ۾، ڏرو ٿئي نہ ضاءِ،
سا ڪا هَڙَ هَلاءِ، آڳہِ جَنهنجي اُبهين.

*(سريراڳ، ٣ – ٤)*

(١١٢)

وَکَرُ، وَڻجارا! پاڻَ پَرائُو چاڙهيو،
اَچي لَهريُون لڳيون، پيڙيءَ ٻِپارا،
جاڳُو جي، يارا! تہ تَڙِ تَوائي نہ ٿئي.

*(سريراڳ، ٣ – ١٥)*

(١١٣)

وَکَرُ وهائين لونُ، رنگ ڪَٿوريءَ ڳُهرين!
پُنگو تُنهنجو پَرِ تي، جَمَ ڳالهائين ڪُوڙَ،
جَمَ وِجائين مُورُ، ڪَٽيو تُنهنجو گهوريو.

*(سريراڳ، ٣ – ٢)*

(١١٤)

وَڳُرُ اُکيري، سَرُ ساريو سُوَرَ چَري،
جُهري جِهجَندي ڏِئي، سَنيها کي سَجَڻين.

*(ڏهر، ٤ – ٢)*

(١١٥)

وَڳَرَ ڪَيو وَتَن، پِرتِ نہ چِنَن پاڻَ ۾،
پَسو پَکِيڙَن، ماڙهِنئان ميڙُ گهٽو.

*(ڏهر، ٤ – ٥)*

(١١٦)

وَڳَرَ ۾ ولِئي، ڪالَهہ تُنهنجي، ڪُونجَڙي،
سَرَ ۾ ساريَنئي گهٽو، پيتَرُ ءِ پائي،
پَسين نہ ڦاهي، جا ماريءَ سَندي مَنَ ۾.

*(ڏهر، ٤ – ١٥)*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۱۱۷)

وَڳَرَ وساري، وينينءَ ڪَئَن ماڻَ ڪَري؟
ڪِ ترِ نہ ماري، رُنُ جُهڻُ سَندي سَڄَڻين؟
*(ڏهر، ۴ ـ ۳)*

(۱۱۸)

وَڳَرَ ويا وَهي، ڪالهہَ تُنهنجا، ڪُونجڙي!
ڪَنڌينءَ ڪوهُ رَهي، سَرَ ۾ سُپيرين ري؟
*(ڏهر، ۴ ـ ۴)*

(۱۱۹)

وَڳَنڌُ وَري آئيو، بَدُوُ بي نمازُ،
جِئَن تِـتـرَ مَٿي بازُ، وَڳَنڌُ تِئَن سُرهاڻ تي.
*(بلاول، ۴ ـ ۱۱)*

(۱۲۰)

وَڳَنڌُ وَري آئيو، بَدُوُ سين بَدبُوءِ،
خاوَندَ! ڏي خوشبُوءِ، تہ سُرهو ٿيان، سُپرين!
*(بلاول، ۴ ـ ۵)*

(۱۲۱)

وَڳَنڌُ وَري آئيو، پيِنارَنئُون پوءِ،
مُحڪَمُ لَڳِس موچڙا، ڏرو نہ ڏِنُس جوءِ،
وينو لِئين چوءِ، تہ پيران پاسي نہ ٿيان.
*(بلاول، ۴ ـ ۲)*

(۱۲۲)

وَڳَنڌُ وَري آئيو، ڪِنو ٿِي ڪوجهو،
ڇِڏي نہ موزو، لَڳِس آرُ عَطارَ سين.
*(بلاول، ۴ ـ ۶)*

(۱۲۳)

وَڳَنڌُ وَري آئيو، ڪوتـڙيان ڪُلاڻُ،
سَندو ڪِرڙ ڪاڻُ، هَڻُ نَرڳِيءَ ڪي نِڪَٽين.
*(بلاول، ۴ ـ ۱۲)*

(۱۲۴)

وَڳَنڌُ وَري آئيو، نِسورو ٿِي نَرڳُ،
ڳَنڌا ڳُلابي ڪَري، سَيَدَ جو سَرڳُ،
عَطَرَ سين اورڳُ، تہ هُئِين سَدائين سُرَهو.
*(بلاول، ۴ ـ ۱۰)*

(۱۲۵)

وَڳَنڌُ وَري آئيو، وَسَن ڪِينَ وڏوسِ،
ڳَنڌي، مانِي، ماڳُ موچارو، پاسي پيرَ ٿِيوسِ.
*(بلاول، ۴ ـ ۱)*

(۱۲۶)

ولاڙيو وَٽين چَڙهي، اُونچَن مَٿي اَچُ،
لَالَن ڪارَڻِ لَچُ، باسِيائين بَردارَ جو.
*(معذوري، ۷ ـ ۱۳)*

(۱۲۷)

ولاڙيو وَٽين چَڙهي، پَسو سَگهہ سَندياسِ،
اَڏيءَ وَجيو آڪُڙي، نَڪو پيُ نہ ماسِ،
سوئِي سو سيٽاسِ، پَري پَڙاڏا ڪَري.
*(معذوري، ۷ ـ ۱۵)*

(۱۲۸)

ولاڙيو وَٽين چَڙهي، ڏاڍو ڏوري ڏورِ،
سُپيرِيان جي سُورِ، پَري پَڙاڏا ڪَري.
*(معذوري، ۷ ـ ۱۶)*

(۱۲۹)

ولاڙيو وَٽين چَڙهي، ڏيو پَٽولي لانگ،
ٽاريءَ ٽاريءَ چانگَ، سَسُئيءَ مورَ بَچَن جِئَن.
*(معذوري، ۷ ـ ۱۴)*

(۱۳۰)

ولاڙيو وَٽين چَڙهي، رَئي پَسيو روءِ،
وَچان جو وِچُ پوءِ، سو ڪَنهن پَرِ ڪَهي لاهيان!
*(معذوري، ۷ ـ ۱۲)*

www.sindhsalamat.com — books.sindhsalamat.com

(۱۳۱)

وِلاڙيو وٽين چڙهي، ڳجھنِ ٽِيندي ڳاهُ،
سُٺيءَ سوريءَ چاڙهيو، پريان لَءِ پساهُ،
هو مرُون، هيُ ماهُ: ڪِينَ ڪميٽيءَ رَکيو.
*(معذوري، ۷ ــ ۱۱)*

(۱۳۲)

ولهون، ويلا، واوَ، جوڳِيُن جهليا جانِ ۾،
اَجهو رِءَ اَللهُ، ڪونهي ڪاپَڙيُن جو.
*(رامڪلي، ۵ ــ ۲۰)*

(۱۳۳)

ونڊرِ جي وَجَنِ، سي مَـرُ ٻَـڌَنِ سَندرا،
ٻيوُن ڪوهُ ٻَـڌَنِ، چوڙي جي ڇَڏيندِيُون.
*(سسئي آبري، ۷ ــ ۲)*

(۱۳۴)

وَنهيا ٽِيَنِ وَٽانَ، ڏوڪاهي هُٽانِ جي!
اُوءِ پيٽِيُون ۾ پانَ، موتي مارُنِ آڏيا.
*(مارئي، ابيات متفرقه ــ ۳۸)*

(۱۳۵)

وَنئُن مَديني، مَگَڻا! اَڪِيُون پيرَ ڪَري،
جَتي ماٽِڪي مُحَمَّدَ ميرَ جي، جَرِڪيو جوتِ ڪَري،
*(ڏهر، ۲ ــ ۷)*

(۱۳۶)

وَٽجارا! ويني، تو نہ سَرَندي شاهَ رِيَ،
مَڪِ پنهنجي مَڪُڙي، چڱي ڪر چِيني،
پاسا پاڪَڙِينِ جا، سَمُنڊُ تو سيڪي،
جي لُنڊا ۾ ليکي، وِيرِ وڙهندي تـِنِ سين.
*(سريراڳ، ۳ ــ ۱۸)*

(۱۳۷)

وَٽجارنِ واري، پِرهَ پَڳَهَ چوڙيا،
ڪيڙاڻُو ڪاري، سَنِيُوڙا، سَيَڌُ چٽي.
*(ساموندي، ۳ ــ ۱۲)*

(۱۳۸)

وَٽجارنِ وري، پِرهَ پَڳَهَ چوڙيا،
اِوليُون پَسي اِن جون، پِيَڙِمِ ڳَچَ ڳَري،
ويِنديس، ماءِ! مَري، ساري ساموُنڊيُن کي.
*(ساموندي، ۳ ــ ۱۱)*

(۱۳۹)

وَٽجاري جي ماءِ، وَٽجارو نہ پَلِئين؟
آيو پارهين ماهِ، پَڻ تو سَفرِ سَنبَهي!
*(ساموندي، ۳ ــ ۱۳)*

(۱۴۰)

وَٽجاري ڪانڌاءِ، مُون وَرُ ويني گهارِيو!
لَڳي اُتَـرَ واءِ، ڏولِيو هلڻَ جون ڪري.
*(ساموندي، ۳ ــ ۱۴)*

(۱۴۱)

وَٽَنِ وينا ڪانگَ، وچين تي ويلا ڪري،
گهڙِي گهڙُو هَٿَ ڪري، سُٽِي سانجهيءَ بانگَ،
سيئِي ڏِوُنڊي سانگَ، جتي ساهَڙُ سُپرين.
*(سهڻي، ۱ ــ ۱۰)*

(۱۴۲)

ووڙِيَمِ سَڀِ وَٽانَ، يارَ ڪارڻَ جَتَ جي،
'اَللهُ بِڪُلِّ شَيءٍ مُحِيطٌ'، اِي آرياڻيءَ اُهڃاڻَ،
سَڀَ ۾ پُنهون پاڻَ، ڪِينهي ٻيو ٻَروچَ رِيَ.
*(سسئي آبري، ۵ ــ ۱۴)*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٤٣)

ووءِ! ووءِ! پِڻ ويئي، رَنُن ڪارَڻ جا هُئي،
پُنهونءَ کي پيئي، رُئندي ڪيرَ رَتَ ڦُڙا؟
*(حسيني، ١٢ _ ١٣)*

(١٤٤)

’ووءِ! ووءِ!‘ ڪَندي وَتُ، مَچُڻ ’ووءِ!‘ وسارِئين!
پاڻي هارِ مَ پَڌرو، رُوءُ مَنجهان ئي رَتُ،
صَبُرُ وَڏو سَتُ، سِگها ميڙي سُپرين.
*(حسيني، ١٢ _ ١١)*

(١٤٥)

ووءِ! ووءِ! وڏوڙا، ووءِ! ووءِ! وَڃَن نڳيا،
مُون سانگِياڻيءَ جا سُپرين، سَچُ ڪِ سَنيُوڙا؟
لاڻِم نہ تورڙا، ماءِ! اوسيڙو اُن جو.
*(حسيني، ١٢ _ ١٢)*

(١٤٦)

وَہ تِڪَ، واھُڙ تڪَ، جت نينهَن، تڪَ نرالي،
جن کي عِشقُ عَميقَ جو، خَلوَتَ خيالي،
وارِئين سي، والِي! هِنئَڙو جن هَٿ ڪيو.
*(سهڻي، ١ _ ١)*

(١٤٧)

وَہ تِڪَ وَهَڪرا، جت لَنگَرَ نہ نَهرَن،
وَڏاندَريُون وَہ سامُهيُون، جهجهي زور جُنبَن،
نيدُوءَ ۾ ناتاريُون، وَٽجارا وڃهَن،
مُلان مُعَلِمَن، مون ڳري سُئي ڳالهڙي.
*(سريراڳ، ٣ _ ١٧)*

(١٤٨)

وَهلو وَرُ، وَريا پرين، آءُ ڪانگا! لَنئُن لاتِ،
وِيا جي قَلاتِ، سي اُڏامي آڻِ پِرين.
*(پورب، ١ _ ٦)*

(١٤٩)

وَهلو وَرُ، وَريا پِرين، آءُ ڪانگا! وَڻ ويہُ،
جنين ڏورِ چِتايو ڏيہُ، سي اُڏامي آڻ پِرين.
*(پورب، ١ _ ٥)*

(١٥٠)

وَهمَ ورساياسِ، ناتَ پُنهون آئُون پاڻَ هُئِي،
پاڻُ وِڃايُم پانهنجو، پَئي پريان جي پاسِ،
رَتِي عِلمَ نہ راسِ، ڏاران پَسَڻَ پرينءَ جي.
*(سسئي آبري، ٥ _ ٨)*

(١٥١)

وهَڻُ ويجِن وَٽِ، جي سڪين تہ سَگهو ٿِئين،
اَڳين عادتَ مَٽِ، تہ اَگها! عاجزُ نہ ٿِئين.
*(يمن ڪلياڻ، ٢ _ ١٤)*

(١٥٢)

وهي مَنجهين وَڳَ، ڪَتُوريءَ ڏارَ چَري،
ماءِ! منهنجي ڪَرهي، پَڌرِ پَڳَ نہ لَڳَ،
جَڳَ سين جهڙو جڳَ، هِنئين سين هُتِ چَري.
*(ڪنيات، ٢ _ ٢٥)*

(١٥٣)

وهِين ۽ ويلا ڪَرين، اِيَ نہ اُڪَنڊَ آہِ،
سي لاڳاپا سَپِ لاہِ، اورِيان اُپيارِين جي.
*(حسيني، ١٠ _ ٧)*

(١٥٤)

وهين ۽ ويلا ڪَرين، پُڇين تَي پانڌي،
هاري! هيڪاندي، ڪنهن پَرِ تِينديِنءَ هوتَ سين؟
*(حسيني، ١٠ _ ٦)*

(١٥٥)

وهِين ۽ ويلا ڪَرين، سَڏئين ساڱاتو،
هاري! آپاتو، توسين سُونهَن نہ، سَسُئي!
*(حسيني، ١٠ _ ٩)*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٥٦)

ويا اوهري اوءِ، مونکي ڇڏي ماڳهين،
ڄڱن جا ڄڱ ٿيا، تِئان نہ موٽيو ڪوءِ!
ڳوندرُ مارينديوءِ، ويچارِيَ! وِيَنِ جو.

*(سامونڊي، ١ ـ ١٠)*

(١٥٧)

ويا جي عَميقَ ڏي، مُنهن ڪائو ڏيئِي،
تَنِ سِپوَن سوجهي ڪڍيون، پاتاران پيهي،
پَسَندا سيئِي، اَمُلَ، اَڪَثِرِيُن سين.

*(سريراڳ، ٢ ـ ١١)*

(١٥٨)

ويا سي وِينجهارَ! هيرو لالُ وِنڌين جي،
تِنين سَندا پويان، سيهي لَهَنِ نہ سارَ،
ڪُتِينِ ڪُتِ لُهارَ، هاٿي اُنين پيٽيين.

*(سريراڳ، ٤ ـ ١٢)*

(١٥٩)

ويا ڳُتَنِ ساڻُ، مارُوئڙا ٿَرِ اُڪري،
تَن پُڄاڻا هاڻِ، آئُون جاڙ جِئان ٿي، جيڏِيُون!

*(مارئي، ابيات متفرقہ ـ ٤٨)*

(١٦٠)

ويا مورَ مَري، هَنجُ نہ رَهيو هيڪڙو،
وَطَنُ ٿِيو وَري، ڪُوڙَنِ ڪانيَرَنِ جو.

*(ڪاراير، ١ ـ ٢٩)*

(١٦١)

وينا ڏورڙ ڏٿي، عَليءَ جي مَيدانَ ۾،
تَرڪُ ڪَيائُون تَڪيا، پَريون پَنڌُ سُٽي،
ڪَندي ڪوهُ دُني؟ طَعنا ڏيئي تَنِ کي.

*(رامڪلي، ٩ ـ ٣١)*

(١٦٢)

وينو تُنَ تُنينسِ، مَکِ ڏيهاڙي مَکُڙي،
سَنباهي، سَيَڏُ ڇئي، مٿي نيڌوءَ نينسِ،
وَٿائي وَڏاندرا، لاڄُو لَڳائينسِ،
آخرِ اُهرائينسِ، تہ جوکو ٿئي نہ جهازَ کي.

*(سريراڳ، ٣ ـ ٩)*

(١٦٣)

وينو پُڇِين پَرُ، ڪَرِ ڪا هِنئارَ هَلَڻَ جي،
اَڄُ، آديسي! مَرُ، صُباحَ مَرَندو سَڀُڪو.

*(رامڪلي، ٩ ـ ١٢)*

(١٦٤)

وينو جِتَن وماسِئين، حَيرَتَ پَؤ مَ هاڻِ،
لَلَنِ کي، لَطِيفُ چَئي، اَچي ساڻُ آراڻِ،
ڪَنگَنِ لَتي ڪاڻِ، ڳَڏِيو هَنجُ حَبيبَ کي.

*(ڪاراير، ١ ـ ١٠)*

(١٦٥)

وينو جِتَن وماسِئين، حَيرَتَ پَؤُ مَ هَنڌِ،
لاتِيُون جي لِباسَ جُون، سي ڇپائي ڇَڏِ،
'آئُون'، 'اَسين' کَنِ جي، پاسي تن مَ اَڏِ،
تَنُ طالِبَنِ ڳَڏِ، تہ ويجهو ٿِئين وِصالَ کي.

*(ڪاراير، ١ ـ ٨)*

(١٦٦)

وينو جِتَن وماسِئين، حَيرَتَ پَؤ مَ هورِ،
اُونهون جو اَڃو وَهي، ڳهڙي تِيان ئي گهورِ،
ڏِنيُون هَڏَ مَ ڏورِ، ڳهوريو ڳَبُ ڳَسَنِ جو.

*(ڪاراير، ١ ـ ٩)*

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

(١٦٧)

وينو ڏسان واهَ، اَڄُ پڻ آيا ڪِينَ ڪي،
ساڄَنَ لَءِ سِڪي گهٽو، سارِيو مُنهنجو ساهُ،
آٽِينِ شالَ اَللهُ! نہ اَگَنَ ٿِينَمِ اُجرا.
(بروو سنڌي، ٢ ـ ١٠)

(١٦٨)

وينو واجَهہ وِجهي هِنئون، پَرِ ۾ پَنوهارَنِ،
اُت اُڪَنڊِي آهِيان، پائُرَ ۽ پرِيَنّ،
ڪَرِيان ٻي نہ ڪَنِّ، وينديَسِ وَطَنَ سامُهِين.
(مارئي، ٤ ـ ١٥)

(١٦٩)

وينِي ٻُڪي باڦَ، جهولي جُهٽَڪَ جُهني ڪي،
آيَمِ تن اُٿَنِ سين، جن جا پيرَ دُدا دَڙَ داڦَ،
لَنگهيا لَڪَ، لَطِيفُ چئي، توڏا تَڙَ، ٻَنگَ طاقَ،
ڪيرَ لَنگهيندي قافَ؟ اِيُ بَرُ بِرَهمَڻِ باسِيو.
(ديسي، ٢ ـ ١٢)

(١٧٠)

وينِي جَنهِين وَرِهَ ٿِيا، مَٿي سين ميري،
اَڪِيُون جَنهن جُون اَلَڪَ ڏي، پُون ڏي نہ پيري،
ڪاراٽِيان ڪَڪا ٿِيا، ڄَراٽِيا ڄيري،
لُڙَڪَ لالُ، لَطِيفُ چئي، ڪَنبي ۽ ڪيري،
نِيهُن نہ نِبيري، سُورَ چَرندي سَنَرو.
(رامڪلي، ٦ ـ ٥)

(١٧١)

وينِي جَنهِين وَرِهَ ٿِيا، مَٿي ميري ساڻُ،
ڪاراٽِيان ڪَڪا ٿِيا، ڄيري وِجهي ڄاڻُ،
خوديءَ کان خَلاصُ ٿِيا، پُٺ تي وِجهي پاڻُ،
سي ڪِئَن ٻَهَرَ هَٽَنِ ٻاڻُ، جِن گَڏِيو گُرَ گِروان ۾؟
(رامڪلي، ٦ ـ ٦)

(١٧٢)

وينِي جنين وَٽِ، ڏُڪندو ڏاڍو ٿئي،
سا مجلس ٿِي مَٽِ، جي حاصل هوءِ هزار جو.
(يمن ڪلياڻ، ٨ ـ ٢٣)

(١٧٣)

وينِي جنين وَٽِ، ڏُڪندو ڏُور ٿئي،
تَنَ! تنينِ سين ڪَٽِ، اوڏا آڏي پَڪڙا.
(يمن ڪلياڻ، ٨ ـ ٢٤)

(١٧٤)

وينِيَسِ، وِڪَ نہ اُپڙي، ٿُون، آرِياڻي! آءُ،
ڇُڪيءَ تو سين چاءُ، پاسي پَرِ پيئي رِڙهي.
(سسئي آبري، ٩ ـ ٧)

(١٧٥)

وِينِيَسِ، وِڪَ نہ اُپڙي، اَڄُ، آرِياڻي! ٿُون آءُ،
ڇُڪيءَ توسين چاءُ، پاسي پَرِ پيئي رِڙهي.
(حسيني، ٧ ـ ١١)

(١٧٦)

وينِي ڪوٽَ وَٽِنِ ۾، ڪامَڻِ ڪُواري،
مَلِيرُ سارِيو مارُئي، رويو رُئاري:
اَلا! اوتاري، مُنڊَّ مارُوءَ جي ميڙِيين!
(مارئي، ابيات متفرقہ ـ ٨)

(١٧٧)

وينِي مُون وِيو، لَڙي سِڄُ لَڪَنِ تان،
آئُون ڏُورِينڊِي ڪيترو، پَهَٽَنِ پيرُ پيو؟
سُورَنِ ساڻُ سِهو، اَچي ٿِيُمِ •جيڏِيُون!
(حسيني، ١ ـ ٧)

(۱۷۸)

وينئي نِتُ نِهارِيان، راڻا! تُنهنجو راهُ،
موٽائي ماڳِن ۾، آڻيندوءِ اللهُ،
سوڍا! تو گُرِ ساهُ، ناتَ راڻا گهڻا راڄَ ۾.

(مومل راڻو، ٧ – ١٥)

(۱۷۹)

وينئين ناهِ وَراڪو، سُڻين ڪونهي سَنگُ،
هوتَ هَلنديِن ڪِيو، جن اَنگُنِ چاڙهيو اَنگُ،
باسي پِئي پَنگُ، رِڙهي جامَ رَسِيُون.

(سسئي آبري، ٧ – ٨)

(۱۸۰)

وينئي وَرِ نہ پَوَن، سُتي مِلَن نہ سُپرين،
جي مَتي رَندَنِ رُئَن، ساجَنُ مِلي تن کي.

(سسئي آبري، ٧ – ٩)

(۱۸۱)

ويچَ! مَ بُکِي ڏي! اَلا چڱي مَ ٿيان!
سَجَڻُ مانَ اَچي، کَرَلاهُو ٿي ڪَڍهين.

(يمن ڪلياڻ، ٢ – ١٣)

(۱۸۲)

ويجَنِ سين والئيءَ پِيا، ڪِري ڪَن نہ پاڻَ،
اَڳها اِنَ اُهجاڻَ، پسو! سُورَ سجهائيا.

(يمن ڪلياڻ، ٢ – ٣)

(۱۸۳)

ويجَنِ سين والئيءَ پِيا، ڪِري نہ ڪيائُون،
جي پَندِ پارِيائُون، تہ سِگهائي سَگها ٿيا.

(يمن ڪلياڻ، ٢ – ٢)

(۱۸۴)

ويجَنِ وينئي ئي، دوستُ پيهي دَرِ آئيو،
صِحَتَ جي سَرِيرَ ۾، ڪَلَّ ڪَرين پيئي،
پيڙَ پَري ويئي، اَچڻَ سانُ عجيبَ جي.

(يمن ڪلياڻ، ٢ – ١٠)

(۱۸۵)

ويجهو وَنڻُن مَ واڻَ کِي، ڪَهج ڏُنهُن ڪُواڻَ،
اُجهي مَنجهان آڻَ، اَويسي ٿي آءُ تُون.

(کاهوڙي، ٣ – ٣)

(۱۸۶)

ويچارا واوِڙَ، سَدا شاڪِرَ سُورَ سين،
تاٿِينِ مٿي توڙَ، اوري ڪَنِ نہ آسرو.

(يمن ڪلياڻ، ١ – ١٦)

(۱۸۷)

ويچارِيءَ وَڻڪارُ، اَڳُ نہ ڏٺو ڪَڏهين،
مَهرَ نہ هُئِي ماڙهين، هو سَڀُ هِندُوڪارُ،
جَتُ ڪيائين يارُ، سُورَنِ ڪارڻِ، سَرَتِيُون!

(سسئي آبري، ٢ – ١٠)

(۱۸۸)

ويراڳي واري، اَلا! اَڳَنَ آئين،
ڏُکَ لاهِينديَسِ ڏِيلَ مان، تُهَنِ جِتَنَ تاري،
اِيندَمِ اوتاري، ڪِينءَ جُون ڏِيندَمِ خَبَرُون.

(رامڪلي، ٧ – ١٧)

(۱۸۹)

ويراڳي واڳي، ڏِينَ ڏهاٽي ڏيلَ کي،
راوَلَ رَتين مولهِئين، سامي سُهاڳِي،
لَنوُ جنين سين لاڳِي، سي جوڳِي پَسان تہ جِيان.

(رامڪلي، ٧ – ١٦)

(۱۹۰)

ويراڳِيُن وَرَنَ، ڏِسَنُ گهٽو ڏُهلو،
هِڪُ بولَڻُ پوڙن سين، پيو سَندا فانيُن فَنَ،
ڪي گُهرجَنِ ڪَنَ، آئُون نه جِتَندي اُن ري.

*(رامڪلي، ١ ـ ٤٠)*

(۱۹۱)

ويرَ مَ لاهي وَيهُ، متي آرَ اوڙاهَ جي،
پَسِي پاڙي واريون، ڪج اَنديشو اَيهُ،
ويندو نه پَسين ڏيهُ، پَنَڌُ هن پارِ مَٽي؟

*(سريراڳ، ٢ ـ ١٣)*

(۱۹۲)

ويرِ وڙهنديءِ ويسِرا! اُتي توهُ طَلَبِ،
سائِرَ ڪنهن سَبَبِ، ڪالهه نه وِڏوءِ ڪُنَ ۾.

*(سريراڳ، ۵ ـ ۳)*

(۱۹۳)

ويندَن ڪي وَيڪ ٿِئي، هُوندَن ڪونهي هَندُ،
”مَن لَّهُ الْمَولٰي فَلَهُ الْڪُلُّ“، اِيُّ پَرُوڙِج پَندُ.

*(رامڪلي، ۹ ـ ۲۸)*

(۱۹۴)

ويندِيَسِ وَطَنَ سامُهين، مَلِيرُ مُنهنجو ماڳُ،
ڏُٺُ چُونديِنديَس ڏيهَ ۾، ساڻُ سَرَتيُن ساڳُ،
ته مُون سَنئون سِياڳُ، جي ويجهي ٿِيا وَرَ ڪي.

*(مارئي، ۴ ـ ۱۲)*

(۱۹۵)

وِيو باروچو نِڪري، اَنگن چاڙهي اَنگُ،
روئي ڏِنُمِ رَنگُ، ويچارَن وَٽَن ڪي.

*(رپ، ۲ ـ ۳)*

(۱۹۶)

ويو باروچو نڪري، هاٿي ڪَريان ڪِيئَن؟
سِجَ اُلٽي سِيئَن، سَٿُون ڏيندِيَس سُڄَ ۾.

*(حسيني، ۱ ـ ۶)*

(۱۹۷)

ويو جاڳائي جَتُ، ويري ڪنهن ولاتَ جو،
سَندو سُورَنِ خَطُ، ڏِنُمِ هوتَ هَٿَن سين.

*(سسئي آبري، ۹ ـ ۱۰)*

(۱۹۸)

وِيو سِڄُ وَٽَن تانِ، راسِيُن ڏيئي رَڱُ،
جنهن سان مُنهنجو سَڱُ، سو ڪوهيارو ڪيچ ويو.

*(حسيني، ۱ ـ ۱۰)*

(۱۹۹)

ويو سِڄُ وَٽَن تان، راسِيُون رَتائِين،
مُون ڪي مارِيائِين، آيَلِ! اونداهي ڪَري.

*(حسيني، ۱ ـ ۹)*

(۲۰۰)

ويهُ تون وساري، چَندا جي چِلَڻُ جا،
جو لَکَ لهريون ڏي، ڪر ساجاهِ تنهن سمنڊَ سين.

*(سريراڳ، ۶ ـ ۱۳)*

(۲۰۱)

ويهُ مَ، مُنڌا! پَنيورَ ۾، هاڙهي هَڏَ مَ هَلُ،
ڪُوڙي ڪَج مَ ڪڏهين، سَچِي ڳالهه مَ سَلُ،
جانبَ لَءِ مَ جَلُ، سُورُ وسارِ مَ سَسُئِي!

*(سسئي آبري، ۱ ـ ۱۴)*

(۲۰۲)

ويهُ مَ وساري، پُڇا ڪَر مَ پَنڌَ جي،
نِرمَلُ نِهاري، هَلَندِنِ تان هَٿَ ڪيو.

*(سسئي آبري، ۹ ـ ۱)*

www.sindhsalamat.com　books.sindhsalamat.com

(٢٠٣)

ويھي ويراڳين جو، ٻئي ڏينھن ٻڌم حالُ،
اُن جا ڏاڳا ڏوڙ پيڪليا، جاڳوتا زوالُ،
تن جاٽي جٽائون ڇڏيون، چوتا چڳيءَ چالُ،
ويچارا وُجودَ جي، ڪنھن سان ڪن نہ ڳالُ،
نانگا ٿيا نھالُ، لڪا پُٽن لوڪ ۾.
*(رامڪلي، ٢ ـ ٢)*

(٢٠٤)

ويئون پَبِ پَٽِي، ڪيرُون ڪاھوڙين جُون،
آئُون تن ڏوتيُڙنِ جو، پُڇان پيرُ پَھي!
رُڃن راتِ رَھي، ڏُونگر جَنين ڏوريا.
*(ڪاھوڙي، ١ ـ ۴)*

(٢٠٥)

ويئِي سُونھن سَسُئِيءَ جي، پُنھون ٿيس پاڻَ،
سَيِن جي سَيّدُ چئي، آھي اُتِ اُماڻَ،
پَنيورَ جا پاڻَ، آڏا عَجيبَن ڪي.
*(سسئي آبري، ۵ ـ ٧)*

## وائي- ١

واويلا! واويلا! ڪيو مَلڪَن رِڻَ ماتامُ!
ھَيءِ! ھَيءِ! شاھَ حُسينَ سِڏاريو!

ڪربَلا جي پِڙَ ۾، خيما ڪوڙيائون،
جيڪا رَضا رَبَّ جي، لِکيو لوڙيائون.

ڪَربَلا جي پِڙَ ۾، آيا اَڄُ اَميرَ،
جُھڙَ وِرتي جھوريءَ جَھليا، طَرَفَ سَندي تَقديرَ.

پَسي سَختي مِيرَ حُسينَ جي، رُنو نَبيُنِ زارون زارِ،
مَلَڪَ، فَلَڪَ، ڌَرتي ڌُبي، آئي عَرشَ مَٿان اوچنگارَ.
*(ڪيڏارو، ٢ ـ وائي)*

## وائي- ٢

وَٿان وَڃُ مَ مُون، مُنھنجو تُون ئي تُون،
ڪون سُٽي ڪو ٻيو.

تُون تَڏھانڪرَ مَنجھہ ئي، جَڏھن ڪُنَ فَيَڪُون،
اَھڪيءَ رَسِجِ، اَحَمَّدا! اَڳيان سوڙھي پُون،
رَسِجِ، مُحَمَّدَ ڪارڻي! جِتي ھُونگَ نہ ھُون،
آڳَہ ھِنَ اُمَتَ جو، آھين تُون ئي تُون،
ڏِجِ ڪا لَتَ، لَطيفُ ڪي، طَھُورَ مَنجھان تُون.
*(بروو سنڌي، ٣ ـ وائي ٢)*

## وائي- ٣

وَنڱڙيو ھوتَ وِڃن، ووا! جھليان پليان، ھينئڙو نہ رھي!
آئُون جنين جي آھيان، ڪَڙي مَ ٿيان تن،
گھوريان گھٽي پيَٽَئين، سندي پاجھہ ٻين،
مَرُ مران، مارين مون، پرزا پرزا ڪن،
آئُون مُيائي گھوري، جي مان محب ملَن.
*(يمن ڪلياڻ، ۵ ـ وائي ١)*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## وائي- ۴

وڃي سا راتِ وهاڻي، رءَ پَسڻَ پرينَ جي!
هَهڙا اوڏا سُپرين، تـو ڪئَن ننڊَ رهاڻي؟

*(سهڻي، ابيات متفرقه — وائي ۵)*

## وائي- ۵

وَڃي وَڃي تِينديَس ويجهي، پسڻَ ڪارڻ پرينءَ جي،
آڏا ڏونگرَ لَڪيُون، موتـِج، مُحبَ مجيجي!
پرين، پَنوهارَا! تو چوان؟ ٻَيرَ آهيان ٻئي جي،
نَـمُ گُهرجي نِينهَن جو، آهيان آڻون اَروجي،
جا نـ هَلَندي هوتَ ڏي، ٻِيُ تَنهين جو پاجي.

*(سسئي آبري، ۹ — وائي)*

## وائي- ٦

وَڃي وَڃي وتَري تـتي، جِتِ، پيرُ سُجاتائين پرينءَ جو.
پيرُ سُجاتائين پرينءَ جو، مَنجهان نِينهَن نرتي،
هُوءِ ويا وَٽـڪارِ ڏي، هِنَ پوريءَ پانـئيا هتي،
جنهن چيڙي وڏيَس چِيَرين، سو ڪوهيارو ڪٿي؟
آما، لِيما، ڦُلَ، ڦارُوهان، ڳاڳا، راڳا جتي،
مَري رَهَنديَس ماڳهين، نـ تـ، هادي! اَچِ هتي،
مُون ڪي ڇڏي هَليا، ڪا پِينِ مَتي پتي؟
لَڪَنِ مَنجهـ، لَطِيفُ چئي، مِلي سان سَرَتي.

*(حسيني، ۱۰ — وائي ۲)*

## وائي- ۷

وَڏڙا ڏانَ ڏنائِين، ڪَنيائين رَخْتُ ريزالَن جو.
ڏاتيُون ڏئي ڏڌن ڪي، سَنديُون سونَ سائين.
اَنڌا مَندا آئيا، سَخا سَڌُ وڌائين،
ڪِينَ مَنجهان جو ڪي ڪَري، سو نـ سارا هِئين سائين!
"وَتُعِزُّ مَنْ تَشَاءُ وَتُذِلُّ مَنْ تَشَاءُ"، آهي سَڀِ اُتائين.
نَوازِيائِين نَطفو، مَنجهان ڪِينَ ڪَيائِين،
حِرَفَتَ حَريفَن جي، پيري سَڀ پڳائين،
حاسِدَ سَڀِ حُزَنَ ۾، مُدَعي پانَ مُنائين،
اَديُون! عَبدُاللَّطِيفُ چئي، آهِ پانَ وَٽَندَڙُ سائين.

*(پرڀاتي، ۱ — وائي ۲)*

## وائي- ۸

ورسيا ويـڄ ويچارا! دِل ۾ دَردُ پرينِ جو،
اَتِيو ويـچا! مَ وهو، وَڃو ڏَربَ ڪٽي،
ٻُـڪي ڏيندا ٻاجهـَ جي، آيا سُورَ ڏٽي،
آيا جِيءَ جِيارا، دِلِ ۾ دَردُ پرينِ جو.

*(يمن ڪلياڻ، ۱ — وائي)*

## وائي- ۹

وسارج مَ وينَ جوين ٻـ تي ڏينهڙا.
لوٽيُون سَهَنِ لوڪ جا، وهاڻيءَ ٽِيون وينَ،
اَصل اَسارِيُن جا، سُتي ويڙا سينَ،
جيڏيون! جي مان وِسَهو، ننڊ مَ هيريو نينَ،
راتڙيُون جاڳَن جي، سي آئون ڪندڙي سينَ،
آڏيءَ رات اُٿي ڪري، جهل تون نِندان نينَ.

*(يمن ڪلياڻ، ۱۵ — وائي ۲)*

## وائي- ۱۰

وَسان تي ويياسِ، آيَل! آيَل! لَڳُمِ ٻانُ ٻَروچَ جو.
پُرزا پَٻَ وَرَن ۾، پِـنُون تي پياسِ،
تـ پِنُ ڪاڏو ڪيڄَ ڏي، تَوتي، ماءِ! مُياسِ،
ٻانُ وِجايُم پيرَ تي، چُتي آئون: چُتياسِ!
آيَرَ اَندي لوڪَ سين، مُتي آئون: مُتياسِ!
هيڏي شَهرَ ڀَنڀورَ ۾، نَڪو پيُ نـ ماس،
پِيِيمِ وِچِ وِصالَ ۾، سَنجهي آئون سُتياس،
پِيمِ پُنهونءَ جامَ سين، ڪُتي آئون: ڪُتياسِ!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آلا! اُن مَ وسِران، ڏِٺي جن جِيياسِ،
پِييَسِ وَرِ وصالَ جي، جان ڪي تان جِئَندياسِ،
اَديُون! عَبدُاللّطِيفُ چَئي، مُحِبَّنِ کي مِلَندياسِ.
(حسيني، ١١ – وائي ٢)

## وائي- ١١

وَسائِيندي مِينھُن، مانَ مِلان کي سَڄَڻين.
آئُون مَلَنديَسِ پرينءَ کي، راتِيُون ڏوري ڏِينھَن،
مُون پِرِيُن ميڙَئين، روڄهڙِيُون ميڙَئين مِينھَن،
اَکِيُن آگَمَ لائِيا، ڪَرَ مُندائِتا مِينھَن،
مادَر! موٽي نہ وهان، مُون پِريان سين نِينھَن،
اَديُون! عَبدُاللّطِيفُ چَئي، وِينديَسِ ساڄَنَ سِيئَن.
(کاھوڙي، ١ – وائي)

## وائي- ١٢

وَهلي وَنءُ مَر وهامِي! رَهُ رات! رئيِنديس پرينءَ کي.
شمع ٽيِنديس شَب ۾، اِن خوشيءَ ڪان ڪامِي.
بابُوئَن سنڌيءَ باہ جئَن، بَران شال اُجهامِي!
پِرتِ جا پِيتَمَ جِي، سا ڪِينَ پروڙي عامِي،
مونکي مون پِرِيَن جو، آهي دَردُ دَوامِي،
آهيان يارُ سَيّدَ جو، ڪانَ رهِي ڪا خامِي،
هوءَ جا لَنوُ، لطيف چئي، مونکي آهي مُدامِي،
روشَنُ ٿيان رُجُن ۾، جي هئان لَنوُ اِنهيءَ لامِي،
ڪَاري سا قِيامَ سَنئِين، هوتُ جنهنجو حامِي،
آيم تنهين لوڪَ سان، جيسين مان چون سامِي.
(ڪنيات، ١ – وائي ٣)

## وائي- ١٣

وِيني ڪِينَ وساري، مُحبَّتَ وِڌَڙي ماري،
ديواني! يارا! وَوا! مَستاني! دلبرا! جاني! ووا!
جنهن کي سِڪَ ساهَڙَ جي، سا گهايَلِ گهرِ نہ گهاري،
ڏُمُ ڏحيلو ڏُکيو، سِرَ ۾ سؤنٽا ماري،
پيلي پاسِ پِرَن جي، تن ڪَرڪِنِ وِڌيسِ ڪاري،
هُوءِ هُونگارُون، پَوِن پُڪارُون، تَڙ تَڙ دوسُ تَنواري،
هُوءَ جا پِڪَ پِريَن جي، آهيان تنهن آساري.
(سهڻي، ٦ – وائي)

## وائي- ١۴

ويجهي وندُرَ جَنِ وَٽَنِ،
اي! اوڏي آيس، چان، پِريان جي پيچري.
جي تو اوڏا پايان، سي ڏُونگَرَ ڏُورِ ڏِسَنِ،
مَدي نہ هُيَنِ مَنَ ۾، تہ ڪيچان ڪوهُ اَچَنِ؟
مَرَنَّ منهنجي کي ڪِيو، هِيُ پَہُ پاروچَنِ،
سُونهَن سَڳَرَ پَٽِيِين، مَنهَن مَعذُورَنِ،
وندُرِ وائي جا وَهي، مُون کي سا نہ سَلَنِ،
آٽي پَڏا اوٺئين، موٽي کي مَيَنِ،
لاٿائُون، لَطِيفُ چئي، لَڏُون سِرِ لَڪَنِ.
(سسئي آبري، ابيات متفرقہ – وائي ١٠)

## وائي- ١٥

ويڙِهيچَنِ ڏي ويندي، عُمَرَا! آئُون مارُوئَڙَن ڏي ويندي،
ڏيہَ ڏاڏاڻين پَکَڙِين.
سگَرَ ساهيڙِيُنِ سين، سانڍِيہَ مَنجهہ سَٽِيندي،
اُنا مِينهَن مَلِيرَ ۾، ڏاگا ڏَبَرَ ڏُوندي،
عُمَرَا! اُنهين ڏيہَ جا، ڪوڏَرَ ڦُوٽُ ڪَريندي،
گولُون گولاڙَن جُون، جهپي ساڱُ جهَٽِيندي،
ڪوڪَڙَ ڪَندِيرَن ۾، ڦُوڪيو، ڦَڪَ پَريندي،
عِيدُن بَرادُن تي، ڪَہَ مانڍاٽُو ڪيندي،
پُسي ڪائي پيٺَ ۾، ڏُؤنرا ڏَنُ آنَ ڏِيندي.
(مارئي، ٩ – وائي)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## وائي- ١٦

ويندي آئُون هوتَنِ وَٽِ، مُون وَهُ وَٽجارن سين،
پَڳَهُ كَڻُ مَ پاتِٽي! جاني! مُون لاءِ جَٽِ،
وايُون وَٽجارِن جون، اَديُون! اڄُ نہ هَٽِ،
ڳَرهِيان سُورُ سَفَرَ جو، هلي پنهنجي اَرَٽِ،
پُوريندِيسِ پِريُنِ ڏي، ڪانَ ڪرينِدِيسِ گهٽ،
ڏيئي سِڙُه سِيرَ ٿيا، پيرُ نہ لاياڻُون پَٽِ.

*(ساموندي، ٢ ــ وائي٣)*

## وائي- ١٧

ويندِيَسِ ڪيچِ ڪَهي، سيٹَنِ ساٹُ سَهي،
وو! پيِنَرُ! آئُون جِئندِيَسِ تان نہ جَتَنِ ري.
وِهان ڪِيئَن ماٹِ ڪَري، هيڏو سُورُ سَهي؟
هيڏي شَهَرَ پَنپورَ ۾، سارِيان ڪونَ سَهي،
اَڳِيان آريءَ جامَ جو، وِيَڙو ساٿ وَهي،
صُبُحَ ڏُونگَرَ ڏورِيان، ڪنهن پَرِ راتِ رَهي.

*(ديسي،٦ ــ وائي١)*

## وائي- ١٨

ويهُ مَر واٿَ وِرچي، هو! اَلا! مِيان!
جئَن ڪَهَندِينءَ، تئَن لَهَندِينءَ.
ڪنين اَچي ڪا ڪَهي، ڪِنين اَچي ڪا چَئي،
اَمُلُ پانيان اُنَ ڪي، ساڄَنَ مُون ڪي جا چَئي،
پيرَ پٽان ئي ڪُونئَرا، رائي ڪَيَسِ رَچي،
مُنهُن ڪر مَعذُورِنِ ڏي، پُنهون جام! پَـرَچي،
مُون ڪي تَنهين مارِيو، جَـتَنِ جا چَئي،
وِندُرَ واٿَڙِيُنِ تي، ڪانڌي تِيندَمِ ڪيچي.

*(معذوري، ٥ ــ وائي)*

## وائي- ١٩

ويهُ مَر، ويسرِي! تان ڪي جاڳي اورِ اَللّه سين.
مُحَبَّتَ جي ميدانَ ۾، سُڄي ڳالِهہ ڳَري،
سي پٹ رُوندا رَتُ وِيا، مِڙيا جي مَري،
سُتي ساڄَنُ نہ مِلي، آهي اِيَّ ڪَري،
جي اوسِيڙي آڏيءَ اُٿِن، تِنين واڳَ وَري،
اَدِيُون! عَبدُاللّطِيفُ چَئي، اِيندا شالَ وَري.

*(رامڪلي، ٤ ــ وائي)*

## ھ

(١)

هاريا! تو هِري، ڪُپَچُ ڪايا سين ڪيو،
ڪَرئِين جي ڪِري، تہ تون تَوانو ٿئين.
(يمن ڪلياڻ، ٢ ـ ٧)

(٢)

هاريا ويچَ! مُياسِ! سُڌِ نہ لَهين سوَرَ جي،
پِريان ڪي چونڊياسِ، تہ تَرسُ طَبيبَنِ ڇڏيو.
(يمن ڪلياڻ، ٢ ـ ١٢)

(٣)

هاريا هَنجَ! بَگهن سين، ڪيهي بَڌِين ٻيلَ؟
ميرو مَتائيج تُون، اَچي ڪَرِ اُڪيلَ،
ڪَنگَنِ سانُ ڪُويلَ، لَلا! جمَ لُڙُ پئين.
(ڪارايل، ١ ـ ١٣)

(٤)

هاري! حَقَ رکيج، سانپارا ساهَڙَ جو،
خوابَ، خيالَ، خطرا، تن کي تَرڪُ ڏئيج،
اَندَرُ آئينو ڪري، پَرِ ۾ سو پَسيج،
اِنهيءَ راهَ رَميج، تہ مُشاهدو ماڻئين.
(سهڻي، ٧ - ١٢)

(٥)

هاري! رَکج حَقُ، سانپارا ساهَڙَ جو،
خوابَ، خيالَ، خطرا، تنين ڏيج تَرڪُ،
ڪَرئِين غيرَ غرقُ، تہ مُشاهدو ماڻئين.
(سهڻي، ٧ - ١٣)

(٦)

هاري! هنئون مَ لوڏ، سُکَن پـَوندينءَ، سَسُئِي!
کوهيارو تو کوڏ، اَچي ڪَرَهَ قطاريو.
(حسيني، ١٢ ـ ٤٨)

(٧)

هانءُ نہ جيان، جيڏيُون! زُلفَ زافُ ڪَياسِ،
ڪَاڪُلَ آئُون ڪُنياسِ، پَنهِيو جو پَنهوَرَ ۾.
(سسئي آبري، ٦ ـ ٥)

(٨)

هاواڻا هُلَنِ، ڪَپَرَ ڪارُونيارَ جا،
لَهريُون، لُڙَ، لَطِيفُ چئي، پيلي تي پِلَنِ،
جي ڪَچي سانُ ڪَهَنِ، آڪو تـِنِ اوباهِئين.
(سهڻي، ٨ ـ ٤)

(٩)

هتان ڪَٽي هُت، جن رَکيو، سي رَسِيوُن،
ساجَنُ سوُنهَن، سُرتِ، وِڪان ٿِي ويجهو گهٽو.
(سسئي آبري، ٢ ـ ٢)

(١٠)

هَتان جادَمَ جَکري، وِتِي پوءِ مَ وِچُ،
"اَچو! آيا نـِچُ!"، سَمي وائِي واتَ ۾.
(بلاول، ٢ ـ ٨)

(١١)

هَتان جادَمَ جَکري، وِتِي وِچ مَ پوءِ،
پِي پِي سو پُرِ تِيو، جو حاتِمَ پاسي هوءِ،
ڪَيفَ ڏاران ڪوءِ، جِئي ڪو مَ جهانَ ۾.
(بلاول، ٢ ـ ٧)

(١٢)

هَتان هَڏَ نہ ڇَڏِيان، صَبُرُ شُڪرانو،
ذَوقَ زَمانو، مُوُن، وَرا! ويو وِسري.
(سسئي آبري، ١٠ ـ ٨)

(١٣)

هَـٿَنِ سين هاجَ ڪَر، نيٿَنِ سين نِهارِ،
اُيا اَگـٽا پارِ، پَسُ پَنهِنجا سُپِرين.
(آسا، ٤ ـ ٧)

(۱۴)

هَٿين، پيرين، آرڪَٽين، مُنهن نہ مُهاٽِي،
جِتَن سَڳو وِچ سُرندڙِي، تِتَن راٽِيُن ۾ راٽِي،
اَصُلُ هُئي اُنَ ڪي، اَهُلَ چاماٽِي،
سَمي سُجاٽِي، پيڙو پَڌِس پانهَن ۾.
(ڪاموڏ، ۱ ـ ۲۳)

(۱۵)

هَٿئين، پيرين، مُونَڙَئين، پُري ڪَچ پَرڪَ،
قَدَمُ ڪيچ ڏٿِيُن ڏِي، پاءِ وَڏَندي وڪَ،
جي هُونئي هوتَنِ لَڪَ، تہ پاڙَج ڪومَ پُنهونءَ سين.
(معذوري، ۵ ـ ۴)

(۱۶)

هَٿين، پيرين، مُونَڙَئين، سِرجُ ساهَ پَساهَ،
هتُ گَڏَبُءِ حَبَ ۾، رَهبَرُ مَٿي راهَ،
جان جان سانُءِ ساهَ، تان پاڙَج ڪو مَ پُنهونءَ سين.
(معذوري، ۵ ـ ۵)

(۱۷)

هَٿين، پيرين، مُونَڙَئين، ڪَهج پَرِ قُدامَ،
وِچ وَسيلو ناه ڪو، اوري آريءَ چامَ،
هِنئين لائي هامَ، پاڙَج ڪومَ پُنهونءَ سين.
(معذوري، ۵ ـ ۳)

(۱۸)

هَٿين، پيرين، مُونَڙَئين، ڪَهج پَرِ ڪَپارَ،
مَتان، چورِي! چَڏَئين، پريتَڻَي پَچارَ،
توکي سَنَدَ، سَسُئِي! سَندي لَنؤ لَغارَ،
جي هُونِئي هوتَ هزارَ، تہ بہ پاڙَج ڪومَ پُنهونءَ سين.
(معذوري، ۵ ـ ۲)

(۱۹)

هَٿين، پيرين، مُونَڙَئين، هَلج سانُ هِنئين،
عِشقُ آريءَ چامَ جو، نِباهي نئين،
جان جان تَپي جِئين، تان پاڙَج ڪومَ پُنهونءَ سين.
(معذوري، ۵ ـ ۱)

(۲۰)

هَٿين هَٿڪَڙولَ، هِنئَڙي پيَرِ هُنِ جا،
سانگي سارِيَمِ سُومرا! ڏاتي پاسي ڏولَ،
باباڻَنِ سين ٻولَ، ڪَيَمِ نہ ڪوٽَ وهَڻَ جا.
(مارئي، ۲ ـ ۱۸)

(۲۱)

هَڏِ نہ پَڙان هيڪڙي، توري ٿَرَ چايَنِ،
مُون کي مارُوئَڙَنِ، ميري ڪَري نہ مَٽيو.
(مارئي، ابيات متفرقہ ـ ۴۱)

(۲۲)

هَڏِ نہ ساهُ سُڏيرُ، دِلِ دَرماندِي دوسَ ري،
پائي وِيَڙا پِرتِ جو، زوراوَرُ زَنجيرُ،
جيُ، جُسو، جاڳيرُ، هاٿي مِلڪَ هوتَ جي.
(سسئي آبري، ۷ ـ ۵)

(۲۳)

هَڏُ نہ وٽي هاڻ مون، ويڄنِ جي وِصالَ،
هِنَ منهنجي حالَ، حَبيبُ ٿئي هادِي ٿيو.
(ڪلياڻ، ۳ ـ ۲)

(۲۴)

هَردَمُ هوتَ پُنهونءَ جو، ڏَسُڻُ يانئج ڏِڪَ،
وَرُ پُنهونءَ ساڻ پَلَڪَ! ٻَنِ بارهَنَ وَرهَ ٻين سين!
(معذوري، ۲ ـ ۱۰)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٢٥)

هَر هَر ڪَنِ اُميسَ، ڏُوَن ڏهاڙي ڏوتيا،
جن نـ ماري ميسَ، ناٿُ نـ نَمي تن ڪي.
(رامڪلي، ٦ ـ ١٠)

(٢٦)

هَر هَر ڪَنِ هَرنامُ، ڏُوَن ڏهاڙي ڏوتيا،
جن نـ رِيجهايو رامُ، ناٿُ نـ نَمي تـِن ڪي.
(رامڪلي، ٦ ـ ٩)

(٢٧)

هَرَ هَرَ هَرائِي، وِڃڻ دَرِ دوستن جي،
پاڙي ڏانهن پِرين جي، اُڄُ مَ اَوائي!
اَلڙ تِي آڇ مَ تون، واتاڙن وائي،
لائيندءِ، لطيف چئي، سُوران سَرهائي،
ڳُجهو ڳالهائي، پِرتِ وَنجي پاڻ ۾.
(يمن ڪلياڻ، ٨ ـ ١)

(٢٨)

هـَڙَ ۾ ڪـِينَ هُئون، هُنئَين هُن نـ چاڙهيا،
سارو ڏينهن سمنڊَ تي، لهي سِڄ ويون،
جڏهين سائينءَ سَبَبُ ڪيون، تڏهن سُتَڙ تيا سَيدُ چئي.
(ساموندي، ٣ ـ ٢)

(٢٩)

هڪي ٻانهي چِٽَ ۾، ٻي جا الله ڪري،
پاٿـِين وجهي ڪُنَ ۾، پاٿـِين ڪَنڌيءَ ني،
سُتَڙَ سي ڀِوئي، جي تَڙَ تَوائي مَڪُڙا.
(سريراڳ، ٢ ـ ١٨)

(٣٠)

هڪـِي ٻانهي چِٽَ ۾، ٻي جا ڪري اَللهُ،
پاٿـِين وجهي ڪُنَ ۾، پاٿـِين اُڪاري اوڙاهُ،
تنهن واحدَ کي واهُ، جو سُتَڙَ سِيپِئي ڪري.
(سريراڳ، ٢ ـ ١٧)

(٣١)

هڪـِي ٻانهي چِٽَ ۾، ٻي سِٽي صاحِبُ،
ڪڍي اُونهي ڪُنَ مان، اِيَ آگي جو عَجَبُ،
اِيُ سائينءَ جو سَبَبُ، جئن ٻُڏا اُڪاري ٻارِ مان.
(سريراڳ، ٢ ـ ١٦)

(٣٢)

هڪـِي ٻانهي چِٽَ ۾، ٻي صاحِبُ سَنواري،
ڏنگي هن درياهَ مان، هَلائي هاڪاري،
تَرازُو تاري، سُتَڙَ سِيپِئي ڪري.
(سريراڳ، ٢ ـ ١٥)

(٣٣)

هڪـِي ٻانهي چِٽَ ۾، ٻي ڪري جوڙ جَبارُ،
ڪڍي اُونهي ڪُنَ مان، اِي آگي جو آڌارُ،
جَهازُ جوهَرِيَن جو، تنهنکي پَوَ نـ ڏي پَتارُ،
ننڍا وڏا مَڪُڙا، سڀ پَسَندا پارُ،
جيڏانهن منهن مَديني جو، سُڄي مُحَمَّدُ موچارُ،
سڀاجهو سَتارُ، سُتَڙَ سِيپِئي ڪري.
(سريراڳ، ٢ ـ ١٩)

(٣٤)

هَلندي هوتَ پُنهونءَ ڏي، کُهجَنِ ڪي ڪُوٽِيُون،
پَهڻُ تنين پَٿُ ٿِئي، جي لَءِ لالَنَ لُوٽِيُون،
سَڀِ سَهيلِيُون سڪَ ڪي، ڇُنجهوُن ۽ چُوٽِيُون،
ٻانيَڻِ! ٿِيُ ٻُوٽِيُون، تـ ڪُتا ڪِيَنِئِي ڪيچَ جا.
(معذوري، ١ ـ ١)

(٣٥)

هَلَڻُ سَهان نـ هوتَ جو، وَڃَڻُ آٿُون گهورِيان،
هُون هَميشه هِتَهِين، تـ ڏُونگرُ ڪوهُ ڏورِيان؟
آڪِيَنِ سان اورِيان، پَسان شالَ پُنهونءَ کي!
(ڪوهياري، ۴ ـ ٣)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٣٦)

هَلَڻُ سَهان نہ هوتَ جو، وَڃَڻُ مَر واريو،
رَهو راتِ پَنيور ۾، گهڙي هِت گهاريو،
مَعذُورِ مَر ماريو، سِڪي جنهن سَڳُ ڪيو.

(ڪوهياري، ۴ ـ ۵)

(٣٧)

هَلَڻُ سَهان نہ هوتَ جو، وَڃَڻُ مُون نہ وَسِ،
اَللهَ! اَريچَنِ جي، گولِي ميڙيئين گَسِ،
پرين، پَنهوارَ! تو پُڇان، ڏُونگَريا! مُون ڏَسِ،
اَکِيَنِ جي آرَسِ، مُنڌَ جيهائي جوڙَ ڪِي!

(ڪوهياري، ۴ ـ ۴)

(٣٨)

هَلو، هَلو ڪاڪِ تَڙين، جِتي گهَڙجي نينهَن،
نہ ڪا راتِ نہ ڏِينهَن، سَپُڪو پَسي پرينءَ کي.

(مومل راڻو، ٢ ـ ٩)

(٣٩)

هَلو، هَلو ڪاڪِ تَڙين، جِتي نينهَن اُڇَلَ،
نہ ڪا جَهلَ نہ پَلَ، سَپُڪو پَسي پرينءَ کي.

(مومل راڻو، ٢ ـ ٨)

(۴٠)

هَلو، هَلو ڪاڪِ تَڙين، ڇَرُو جِتِ ڇَڙهَنِ،
ڪوڙين رَنگِ رَچَنِ، پانوڙيءَ پِڪَ سين.

(مومل راڻو، ٢ ـ ١٠)

(۴١)

هَلو ۽ مَلهو، ڏُکُ مَر پَسو، ڏوتيا!
سُونهون جو ساٿَ جو، سو مُون هوتُ سَلو،
آن بہ تِئي پَلو، آئُون پڻ گڏجان پرينءَ کي.

(حسيني، ٨ ـ ١٨)

(۴٢)

هَلُ هنئين سي هوتَ ڏي، پيرين پَنڌُ وسارِ،
قاصِدائي ڪارِ، ڪِينَ رَساٽي ڪيچَ ڪي.

(سسئي آبري، ٣ ـ ١١)

(۴٣)

هَلُ هِنئين سين هوتَ ڏي، پيرين ڪَر مَر پَنڌُ،
رائِي پُڇُ مَر رَندُ، رِڙهُ رُوحاني سَسُئِي!

(سسئي آبري، ٣ ـ ١٢)

(۴۴)

هَلُ هِنئين سين هوتَ ڏي، ڇِپَر ڇُلُ مَر تون،
مَنجهان لَڏو مون، ڪوهِيارو ڪيچَ ڏٿي.

(سسئي آبري، ٣ ـ ١۴)

(۴۵)

هَلُ هنئين سين هوتَ ڏي، ڇِپَر هَڏُ مَر ڇُلُ،
آرِياڻي اَمُلُ، ڪايا ۾ ڪانڌُ ٿيو.

(سسئي آبري، ٣ ـ ١٣)

(۴٦)

هَلُ هِنئين سين هوتَ ڏي، سِسي ڪَٽُ مَر ساڻُ،
جِنين پانيو پاڻُ، سي آرِياڻيان اوري رَهِيُون.

(سسئي آبري، ٣ ـ ١۵)

(۴٧)

هُنَ پَرِ سُيَمِ هاڪَ، سُتي سَنپارَنِ جي،
مُحَبَتي ميهارَ جي، چَڙَنِ چوريا چاڪَ،
اُنهيءَ جيَ اوطاقَ، وِڃَڻُ واجبُ مُون پيو.

(سهڻي، ۴ ـ ٩)

(۴٨)

هُنَ پَرِ سُيَمِ هُوءِ، سُتي سَنپارَنِ جي،
چِٽُ چَڙَنِ چوريو، جَئِنڪَ تِيڙَمِ جُوءِ،

مُحبّتي ميهارَ جي، • بالله پيِيَمِ بوءِ،
وِجي روءِ برُوءِ، ڏيکيان دوست ميهارَ کي.
(سهڻي، ٤ – ٨)

(٤٩)

هُنَ تاري، هُنَ جاءِ، هُت منهنجا سُپرين،
سَجَڻَ ماڪيءَ ساءِ، ڪَؤڙا تين نہ ڪڏهين.
(ڪنڀات، ١ – ٢٥)

(٥٠)

هُنَ تاري، هُنَ هَنڌِ، هُت منهنجا سُپرين،
سَجَڻَ ماڪِيءَ مَنڌِ، ڪَؤڙا تين نہ ڪڏهين.
(ڪنڀات، ١ – ٢٣)

(٥١)

هُنَ تاري، هُنَ هيٺ، هُت منهنجا سُپرين،
سَجَڻَ ماڪيءَ ميٺِ، ڪَؤڙا تين نہ ڪڏهين.
(ڪنڀات، ١ – ٢٤)

(٥٢)

هِنَ پارِ، نہ هُنَّ، ويچارِي وَہ وَچِ ۾!
نِيڄُ نِهاري نہ گهڙي، تنهن ۾ پيس ٽُنَّ،
الله! ساڻُ امُنَّ، آران ڪنهن اُڪارِئين.
(سهڻي، ٦ – ١٧)

(٥٣)

هَنجَ مِڙيئي هَنجَ، ميرو مَنجهن ناهِ ڪو،
جِتي رَهَنِ سَنجهہ، سو سَرُ ڪَنِ سُرهو.
(ڪارايل، ١ – ٢٧)

(٥٤)

هَنجَنِ سين هيڪارَ، جي ڳَنَّ ڪري نِهارِئين،
ٻَگهن ساڻ ٻيهارَ، ٻيلهہ نہ ٻَڌين ڪڏهين.
(ڪارايل، ١٠ – ١٢)

(٥٥)

هِنَ مُندَ مارُو سَنَرا، جيائي جالين،
چاريو لَنبَ، لَطِيفُ چئي، واڱيين وهارين،
ڪيٽائي ڪاهِين: مِينهَن وَسَندا، موٽُ ٿُون.
(مارئي، ٩ – ٨)

(٥٦)

هِنَ مُندَ مارُو سَنَرا، ڏِنگَرَ ڏارَ رَهَنِ،
پاٽي پوڄَ پَٽَنِ ۾، پَکي پاندِ پِيَنِ،
هِنَ ڪي لوهَ، لَطِيفُ چئي، هوءِ ڪاٿُرَ مَنجهہ ڪَلَنِ،
ڪاٿُونبا ڪاڄَنِ: مِينهَن وَسَندا، موٽُ ٿُون.
(مارئي، ٩ – ٦)

(٥٧)

هِنَ مُندَ مارُو سَنَرا، ساڙِيہَ مَنجهہ سُڏِيرَ،
هِنَ ڪي لوهَ، لَطِيفُ چئي، ڪوٺِيِنِ اَنڊَرِ ڪيرَ،
ميها مَنجهہ مَلِيرَ: مِينهَن وَسَندا، موٽُ ٿُون.
(مارئي، ٩ – ٧)

(٥٨)

هِنَ مُندَ مارُو سَنَرا، ڪاٿُرَ ۾ خُوشحالَ،
سائُون، سِيارِڄُ، مَکٽي، جيڏِيُون! آٽِنِ جالَ،
سَٿيءَ جي، سَيّدُ چئي، ڪا ساڙِيہَ مَنجهہ سنيالَ؟
لَڳَنِ تان، لَطِيفُ چئي، لوئِي لاهِ مَ لالَ!
پَلو ڪَندو پالَ، مِينهَن وَسَندا، موٽُ ٿُون.
(مارئي، ٩ – ٥)

(٥٩)

هِنَ مُندَ مارُو سَنَرا، وِيڙهين وَڳَ وارِين،
ڃَڃِيا ڃيڪارِيو ڃِيلِڙا، پَٽين پَهرائين،
نيڻَ مُنهنجا اُنِ ڪي، جَهجهو جَرُ هارِين،
تاڙا تَنوارِين: مِينهَن وَسَندا، موٽُ ٿُون.
(مارئي، ٩ – ٤)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٦٠)

هَلَندي هاڙهو مَٿي، ڏڪَنِ مُنهنجا ڏوهَ،
هو اوچَتَ سِرِ اُتَنِ تي، هِيءَ پَنڌِ پَڇاڙي پوءِ،
ليڙَنِ ري، لَطِيفُ چئي، ڪيئَن ڪَرينديس ڪوهَ؟
اِڪيان رائو سُڄي روهَ، وِهان تان نہ وَسِ پيو.

*(معذوري، ۳ ـ ۲)*

(٦١)

هَلَندي هاڙهو مَٿي، سِسي ڏينديس ساهُ،
لِڱَنِ تان، لَطِيفُ چئي، پاري نيمِ پاهُ،
ڪندو باجهہ اَللهُ، وِهان تان نہ وَسِ پيو.

*(معذوري، ۳ ـ ۳)*

(٦٢)

هَلندي هاڙهو مَٿي، ڪَرَنُ ڪوهَ پيامِ،
اَرڏا آرِيءَ جامِ ريَ، ڪُونڌَرَ ڳُذِيامِ،
لَڪِيوُن، لَڪَ، لَطِيفُ چئي، اورانگهَنُ آيامِ،
پُرَنُ پُنهونءَ پُٺِ ۾، اِيَ سَعادَتَ سَنديامِ،
مَٿسِ ڪَمَ وِڏامِ، وِهان تان نہ وَسِ پيو.

*(معذوري، ۳ ـ ۱)*

(٦٣)

هَلَندي هاڙهو مَٿي، ڳَسان تان مَ ڳُسان،
لَڪَنِ تان، لَطِيفُ چئي، رِڙهي مانَ رَسان،
پُنهون شالَ پَسان، وِهان تان نہ وَسِ پيو.

*(معذوري، ۳ ـ ۴)*

(٦٤)

هِنئَڙو بيڙِيءَ جان، ڏُتَڙِ پئي ڏينهن ٿيا!
پُڇيو تان نہ پِريان، ڪَرَلاهُو ٿي ڪَڏهين.

*(سامونڊي، ۱ ـ ۲۴)*

(٦٥)

هِنئَڙي حُجُون ڇِڏيون، قُوَتَ رِهيَمِ ڪانَ،
مون تي مونجهہ، مون پِرِين! ساهَڙَ جامَ سُڄانَ!
آهيان گهٽو اَجانَ، پِرُ، پَليرا سُپِرِين!

*(سهڻي، ۸ ـ ۲۲)*

(٦٦)

هِنئَڙي سڄَڻَ ساريا، ڪٿي هوندَمِ هيرَ؟
اَچي لالَنَ! نہ ڏئِين، مٿي پلنگن پيرَ؟
ٿي وروُنهڻ ويرَ، ڳُجهہ ڳَرهيان ڪن سين.

*(ڪنيات، ۲ ـ ۱۰)*

(٦٧)

هَنُ، حبيبَ! هَٿُ ڪٽي، ٻَنگان لهي پانُ،
ماڳهين مون مِنهُن ٿِئي، جهوليءَ وِجهان پانُ،
اِنَ پِرِ ساجَنَ سانُ، مانَ مُقابلو مون ٿِئي.

*(يمن ڪلياڻ، ۱ ـ ۸)*

(٦٨)

هَنُ، حبيبَ! هٿُ ڪٽي، ٽيڪَ مَ، ٽورو لاءِ،
پريَمِ! ٽنهنجي گهاءِ، مَران تہ مانُ لهان.

*(يمن ڪلياڻ، ۱ ـ ۲)*

(٦٩)

هَنُ، حبيبَ! هَٿُ ڪٽي، دِل ۾ ڏِيري دانهَن،
ڪُهان تان ڪُوڪَ ٿِئي، صبرُ آئون نہ سَهان،
ڪنهن کي اِئَن چوان، تہ مونکي ماريو سَڄَڻين.

*(يمن ڪلياڻ، ۱ ـ ۷)*

(٧٠)

هَٿندي ٿڪِمِ هَٿَ، هِنئَڙي حُجُون ڇڏيون،
لَکُ لَهرن ڳَڏيو، موجُون وَرِيُون مَٿَ،
نيمِ ڪُنَّ قُوَتَ، پِرُ، پَليرا سُپِرِين!

*(سهڻي، ۸ ـ ۲۱)*

(۷۱)

هَٿَڙُ، هَڪِلَڻُ، ٻيلِي سارَڻُ؛ مانجهيان اِيُ مَرڪُ،
وِجهَن تان نہ فَرَقُ، رُڪَ وَهنديءَ راندِ ۾.
(ڪيڏارو، ۳ ـ ۴)

(۷۲)

هَٿين جي حَبيبَ! محبتِي مَيا ڪري،
پُڇان ڪِينَ طبيبَ، هوند گهاٽَنِ سين تي گهاريان.
(ڪلياڻ، ۱ ـ ۱۰)

(۷۳)

هوتُ تُنهنجي هَنجَ ۾، پُڇين ڪوُهُ پَريانُ؟
'وَنَحنُ اَقرَبُ اِلَيهِ مِنَ حَبلِ الوَرِيدِ'، تُنهنجو توهين سانُ،
پنهنجو آهي پاڻُ، آڏو عَجيبَن ڪي.
(سسئي آبري، ۵ ـ ۱۳)

(۷۴)

هوتُ تُنهنجي هَنجَ ۾، پُڇين ڪوُهُ پَهي؟
'وَفِي اَنفُسِكُم اَفَلا تُبصِرُوُنَ'، سوُجهي ڪَر سَهي،
ڪِڏهِن ڪانہ وَهي، هوتُ ڳولَڻَ هَٿَ تي.
(سسئي آبري، ۵ ـ ۱۲)

(۷۵)

هوتُ نہ ڏِٺائُون، ڏوهُ نہ ڏِيان جيڏِين،
مُون جِتَن رُناڻُون، مَٿي ڪِيو هَٿڙا.
(حسيني، ۱۲ ـ ۲)

(۷۶)

هُو پِرُ ڪونهي هِنَ رِيَ، هِيُ نہ هُنَهان ڌارَ،
"اَلاِنسانُ سِرِيَ وَاَنَا سِرُهُ"، پَروڙِج پَچارَ،
ڪَندا وِيا تَنوارَ، عالِمَ عارِفَ اَهڙِي.
(آسا، ۱ ـ ۷)

(۷۷)

هُو جي ٿِيا هَرڪيسَ، تِنِ لَڳي ڪِينَ لِباسَ سين،
وَتَنِ وِلَهي ويسَ، لاهوُتِي لَطِيفُ چئي.
(رامڪلي، ۹ ـ ۳۵)

(۷۸)

هُو جي ڪَنَ ڪَپارَ جا، سوُڏو سي نہ سُٽِينِ،
اَندَرِ جي آهِينِ، سُڻُ سَنيهو اُنِ سين.
(رامڪلي، ۴ ـ ۲۲)

(۷۹)

هو چونئِي، تون مَ چئُ، واتان وَرائِي،
اَڳ اَڳرائِي جو ڪري، خطا سو ڪائِي،
پاندَ ۾ پائِي، ويو ڪِيني وارو ڪِينَ ڪِي.
(يمن ڪلياڻ، ۸ ـ ۱۲)

(۸۰)

هو چونئي، تون مَ چئُ، واتان ورائي وِيڻُ،
سِيني سين سيڏُ چئي، مَنُ ماري ڪر مِيڻُ،
ڪاندِ وِڏيائي ڪيڻُ، ڪِيني منجهان ڪين ٿئي.
(يمن ڪلياڻ، ۸ ـ ۱۷)

(۸۱)

هوڏانهن هُنِ هاڪارِيو، هيڏانهن هِي هَٿَنِ،
سُرنايُون ۽ سُنڌڙا، ٻِنِين پارِ پُرَنِ،
گهوٿَنِ ۽ گهوڙَنِ، رِنَ ۾ لائُون لَڌيُون.
(ڪيڏارو، ۳ ـ ۲)

(۸۲)

هوڏَ ڇَڏِي هوڏِي، جي مان گهرِ اَچين، سُپرين!
ڳالهيُون ڳُجهہ اَندَرَ جُون، تَنَ گهرِيُون تو ڏي،
جي وِهين ڳَڏُ گوڏِي، تہ ڏوَرَ سُٽاَيَنءِ دِلِ جا.
(بروو سنڌي، ۱ ـ ۲۳)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٨٣)

ھُو ڏوٿي، ھُو ڏِينھَن، ھُو ڏُونگَر، ھُو لَڪيُون،
ڪَنھن جَنھن لِڏا نِينھَن، پُٺا لُوسَنِ لُڪَ ۾.

(ڪاھوڙي، ١ _ ٧)

(٨٤)

ھورِن ھاڙھو لَنگھِيو، ٿِيُ جرَيِدي، جوءِ!
ھُوَنِدَ جنِين سين ھوءِ، ھوتُ نہ ھُوندو تن سين.

(معذوري، ٢ _ ٩)

(٨٥)

ھورِن ھاڙھو لَنگھِيو، ڳورِيُون ٿِيُون ڳَمَنِ،
ھاجَي تنھن ھَجَنِ، ڏاران سِڪَ، سَيَّدُ چئي.

(معذوري، ٢ _ ١٢)

(٨٦)

ھورِن ھاڙھو لَنگھِيو، ڳورِيُون پاسي ڳوٺَ،
ڪيڄِ تِنين کي ڪوٺَ، ’ڪِينَ‘ جنِين جي ڪَڇَ ۾.

(معذوري، ٢ _ ١١)

(٨٧)

ھورِن ھاڙھو لَنگھِيو، مُٺِي! موُسَٺُ ڇَڏِ،
’لا‘ سين اُٿِي لَڏِ، ’ڪِينَ‘ رسائي ڪيڄَ کي.

(معذوري، ٢ _ ١٠)

(٨٨)

ھوندو ھَڏِ مَ رَڪُ، لاءِ پياڪن پانھنجو،
وَٺِي واٽاڙَئن کي، تان پياري پَـرَڪُ،
سالِڪَ لھي ٿي لَڪُ، جا تو ايندي اُن سين.

(يمن ڪلياڻ، ٤ _ ٨)

(٨٩)

ھوندو ھَڏِ مَ سَندِ، لاءِ پياڪَن پانھنجو،
پوڄَ پيارج پَنھِيڙا، ويندا وٺيو ڪندِ،
تہ ھَٿَ تنھنجي ھَندِ، موڪي! ڪو مانُ لھي.

(يمن ڪلياڻ، ٤ _ ٧)

(٩٠)

ھُونديان ھوتُ پَري، اوڏو آه اَٽَ ھُونَدِ کي،
ساڃَنُ تن سَري، ’لا‘ سين لَـڏِينِ جي.

(معذوري، ٢ _ ٧)

(٩١)

ھُوءَ جا گھوري گھوٽَ جي، تنھن کي چَري چَونِ،
اُگھاڙيُون آتَڻَ ۾، ھوتَ پُڄاڻا ھُونِ،
پَرا تِنين پَـوَنِ، ڏِٺو جن اَکِيُنِ سين.

(حسيني، ١٢ _ ٢٨)

(٩٢)

ھُوءِ جي سُورَ سُڄَنِ، سي مُون پينگھي ۾ پرائِيا،
سانڍِيياسِ سُکَنِ، سُورَنِ ڪارَڻِ، سَرَتِيُون!

(حسيني، ١٠ _ ١٥)

(٩٣)

ھُئِي، جي نہ ھُئِي: تہ بہ ٻانھِي ٻاروچَنِ جي،
اِنَ سَگَ مُقابِل سَسُئِي، سَندِيَن ٿي سُئِي،
ھُن تان لَڄَ لُئِي، ھِنَ جو ھَلَڻَ ھوتَ ڏي.

(ڪوھياري، ٣ _ ٩)

(٩٤)

ھُئِي طالِبِ حَقَّ جي، توڏي لاڪُون توڙ،
نہ مَلاحُ نہ مَڪُڙِي، نڪِي ٻَڌِي نوڙ،
پاٽِي پِنيءَ ٻوڙ، سُھِڻِيءَ ليکي سِيرَ ۾.

(سھڻي، ٣ _ ٦)

(٩٥)

ھُئين تہ ويڄِن وَٽِ، تون ڪِئن جِيءَ جَڏو ٿِئين؟
سِرُ ڏيئي ۾ سَٽِ، ڪُہُ نہ ڪَيءِ ڊَٻَـڙا؟

(يمن ڪلياڻ، ٢ _ ١٥)

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

(٩٦)

هُئين وَسِيلو وِچَ ۾، ڪانگَلَ! پاڙيَـئَي ڪانَ،
اُتَئي ڪِينَ عَجِيبَ ڪي، ظاهِرُ ساڻُ زبانَ،
توڙِ پُهتين تان نہ، اوريان ئي آئيو ڏئين.

(پورب، ١ ـ ٢٢)

(٩٧)

هُئِي هدايَـتَ حُـرَ کي، اَزَلَ ۾ اَصلا،
چَڙهِي آئيو جَنگ تي، هَلِي هُنَ پارا،
ايندي چَيائين اِمامَ کي: ”گهورِيُسِ آن مَتاءِ“،
”لاَيُڪَلِفُ اللهُ نَفساً اِلاَّ وُسعَهَا“، جيڪا پُڄنديَم سا،
گهوٽَ بہ لَڳا گهاءَ، سو پڻ شيرُ شَهِيدُ ٿِيو.

(ڪيڏارو، ٥ ـ ٧)

(٩٨)

هُئينءَ تہ گهٽو هوشِيارُ؟ ڪَلَ بہ هُيءِ ڪانڌَ جِي؟
تو يانيو موچارِي ٿِيان، ڳِچِيءَ پائي هارُ؟
ڪانڌَ ڪُوڙِيءَ جو نہ وَٺِي، سَئين پَتين سِينگارُ،
وَهَمَ لَهِي وِينجهارُ، دِليُون پَرکي داسڙو.

(ليلا چنيسر، ٢ ـ ٣)

(٩٩)

هئي! پَرا! اَڳارن، پڌاهين پرن جي،
هڪُ ڪُوري ڪانئا، پيو ڏُوڏي منجهہ ڏِگن،
پاتان لُهارن، ميڙي رکيا مچ لِيءِ!

(يمن ڪلياڻ، ٣ ـ ٢٢)

(١٠٠)

هي تان تُورَڙيُون، جي تُون، پورا! پَسي پُلَـئين،
راتِيُون پِيُون گهٽِيُون، جي تو اِينديُون هيڪلِي.

(ڏهر، ٣ ـ ١٢)

(١٠١)

هيءِ! تو وِجي هوتُ، آئُون ڪِ اَڳِيَري ٿِيان،
مَـتان چوءِ بَلوچُ، ”ڪَمِيٽِيءَ مان ڪِينَ ٿِيو“.

(حسيني، ١١ ـ ١٥)

(١٠٢)

هيٺِ جَرُ، مَٿي مَـچَرُ، پاسي پِرِين سَندامِ،
ڪوڙِيين ڪاجَ سِڌامِ، اَنَّ سِڌو ڪونَ رَهِيو.

(ڪاموڏ، ٢ ـ ٤)

(١٠٣)

هيٺِ جَرُ، مَٿي مَچَرُ، پاسي ۾ وَتَـراهَ،
اَچِي وَجِي وِچَ ۾، تَماچِيءَ جي ساءَ،
لَڳِي اُتَرَ واءَ، ڪِنجُهرُ هِندورو ٿِئي.

(ڪاموڏ، ٢ ـ ٣)

(١٠٤)

هيٺِ جَرُ، مَٿي مَـچَرُ، ڪَنڌيءَ ڪَوَنرَ تَرَنِ،
وَرِئي واهُوندَنِ، ڪِنجُهرُ ڪَتُوري ٿِئي.

(ڪاموڏ، ٢ ـ ٥)

(١٠٥)

هي جي آيا هيرَ، سي مُون اَڳُ نہ ڏٺا ڪَڏهِين،
آئُون تَرسان، هُو تَڪِڙا، پَٽِ نہ لائِين پيرَ،
پَنيوليَسِ پَرَنَ ۾، پَسي پيندِيُن پيرَ،
آءُ، آرِياڻي! اُسري، تي واهَرَ جي وِيرَ،
هِيَ ڪَمِيٽي ڪيرَ؟ تون، پارِسَ! رَسج پَبَ ۾.

(ديسي، ١ ـ ٢١)

(١٠٦)

هَيءِ! جي هُنا هاڻِ، تہ مَتِنِ هُوندَ حَقُ ٿِيو،
پيهي وِيا پاڻَ، اَڏِيا مَڙهَ مارِين مُون.

(رامڪلي، ٨ ـ ١٨)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٠٧)

هَيءِ! جي هُئا هِتِ، تہ مَتِنِ هُوندَ حَقُّ تِيو،
مَٽِيُون، مُورَتَ، مَتِ، مانَ وِسرِيُون ڪِي لَهان.
(رامڪلي، ٨ ـ ١٧)

(١٠٨)

هيجُ نہ هوندو جَن، سي ڪِيئَن وندُرِ ويندِيُون؟
وِهو وِچِ رَهَنِ، سَهسين سَڏَنِ وارِيُون.
(سسئي آبري، ۴ ـ ١)

(١٠٩)

هيرائي هَٿَ ڪَيو، هِنئَڙو حَبِيبَنِ،
بَڌي ڪَچِيءَ تَندُ ۾، سَلهاڙِيو سيٽَنِ،
جُه وِڏا پيچَ پِرِيَنِ، تہ هنئَڙو هَٽيڪو ٿيو.
(بروو سنڌي، ١ ـ ١۵)

(١١٠)

هُيَسِ جي آئون، پانهي پاروچَنِ جي،
هُوندَ نہ ڇَڏِيائُون، ڏُکيءَ کي ڏُکَنِ ۾.
(حسيني، ۴ ـ ٢)

(١١١)

هُيَسِ جي سِياءِ، تہ ڪَيُمِ ڏُکُ ڏيرَنِ تي،
اَدَبَ وچان اِنِ سين، ڳالهِ نہ ڪَيَمِ ڪاءِ،
ذاتِ مُنهنجِي، ماءِ! ڪَچو ٿِي ڪيچِيُنِ کي.
(حسيني، ۴ ـ ۴)

(١١٢)

هي سَڄَڻَ سيئي، جي مون ڪوڏِ نِهارِيا،
اِيندَم جان پيهي، تہ سَڀِ لاهِيندَمِ ڏُکَڙا.
(سامونڊي، ١ ـ ٣٧)

(١١٣)

هُيَسِ هندورَنِ ۾، پيئيمِ ڪانَہ پَرُوڙَ،
مَٽِئي سَندي مامِري، ڪوجهي وِڌِيَسِ ڪُوڙَ،
سامُهان ٽِيَمِ سُورَ، وِيو وِلَڙِي وَلَهو!
(ليلا چنيسر، ٢ ـ ١٠)

(١١۴)

هِيَ گَسِي، هِيُ گَسُ: هِيُ پَهَڻُ، هِيُ پيچِرو،
ويچاريءَ وَڏو ڪيو، ويندَنِ پُنهِيءَ وَسُ،
ليڙَنِ جو، لَطِيفُ چئي، ڏُونگرِ آتيئي ڏَسُ،
جَڳَ ۾ رَهِيُسِ جَسُ، سَگُرِ تِي سَردارَ جي.
(سسئي آبري، ٨ ـ ١۴)

(١١۵)

هيڪانديءَ هوئِي، اُتِي راتِ رَوان ٿِيا،
ساهُ سَگِي ۾ سُورَ جي، پُنهون وِيو پوئِي،
رَهُ، قَضا! دَمُ ڪوئِي، تہ هيڪَرَ هيڪاندي ٿِيان.
(سسئي آبري، ٧ ـ ۴)

(١١٦)

هيڪُ جِئَن نہ جاياسِ، پيو جاپَندي جي مَران!
گهَنگهُرُ گهَٽو ٿِياسِ، جاپِي مارُوئَڙَنِ کي!
(مارئي، ٦ ـ ۴)

(١١٧)

هيڪَرَ هُٿَنُ ڇَڏِ، تہ اوڏِي ٿِئين عَجِيبَ کي،
’مَارَاَيۡتُ شَيۡئًا اِلَّا وَرَاَيۡتُ اللّٰهَ‘، نيئي اَجها اوڏانهين اَڏِ،
تہ هوتُ توهين کان هَڏِ، پِرِينَ پاسي نہ ٿِئي.
(سسئي آبري، ۵ ـ ١١)

(١١٨)

هيڪليائي هاڻِ، پُورِيندِيَسِ پُنهونءَ ڏي،
ڪَندِيَسِ ڪوهيارَلَ سين، رچي رُوحَ رِهاڻِ،

ڙلي ڇلي ڇپرين، ڪنهن پر لاهيان ڪاڻ،
آهيان گهٽو اجاڻ، پر سور پرين جا ساڻ مون.
(سسئي آبري، ۹ – ۱۲)

(۱۱۹)

هيڪليائي هيل، پورينديس پنهونءَ ڏي،
آڏا ڏونگر لڪيون، سوريون سڄڻ سبيل،
نہ ڪر بيلي آهن بيل، جي سور پرين جا ساڻ مون.
(سسئي آبري، ۹ – ۱۳)

(۱۲۰)

هي ڪن گاڏها وڪٽي، ڪن کي پيا ڳنهيج،
تنين ساڻ سٽيج، سپيريان جي ڳالهڙي.
(رامڪلي، ۴ – ۲۳)

(۱۲۱)

هيءُ منهن ڏيئي، پنّ، تون وهُ ڪائي نہ مرين؟
تان جي ملير جائيون، تو سين سنگُ نہ ڪن،
تون ڪئن منجهان تن، پاڻ ڪونائين؟ مارُئي!
(مارئي، ۲ – ۵)

(۱۲۲)

هي هنڌ، پيٽيون هاڻ، ساڙيان سڀ ڏيهين ري،
"ڪُلُ شَيءٍ يرجعُ اِلَي اَصْلِهِ"، تي جهجان جهانگين ڪاڻ،
پري پنهنجي پاڻ، پسان ملڪ ملير جو!
(مارئي، ۱ – ۱۴)

(۱۲۳)

"هيءِ! هيءِ!" ڪيو "هاءِ!"، تي پاڻ هٽي سرُ پاهٽين،
لڏائين، لطيفُ چئي، جوءِ جتن جي جاءِ،
شُڪر، بارِ! سنداءِ، سُتاٽي ساٿِ مڙي.
(ديسي، ۲ – ۱۴)

(۱۲۴)

هيءِ هيءِ! وهي هاءِ، من ۾ محبوبن جي!
جيرا جوش جلائيا، بُڪين پري باهِ!
پسو مچ متاءِ، جي ويساهَ نہ وسهو!
(يمن ڪلياڻ، ۳ – ۱)

(۱۲۵)

هيءِ هيءِ! وهي هوءِ، من ۾ محبوبن جي!
جيرا جوش جلائيا، بُڪين مُڪي بوءِ!
اچي پسو روءِ، جي ويساهِ نہ وسهو!
(يمن ڪلياڻ، ۳ – ۲)

(۱۲۶)

هيءَ هڏ وهاٽي، تون ڪڙهُ ڪالهوٽي ڏينهن ڪي،
اُٺي اور ارٽَ سين، ويهُ مَ، ويڳاٽي!
نہ صراف سياٽي، موتائي هٽنئي نہ منهن ۾.
(ڪاپائتي ۱ – ۵)

(۱۲۷)

هيءَ هڏ وهاٽي، جان ڪتين تان ڪٽُ،
ڪو پنهنجي عيد ڪي، پيري ڪج پرٽ،
متان روئين رٽ، صباح وچ سرتيين.
(ڪاپائتي ۱ – ۴)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## وائي- ١

هاڻ اِيندو، اَلا! مُنهنجو سَجَڻُ شالَ اِيندو.
آگُر لائي اَنڊيُون، وَجي وَسَنُئَن ۾ وجهندو.
نماڻيءَ جو نجهرو، پاسي پاڻَ اَڏيندو.
مَٿان لَڪَنِ ساٿڙو، صَحِيح سَلامَتَ نيندو.
مَهندِ ٽِيندو مُصطفيٰ، پُنيءَ لوڪُ لَنگهيندو.
اَچِي عَبدُاللّطِيفُ کي، دوسُ دِلاسا ڏيندو.

*(ابرو سنڌي، ٢ — وائي ٢)*

## وائي- ٢

هتان تي هَلَنديَس، ميان! سامُهين سازَيَهَ ڏي.
وَڏا پيندا پَنڌَ جا، مَنزَلَ ماٽيِنديَس، ميان!
اَلاهَر عَجِيبَ کي، لَڪَنِ مان لَهَنديَس، ميان!
جيڏيُون! جوڙُ جَتَنِ جو، جڏهين آئُون ٽيِنديَس، ميان!
حُجاڻتا هوتَ کي، ڏوراپا ڏيِنديَس، ميان!
فَرياديُون فِراقَ جُون، پُنهَلَ کي چونديَس، ميان!
اَديُون! عَبدُاللّطيفُ چَئي، مَنهِن آئُون مِلَنديَس، ميان!

*(حسيني، ٩ — وائي)*

## وائي- ٣

هَلُ هوتَنِ کارَڻِ حالَ، شالَ سَگُر ٽيِنديِنءَ ساٿَ جي!
پيرَ پنهنجي پرينءَ لَءِ، کوڏُ رَتائين کالَ.
چَڙهندي سِرِ چوٽيِن، لَڪَنِ کَيَڙُس لالَ.
جي پائَنِين جَتَنِ جي، ويجهي ٿِيا وِصالَ.
پُري پَبَ وَڙَنِ ۾، وِجهج کا وَڙالَ.
کيچان آيو قافلو، مَيَن مَٿي مالَ.
اِينديءِ بُوءِ بوتَنِ جي، تون جَهلج پَبَ پيالَ.
جِتي جمازَنِ کي، جَبَلَ ٿِين جَنجالَ.
پُڇي پِيادِيَنِ کي، اُتِ آرياڻي اَحوالَ.
اَديُون! عَبدُاللّطِيفُ چَئي، سَجَڻَ مِلَندَمِ شالَ!

*(معذوري، ٢ — وائي)*

## وائي- ٤

هِنئَڙو تو هُنِ ساري، مُنهنجو ساهُ سَيّدَ کي تو ساري.
جيڏيُون! آئُون هَلَندي، ويندي هوتَ ڏي؛
سَرَتيُون! آئُون ڪَهَندي، ويندي ڪيچَ ڏي.
هوتَنِ هَلَڻُ مَنَ ۾، ڪيرَ گهڙي هِتِ گهاري؟
آسَرَ پَري آهِيان، مانَ واحِدُ آڻِين واري!
پَنڌَ آڙانگا پَٽنِين، مُون کي کوهيارو تو کاري.
سَچو سُخُنُ سُپرين، مانَ پُنهَلَ پَنهنجو پاڙي!
ڇيرو اَندرِ ڇِندَڙي، وِيو پاروچَلَ پاري!
وڏا ڪَرَم ڪَريمَ تي، هن ويچاريءَ واري.
اَديُون! عَبدُاللّطِيفُ چَئي، وِهَندَمِ ڪِينَ وِساري.

*(ديسي، ٥ — وائي)*

## وائي- ٥

هو اَرمانُ اُتَنِ، ميان! سَسُئيءَ جي سُورَن لَءِ.
ڪَجاوا ڪَرَهَن تي، جوڙيا جالَ جَتَنِ، ميان!
پيرُ نه ٽِڪَنِ پوءِ تي، تا ڪامُن سان ڪُتِجَنِ، ميان!
مَهارُون مَيَن جُون، واڳُون وَسِ ڏٽيَنِ، ميان!
ٽَڪَرَ ۾ ٽونڪارَ تي، صُبح ساٽِيَڙَنِ، ميان!
سانگ نه تُنهنجو، سَسُئي! هاٿي هوتَ نه ڪَنِ، ميان!
اَديُون! عَبدُاللّطِيفُ چَئي، سي مَرُ مُحِبَّ مِلَنِ، ميان!

*(حسيني، ١٠ — وائي ١)*

## وائي- ٦

هوتَ سي هَلَڻَ هارا، ووا! جيڏيُون!
ڪيئَن ڪَريان آئُون اُن سين؟
ڪوءِ پَلَنگ! بَنِ مازيُون! ڪيَڻَ سي ٽيڙَمِ ڪارا!
سُونهَن سُپيرين جا، آتَڻَ وَٽِ اَوتارا.
وينو ڏئي ڏکين کي، پُنهون جامُ پوچارا.
آهِيان پَرتِ پُنهونءَ جي، ڪَنديَس ڪُنرَ ڪارا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيرُ مَ ڇَڏِج پرينءَ جو، هيءِ! هيءِ! هَٿَ آسارا!
ڪيچِيُنِ ڪَرَهَ پَلاڻِيان، مَيا ٿِيڙَمِ مارا،
اَنڍَنِ آهِئين آسرو، موتِج، مُحِبَّ موچارا!
(سسئي آبري، ٨ - وائي)

## وائي- ٧

هوتَن ٻنا ٿي، مِيان! دَردَ فِراقَ ني، مِيان!
پُنهون سائينءَ، جيڏِيُون! اَلولو! ماري آهيان!
اَديُون! آريچَنِ جي، اَٿُون نِهوڙِيَس نِفاقَ،
ڏُونگَرَ ڏوريو نہ ٿِئي، مُون وِلهيءَ کان واڪَ.
(ديسي، ٧ - وائي ٢)

## وائي- ٨

هوتَ! نہ ياتيُمِ هيئَن،
اَٿُون جا ماري، سَجَڻَ! تُنهنجي نينهَن،
وو! ڇَڏي ٿُون ڪو ڇَپَر ويندين.
لُڪُون لَگَن ڪوسِيُون، ڏاڍا تَپَن ڏينهَن،
عِشقَ آريءَ جامَ جي، ڪَيُس نِماڻي نينهَن،
جُهنگاريندي جهنگَ ۾، ڏوٿِيَن ڏِنڙي ڏينهَن،
آن جا ڇَڏي ڇَپَرين، ڪيچ رَسندي ڪيئَن؟
وَلهيءَ هِتِ وَسائيا، سَندا مُحَبَتَ مِينهَن،
اَديُون! عَبدُاللّطِيفُ چئي، پَهچان سيئَن سَئَن.
(ديسي، ٣ - وائي)

## وائي- ٩

هوتُ نَيِنان جو دِلبَندُ! پَلو جيڏِيُون!
هيڏي هوڏي سُپِرين، ڪاڏي واريان ڪَنڌُ.
ڇِڙهي ڏاڍاين ڏُونگَرين، راهَ پُڇايان رَندُ،
ساجَنُ سَيَڻان سُهِڻو، سائينءَ جو سوگَندُ.
اَديُون! عَبدُاللّطِيفُ چئي، ميڙينديُم صَمَدُ.
(ٻروو سنڌي، ١ - وائي)

## وائي- ١٠

هوتَ! هوتَ! اي هوتا! ڏِينديَس ماهُ مِرُن کي،
اَئُون جَرا جِيُ ڪَري.
ڏيئِي باهِ ڀَنبورَ کي، آئُون آيَس تو ڳَري،
آرياڻي پُنهونءَ رِيَ، مُون کي، سَرتيُون! تان نہ سَري،
جَنڊي پايو جان ۾، ڏُکي ڏُکَ ڏَري،
آءُ اوراهُون، سُپرِين! وَجُ مَ، پيَّ! پَري،
مُون ڏِني، مُون وسهو، ورچي تان نہ وَري،
ڏُکيءَ جي ڏيکارِئين، ڏاران مُنهن مَري،
پيالي پِرِيُن جي، موهِيَس ميٺَ ڪَري،
آريءَ جي عِشقَ جي، مُون کي اَندَرِ آڳَ ٻَري،
توکي توءِ نہ ڇَڏِيان، جي وَڃان پُونءِ تَري،
ڏَڙُ وجهنديَس ڏوڙ ۾، مَٿو ڏارَ ڏَري،
هَلَڻُ سُٺي هوتَ جو، ڏُکي، پَسُ! ڏَري،
پرين! ڪَٽج پانهنجِيُون، اَکيُون باجهه ڀَري،
اَديُون! عَبدُاللّطِيفُ چئي، مَنَ ڪا مَهرَ ڪَري.
(حسيني، ۴ - وائي ١)

## وائي- ١١

هوئَج هوشيارِ خبردارِ، تِرڪَڻُ آهي تَڙَ ۾،
ڪُڏُون، کُوپا، چڪَ، چِڪنديُون، تان ڪِي نَئي نِهارِ،
آڏيءَ سي آڪُڙنديُون، اَکيُون جن ڪپارِ،
مُون سُئو ملاحَنِ کان، تَڙَ اَڙانگا تارِ،
هوتُ هَلنديَن ڪِنيو، وهُنُ، مُندا! وِسارِ،
ڪِهِ آتَڻُ! ٻَنِ جيڏِيُون! ڏيراڻيُون ڏُٿارِ!
ڀَڪو ڪَنج پانَ سين، پِرين تنهنجو پارِ،
ويندي واتاڙُنِ کي، پَتيءَ ڪيمَ پچارِ،
ڀَونديِنءَ مُنهن ميهارَ جي، ڏَمَ وَتِ ڏينهَن مَ گهارِ،
ساهَڙَ کي، سُڻُ، سُهٽي! ٻِچَلِ آڏي ٻارِ،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تارِ تَرنديِنءَ، لُڙُ لَنگهنديِنءَ، عِشقَ جي آڌارِ،
پاندُ مَ ڇَڏج پرينءَ جو، پهين جي پاتارِ،
تِينڌُءِ سَڏُ ساهَڙَ جو، توڏَي! تيُ تيارِ.
(سهڻي، ۹ — وائي)

## وائي- ۱۲

هوءِ جي هَليا هوتَ سُونهارا،
مُون نـه وَهيٽا، پُنهونءَ سَگهيٽا.
سَسُئِي پُڇي ساٿَ جا، اوطاقُون اوتارا،
آن ڪي ويندا گڏيا؟ آرياڻي اِهَ پارا،
تلِيُون ٿُئَنرَ هَلَوِيُون، مَيَن سِرِ موچارا،
مُون ڪي نيندا پاڻَ سين، ڪامِلَ ڪُرَ اُجارا،
اَديُون! عَبدُاللَّطِيفُ چئي، دوسَ آيا دِلدارا.
(سسئي آبري، ۲ — وائي)

## وائي- ۱۳

هِي جي، هو جي لَڪَا! مون مارِيندا لَڪَا!
يا والِي! ڪيڄُ نـه اوڏيءَ ڇَڪَ،
اَنتُ نـه ڏجي عامَ کي، لوڪان ڪجي لِڪَ،
پاڻَ ۾ پارِيُون ڪري، نينهَن وَهائجي نِڪَ.
(سريراڳ، ۲ — وائي)

## وائي- ۱۴

هيري هَٿُ وِڌائين، ويهي ساٿِيُن وِچ ۾،
نوازِش نُورِيءَ جِي، آهي تَماچِيءَ تائين،
گَندَگِيءَ گوشو ڪيو، عَطَرَ اوتَ اوتيائين،
اَنڌا، مَنڊا آئيا، سَخا سَڌُ وِڌائين،
پَسو جُودُ جُوانَ جو، ڪو هَنڌُ ڪونَ مَڻيائين،
قيمَتَ ڪَميِڻَن سين، جَهڙِي وَٿَ وَٺيائين،
موتِي مَڇِيءَ هَٿَ تي، ڪوڏِن جِڻَن ڪَڍيائين،
ماٽِڪَ مِياڻِن ۾، چِلرَن جِئَن ڇِڻيائين.
ڏيئي سونُ سُوالَ ۾، رُپي راندِ ڪَيائين،
پاٽِيَنِ آٽي پاڻَ سين، لَعلُون سَڀ لُٽيائين،
فيروزا فَقيرَن تان، گهوري سَڀ گهوريائين،
اُتي، عَبدُاللَّطِيفُ چئي، اَچلي اَمُلَ ڏنائين.
(ڪاموڏ، ۱ — وائي)

## وائي- ۱۵

هي سَڀ هَلَڻَ هارا، ڪونَ رَهندو ڪو هِت، جيڏيُون!
اَڏيا رَهندا اِتهين، هي سَڀ ماڳَ موچارا،
جن کي باشاهيُون بُلَندُ هُيُون، سي وِيا ڇَڏي وِيچارا،
”ڪُلُّ نَفسٍ ذَائِقَةُ المَوتِ“، سَمجهج اِهي اِشارا،
داڙُو دَڙي اُتهين، بَخشيائيندو بَدڪارا،
آلا! عَبدُاللَّطِيفُ چئي، اُتِ سَتُرُ ڪَج، سَتارا!
(ڏهر، ۴ — وائي)

## وائي- ۱۶

هِيَ گهايَلِ هَڏ گهوري،
ووا آلا! ميان! ڪيچي مُون نـه سَگهيا.
عِشقَ آريءَ چامَ جي، هِيءَ جُهونڙي هَڏ جهوري،
رَهي جا رُجُن ۾، سا چِپَر ڇَڏيومَ چوري،
اَديُون! آريچَنِ لَءِ، ڏونگَرَ تيِنديس ڏوري.
(معذوري، ۷ — وائي)

www.sindhsalamat.com　books.sindhsalamat.com

# ي

(١)

يادِ گُرُوُ ڪَنِ گودَڙِيا، پِرِ بازارِ بينا،
پڙهن سورَ سُبحانَ جي، پِيَنِ تنهَن پينا،
جيلان مُنهَن مِينا، تيلان نَشا چاڙهيائُون نينهَن جا.

*(رامڪلي، ٦ – ١٣)*

(٢)

يارُ سَڏائي سَپُڪو، جاني زباني،
آهي آساني، ڪَمَ پئي تي ڪَلَ پوي.

*(بروو سنڌي، ٣ – ٣)*

## وائي- ١

يار سڄڻ جي فراقَ، ڙِي جيڏيُون! آئُون ماري!
دَرِ دوسَنِ جي ڪَئِين جو هوندا، مُون جيها مُشتاقَ،
جاتي ڪاتي محبوبن جي، آهِ حُسنَ جي هاڪَ،
سُرمو سَهِي ڪر اکين جو، خاص پريان جي خاڪَ،
عبداللطيف چئي، پرين اسان جو هميشه آ حُسناڪُ.

*(يمن ڪلياڻ، ٨ – وائي)*

## وائي- ٢

ياعَلي! عَلي! سِرِ يتيمَن جي آئي!
آيو حُڪمُ اَللهَ جو، يا امامَ!
بَن وِچوڙو مَوتَ جو، هَيءِ! ووا چارَئي پَهرُ جُدائي،
آتَرَ پَترَ ميڙي، سائين! آلا! بيبيءَ ديگ چڙهائي،
جِنين ڪارَڻِ چاڙهيائين، سي تان ڪَرِن لَڙائي.

*(ڪيڏارو، ٣ – وائي)*

# معنيٰ جي پٽي

## الف

آتڻ: زالن جي چرخي ڪتڻ جي جاءِ، اڱڻ، صحن.
آٽ: سوز، ساڙو، گداز.
آتن: سڙڻ.
آتي: (آتڻ = رجائڻ) رجائي، ڳاري، ملائي.
آٿر پاٿر: پهڻ، پٿر.
آٿيا: ڳاهٽ ٿيا، گڏ ٿيا.
آپاتو: اوڦٽو ڌاريون، غير.
آثار: اهڃاڻ، نشان.
آجو: آزاد، ڇٽل.
آجڙين: (واحد: آجڙو) آجڙين کي، ٻڪرارن کي، ڌڻارن کي.
آجڪو: ثمر، قوت، آڌار پرجهلو.
آچار: تير جو نيشان، هدف.
آڇارا: لهرن جون لپيٽيون، گجي.
آڇارو: چم جي ڳوٿري.
آديس: جوڳين جو سلام، بندگي.
آديسي: تارڪ فقير.
آڏ ترڇا: ڏنگا ڦڏا، ابتا سبتا.
آڏت: سچ.
آڏ وڏائي: خاص وڏائي، شان.
آر: سير، تڪ، وهڪرو.
آراڙ: وطن، گهاٽو جهنگ.
آراڙي: ڏٽ جو ڪاڌو، سادو غريباڻو طعام.
آراڻ: اٻٽ.
آرڪٽين: آر ڪٽن ۾، مهاندن ۾.
آروڙجي: سخت ڪاوڙجي.
آرڻ: جنگ جو ميدان، جنگ.
آريج: خشڪ زمين، غير آباد زمين.
آررڙن: جبرا دشمن.
آڙيڪا: ور وڪڙ.
آزوري: آزاريل.
آسارو: آسرو آڌار.
آساروس: سندس آسرو.
آسانگو: آس، آسرو امِيد.
آسر: آسرو امِيد.
آسڻ: وهڪ جي جاءِ، ٽڪاڻو.

آڪاهہ: آڪهہ، ڪڙم، قبيلو.
آڪرو: اتامرو ڳهٽو مهانگو.
آڪو: ڪچو گهڙو.
آڪڙي: ٿاپڙجي.
آڪُون: هڪ ميوو آڪڙوٽ.
آڪڙيان: ٿاپڙيل، باهڙيل.
آگن: مالڪن، اڳواٽن.
آڳ: باهہ، سوز ساڙو.
آڳ: منجهہ، راز وارو وجهہ.
آڳانجهو: اڳرو زياده، جهجهو.
آڳانڊو: دلاسو پناه، بچاءُ.
آڳانڊيائون: جوڙيائون، اڏيائون.
آڳهہ: پر جهلو آڌار پروسو.
آڳاهون: اڳيرو اڳتي.
آڳڙين: آڳ وارن، لوهارن.
آڳهتجن: گڏ ٿين، بند ٿين.
آلائش: گندگي، ناپاڪائي.
آلودو: ميل سان ڀريل، ناپاڪ، گدلو.
آما: (واحد: آمو) انب.
آن: آءُ، اوهان
آنر: نياڳا اٽ، ڪيرولي گاهہ جو قسم، هڪ قسم جو وڻ، آملہ
آنهن: ڪوهہ جو حوض، آواڙو.
آوار: ڇٽيل، پڪڙيل، آسپاس.
آواڙ: اجائي، عبث.
آوَن: اچن.
آونگ: رڌ بچاءُ جا ٿانءِ.
آهَر، آهار: آڌار آسرو.
آهُر: ڪونار، جنهن ۾ مال چارو کائي، مال جي کاڌي ٿانءُ.
آهرا: آڪيرا.
آهڙا: ڏکيا، اهنجا، مشڪل.
آهيريانئي: آرسيءَ ڪان ئي.
آهيڙي: شڪاري صياح.
آيل: امان، ماءُ، سڪر زال.
آبُ: ابو پيءُ.
آبر: ڪڪر، بادل.
ابر: سُئِي.

اَبڙو: ابڙو سردار جنهن سومرن جون سامون جهليون هيون.
اُبهَان: (اُبهڻ = بيهڻ) ايو ٿي بيهان. بچان. امن ۾ رهان.
اُبهو: بچو امن ۾ رهو.
اُباٽجڻ: ڪومائجڻ. دونهاٽجڻ.
اُباهرا: اُبهرا، تڪڙ ڪندڙ جلد باز.
اَبُڌي: بي سمجهائي. اياڻپ.
اَبڪار: پڪار. نعرو.
اُيا: بينا. بيٺل.
آيام: ابهم. معصوم.
اُيڪڙا: پهن تي بيٺل. ايي پير بيٺل.
اُيو: بيٺو بيٺل.
اُيي ويا: اُٿِي ويا.
اَييڪ: بيهڪ.
اَييندِيون: بيهنديون.
انت: نهايت. حد.
اُتاريو: لاهيو دفع ڪريو.
اُتانگ: اڻ تانگو اونهو.
اُتائون: چيائون.
اُتائين: چيائين.
اُتومانءِ: چيو مانءِ. توکي چيم.
اَتور: بيمثل. لاثاني.
اَتوريا: اڻ توريل. ججها. گهڻا.
اُنو: وسيو وسيل مينهن.
اثبات: ڌڻيءَ جي هستيءَ جو اقرار.
آپاريا: ار وارا. پرانهان. ٻئي پارا وارا
اَپنِي: (اُپنڻ: کولڻ) کولي. کُلي.
اَپر: گهڻو بيحد. بيشمار.
اَپڙ: تڪڙو هل. وک وڌاءِ.
اَپليو: اَڻ پليو اڻ جهل.
اَجارا: اُجاريندڙ صاف ڪندڙ.
اَجلان: اجل کان. موت کان.
اجلس: ويهہ ويهڻ. سستي. غفلت.
اَجوڪي: بنا جوکي. سلامتيءَ واري.
اُجهي: پجي. پورو ٿئي. اُڪلي.
اُج: ٽپ ڏئي. ڊوڙي.
اُجهہ: (مصدر: اُجهڻ) رُل. پٽڪ.
اجهور : اجهاڳ پاڻي. ڳُن. مال جي بيهڻ جي جاءِ. آجهو.
آجهانون: آجها. آسرا. پروسا. پناهہ جون جايون.

آجهڻ: رُلڻ. پٽڪڻ.
آچهُون: اسان کي اچي.
اَچاهہ: اڇا. سفيد.
اچل: اٽل. پلٽ (پاڻي جي).
اڻ ميو: بي انداز. تڪڙو تيز.
ادورائون: دانهون. پڪارون.
اِدغام: ٻن حرفن يا آوازن جو پاڻ ۾ ملي هڪ ٿيڻ.
آدوها: اُڌما. جوش. اُمنگ.
آڏاٽا: اُپريا. پيدا ٿيا.
آڏر: بناٽيڪ. ري آجهي. ضعيف.
آڏ لڳيون: اڏ پوريل (اڪيون).
آڏوتي: اڻ ڌوتل. ميري. ناپاڪ.
آڏي: گوشت وڍڻ جي دِڪي.
آڏيار: پاسو ڪندڙ پار ويندڙ.
آڏتراچا: ڏنگا. ڦڏا. وروڪڙ.
آزا: ڪِلا.
اِرادت: اِرادو ازل جو ليکو.
اَرتو: رت گاڏئون. ڳاڙهو.
اَرتي گاڏئون: رت گڏيل.
آرت: آئٿ. خرچو.
اَرث: ميراث. ورثو.
آردا بيگيون: لاغرض ٻانهيون.
آرداس: بندگي. عرض. سوال.
آرڏا: زوراور.
آرزان: سستو مهانگو.
آرڪ: اڻ رتل. نا پرهيزگار بيوفا.
آرڳ: الڳ پري ڌار بيزار.
آرغچ: بافتو.
ارم: بهشتي پوشاڪ. اِرم جو لباس.
آروت: ڪچو خام غير واقف.
آروٽ: بي آبي. خشڪي. سوڪ.
آريج: ريج بنان زمين. خشڪ.
اڙِنِ: نوڪن. چنهبن.
آڙانگ: اڙانگو ڏکيو مشڪل.
اڙل: ڪڏٽا گهوڙا.
آزل: اصل. ڪائنات کان اڳ.
آسارا: غافل. وسيلا.
آساروس: سندس آسرو ڪيس آسرو.

آسار: ٻنان سار جي. غافل.
اَسک: سک ٻنا. ڏکي. بي آرامي.
اسم اعظم: خدا جو وڏو نالو.
اَسُور: اسر. پرهه ڦٽي کان اڳ.
اَسور: سور کان سواءِ.
اِشارتون: گهڻا اِشارا.
اَشهد: شهادت جو ڪلمو اشهد ان لا اِلٰہ الله و اشهد ان محمد عبده و رسولہٗ.
اصلا: اصل کان.
اَصيل: شريف. ٻڌائتو.
اظلام: ظالم. ڪٺو ظلم.
اعراب: جملي ۾ بيهڪ مطابق اسم جي آخري حرف جي زير زبر.
اعرابين: (واحد: اعرابي) بر پٽ ۾ رهندڙن بدوين. مارو ماڻهن.
افسوساءُ: افسوس سان.
اَڪاج: نڪار نالائق. نڪمي.
اُڪيل: اُڪلاءِ. جلدي.
اُڪيريو: سڪيو واجهايو.
اکا: چانور وغيره. ان جا داڻا جي پوچارا درياءَ ۾ پيتا طور وجهن.
اکتا: جهاڳي پار پيا. اڪريا.
اُڪتي: پار پئي.
اُڪوڙ: ڪڏي چڙ.
اَگر: عود جو وڻ. خوشبوءِ.
اَگوندرو: گوندر يا غم لاهيندڙ غمنار ٻنا غم جي. گهٽو پاٽي.
اَڳ: اڳواڻ. مهندار.
اَڳاهون: پريءَ اڳيرو.
اَڳرو: مٿاهون. سرس. گهٽو.
اَگهت: اوگهڙ. پڌرائي. پڌر.
اَڳانيو: آڌار.
اَگهتيا: گڏجي سوڙهو ٿيا.
اگهئين: تون قبول پئين. اگهامين.
انگڙا: انگ. عضوا.
انگڙين: عضون سان. انگين.
اَلَ: عيب.
اِلا الله: سواءِ الله جي. فقط الله.
اَلانسان سِري و اَنا سِرُہ: انسان منهنجو ڳجهه آهي. ۽ آءٌ سندس ڳجهه آهيان.
الله بِڪُل شيءٍ محيط: خدا سڀ تي هاوي آهي. هر شيءَ ڏٺي جي گهيري ۾ آهي.

اللهُ نُورُ السَماواتِ وَالارَض: الله زمين ۽ آسمان جو نور آهي.
الله وليُ الذين آمنوا يخرجهم من الظلمت الي النور: الله ايمان وارن جو دوست آهي ۽ کين اونده مان ڪڍي روشني ۾ آڻي ٿو.
الله صمد: الله بي نياز آهي.
اَلاهر: الله جي مدد سان.
اِلاهي ٿُهار: الله تنهنجي آڌار تي.
اَليم: سَليمُ. سُٺايم.
اُلٿي: سج لٿي.
اَلدنيا جيفة وطُلا بها ڪلاب: دنيا ڍونڍ آهي ۽ سندس طالبو ڪتا آهن.
اَلذين آمنوا وڪانوا يتقون: اُهي جن ايمان آندو ۽ جي پرهيزگار يا متقي آهن.
الڙ: اڻ آزمودگار اجاڻ. پورڙو.
اَلستُ بربڪم: ڇا مان اوهان جو رب نہ آهيان.
اَسفر قطمة مِن النار: مُسافري ٽڪر يا دوزخ جو ٽڪرو آهي.
اَلعشق حجاب بين العاشق و المعشوق: عشق. عاشق ۽ معشوق جي وچ ۾ هڪ پردو آهي.
العشق نار الله الموقدة: عشق الاهي ٻاريل (ساڙيندڙ) باهہ آهي.
اَلف: الله جي نالي جو پهريون حرف. يعني الله.
الفراق اشد من الموت: فراق موت کان وڌيڪ سخت آهي.
اَلک: مخفي. ڏٺي تعاليٰ.
اَلماس: هيرو.
آلودو: رڱيل. ٻڏل.
الوڙو: ننڍا ڪڙائيءَ کان جهوٽو گهيرٽ.
الوڙڻ: اڪيڙڻ ڌڪي لاهڻ.
الوهيت: خدائي. وحدت.
اُلهي: غروب ٿئي. سج لهي.
اُلير: سَٽ. ٽپ. ڇال. اُڇل.
اَليومَ سِيروا: اڄ سير ڪري وٺو.
اَمارو: چڪ. ڪاڍو سنبت.
اَمارڻ: امانت.
اَميا: (واحد: اَميو) اپار.
اُميري: ڪپڙي اُٺڻ وقت تاڃي جي ڇنل تند کي ڳنڍ. ڳانڍاپو.
اميس: ٻندگي. سيوا.
اَناسي: اٿاسي.
اَناعبد: آءٌ ٻانهو آهيان.
اقنا: احمق. نادان. مست.

اِن الله و تر يُحِبُ الِوتر: تحقيق الله هڪ آهي ۽ هيڪڙائي ڪيس پسند آهي.
اِنَ الله يغفر الذنوب جميعا: بيشڪ الله تعاليٰ سڀ گناهه معاف ڪري ٿو.
اِنَ اَوليائي تحت قبائي: منهنجا دوست منهنجي چولي هيٺ آهن.
آناءِ: ٻڌ، سڻ، مڃ، قبول ڪر.
اَنبر: اُڀ، آسمان.
اَنبرين: آسمان تائين.
انت: حد، پڇاڙي.
انتها: پڇاڙي، آخر.
اندام: عضوا.
اَندوهه: غم، ڏک.
اندوهيان: غم اٿن، ڏک اٿن.
اَنڌي: ڪنڌي، ڪنارو.
انگ: نصيب، لکيو جسم، عضوو نشان، انگهه، چنهب.
انگڙا: عضوا.
انگڙيارو: ڏنگو ونگڙو.
انگهيم: چيريم، وڍيم.
اَنگهه: ڪاٺيءَ جي تکي چنهب.
اَنواع: (واحد: نوع) قسم، نمونا.
انيرا: راجا انيراءِ (جنهن راءِ ڏياج جو سر ودايو هو)، راءِ، راجا.
آٽاسو: ٻي لڄو ٻي ننگو نرلڄو.
اَڻ ڪِيِ: نه ڪي، اڻ ڪيل.
اَٽي: نوڪ، چنهب.
اوات: غلط رستو ڪُوات، گمراهي.
اوائي: موڳي، نادان، ٻليل.
اواين: موڳين، مورکن، ٻليلن.
اوباهڻ: بچائڻ، سلامت رکڻ.
اوبڻ: سٽ ويڙهي.
اوپارا: پاڻي جا ابتا وهڪرا.
اوپالا: ڏوراپا، مهڻا.
اوپالڻان: مهڻن کان، ڏوراپن کان.
اوپڙ: زمين مان ڦٽندڙ شيون.
اوتڙ: اوجهڙ اوڙاهه، گمراهي.
اوتون ڏيڻ: پلتجي زور سان لڳڻ.
اوتياڻون: ناياڻون، پلتياڻون.
اوجاهه: اجهڻ اُڪلڻ، وٺڻ.
اوچون: پرزا پرزا، عاجز حيران.
اوچي: ڏاري، خراب، خسيس.
اوڏايان: اوڏو تمام ويجهو.
اوڊو: اڊو اڊکو فکر
اوڊکو: ڊک، پناهه.
آور: هلان، ڪاهه، رُوڙ.
اوراتو: ماتم، روڄ، غم، مصيبت.
اوراتيون: ڊڪيون، پريون.
اوراران: اورينءَ پران (درياهه جي)
اورار: درياهه جو اوريون پاسو.
اورين: حال ٻڌائين، ڳرهين.
اوڙڪري: قطارون ڪري
اوڙڪ: پڇاڙي نيٺ، گهٽو.
اوڙکيو: پروڙيو معلوم ڪيو.
اوسا: سڪل، سُڪا.
اوسار: نه وسرندڙ جتاءُ ڪندڙ.
اوسارين: ماتم ڪن، روڄ ڪن.
اوسر: اڻ هوند، مصيبت.
آسڙان: آسم سڙان، انتظار ڪريان.
آوسهه: فال.
اوسيڙو: فکر ڳڻتي.
اوصاف: وصفون، ڳڻ، چڱائي.
اوڪ: پاڻيءَ جي پالوٽ.
اوڪاٽين: موڳائي ڪن، موڳيون ٿين.
اوڪر: اڪلاءُ نيڪال، لانگهو.
اوڳي: موڳي، غافل.
اوقابيل: عُابيل هڪ طرفان عقاب جي ڪنين سان جَڙيل تير.
اوڳا: موڳا، منجهيل، نادان.
آوڳڻ: اَڳڻ، گناهه.
آوڳڻي: ڏوهارڻ، گنهگار.
اول: بند، روڪ، اها ڪنڌ جنهن م درياهه ڪڪ ۽ ڪاٺيون لوڙهي آٽي ڇڏي
اولا: چانئون، ڊڪ، پناهه.
اولو: ٻيڙي کي هلائڻ جو ڳن.
اولاکو: اُلکو ڏک، صدمو.
اولجان: ڏکجان، ٿيلهجان.
اولون ڪرڻ: يادگيريون ڪرڻ، ڊڪ ڊکڻ.
اولون ٿيڻ: تڪجڻ، بيزار ٿيڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بَڪّتِ العينان في هواڪ دما: "تنهنجي عشق ۾ اکين رت رنو."
بِگر: بغير، سواءِ.
بُري: بغلي، گودڙي.
بِلا شيخ مَن يَمشِي فِي الطرِيق: جو مرشد کان سواءِ طريقت ۾ هلي ٿو (سو انهيءَ شخص وانگر آهي، جو سمنڊ ۾ ٻيڙيءَ کانسواءِ هلي ٿو.)
بِلو: آسرو اجهو.
بلي: حوالي، آسري.
بُن: بڻ، بنياد.
بندر جن: بندر وارن.
بوتن: اٺن.
بُود: هستي، وجود، بقا.
بور: گهوڙي جو قسم.
بوراڻون: سونهون.
بُيون: هيڪارون.
بهن: ڀؤنڪن (ڪتا).
بَهر: قطار، قافلو.
بيائيد: اوهان اچو.
بيباڪ: بيفڪر، بي ڊپو.
بيٺ: ڪمر، سندو.
بيخود: بي سرت، خودي کان سواءِ.
بيدي: بيابان، سڃ.
بِيرُ: کوهه، چشمو.
بيران: ويران.
بيراني: ويراني.
بيراهه: غلط رستو گمراهه.
بيزڻون: جهنڊيون.
بِي يُبصِرُوَن بي يَسمعُ: مون ذريعي ڏسي ٿو ۽ مون ذريعي ٻڌي ٿو.
بِي يَمشِي وَ بِي يَنطِقُ: مون ذريعي هلي ٿو ۽ مون ذريعي ڳالهائي ٿو.

## ٻ

ٻاٻاڻا: اباڻا مائٽ، عزيز.
ٻاٻاڻن: اباڻن.
ٻاٻرين: ٻير جا.
ٻاتاڙي: موڙهل، منجهيل.
ٻاجهائج: ليلائج، ٻاڏائج.
ٻار: ٻاهر، ٻاڻي جو ڪُن.
ٻارت: ڳاٽڻو مڱڻهار.
ٻاروتن ۾: ٻاراڻن ڪپڙن ۾، ٻاراڻيءَ وهيءَ ۾.
ٻاري: دري، جاءِ، ٽولي.
ٻاڙو: ڪارو (ٻاٽي).
ٻانُ: ٻانهون، غلام.
ٻانڌيين: ٻانڌين تي، مڇيءَ ڦاسائڻ لاءِ لڱل رڇن تي.
ٻاندو: لُندو ڪتو بدمعاش.
ٻاندي: درياهه ۾ لڙهندڙ ڪاٺي.
ٻانهون: همراه.
ٻانهوٽا: ٻانهن جا گهه.
ٻانهوٽي: ٻانهڙي، گولڙي.
ٻانگهڙ: ٻاڪر.
ٻاڻ: تير، ڪان.
ٻائڙ: نار جو سامان.
ٻاين: راڻين، بيگمن.
ٻپارا: ٻنهي طرفن کان آرپار.
ٻپڙي: ٻن پڙن واري، سپ.
ٻچي: ٽڪ، هلاڪ ٿي.
ٻُجهارت: ڳجهارت، پرولي.
ٻچَل: چوهه سان لڙهندڙ.
ٻُڌ: سمجهه، عقل، هوش، ڄاڻ.
ٻَڌ: ٻِتا، ٻه ٻه.
ٻڌيس ٻول: واعدي جهليس.
ٻڏاهين: ٻه دفعا، ٻه ڀيرا.
ٻَر: مصيبت، ارمان.
ٻُر: چنڊو، ڦڙو.
ٻڙ: ٻل، زور.
ٻُر: وارن جون چڳون، چوٽي.
ٻُرائي: وڃائي.
ٻَر ٻَر: هاءِ هاءِ.
ٻڙد: ڏاند.
ٻُرڪيو: گهوريو قربان ڪيو.
ٻُرن: وڃن.
ٻِرنگو: درنگو ٻچاپڙو.
ٻَري: ماندي ٿي، سڙي.
ٻريائي ته ٻار: جي ٻاهه ڏکي اٿئي ته ڏکاءِ.
ٻڙڪن: ڪڙهن، سڏڪن.
ٻڙو: ڪپهه جو ذرو ڍڪ.

ٻڙي: اڙيا اڏيا.
ٻڪي: ڦڪي، سُتي.
ٻلاٽي: ڏسو "ٻيلاٽي".
ٻلر : ٻارڙي معصومڙي ڇوڪري
ٻلن: (واحد: ٻلو) اک جو تارو.
ٻليار: واهڙ جو نالو، جُوءِ جو نالو.
ٻن پوڻ: کڏ پوڻ.
ٻن ڏيڻ: کڏ ۾ وجهڻ.
ٻن: ٻنا، متاهان پٽ.
ٻنيا: گهران، دراندران.
ٻنڌ: ٻند، ڳنڍ، شرط
ٻنڌڻ: ڳنڍ، لاڳاپو حيلو وسيلو.
ٻنگ: ڪان، تير، درياهه جو ور.
ٻنيءَ: ٻٽي، ڪارسازي
ٻوڏ: ڦتڪار وارو جواب، ڦوت.
ٻوڙُ: جوان اٺ، وٺن جا ڪچڙا گل.
ٻرا: ڏرڙا، ڇورا.
ٻوڙ: ٻاٽي جي اٿل، تار ٻاٽي.
ٻڙو: گاهه جو ٿٻ، جهلو، آڏار.
ٻوڪ: ٻوڪجڻ، ٻور جهلڻ، جوانيءَ جو ڦوهه.
ٻولاهيون: سامهون اچي تڪي واريون مينهون.
ٻهُه: ويهه.
ٻهه ٻهه: واهه واهه!
ٻهار: ٻاهر.
ٻُهار: ڏوڙ.
ٻهُون: گهٽو ججهو.
ٻئنئان: ٻين کان.
ٻيـَر: زال، جوءِ، عورت.
ٻيرا: ڏرا، ٽڪرا.
ٻيڙياتو: ٻيڙيءَ وارو.
ٻيل: ٻـ گڏ، ٻيلهه.
ٻيلاٽيون: درياءَ جا وٺن وارا ننڍا ٻيٽ.
ٻيلان: ٻـ قدم، وک.
ٻيلپو: چاڪري، خدمت ڪرڻ.
ٻيلي: همراهه.
ٻيلِي: لس ٻيلي ۾.
ٻيلياٽي: ساٿياٽي.
ٻيلِي ڏٽي: لس ٻيلي جو حاڪم (جام سپڙ).
ٻيهر چاپڻ: جٺري مري جيڻ.

## پ

پاچ: پاڇوڪڙ زال، ٻي لڄي.
پار: پائر.
پاروڙي: رڍ، لوئي، ڪٿي.
پاڻ: پائڻ، خودي، هٺ.
پاڻ: وڏو پيالو نرسري.
پاڻُ: مغروري، وٺاڻ.
پاياٽي: شريڪ، پائيوار.
پيوت: متي، ڦلهيار.
پُتي: پراٽي، ڳريل.
پُڇئان: پُڄ شهر کان.
پرم: لڄ، پت، شرم.
پرن: لنوَنِ، پون ڪن.
پري: راضي ٿي.
پيري: ڦيري
پريون پون پواريون: پيانڪ، پڪون ڪرڻ.
پڙا: ڳنڍيون، ڳوڙها.
پڙڪن: جلن، مچ ڪن.
پڙن: ملن.
پڪليا: متيءَ هاٺا، ميرا.
پَلُ: ڦل، تت، جوهر.
پلڪار: ڏهڪار، ڏمر.
پلن: پلڪار ڪن، ڏمر ڪن.
پنيا: ڪارا گهنڊيدار وار.
پنيوليا: پليا، موهيا، مست ٿيا.
پنگ: رخنو ڦيٽاڙو.
پنگا: جهوپڙا.
پنَن: آلا ٿين.
پنڻ: روج، ماتم.
پني: وهاٽي (رات)، پيچ پني.
پٽان: وتان، گهمان، ڦران.
پور: پوري رنگ جو اٺ.
پورل: وسوڙل، پوري
پوگ: عيش، طعام.
پوڻ: پوٽي، ڦرٽي، خبر.
پيچي: ٻيلي، ساٿي.
پيڏي: ڪارائي وارو هڏو.
پير: نمونو ڏول.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڀيرم: ڇرخو.
ڀيريون: نغارا.
ڀيڙو: ساٿي.
ڀيلڻان: چرڻ جي جاءِ ڪان.
ڀيلو: ڪچو گهڙو.
ڀيلي: لتاڙي ڪائي ناس ڪري.
ڀيٽئين: ماڳن تي جاءِ تي.

## ت

تاب: تابش، سڪ، دهشت، ڊپ.
تابيني: حوالي.
تات: يادگيري، طلب.
تات توت: ڳولا ڦولا، پچار.
تاري: آڌار، سدا.
تاڙ: تاڙي روڪ، اٽڪ.
تاڪُن: تڪيدڙن.
تاڪي ڇڏيا: پوري ڇڏيا.
تانگهہ: سڪ، اڪير.
تانگهيديس: ڳوليندس.
تاڻ: ڇڪ، ڪشش، ڪاهہ.
تاڻين: ڇڪين، تڪو هلن.
تائب: توبهہ ڪندڙ پڇتائيندڙ.
تاياڻون: تپاياڻون، زور رکياڻون.
تبرون: ڪهاڙيون.
تتر ڏائو تيڻ: بدسوڻ تيڻ.
تٿ: مقرر تاريخ، چنڊ جي تاريخ.
تڇيا: ڪپيا.
تڇي: ڪل لاهي، ڪوري.
تُراب: خاڪ، مٽي، فنا نيستي.
تران ترازو: هلڪي ڀيڙي.
تَرازي: تارازي، ساهمي.
تَرنجڻ: ڀيرن جا ترا زخمي ٿيڻ.
ترڪٽيون: ننيڙا ترا، ترو ڪڙيون.
تريون: ڪکن يا ڪانن جو ترجهو.
تڙاءِ: تڙان، تڙ ڪان.
تڙجهل: تڙوٽ.
تڙ تڙ: هر هڪ تڙ.
تسا، تسئا، تسيا: بکون.
تسليم: مڃڻ، قبول ڪرڻ.

تُسڻ: راضي ٿيڻ.
تعجيل: تکڙ، جلدي.
تعظيما: عزت خاطر، مان خاطر.
تَفَاؤل: چڱو سوڻ، فال.
تغيري: ڦيرو تبديل.
تفاوت: خدا جو ڊپ، پرهيزگاري.
تِڪ: يڪي ساهي پيڻ، ڳيت.
تُڪون ڪرڻ: ڪَٿون ڪرڻ، ويچار ڪرڻ.
تَڪيو: نڪاڻو اجهو آسرو.
تَگڻ: جٽرو رهڻ، گذر ڪرڻ.
تُگي: اونداهي رات.
تُلُ: مٽ، جوڙ جيس.
تُل: ترايون، تلاءِ.
تليارا: تلين وارا موڙ.
تُن: سوراخ، تُنگ.
تُنبائڻ: ڪپهہ پڃائڻ، ڪپهہ پرائڻ.
تُنبو: وڃائڻ جو ساز پان، منگتو.
تُنبڙي: تنبي سان ننڍڙو ساز.
تنگ: گهوڙي جو پٽو.
تنگڻان: گهيڙ مان، لنگهہ مان.
تنگون: ڪشالا، ڏوڙون، ڏڪون.
تنڪ: ڪهاڙيون.
تنواراءِ: تنورن مان، باهہ مان.
تَنُ: تَنُ، بدن.
تُڃي: پلؤ چل، سگهہ، آڌار.
تواضع: نياز نماڻائي.
توانو: تندرست، سگهارو.
توائي: بطال، پتڪيل، گمراهہ.
توڏ: توڏا، اٺ، سهٽي سناءِ.
توڏي: نازنين عورت (سهڻي).
تُر: ولين ۾ هوتين ۾ ڪچڙا ڦل، بنياد، بڻ.
تور: هڪ جيڏو جوڙ جيس.
توڙا: توڙ ڪان اصل ڪان.
توڙي: لتاڙي جهاڳي.
توشرن: گاديلا، پٽراٽيون.
توڻ: هڪ ويلي جو ڪاڏو.
توهہ: مهرباني، فضل.
توءِ: تنهن هوندي بہ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تِهائين: انهيءَ کان ئي اِتائين.
تهوارون: پرزا پرزا، ليڙون ليڙون.
تئان: تن وٽان، تنهن کان.
تئرا: هٿيار صاف ۽ تيز ڪندڙ.
تيائين: تتائين.
توئنس: آسات، اڄ، تپ.
تي: تنهن ڪري
تيغ: ترار.
تيغون: تراريون.
تيلان، تيلاهين: تنهن ڪري
تيلي روءِ: سائيرڙي رنگ سان.

## ٽ

ٽاجا: ڪچهريون، مجلسون.
ٽاڪ: نڪاٽو جاءِ.
ٽاٽا: ماڳ، نڪاٽا.
ٽر ٻاپيهو: ننڍڙو ڳاڙهو ڳيرو.
ٽَر نئون ڏار: ٽر وارن کان ڏار.
ٽڪ هنيام: (ٽڪ هڻڻ: برباد ڪرڻ) تيج سمجهيم، برباد ڪيم.
ٽڪيندي: لنگهندي، گذرندي
ٽوپ: مدد، آڌار، ٽيڪ.
ٽوري: ڪم ذات.
ٽوڪ: ٽول، مال، اسباب.
ٽونا: ٽڪرون.
ٽوڻيون: ٽنيا، ٽيڪون، آڌار.
ٽوهر: سُڪ جو وڻ (جنهن مان ڪير نڪري).
ٽَهر: ٺاپر، آرام.
ٽيڪ: بس ڪر، بند ڪر، هٽاءِ.
ٽيلِي: ٽيرلي مڇي.
ٽيهون: اسان کي ٽئي.

## ٺ

ٺانڊين: ٺانڊن تي.
ٺانڪيون: وڏيو چيريو.
ٺاڻ: ٺاٽي طعنو.
ٺُڪ: چلي، ٺوڪون.
ٺَڪ: چرخي (اينٺ) جي لوهي سيخ.
ٺَڳو: ڏاڳو جٽيو.
ٺُنگر: تير.
ٺوري: گهمائي، ٺڪڙ هلائي.
ٺول: شيون، سامان.
ٺولئان: ٺوليءَ کان.
ٺهاري: نباهي، هلائي.
ٺيڪن: ڀهڪن، سهٽيون لڳن.
ٺئايون: ٺيڏائيون، ڏنگائيون.
ٺيڙو: ٺن ٺارن جو نڪٽ.

## ٿ

ٿاٿا: ٿاٿنا، ٿلها، خالي.
ٿاٿارو: ڀڳل ٿانون کي ڳنڍيندڙ.
ٿار: ٿڌ، فائدو آرام.
ٿاڪر: سردار.
ٿپ: ود، زخم.
ٿپن: ٿپن تي، زخمن تي.
ٿهرن: ٺاپر ڪن، ذرا ٻيهن.

## ث

ثابوت: پورا، سچا.
ثابوتي: ثابت قدمي.
ثنا: واکاڻ، ساراهه.

## پ

پاهوڙو: پيرڻ جو ڦر.
پاهوه: مُرڪ، مُشڪ، سرهائي.
پاهوڻ: مُرڪڻ، مُشڪڻ.
پاهوهيا: سرخرو ٿيا، سرها ٿيا.
پاتار: پاتال، اوڙاهه.
پاٽي: ٻيڙيءَ کي پار اڪاريندڙ.
پاٿوندر: سخي، در پٽيندڙ.
پات: راڳيندڙ ڳائڻو ميراسي.
پاجي: خسيس، نوڪر.
پاچاتئان: منڊ جي پچاڙيءَ ۾.
پاچاهي: بادشاهي.
پاراپو. نياپو سنيهو.
پاران: هُن پارن کان.
پاراپان: سندن نياپا.
پارجو: ڪپڙو.
پارڻ: پوڙو ڪرڻ، پوڳڻ.
پارئان: پار کان، طرف کان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاري: ڪنڌي ٻانهي.
پاريون: نهرون، سيرون، لانديون، وسڪارا، نارا.
پاڙهيري: شڪاري.
پازي: گولي، ٻانهي، نيچ.
پاساريون: پڻن جا پاسا.
پاسَنگُ: تارازيءَ ۾ ڪاڻ لاهڻ جو پٿر، پتر وغيره جراب.
پاڪر: زره.
پاڪرئين: پاڪرين ڪي، زرهہ وارن ڪي.
پاڪڙين: پاڪڙيہ ٻيڙي.
پاڪي: ڇڏِيہ پٽڙيہ رب.
پاڳَ: پڳَ تاج. دستار.
پاڳوڙي: پاڳوڙي ۾، رڪاب ۾.
پاڳارا: پڳَ وارا، تاجدار.
پاڳرياس: سندس پڳہ
پالار: شاخون، تاريون، پن.
پالوٺ: پلٽ، اٿل.
پالهو: خالي.
پانَ: پان جا پن يا ٻيڙا.
پانَچارئن: پنجن ورهين جا وهٽ.
پانڊپ: سردار.
پانوڙيءَ: پان جي، پان سان ڀريل، لال. پانهُون،
پانهين: پوئتي.
پاڻ: آپو خوديہ هستي.
پاٽا: منزلون، ٽاٽا.
پاٽون: منزل، ٽڪاٽو.
پاٽيٺ: آبدار موتي.
پاهہ: پاٽيٺ واري ديسي دوا. جنهن سان اُٺ جي گَرُ لاهين، صاف ڪندڙ دوا.
پاهت: ناتو محبت، قرب.
پاهڙ: پاهڻ، پهاڙ جبل.
پاهورو: توبرو.
پاهون: پٺتي، پوئتي.
پاهِين ڏيڻ: پٺي ڏيڻ، پوئتي هٽڻ.
پائُر: ٽر جو ڏاڪڙو ياڱو.
پٻڪيا: پٻن تي ٽلندڙ ڪندڙ.
پاونگ: سورمو.
پَتيو: ڍائو راضي ٿيو.
پٽ: ٽولي، پنٽ.

پٽر: وِڇاڻو مرڻي وقت وڇايل تڏو.
پِٺُون: ذرڙا ذرڙا.
پَٽُ: پيالو.
پَٽ چِير: ريشمي ڪپڙا، پٽهير.
پَٽڻ: شهر جو نالو شهر، ننگر.
پَٽولا: پَٽ جا ڪپڙا.
پِٽيءَ: مُٺي، ڏڪي، نياڳي.
پَٽِيهَل: درياهہ جي پراڻي ڊوري جو نالو.
پَٽيون: پنڌ لاءِ سنوان ميدان.
پڇاڻون: پڇاڻيءَ پهتو.
پَڇران: ڳران، ونجلان.
پُڇتوسون: پهتوسون، جهليوسون.
پُڇتوءِ: توکي پهتو توکي مليو.
پڇاڙڻ: سٽڻ، زمين تي هٽڻ.
پڇاڙيو پوءِ: پاڻ کي سيٽيو پوي.
پد: درجو.
پدم: ارين ڪان مٿي عدد. ڳاٽيٺي ڪان ٻاهر.
پدمنئان: پدمن ڪان.
پَرُ: پرايو غير، گذريل سال.
پُر: ڇُر، هَل، پرپور، ڀريل.
پرانهن: پراهون.
پُربندر: پوربندر (ڪاٺياواڙجي اولهہ طرف عربي سمنڊ جو بندر).
پَرتاءَ: توکي پرتا، تنهنجي سپرد ٿيا.
پَرِيُون: ڏاريو ملڪ، پرديس.
پُرس: پتار مڙس، مرد.
پُرڪٽان: ڦرڪٽا، لڦون.
پَرڪنڊ: ڏاريو ڏيهہ، پرديس.
پَرمل: صاف سهڻو نيڪ محبوب.
پَرنجي: حوالي ڪجي، سونپجي.
پُرندي: ڇُرنديہ هلندي.
پَرنيا: حوالي ڪريان، سپرد ڪيان.
پَرو: پتو نشان، ڏس.
پَرواسي: مسافر.
پروتي: نظر تي، پناهہ تي.
پَرهڻ: پهرڻ، ڍڪڻ.
پَرهي: پهريہ پائي.
پريا: هليا.
پرياڻ: پريتڻو محبوب ڏس، اهڃاڻ.

پيراتي: پيرائتي، سربستي.
پيرت: پير، گس.
پير ٿيا: سفر تي هليا.
پيران: پير کان.
پيڙا: سور، بيماري.
پيڙي: عاجز، هيٺي.
پيڪان: تير، اکين جا تير.
پيڪڙا: پيرن جا ڪڙا، نير.
پيلِ: ڪريل.
پيلو: تير.
پيشانياس: سندس پيشاني.
پينام: فقير.
پَيند: پيرن جا نير.
پينڊا: مفاصلا.
پِينگهُنِ: پنجوڙين.
پيڻ: چانورن جي پيچي.
پِيهہ: پيڙ، مصيبت.
پَيهون: اسان کي پوي.
پِي: محبوب، پرين.
پهي، پِيءَ: وانهڙو، قاصد.
پيئڪو: پيءَ جو، ابي ڏاڏي جو.

## ج

جابان: بيابان.
جابر: ڏاڍو ظالم.
جات: ذات.
جاٽ، جاٽا: زيارت.
جادم: سخي، ڄام جادم جکرو.
جاجڪ: مڱڻهار.
جاجڪاڻي ذات: ميراثين جي ذات.
جاڏي: وڏي، سخت اٽانگي.
جار: سور، رنج، پيڙا.
جاڙ: اجايو.
جاڪ: ڪس، ڪاراڻ، بدبختي.
جاڳر: سرود جي محفل.
جاڳوتا: ڏگاهہ وار، وارن ۾ ٻڌڻ جا ڏاڳا.
جال: جام، گهڻو.
جالِين: گهارين، گذارين.
جامع: وڏي مسجد، وڏو.
جانار: جانور، جاندار.
جائو: لئي يا گز جو وڻ.
جبات: چُغو گڏلو هڪ قسم جي عمدي مُشڪ.
جبروتي: جبروت (سلوڪ جي ٽيءَ منزل) جي منزل تي پهتل.
جبروتان: جبروت منزل کان.
جتن: ڊپ، احتياط سنڀال، حيلو.
جَٽ: جٽاءُ ڪر، گذار ٽِڪُ.
جٽڪي: ڪڙڪي، مٿان پئي.
جديدي: نئون.
جڏ: جَڏا، عيبدار عيب.
جڏائڙي: جڏي، ضعيف.
جَر: پاڻي، اکين جو پاڻي.
جَرَ: هڪ قسم جو خوشبودار ٻوٽو.
جَرا: ذرا، پرزا.
جريٿيون: جل ٿيل پاڻي ۾ سڪي جَرڪيا، جهرڪيا، چمڪيا.
جَريدي: ڇڙي اڪيلي، آزاد.
جَڙ: بيخ، لنؤ.
جَڙاءُ: جڙت ٿيل، سينگار.
جُڙان: مَٽ ٿيان، برابري ڪريان، لائق ٿيان.
جُڙيم: مليم، ڀاڳ سنائو ٿيم.
جُزَ وُن: ڪتاب جا ڀاڱا.
جَسراج: جاڙيجن جي هڪ سردار جو نالو.
جس ڪرو: نامور، ناليرو.
جسو: جاڙيجن جي هڪ سردار جو نالو.
جسودن: لاڙ جي هڪ آڳاٽي حاڪم جو نالو.
جفاري: سختي، تڪليف.
جَف القلم بِماهو ڪائن: جيڪو ٿيڻو هو سو لکي قلَم سڪي ويو.
جک: واهيات بڪ.
جُکي: ٻُک، ڏک.
جکن: جک، مارن.
جڳاٽي: جوڳ ڀچائڻ لاءِ.
جڳٽ: جڳت، جهان.
جُلاهون: حملا.
جَلاوت: جلندڙ جليل، سڙيل تجلو روشني.
جل جلاله: وڏي شان وارو (ڏڻي تعاليٰ).
جَلي: ظاهر، چٽو وڏي آواز سان ڪيل ذڪر.
جليل: جلال وارو وڏائيءَ وارو (ڏڻي تعاليٰ).

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جِمر: جئڻ ۾ متان.
جمارن: جتن، جتن ۾ اٿن.
جماتي: حمايتي، جماعتي.
جمر: بيد جو وڻ.
جميعت: آرام، قرار.
جناب: جنابت، پليتي، ناپاڪائي.
جنات عدن: بهشت جا باغ.
جَنَب: جنم، جمر، حياتي.
جَنبور: ڏاڙهيندڙ ڪتو.
جَنبئو: مٽي ميرو ناپاڪ.
جُنبئو: لڳي ويو چهٽي ويو.
جُنبي: جذبي ۾ جولان ۾ اچي، مشغول ٿي.
جنت: بهشت.
جنجار: جنجال، جهوري.
جِندا: جند ڪان، اي جندا.
جَٽي: ڏوري، واڳ.
جوتي: جوت، تجلو چمڪو.
جوٽن: گوڏن، موٽن.
جوٽا: ڪوڙا، کوٽا.
جوپ: نوجوان، مضبوط.
جُود: سخا.
جور: ظلم، ڏاڍائي.
جوراٽون: سخت تڪليف وارو مصيبت.
جور ڪري: ڏاڍائي ڪري
جور هٽي: جانا پري زاري ڪري
جورو: زورو ظلم.
جوڙئون: جوڙ مان، قدرت سان.
جوءِ: ملڪ، گهر.
جوع: بک، لنگهڻ.
جوڳ: ويراڳ، ڏک.
جُهڏ: جو جئڻ، جڏهن.
جِها: جهڙا.
جُهار: نياز سلام، بندگي.
جُهارين: پوڄين.
جهاج: جهاز.
جِهت: طرف، لاڙو رستو واسطو.
جِهو: جهڙو.
جِهوءِ: تو جهڙو.

جِئان: جتان.
جِئائين: جتائين، جنهن هنڌان.
جوئنڪ: ذوق، محبت.
جِيءُ: مطلق هستي، عارضي هستي.
جيائي: جيائو (هڪ تڙ جو نالو جو ڪپري تعلقي ۾ آهي).
جيائين: جتائين.
جيفو: ڍونڍ، مردار.
جيلان، جيلانہ: جنهن لاءِ جنهن ڪري
جيلهہ: جيلان، جيلانهہ.
جيها: جهڙا.
جيهائي: جئن، اهڙي طرح.
جيهر: جنهن مهل، جڏهن.

## ڄ

ڄام: سردار.
ڄاماڻي: ڄامن جهڙي، شاهاڻي.
ڄرات: ڄيي، باهہ جو سيڪ.
ڄُل: (ڄُلڻ: هلڻ) هل، وڃ.
ڄَماندر: ڄمار، ساري حياتي.
ڄِندڙو: ڄندڙو جان.
ڄَڙ: ڄڙ ميخ.
ڄيرو: ڄيي، باهہ.
ڄَيون: سنهڙيون ڄونيُون.

## جهہ

جهات: جهٽ، جهڙپ، همت.
جهاتي: جهٽ ڪري، جلدي ڪري
جهاجهہ: اونهو پاڻي، اوڙاهہ.
جهالا: جهلڪا، تجلا.
جهالُو: پختو، مضبوط
جهانگي: جنگ جا، مارو.
جهانءِ: آواز جي گونج.
جهائين: گهنگهرو.
جهت: تورو وقت، ذرو.
جهپ: جپ، آرام ڪنڌي، ڪنارو.
جهپيا: مات ڪيا، جهڪا ڪيا.
جهپيٽ: چيٽ، ضرب.
جهجڻ: ونجهلڻ، ڳرڻ.
جهُران: ڳران، رُنان.

جهُر جهُنو: پراڻو.
جهَرڪڻ: چمڪڻ، سونهڻ.
جهَروڪو: محل جي دري ڪنهڙو.
جهَريون: موجون، وهڪرا.
جهَڙ: جهٽ، جهڙپ.
جهڙپ: سَٽ، لپيٽ.
جهڙڪا: چپيٽون، ڪڙڪا.
جهَڪڙ: طوفانن، تيز هوائن.
جهُلَ: اٺ گهوڙي جي پُٺيءَ پوش، سهڻو پوش.
جهُڻ: ڪڙڪو آواز.
جهٽڪڻ: پُڪٽي وارو آواز ڪڪرن.
جهوت: سَٽ.
جهونجهار: بهادر، سورمو.
جُهور: وڏو.
جهوريو: تُوڙيو ڏڪويو.
جهوري: ونجهن ڳٽني.
جُهوڙا: جهاپا، توئنر، چڳا.
جهوڪ: منزل، وٿاڻ.
جهول: درياهہ جي اونهي ڪنڌ.
جهيڪي: اَٺ جهڪائي.
جهيڻو: جهڪو نرم.

## چ

چات: چاتو لذت.
چارڻ: مڱڻهار، ساز وڄائيندڙ.
چاري: جاسوس، پهريدار.
چاڪ: زخمي، چير.
چاڳ: ناز لاڏ.
چاليها: پاليهن ڏينهن جا چِلا.
چاڙهيڪا: ڏکيون چاڙهيون.
چانگل: چانگو اُٺ.
چانئت: چاوت، بغض.
چاهڪ: ساوا ڪانهن.
چاءِ: باهہ، چاهت.
چاءِ: ڪڻ.
چائي: چوائي.
چايين: چوائين، سڏائين.
چِتا: چت تان، سچيتائين.
چتان: چت سان، دليان.
چتاڻو: روشنائي، سوجهرو.
چتڪا: زخم، ڏنگ.
چُتڪو: رونق، ڪوڙو ڏيک.
چتي: سينگاري، سنواري.
چُپاتا: چُپ چپات ۾، گُنگا.
چپيٽ: چوٽ، ڌڪ.
چُرَ: هُرڪو اڻ تڻ.
چرو: ڪَڏ، چَر.
چس: لذت، ذائقو.
چڪ: پنل، گپ.
چُڪَ: ٿڪ، ڏک.
چِڪندڙا: پگهر ڳاڙيندا، جهجهندا.
چڪِنديون: چڪڻ يا ڏبڻ واريون زمينون.
چِڪڻ: ڏبڻ، گپ.
چَڪيا: علاج، دوا.
چُڪيءَ: ٿڪل، ڏکويل.
چُڪي: سرڪي، پڪ.
چُڪ: ذرو لچ، لغار.
چنائين: ڪاڏائين، چريائين.
چُنجَڻ: چُهنبڻ، چوٽين.
چَنگل: چنبو.
چُنج: چڳج، ڪائج.
چٽڪڻ: اُپرڻ، هَرڻ.
چوپا ڪرڻ: رس چوپي چڏڻ، ٺونا ڪرڻ.
چوڏول: ڏولي، پالڪي.
چوڏهن چارو: چوڏهن چارن وارو گهٽين واٽن وارو.
چوگان: اڱڻ، دالان، ميدان.
چونهن: چوڻ ران، ستر، چاهہ.
چوئٽو: چَوٽو.
چهنج: چهنَب.
چهون: جنيون، چيرون.
چِٽاڪو: ٺمندڙ ڦڙو قطرو.
چُٺان: چوَن.
چوَرنگ: چئن رنگن وارو شاندا.
چوڙيرن: ڪلنگيءَ وارن.
چيتاريو: چيي سان ڏيان سان.
چيٽي: سنيالي.
چيڙ: وارن جي چيڙهہ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيلھيا: چيلھ جا ٻنڌڻ.
چيھان: چيھون، دانھون.
چيھو: ھڪ قسم جو گاھہ ۽ پکي.
چيئڻ: چڪيا، ڏاگھہ، ٻاھہ.

# ڇ

ڇاٽون: ھبڪارون، ٻوندون.
ڇاڇر: ڇڪ، تانگھو پاڻي، ڇڪڻ، ڪاريون.
ڇارون: سمنڊ جا ڪناري وارا واھڙ.
ڇاڪ: توفيق.
ڇاڳر: ساندارو ٻخال.
ڇال: ٽپ.
ڇانگ: وڏو ٽپ.
ڇانگون: ولر، ڪٽڪ.
ڇانئين: ڇانوَ.
ڇُتائين: ھٽ لاٽائين.
ڇتر: ڇوڏو پراڻي ٻيڙي.
ڇُتي: ڇھندي.
ڇَتيون: وڏا ڀالا.
ڇتا: واءُ جا جھوٽا.
ڇپر: جبل، پٿر.
ڇپريون: ڪڪن يا ڪانن جا مَنھن.
ڇڄ: ڊورا، ترايون.
ڇڇيان: ڇڄ مان، ڊرون مان.
ڇُڳير: طري وارا، سردار، پھلوان.
ڇَڪ: پسگردائي.
ڇَڪي: ديواني، مست، حيران.
ڇُلان: ھلان.
ڇُلندي: رُلندي، گھمندي.
ڇُلنگيون: ٽوليون.
ڇَلوَر: مرد، محبوب، دوست، ڇلن وارو.
ڇُلڻ: لُڏڻ، ڇلڪڻ، ھلڻ.
ڇَليون: فوجون.
ڇماءِ: ماٺ ڪراءِ، اُجھاءِ.
ڇمر: ڪڪر، جھڙ.
ڇَن: گاھہ ۽ وڻن واري ترائي.
ڇن: ڪِن، ساعت.
ڇڻي پيا: محو ٿي ويا.
ڇوھي: سخت طوفان، وھڪري.

ڇھون: ڇيھون، پرزا.
ڇيڄ: ناچ خوشي.
ڇيڙون: ٽوليون، ڪٽڪ.
ڇيڪ: ڇڙواڳ.

# ح

حاج: احتياج، ڪم.
حاجت: خواھش، ڪم.
حاذق: قابل حڪيم، آزمودگار.
حال: روحاني مستي، وجد، حقيقت.
حُباب: پاڻيءَ جو ڦوٽو.
حجت: دعوي.
حجرو: خلوت جي جاءِ،ڪوٺ.
حرف ھرو: حرف حساب، ميار.
حزن: ڏک، غم.
حس: احساس، حواس.
حَسب نَسب: اصل نسل، بنياد.
حضورا: حضور مان.
حضوري حج: وڏو حج.
حقاٽو: مڙس، پتار.
حقيقت: صوفي طريقي جي ٽئين منزل.
حل ٿيا: سمايا، ملي ھڪ ٿيا.
حلم: نياز نھٺائي.
حليم: نماڻي سڀاءُ وارو.
حمام: گرم پاڻيءَ سان وھنجڻ جي جاءِ، ٻاھہ، تابش.
حورون: جنت جون شھزاديون.
حماتي: مددگار.

# خ

خاصن: خاص ماڻھن.
خام: اجايو ڪچو.
خامي: اجايا، ڪچائي.
خبيث: پليد، بڇڙو.
خر: گڏھہ، بيوقوف.
خُرزينون: ڪَڙيا، ھورا.
خَرَ مُوسيٰ صَعقا: حضرت موسيٰ بيھوش ٿي ڪريو.
خزينا: خزانا.
خفت: ھلڪائي، نماڻائي.
خفي: مخفي، "ذڪر خفي" = ڳجھو ذڪر.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

خُلت: دوستي، محبت.
خَلَق آدم عليٰ صُورتہٖ: خدا آدم کي پنهنجي صورت موافق خلقيو آهي.
خلوت: اڪيلائي.
خُماريا: مست ڪيا.
خليل: دوست، حضرت ابراهيم نبيءَ.
خمير: ڳوهيل اٽو، اصل جسم.
خيز: ٽپو چال.

## د

دار: گهر، دنيا، ڦاسي.
دارون: دوا، سُتِي.
دارئين: دارن سان، دوائن مان.
دارَين: ٻئي گهر، ٻئي جهان.
داڙ مدد ڪندڙ بچائيندڙ
دال: دوزخ جو ٻهريون اکر، دوزخ.
دام: دم گهڙي ڦاهي.
دائرا: اوتارا، آستان.
دائودي: حضرت دائودؑ جو ڪُورو هڪ گل.
دُپارا: ٻنهي طرفن کان.
دران: اندران.
درڪ: سمجهہ.
درندا: ڦاڙيندڙ جانور، واگهو وغيره
درو: رستو لنگهہ.
درهڙ: ڏڏڪو ڏمچر.
دَڙ: ڏمچر، گوڙ.
دَڙي: دِٻ پٽ.
دقت: ڪشالو تڪليف.
دَڪ: دِڪي، متاهين زمين.
دلبو: دوکو فريب.
دلدل: امام حسين جو گهوڙو.
دلق: ڪفني، گودڙي.
دلئان: دل تان، دل مان.
دليل: خيال، وسيلو آسرو.
دم: پساهہ، پل، لحظو درياهہ جو چاڙهہ.
دمج: ساهہ کڻج، ترسج.
دل جهليو: ماٺ ڪريو فڪر م.
دميندا: ترسندا، صبر ڪندا.
دُنگي: ٻيڙي، ٻوندي

دُني: دنيا.
دوامي: مدامي، هميشہ لاءِ.
دوبينائي: ٻيائي، دوئي.
دوپير: وهٽ جي پوين ٽنگن ٻڌڻ جي رسي.
دُود: دونهون، غبار.
دو دستي: وهٽ جي اڳين ٽنگن ٻڌڻ جي رسي، ٻنهي هٿن سان هنيل ترار.
دور ڪرڻ: وري وري پڙهڻ.
دوڙو: خسيس، نيچ.
دوڪ: پنجن کان ڇهن سالن جي وهٽ جي ڄمار.
دوڙو: ڊوڙندڙ.
دوس: دوست
دوسان: دوستن وٽان.
دوسن در: دوستن جي در.
دوڳ: ڏونئري جا ڏڳ، ڪاڏي جا ٽڪر.
دولهہ: بهادر.
دوئڪي: چمڪلي.
دُهريون: موتين ڳتيل مالهائون، ٻيٽيون.
دهي: ديهي، جسم.
ديت: خون بها.
ديد: نظر، ديدار ساڃاءِ.
ديمن: لشڪرن.
ديوان: عدالت گاهہ، وزير
ڏيُون: چمڪا، لاٽون.

## ڏ

ڏات: عادت، ڍنگ، رفتار.
ڏاج: پيداور ڏاج.
ڏاچا: گيڙوءَ رتا.
ڏاج: جيهي زمين اپائي، ان داڻا.
ڏاٽيون: ٻگل چانور.
ڏاءِ: ڳاڙهو رنگ جنهن سان ڪنير ٽانون کي چِٽين.
ڏبر: اڇي ڪتي، لوئي.
ڏُبي: ڏڪي.
ڏُتاريون: نڳيو پنيلايو.
ڏَڄ: ڏن مِٽي لالاڻ
ڏج: جهنڊي، وانئٽي، ٻيرق.
ڏر: ڏرٽي.
ڏارارنئون: ڏنارن کان.

ڏريجاهہ: رکجاءِ.
ڏُريانئي: اصل کان ئي.
ڏڙيندءِ: لٽيندءِ.
ڏڳ: ميا متارا، پهلوان.
ڏَمال: ڇمات، ڇوٽ، ڏک.
ڏُني: ڇونڊي، واڻري، پسند ڪري
ڏوڏي: ڏوٽي، ڏَوڻ.
ڏوڏيا: اي ڏمڻ وارا، ڏئيندڙ.
ڏوڙون: هڪ جيڏيون، سرتيون.
ڏُوڻِ: ڏوئڻ.
ڏونس: تيزي، زور، زبردستي.
ڏَوڻ: باهہ کي ڏڳائڻ.
ڏُوڻَ: لوڏو، لرزش.
ڏوڻيئين: لوڏئين.
ڏُٺا: ڏِٺيا. صاف ڪيا، پاڪ.

## ڏ

ڏاڪاريا: بچيا، هشڪاريا.
ڏان: انعام.
ڏاڻ: ڏان، ڏاوڻ، ونگ.
ڏاهہ: پري کان خبر، ڏس، ڏاهہ.
ڏاهہ: پڌل، مشهور.
ڏائيو: ڏاوڻ وڏو سوگهو ڪيو.
ڏباڻون: دباءُ، لاڳُ.
ڏپن: سڙن، جلن، ناس ٿين.
ڏُتڙ: اوتڙ، ڏولائو.
ڏُت: جهنگلي گاهن ٻوٽن مان پيدا ٿيل ان يا ڦل.
ڏجها: ڏک.
ڏجهہ: ڏنب، سور ڏنجهہ.
ڏُجهن: بدخواهن، دشمنن.
ڏڏور: ڏڏل، بيحال، ڏکويل.
ڏڏي: ڏکوئي، ڏکويل.
ڏرت: ڏڪار، ڏولائو.
ڏک: شادي وقت ڪنوار جو هار سينگار.
ڏَکا: اُلرون، ڏڙڪا.
ڏُکاءُ: ڪنهن ڏک کان.
ڏِکي: سينگاري.
ڏِک ٿيا: سينگاريا، پڌرا ٿيا.
ڏگرين: ڏگرن سان، ڏندن کي.
ڏمر: سُهڻيءَ جو مڱيندو.
ڏن: رائڙ، محصول، نذرانو.
ڏنيري: ڪرڙو مڇي.
ڏنجهہ: ڏک، سور.
ڏنڊ: وڃائڻ جون سگهيون.
ڏُنگا: ڇڙٻون، دڙڪا.
ڏني: ڪنڌي، ڪپر.
ڏنير: دَنير، وڏا ٿلها نانگ
ڏنيون: ڪنڌيون.
ڏوت: پيتوڙي ڪائو. پليت.
ڏوٽ: ڏک، ڏمر.
ڏُر راٽي: ڏورانهين.
ڏورو: زورو ظلم، فڪر.
ڏوري: ڳولي.
ڏوري: ڳوليندڙ ڏوريندڙ
ڏوس: عتاب، تاب.
ڏونگا: طعنا، مهڻا.
ڏوٽا: ٻيٽا، جهجها.
ڏهائي: ڏيهہ جا رهاڪو ديسي.
ڏهين: ڪيترا پيرا، ڏهہ، بيشمار.
ڏُٿار: بيماري، مرض.
ڏَيا: حشمت، هيبت.
ڏيٺ: ديدار، ملاقات.
ڏيٺارئان: ديدار کان.
ڏيٺِي: جاڻ سڃاڻ، ميل ملاقات.
ڏيٺاري: ڏٺو وائٺو ڪليو ڪلايو.
ڏيج: ڏاج، سوغاتون.
ڏيريدار: ديي وارو سردار.
ڏيس: ديس.
ڏيسار: ڏيساوَر، پرديس، پرانهون.
ڏيساندرُ: پرڏيهہ، ولايت.
ڏيکان: ڏسان.
ڏيهاءِ: ڏيهان، ڏيهہ مان.

## ڊ

ڊامڻ: گاهہ جو قسم.
ڊاکون: ڊاک
ڊِٻ: واريءَ جون ٽبون.
ڊَپ: دوا دارون، ڦڪي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڍنن: ڍنلن، اگهن.
ڍهون: هلائون، ٽَڪرَ.
ڍوهي: منع جو قسم.

## ڏ

ڏار: دستو نمون، پنڌ، لاڙو ماڳ، وٽ، پاسي.
ڏاڳي: ڦٽل ڏوري يا واهڙ جو نالو.
ڏائي: ملڻ جو وعدو.
ڏب: ڏيِڀي، دام.
ڏبيون: دام، ڪوڙڪيون، دوائن جون ڏبيون.
ڏٽ: ٽر جو وچ وارو ياڱو.
ڏري: مٿان پئي.
ڏُڪن: پهچن، رسن.
ڏُڪندي: پهچندي، ويندي
ڏور: ڦٽل واهڙ، ڏورو.
ڏونديان: ڳوليان.
ڏُنگري: ماڪ.
ڏيرئون ڏير: ڏڳن جا ڏڳ.
ڏيري ٿئين: ڦاسي پئين.
ڏيل: چڏ، لاهه، نيلهه.
ڏيون ٿيون: ڏُبا ٿيو تري مِ پاٽي رهيو.

## ذ

ذاتي: خدا جي ذات جو اصلي، يقيني.
ذوق: عيش عشرت، خوشي.

## ر

راڙو: جنگ، هل.
راڄاڻ: حاڪم، راڄيو.
راس: درست، برابر.
راسيون: چوٽيون.
راڳا: جهنگلي مرون.
راماٽا: هڪلون، ڪارون.
رامڪلي: راڳڻي.
رانئيان: ريجهائيان.
رانئيا: گذر ڪري ويا، رنگجي ويا.
راول: پريتم، سجڻ.
راوت: بهادر.
راهُو: مشهور سخي سمو سردار.
راءِ: راجا، بادشاهه.
رائر: محصول، چونگي.
رائون: چارجي پاسن ڪي جهلي بيهڻ لاءِ ڪنارِي رچ جو قسم.
رئي: چمڪات.
رائيندس: راضي ڪندس.
رايائين: ريجهايائين.
رايون: مينهن جو قسم.
رباب: هڪ قسم جو ساز.
ربابي: رباب وڄائيندڙ ڳائڻو.
رت ورنو: رت جهڙو رت ڳاڙهون.
رتول: رنگ محل.
رتين: ڳاڙهن، رتل.
رتيون: ڌررڙيون.
رجات: رجوعات، بندگي.
رجائيندس: آلو ڪندس.
رَڄَ: گهٽو ڏئو.
رُجهن: ريڌا رهن، مشغول رهن.
روجهڙيون: اڇن پيرن واريون هرڻيون.
رَچن: رڱجن.
رَچ: ٿانوَ وڏا چار.
رچائين: رچيءَ جي، رڌ جي.
رخت: سامان، اسباب.
رخساري: رخسار ڳل.
رخنو: نقص.
رد: بيڪار.
رَڏ: هوڏ ڪندڙ بيعقل، رد.
رضا: قضا، مرضي.
رعد: گوڙ.
رفيع الدرجات: وڏي درجي وارو.
رقص: ناچ.
رقيب: چاري، نگهبان.
رُڪ: رُڪ جو هٿيار ترار.
رڪن: ردي ماڻهو احمقن.
رُلي چُلي: پتڪي.
رمگيو: گذاري ويو.
رموز: رمزون.
رميا: روانا ٿيا.
رنج: درد، بيماري
رنجائو: رنج، ڏک.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

رنجور: بيمار.
رَند: گس، پيچرو.
رِندي: مستي، فقيري.
رنديا روڙيا: ٿلهو سٽ ڪتيو.
رُنڪن: رِينگن، ڪِنجهن، ليلائن.
رنگ: تماشو رونق، خوشي.
رنگائي: رڱيون ڪندي.
روان: روانو.
روپ: حسن، سوڀيا.
روجهہ: هڪ جانور گورخر.
روچي: روزي، حاصلات.
روح رچنديون: روح کي وڻندڙ دل پسند.
روڏا: اٺ.
روڙي: نيڪ، بهادر.
روڳ: مرض، بيماري.
روڳي: بيمارُ روڳي.
رومي: مولانا جلال الدين رومي رح.
رُون: روئن.
رَوَن: وڃن.
رونجهو: سخي جام سپڙ (جو ذات جو رونجهو هو).
روندا: روڄ راڙو ڪندا.
رُوءِ: مُنهن، صورت، نمونو روپرو.
روهي: روڪي.
رِهاڻي: رهاڻ، وندر.
رِهاءِ: جڳائي.
رَهُون: جبل، روهہ.
رڻ گهڙي: جنگ جي مہل هي.
رَي: تحقيق، نيڪ.
ريبيو: ٻُلايو برغلايو.
ريبارو: قاصد.
ريٽ: درياءَ جي ريٽيل زمين.
ريٿو: ڳاڙهو بوڇڻ.
ريٽ: رڍ جا وڏا وار، اُنَ.
ريهاٽو: ريڍو راضي ٿيو.
ريڏائي: ڏنگائي، رُسامون.
ريزاليون: نالائق، ڪميڻيون.
ريکان: ريکون، پاڙون، تارون، تندون.
ريڳڙيارو: واريءَ ۾ ويڙهيل.
ريل: ساوڪ وارو پٽ.
ريلو: ڪشش، وهڪ پاڻيءَ جي.
ريلي: آباد ڪري، ريج ڏئي.
ريهي: ڳنيڍي، ملائي.
ريون: ڏُنڊ، داٽا داٽا.

## ز

زابر: جابر، زبردست.
زاغ: ڪانگ.
زاف: ضعيف، هيٺي.
زبر: جبر، ظلم.
زبرون: جبرايون، ڏاڍايون.
زربفت: زريءَ جو ڪپڙو.
زلف: وار.
زود: جلد.
زير، زيرويون: زيردست، نيچ، قيدين جا زنجير.

## س

ساب پيا: قبول پيا، سجايا ٿيا.
سابق: اڳيون، اصلوڪو.
سات: ساعت، گهڙي.
ساٽان: ساٽ کان.
ساٽر: هڪ قسم جي ٻوٽي، دوا.
ساٽو: سودو سٽو عيوض.
ساٽي: مهاٽا، مڇي وڪڻندڙ.
ساٿ: سڱڻ ساٿ، خوشيون، سانباها.
سائيڪا: اونها کوهہ.
ساج: ساز سينگار.
ساجا: تيار هوشيار.
ساجهہ: سهج، وجهہ.
ساجائو: ساجاهہ معرفت وارو.
ساڌوهين: چار جي وڻ جو قسم.
سارون: سنڀارون.
ساروٽي: يادگيري.
ساڙو: مچ، ڏُک.
ساڪن: رهاڪو.
ساڱاتو: سڱٽيو رفيق.
ساڱاپو: سڱ مائيٽي.
ساڱاهي: سمجهي، خبرداري رکي.
ساڱاهيج: ساجاهہ رکج.

تان سر قربان ٿيو تہ چا ٿيو؟
سرڪشي: مغرري، وڏائي.
سرڪنڊ: چندن جو وڻ، صندل.
سرگردان: حيران، پريشان.
سرڻين: سام پيلن، پناهہ ۾ آيلن.
سَرو: شراب.
سَره: جهنگلي ٻڪر جو قسم.
سَري: لڙهہ، مالها، تسبيح.
سريام: حاصل ٿيام مليام.
سريو سون: اسان کي پلئہ پيو.
سسر: سنو چشمون.
سَسن: گهيٽن.
سعادت: نيڪ بختي، خوشنصيبي.
سَڪن: ڪنبن، ڏڪن.
سُڪوت: خاموشي، ماٺ.
سُڪوتان: ماٺ مان.
سِڪهون: سڪون.
سکاڻي: سُڪاڻ وارو ناکئو رهبر.
سُڪائون: باسون، مجتائون.
سَڪَر: لائق، چڱا.
سُڪياڻي: آسودي.
سُڪين: سُکن.
سَگبان: ڪتا سنڀاليندڙ ڪتن جو مالڪ.
سَڳائي: مائٽي، قرابت.
سَگر: رستو.
سُڳٽي: ڳٽن واري.
سگڙيون: وچائڻ جون سڳيون.
سڳيٽا: سڳ وارا، مائٽ.
سڳيون: وچائڻ جا سڳ، توتارا.
سَلُ: تنگ، سوراخ.
سَل: سچي ڪر. سٽاء.
سلاڙيو: گڏ ٻڌيو قطاريو.
سلان: سليان، ظاهر ڪريان.
سَلتم: سليم، ٻڌايم.
سَلتي: ٻڌائي، سَلِي.
سلحدار: هٿيار بند.
سلوڪ: فقيريءَ جو رستو.
سلهاڙيو: ٻڌيو ڳنڍيو.

سلي: قطاري، سلهاڙي.
سمانا: عزت وارا، مان وارا.
سمر، سمرا: سامان، توشو.
سَمن: واعدو گڏجاڻي.
سمگني: نوازي، راضي ڪري
سمگئا: نوازيا، راضي ڪيا.
سَمي: سمي بادشاهہ.
سنان: تڙ، وهنجڻ.
سنپار: سانپر، چڙو يادگيري
سنپوڙو: سنپريل، تيار.
سنجري: پيدا ٿئي.
سنجئم: کوهہ مان پاڻي ڪڍيم.
سهنج: سُک، سولائي.
سَنَدَ: سفارش، چٺي، آڌر.
سندڙيان: سندن.
سُنڌڙا: توتارا.
سندياءِ: تنهنجي.
سَنڌ: رکي ڇڏي لڪائي رکي .
سنڌا: عضوا، سنڌ. ٽڪرا.
سنڌو: حد، ڪنارو.
سنڌيندم: مرهم پٽي ڪندم چتائيندم.
سنڌيون: بدن جا سنڌ، عضوا.
سَنبُ: اوزار وسيلو سيٽاهہ.
سنبين: همت جهلين، سيٽاهہ تي ترن.
سَنڪو: اُڊڪو ڊپ، فڪر.
سنڪن: ڏڪن، ڪنبن، ڊڄن.
سنک: وچائڻ جو ڪوڏ، ناد.
سُنگ: سنگت، ساٿ، محصول.
سنگهار: مال وارا، ٻُگيا.
سنگهر: زنجير.
سنواريا: سوانريل، سپاڳا، سونهارا.
سنيهڙو: پيغام، نياپو.
سناوا: سڏا، سامهان.
سٽهان: سٽا، ٻڌان.
سٽيانِ: ساٽن، ڪين.
سُٽِئين: ٻڌن، سٽن.
سو: سُئو ٻڌو.
سُوات: سنئون رستو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سَوارا: سويل.
سَواري: سويل.
سواريون: سويل.
سُواهرو: چڱو مددگار, خيرخواهه.
سُواءَ: سٺائو واءُ.
سَوائي: سوايو سرس.
سُوائي: سخي.
سوڀي: سونهن واري, بختاور.
سوٽ: ڏاڍو وٺيل, سخت.
سونا: جوابداريون, ذميداريون.
سونائون: ڳولي لڌائون.
سُوجهه: جانچ, ويچار.
سوجها: ڄاڻ, پروڙ.
سُجهي: ڄاڃي, چڪاسي.
سوجهيائون: چڪاسيائون, ڄاڃيائون.
سُوڌا: سِڌا, پورا, سچا, سمجهو.
سُوڌائي: چڱائي, سڌائي.
سُڌو: پورو سچو.
سُوڌيون: پوريون, سچيون.
سُور: سورة, درد.
سرانگهي: اورانگهي.
سُور ٻُهار: چنبي صاف ڪر.
سُور چرندي: سور کائيندي.
سور چيو: موهيو مست ڪيو.
سُوريتيءَ: درد جي ماريل, ڏکايل.
سوڙ: مٿان پائڻ جي رضائي.
سُوڙو: ڳُنائتو لائق.
سوگند: قسم.
سُول: سُور, فائدو فرحت.
سون پٽي: سون جو سنگ يا داڻا.
سونڪي: ڳتي, ڊپ.
سونگ: محصول.
سونگٺان: محصول جي ڪري روڪيا.
سونگي: محصول اڳاڙيندڙ.
سون ورنيون: سون جي رنگ جهڙيون.
سُونهاري: سهڻي, ڏاڙهي.
سُونهان: رهبر.
سُونهائي: سونهين ڪئي, واقف ڪئي.

سونهايوم: ڏيکاريوم.
سونهڻ: ٻيڙيءَ جون ميخون.
سوءَ: ماتم, غم.
سِه: سِيءَ, سردي وارو مهينو.
سهاڙ: ساهڙ, ميهار.
سُهاڳ: سُک.
سُهاڳي: سکيو وٺندڙ.
سهاءِ: سهائي, سيبائي, جڳائي.
سُهائو: روشني.
سُهائِي: سوجهرو روشنائي.
سَهٽ: سڪ, اڪير, سلوڪ, رهاڻ.
سَهج: خوشي, شوق, چاهت.
سَهجان: ڪوڙ منجهان, سهج مان.
سهج: ڳرڻ, قرب, سينگار موج.
سُهنڌ: سنو هنڌ, سٺي جاءِ.
سَهس: سهسين, سوين.
سُهڳ: سهاڳ, سک.
سِهو: اميد. آسرو سهڻو لائق, چاهه.
سهر: موڙ.
سَهي: واقف, سڃاڻو.
سَئُنچو: خطرو تياري
سؤڪو: سکيو سولو.
سوئيتا: سوءَ ۾, ماتم ۾.
سِيءُ: ٿڌ, سردي.
سيارچ: هڪ قسم جو گاهه يا ڏٿ.
سِياڪو: سياپو ماڻٽي.
شياءُ: مائٽ, شريڪ.
سيبا: ٺوبا, بکيا.
سِيباءِ: جُڳائي, وڻي.
سِيباڻو: وڻيو پسند آيو.
سِيباڻيام: مون کي وڻيا.
سيباڻي: وڻي.
سيٽ: سُٽ جا وٽيل رسا.
سيٽيا: ٻک وجهان.
سيج: سيج, کٽ.
سيڏائي: سڪائي, موهي.
سبير: واٽ, لنگهه, گذر.
سيرَ: سيل, سچائي.

سيرڙيون: سيرون، واٽون، پيچرا.
سُيَس: مشهور ٽيس.
سيسار: درياھي نانگ.
سيڪارا: سڏڪا، شوڪارا.
سيڪڙو: سڪايل.
سيڪي: ڇني.
سيڱ: ڪمان.
سيلا: وارن کي ٻڌڻ جي رسي جا جوڳي ڪم آڻين.
سيلو: تير، ڳن مٿي کي ٻڌڻ جي رسي.
سيلھ: ڪنڊا، تير.
سِيَما هُم في ووجُوهِهِم: سندس چهري ۾ سجدي جي نشاني آهي.
سيليون: رسيون.
سَين: فقير جي صدا.
سِينداريا: سينڌ هٽي سڌيا، پاليا.
سين: مائٽ.
سيٽاس: ساٽس.
سيٽان: سندن لاءِ ساٽن.
سيٽاھيا: سيٽھ وارا.
سيٽاني: ساٽن، ڳڻ.
سيٽاٽي: ساڻ، ڳڻ.
سيوا: شيوا، بندگي.
سيوي: سِبي، ٽوپا ڏئي.
سيھي: شيھي، ڪچ، مٽ.
سِيئن: تائين.

## ش

شبان: ڌنار.
شبيه: شڪل، صورت.
شُتر: اٺ، ڪرھو.
سَجَر: وڻ، درخت.
شريڪت: برابري، همسري
شعور: فهم، فضيلت.
شڪستي: دلشڪستي، نا اميد، ملول، مايوس.
شڪم: پيٽ.
شڪون: (واحد: شڪ) ڪلي، بند، ڪِيري.
شُھدي: سڪندڙ غريب، نماڻي، مُنهن، صورت.
شُومت: پراڻي، خزاني.

## ص

صِراط: پل صراط واٽ.
صِراطَ المستقيم: سنئون رستو.
صريح: ظاھر ظھور صاف.
صفتان نور: صفتن واري روشني.
صقيلا: چمڪندڙ گھائيندڙ.
صلابت: مٽيا، شان.
صلوات. بندگي، درود.
صواب: سڌائي، چڱي واٽ.

## ض

ضاءِ: ضايع، زيان.
ضرور: ضرورت.

## ط

طالب المولیٰ مذڪر: مولیٰ جو طالب مرد آهي.
طالح: ندورو نياڳو.
طالع: نصيب، ستارو.
طاق: ٽاليھ، دروازا.
طاماعو: طمع رکندڙ تاڪائون.
طبل: دھل، نغارا.
طريق: طريقت، رستو.
طريقت: فقيريءَ جو پنڌ، تصوف جي ھي منزل.
طس: ٽالھ.
طوق: ھار.
طورسينا: جبل جنھن تي حضرت موسيٰؑ نور جو تجلو ڏٺو.
طھورا: پاڪ پاڻي، بهشتي شراب.
طيرن، طيورن: پکين.

## ع

عاجز: ضعيف عورت.
عاجزيون: نيزاريون.
عادنئون: عدن (بندر) کان.
عاصي: گنگھار.
عاق: ناصالح، خراب، بي حيا.
عالم: ڪائنات.
عام: عام ماڻھن.
عبث: اجايو.
عَبير: عطر، عنبر.
عدم: نابودي نيستي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عراقي: عراقي گهوڙا.

عرفات: مڪي شريف جي ويجهو هڪ ميدان.

عرفان: علم، معرفت.

عُريان: اگهاڙي، نانگي.

عزازيل: شيطان، ابليس.

عطائي: سوالي، فقير.

عِصيان: گناهه، ڏوهه.

عِلتي: عادتي.

عليل: مريض، بيمار.

عليم: ڄاڻڻهار.

عميق: اونهون درياهه، اوڙاهه.

عين: هوبهو، نسورو.

## غ

غار تيو: گم ٿيو.

غواصن: ٽوبن.

غِيبتي: گلا ڪندڙ.

غير: دوئي، بيائي.

غير گُماڻ: بيائي جو خيال، شڪ.

## ف

فَاذْ ڪُرُوني اَذڪُر ڪُم: "اوهين مون کي ياد ڪريو ته آءٌ اوهان کي ياد ڪريان".

فاقو: بک.

فائق: بزرگ، سياڻو.

فتاح: کوليندڙ فتح ڏيندڙ.

فردا: سڀاڻي، آخرت.

فردوس: بهشت.

فرقان: قرآن شريف (سچ ۽ ڪوڙي ۾ فرق ڪندڙ).

فَڪان قاب قوسين اَوْاَدني: ٻن ڪمانن جيترو ويجهو هو بلڪ ان کان به وڌيڪ.

فلڪ: عرش، آسمان.

فلق: فرق.

فن: حرفتون.

فهميدم: سمجهيم.

في الله: فنا في الله ۾ فنا ٿيڻ.

فيض: موج، ٻلٽ.

فيل: هاٿي.

## ڦ

ڦانگ: سڪل ٽاري.

ڦَڄَ: ڇهڪ، ڇير.

ڦَرهه: مُرت پوتي جا داڳا.

ڦَڪِي: سُتي.

ڦلنگي: فرنگي، يوروپي.

ڦَليل: گلن جو سرهو تيل.

ڦَرُ: پب (پير جو).

ڦوٽو: ٻلبلو بوڙيو.

ڦورا: ڦولهارَ مورَ.

ڦوڙائيا: وڇڙندا، جدا ٿيندا.

ڦوڙائو: جدائي، وڇوڙو.

ڦوڳن: ڦوڳ جي پوٽن.

ڦوڳي: نڪما، بيڪار.

ڦيٽ: ڏک، صدمو.

ڦِيڻ: گجي، جهڳ.

## ق

قاف قوسين اوادنيٰ: "ٻن ڪمانن جو وچوٽي بلڪ انهيءَ کان به ويجهو".

قافئون: قافن مان، جبلن مان.

قالب: جسم، بدن.

قال: بحث مباحثو گفتگو.

قال قيل: ڳالهه ٻولهه.

قالُوابَليٰ: چيائون ته "هائو".

قبلي نما: قبلو ڏيکاريندڙ.

قد: هوڏ.

قُدام: اڳواڻ، سردار، پيشاني.

قد ٻڌي: هوڏ ڪري، سينو ساهي.

قدت: طاقت.

قديم: ازلي، اصل کان.

قرقل: لونگ.

قرَن: سخي سمي ڄام جو نالو.

قَرينو: محبت، سينڌ، وڻ ٻلائي.

قزاق: رهزن ڌاڙيل.

قصر: ماڙي.

قَضائي: اتفاق سان.

قضيو: معاملو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

قفلن: تالن، ڪلفن.
قُل لَن يُصيبُنا اِلا ماڪَتَبَ الله لَنا: چئو تہ ڪابہ مصيبت اسان کي نہ رسندي، سواءِ انهيءَ جي جا خدا اسان جي حق ۾ لکي آهي.
قلوب: قلب، اندر دل.
قليل: ٿورا.
قُمر: اُٺ، اُٺي تيار ٿي.
قمر: چنڊ.
قناتون: طنبوءَ جا پردا.
قوال: راڳيندڙ ڳائيندڙ.
قَيدُالماءِ: داڻو پاڻي، تقدير.

## ڪ

ڪابُل: ڪابل شهر.
ڪاتب: لکندڙ.
ڪاپائتي: ڪاپو ڪندڙ ڪٽيندڙ.
ڪاپٽ: جوڳين جو هڪ فرقو.
ڪاپڙي: سناسي، جوڳي.
ڪاپو: ڪٽڻ جو پورهيو.
ڪاڇوٽي: لانگوٽي.
ڪاڏو: ڇڪ، سڪ، ڪشش.
ڪاراٽيا: ڪاراتيا، ڪارا ٿيا.
ڪارائي: ڪارنهن، ڪاراڻ.
ڪارايل: ڪارو هنجهہ.
ڪارٽي: وسيلو مددگار.
ڪارونيار: ڳوڙهو اونهو هيبتناڪ.
ڪارُون: ڪوششون، حيلا وسيلا.
ڪائِر: ڪاتر، بزدل، گيدي.
ڪارهين: يارهين.
ڪاري: سخت، گهائيندڙ.
ڪاريا: ڪرايا.
ڪاريهَر: ڪارو نانگ.
ڪاڪت: طاقت، سگهہ.
ڪاڪل: زلف، وار.
ڪاڪيون: اديون، سرتيون.
ڪام: لکڻ.
ڪامڻ: جادو منڊ، سهڻي زال، نازنين.
ڪانيُو: جبل جو نالو.
ڪانڊي: ڪنڊي جي ڪانئين ۾ (جن جي باهہ لڳي آهي).

ڪانہ: ڪانهن: ڪيڏانهن، ڪٿي.
ڪانئي: ڪان، ڏڪ، سرائي سرمي پائڻ جي.
ڪانيتا: نيش، ڏنڊ.
ڪانيارو: ڪاڻ وارو ناقص.
ڪانيرو: پاڻيءَ جو هڪ پکي.
ڪاڻ: عيب، گهٽتائي، شرمندگي، حجاب، لحاظ.
ڪاڻياريون: قصور واريون، عيبدار.
ڪاهري: اپري ضعيف.
ڪاهُوجِي: دري يا مڪان جو نالو.
ڪاءِ: ڪائي، ڪابہ.
ڪائو: درياءَ جو لاهو لٿل پاڻي.
ڪايا: هائي، بدن.
ڪِبر: هٺ، وڏائي.
ڪبرياءُ: خدا تعاليٰ.
ڪبير: وڏو گناهہ.
ڪپ: ڪنبڻ، چرڪڻ، لڏڻ.
ڪپيلياٽي: جنهن جو ساٿي چڱو نہ هجي جنهن جو ڪو بيلي نہ هجي.
ڪتابت: لکيو اعمالنامو.
ڪتو: ڪتيل.
ڪتارا: خنجر.
ڪٽ: مٽ، تيز شراب، هرگز.
ڪٽڪ: لشڪر.
ڪير: ٻڙڇيون.
ڪپر: ڪس، ڪچ، مٽ.
ڪپَر: ڪريت، ٻچڙي ريت.
ڪپچ: ڪري پچڻ، بدپرهيزي.
ڪپُور: ڪافور سرهاڻ.
ڪپيري: ڏکي وات، گمراهي، بيراهي.
ڪجا: ڇا.
ڪجاڙيا: ڇو ڇاجي ڪري.
ڪجيو: لکو ڊبيو ڊکيو.
ڪچَ: ڪوڏ، شٽيئڙو.
ڪچو: ٽڪو داغ، مهڻو.
ڪچَن: بيوس، لاچار، خراب جاءِ.
ڪدِيفو: ريشم، ريشمي ڪپڙو.
ڪڏاتورُو: نالائق، بداخلاق.
ڪڍ ڪاهڻ: پنيان لڳڻ.

ڪَرَ: خبر، سُڌ، ڄاڻ، جيڪر.
ڪَرُ: ڳاٽ.
ڪُرُ: ڪٽنب، ڪڙم، پنڙا.
ڪراڙ: پٽ شاهہ جي ڍنڍ.
ڪراڙا: ڏکيا، اٽانگا.
ڪرڪ: تير، ڪان.
ڪرڳل: هل هلاچو.
ڪَرلاهُو: خبر لهندڙ سنڀاليندڙ.
ڪرنگل: ڪرنگهر، هڏن جو پڃرو.
ڪُرندان: خراب رستو، اَلٽي واٽ.
ڪَرنگهو: ڪرنگهو پُٺيءَ جو هڏو.
ڪرنون: ڳنڍيون ڳوڙها.
ڪَرهل: اٺ.
ڪَرِهو: ڪريو.
ڪَرَهو: اٺ.
ڪَرو: ڪرٽ، ڪارائي.
ڪِري: ڪاڏي جي پرهيز.
ڪُريت: بڇڙي رسم، بد رسمي.
ڪرير: ڪِرڙ وڻ.
ڪِڙج: ڪچرو ڪک ڪانا.
ڪَڙڻ: پير ڪڻڻ.
ڪُڙهہ: اندر، جِيءُ، بدن.
ڪَڙهُہ: ويچار ڪر، سڙ، پچ.
ڪَس: ڪٽ، دل جو غبار.
ڪُسَر: ڪوڙا سَرن جا ڀوڙا.
ڪشتيبان: ٻيڙي هلائيندڙ.
ڪَڪوهہ: شراب جو قسم.
ڪُلاٽ: ڪُلچٽو ڪُلال.
ڪَلال: شراب ڪڍندڙ مي فروش.
ڪلارين ڪپڙين: پرت پريل ڪپڙن سان.
ڪَلپتي: مها جوڳي، خيال وارا.
ڪُل ٿيا: ڏٽيءَ سان مليا.
ڪُل شيءِ يَرجِعُ اِليٰ آصلهٖ: سڀڪا شيءِ پنهنجي اصل ڏي
موٽي ٿي.
ڪُل مَن عليهافان: جيڪي ڪجهہ زمين تي آهي سو فنا
ٿيڻ وارو آهي.
ڪلمي گو: ڪلمون پڙهندڙ.
ڪُل نفس ذائقة الموت: سڀڪو ساهہ موت جو مزو چکندو.

ڪِلو: جهيڙو جنگ
ڪَليون: نِڙيءَ جا غدود، ڪليجا.
ڪُمر: نيلوفر جا ڦل.
ڪماچ: رباب.
ڪمازهين: (ڪُ+ماٺهو) ٻُرن ڪي.
ڪُميتن: گهوڙن.
ڪُن: ٿيءُ، ٿي پئو.
ڪنان: ڪان.
ڪنجرو: چولي، ڳَج.
ڪنجڪ: واڳ.
ڪند: پالا.
ڪنڊا: ڪنڊي جو وڻ.
ڪُنڊيون: ڪنڊن سڱن واريون مينهون.
ڪُنَر: ڪونر جنهن ۾ ڏوٻي ڪپڙا ڪنپ چاڙهين. والا.
ڪنگن: ڪانئرن (پکي).
ڪنهن منهن: ڪهڙي طرف.
ڪنو ٿيا: ڪن وڏيل جوڳي.
ڪنواٽ: ڳوٺرو ننڍو اٺ.
ڪُٽِچ: ڪنڊ، پاسو.
ڪٽس: ڪيس، انهيءَ کي.
ڪُٽڪن: ورلاپ ڪن، ڪنجهن.
ڪُٽن: وَٽن.
ڪَٽيون: مٽيون، موتي.
ڪوپا: پهلوان.
ڪوت: گرز.
ڪوڏ: چاهہ، خوشي، ناز لاڏ.
ڪوڏيون: شوقين.
ڪُور: انڊو.
ڪورا: منهنجي خاطر، پاسخاطري ڪريہ سوز ساڙو.
ڪورا: ڳلا.
ڪورنشون: نياز سلام.
ڪوڙڪيون: پکين ڦاسائڻ جا دام.
ڪُوَڙي: بي وڙيہ نالائق.
ڪُوڪٽ: ويڏن، ظلم.
ڪوڪِڙ: سڪل پيرون.
ڪُولَ: بدلچڻ، گنهگار.
ڪونر: وٽن جا ڪچڙا گل، شهزادا.
ڪُواٽ: الٽي واٽ، ڏکي واٽ، اوجهڙ.

ڪُوار: گلا.
ڪوءِ: ڪير بہ.
ڪُوءِ: گهٽي.
ڪُويساهيا: ڪوڙي ويساهہ وارا.
ڪُويل: ڪُمهلو اوبرو.
ڪَهہ: پنڌ جي تڪليف, گهٽوءِ ڏکيو پنڌ.
ڪُهہ: چو.
ڪِها: ڪهڙا.
ڪَنهُنِ: ڏکيا پنڌ ڪن, چون.
ڪَهڪ: چهڪ, چير.
ڪَهٽي: چوٽي, قول.
ڪِهو: ڪهڙو.
ڪَهون: پنڌ, ڪشالا.
ڪئا: ڪئان, ڪٿان.
ڪَئنچل: ڪنچل, سون.
ڪياءِ: ڪَيئِي.
ڪيٿائي: تڙ جو نالو "ڪيٿائو".
ڪيڏارو: جنگ جو ميدان.
ڪِيرت: راڳ جي صدا.
ڪيڙي: سيڪاري, هيرائي.
ڪيس: ڪارو رنگ, ڪارا وار.
ڪيسر: زعفران.
ڪيف: نشو خمار.
ڪيفيت: حالت, حقيقت.
ڪيڪان: گهوڙو.
ڪِيم: ڪين, نہ.
ڪين: نيستي, ڪجهہ نہ.
ڪِنَر: ڪينرو سرندو.
ڪيڻ: ڪيڏانهن.
ڪٽيان: سنڌن لاءِ.

## ڪ

ڪاٺوونبا: جهنگلي ميوو.
ڪاڏو ڪوڙڻ: منهن پر ڪرڻ, بي طاقت ٿيڻ.
ڪاروڙٿان: "ڪاروڙي" ڳوٺ ڪان.
ڪاس: سڌ.
ڪاند: صبر, ڪنيا.
ڪانءِ: جلاءِ, ساڙ.
ڪانيا: هڪايا, ساڙيا.
ڪاٽان: سڙيا, جليا.
ڪاهوڙي: جهنگ جبل ۾ ڏٽ ڳوليندڙ سچا فقير.
ڪٽيرين: ماروئڙين, ڪٽڻ وارن.
ڪَٽرن: ڪيتو ڪندڙ ڳئن يا مينهن.
ڪَپ: وَڍِ.
ڪَپر: هڪ ننڍو زهريلو نانگ.
ڪِجاٽي: اندر جو سوز ڳارو.
ڪِجن: بيزار ٿين, جهجن, ڳرن.
ڪجڻ: جهوري, ڳاراٽو.
ڪِگمارو: ترار هڻندڙ.
ڪداٿون: پيالين, جمنين.
ڪُڏي: ڪوٺي, حجرو اوطاق.
ڪَر: خراب ماڻهو دشمن, رقيب.
ڪَرا: سچا.
ڪَرايون: دشمنيون, برايون.
ڪِردار: افعالن وارا, هنرمند, سلوڪ وارا.
ڪِرس: لاڏ ڪوڏ, ناز نخرا.
ڪَرڪن: چڙين.
ڪرڪٽان: نوڙين جا نهيل جوتا.
ڪَرڪرا: ڳهوڙن جي پني صاف ڪرڻ لاءِ ٿوريءَ جا نهيل برش.
ڪَري: پوري, سچي, پڪي.
ڪُڙا ڪٽي: ڪڙيون ڪٽي, پوري ڪوشش سان.
ڪَڙهہ: دروازو لنگهہ.
ڪَڙيا: پورا, خرزينون.
ڪَڙڳ: تراريون.
ڪِڙيو: ٽتو پڳو.
ڪِڙيو: روشني ڪئي, ظاهر ٿيو.
ڪُسو: جتي.
ڪِڪِي: مچي.
ڪَم: صبر.
ڪُنپ: ڏوبيءَ جي ديگ.
ڪَنپاتڙي: ڪنپات جي نار واري.
ڪُنڊي: ڳجهي, ڳجهہ سانڍيندڙ.
ڪنهبا: ڳاڙها رتل رَوا.
ڪنيا: خوش خبري ڏيندڙ ڪانگل.
ڪِلول: ڪڙڪو.
ڪڙ: طرف, پاسو رتا.
ڪُورو: مچ, ڪلال جي ڀَٺي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوٽيتي: پوري طرف واري، پوري مند واري.
ڪُوهو: ٻيڙيءَ جي سڙهہ واري ڪاٺي.
ڪوءِ: ٻن، ڪڏ.
ڪه:دز. لٽ، خوشبوءِ دارگاهہ.
ڪُهج: تڪج، ڪڪ ٿج.
ڪيترا: جوتا.
ڪَو: ان ڳڏ ڪرڻ جي جاءِ.
ڪيتا: ضد، ارڏايون.
ڪيڙائو: ڳوليندڙ ڏوريندڙ.
ڪيرَ: جماعت، ٽولي.
ڪِيرون: مبارڪون.
ڪِروليون: ”ڪيرولي“ گاهہ.
ڪيِن: ڪائِين.
ڪِيندي: ڪائيندي.
ڪينئن: خير، سک.
ڪيرَڻ: ڪاڏا، طعام.
ڪيهہ: مِٽي، دز لٽ.
ڪِيو: ڪايو پيٽ پريو.

## گ

گاڏيليون: سهٽيون زالون.
گاروڙين: جهانديدن، آزمودگارن، جوڳي فقيرن.
گاءِ: هوڏ، تڪبر.
گبرو: رلي، اوڇڻ.
گَبري: گودڙي، بغلي.
گَت: ريت، دستور.
گَتا: ڦاٿا، اٽڪيا.
گُجر: گُجر قوم جي (مومل).
گَجميل: گجميل شهر جون نُهيل.
گُداز: سوز فراق.
گَڏايم. ملايم.
گِرت: ڳِنڊ، ناٽي جي هڙ.
گرداب: ڪن، اوڙاهہ.
گردانيو: پروڙيو سمجهيو.
گرئي: ڳنڊ، ٽڪر.
گِري: گير ڪري، پونڪي.
گَڙنگ: هڪ ايراضي ۽ واهہ جو نالو.
گَسا: گس ڪان، واٽ ڪان.
گِسِي: اَنن جا ليڏوٽا.
گُفت: ٻولي، آواز، چيائين.
گُلبوءِ: خوشبودار.
گماٽي: نابود ٿي، گمراهہ ٿي.
گمائِي: بيخود ڪئي.
گَمن: غمن، سير، گهمڻ.
گَنجو. گنجو ٽڪر.
گَند: پاٽيءَ جي ول ”ڪُوٽي“ جو ڦل، لوڙهہ.
گنداڻون. رليون.
گَندي: چادر، پوتي.
گُنگائي: هُشائي، جهڪائي، ماٺ ڪرائي.
گُنگن: اُنن.
گنوايو: وڃايو.
گَنبَر: هاٿي.
گودڙ: وڏي گودڙي.
گور: قبر.
گورکناٿ: جوڳين جو مهاگرو.
گوشي: ڪُنڊ ۾ نويڪلائي ۾.
گوندا: ٻڪرين جي ننڍن ڦرين جا واڙا.
گيان: سڌي ڄاڻ، معرفت.
گيرب: هٺ، وڏائي.

## ڳ

ڳاچ: ڳيچ، راڳ.
ڳاڳا: هڪ جهنگلي ميوو ڳاڳيون.
ڳاراچو: اَحوال، محفل، شادمانو.
ڳالهائون: سندن ڳالهائڻ.
ڳاهہ: اشارو بيت، ٽُڪن ۾ اهڃاڻ.
ڳائو: چؤٻول، گونج.
ڳائو: ڳائو گوشت.
ڳپرو: چوڪرات، ٻار.
ڳپيا: ٻوڪيا، ڳل جهليائون.
ڳتا: ڳتل وار.
ڳُتو: ويڙهيو.
ڳَتن: ڦاهين، طوقن.
ڳُجهاندر: ڳجهہ ۾.
ڳَران: وڻان، گهران.
ڳَرن ۾: ڳجهن ۾.
ڳري: ڳلي، گهٽي، وسيلو.
ڳَريو: ٻيڙيءَ جي ٻڳهہ جو رسو.

ڳرھيان: بيان ڪريان، اوريان.
ڳڙھ: قلعو.
ڳڙي: ڳنهي، وٺي.
ڳڱاٽيا: ناري چڙيا، نستا ٿيا، بيهوش ٿيا.
ڳمن: آهستي هلن.
ڳٽي: وٺي، ڪٽي.
ڳوريون: ڳوليندڙ طالبو.
ڳهريو: نشي ۾ موڳو ٿيو.
ڳهلي: ڳهيلي، اڻڄاڻ.
ڳهٽا: زيور.
ڳهيو: پورهيو ڪيائين، ڪم ۾ وهيو.
ڳيڙءَ: تووڙتو.

## گھ

گھاٽو: مڇي ماريندڙ.
گھاٽي: گھاٽي شراب مان.
گھاگھائي: همت ڪري، ڪلي ڪڏي.
گھانئدار: وڏا، گهنڊ.
گهاءَ: ڦٽ: زخم.
گهُتون: بهانا، عذر.
گهَٽُ: تڙي اندر دل، در لنگهه، گس.
گهُتڪن: ڳيتون ڏين.
گهجان: مجلس، خوشيون، ناچ ڪِل.
گهڏي: ٻت ڪي لوڏي، گهوماٽجي.
گهُرءِ: فڪر، اُٽتڻ.
گهَل: تولي.
گهُماٽِي: ڦيري ڪاڏائين، پنواٽي.
گهنگهر: ڏک سور.
گهڻ جاڻ: گهڻو ڄاڻيندڙ سياڻا.
گهور: چڪر، ڦيرو ڪُن، پُور خيال.
گهور پيا: گهڙيا، ڪُن ۾ پيا.
گهوريندڙ: ڳوليندڙ ڳلائو.

## ل

لا: نه، نفي، نيستي.
لاتقنطوا مِن رحمة الله: خدا جي رحمت کان نااميد نه ٿيو (تحقيق الله سڀ گناهه معاف ڪري ٿو.)
لاجُو: ٻيڙيءَ جا رسا.
لاجُويند: نوڙين جا ٻنڌڻ.
لاحد: لامڪان، حد کان ٻاهر.
لاخوف عليهم و لاهم يحزنون: انهن لاءِ ڪو خوف نه آهي ۽ نه ڪي هو ڏک ڏسندا.
لاڏ: حاصل، فائدو.
لاڏ: انگل، ماٺو.
لاڏاڻ: بار ڪٽڻ.
لاڏوٽا: بار.
لار: مال جو ڦر، چڙي جي وچ واري ڪاٽي.
لارون: پاڻيءَ جون ڏارون، نيڌيون.
لاڙي: اڳڙي ريڙ.
لاڪوفي: ڪُوفي يا فِرقي کان سواءِ.
لاڳ: محصول.
لاڳيدار: لاڳو وٺندڙ محصول اڳاڙيندڙ.
لام: ٿاري ٻتاري، آسري.
لامقصود في الدارين: سواءِ خدا جي ٻنهي جهانن ۾ ٻيو ڪو انهن جو مقصد نه آهي.
لامڪان: مڪان يا جاءِ جي ٻند کان ٻاهر، هر جاءِ.
لامي: لڙڪندڙ نمندڙ.
لانچي: ڳولي، ڏوري.
لانگ: ٻرانگهه، ٽنگه.
لانئين: ڪَسِي ڳالهه.
لاٽي: هڪ ڪارو ٻوٽو.
لاهَه: سَٿَ، چال، لاڙو.
لاهوت: سلوڪ جي چوٿين منزل.
لاهوتي: لاهوت جي منزل ڪي پهتل سالڪ.
لاءِ: لاءِ ساءِ.
لائون: مٿا مٿن سان ٽڪرائڻ، شاديءَ جي هڪ رسم.
لائو: جڏو عيبدار.
لا يُڪلفُ الله نَفساًاِلا وُ سَعَها: الله ڪنهن به ماڻهو ڪي سندس وت کان وڌيڪ تڪليف نٿو رسائي.
لايعر فهم غيري: مون کانسواءِ اوليائن کي ٻيو ڪونه ٿو سڃاڻي.
لَب: لالچ.
لباس: ويس، ٻاهريون ڏيکاءُ
لبيس: پوشاڪ، ٻاهريون هارسينگار.
لچيا: هٻڪيا، ڊنا، لُڏيا.
لُچان: ڦٽڪان.
لَحَمُ: ماس، گوشت.
لحظو: پلڪ، اک ڇنڀ.
لَذّتُ: لاپ، حاصلات.

## م

ماتَ: ماريل، نابود، فنا.
ماٺَ: ماڪ، احسان، ٻاجهه.
ماچ: راڳيندڙ مطرب.
مارا: ماريندڙ.
مارَاَيت شيئاً اِلا وَرايتُ الله: آءٌ اها شيءِ ڪانه ٿو ڏسان جنهن ۾ خدا جو جلوو نٿو ڏسان.
مارڳ: واٽ، گس.
مانجهيانِ: بهادرن جون.
ماڙيچي: مارو ذات جي.
مارينهُون: اسان کي مارين.
ماڙ: ٻاجهه، مهرباني.
مازاغ البصر وما طغيٰ: نہ نظر ڏنگي ٿي ۽ نہ نافرماني ڪيائون.
ماڪاٽي: مڪان، جبل ۾ نئي جو نالو آهي.
ماڪائي: ڄاڻي ٻجهي.
ماڳُر: قبول، پسند.
ماڳر: مان گهر. مان گر. مونکي.
ماس: سندس ماءُ.
مامرا: معاملا. رٿون.
مامور: امر ڪيل، نصيب ۾.
ماموري: وڏي بيماري، ڳري آفت.
مامُوين: ماموئي درويشن.
مانڊي: منڊ ڪندڙ جادوگر.
مانگڙياڻي: مانگر جو ٻچو. مڇُ.
ماهه: مهينو.
ماهه مُنير: چوڏهينءَ جو چنڊ، روشن چنڊ.
ماهيت: حقيقت.
مُباح: روا، جائز حلال.
مُبين: چٽو ظاهر.
متارا: بهادر، مست.
متاءِ: منهنجي متان.
مَٽ: عيوض، هڪ جيڏو.
مُٽائون: مارياڻون.
مَٽن: ٻُرن. ٻُڇڙن.
مَپُ: ماپ، انت، حد.
مجاز: عشق.
مَجُوسيءَ: نفس اماره، ڪافر، گبر.
مُجي: موڪلي.
مجيجي: مزاج جو واقف، حال محرم.
مُڇَ: ڪانهن جون نوڙيون.
ميٺ: هڪ وڻ جنهن جي پاڙ مان ڳاڙهو رنگ نهي. ڳاڙهو لعل.
مجر: سلام، ديدار، تماشو.
مچڻ: متان.
مُچيجاهه: وڄاءِ، تون ڪيچ.
محرم: اسلامي سال جو پهريون مهينو.
محفوظان: لوح محفوظ کان، ازل کان.
مَدُ: منڌ، شراب.
مدارن: پروسن، تعلقن.
مدعي: ڪوڙا دعويدار دشمن.
مُڏُ: ٿرهو ڪکن ۾ ڪائين جو ڍڳ، ڪکن جو گڏو.
مذاق: ٺٺولي، ٺٺي.
مذڪور: ذڪر، احوال.
مَرُ: مِٽي، ميراڻ.
مِرڪ: سُرڪي، تري ٻا قطرا.
موزو: چم جو جوراب جنهن مان بدبو ايندي آهي.
مُرسل: موڪليل، رسول.
مرگ: موت.
مَرڪُ: فخر، وڏائي، مرڪڻ جهڙي ڳالهه.
مرڪٺون: مرڪندڙ ٽهڪندڙ.
مِڙان: گڏجان، ملان.
مڙنيئون: مڙني کان.
مس: ٿامون، ڪچ.
مساوي: هڪجهڙو برابر.
مَسحو: وضو.
مُسلم: قبول ڪيل، سونپيل.
مُسن: تڪليف پراچن.
مُشاهدو: ديدار لقاءُ.
مصلحت: ٻلائي، فيض.
مضر: ضرر پهچائيندڙ.
مَضمضَہ: ڳُرڙي.
مطيعن کي: تابعدارن کي.
مَعبودُ: عبادت جو لائق.
معجونون: مرڪب دوائون طاقت لاءِ.
معذور: ويچارو، بيوس.
معرفت: ڄاڻ، پروڙ.
معمور: آباد، اڏيل.

مُفتي: فتوىٰ ڏيندڙ.
مقالان: بيان ڪان.
مُقاميائي: مقام پائي، هڪ ئي قبرستان ۾ دفن ٿيل.
مُڪا: موڪليا.
مُڪام: موڪليم، مونکي موڪليا.
مُڪُڙا: جهاز.
مڪُڙي: ٻيڙي.
مَک: تيل جو مک، تيل مکڻ.
مَکتِي: گاهہ جو هڪ قسم.
مُگَٽ: موڙ تاج.
مَگّ: پِن، گهُر.
مَلُ: پهلوان، بهادر.
مُلُ: ملهہ، وٽ.
ملاح: مليح جو جمع (مليح = سهڻو) سکر.
مُلاخطو: ڊپ، خطرو.
مَلامر: ملامت، ميار.
مُلاءِ: وٽان، کان.
مَلڪوت: ملائڪن وارو درجو سالڪن جي هڪ منزل.
مَلُور: ملول.
مَلهائيج: مکج سرخرو ڪج.
مَلهي: سرخرو ٿي، مرڪي.
مَنا: من تان، دل مان.
مَناڙين: موڙن، مهتين.
مُنجان: موڪليان.
مَندُ: مَدُ، شراب.
مَنڊ: جادو.
مُنڊا: ڇلا، ڪنگڻ.
مَنڊل: سار، اسباب، ٽِڪسات.
مَنڊي: بنائي، جوڙي.
مُنڊيون پائڻ: قابو ڪري جهلڻ.
مَنصور: مشهور صوفي شيخ حسين منصور حلاج. جنهن ”اناالحق“ جو نعرو هنيو.
مَن طَلَبَ شيئاً وَجَدَ: جنهن ڪا شيءِ طلبي ۽ ڪوشش ڪري ان کي ڳوليائين تہ اها لڌائين.
من عرف الله ڪَلَّ لسانه: جنهن الله کي سڃاتو تنهن جي زبان گُنگي ٿي.
مَن عَرَفَ نَفسه فَقَد عَرَفَ رَبهُ: جنهن پاڻ کي سڃاتو تنهن پنهنجي رب کي سڃاتو.

مَنگر: کُورو مانگر مڇ.
مَنگل: کورو آڙاهہ.
مَن لا شيخ لہ فيشخه الشيطان: جنهن کي ڪو مرشد ناهي، تنهن جو مرشد شيطان آهي.
مَن له المولىٰ فله الڪُلُ: جنهن کي مولىٰ آهي تنهن کي سڀڪجهہ آهي.
مَنهِن: اجهو ڇپر، ڇنو.
مُيائي: مُڏي ئي.
مَنيو: ڳوهيو.
مٺي: ڏانهن، وٽ.
مُوتوا: مرو (مرڻ کان اڳ).
موڏن: اُنن.
مورچل: مورجي کنڀين جو ٺهيل پنکو.
مُورئي: بلڪل ئي، اصل.
مورن: اُپرن، ڦٽن.
مورياڻ: ڪٽ، ميل.
موريسر: اک ۾ وار، اک جو ڦلو ڪتر.
مُوڙ: مُوڙي سرمايو.
مُوسَٽُ: ڪوڙو بهانو عذر.
موڪ: جام، گهڻو ڇڙواڳ، ڪشادو.
موڪي: شراب وڪڻندڙ عورت، ڪلالڻ.
مولهيا: پتڪا، پڳون.
مُونا: ڳوڙا.
مُونڙيين: ڳوڏن سان.
مُونهان: مون کان.
مونهين: مونکي.
موهَ: منهن، مهاڙ.
موهڙ: مهاڙ منهن.
موءِ: ڄڻائون، وار.
مِها: ميها، پاڇي جو هڪ قسم.
مَهاين: آزمودگارن، سردارن، بهادرن.
مهارا: مهارو پلنگ.
مُهاءِ: مُنهن اڳيان.
مهائي: ڪنل.
مَهائين: وريام بهادر.
مُهت: مان، آبرو.
مَهر: مهار واڳ.
مهري: فياض، مهربان.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مُهرو: پيڙيءَ جي آڳيل جو ڪنو (جنهن ۾ پڳهه جو رسو ٻڌجي).
مُهَرُ: مهندار.
مهميزون: جُنيون، ڏڪ.
مُهڻ: ناس ڪن، عذاب ڏين، موهين.
مُهندڙي: موهيندڙ.
مهيسر: پيرمغان، وڏو ديوتا.
مئثت: ميت، لاش.
مئڪي: مهاڻن جي.
مَئين: ماپين، تورين، ڳڻين.
مي: شراب، مَدَ.
مَيا: رحم، ٻاجهه، متارا، ٽُلها.
مُيان پوءِ: مُئي کان پوءِ.
مياٽيون: اِهي جايون جتي مڇي ماري گڏ ڪن.
ميث: ميسار، ڊڪ.
ميثاقان: ميثاق کان ازل کان.
ميچون: اشارا.
ميخون: ڪيلون، نوڪون.
ميدا: آڏا ڳتيل وارا (ڪنواري ڇوڪريءَ جا)، وارن جا موڙا.
ميريائي: عيبدار.
مرهيندڙ: بخشيندو.
ميڙ: ملاءِ.
ميڙائو: ميلاپ، وصال.
ميس: نفساني خواهش، آڪڙا.
ميڪان: ميخون، ڪليون.
مَيَن: سورمن ڪي مين متارن ڪي.
ميهي ماس: مينهن جو گوشت.
مَيَن: اُٺن.
مَيَن: ٻِرِيَن، لڳن.

## ن

نابودي: نيستي، فنائي.
نائِون: ننهنڊون، چنيا.
ناتاريون: ٻيڙين ٻيهارڻ لاءِ ننڍا لنگر.
ناتر: ٻانهي، تازي تواني.
ناث: ڌڻي، سردار، مرشد، گرو مها جوڳي.
ناڏ: ورلاپ، آواپ.
نار حاميه: ساڙيندڙ باهه.
ناري: دوزخي.
ناريون: زالون.
ناڙيون: نبضون، چم جون رسيون.
ناسوت: سلوڪ جي پهرين منزل.
ناسيندي: ايرندي، ڪني ڪيندي
ناقصبائي: عيب کان، نقص سان.
ناتو: اُٺ، ڏاچي.
ناڪسيءَ: پاڻ وڃائڻ.
ناڪون: نائڪون، تير.
ناڪي لاءِ: ”ناڪبلو“ وڻ.
ناکُئا: خلاصي، ملاح.
تانءِ: نماءِ، جهڪاءِ.
نانُ: مان.
نانهن: نيستي، فنا.
نانگو: ملنگ، جوڳي فقير.
ناني: هنگلاج جي ديوي، بيبي.
ناه: نہ هئڻ نيستي.
نائُڪ: تيرجي چهنب، چوٽ.
نايئين: تون جهڪائين.
نِبارُ: خالص، نج.
نِبري: ختم ٿئي، چڏي.
نِبهي: جتاءِ ڪري، توڙ پهچي.
نِبيريو: جدا ڪيو فيصل ڪيو.
نِبَرُ: نٻل، ڪمزور.
نِتُ: هميشہ
نپَت: بنا ڪپڙي ننگو.
نَجابت: شرافت، بزرگي.
نجاست: پليتي، ناپاڪائي.
نجاه: اوهين پهچائجو.
نجس: پليد، گندو.
نِجهرو: اجهو جهوپڙي
نِچ: پلي، سَدا.
ندوري: نياڳي.
نِڏان: پچاڙي
نِڏاڻ: خزانو ڏن، گهر، ڪتنب لُڻ.
نِڌر: بي آڌار بيواهي.
نِڌو: ٻڌل، قبو (نهڻ جو اسم مفعول).
نِرتي: جاچي، سنيالي.
نِرجا: بيشرم نرجا.
نڙجايون: بيشرمايون.

نَرڳ: دوزخ.
نِرمل: صاف، روشن.
نڙ: وڄائڻ جي ڪاني.
نزديڪون: سنڌن ويجهو ديدار.
نِسيان: ويسر، غفلت.
نَطفو: قطرو.
نفي: انڪار، نابُود (ضد. اثبات).
نفرين: شرنائين سان.
نَڪَ: ڪوهہ تي پاڻيءَ جو چلهو آواڙو.
نِڪٽي: سڪٽي، اڪيلي، فقط.
نِڪٽو: نسورو چٽو.
نِڪون: پڇي جا ڏُبا.
نِڪُونج: ڪُن، گرداب.
نکتا: نڪتا.
نڪَتَ: تارن جا ميڙ، برج.
نڪڙايو: نکِتي ڪريو.
نِڪيريو: الڳ ڪريو.
نِڱيا: نِڪتا.
نلو: رڳو خاص، فقط.
نَم: ماڪ، آلاڻ.
نِنُ: ليلاءِ، روح راڙو ڪر.
نندا: گلا. سامان ٻڌي سفر جي تياري ڪئي.
نندَ: گهر، استان.
ننگر: لنگر، ٻيڙيءَ کي ٻڌڻ جو رسو.
نِوالا: گِراهہ، لقما.
نُوچ: کُتل نظر.
نُورا: ٻيرن جون چيرون.
نوراپن: ٻڪريءَ جو ڏائيندڙ ڦر.
نوڪون: چهنبون.
نوم: ننڊ.
نوِچ: هيناهين زمين.
نُونڌين: ليکين، شمار ڪن.
نوڌين نہ چڙهين: نوڏ وڻ جي تاري شاديءَ جي سوڻ ۾ ڪم ايندي آهي.
نِهو: ٻڻ بنياد، نسل.
نهوڙيو: نابود ڪيو.
نَهيءَ: انڪار، نفي.
نَهي: ٻڌي، قابو ڪري.

نئي: نِمي، جهُڪي.
نَئين: ننڍي ندي، نهر.
نَئي ويا: لڙي ويا.
نِي: ڏوپڻ، ڪتياڻي.
نِياءُ: انصاف.
نياڻ: تلاءُ.
نيچ: گهڙو دلو.
نيڊوءَ: اونهو سمنڊ.
نِرَ: پاڻي، جل.
نيروتي: رنگسان ڪپڙا رنگيندڙ.
نيران: نيرن، ناشتو.
نيرانا: ٻُکيا.
نَيڙ: ننڍي نهر، ڪسي.
نيزارا: ڀالا، غمزا.
نيشن: ڇهن ورهين جو جوان اُٺ، وڏو ڏند، همت وارا جوان.
نيڪاري: ڏوئي صاف ڪري، پاڪ ڪري.
نيڪيتي: ڪنوار جو ماٽن کان جدا ٿيڻ.
نِيلُ: پاڻي ڳائيتي جو وڏو عدد، بيشمار.
نِينس: وٺي وڃينس.
نيڻاهہ: منهنجون اکيون.
نيهہ: ٻيڙي حڪم، اختيار.
نيهانيون: ٿانو ٻچائڻ جون آويون.

## و

وات ٿيا: پنڌ پيا.
واتيندڙ: ورهائيندڙ.
واحد: هڪ.
واجهہ وجهي: نهاري ڪوشش ڪري.
واچا: وچن، ٻولي.
واچائون: سخن، انجام.
واڌاڻي: ٻار جي جمڻ جي خوشي، واڌائي.
واڍ وڙڪي: ڦٽيلن جي.
واڍوڙيا: وڍيل، ڦٽيل.
و اذڪر ربڪ في نفسڪ: پنهنجي رب کي پنهنجي دل ۾ ياد ڪر.
واريو: موٽايو ورايو.
واڙ: واڙي لوڙهو.
واساما: ڳڻتيون، فڪر، گهنگهر.

واسڪروالي وَلاتڪفرون: منهنجو شڪر ڪريو ۽ انڪار نہ ڪريو.
واڪ: وس حيلو بنهہ بلڪل.
واڪ: پيچ و پر وڪڙ.
واڳِي: ٻڌجي.
واڳي: لغام.
والله مع الصابرين: خدا صبر ڪندڙن سان آهي.
والعصر: زمانو شاهد آهي.
و اَمامن خافَ مقام ربہٖ: جيڪو پنهنجي رب جي اڳيان بيهڻ کان ڊڄي ٿو.
وانءُ: ونءُ، وڃ.
وانٽي: حصي ۾، ڀاڱي ۾ نصيب.
وانجٽا: دور پري، گمراهہ.
وانجهي: ونجهہ وارو ٻيڙي هلائيندڙ.
وانڊا: ورلاپ، واڪا.
وانڍ: ننڍڙو ڳوٺ، وانڍ.
واٽيا: ڳنڍيا، جڙيا.
واهارو: واهرو.
واهيري جي وير: نما شام.
واهوندن: ڏکڻ اولهہ جي هوائن (جي سياري بعد لڳن).
واهيت: نگهباني.
واءِ: افسوس.
وائٺ: چڪاس، جاچ.
وائٺيون: بيرقون، جهنڊيون.
وائو: ذڪر، بيان، ٻولي.
وائي: ٻولي، آواز.
وائي پيا: وات پيا، تڪرار ڪيائون.
وَتواصوابالحق وَتواصوابالصبر: پاڻ ۾ صلاح ڪندا رهو حق ساڻ ۽ پاڻ صلاح ڪندا رهو استقلال ساڻ.
وِتر. هيڪڙائي، هڪ.
وِترو: وڌيڪ گهٽو.
وِتريون: گهٽيون.
وَ تعزمن تشاءُ و تذل مِن تشاءُ: جنهن کي وڻيس تنهن کي عزت ڏئي ۽ جنهن کي وڻيس تنهن کي ذليل ڪري.
وِتو: اجايو ضايع.
وَٿ: شيءِ، ملهائتي چيز.
وٿاڻ: مڪان، لوڙهو.
وَٿَ: ونڊ، ساک، تحفو ڀاڱو.

وَٿيُون: ڪِناريون، ڪَنِيون.
وجود: هستي، خودي.
وجه: صورت.
وِڃا: علم، هنر.
وِڃري: ڀڳهري، بيقرار ٿي.
وڃهلڻ: ڳرڻ: بيقرار ٿيڻ.
وڃهيو ڪاڻ: اٿبٽت ڪريو.
وِڇين: ٽيپهري
وَچار: وچن وارو ميهار.
وَحدہٗ: هو هڪ آهي.
وحدتا: وحدت مان.
وحدہٗ لا شريڪ لہٗ: هو (ڌڻي) هڪ آهي ۽ ڪوبہ جهڙس ناهي.
وحوشن: جهنگلي جانور، مِرُن.
وداع: موڪلائي.
وَڏ لهي: وڏا، مضبوط عمدا.
وڏاڻ: ساز واڃو.
وڏاياءِ: تنهنجون وڏايون.
وِڏوٽو: ڪاوڙيل.
وِڏوڙا: وِڏوٽا، ڪاوڙيل.
وڏيت: وڏ ننڍائي، سنبب.
وَڍُ: زخم، گهاءُ، وِٿي.
وَڍي: وڍيل، ڪپيل.
وَرِ پيو: هٿ آيو حاصل ٿيو.
وَراڪو: پيچ محبت جو.
وَراڻ: آسودگي، شڪار.
وَرت: ڪوهہ ماهہ مان پاڻي ڪڍڻ جو رَسو.
وِرجي: بي آرامي، ٿئي، ورچي.
ورچائي: بيزار ڪري
وِرد: وظيفو لازمي ڪم.
وِرسيا: پليا، گمراهہ ٿيا.
وِرساياسِ: ڀلايس، گمراهہ ڪيس.
ورڪن: ڦرڪن، لڏن.
وِرڪ: وِڙ.
وَرم: ضروري ڪم، سودو.
وِرمن: دير ڪن، ترسن، روڪجن.
وَرَن: رنگہ
ورنائي: قبولي، اونائي.
وَرَنهہ: چڱو مڙس، جوان مرد.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وَريام: پهلوان، بانڪو بهادر.
ورونهن: وندر، پچار.
وروٽيون: سڪي ويون.
وروهڻ: وندرڻ، ريجهہ رهاڻ.
ورہ: درد، غم.
وَڙُ: ڀلائي، احسان، جنس، ڀُڻ.
وَڙال: گولا ڦولا، ڀچا ڳاڇا.
وڙاهہ: وٺاهہ، نقصان.
وڙاءُ: وڙائي، جڳائي.
وڙائتي: وڙن واري، لائق.
وَس: وسندي، آبادي، وسڪارو.
وِسامي: ٿڪجي، بيحال ٿي.
وِساٽي: اُجهاٽل، ٿڪل، پروس.
وسوڙل: ڳهلي، موڙهل، سادي
وِسهُ: ويساہ ڪر، اعتبار ڪر.
وَسِيل: وسيلو.
وصالي: وصال جا طالبو.
وظيفا: ٿيٽا، دعائون.
وَفي اَنفُسڪم، افلا تبصرون: (خدا جي قدرت جون نشانيون اوهان جي اندر ۾ آهن، پوءِ اوهين ڇو نٿا ڇتائي ڏسو.
وِڪر: ڳڻتي، فڪر.
وڪني: ڪڪ، بيزار.
وکار: گدام، سواءِ مال رکڻ جي جاءِ، مال وارو.
وِڳڻ: هلڻ، رلڻ.
وَل: هر ڏي پوک.
وِلِ: وِلهہ، تَدّ.
وِلاڙ: ڀير جي جانچ لاءِ آڏو وڏي ڀير ڪٽڻ.
وِلِٽي: ڀوئتي موٽي، ڀُٽ ڏيئي.
وَلسوف يُعطيڪ رَبڪَ: تنهنجو رب توکي ترت عطا ڪندو.
وِلِلين: ٻڪواس ڪرين، وٽلين.
وِلوڙا: ڪير جا ولوڙا، ڪير ولوڙڻ.
ويلها: غريب، ڪنگال.
ولهارن: سبز ميدانن، ماٿرين.
وَلهو: محبوب، پِتا، مڙس.
وَمَ: جئن مَ متان.
وَمُ: درياءُ.
وِماس: فڪر، ڳڻتي ويچار.
وِماسيا: فڪر ۾ پيا، منهنجي پيا.

وناهيو: شادي لاءِ سنياريو ونواهہ ۾ ويهاريو.
وِنَحن اَقرب اِليه من حبلِ الوريد: اسين انسان کي سندس ڪنڌ جي رڳ کان بہ ويجها آهيون.
وِنڊيان: سِبان، رفو ڪريان، ٽُنِيان.
وِنڊِين: سوراخ ڪن.
ونڪ: رنگ، چمڪ، تجلو.
ونڪا: بهادر.
ونگس: سهڻي سياڻي زال.
وِنگسيو: سوگهو ڪيو ونگيو.
وَنهيان: ڳُڪيا.
وَٽاہ: اي وڻ!
وَٽاءِ: ورن يا رنگ واريون، اهڙي نموني جون.
وِٽاهيا: شهيد ٿيا، فنا ٿيا.
وٽائون: وٽن کان.
وٽڪار: لس ٻيلي ۾ وٽن جي هڪ جوءِ جو نالو وٽراہ.
وِٽواند: مهٽي هاب، ڪميٽي.
وَٽي: وٽج ڪري سودي.
ووڙ: ڳول، ڏور نهار.
ووڪ: ڪوڪ، رڙ دانهن.
وَهہ: پاڻيءَ جو وهڪرو تک، درياءَ جي سِر، نينهن.
وِهاتي: موڳو ڪري، اوراتي، غش ڪري.
وِهاڳ: اسر جي راڳڻي، پرڀاتي.
وَهان: عمل ڪريان، هلان.
وِهائُو: صبح جو تارو سوديندڙ.
وهرون ڪرڻ: مٿا هڻن، زور ڪوشش ڪرڻ، آرام ڪرڻ.
وِهسن: خوش ٿين.
وِهڪڻي: ڪير بند ٿئي.
وهلا: جلد، سگها.
وَهلور: بيزار تنگ.
وهلوريا: بيزار ٿيا، پريشان ٿيا.
وَہُ لڳو: اُڪير ٿي، نينهن لڳو.
وَهون: زالون.
وَهيٽو: هٿ وس، اختيار ۾.
ويءُ: گاہ وارو ميدان.
وِياءُ: اولاد.
وياڇي: ڇٽي، اوري، ڳرهي.
ويچون: حيران هلاڪت، ڏکيائي، جدا، ذرا ذرا، پرزا پرزا.
ويڌ: ويڌن، تڪليف.

ويرا: انھيءَ مھل.
ويراڳ: فراق، وڇوڙو.
ويراڳي: تارڪ فقير.
وير وتار: ھردم، ھميشه.
وِيري: ڪوھي.
ويڙھ: مارن جو ملڪ، گاھ جي جوءِ، ماڳ.
ويڙھو: گھر، پاڙو.
ويڙجھپ: ھڪ ڳوٺ جو نالو (جو ڏيپلي تعلقي ۾ آھي).
ويڙچن: وطن وارن، جھانگين.
ويڙيين: ويڙن ۾، وطن جي ماڳن ۾.
ويساند: آرام، ساھي، صبر.
ويساھي: دوکو ڏئي.
ويساھين: ساھ پٽڻ، آرام ڪرڻ.
ويڪ: ڪشادگي، ويڇو تفاوت.
ويلا ڪري: وقت گذري وڃي.
ويلو: ويرم، دير.
ويلھ: اڻ ھوند، بُک.
ويٺ: وھڪ، گھر، بيٺڪ.
ويج: طبيب، ڏاھو.
وِيمو: متاستا، وٽج واپار، ذمو.
وِين: ويامن.
وينتي: عاجزي، منٿ.
وينجھار: جواھرن کي ٽنگ ڪيندڙ عاقل، داناء.
ويڻ: مھڻو.
وَييَتَ: بنا، کان سواءِ.
وَييَت واھر: بنا واھر، بيوس.

## ھ

ھاتڪ: حاذق، ھوشيار، ڏاھو.
ھايون: ھلاڪت، نقصان.
ھار: آڏار آھر.
ھاريا: نادان.
ھاڪ: ساراھ، ھڪل.
ھالار ڏٽي: ھالار (جام ننگر) جو سردار، جادم جکرو.
ھالاري: ھالار جو رڱيل ڪپڙو.
ھالورا: جھلڪو چمڪات.
ھام: دم، دعوي.
ھاھر: اٺ جي ھونگار.
ھاٺون: ڏاڙيل، ظالم.

ھاواٽا: ھل، دھشتون.
ھائي: باھ، اوڙاھ، دوزخ.
ھتڪڙول: ھتڪڙيون.
ھٿ ھٽن: پڇتائين.
ھَٿ: جسم، ھائي.
ھِجي: شدمد سان پڙھڻ.
ھج: عذاب سھَڻ، تڪليف ڪڍ.
ھجي ويا: فنا ٿي ويا.
ھَڏا: جسم، رت پائي، مائٽ.
ھَڏ: ماڳھين، موراھين، ھرگز.
ھڏا ڪُتيان: "ھڏاڪتي" ڳوٺ کان.
ھُرَ: سار، يادگيري
ھَرائِي: ھيٺائِي، ھلڪڙائي.
ھر ڪيس: ھر رنگ جا.
ھرڪئين: پنيلئين، پلجي پئين.
ھرنام: "ھري" جو نانءُ، سلام.
ھُري: ياد اچي.
ھريا: سارا، آلا، تازا.
ھزاري: ھزارن جي ملھ وارو.
ھڙده: ارڙھن.
ھَڪئو: تيار.
ھَڪون: روڪون، اٽڪون.
ھَڪيا: حاضر، تيار.
ھُڳاءُ: بوءِ.
ھُلاچوھل: غوغاءُ، آواز.
ھَم: غم، ڏک.
ھماءُ: ھڪ قسم جو خيالي پکي.
ھمه: سيني، سڀ.
ھناڪ جسمي والفوادلديڪم: منھنجو جسم ھت آھي ۽ دل اوھان وٽ.
ھندوا: مينھن وساڙا (ڳاڙھا جيت).
ھُنگ: ھُونگار ھڪل.
ھِنگلور: ھنگلاج.
ھِنھا: ھن کان پوءِ.
ھنئار: ھن سال، ھينئر.
ھَٽِي ويا: ڦري ويا.
ھوائون: وھم، اجايا خيال.
ھوائي: نابود، خام.

هوتُ: بلوچن جي ”هوت“ قبيلي جو فرد. پنهون. محبوب.
هوتاڻي: ”بلوچن منجها“ پنهون، محبوب.
هور: هرکر، کُتڪو.
هورا: ڳڻتي، انتظار.
هوڙاڪ: هوڙو ننڍي ٻيڙي.
هول: لوهه جو توپ.
هول: ڊپ، فڪر.
هُونِ: هُجن.
هوءِ سين: الله سان.
هوءِ: هڪ ٿي ويا.
هوون: مان، آءٌ.
هوندو: جيڪي موجود هجي.

هئائين: هِتائين.
هُئڻ: هٿ، هستي.
هِيُ: هيءُ وجود، هستي.
هيجان: هيج مان، پيار مان.
هيج هوج: هيڏانهن هوڏانهن ڪرڻ.
هيڊي: اٺ جي واڳ، پاکڙو.
هيرئون: هريل.
هيڪاند: ميلاپ، گڏجاڻي.
هَيَنِ: مُيَنِ، مُئيَن.
هيهات: افسوس، هاءِ هاءِ.
هَيهاتَ هَيهاتَ لِما توعدون: هاءِ شل (پري هجي) اها ڳالهہ
جنهن جو توهان کي ڊپ ڏنو ويو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، جُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي، ڪاٺُو، ياجوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاغذ تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَ نَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَ نَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڱئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَ کي ڪُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَياز علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ -

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ جي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَڙهڻ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڃي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄڪلهہ ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڙهڻ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي چوَ، چالاءِ ۽ ڪيئن جهڙن سوالن کي هر بيَانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪِي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَـنَ پَـنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

پَڙهندڙ نَسُل . پَ نَ The Reading Generation

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ ڦهلاءَ ۾ وڌ کان وڌ مدد ڪرڻ آهي. ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](books.sindhsalamat.com)

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book